سچل سرمست جو ڪلام

سنڌي اڪادمي، دهلي
सिन्धी अकादमी



سنڌي اڪادمي، دهلي

सिंधी अकादमी, दिल्ली



موئن جو دڙو (3000 - 2500 B.C.)

سچل سرمست جو ڪلام

سنڌي اڪادمي، دهلي

1997

فهرست

سچل سرمست جو ڪلام

تعداد (سال 1997) : هڪ هزار

مُدرڪ : نيلم آفسيٽ، نئين دهلي.

پرڪاشڪ : ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

سيڪريٽري، سنڌي اڪادمي، دهلي.

ڊي. ڊي. اي. سمُدايہ ڪيندر، صدر ٿاڻا روڊ،

پهاڙ گنج، نئين دهلي - ١١٠٠٥٥ (ڀارت).

مُلهہ : 100 رُپيا

ڇاپو : پهريون ڇاپو، ١٩٩٥ع

: سنڌي اڪادمي دهلي ڇاپو، ١٩٩٧

ISBN : 81-900703-6-3

SACHAL SARMAST JO KALAAM

[Poetical Works by Sachal Sarmast (1739-1827 A.D.)]

Language : Sindhi

Printed by : Nilum Offset, New Delhi

Published by : Dr. Motilal Jotwani
Secretary, Sindhi Academy, Delhi
DDA Community Centre,
Sadar Thana Road, Paharganj,
New Delhi-110055 (INDIA)

Price : Rs. 100/-

Edition : First Edition, 1995.
: Sindhi Academy Delhi Edition, 1997..

ٿا چون. صوفي اهو شبد اهڙي ته عمدي نموني پڙهندا آهن جو ٻڌڻ سان اندر ۾ گهر ڪيو وڃي. هندو "ايڪو اونڪار" ٿا چون، صوفي "وحدت" ٿا چون. هندو "ستگورو" ٿا چون، صوفي "مرشد" ٿا چون. هندو "آتم وديا" ٿا چون، صوفي "تصوف" ٿا چون. هندو "ست" ٿا چون، صوفي "حق" ٿا چون. ويدانتي "مايا" ٿا چون، صوفي "طلسم" ٿا چون. ويدانتي "ست ۽ است" ٿا چون، صوفي "بقا ۽ فنا" ٿا چون. ويدانتي "نرگڻ ۽ سرگڻ" ٿا چون، صوفي "نفي ۽ اثبات" ٿا چون. ويدانتي چون ٿا ته آتم وديا جي پنڌ ۾ چار اوستائون جاڳرت، سپن، سُشو پتي، ۽ تريا آهن. صوفي چون ٿا ته چار منزلون آهن: شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. اهڙي طرح ڪوبه ماڻهو جو هنن جي ٻلڪ ٻاهرين ڄاڄ ۾ ٿورو اندر ويندو ته معلوم ٿيندس ته ڳالهه ساڳي آهي. ويدانتي چون ٿا ته اڏڪاري پوئين اوستا تي جڏهن اچي ٿو تڏهن چوي ٿو "اهم برهم آسمي". صوفي چون ٿا ته طالب آخري منزل تي ٿو چوي اناالحق "آءُ حق آهيان". اهڙي طرح جيڪڏهن باريڪ وڃبو ته خبر پوندي ته ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي. رڳو اجايو انسان اچي پليو آهي جو پيو وير ورود رکي، مگر سائين هڪڙو آهي. ويدانتي چون ٿا "واسديو سروم." صوفي چون ٿا "همه اوست" يعني سڀ هُو پاڻ آهي، ته جدايون ڇا جون؟

تصوف جو خاص اصول ۽ عقيدو آهي ته انسانن جا روح خدائي روح جا جزا آهن. تنهن ڪري انهن ۾ ذات جو ڪو تفاوت ڪونهي ليڪن درجي جو آهي. اهي جزا آخر موٽي وڃي روح ڪُل يعني حق ۾ گڏبا. جيئن پاڻي جو ڦڙو درياهه ۾ گم ٿئي. دنيا جي حياتي پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر آهي جو لحظي ڪان پوءِ وري درياهه ۾ گم ٿيو وڃي. خدائي روح ساري عالم ۾ پکڙيل آهي ۽ صفت ۾ موجود آهي. انهيءَ طرح وحدت ۾ ڪثرت آهي ۽ ڪثرت ۾ وحدت آهي. قدرتي نماءُ يا شيون خدائي حسن جو عڪس آهن. انهي ڪامل حسن جو عشق سچو ۽ حقيقي آهي ۽ ٻين دنيوي شين جو عشق ڪُوڙو ۽ مجازي آهي. انهي عشق يا محبت ۾ هردم محو رهڻ گهرجي ۽ انهي محويت ۾ عجيب لذت ۽ خوشي آهي ۽ انهي جي وسيلي نيٺ ماڻهو وڃي خدا سان واصل ٿئي ٿو.

تـصــوف

تصوف هڪڙو باطني علم آهي، جو سيني علمن سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. تصوف آهي سيني علمن جو مغز. تصوف جا ٻه طرف آهن. هڪڙو خيالي ٻيو عملي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ڳالهه يا شي جو علم چڱو هجي مگر اهو هن پاڻ عمل ۾ نه آندو هجي ته انکي انهيءَ جي حقيقت يا لذت جي خبر پئجي نه سگهندي، تيئن تصوف جي حقيقت معلوم ڪرڻ ٻي شي آهي ۽ صوفي ٿيڻ ٻي شي آهي. سڀ شي ۾ خدا سڃاڻڻ هڪڙي ڳالهه آهي ۽ خدا ۾ محو ٿي وڃڻ يا فنا في الله ٿيڻ ٻي ڳالهه آهي. هڪڙو قال آهي ۽ ٻيو حال آهي.

تصوف انهن اصولن جو علم آهي، جن موجب هلڻ ڪري ماڻهو ڪامل انسان ٿي ٿو سگهي ۽ پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ ڪانپوءِ خدا کي سڃاڻي نيٺ انهي سان واصل ٿي سگهي ٿو. تصوف آهي پنهنجا اخلاق سڌاري خدا جهڙا ڪرڻ. سچل سرمست صاحب فرمايو آهي :

"سوئي ڪم ڪريجي جس وچ الله آپ بڻيجي."

تصوف آهي صحيح خيال ڪرڻ، جنهن ڪري پنهنجي ذات کان فاني ٿجي ۽ خدا جي ذات سان باقي ٿجي، نفساني خواهشن کان پري ۽ شين جي حقيقت سان ويجهو ٿجي. تصوف آهي نفس مارڻ، حواسي لذتون ڇڏڻ، ترڪ اختيار ڪرڻ، خدا ڪانسواءِ ٻئي غير ڏي توجهه نه ڪرڻ، دمن ۽ پساهن جي حفاظت ڪرڻ. تصوف آهي خدا جو قرب يا خدا کي ويجهو ٿيڻ ۽ صوفي آهي خدا جو مقرب يا اهل قرب جو.

تصــوف ايڏو جهــونو آهي، جنهن کي ڪا آدئي ڪانه آهي. جيئن پرماتما کي آد ڪانه آهي، تيئن تصوف کي به آد ڪانه آهي. آتما ۽ گيان ٻئي هڪ شي جا ٻه نالا آهن. جنهن کي هندو "برهم" ٿا چون، تنهن کي صــوفي "مطلق هستي" ٿا چون. جنهن کي هندو "اوم" ٿا چون، تنهن کي صوفي "هُو"

آهي ۽ چوندڙ بہ هُو آهي يعني هر ڪنهن ڪار ۽ ڪريا ۾ هو ئي ڄاڻ ۽ سمجهہ ڏيئي رهيو آهي. دم بدم هر ڪنهن ساعت ۽ هر ڪنهن گهڙيءَ ۾ ساڻي ٿيو ساڻ سمايو پيو آهي. هُو سڀني ڪانسواءِ بہ آهي ۽ سڀني سان گڏ بہ آهي. هُن بنا نہ نالو آهي نہ نالي رکيل شي. اهڙي ڪابہ شي ڌرتي تي ڪانهي جنهن ۾ سندس نور جو ظهور نہ آهي. زمين بہ پاڻ آهي تہ آسمان بہ پاڻ آهي. حُور پري بہ\ پاڻ آهي تہ سرير ۽ آتما بہ پاڻ آهي. ڪابہ شي هُن ڪان سواءِ نہ آهي. اهڙو ڪوبہ ذرو نہ آهي جو ڌڻي جي حڪم ڪان سواءِ چرندو هجي. جڏهن تون پنهنجي فڪر کي اها مشق پچارائيندين تہ پوءِ توکي دنيا ۽ دنيا وارن کان نجات يعني آزادگي حاصل ٿيندي ۽ هر جاءِ هڪ ئي حقيقت ڏسڻ ۾ ايندي. جڏهن توتي اها حقيقت جلوه گر ٿيندي تڏهن تو وٽان سڀ اختلاف اٿي ويندا. پوءِ تون سمجهي ويندين تہ آلان ڪَما ڪَانَ يعني جيڪي اڳي هو سو هاڻي آهي. جڏهن توکي هيءَ معرفت هٿ اچي ويئي، تڏهن پوءِ توکي يقين ٿيندو تہ جملي عالم ۾ هُن جوئي نُور آهي ۽ هن جوئي ظهور آهي. سڀ صورتون هُن دلبر جو ديدار ۽ جلوه ٿيون پسائن. هُو هڪ حقيقت آهي ۽ سواءِ رنگ جي آهي. هُن ئي سڀني رنگن روپن ۾ جلوه گري ڏيکاري آهي. بي مثال بہ هوئي آهي. فاعل، حقيقي، پيدا ڪندڙ دنيا جو سڀيئي هُو آهي.

”دم بدم اصليت واري حالت جو تصور ڪر ۽ سڀني غير جي منزلن کي پيجي ڇڏ. پنهنجي اصليت واري حالت جي فڪر ۾ تون اهڙي نموني هج جو پنهنجي نظر هيڏانهن هوڏانهن نہ ڪر، جيئن تون نيٺ پنهنجي اصلي جاءِ تي وڃي نعرو هڻين. تون پنهنجي خوديءَ کي پيجي ڇڏ. رنگ ڪان تون لنگهي وڃ. سواءِ رنگ جي هج. هن مٽيءَ واري جسم کي تون هٿ زمين تي ڇڏ. پنهنجي خيال يعني فڪر يا تصور کي پنهنجي جسم ڪان چار ميل پري رک يعني پنهنجي جسم جي خيرخواهي کي ڇڏي روح جي فڪر ۾ رهہ. بيرنگ درياهہ ۾ ٽپي هڻ. پنهنجي هستي کي مِٽائي ڇڏ تہ تنهنجي فڪر جو پڪي حقيقت کي وڃي رسي. تون پنهنجي خيال کي اهڙي مٿاهين بلند مڪان تي مضبوط رک جو جان، جسم ۽ ننگ ناموس ڪان ڇٽي پوين.“

تصوف

سچل سرمست جو

(ديوان آشڪار ۽ رهبر نامه ۾ فرمان)

صوفيءَ ڪي گهرجي تہ هڪڙي حرف جوئي تصور يا خيال پچائي، ڇاڪاڻ تہ هڪڙي الف مان ٽي معنيٰ جا سوين نقطا نڪرن ٿا. جيڪو پنهنجي اصلوڪي ذات کي سڃاڻي ٿو، سوئي انهي ڳجهہ کان واقف ٿي سگهي ٿو.

صوفي لفظ جي اصليت آهي اها جماعت يا صف جا هميشہ عبادت ۽ بندگي ۾ رهي يعني صوفي لفظ جي معنيٰ صاف يا صفا آهي.

جز گم شدن آشڪارا، آن صوفي با صفا نہ باشد (سرمست)

(اي آشڪار، جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ گم نہ ٿو ٿئي، سو صفائي وارو صوفي نہ ٿو ٿئي)

. سرمست جن جو زبردست طالب نانڪ يوسف پنهنجي سٽگر جي مٿين فارسي بيت کي سنڌي ۾ هيئن ٿو دهرائي ؛

”گم هوڪي ويکہ نظارا، آپ سارا، محبوب ڪِي صورت ۾.“

تصور

سچل سرمست صاحب فرمائي ٿو:

”جيڪڏهن چاهين تہ ڪمال حاصل ڪريان تہ هيءَ تصور ڪر تہ دنيا ۽ دنيا وارا ۽ جيڪي بہ دنيا ۾ آهي سو سڀ ظهورو هن هڪڙيءَ حقيقي ذات پاڪ جو آهي. پوءِ تون جتي بہ هجين تہ ان حقيقت سان ڪنو هج ۽ ڪابہ جاءِ هن ڪان سواءِ خالي نہ سمجهہ. پنهنجي دل ۾ انهي تصور کي اهڙو قائم ڪر جو تنهنجي دل يقين سان ڄاڻي تہ جيڪا بہ صورت آهي سا ان جوئي مظهر آهي بلڪ سڀ ان جوئي عين آهي. ڪوبہ ڪم ڪار ڪرين تہ ائين سمجهہ تہ سڀ ڪنهن ڪار ۽ وهنوار ۾ هُو (ذاتي) بلبل موجود آهي. ڏسندڙ بہ هُو آهي. ٻڌندڙ بہ هُو

عاشق مستيءَ وچان نچڻ ٿا لڳن ۽ پوءِ اناالحق جو نعرو ٿا هڻن. ڪڏهن اُهي سبحانيءَ جو نعرو ٿا هڻن ته ڪڏهن چون ٿا ته تحقيق مان ئي آهيان اُهو ڏٽي تعاليٰ. ڪڏهن پيا حُب وچان چون ته اسين ڏٽيءَ ڏي ٿا وڃون ۽ موليٰ جا مست انهيءَ ڳالهه ڪي چڱي طرح ٿا ڄاڻن.

تنهنجي ذات پاڪ جي خيال ۾ اُهي پاڻ کي اهڙو ٿا گهٽ ڪن يعني پنهنجي هستي ٿا وڃائن جو خود پنهنجي به خبر ڪانه ٿي پوين. پوءِ ڪير ٿو چوي ۽ ڪير ٿو ڳولهي لهي. ڦڙو ڦڙو نه ٿو رهي، رڳو درياهه ئي وڃي ٿو قائم رهي. تنهنجو بيان هنن ٻن لفظن ۾ ٿي ٿو سگهي ته نون سيني سان به آهين ۽ تون سيني کان سواءِ به آهين. تو بنا نه نالو آهي ۽ نه نالي رکيل شي.

آشڪارا وچ ۾ آهيئي ڪونه.

اي ڏٽي! تون ئي ٻنهي جهانن ۾ آهين

نماڻو فقير

ڌڻيءَ در وينتي

اي ڌڻي منهنجا ! مون تي رحم ڪر ۽ "مان ۽ تون" واري قيد ڪان مونکي آزادگي ڏي. مونکي هيڪڙائي جي ڳجهہ جو امرت پيار جيئن اي پاتشاه مان توکي سڃاڻي سگهان.

ڪٿي آهيان مان؟ دنيا ۾ ظاهر ظهور رڳو تون ئي موجود آهين. سڀ ڪنهن جاءِ تي پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيو اٿيئي. اسانکي پنهنجي ڳجهہ ڪان واقف ڪر يعني اهڙو رستو ٻڌاءِ جنهن ۾ سمجهون تہ تون ظهور آهين.

تون ئي آهين جو لوڪ ۽ پرلوڪ جو مالڪ آهين ۽ سڀني شين جو اپائيندڙ آهين ۽ انهن سڀني شين جي ڳجهن ڪان واقف ڪندين. ظاهر توڙي لڪل هرهنڌ تون هِڪُ آهين. توڪان سواءِ ٻيو ڳوليندڙ ڪونهي. تنهنجي ذات پاڪ بيان ڪان ٻاهر آهي. هِي لوڪ تنهنجي حقيقت جو روپ آهُن. تون لامڪان آهين ۽ هِڪُ ئي هِڪُ آهين پر ڪثرت جي ڪري سڀ ڪنهن هنڌ ٻيو نظر اچين. جڏهن پنهنجي سونهن کي ڏيکارڻ ٿو چاهين، تڏهن بيابان واري ميدان ۾ اچيو تنبو کوڙين يعني هيءَ دنيا پنهنجي سر ويران آهي، اُتي بہ تون اچي ظاهر ٿيو آهين.

جڏهن تنهنجي روپ پنهنجي سونهن ظاهر ڪرڻ چاهي، تڏهن هڪ ڪن اندر هِي لوڪ پڌرا ٿيا. جڏهن تو پنهنجي منهن تان هڪ وار پردو هٽايو تہ عاشقن جي وچ ۾ هڪ وڏو شور مچي ويو يعني سڀيئي تنهنجي سونهن ڏسي عجيب عجيب گيت ڳائڻ لڳا.

مضمون کان، ان ڏس ۾، ٿي وکون اڳتي وڌي ٿو. سچ پچ تہ انهن ٽن سوالن جو واسطو رهسيہ واد يا تصوف جي فيلسوفانہ ڇنڊ ڇاڻ جي ٽن طريقن سان آهي، جن مان ستا شاستر (ontology) واري هڪ طريقي مان، رهسيہ وادي انڀوُ يا تصوفي آزمودي جي شناخت ڪندي معلوم ٿئي ٿو، تہ هڪ ئي ستا يا شڪتي آهي. هڪ ئي سچ يا حق آهي، هڪ ئي ڪارڻ-ڪاريہ وارو سدانت يا اُصول آهي؛ گيان شاستر (epistemology) واري ٻئين طريقي مان خبر پوي ٿي، تہ اُها هڪ ئي ستا يا شڪتي، اُهو سچ يا حق، اُهو هڪ ئي ڪارڻ-ڪاريہ سدانت اسانجي جنسار ۾ مڙني هنڌن ۽ فردن ۾ عيان آهي؛ ۽ درشيہ جڳت شاستر (phenomenology) واري ٽئين طريقي مان ڄاڻ پوي ٿي تہ جو پهريائين صرف نام (Name) آهي، سو پوءِ ورنن (description) ٿي پوي ٿو. اهو هرسوُ ظاهر ظهور آهي ۽ اڳتي هلي آسپاس جي حالتن جي دٻاوَ هيٺ غير شخصي مان شخصي بڻجي پوي ٿو. اها ياترا شاسترن جي ڀاشا ۾ ستا کان← گيان ڏانهن، گيان کان← درشيہ جڳت ڏانهن واري ياترا آهي. ان ياترا ۾ ڪو رهسيہ وادي ڪوي يا صوفي شاعر اڳتي وڌندو ويندو، تہ اُهو پنهنجي مشاهدي جي ورڻن ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ بياني ٿيندو ويندو.

مولانا روميءَ هڪ هنڌ لکيو آهي: موسيٰ رستي تي هڪ ريڍار کي خدا اڳيان ٻاڏائيندو ڏٺو. هو چئي رهيو هو، ”اي خدا، تون ڪٿي آهين، جو مان تنهنجي خدمت ڪريان، تنهنجي جُتي ڳنڍيان ۽ تنهنجا وار سنواريان؟ تون ڪٿي آهين، جو مان تنهنجن وارن مان جُوئون ڪڍان/ماريان، تنهنجا ڪپڙا ڌوئان ۽ توکي کير آڻي ڏيان؟----“

”ايائٽپ“ جا اهي لفظ ٻڌي موسيٰ چيو، ”اي ڳهيلا ماڻهو، تون ڪنهن سان پيو ڳالهائين؟ ڇا بڪواس پيو ڪرين، ڇا شطحيہ پيو ٻولين؟ پنهنجي وات کي ڪپهہ جو ٻُنجو ڏي!----مٺي خدا کي تنهنجي اهڙي خدمت جي درڪار ڪانهي.“

ريڍار پنهنجو لبادو ڦاڙيو، هڪ ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ هو بيابان ۾ پنهنجو رستو وٺي اڳتي وڌي ويو. تڏهن موسيٰ کي هڪ اِلهام ٿيو، ”تو مون کان منهنجو هڪ خادم جُدا ڪيو آهي ....مون هر ڪنهن کي عبادت جو هڪ خاص ڍنگ عطا ڪيو آهي؛ هرڪنهن کي اظهار جي هڪ مخصوص نوعيت ڏني اٿم....“

سچل سرمست جو ڪلام

سچل سرمست (۱۷۳۹ - ۱۸۲۷) جي شاعريءَ تي ويچار ڪندي اسانجي آڏو ٽي بنيادي سوال آهن. پهريون سوال آهي - ڇا رهسيه وادي انيهو يا تصوفي آزمودي جي ڪا صفاتي سڃاڻپ آهي؟ ٻين لفظن ۾، ڇا رهسيه واد يا تصوف اڳيان ''هندو'' يا ''اِسلامي'' وغيره جهڙن صفتون لڳائي سگهجن ٿيون؟ جڏهن اِهو انيهو بُنياد پرست هندن يا بُنياد پرست مسلمانن وغيره جي خواب خيال کان بلڪل پري هجي ٿو ۽ ڪين حقارت جي نظر سان ڏسندي سندن قسم جي هندوتو يا اِسلام جي ورود ۾ آواز اُٿاري ٿو، ته اُهو انيهو ''هندو'' يا ''اِسلامي'' ڪيئن ٿيو؟ رهسيه واد ۽ تصوف محض ٻه هم معنيٰ لفظ آهن. اِهو اِئين آهي، جئين ڪوئي چوي ته رهسيه واد ۽ تصوف ڪيول ماتر ٻه پرياية - واچي شبد آهن. خود سچل هڪ هنڌ چيو آهي :

ڪي ٿا چونْ صوف، ڪي ٿا چون سيب،
اِن ۾ ڪهڙو عيب، ڦل مڙيوئي هيڪڙو.

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، نئين دهلي،۱۹٦۳،ص ۵۱)

ٻيون سوال آهي - ڇا سچل سرمست جي شاعري بنيادي طور وحدت الوجودي هوندي ٻه، ڇاڪاڻ ته اُها هڪ خدا ميڙ مان سڀني ۾ خدا ڏسڻ ۾ جيءُ نٿي ڪري؟ ٻين لفظن ۾ ڇا ادوئت واد ۽ سرويشور واد ۾ ڪو فرق رهي ٿو؟

ٽيون سوال آهي - ڇا سندس شاعري بنيادي طور غير شخصي خدا سان وابسته هوندي ٻه، ڇاڪاڻ ۾ شخصي خدا جا اُهڃاڻ پڻ پيش ڪري ٿي؟

اِنهن ٽن سوالن جا صحيح جواب ملڻ سان لڳندو ته سنڌي صوفي شاعرن، جهڙوڪ قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه عنات، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي شاعري ڀارت جي ڀڳتي ڪال جي سمپورڻ ڀڳتي - انيهو جي نمائندگي ڪري ٿي. اِنهن ٽن سوالن تي ويچار ڪندي موجوده مضمون، ''شاهه جو رسالو'' ۾ ڏنل منهنجي اڳئين

هلي سندس چاڙهيل ڪُنيءَ جو ڏڪُ لاهيندو، نہ صرف ايترو، پر سچل سرمست پاڻ لاءِ پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ تخلص ”آشڪار“ (ظاهر ظهور) ۽ سنڌي سرائڪي شاعريءَ ۾ نالو ”سچو“ ۽ ”سچل“ ڪتب آندو. جتي شاهہ لعيف چيو،

پيهي جانِ پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نہ ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا...

(سر سسئي آبري، داستان پنجون)

اُتي سچل سرمستَ سسئي پُنهوءَ جي سِڌي سنواٽي لوڪ ڪٿا جي تمثيل ڪانسواءِ، سِڌي نموني آکيو :

عاشق، عشق، معشوق اُهوئي، ڏانءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي،
پنهنجي پاڻ پَسائڻ ڪارڻ، ناهہ لَڪين تو ناهي،
اُهو اَندر اُهو ٻاهر، ڪيئن چوان اِئين ناهي؟

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص ١٧١)

سچل سرمست شاهہ صاحب جي چاڙهيل ڪُنيءَ تان ڍڪڻ لاٿو ۽ عام ۽ خاص سنڌي لوڪن جي دِلين ۽ دماغن ۾ اُن جو ٽهڪاءُ پرجي ويو، اُهي سندس سرمستيءَ سان سرشار ٿي ويا. جيئن تہ هوُ وات ڦاٽو هو ۽ سندس شاعريءَ ۾ ”سچ“ پڌري پٽ آيو يا اُن تي هرو ڀرو ڪو تمثيلي گهونگهٽ- پٽ ڪونہ هو، ٿَس سندس همعصر مولوي البت گهٽو گهٽو وڌيڪ ناراض رهيا ۽ اسلام وادي شخص ڏاڍا ناخوش ٿيا.

جرمن ليکڪا پروفيسر اناميري شيمل، جنهن گُذريل ٽن ڏهاڪن اندر سنڌي صوفي شاعريءَ بابت وڏو اهميت ڀريو ڪم ڪيو آهي، سا سچل سرمستَ کي (مولين ۽ اسلام وادين جي ڏمر کان بچائڻ خاطر؟) اسلامي تصوف جي تحت ڏسي ٿي ۽ چوي ٿي تہ سندس شاعريءَ کي مٿاڇرو پڙهڻ ڪري ائين لڳي ٿو تہ اُن ۾ وحدت الوجود آهي يا هر شيءِ ۾ هر بندي ۾ خُدا آهي؛ ان روايت جي شاعريءَ ۾ اهو ائين لڳندو رهيو آهي ۽

ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي پنهنجي مرتب ڪيل ”گزيٽير آف ويسٽ پاڪستان“ (١٩٦٨) ۾ ڊاڪٽر عمر محمد دائود پوٽي جو حوالو ڏيندي چيو آهي ته جيتوڻيڪ سچل سرمست جي شاعري وسيع ۽ پاڻ ۾ جُدا ڳانهه آهي، اُها شاهه لطيف جي شاعريءَ جي اعليٰ درجي تائين ڪانه ٿي پهچي؛ سندس ڪافيون ۽ غزل پنهنجي نموني لاثاني آهن، پر سندس شاعريءَ ۾ بي انتها مبالغا آهن ۽ هوُ صاحب شطحيات ۾ منصور الحلاج کان بہ گوءِ کڻي ويو آهي. ان ڪري شريعت جا پابند ماڻهو اڪثر سندس شاعري پسند ڪين ڪندا آهن.

سچل سرمست بابت ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ان راءِ ۾ هڪ قسم جي ٻچتائي صاف ظاهر آهي. هو صاحب سچل سرمست جي شاعريءَ کي لاثاني بہ ڪوٺي ٿو ته ساڳئي وقت شاهه لطيف جي شاعريءَ وانگي اعليٰ درجي واري شاعري بہ ڪونه ٿو مڃي. هو هڪ ئي مهل سچل سرمست کي ساراهي بہ ٿو ۽ نِندي بہ ٿو.

خارجي نگاهه سان ڏسجي ته شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي شاعري بنيادي طور هڪ ساڳئي اعليٰ درجي واري شاعري هوندي بہ اُن ساڳئي اعليٰ درجي جي ٻن قسمن سان واسطو رکي ٿي ۽ اُنهن ٻن قسمن جو واسطو گهڻي ڀاڱي مٿي ذڪر ڪيل چند چاڻ جي ٻن طريقن سان آهي. اُن لاءِ ٻنهي شاعرن جي رهسيہ وادي انڀوَ يا تصوفي آزمودي کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ کان پوءِ ٻنهي شاعرن جي پنهنجي - پنهنجي زماني ۾ حالتن جو جُدا جُدا دباءُ جوابدار آهي. ٻنهي حق جو مُشاهدو ماڻيو، پر اُن کان پوءِ پنهنجي - پنهنجي زندگيءَ جي حالتن ۾ موٽي ڪري جُدا جُدا حالتن جي ردعمل طور جُدا جُدا نموني پنهنجو ڪلام ڳايو. جيتوڻيڪ ٻنهي جي رهسيہ وادي پرمپرا يا تصوفي روايت عام طور ساڳي رهي، پوءِ بہ اُها تفصيلن ۾ هڪ ٻئي کان ڪِي قدر جُدا ٿي بيٺي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جيڪو ڪليل راز هو، سو سچل سرمست وٽ کُليل راز ئي نہ، ليڪن کُليل کُليل/آشڪار/ڳالهڙي ٿي پيو. جا ڳالهہ شاهه لطيف پنهنجين سورمين جي تمثيلن ذريعي ڪئي، سا ڳالهہ سچل سرمست ڪنهن سورميءَ جي مسلسل لوڪ ڪٿا جي ڍَڪَ پردي کانسواءِ ظاهر ظهور نموني ڪئي. هوندئن بہ خود شاهه لطيف سچل سرمست لاءِ سندس نندپڻ ۾، ملڪ ۾ اِيندڙ زماني ۾ تعصب جي بدتر ٿيندڙ حالت جو اندازو لڳائيندي چيو هو، ته هوُ اُٻتي

نڪو قدر، نڪو جبر، نا خوشي نا اَرمان،
بيخبريءَ جو بيان، سَچل ڪندين ڪيترو؟

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص. ١٢٦)

دراَصل، اِهي ٻہ بيت پڻ مُشاهدي جي اُن گهڙيءَ جي بيان جي ڏس ۾ هڪ ڪوشش ئي آهي. هِتي هِن لوڪ جي حالتن کان هُتي هُن لوڪ ۾ بيخبريءَ جو، بيسُرتيءَ جو، ۽ شُڌ چيتنا جي اُتپتيءَ جو بيان ڪي نٿو سگهي. هر دفعي بيان اڌورو ۽ اڻپورو ئي رهجي وڃي ٿو. سچل سرمست اهڙي ڪوشش ڪري ٿو، پر نيٺ ناڪام ٿي پاڻ کان پُڇي ٿو،''(بيان) سچل، ڪندين ڪيترو؟'' سنسڪرت جي رهسيہ واديُن پڻ پراچين ڪال ۾ چئي ڏنو هو، ''نيتي-نيتي'' (ايترو نہ، ايترو نہ .....اِهو نہ، اِهو نہ).
اِهو تہ جيئن انگريزي رهسيہ وادي ڪوي ورڊسورٿ کي Intimations يا اُن ياد جون پڙون پونديون هيون ۽ هو صاحب پنهنجون رهسيہ وادي ڪوِتائون لکندو هو تيئن مڙني رهسيہ وادين ۽ صوفيُن جي هينئن ۾ بہ ؛هو مشاهدو هُرندو رهي ٿو. جڏهن سندن مٿان اُهي ''شورَ شمار''۽ سرمستي خمار لهن ٿا، تہ ''همه تا حق'' ٿين ٿا، مڙيئي ساهوارا ۽ قدرتي نظارا حق ڀاسجن ٿا. سچل سرمست چوي ٿو:

نڪا صورت اُتهين، نڪا تار تنوار،
نڪو ڏسڻ وارو هو، نڪا سُرت سنڀار....
ڪين ڏنائون ڪا ٿهين، روُءِ نڪا رُخسار،
لٿا شورَ شُمار، همه تا حق ٿيو.

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص ١٢٥)

اُتي ڪو روُءِ رخسار وارو يا ڪو صورت وارو نہ آهي؛ نراڪار، نرگُڻ آهي. پر پوءِ رهسيہ وادي اَنُڀَوَ يا تصوفي آزمودي کان پوءِ اُن ڪيول ماتر نام(Name) کي بيان ڪندي مڙني ۾ هو هڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هُن ۾ خط و خال پرجڻ شروع ٿين ٿا ۽ هڪ ''شخصيت'' اُڀري ٿي. هڪ ستا يا هڪ شڪتي مڙني ساهوارن ۽ جڙ پدارٿن ۾ جُدا جُدا نالن ۽ روپن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ رهسيہ واديءَ يا صوفيءَ کي لڳي ٿو، تہ هوُ حقيقت ۾ پاڻي آهي، پر اَلائجي جو هوُ سمنڊ، ندي، نهر وغيره جي نالن

صوفي شاعر ڀاڻ کي ڪڏهن عيسيٰ ته ڪڏهن موسيٰ، ڪڏهن ٻوڌ ته ڪڏهن ٻوڏ (پرليه) مان پار پوندڙ نوح (Noah) چوندا رهيا آهن. اِن جي برعڪس، انگريز وِدوان ڪرسٽافر شئڪل صوفي شاعرن جي اِن ڪيفيت کي حقيقي ٻُڌايو آهي ۽ لکيو اٿس ته صوفي پنهنجو پاڻ ۾ خُدا کي ڏسي ٿو، مِڙني ۾ خُدا کي ڏسي ٿو؛ هو دوئي يا دوئت کان انڪاري آهي ۽ مذهب جي ٻاهرين صورت ۾ نٿو ڦاسي. سچل سرمست شاه لطيف جيان ڦصاڳو شاعر ڪونهي. هو مشاهدي جي، ورتن ۾ نه اچي سگهندڙ ڳالهه جي عام زندگيءَ ۾ ترجماني ڪندي چوي ٿو:

ڪانه چوڻ جهڙي، سا مان چوان ڪيئن،
قصو آهي هيئن، هِي ۽ هوُ هڪ ٿيو.

(سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ص ۵)

رهسيه وادي يا صوفي پنهنجي ڌرم يا مذهب جي انوشاسن/ انتظام ۾ رهي ڪري پنهنجا فرض ادا ڪري ٿو ۽ پوءِ سماڌي اوسٿا يا وجد جي حالت ۾ سچ يا حق جو مشاهدو ماڻي ٿو. مُشاهدي جي واردات جو ورتن ڪرڻ سندس وس کان ٻاهر آهي. اُن وقت اُن مان مِلندڙ آنند جو بَيان ڪرڻ ايئن آهي، جيئن ڪو گونگو ٻُڙ کائي،اُن جي ميناج جو بَيان نه ڪري سگهي ۽ صرف مُشڪي ۽ خوش ٿِئي. اُن وقت هو جيو-جڳت کان پري پنهنجي آس پاس جي دُنيا کان بي خبر، ڪنهن ٻِئي چيتنالوڪ ۾ هجي ٿو. هو پاڻ کان، دين دُنيا کان، ۽ دين دُنيا جي خوشي-اَرمان کان مَٿي اُڀري اُتي پَهچي ٿو:

جِتي عرش نه اُڀُ ڪو، زمين نا هه ذرو،
نڪو چاڙهائو چنڊ جو، نه ڪو سِج سرو....

(شاه جوُ رِسالو، سُر رامڪلي، داستان ٽائون)

يا

نڪو آدم اُتهين، نڪو جِسم جان
نڪو جزا جاءِ تَهين، نا سُرت جو سامان،

نِراڪار، نِرگُڻ ڪنهن ساڪار سَگُڻ ۾ عڪس اَندوز ٿِئي ٿو. اِهو ساڪار سَگُڻ ڌرم جي رکيا لاءِ ۽ اَڌرم جي ناش لاءِ لوڪن جي من ۾ جنم وٺي ٿو:

صورت مورت هڪ اَٿي، نائين ڏِسُ نيٽڻ،
اَکيون ڪن زبان هي، وچان جئن وچن...
(ساڳيو، ص. ٤١).

پوءِ ته ''سچل'' ڪيس عوام جي ڀلي لاءِ سندس من جي پٽي يا پني تي پيغام لکي موڪلي ٿو،

پني ۾ پيغام، لِکي مُڪا سڄڻين
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اِشارتين.
(ساڳيو، ص. ٣٢)

اهو پيغام آڻيندڙ ۽ قاصد ٻيو ڪو نه آهي، ڪانگُ آهي، جو هِن ڪائنات جو ئي اَنگُ آهي. اُهو ڏاهو قاصد پريان جي سلامن سان پيغام پيش ڪري ٿو:

پِريان جا پيغام، تو ڏئي مِڙيئي مام ۾،
سَوين منجهن سلام، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏئي.
(ساڳيو، ص. ١٠٦)

اسين ڏسنداسين ته غير شخصي ڏوُر (Transcendent) خُدا، هاڻي شخصي ويجهو (Immanent) خُدا بڻجي پيو آهي. هو هر بني-بشر، پَرندي-چَرِندي وغيره معرفت گُفتگو ڪري ٿو. ليڪن سڀ کان وڌيڪ هو سائس چاچي/سَهُري/مُرشد مِيان عبدالحق دواران ڳالهائي ٿو. نه صرف سائس ڳالهائي ٿو، بلڪ ڪائنس عوام جي ڀلائيءَ لاءِ تخليقون پڻ ڪرائي ٿو. مِيان عبدالحق سچل سرمست لاءِ برهم جو ''سَگُڻ ساڪار'' روپ آهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ پنهنجي مرتب ڪيل ڪِتاب ''سچل سرمست جو چونڊ ڪَلام'' ۾ سندس حياتيءَ جو اَحوال ڏيندي لِکيو آهي: ''سچل جو پنهنجي مُرشد عبدالحق ۾ ايمان هو. هُن کي خُدا ڪري سڏيو

سان سڏجي ٿو؟ سچل سرمست چوي ٿو:

آءُ اصل پاڻي آهيان، ڪيئن ٿا سمنڊ سڏن،
نانءَ مٿم ناحق جا رکيا الاجي ڪن؟

سچل سرمست ڪان اڳ شاهه لطيف جي قول ”لهرن لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو“ ۾ ساڳيو ”همه اوست“ وارو خيال ادا ڪيو ويو هو. هڪ خُدا سڀني ۾ پرگهٽ ٿي ڪري سڀ خُدا ٿئي ٿو. ايڪيشور هاڻي سرويشور بڻجي پوي ٿو. اَهڙو ڪو ڪٿ ڏاهي يار ڏانوُ ناهيو آهي، جو سڀ اِسم ذات (نام) هِتي ڪتي صفاتي ٿيو پوي. سچل سرمست چوي ٿو:

اِهو آهي، يار ساڳيو ساڳيوا
اَوهين ڄاڻو ساڻ يقيني، پيو سو ناهي ناهي...
ظاهر باطن آهي اُهوئي، جان جُٺو وري ڄاهي ڄاهي.
نانءُ ”سچوءُ“ جو آيو صفت ۾، ڏانءُ ڪيو ڪيهو ڏاهي ڏاهي.

ستا شاستر جي لِحاظ ڪان رهسيه وادي اَنڀَوَ جي ايڪتا يا تصوفي آزمودي جي وحدت (يونٽي آف مِسٽيڪل ايڪسپيرينس) ظاهر ٿئي ٿي، ۽ گيان شاستر جي سطح تي اُهو اَنڀَوُ يا آزمودو اَدوئت يا وحدت الوجود ۾ راس اَچي ٿو ۽ هِڪ ئي ستا، شڪتي، سِڌانت يا اُصول مڙني هنڌن ۽ ماڻهن ۾ پرگهٽ ڏِٺي ٿو. پوءِ ته جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون، ايڪيشور پاڻ کي سرويشور ۾ ظاهر ڪري ٿو ۽ صوفيُن مان هر هِڪُ نعرو بُلند ڪري ٿو: ”انا الحق“. صوفين ڪان گهڻو گهڻو اَڳُ ويدانتِيُن مان هر هِڪ پڻ اهڙي صدا بُلند ڪئي هئي: ”اَهم برهم اَسمي“. مئڪس هارٽن نالي يورپي وِدوان هِڪ هنڌ لِکيو آهي ته منصور الحلاج جو اِهو بيان ته مان حق آهيان، اُپنِشَدن ۾ آيل اِن ورڻن جو پراڏو آهي ته مان برهم آهيان. هڪ ستا يا هڪ شڪتيءَ جو تصور ان ريت اَنيڪ تصويرن ۾ پَڌِرو ڏِٺي ٿو. درشيه جڳت شاستر جي نِگاهه ڪان ڄاچجي ته آس پاس جي حالتُن جي دباوَ هيٺ ظالم راجائُن ۽ حاڪمن جي ظُلم-سِتَم ۽ ڌرم-اَنڌ پاکنڊي پنڊِن ۽ تعصبي مولويُن جي زور زبردستيءَ ڪان بچڻ ا

پوءِ ته هو ملذر جي هڪ پوڄاريءَ جيان سيني ۾ صنم رکي، جيءَ ۾ خُدا جي بُت کي جاءِ ڏيئي ملڪ اندر وڌندڙ ڪٽرتا ۽ تعصب جو مقابلو ڪري ٿو،

سيني ۾ صنم، سچل ڪي سدا،
بُت جو بُت خُدا، پوڄاريا جي پرڪئين.
پرينءَ سندي جوءَ مان، چُمان پٿر مون،
تنهن ۾ پي آن تون، نظر ناهي ڪو پيو.

(ساڳيو، ص ٤٣-٤٤)

ڇاڪاڻ ته سندس روحانيت ۾ ڪائنات جا مڙيئي جُزا اچي ٿي ويا ۽ هو پنهنجي وقت جي تعصبي حاڪمن ۽ مولوين کان هڪ علحدي شخصيت ڪٿي بيٺو، اُهي ڪانئس ڏاڍا ناراض هئا. اُهي ته نهيو، هاڻوڪي زماني جو ڊاڪٽر عمر محمد دائود پوٽو پڻ هن مان بيحد ناخوش هو ۽ کيس سندس شاعريءَ ۾ ”بي اِنتها مبالغا“ ۽ ”شطحيات“ ڏسڻ ۾ ايا.

اِهي بي اِنتها مبالغا ۽ شطحيات ڇا آهن؟ اَچو ته اِن ڳالھ تي سوچيون. دراصل اُهي ملڪ جي حالتن جو شاعرانه ردِعمل آهن. شاھ لطيف (١٦٨٩-١٧٥٢) جي حياتيءَ جا پويان ايڪونجاھ سال ڪلهوڙن جي زماني (١٧٠١-١٧٨٣) ۾ گذريا. ڪلهوڙا ڏاڍا تعصبي هئا ۽ سندن ايامڪاريءَ ۾ وڏي پئماني تي هندن مان مسلمان ڪرايا ويا. اي. ايڇ. ائٽڪن سنڌ گزيٽير جي پنهنجي ١٩٠٧ واري ڇاپي ۾ ٻُڌايو آهي ته ڪلهوڙن ٨٢ سالن جي پنهنجي ڏاڍ واري ايامڪاريءَ ۾ سنڌ جي آدم شُماريءَ ۾ پڪو پختو ڦيرو آڻي ڇڏيو ۽ سنڌ ۾ سدائين لاءِ هندن جي ٿورائي رهجي ويئي ۽ مسلمانن جي گهڻائي ٿي پيئي. شاھ لطيف پنهنجي تمثيلي بيتن دوارن زور-ظلم جي اُن حالت ڏانهن پنهنجو ردِعمل پيش ڪيو ۽ وحدت الوجود ۽ هڪ روحانيت جو سنيهو ڏنو. ليڪن اِهو ردِعمل شيتل -شيتل ۽ شانت - شانت نموني هو. هن صاحب کان پوءِ ٽالپرن جي زماني (١٧٨٣-١٨٤٣) ۾ سچل سرمست (١٧٣٩-١٨٢٧) ٿي گُذريو. ٽالپرن ته رڻ ٻاري ڏنو. سندن سٺ سالن جي حڪومت جي دوُر ۾ هندن جي حالت نهايت

آئس'' (ص. ٢). سچلُ چوي ٿو تہ سندس هادي(مُرشد) هرجا حاضر آهي، اُهو ئي (عبدالحق ئي) حق اَلحق آهي :

سَچا! حاضر هرجا هادي، سمُجهين سِرُ سيوئي،
غائب سمُجهي غير نہ ڄاڻين، حق الحق اُهوئي.
(ساڃيو، ص. ٤٦)

نہ صرف ايترو، جيئن سِکن لاءِ سَندن ستگُرو،گوبند جو ئي درجو رکي ٿو، تيئن سچل سرمست پڻ کين ياد ڏِياري ٿو :

جپ صاحب جو جپُ، تا گرنٿي! گُر مِليئي،
راست توڙي چپ، سچل ساڃيو سَتگُرو.
(ساڃيو، ص ٤٩)

مَنجهہ حضور هاديءَ جي، طالب ٻانهون ٻڌي وهندين،
جئن چوائي مُرشد چوندين، ڪلمو ڪُفري ڪهندين،
گُر ۽ گوبند صورت ساڳي، راهہ اِنهيءَ ۾ رهندين،
رنگہ ريکي بي رنگہ ٿي، سچا! ٺاهِ اِنهيءَ ۾ ٺهندين.
(ساڃيو، ص ٤٨)

اِن ريت، سَچَل سَرمَستَ جي شاعري بُنيادي طور غير شخصي خدا سان واسطو رکندي پڻ، پاڻ ۾ شخصي خُدا جا اُهڃاڻ پيش ڪري ٿي ۽ ڀارت جي مَذيہ ڪال واري ڀڳتيءَ جي سمپورڻ اَنُڀَوَ کي اسان جي آڏو رکي ٿي. هن پنهنجي زماني ۾ تعصبي حاڪمن ۽ مولوين سان ويچار جي سطح تي جنگيون جوٽيون. اُنهن جنگين لاءِ سندس ڀُنيءَ تي سندس مرشد جو هٿ هو. سندس سارٿي سندس مرشد هو. هو صاف چوي ٿو تہ سندس مرشد ئي ڪانئس لانفيءَ جو ڪلمو پڙهايو ۽ منجهس جوش جاڳايو :

لانفيءَ جو ڪلمو مونکي، مرشد پاڻ پڙهايو،
نابوديءَ جي نشي اندر، ستگر سير ڪرايو،
هٿيو ڏيئي همٿ وارو، سارو بار ڪڍايو،
صدقي سَچل مان ستگر تان، جنهن جانب جوش جڳايو.

حيات سرمست

حضرت سچل سرمست جنهن توحيد ۽ معرفت، عشق ۽ عرفان الاهي جا درياهہ وهائي اسان جي سونهاريءَ سنڌ کي روحانيت جو سبزه زار بڻائي حقيقي نور سان منور ڪيو، تنهن جو جنم ١١٥٢ هجري مطابق ١٧٣٩ عيسوي رياست خيرپور جي حد اندر راڻي پور شهر جي اتر طرف هڪ ميل جي مفاصلي تي ڪبڙن ۽ ڪرڙن جي بستي درازا شريف ۾ ٿيو. هو خواجہ پير عبدالحق جي وڏي ياءُ ميان صلاح الدين جو نور نظر ۽ چشم اميد هو. سندس جنيءَ جو نالو عبدالوهاب رکيو ويو پر سندس ننڍپڻ ۾ راست گوئي ڪري ڪيس سچو، سچل (بيباڪ ۽ سچار) ۽ سچيڏنو (سچي مالڪ جي سوغات) سان سڏيو ويندو هو، جنهن نالي سان اڄ تائين مشهور آهي. قرآن شريف جي ڪنٺ ڪرڻ ڪري ڪيس حافظ عبدالوهاب جي نالي سان پڻ ياد ڪيو وڃي ٿو.

هيءُ خاندان سن ٩٣هہ مطابق ٧١١ع ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيو. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ملڪ تي چڙهائي ڪئي، تڏهن هن سان گڏ شيخ شهاب الدين بن شيخ عبدالعزيز بن شيخ عبدالله بن حضرت عمر فاروق مشير اعليٰ جي حيثيت ۾ اسلامي حڪومت طرفان موڪليو ويو. سنڌ جي فتح بعد کيس سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. شيخ جي وفات بعد شيخ محمد فاروقي سنڌ جو حاڪم ٿيو ۽ شيخ محمد فاروقي جي اٺويهين پيڙهي مان مخدوم نورالدين بن رضي الدين جا ٻہ فرزند مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدرالدين گاگڙي رياست خيرپور ۾ سڪونت پذير ٿيا. مخدودم ابو سعيد جي نائين پيڙهيءَ مان حضرت

ڏکدايڪ هئي. محمد حنيف صديقيءَ سيٺ نائونمل هوتچند جي Memoirs جي سنڌي ترجمي ”يادگيريون“ (١٩٦٨) ۾ ڊاڪٽر برنس جيمس جي انگريزي ڪتاب جو حوالو ڏيندي لکيو آهي : ”ميرن ٽالپرن جو ظلم ۽ ڏاڍ سڀ کان زيادہ سنڌن تبليغي سرگرمين مان ظاهر ٿئي ٿو. عقل اِن ڳالھ سمجھڻ کان قاصر آهي تہ هندو هن ملڪ ۾ ڇو رهيا پيا آهن؟ اِن لاءِ فقط هڪ سبب ٿي سگهي ٿو، سو آهي پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ پيار. اِن باري ۾ اِنسان ۽ نباتات هڪ جهڙا آهن. هندن سان نهايت صبر آزما عقوبتون ٿينديون هيون........ مسلمانن کي ترغيب ڏني ويندي هئي تہ سنڌ ۾ جيڪي ڪفر جون نشانيون نظر اچن، تن جو خاتمو آڻين. برهما جي بدنصيب اپاڻن پوئلڳن کي مذهب جي آزادي بہ ڪانہ آهي! گهنڊ جو آواز ورلي ٻڌڻ ۾ ايندو آهي؛ اِجازت کان سواءِ گهنڊن وڄائڻ جي منع آهي. حيدراباد (سنڌ) ۾ ٻنا مورتين جي ڪي مندر آهن، پر اُنهن جي ديوارن مان بہ ڳاني ٻڄاني جو پرلاءُ ڪونہ پوندو آهي. ڪٿي بہ مومن جيڪڏهن شاهدي ڏين تہ هڪ هندوءَ قرآن جون ڪي آيتون يا ڪلمو پڙهيو آهي، تہ اُها شاهدي هن جي هڪدم سُنت ڪرائڻ لاءِ ڪافي ڄاتي ويندي آهي، پر مظلوم هندو اِن ڳي سڀ کان زيادہ ۽ وڏي آپدا ڪري سمجهندا آهن. مسلمانن کي ٿورڙو ئي ڪو بهانو ملندو آهي تہ اُها ڪاروائي اختيار ڪندا آهن. وڏي ڳالھ تہ ظاهر ائين ڪيو ويندو آهي تہ اِها مظلوم جي ڀلائيءَ لاءِ آهي ۽ اِن ۾ هن جو محشر چڱو ٿيندو. اهڙيءَ طرح هنجي جسماني عذاب ۾ دماغي ڪاوش جو اظافو ڪيو ويندو آهي.“

(يادگيريون، ص ١٦-١٧)

حاڪمن ۽ مولين جي جيتري ٽِکي ڏاڍائي هئي، سچل سرمست جو تيترو ئي ٽِکو ردِعمل هو.

موتيلال جوتواڻي
ميمبر سيڪريٽري
سنڌي اڪادمي ، دهلي

سچل سائين ستن زبانن جو شاعر هو، جهڙوڪ سنڌي، عربي، سرائڪي، هندي، پنجابي، اردو ۽ فارسي، جن ۾ چوکو ڪلام چيو اٿس. انهي مان ثابت آهي تہ سرمست سائين نہ رڳو اهي ٻوليون ڄاڻندو هو پر سندس ڪلام ۾ فلاسافي، منطق ۽ سائنس وغيره جي علمن جو پورو پورو ذخيرو نظر اچي ٿو. حافظ درازي جي ظاهري ۽ باطني علم جي پروڙ، پروڙ وارن کي سندس پروڙيل پيرولين ۽ آلاپيل آوازن جي اپياس ڪرڻ مان پوري پر پئجي سگهي ٿي.

سرمست سائين جي سيرت جو تہ ڪلام ئي شاهد آهي. باقي رهي سندس صورت، فقير نانڪ يوسف اجهو هيئن تصوير نگاري ڪري ٿو:

مُک مُصحَفُ سجڻ تيڏِي صورت،
مورت الله بسم الله حمد لله.

سرمست سائين جو چهرو نوراني، صاف ۽ سفيد رنگ جو هو. خط ۽ خال دلڪش، اکيون آهُو مثل مشعل جيان ٻرندڙ، وار ڊگها، جن جو مٿي جي وچ تي چوٽو ڪري ٻڌي ڇڏيندو هو. ليڪن جلال ۽ مستي جي حالت ۾ جڏهن هو شعر چوندو هو تہ سندس اهي ڊگها وار اُڀا ٿي ويندا هئا. قد درميانو مگر موڪرو، هٿ پير نرم، نازڪ ۽ ننڍا هوندا هئا. تصوير هميشہ اداس ۽ نماڻي ڄڻڪ ڪنهن ڳولها ۾ محو آهي. هو هميشہ سادي پوشاڪ پهريندو هو. هيٺ تي نيري سٿڻ ۽ بدن تي سفيد چولو پائيندو هو. سياري جو ٿري ڏورو اوڍيندو هو. سر تي سبز رنگ جو فقيراڻو ڪلاه رکندو هو. پيرن ۾ چهنب واري جتي ۽ هٿ ۾ عصا کڻندو هو. گهڻو ڪري ڏٿ تي گذران ڪندو هو. لسيءَ ۾ ڳاڙها مرچ وجهي ماني پوري کائيندو هو. پر پوءِ اهو بہ کائڻ ڇڏي ڏنائين. اڪثر روزي ۾ گذاريندو هو. منجهند جو ٿورو وقت ڪاٺ جي صندل يا ڏرتيءَ تي آرام ڪندو هو. ڏينهن جو گهڻو حصو آواز ڪلام ٻڌڻ ۾ گذرندو هوس. مطلب تہ سرمست سائين جي رهڻي ڪهڻي زماني کان بلڪل الڳ ۽ نرالي هئي. گوڙ سان پوندي ڪانہ هيس. چوي ٿو:

خواجہ محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنو (اول) درگاھہ شريف جي سلسلي جو باني آهي، جو سچل سائين جو ڏاڏو هو.

سچل سائين اڃا ننڍو ٻالڪ هيو تہ زماني جي انقلاب هن سعادتمند جي سر تان تاج پدري هٽايو. جنهن بعد هو پنهنجي ڏاڏي خواجہ محمد حافظ ء پوءِ چاچي خواجہ عبدالحق جي زير شفقت ۽ عنايت پرورش پائڻ لڳو. جنهن جي زير نگراني نہ فقط جسماني پرورش پاتي پر روحاني فيض پڻ حاصل ڪيو. سچل سائين طلب جي وادي طئي ڪرڻ لاءِ خواجہ پير عبدالحق جي دست تي بيعت ڪئي، جنهن ڪيس سمورو لدني علم عطا فرمايو ۽ هن سچي سڪ واري طالب جي وجود ڪي اهڙو تہ واسي ڇڏيو، جنهن جي تاثير ڪان اڄ ساري سنڌ معطر آهي. جيئن چوي ٿو:

هڪ ڏهاڙي مرشد مين نون سٽ پريت دي پاڙهي،
سا مين دل تي تختي اُتي چاھہ ڪنون لک چاڙهي،
سچل عشق پيدا نہ ٿيوي توڙي هووي چٽي ڏاڙهي.

لا نفي جو ڪلمو مونکي مرشد پاڻ پڙهايو،
نابودي جي نشي اندر ستگر سير ڪرايو،
هٿيو ڏيئي همت وارو سارو بار ڪٽايو،
صدق سچل مان ستگر تان جنهن جانب جوش جڳايو.

اسان جو حافظ درازي نہ رڳو قرآن شريف جو حافظ هو پر قرآن شريف جي معني مان بہ واقف هو. چون ٿا تہ پريان پريان جا ملان مولوي قرآن شريف جا منجهيل مسئلا هن وٽان حل ڪرائڻ ايندا هئا. قرآن شريف جو تفسير مطالع ڪندي چوي ٿو:

من همہ تفسير قران خوانده ايم

مغز قران را ازآن برخوانده ايم

(مون قرآن جا سڀئي تفسير پڙهيا آهن ۽ ان جو تات پرج پروريو ٿم)

سرمست سائين جا مذهبي خيال نرالا هئا. سندس تعليم ۽ تلقين مان ائين پيو معلوم ٿئي ته سندس نگاهه ۾ انسان ذات سڀ هڪ آهي. سندس ايمان هو ته مذهب الله جي هيڪڙائي حاصل ڪرڻ جو وسيلو، ڏٺي ڪي رسڻ جي راهه آهي. انسان ذات بلڪ ڪُلُ ڪائنات ان خالق جي اپايل آهي. هرهڪ مذهب جي ڳُڙڪيءَ مان دلبر جو ديدار پسي سگهجي ٿو. جيئن شاهه صاحب چيو آهي:

ايڪُ قصر در لک، ڪوڙين ڪَٽسِ ڳُڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرکِ، تيڏانهن صاحب سامهون.

الف مان آدم ٿيو ڪري هنگامو هُل،
هندو مومن هڪ ٿيو، ڀول نه ٻي ڪنهن ڀُل،
"خلق الاشياء فهو عينها" اهو آڻ عمل،
ٿج گلابي گل، مر مارني منصور جان.

حافظ شيرازي چيو آهي ته:

جنگ هفتاد دو ملت همه را عذربند،
چون نه ديدند حقيقت سر افسانه زدند.

(ٻاهتر فرقن جي جهڳڙي کي ختم ڪر. حقيقت نه ڏٺائون سو آکاڻيون ڪٿڻ ويٺا.)

اهڙي طرح وحدانيت جي قائل هئڻ مثير مرد شيعا، سني ۽ ٻين فرقن کان پاڻ کي پاسي ڪري چوي ٿو:

مذهب موڙ نه مڃيان، مان مشرب منجهه مدام.

هو پنهنجي ڪلام دوران اسان کي هر هر هدايت ٿو ڪري ته دنيا جي سڀني مذهبن جو بنياد تصوف آهي ۽ تصوف جي عمارت آهي "عشق". سندس ڪلام ۾ اهڙا گهڻائي بيت آهن، جن ۾ تصوف ۽ عشق الاهي کي خدا سان هڪ ٿيڻ جو وسيلو ڄاڻايو اٿس. چي:

جتي مـاڻهن مـيڙ، آءُ تتي ناهيـان،
سسي سنيايان، پٽي شاهہ حلاج جي.

سرمست سائينءَ جا وڏا عالم، فاضل ۽ شرع جا پورا پابند هئا ۽ سندن طريقو قادري هو. ساڳي طرح سچل سائين شروعات ۾ وڏن جو پيروڪار هو. شرع جو پابند ۽ روزو نماز باقاعدگيءَ سان ادا ڪندو هو. جيئن چوي ٿو:

پنج ئي وقت نماز پڙهہ، تون سر نوائي ڪج سلام.

پر وجداني ڪيفيت طاري هجڻ جي حالت ۾ اها پابندي قائم نہ رهندي هيس ۽ الاهي عشق جي لهرن ۾ ايترو تہ غرق ۽ مست ٿي ويندو هو جو ڪلام گوئي وقت بي خوديءَ جي عالم ۾ هن کي خدا نظر ايندو هو ۽ نہ مخلوق، نہ احد نہ عبد، پر سموري ڪائنات وحدت جو عڪس نظر ايندي هيس. ديوان آشڪار ۾ چوي ٿو تہ:

"مان زهد، علم ۽ تقويٰ ڏيئي ڪري عشق ورتو آهي ۽ جڏهن مان حقيقي حسن ڏٺو، تڏهن دل جي تختي تان حرفن کي مٽائي ڇڏيو. مان پنهنجي محبوب حقيقي جو جلوو هرهنڌ ڏسان ٿو. اهوئي سبب آهي جو مان دنيا وارن اڳيان ملحد سڏجان ٿو. پر مان ثابت قدم آهيان ۽ انهي حق واري راهہ تان هٽي نہ ٿو سگهان ۽ انهي سبب ڪري مان مطمئن ۽ خوش آهيان."

پاڻ نشي کان پريءَ بيزار هو. ديوان آشڪار ۾ شراب بابت واضح چوي ٿو تہ:

ساقيـا اين شـراب انگوري مـانمي خواهـم ڪزوست صد دوري
لا زوال است آن مـئي وحـدت، آن بنوشـان رهـم ز مـهـجوري

(اي ساقي، مونکي اهو انگوري شراب نہ گهرجي، جنهن مان دوري ٿئي ٿي. مونکي و... جو شراب بخش، جيئن جدائي کان آزاد ٿيان.)

هوندا هئا، جي چون ٿا تہ لکندي ٿڪجي پوندا هئا ۽ انهي جوش ۽ مستي ۽ وجد جي حالت ۾ اناالحق جو سُر آلاپيندا هئا. جيئن ديوان آشڪار ۾ ڏيکاريل آهي:

هر ڪـــجايم، جابجايم، من خدايم، من خدا،
تاچہ شد پوشيده ام از درد اين خاڪي قبا.

(هر جاءِ، هرهنڌ تہ مان ئي موجود آهيان. مان خود خدا آهيان. پوءِ ڇا ٿي پيو جي درد کان هي خاڪي جامو پاتو اٿم.)

عام طرح مشهور آهي تہ پاڻ پنهنجي ڪلام جو گهڻو ذخيرو لوڙهائي يا ساڙائي ڇڏيو هئائين. هن وقت جيڪو ڪلام دستياب ٿي سگهيو آهي سو فقط اهو آهي، جو ڪن لکائي ڇڏيو هو؛ يا ڪن کي ياد هو ۽ ان جو ڪاٿو نو لک ڇٽيهہ هزار ڇهہ سو ڇٽيهہ هو. شمار ۾ ڪنهن جو هڏڻ يا ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.

حقيقي عشق جي آخري منزل سرمستي آهي ۽ سرمست سائين پنهنجي سرمستي واري ڪيفيت هيئن بيان ڪري ٿو: "هن سرمستي جي حالت مونکي امڪان جي اعليٰ ترين درجي تي پهچايو آهي. سوين بادشاہ منهنجي در تي غلام آهن. اي دل، تون ڇا ٿي سمجهين تہ مان گدا آهيان؟ مان انهيءَ گدائيءَ ۾ ٻنهي جهانن جي بادشاهي ٿو ڪريان. اي زاهد، توکي هن مسڪيني حال جي ڪهڙي خبر؟ انهي مسڪيني حال ۾ منهنجي سر تي شهنشاهي تاج ڌريو ويو آهي. مان وحدت جو شراب پي مست ٿيو آهيان. مان جهان جو بادشاهہ آهيان. گرچہ مان خلق جي نظر ۾ خراب آهيان."

هي صداقت ۽ سچ جو پيڪر عرفان الاهي جي موج ماڻي، پنهنجي رائي نوي ورهيہ نروار رهي، فيض ۽ هدايت جاري ڪري؛ تاريخ ۱۴ ماہ رمضان ۱۲۴۲ هہ مطابق ۱۸۱۷ع جي ابدي وصال ماڻيو. پاڻ کان جڏهن سندن عمر بابت پڇا ڪندو هو تہ فرمائيندو هو تہ اسان جي عمر ۱۰۵ ورهيہ آهي پر ۱۵ سال اڳ سرڪار جي سلامي تي ويندا سون ۽ ٿيو بہ ائين.

ڏسو عشق جو انصاف، سڀيئي مذهب ڪيائين معاف.

ان ڪري اِنهيءَ ۾ ٻيد ڇا جو، وير وروڌ يا جهيڙو جهڳڙو ڪنهن سان:

تو برائي وصل ڪردن آمدي، ني برائي فصل ڪردن آمدي.

(تون ميلاپ لاءِ آيو آهين ۽ نہ جدائي لاءِ.)

سرمست سائين بلند پايہ ۽ اعليٰ مرتبت شاعر، رند بي باڪ ۽ عاشق صادق آهي. سندس شعر رواجي نہ آهي، بلڪ هڪ الهامي حيثيت رکي ٿو. جو انسان کي هن عالم رنگ ۽ بُو کان آزادي بخشي خالق ڏانهن رجوع ڪري ٿو. سندس ڪلام جو هر لفظ قرآن ۽ حديث جو درس ڏئي ٿو. جيئن چوي ٿو:

اين سخن ڪئي شعر باشد، اي پسر،
اين همہ ذڪر است آيات و خبر.

(اي پٽ، هي مجازي شعر نہ آهي پر توحيد، قرآني آيات ۽ حديث تي ٻڌل آهي.)

وڏيڪ چوي ٿو تہ هي منهنجا ڪلمات شاعر جا نہ بلڪ عشق جا سخن آهن ۽ جيڪي جاهل آهن، اهي منهنجي شعر کي ڇا سمجهندا:

اين سخن عشق است، ني از شاعر يست،
ڪئي فسان دانند اين اشعارها.

سرمست سائين جو ڪلام سڪ، سوز، درد، گداز، جوش، جولان، موج، مستي، عبرت، حقيقت ۽ معرفت سان ڀرپور ڀنڊار آهي، جو بيخودي، موج مستي، وجد ۽ حال جي حالت ۾ چيل آهي، جنهن حالت ۾ سندن ڏگهار وار مبارڪ اُڀا ٿي ويندا هئا ۽ نيڻن مان ساوڻ جي برسات مثل نار جاري ٿي ويندا هئا، جنهن جا ڳلن تي گهارا ٿي ويندا هئا. سندس ڪلام جي رواني تيز هوندي هئي، گويا درياهہ اٿلي پوندا هئا. ڪلام جي لکڻ لاءِ مير جا ڪاتب موجود

وحدت نامون

اَوَلِ ساراهہ ڪَرِ سُبحانَ جَي، مَولَيٰ جو مُلڪَنِ مِڙيائِي مَحفُوظ ڪِيا، ڏسو ڏيهہ ڏَٽِينِ ڪي ڪامِلَ ڪُرسِيءَ تي چَڙهِي وُهہ وَهہ واعِظُ ڪَنِ ڪي ڪاتِبَ ڪِتابَنِ جا، سَوين سَبَق ڏِينِ ڪي پَڙهِيا پاڻ پُرجهہ سان، پڙهِيو پڙهائِنِ ڪي مَسئلا ڪِيوُن، تا مِيا نِبيرَن ڪي وِردَنِ وَظِيفَنِ ۾، شاغِلُ روز رهَنِ ڏِسيو وائِسيو ورَقَ ڪي، وَرِيو ورائِنِ سَڪَ سَچِيءَ ڪان ڪونہ ڪو، سَبَقُ سُور سِڪَنِ اَکَرُ لِکَنِ نہ دِلِ تي، ڪاغَذَ ڪارا ڪَنِ مُدعا ٿِئي جنهن ڳالهہ ۾. تِنهَن وِيجهو ڪين وڃنِ جو فَرمُودو فائِقَ جو، تا ڏِي ڪَنُ نہ ڪَنِ ”وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلا تُبصِرُون“، هَن وِيسهَہ نہ وِسهَنِ پِيَن پِيَن مَعنائن ۾، ڪاهَتَ ڪِيون ڪَهَن اهو فِڪُرُ فائدو، تورَٽون ڪري نہ تَن فڪر ڪَن نہ فنا جو، بقا ڪي نہ پُڇن هي اتي حيران ٿيا، اوڳا منجهہ اکرن مَعنيٰ تن جي طرح سَنا، هڪڙي هي چون پڙهيون سمجهون علم تي، عمل نہ آڻن مَن تَعلم العِلمُ لِلمُناظرہ والمڪابرہ“، اهي مُنافق مَرن هيٺئون مَٽيءَ جي پَسي، تا پاٽِي لِڪائن آهي آفتاب ابر ۾، پر لائق ڪين لَهن منجهايو ماٽهن ڪي، ماضن مذهبن محڪم ماٽهن ڪي ڪيو، تن جي زنجيرن هُون حديثن ڪين ڪي، نہ ۾ آيتن مَجن تن ڪي ڪين ڪي، ٿيو مُلا تا مَجن

اس حال اپني کي خبر کس کو سنائون، اي سجن،
جنجال هي يہ زندگي مرني مين ميرا کام هي.

هن سرتاج الشعرا ۽ بزرگ هستيءَ جو عرس مبارڪ هر سال ماهہ رمضان جي تاريخ ۱۲، ۱۳ ۽ ۱۴ تي سندس ابدي آرامگاهہ ڳوٺ درازا شريف ۾ نهايت احترام ۽ عقيدت سان ملهايو وڃي ٿو ۽ اڄ بہ ايندڙن لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي ۽ لکين عقيدتمندن ۽ زائرين جو هجوم اسانکي ياد ٿو ڏياري تہ الله جون نيڪ ۽ برگزيدهہ هستيون، جي سچ ۽ سچائي لاءِ جيئڻ ۽ مرن ٿيون، انهن جي عظيم ڪارنامن جي بهار چمن جي راز هستي ۾ هميشہ قائم ۽ دائم رهي ٿي.

علي گوهر درازي

سُڌ ڪا سيئي سوز جا، پنيءَ رات پرن
آديسي ارمان ۾، گهوماتيا گهمن
ڪين روئڻ ڪان ان جيون، اِڪين اوڪارن
هر آن سري ڪہ با محبوب دارند خبر نہ بود
"ڪراما ڪاتبين را"، سرُ اهو سانين
هيهات! هيهات! اها عادت اداسن
پنهنجيءَ پر ۾ پاڻ کي تا پريتئون پچائن
نهائينءَ کان نينهڙو، سکيو ساميئڙن
مچُ مَچايو من ۾، ياقَ نہ ياهر وِجهن
عاشقَ متئون آگ جي، اولارا ڏين
طالب جيئي حق جا، طلب نہ بي چڏن
عينا سنديـن اوجاريون، اِچن اوجاڳن
انئي پَهرَ عجيب کي، ڪنڌ اونڌي اورن
ڪا ساعتَ هڏ نہ سَنرا، انهيءَ ري آهن
طاهر سيئي زبان سان، ٻيو تا ڪين ڪهن
مامَن سان ماڻهن کي، سالڪَ سمجهائن
"صُمٌ بُڪمٌ" سڪون ۾، اڳيون پٺي عامن
"عُينها باڪيہ و قُلوبها ذاڪرٌ"، اهو ذڪر چون
"عينها نَيامَ وَ لا نَيامَ قُلوبها"، دل طرف دوستن
آئي آڌو عام جي، اِڳهين ڪانہ ڪهن
"ان اؤليـاءَ تحت قبائي"، لائق لعل لڪن
"الصبر مفتاح الفرح"، صبر صابرن
بعضي موحد وحدتي، اهڙا ٻي آهن
مست ڪيئن منصور جان، سوريءَ سر ستن
محبت ۾ مخمور تيا، ڪامل ڪوڏ ڪُسن
ڪُرڪن ڪِنجهن ڪين ڪي، جڻ پار وهانءَ وڃن
رت منجهارئون پنهنجي، وضو وير ڪرن
اي نماز عشق جي، تنهن پوءِ پڙهن
جي محبت وڏا مامري، سي ڪيئن مُڙس مُڙن
سوريءَ اتي صابري، ڪيون ڇيڇ چڙهن

سي سوگهما سيئي كيا، نامُرادن نيرن اکيا اكين اوڏڙا، توڙئون ڏسَ تن برهہ جي بئبانَ كانُ: پاسي اوءِ پَون سي پسڻ كان پري ٿيا، کَين پساءِ پَسن محبت جي مهراڻ مئون، جي مُلا چاش چکن تہ: "كنزَ قَدوري" كافيا، لهرن ۾ لوڙهنِ کنِ سلام "صرف" کي، هوند "نحو" نہ نهارن پرک لاءِ تنهن ڳالهہ جي، باسَ نہ ٿا باسِن اهي رهيا اتهين، مٿي كين چڙهن كيئي آهن قال ۾، باتيون بس نہ كن كي وڃي رسيا حال كي، كي بيٺا ٻاڏائن كي لنگهي هليا حال كئون، نكي قال كَهن كي دنيا جي طلب ۾، هنيا حِرص هَڇن "طالب الدنيا مُخنثٌ"، مُحبت ناهہ تن كي كوڏيا عقبيٰ جا ٿيا، هنيا لاَءِ حورن "طَالبُ العقبيٰ مؤنثٌ"، مڙسَ نہ سي چئجن عاشق جي الله جا، سي سائين سيبائن "لا موجود اِلا الله"، حاضر كيو وتن "طالبُ المولِيٰ مُذكرٌ"، هن رسيا رمزن ٻئي جهان ڦٽا كيو، ٽا ٽئين جهانَ وڃن اصلئون اختيار كيو، فقر فقيرن "الفقر خزينه مِن خَزائن الله"، بعضن كي بخشن "الفقر لا يحتاجُ الا الله"، ٻيو ڏنائون ٻَن "الفقر فخري والفقر مِني"، اي اي اتو عجيبن وتن ويڳاڻا ورهہ ۾، نيٽين ننڊ نہ كن راتيان ڏينهان روح ۾، چَپُ نہ كو چورن "من عَرفَ ربه كَلِ لسانه"، ٻَڌي زبان انهن نيستي تن كي ناهہ كيو، مُورئون "مان" نہ چون "قُل كل من عِندالله"، اهو كيائون كن "والقدر خير و شر مِن الله"، سبِ اوْڏهون جاڻن مولِيٰ جي محبت ۾، كَيا ٿيا وتن

"تون ـ مان" وچي وچ مان، تہ ڪي ماڻ پسن
شڪ يقين اٿي ويو، برابر چون
هادي مُريد هڪ ٿيو، تفاوتُ نہ ڪن
پاڻ مڙيوئي پاڻ ٿيو، نِوڙي نِوڙت ڪن
پاڻ اُٿي پاڻ ويهي، پاڻ رَموز رَکن
دائِرن پرجهي مڙيوئي پاڻ، غير نہ پَسائن
ڪافر مومن هڪ ٿيو، پلا ٿا پائن
سوئي فَلڪ سوئي مَلڪ، سوئي آدمن
آهہ لقاءَ لطيف جو، عَبدون عاشقن
سوئي احمد سوئي علي، سوئي هڪ سمجهن
نيانءَ ڪن اکين جا، وچون ٿي وڃن
بازيون بازيگرُ ڏسي، اِنهيءَ پَتِ پُلن
ٿان اکيون ڪن زبان سي، ٻوليون ٿيون ٻولن
اسين آهيون آدمي، بيحد مٿون بَشرن
يا تہ مڙيوئي پاڻ ٿينو، سَميعُ بَصيرُ ڏسن
"عينِ عَليمُ ڪَليمُ ٿيو"، قادِر قدرتن
هي مڙيوئي وصفان، اندر آدمن
هتِ آدمِ مٿون الله ٿيو، پيا سي شڪ پيچن
اصلِ الله مٿون آدمي، ثابت صورتن
مورت صورت هڪ ٿئي، ڏسج دل نيڻن
سوئي ڏسڻ وارو، سو منظورُ ميچن
خالي ڪانہ جاءِ ٿي، بنا محبوبن
سيڪنهن هنڌِ سپرين، پيا جي جاءِ خسن
ڪاٿهين پٽرٽيون پٽ جون، ڪاٿهين ڏلقا ڪن
ڪاٿهين جاما زر جا، ڪاٿهين پشم پهرن
ڪاٿهين سناسن ۾، ڪاٿهين منجهہ مُلن
ڪاٿهين رهن تقوي ۾، ڪاٿهين منجهہ ناچن
ڪاٿهين تماشن ۾، ڪاٿهين ساجن ۾ سيرنِ
خَلق الاشياءُ فَهوَ عينها، منجهہ عربيءَ ائين چون
پاڻ چوندڙ پاڻ ٻڌندڙ، پاڻئي ۾ ٻولن
سمونڊ سرگِردانَ ٿيو، پيو ۾ عَجبَن

تختئون تريءَ تي رکي، صادق سِرَ ڏين
ڪن سر صدقي دوست تئون، پيا پَهه ڪين پُڇن
نينهن نهوڙيا نڪٽا، جنهن پر ڪاپڙين
هٿي درد دهيون ڪيا، سندي سُپرين
ڪڏهن اچا ڪپڙا، ڀار نه ڪنهن ڏکن
منهن ميرا متي ٽيرڙا، اهڙيون طرحان تن
ڪائي تن جي ڪاني ڪا جُڙي لٿي لِڱن
متي پيرين برهنه، ايڏا سُورَ سهن
پَرٽيو پروانن جيان، ڪاهيون تت پون
پنيرڙ باهه عشق جي، سپورن سڙن
آوڙي عامُ نه انکي، جي سبڌائي سڄڻ
اچو پون آڙاهه ۾، سر جو سانگ نه ڪن
ڊڄو ڪنهن جَس جهنوپڙا، آڏا ڪين اڏن
اوڏنهن وِٽ مستان پوي، گهنگهرٽي گهارن
ري پِريان تن ڪين پيون، ڳالهيون ڪَسَ لڳن
ڏاڍا ڦٽ فراق جا، تن جي چِتِ چاڪن
ورهه وڌي وائوڙ ڪيا، رويو رت روئن
"موتوا قبل انت موتوا"، انهن مَنُ مارن
اهي مرڻ کان اڳي مئا، "مان" کي ڪين مڃن
دشمن دوست هِڪ ڪيون، گودڙيا گڏجن
ان جي اکين آگم سُتيا، ٻونڌون بس نه ڪن
سِرِ ڏيو سُنوپرا، وڻي ورهه ونن
"ترڪ الدنيا سنة طلب مولي فرض"، اهو دل ڌرن
سوين ڇڏيو سُڪرا، گوندر گذارن
جوڳي جانبَ ڪاڻ ٿيا، مثل مستانن
ابتر ڪيائون پاڻ کي، پسن لاءِ پرين
هاءِ وجائي حالڙو، ويتر ويچارن
هو "مُشتاق الي لقاء الله"، ائين محفوظ رهن
ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبوبن
محبت جي مڪان ڪئون، ڇڏي لاهوتي لنگهن
واديءَ ۾ وحدت جي، دانهن پير ڌرن

كافيون

آءُ اصل پاڻي آهيان، سموند ڪيئن سڏن
نانءَ متم ناحق جا، رکيا الائي ڪن؟
جي رسيا وجي وصال کي، سي چؤرنگ پار پسن
اول ڪفر پوءِ مَجڻُ، پوءِ تان منجهه ڪُفرن
پر ڪفر مسلماني هڪ ٿي، مڙيوئي مڃن
نفي مئون اثبات ٿي، پيا سڀ "لا" ٿين
مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن
عَارفُ عبدالحق آهي، صوفي صاف سڀين
هئي شال چراغ سو، روز شبان روشن
عَارفُ جي اولاد کي، دعا سڀ ڪرن
حيرت ۾ هميشه سي، غازي سڀ هئن
عشق منجهه الوٽ هئن، سيئي صاحبن
گهرين تڙين تانورا، متي شهر ڪن
ڏيئو روشن تن جو، تائين قيامتن
أجرا ٿي آفتاب کان، هادي شال هئن
اظهر هئن دارين ۾، ساڻ برڪت پنج تن
هُئنِ خليفا غوثَ جا، روشن ڪانءُ هئن
قائم مسند تن جي، حرمت خير سندن
نبي علي عمر عثمان پٽ ۾، تنهين جيئي ٿين
سچل سگ انهن جو، سندن دروازن
ڪلمو چئي نبي تي، تان چئو ڪانءُ چيهن

لا الہ الا الله محمد الرسول الله
لا الہ الا الله محمد الرسول الله

فهرست

(الف ب وار)

الف

ن هيغلے

پ

ت

اڄ سڄڻ پاڻ ايندءِ، جنهن لئي نهاريئي ٿي واٽان 104
اوري ڪانگل آءُ، ڪين جي خبر ڏي ڪاءِ 105
آئين هلي هِنَ جاءِ وي، هڪ ساعت ڪارڻ تون سانگيڙا 105
اي پرين تون پاڙ پنهنجا، قول جي تو ڪالهه ڪيا 105
آءُ تہ "مان" "تون" وڃي يار، ٻي ڳالهه ڪر مَ ڪائي 105
آهيان آءُ تا اُها ئي، هيٺ مون لوئي 106
اڄ اسان وٽ آءُ ميان، تون مجهين والا ميهار ميان 106
آءُ تا اڃي پيڙس اُتي، جتي جاءِ ادب جي ناهہ وو 106
اکيون اڙايم ڏاڍي جاءِ، ڙي جيڏيون ڪيئن ڪريان 106
آءُ وڃي ڪنهن کي چوان، هي يار جو احوال جي 107
آءُ ڪيئن اَتڻ وڃان ڙي جيڏيون، چرخو چيو منهنجو نا ڪري 107
اڙي پلوِ يار ڪيفي تنهنجي، ماريو مون کي اکين 107
آءُ اڃي رهہ رات، پلو منهنجا يار ڙي 107
آءُ ويڙهي تون تا وس ڙي، پلو پنهل يار ميان 108
اديون ڙي اُهي اڃن، جن ڳاريو مونکي الله الله 108
اڙي جيڏيون مون کي چو ٿيون، پرين ڏنهن جهليو 108
آءِ صُبح اسان جو، پرين پلا تنهنجي پار ڏي 108

ب

بحر برهہ جي موج ڪڙي ٿي، ناگهہ تنهن سر آيا سي 109
برهہ بيراڳي ڪيو ڙي جيڏيون، مونکي درد ديوانو ڪيو 109
برهہ جي بازار، جيڪا ڏسڻ ايندي 109
بيرنگيءَ سڄڻ رنگ لايو، ڏسو ڪيهو ڙي ميان 110

ٻ

ٻاروچا پئيوَ ٻاجهہ، ڇپر مٿيءَ کي هيئن نہ ڇڏيجو 110

ٿ

پ

ج

ڏ

ذ

ز

س

ش

ص

ط

ع

غ

ڪ

ڪ

گ

ڳ

گهہ

ل

و

ن

وڃي شال ڏسان، پنهون تنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو 247

وڃي ڏيهه پرين، ڙي ساٿيو منهنجو ڏيجو سنيهو 247

وري آءُ وطن منهنجا ساريو نيڻ سڪن، موٽ سلامت سپرين 247

وسئون تا نه وسار، پلو يار ري، آءُ اوهانجڙي آهيان پلو ميان 248

وَسِ ڪا آهي ويچاري هيڻ هن جو هٿ ريءَ ناهي 248

وعدا اهي اڄ ياد پيا، مون سان قربين جي ڪيا 248

وعدو ڪيئن وساريو، پلا سائين ڪيهي ڳالهيون ڳالهيون 248

وٺي ڀاروچي ڀولي، سدا تا ساهه منهنجي کي 249

وٺيوسين وهه واهه، پڙهندي پروانو پرينءَ جو 249

ولها وري آءُ، مون ڪئون موٽ نه ميندرا 249

وندر آءُ ويندياس، وٺي سوز سڄڻ جو وٺي پُور پرين جو 249

ووڙيان ڇو وٽڪار، جيڏيون آهي جيءَ ۾ 250

ويڄها شال رهن ڍور لايا جن ڏينهڙا 250

ويندي تا وٽڪار، جيڏيون هيءَ لڳ هوت بلوچ جي 250

ويهي هٿ ڪيئن وسارين، پرين توکي پاڻ پڇن ٿا 250

وِيڙا جي وٽڪار، اڄان وري ايندا سي 251

وينا منهنجيون ڳالهيون ڪَنِ، هَتِ ماروئڙا ملير ۾ 251

ويهي آءُ ڪوهه ڪندي، جيڏيون ڙي پنهور ۾ 251

وَهيان وساريان ڪيئن، جيڏيون جي لَنوَ لائي ويا 251

ه

هاٿي مونکي پرين پوءِ، جيڏيون جيڻ جنجال ٿيو 252

هار چنيسر چام، ليلان ڪسايو دستئون پنهنجي 252

هادي ويڙهي آيو، هاٿي سائين هيڻ سمجهايو، والي ويڙهي آيو 253

هوت اوهان تي آهي، سارو ننگ نماڻيءَ جو 260

هو اسان وٽ يار تون، آهي هت اسانجو حال هي 260

هٿان ٻاروچي نال وو نال، پلڪ نہ پري پرين ڪئون 261

هو سڄڻ مون ساڻ، جنهن جي ڪارڻ مون تي ٻوٽيون ٻٽايون 261

هو کهڙي واٽ ويام، آءُ ڳوٺ رهبس سڀ ڳولهي 261

هوت ڏهون هاٺي آيُون، مون ڏي خوش خبَران هي 261

هوندي سڀ ٻَرِ سائين ساڻ، هيءَ ٻورهيو بندي وجي ڪيچ ڪندي 262

هوت وٺين ڪيئن ماري، پلو هن نماڻيءَ چو 262

هوت پارٺون مونکي هاٺي، ڏنا نينهن نياپا هي 262

هوت ڪڏهن نہ هلايوَ، پانڌي پنهنجي پار ڏنهن اسان ڏي 262

هوت اسانجڙو حال، تون تہ پاڻهين ٿو ڄاڻين 263

هوت ڏنئي هيڏي ايندا، ڪيئن ساڻي مونکي سچ چئو 263

هو جي مارونڙا، پيهر مانَ ملن 263

هوت غريب نماڻي، اِتي ڪيئن وساريئي ميان 264

هيءَ تا خبر ڪنهن سان ڪريان، هئي هئي ني ههڙي حال جي 264

هي تون مٺان ٿئين ميان 264

هي ڇڏيج هو وئيج، مٺان ڪا ٻي ڳالهہ ٻچيج 265

هيءَ طلسم گهڙي جا، جارئون جوڙيائون 265

هي غريب نماڻي ڪيئن بيراڳڻ ڪيئي 265

هئي نہ مون ڪل ڪائي، سر انهيءَ جي ڙي جيڏيون 266

هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي سو تا يار وسي ٿو 266

هئي هئي هن حال دي، سگر ٿيس نہ سامڻن جي 266

هيئن نہ مونکي ماريو، اوڙڪ اوهانجزي آهيان 266

ڪافيون

الف

(سر بلاولي-جهنگلو)

ٿلهه: اٿوَ عَبديت عذاب، آهيَو هزاران حجابُ
١. هڪ هئڻ حساب ۾، ٻئي هنڌ هئڻ نواب
٢. ٻئي ڳالهيون هٿ تهانجي، ڏي جانب مون جواب
٣. ربوبيت جي راز ۾، آهي ڪونہ حساب
۴. جاتي نقطو نينهن جو، تاتي عقل نہ القاب
۵. سچل زير زبر ۾، رکيبن نہ اعراب

(سربلاولي)

ٿلهه : اٿئي انهيءَ ۾ حالت، نہ تصديع نہ راحت
١. نہ ڪو هِيءُ نہ ڪو هُو، نڪا صفت نہ صنعت
٢. نہ ڪو ذڪر نہ ڪو فڪر، نڪو ڪشف ڪرامت
٣. نہ ڪو دم نہ ڪو غم، نڪو درد نہ محنت
۴. نہ ڪو ڏسڻ نہ ڪو پسڻ، نڪو عيش نہ عشرت
۵. نہ ڪو جيءُ نہ ڪو روح، نڪا جان جميعت
٦. نہ ڪو سک نہ ڪو دک، نڪو هوش نہ حسرت
٦. سچل سچ آهي نہ ڪچ، آهي رڳو ٿي راحت

(سرپيروي)

ٿلهه : اڄ اڳڻ اڃهي آيم، پ ديسي گڏيم ميان
١. پيهي پکي آئيا، لنو جنين سان لايم
٢. ڪوڙين قاصد ڪيترا، هوتن پار هلايم
٣. پڇيم جن لئي پنڌڙا، سي والئيءَ پوءِ ورايم
۴. انهن ڪارڻ سرتيون، سر تي سور سهايم
۵. سيئي سچل آئيا، جن لئي ڪانگ اڏايم

(سربروو)

تلهه: اديون اُهي اڄ آيا، جن ڪاريو مونکي الله الله
١. سٽيئي گڏيا سپرين، ڏينهن گهٽا جن لايا
٢. ويٺا ويڙهي وچ ۾، جن لئي پنڌ پڇايا
٣. ڏينهان راتيان ڏک جا، متي مون مينهن وسايا
۴. جن جي ڪارڻ جيڏيون، ڪوڙين مون ڪانگ اڏايا
۵. هيڏي هوڏي نہ ڏسين، سچو وچ سمايا

(سرسسئي)

تلهہ : اديون اُهي اڄ آيا، ڏيهہ جنين لئي ٿي ڏوريان
١. ڏيو مبارڪ سرتيون مونکي، مولا سي محب ملايا
چرخو ڪيهو آءُ چوريان
٢. در پيهي سي آيا سائين، جن لئي مون ورهہ وسايا
پاڻ متائن گهوريان
٣. پرڏيهہ ويا ها مون پرين، واليءَ سي پوءِ وَرايا
تَڪ ڪيها پيا توريان
۴. سچو اتي وو دوست گڏيوسين، ڏينهن گهٽا جنهن لايا
وندر ڪنهن لئي ووريان

(سرسسئي)

تلهہ: اديون ڙي اڄ آهہ، اسان محبن جو ميلو
١. دلبر سڪندي سال ٿيا، سپريان جي ساءِ
٢. فنا ڪيائون فراق کي، پُڌوَ جاءِ بجاءِ
٣. ڏک لنگهيا سک آيا، لڳڙي تدڙي واءِ
۴. جنهن ساعت گڏيا سپرين، سا سچو ساعت سُهاءِ

(سربروو)

تلهہ: اسان ٿيو اڄ اسان ٿيو، نہ تا ڄاڻون ڇا اسان ٿيو وي
١. هيڏي هوڏي هينئون نہ باسي، سڄڻ اسان هٿ سهي ڪيو
٢. عقل علم تا شرم حيا مانَ، وڏي ويلي اهو اُٿي ويو
٣. دين ڪفر اسلام مذاهب، ناز نيڻن جي پري نيو
۴. پارئون پرينءَ جي پور اهوئي، مونکي اوچتو پيو
۵. سچو عشق سائينءَ جو آهي، جيئن انداري ٻري ڏيو

(سرسسئي)

ٿلهه: اج اهو ساڳي مون سڄاتو، آهي ٻڙيون ٻاروچو
١. اصل لاکون آهي انهن سان، هِن نماڻيءَ جو ناتو
٢. اڄي ڏنم اوچتو ميان، پيچ جنهن مون سڀان پاتو
٣. قريس قيريدار جان، چاڻ نه مون چاتو
٤. لتو لحظي هڪ ۾، اديون زي اوراتو
٥. صدقو سچل تنهن اتون، عشق جنهن تو سان لاتو

(سربروو)

ٿلهه: اج اوڏانهين سي آيون، مون ڏي خبرآن خير جون
١. ٻيو تا توسان دوست ري، ڪونه برابر پايون
٢. لڪئي مون معلوم ٿيو سائين، پير ايڏاهين ٽا پايون
٣. سيڪو توکي ڏيهه سنديوَ ميان، لک ٿورا ٽا لايون
٤. سورن واريون سيئي ساعتان، تو تا لک لنگهاڀون
٥. توکي ٿينديون هاٿي حاصل، سچو وي سرهايون

ٿلهه: اج جو جوڳي آيو، ناٺ تنهن جو نه ٿي چاڻان
١. صورت سهٽي آهه اداسي، لڱين تنهن بَسمو لايو،
٢. ذري جوڳي ذري سناسي، تنهن سامي ناٺ سڏايو
٣. ذات انهيءَ جي وو نتي چاڻان، چندين پاڻ چپايو
٤. ڪڏهن نه ڏنم ڏيهه انهيءَ ۾، مولٰي سو آڻ ملايو
٥. ڏسڻ ساڻ تنهن جوڳيءَ جي، مون ڏاڍو پُور پرايو
٦. سيرين بازارين گهڻ گهڻ گهنگهرو، ڇم ڇم تنهن ڇمڪايو
٧. سوئي ساڳو رانجهن هُيڙو، سچل سرِ سٽايو

(سربروو)

ٿلهه : اج هوتن ريءَ هت هاڻ، ٻيا ڪير لهن مون ساران
١. قاصد ڪيچ وٺن ڏنهن، آغا سِگهڙو آڻ
ٿي روز وجهايان ڦاران
٢. وجهان وحفاٽا ڪيترا، قريبن جي ڪاڻ
يار ملن شل ياران
٣. آيون انهيءَ پار ڏنهن، اديون ڪرَ اُڪاڻ
ڪونجڙين جيُون پي قطاران
٤. سَنجهي صبح سرتيون، ٻاروچي جي ٻاڻ
آهن سچل کي سنياران

(سربروو)

تلهه: اصل اسانجڙو آهي، ننگ ٻاروچل توتي
چڏڻ مناسب ناهي، ننگ ٻاروچل توتي
١. ذرڙو جنهن کي ذوق تنهنجي جو، چپر تنهن کي چاهي
٢. جاڏي گهمائين تاڏي گهمون تا، ڏور وڏي تو ڏاهي
٣. جيهو تيهو سائين اوهان جو، چڏڻ لائق ناهي
٤. ٿرين برين يار ٿڪيءَ کي، رسُ کوهيارل ڪاهي
٥. ساه سچوءَ جو در تنهنجي ڏانهن، هَڏُ نه آسرو لاهي

(سرڌناسري)

تلهه: اصل آهيان اسرار، ظاهر ڳالهه زبانون ناهي
١. پهريون پاڻ نه ڄاتم هيئُن ٿي، شوق ٻرير شُوڪار
٢. مرشد رمز ڳجهي پرجهائي، آندم هِت اعتبار
٣. دين ڪفر اسلام مذاهب، اول ڇڏڻ درڪار
٤. ٻوڙير سب اراد،ا آندم هڪ ارادي آرَ
٥. جائي ڳالهه سچاتم سائي، ساڳي آهيان سردار
٦. يُسمع يبصر ينطقُ هڪڙو، ناهي آڻڻ انڪار
٧. خلق الاشيا وَ هُوَ عَينهُا، ٿي خاصا خبردار
٨. سچو غير خدا جو ناهي، گوش ڪرڻ گفتار

(سرپيروي-بلاولي)

تلهه: اڳنا وجهه نگاه، ڳالهه نه ڪوتاهيءَ جيهي
١. جسم چڏي هل اتهين، ٿي رهبر مستي راه
٢. پاڻ ڪٽي ني پاڻ کي، آئج منجهه الله
٣. ناهي پڇاڻي پنڌ جي، آءَ لهج آگاه
٤. توڙي مطلب کي رسين، مطلب پائن نه شاه
٥. هيءَ وجود وسارئين، تڏهين دوست ٿئين داناه
٦. سچو سارو سچ ٿيئين، هوش هلين هر گاه

(سربلاولي)

تلهه: اول ڪاءَ غوطو ٿيءَ گم، پڇي مار شاهي دا دم
١. اچڻ انهيءَ پڙ ۾، ڪچن ڪونهي ڪم
٢. شادي غمي عام کي، غازن ناهي غم
٣. پئو تصور ان ۾، شاغل سان دم دم
٤. سچل چوي اتهين، تون قابو رک قدم

(سربروو)

ٿلهه: اسين آهيون ڇا اسين آهيون، پيلي نه ٿا ڄاڻون ڇا اسين آهيون
١. ذري باران برساتيون لايون، ذري پرن ٽيون وڏيون باهيون
٢. ذري پڙهون ٿا نمازان روزا، ذري لوچ مٿي تئون لاهيون
٣. ذري چئون ٿا آهيون اسين ئي، ذري چئون ٿا اصل ناهيون
٤. ذري آرام آهي هن دل کي، ذري وهايون نيٽئون واهيون
٥. ذري چئون ٿا اسان پاڻ سڃاتو، ذري چئون ٿا اسين ڇاهيون
٦. سچل اصلئون سوئي آهين، ناهه هتي پيو ڪيهو ناهيون

(سربلاولي)

ٿلهه: اسين پاڻ ڪئون وڃاسين، ڪنهن جاءِ پيءِ پياسين
١. پاڻ ڪئون پاڻ نڪري ڪري، ڪنهن راهه ۾ رليا سين
٢. سنها ٿلها سقرا، سڀ چوليءَ هڪ ڄناسين
٣. اهي هوڪا حقيقت جا، اسان ڏيهه منجهه ڏناسين
٤. جيڪي هو سو ٿيو، اسين ساڳي سي ٿياسين
٥. ويندي انهيءَ واٽ تي، اسين جهنگن ڪين جهلياسين
٦. توڙي پليو پاڙيچن، تا پي رتي ڪين رهياسين
٧. موٽي موٽڻ جي سعي، اسان وڏا وس ڪياسين
٨. حاضر آهيون سڀ حاج ۾، اسين گولن سان گڏياسين
٩. موج اُڙهي مهراڻ ۾، تنهن مئون پار لنگهياسين
١٠. سچل نانءُ سڏائي، اسين لوڪن منجهه لڪياسين

(سربروو)

ٿلهه: اسين ساڳي خود آهيون، عام چوي ائين ناهي
١. ماڳ انهيءَ ۾ شاهه منصور جون، ڏينهون لک گواهيون
ڪيئن چڙهيو وچي ڦاهي
٢. شاهه شرف جي سر تي سمهيون، سَر وُڙهيون سَرواهيون
عشق اوقات پي آهي
٣. بتخاني ڪئون رهي بيزاري، ڪيئن ڪعبي ڏي ڪاهيون
دين ايمان پي ڇاهي
٤. ساعت هن ۾ سڀ ڄنيون سي، ڦڪل واريون ڦاهيون
چاڙهه انهيءَ تون ڪير لاهي
٥. زوران زوريءَ پون اوقاتان، ڏاڍيون برهه جون باهيون
سچو آهي ڪڏهن ناهي

(سربروو)

تلهه: آکو ڙي آءُ کير آهيان، ذات نہ ڄاڻان کير وي

١. سهي ڪري ڪينَ سگهان ٿو، پينرَ پنهنجو پير

٢. ڪاٿئون ٿي آءُ ڪاٿي آيس، پرٿئون پاتم پير

٣. ساڳوئي سو رانجهو آهيان، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير

٤. پاٿئون ڄاڻي پير گهمايم، سُرهو ڪيڙم سير

٥. جوڳي ٿي ڪر جوڳ پچايم، ڏاڍو ڪيم انڌير

٦. مڪي ۾ مسيت بنايم، جٽيو جيسلمير

٧. سچو نانءُ تہ آهي منهنجو، هَڏِ نہ آهيان غير

(سربروو)

تلهه: آهہ علاج نہ ڪوئي، هِن اکين ماري آهيان

١. ڪنهن کي سليان سرتيون، حال اهو روئي

٢. ڦڪيون ٻُڪيون لکين هزارين، ڪيون طبيبان توئي

٣. ناحق ٻَڌين پَٽيون، ڪَلَ نہ حاذق هوئي

٤. ويج وني وج واتَ اهائي، سانولَ ايندم سوئي

٥. دست سڄڻ جي دارون آهي، سچو يار سيوئي

(سر ڪلياڻ-سسئي)

تلهه: آهي بي نام نشان، سِرَ انهيءَ جو ناهي امڪان

١. طرحين طرحين پوشاڪان پهرئين، ڪُلَ يَومٌ هُوَ في شانَ

٢. ظاهر ذات صفات سهي ڪر، سِرِي سِرِهہ اِلانسان

٣. منصوري آهي راهہ اهوئي، جوش تنهين ۾ ء جولان

٤. غرض گداگر يار اچي ٿو، نا تہ سچو ساروئي سلطان

(سربروو)

تلهه: آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو
ويٺو وني آهيان، هت ڪامل قرار تنهنجو

١. هن کي اوهان جي ڀاڄهون، آهي نہ ماڙ ڪائي
هي تا غريب آهي، اميدوار تنهنجو

٢. "ٿي پاڻ ڪئون پري تون"، فرمائيو اوهان جو
آهي جميل اصل ڪئون، هي اعتبار تنهنجو

٣. هن تي ڪرم وڏو ڪينئو، جو درد دل ٻجايوَ
ساريان لطف سنيياريان، ني بي شمار تنهنجو

٤. چاهئونَ ٿيو اوهان جو، دامن لڳو جو آهي
سچو غلام ڄاڻي، جو داغدار تنهنجو

(سرجهنگلو)

ٽلهه: اوهين پنهنجو پاڻ آهيو، ننگ نباهڻ وارا

١. هيءَ نمائي عيبن هائي، هٿ مَٿئون مون نہ لاهيو نيڻ وهائڻ نارا

٢. عاشق سندوَ آهن اُداسي، چاهہ منجهئون سي چاهيو ورهہ کيا ويچارا

٣. ميلائيءَ جو مشتاقن سان، ناهہ کو سِگهڙو ناهيو مَرُ تا ڪرن نظارا

۴. اصل لاڪون آهن اوهان تي، پاڻ پرين پُرجهايو ڪر سچوءَ جا سارا

(سرسسئي)

ٽلهہ: اوهين سيئي چو نہ ڄاڻو، نانءُ مٽرِ آهي کهڙو

١. اسم اصل ڪئون وره وڏايو، صورت هيءَ سڃاڻو

٢. پاڻيءَ منجهون پارو ٿيو پيدا، واهُ عجب ڪوئي واٽو

٣. شاه جهان جو پانهو ٿي ڪر، وائي هِن وڪاڻو

۴. ڏسي تماشو اهو سو سارو، وتي تا پاڻ ويڳاڻو

۵. نانوَنِ وارو سُنو ري سرتيون، ٿيو هٽ ڪيئن نماڻو

٦. مستيءَ واري ساک نہ سلج، سچو تون ٿيءُ سياڻو

(سرسسئي)

ٽلهہ: آڏو ماڻَ اَچن وو، ڏسي هن جو حال پلو

١. هُو جي ڪيڙنر ڪاف پر، ڪُوڪان پَونِن ڪَنِ

٢. ڪيچڙين جا ڪاڪيون، تا رهبر واٽ رسن

٣. خبران ڏکن سنديون، اڳيون پاڻ پچن

۴. پاروچا پاجهہ پئي، چڱي آءٌ چون

۵. پنڌ ڪريندي پرينءَ ڏي، مَرُ پرزا پير ٿين

٦. سچو پنهنجي سات سان، نماڻي بہ نين

(سرپيروي)

ٿلهہ: آهيان آهيان تہ پي چئو ناهيان،
ناهيان ڪين آهيان آءٌ
۱. آهيان ناهيان جي خبر نہ پوندي،
موٽي چوان تا چاهيان
۲. باقي آهيان سڌو ري سرتيون،
فانيءَ ڏي ڪيئن ڪاهيان
۳. آهيان ۾ آهي خوف گهڻيرو،
سينو تہ نانهن جو ساهيان
۴. الله آهي اثبات اصل ڪئون،
"لا" کي ڪاڏي لاهيان
۵. سچو سچ اهوئي آهي، ناهہ نہ پيو ڪو ناهيان

(سربلاولي)

ٿلهہ: آهي ڪون جو ٿو ٿئين، آهي ڪون جو ٿو ٿئين
۱. وس نہ آهين پانهنجي ميان، وڃي پرديس پئين
۲. جاڏي ڪاڏي آهي اهوئي، چا مرين چا جئين
۳. جان جٿو اهو جاني آهي، اهو لائج ساڻ هينئين
۴. وحدت واريءَ واديءَ جي ميان، ڳالهہ اٿئي ائين
۵. نانءُ سڏائين ڪهڙو ميان، وچون پاڻ تون وٺين
۶. نشان ڪج تون نينهن مون، پي ڪيهي نشاني نئين
۷. سچو سچي ڳالهہ جو ميان، ڏسُ اهوئي ڏئين

(سرجهنگلو)

ٿلهہ: آءُ ادا سالڪ سهي ڪر، تون تہ طلسمات کي
پيچ دوئي تا ڪَل پوئي، دور ڪر درجات کي
۱. ڪيئن وساري ويهي رهين، هر هر نفي اثبات کي
اثبات ڪئون اڳنان لنگهي، ڪر تمُ تون طاعات کي
۲. ڪيئن وٺي ويهي رهين، هٺي هٺي تون حڪايات کي
ڳالهين منجهون تا ڪين ٿيو پيچ اوت عزالات کي
۳. غازي نہ پانئج غير تون، هن محض موجودات کي
سرِ گهور ڪر هن گهور ۾، ڏي منهن نہ پي مصلحات کي
۴. سرِ سڃاڻج پانهنجو، ڏي ڪنُ نہ ڪرامات کي
ذاتيءَ منجهون ظاهر ٿئين، تون سمجهہ هن صفات کي
۵. سچل روئين چو ايترو، بس ڪر هن برسات کي
تصديع تون چو ٿو ڏئين، محبوب جي محلات کي

(سرجوڳ)

ٹلھہ: آھي منھنجو سڱ، تا پنھل توئي ساڻ
١. آءُ اوري تون وچ نہ پري، ساھہ وٽي وچ ساڻ
٢. ھوت جي ني ھلڻ جو، ڪونہ پيم اھڃاڻ
٣. چلي بينس چپرين سڱ پنھل ٹنھنجي ساڻ
۴. لڳو آھي دل کي، ڀاروچل ٹنھنجو ڀاڻ
۵. سر سچوءَ جو يار اوھان ٹئون، کوڙين ٹئي قربان

(سربروو)

ٹلھہ آھي ويچاري ڪا وسِ، توکي معلوم مڙيوئي
١. ويٺي آھيان واٽ تي، ڳوليءَ ڪجو ڳسِ
٢ سنارو وندر ووڙيان، ڏاھا ٹنھنجي ڏسِ
٣. ماٹھو شھر ڀنڀور جا، روح نہ اچن رسِ
۴. سچو پوءِ پرين کئون، آھي ڀنڀوران بسِ

(سرجھنگلو)

ٹلھہ: آھي ھڙو حال ويچاريءَ جو،
سھٹا کر ڪو ڪرم ستاريءَ جو
١. لئي پنھل جي ڪانگ اڏايان، ڪوئيون پوٹيدار پٹايان
ورُ وري ورَ واري جو
٢. حال ڏسي پنھنجو ڀال ڀلائج، پرَ پڇاٹون ورھہ ورائج
ڪج ڊپ دارون ڊکواريءَ جو
٣. درد فراق جا دونھان دکن ٹا، مچ منگرَ ھن منَ مچن ٹا
کو ورُ وري ويچاريءَ جو
۴. سک سچل جي توکي ساري، ڪيچي ايندم نِرتٹون نھاري
ساھہ سکي سک واريءَ جو

(سر بروو-ڀيروي)

ٹلھہ: آھيان آءُ اسرار، جيڏيون مونکي ڪير ڀانيون ٹيون
١. ڪَنُ نہ ڏيان ڪيچ ڏي، ڀنڀورئون بيزار
٢. چڏي پاتشاھي پانھنجي، ڪيڙم ھت شڪار
٣. آيس ھن عالم ۾، باري چائي بار
۴. آٹيو صدق يقين سان، اديون ڙي اعتبار
۵. نوري ناري ناھيان، آھيان ربَ جبار
٦. ماريو آھي منصور جي، خونن ھنَ خمار
٧. مرشد پانھون نہ چيو، تون سچو آھين سردار

(سربروو)

ٿلهه: آءُ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان
١. سر پنهنجو سپرين، آءُ گهرئون آيس گهوري
٢. هيءَ ڪمنيٽي ڪين ڪي، ڏونگر سگهي ڏوري
٣. ڪا جا تند طلب جي، چِت وئين تون چوري
٤. نيو پاڃاڻي پاڻ سان، تِرَ نہ رهي تو ري
٥. سچو سگ اصل جو، ڪيئن ڇڏي تنهنجي ٿوري

(سرجهنگلو)

ٿلهه: آءُ ٻاروچل ٻيلي، مونجهہ تنهنجي ماري آهيان
١. ناهي واجب رسڻ توئي ڪي، تون گروُ آءُ چيلي
سگَ نہ ٿي ڪو ساهيان
٢. عشق اوهانجي ڪئون هوت ٻاروچا، ڪيئن ٿرن هيءَ ٿيلي
نا تہ ڇپر اڳيون ڇاهيان
٣. سگهہ نہ ساريان ٻنڌ ڪرڻ جي، تو بنا آهيان اڪيلي
ڪيچ وڃڻ ڪيئن ڪاهيان
٤. وڳڙي آهيان ورهہ تنهنجي ڪئون، توڙي ڪي ٻُورن ٻئيلي
سچو نہ آسرُ لاهيان

(سرٻهاڙي)

ٿلهہ: آءُ ٻانهي تون سائين، پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو
١. طرفئون تنهنجي ستگر سائين، ڪانگ اڇن من ڪائين
٢. نانءَ ڏٺيءَ جي مهر پوئي ڪا، ٿورا مون تي لائين
٣. روز ازل ڪئون تنهنجڙي آهيان، غير نہ مونکي پائين
٤. هڪڙي ساعت اگڻ سچوءَ جي، پيرُ مبارڪ پائين

(سرڪوهياري)

ٿلهہ: آءُ ٻانهن جي ٻانهي، آهيان عيبدار سڄڻ
١. عمر سڄيائي ڪوڙ ڪمايم، بخش مونکي اهو جاني
٢. روز ازل ڪئون ابد تائين، آهہ ڳچيءَ منهنجي ڳاني
٣. ڏوه ڏنگايون ڏس نہ منهنجيون، محب ڪرين مهرباني
٤. ڪيئن سچوءَ جي دِل سان دلبر، دوست ڪَيوَ ديواني

(سربروو)

ٿلهه: آءُ اصل ڪئون جو آهيان، گولو غلام تنهنجو
١. مون سان واعدو ڪيڙءِ ويهي، ڪالهه پڪي هن پيهي
ناهيان ڏور اوهان ڪئون ڏيهي، ڪَنِ لايان ڪلام تنهنجو
٢. تهين ڏينهن لاڪون تائين، منهنجو ساهه سڪي ٿو سائين
پيو اوچتو هنڊائين، دل کي هادي دام تنهنجو
٣. چڙ سي لاڳاپا لاهي، اهو وچڻ ته واجب ناهي
اهو فرض اسان تي آهي، سجدو سلام تنهنجو
٤. ڏاڍا خوني نيڻ خماريئي، سي ڏاڙي ڪارڻ ڏاريئي
مُلڪ نيڻن سان ماريئي، هر جاءِ جڪام تنهنجو
٥. آئي سائينءَ ڏهون وراڻي، ٻيا خيال ويا اُڪاڻي
"تون ته سرور نبي سڃاڻي، سچو آهي امام تنهنجو

(سربروو)

ٿلهه: آءُ اڳڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٿي
١. وندر جي وٽن ۾، هوت ملج هڪ واري
توکي گهٽو نهاريان ٿي
٢. پرين وڙون پانهنجي، دوست ڏيو دلداري
سارو ڏينهن سنياريان ٿي
٣. دوست اوهان جي درد سان، ڳچيءَ پائي ڳاري
سارو روهه رُئاريان ٿي
٤. ڪڏهن ايندين تون پرين، سچو ڪج ستاري
هت هنجون هاريان ٿي

(سرديسي)

ٿلهه: آءُ اوهان تئون گهوري، ازي ڪيچيو ساڻ نجو
١. راتو ڏيهان روح کي، آهي اوهان جي جهوري
٢. دائم وِڌوَ دل کي، ڏکن جي ڏوري
٣. وهان وهڻ نه ٿئي، ڏاڍي سا لايوَ لوري
٤. ڪرڻ مناسب ناهي تان، سچو ساڻ ضعيفن زوري

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: آءُ پنهون پاڻ آهيان، ڪاڪيون منجان قاصد ڪاڏي
١. اها صورت سمجهي ڏنيم، ساٿي هيا ڪيئن سنياپان
٢. ڳالهہ پري هئي ٿي پئي اوري، ڪيڏي سي ڪانگ اڏايان
٣. مُدعا مطلب هُو مڙيوئي، پوٿيون سي ڪيهُون پٽايان
٤. سَڌ پئي مون سِرَ انهيءَ جي، ڪيچ پنيور ڪي پانيان
٥. سچوءَ منجهئون ٿيو سچ پيدا، ڪيهُون ڪوڙيون ڳالهيون ڳايان

(سرڪسوري)

ٿلهہ: آءُ ڪانگا ڪا پرينِ جي ڳالهہ ڪر
واعدو ڪيئي ڪالهہ سو برحال ڪر
١. ڪيئن ڏٺو تو دوست منهنجو ديس ۾
خوش ڏٺو هُيئي يار ڪهڙي ويس ۾
سا خبر مونسان ساري في الحال ڪر
٢. ڪي پڇيائون خبر هِن جي حال جي
ڪي ڪيئي آگاهہ هن احوال جي
سو مون سان ڏاها اهو احوال ڪر
٣. هِتِ فراق آهي ماريو مون پيو چا چوان
سور هِن جي ساهہ کي نت نت نوان
آءُ ادا خاطر منهنجي خوشحال ڪر
٤. ڪيئن اڏاٿو هُئين پرين جي پار ڏي
ڪي نياپا هِي نيا هُيئي يار ڏي
ڪا مدد منهنجي ادا الحال ڪر
٥. دوست جي بحضور جي حاضر ٿئين
زاغ زاريءَ مون اهي نياپا نئين
لڳ سائينءَ سارو سچوءَ جو سوال ڪر

(سرپيروي)

ٿلهہ: آءُ ڪا رهندي هوتن ريءَ، هونديس سانول ساڻ
١. لونءُ لونءُ منجهہ لڳي رهيو، پاروچي جو پاڻ
٢. وندر سندي واٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ
٣. ڏير ڏيئي ويا ڏک جو، هن ڏکيءَ کي ڏاڻ
٤. دردمندي دانهون ڪري، چيٽڪ ڪيڙس چاڻ
٥. ماڻ اچي ٿئي ڪڏهين، هن مُيءَ جو مهماڻ
٦. سچو سگ اوهان جو، سو تا پنهنجو چاڻ

(سرڪلياڻ)

ٿلهه : آءُ تا تنهنجڙي آهيان، ڪانڌ مونکي ڇو ٿو ڇڏين
١. تون تا منهنجو آهين اصل ڪئون، ڪنهن نہ ٻي در ڪاهيان
هوت ايندين هت ڪڏين
٢. آءُ نماڻي عيبن هاڻي، سگ نہ ساٿو ساهيان
پڪا اوري آڻي اڏين
٣. توڙي سچاٽين توڙي نہ ڄاڻين، لالچ تا ٻي نہ لاهيان
ساڻ گوليءَ ڀاڻ گڏين
٤. آءُ تا ٻانهي تون تا سائين، آءُ غريب سا چاهيان
نانءُ سچو ڪري سڏين

(سرجوڳ)

ٿلهه: آءُ تا صدقي ان تئون، جي آيا پنهل جي پار
١. مکم نياپا نينهن جا، هوتن ڏنهن هزار
٢. محبت محبوبن جي، ڪئي هينئڙي ۾ هُشڪار
٣. وجي ڏسنديس اکڙين سان، وڻ سندا وٽڪار
٤. سڪ سچوءَ کي سرتيون، ڪيا اندر ۾ الغار

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: آءُ تا ڪالهه اڏامي، وڃي پيس پرين وٽ
١. هُت قبوليت تنهنجي، حلقہ بگوش غلامي
٢. مهر مٿوئي ناهہ ڪو، عاشق تج تون آرامي
٣. اصل لاکون تنهنجو، هيءُ پاڇي آهي پيغامي
٤. ويس برابر اوڏهين، ويٽس ڪين وِسامي
٥. مونکي ڪيائون تنهنجہ، سچو يار سلامي

(سرآسا)

ٿلهه: آءُ تون ڀاڻ سچاڻي، مون وٽ يار پيارا
١. حال مڙيوئي معلوم توکي، دنيا سا ڪوڙ ڪهاڻي
٢. سڪندي تو لئي سهٽل سائين، روئندي سا رات وهاڻي
٣. آءُ اوهان کي ائين گهران ٿي، اج گهري جيئن پاڻي
٤. ٿينديس گولي در در ٻولي، جانب ڪاڻ جوڳياڻي
٥. سچل آکي سهي ڪيتوسين، پرت جي ناهي پڇاڻي

(سربروو)

ٿلهہ: آيو منهنجي گهر يار، جنهي ڪارڻ مون ٿي ساڻي سنپايا
١. در پيهي مون آيو، دوست منٺو دلدار
٢. سوئي گڏيو سپرين، هو جنهن جو جيءُ کي جارَ
٣. بلڪل ڪيائون پنهنجو، ڏنائون قول قرار
٤. معاف ڪيائون مهر سان، مون تي هئي ميار
٥. سچو سرهائيءِ ۾، ڇڏ روئڻ زارو زار

(سرپهاڙي)

ٿلهہ اجهي آيا ڪلي گڏيا سي، جن جي ڪارڻ ٻانڌي پڇياسي
١. فلڪ فراقي ڏينهن ڏهيلا، اهي سيئي وسري وياسي
٢. پاڻئون ڇاڻي سي پيهي آيا، جن جي ڪارڻ چلا ڪياسي
٣. اسان پانيو تا آرام ٿيوسي، ناز نيڻن جي ناگهہ نياسي
٤. جيئن وٺي ڪين تيئن ڪرن سي، وس پرينِ جي وجي پياسي
٥. ويڙهي اسانجي سچو سي آيا، طرف جنهين جي قاصد ڪڏياسي.

(سربلاولي)

ٿلهہ: اها ڳالهہ سڄڻ تنهنجي، ڪنهن سان آءٌ تا ڪريان
١. اوهان ٻاجهون سپرين، ويٺي هت ڏکڙا ڏريان
٢. هي سِرُ سارو ساهہ سان، آڏو تنهنجي دوست ڌريان
٣. وره اوهان جي هت وساريا، پاڻان کي پنڌڙا پريان
٤. دوست اوهان ريءَ ديس انهيءَ ۾، سُورن جا ٿي سڏڪا پريان
٥. سچو چوي سپرين، تنهنجي صورت ريءَ ويٺي سُور تريان

(سرڏناسري)

ٿلهہ: اهو اٿم ارمان، ڇا منجهان هتِ ڇا ٿي آيس
١. ڇاڪر ٿيس نہ ڇاڻان ڇاڪئون، نا تہ هيس صحيح سلطان
٢. هوس داناءُ ديس انهيءَ ۾، هت نانءَ ٿيس نادان
٣. ڪوئي ڇاڻي ڪوئي سڃاڻي، اهو مرديءَ جو ميدان
٤. بحر اواگهہ جو لهر لڪايو، ٿيو طرح نوين طوفان
٥. اصلئون ساڻ وٺي هت آيس، سورن جو سامان
٦. هڪ گهر ڪئون ٿي ٻي گهر آيس، محض آيس مهمان
٧. بحر اُتون جا لهر اپي ٿي، موٽي ٿيو مهران
٨. سچوءَ کي ڪيو ساعتَ ساعتَ، حيرت هن حيران

(سرڪوهياري)

ٿلهہ: آءُ ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان ڙي جيڏيون
١. جيهي تيهي يار سڄڻ جي، چڱي توڙي مندي
٢. آءُ تنين جي آهيان، برهہ جنين جي بندي
٣. چونديس حال حبيب کي، ڳچيءَ پائي ڳندي
٤. اڻ ملهہ پانهي آهي، سڀ پر سائِنِ سندي
٥. سچو ساريائي دلڙي، رمز تنين جي رندي

(سربروو)

ٿلهہ: آءٌ ڪوڙين ٿيان قربان، جوڳيڙن جي جات تئون
١. ڪاڪيون ڪاپڙيُن جو، ڏاڍو آهي مون ارمان
٢. آيل، آڏوتن جو، آهي گنگا ۾ گذران
٣. نانگن سندي ڳالهڙي، هت پورب ۾ پروان
٤. سچو سات نهارين چو ٿو، هئي هنڌ تون مهمان

(سربروو)

ٿلهہ: آئين قاصد ڪال، پرينءَ جي پار ڏانهن آنديءَ جي سنيها سل اهيئي
١. هاريا هن جي حال جي، ڪا هئي هُت قيل مقال
٢. پاڇيءَ کي پرديس ۾، سڪندي ٿيڙا سال
٣. پريُنِ کي مون پڇيو، ڪا خبر ڏي خوشحال
٤. ڪي ڪڍندا هجر فراق کي، ڪي ورندا واءُ وصال
٥. سچوءَ سندي ساهہ جي، ڪا هئي هُت ڪين سنيال

(سرجوڳ)

ٿلهہ: آيم رات عتابَ، ڏاڍا سخت سنگهارن ڏانهن
١. مونکي عمر ماريو، جهانگيئڙن جي جواب
٢. وينينءَ اِتي مارئي، ڪائي خوب ڪباب
٣. هت سارو ڏيهہ ڏڪايو، عمر جي تڪ تاب
٤. مؤلي تا معافي ڪيا، سچوءَ سڀ حساب

(سرپيروي)

ٿلهه: ائين لکيو مون ائين لکيو مون، پنهنجو پاٽکي ائين لکيو مون
١. ورد وظائف کڍيم مراقبا، پرو پرين جو ڪونه پيو مون
٢. پڙهيم نمازان رکيم روزا، ذرو به حاصل ڪونه ٿيو مون
٣. سوين ڪلام جاري مون پڙهيا، اثر ڪلامن ڪونه ڪيو مون
۴. اول ڄاتم پوءِ سڃاتم، آهي تو ريءَ ڪونه پيو مون
۵. سچل سارو سرِ حقاني، ڪيئن چوان آهي ڪير ٿيو مون

(سرسسئي)

ٿلهه: اتي پيو وجي خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ ناءِ
١. لا مڪان مئون لهر لڙهي، جنهن متي سڀ هُوءِ هواءِ
٢. وحدت جي درياءَ منجهارون، تون پي وجي موج مناءِ
٣. برهه توتي بادل آندو، اناالحق جي هڪل سواءِ
۴. قطرو پاڻ نه پائنج عاشق، ساروئي تون بحر سڏاءِ
۵. ٻئي جهان هڪو ڪر ڄاڻين، جلوو تنهنجو جاءِ بجاءِ
٦. سچو آهين سرِ سُبحاني، ظاهر جو تون نانءُ وڃاءِ

(سر بلاولي-جهنگلو)

ٿلهه: اُتي ڪفر نه اسلام، آهي سيني ڪي سلام
١. ڪڏهن ڏئي ڪينَ ڪي، اهو آرانيو آرام
٢. مذهب مُور نه ميان، آءُ مشرب منجهه مدام
٣. قيد پيجيّ ظاهر تيان، آءُ جاري پيان جام
۴. هادي سائينءَ پاڻ سچوءَ کي، عشق ڪيو انعام

(سر ڪلياڻ-آسا)

ٿلهه: اُنهن جادوگرن اکين، بيران ڪيو سين
انهن نيٽن سندي نازن، حيران ڪيو سين
١. راتو ڏينهان دل کي، هيءَ آهي پريشاني
انهنِ غمزن ڳجهن رمزن، ديوان ڪيو سين
٢. هَئي هِي فرياد وي يارو، ڪنهن کي سٺايان
خونن هِن خمارن، مستان ڪيو سين
٣. ميدان منجهه سچو، تهدلئون آيو آهي
انهن تارن سندن تبرن، نيشان ڪيو سين

(سرتلنگ)

ٿلهہ: اهو ڏاهيون ڏس آءِ، سانول اِتي وسي ٿو

١. ڦولي لهج پاڻ مَئون، پري نہ پيرا پاءِ
٢. دائم آهي دوست جي، تنهنجي جيءَ ۾ جاءِ
٣. ڪنهن جي ڪارڻ ٿي ڪرين، هاري زَي هاءِ هاءِ
٤. سوئي ڏسندڙ سوئي سُڻندڙ، پاڻهين ڳالهيون ڳاءِ
٥. سارا ڏونگر ڏورئين، ڪاڪي زَي ڪنهن لاءِ
٦. سچل اوڏو ساهہ ڪئون، ڪير چوي تا ناءِ

(سر بروو-سنڌي)

ٿلهہ: اهو ويو هاٿي ڪاڏي، جنهن سچو سو نانءُ سڏايو

١. مکڙي منجهون وي ميان ٿيو گل پيدا، منهن ڪري بيٺو ماڏي
٢. سڌ نہ پئي وي ميان طرف انهيءَ جي، جان جٺو ويو جاڏي
٣. اهو هلي ٿو اهو چلي ٿو، گوشبو ڪيو وجي ڪاڏي
٤. ڏيهہ ڏاڏاٿو وي ميان اڳ ڏٺوسي، پلڪ ڪئي پڙڏاڏي
٥. نانءُ سچوءَ جو وي ميان ويو اوڏانهين، طلب ويئي پي تاڏي

(سربلاولي)

ٿلهہ: اهي اولاڻيا آيا، مون ڏي مارن جا

١. ڏيهہ ڏاڏاٿو ڪيئن وساريئي، ڏينهن اتي تو لايا
٢. کهڙي ڳالهيون ويڙيچن ڏنهن، منهن ڦيرائي مايا
٣. پهر پنوهارين ريءَ ڪيئن ٿي گهارين، عمر ساڻ اجايا
٤. تنهنجي ڪارڻ راتو ڏينهان، سانگي سي هٿ سڪايا
٥. وَسُ نہ منهنجو سُڻ سچو زَي، ڏکيا مون ڏينهن لنگهايا

(سربلاولي)

ٿلهہ: اهي نياپا ڪو نيئي، منهنجا مارن ڪي ڏي

١. اچڻ اوهان جي جا وس وڏا ٿي، ڪوڙين سي ڪيڙم ڪيئي
٢. ڏک ڏوراپا تا مُنهو اسان ڏي، حال اسان هٿ هيئي
٣. قسمت ڪو جو قلم وهايو، پري اوهان ڪئون پيئي
٤. لوءِ اوهان جي ڏنهن لوئي جا آنديم، ليڙان سا هٿ ٿي ويئي
٥. ڳالهيون سنگهارن جون سُڻ سچو زَي، ساهہ سيباڻيم سيئي

(سرتوڏي)

ٿلهہ: اهي شال اچن، واقف هن جي هئا حال جا جيڏيون
١. جيءُ وڏو جن جار ۾، اهي موتي مانَ ملن
٢. پنڌ پراهين مون پرين، سگها پوءِ ورن
٣. ساريو سنگهارن کي، پَلَ پَلَ پُور پُون
٤. مانَ مونکي سپرين، چڱي ناڻ چون
٥. جيهو تيهو آهي، سچو سگ سندن

(سربروو)

ٿلهہ: اهي کهڙي طرف ويام، آءُ ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي
١. عشق نہ عاشقن جا ميان، اڳهين ٿي ٻُڌام
هاٺي تولي مئون سو تولي
٢. ڪُوڪان چڙهي ڪوهہ تي ميان، ڪيچيئڙنِ ڪيام
هاٺي چولي مئون چولي
٣. ڏوريندي مون ڏونگرينِ ميان، سرتيون سالَ تيام
هاٺي رمز لڌي مون رولي
۴. سچل آءُ تا ناهيان ميان، ساري سڌ پيام
اتي پاڻ ٻاروچل ٻولي

(سُرسسئي)

ٿلهہ: اهي ڪاڪيون ڪوهيارا، اج اڱڻ منهنجي آيا
١. پيهي پاڻ آيا، جن ڏور ٿي ڏسايو
هتئون جنين جي هينئڙو، اديون مون ٿي ڪنسايو
جن جي ڪارڻ جيڏيون، مون ٿي پانڌي پچايا
٢. هيس جنين ڪاڻ، آءُ آيل اپائون
دل ۾ دردمنديءَ جي، ورهہ وڌائون
پوتيون پتايم جن لئي، اهي موليٰ ملايا
٣. واعدا پنهنجا سرتيون، اهي پاٿهي پاڙيائون
نمائيءَ جي نجهري، اچي پڪا اڏيائون
انهن ڪارڻ ڪاڪيُون مون تي ورهہ وسايا
۴. ڪرم ڪيائون پنهنجو، هاٺي خال ڏسي هيئي
وائي فلڪ فراق جي هاٺي وچون ئي ويئي
سچو گنڏيو سڄڻا، جنهن تي ڪانگ اڏايا

(سربروو)

تلهـ : اهـو آهـي آهـي، يار سـاڳي سـاڳي
١. اوهيـن جاڻو سـاڻ يقـيني، ٻيـو سـو ناهي ناهي
٢. ميخاني وچ مست هميشه، ڪيئن سو ڪعبي ڪاهي ڪاهي
٣. لوڪ سـاروئي هِتِ جو آيو، سڀ حـجابان لاهي لاهي
۴. ظاهر باطن آهي اهوئي، جان جـڻـو وري ڇاهي ڇاهي
۵. نانءُ سچوءَ جو آيو صفت ۾، ڏانوُ ڪيو ڪيهو ڏاهي ڏاهي

(سربروو)

تـلـهـ : اهـو بَرَ ۾ي بـازر آءِ، جتـي ڏيـرو دوسـت جو
١. ڏونگر ڏولي ۾ـائيـ سـان، سُـپـيـريان جي سـاءِ
٢. چمنديس چـين سـان، سندي جـانب جـاءِ
٣. محبت محبوبن جي ڪاري، هينئڙي ڪي هاءِ هاءِ
۴. ويـنـي ڪـانگ اڏايـان، لـڪـيـن لـعـلـن لاءِ
۵. مـونکي ڪيچ وڃڻ ۾، نيـڻي پانديئڙا پهچاءِ
٦. سـاٿي سـپـيـرين سـان، هيءُ گـداگـر گـڏاءِ
٦. سـچو سـڄڻ ڪي مـيـان، پاند ٻڇيءَ ۾ پاءِ

(سر پهاڙي)

تلهـ : آهي اڱڻ منهنجي آيا، جن جي ڪاڻ سي پيـر پڇايم ٿي
١. پکي اسـان جي پيـهي آيا، ڏينهن گـهـڻـا جن لايا
جن ڪاڻ پوٿيون پڙايم ٿي
٢. جن لئي روز نهـاريم راهان، مـولئ سي مـحب مـلايا
جن ڪاڻ سي ساٿي سنيايم ٿي
٣. هن غريب ڪي گـڏ نينڻ جا، ڪـيـا سي سـڄڻ سـعـيـا
جن ڪاڻ سي ڪانگ اڏايم ٿي
۴. ڏينهن فـراقي لنگهـيـا اسان تئون، روئندا دوست ڪـلايا
جن ڪاڻ سي ڏڪڙا لنگهايم ٿي
۵. رهيـا آهن روح منهنجي تي، فـائق جا فـرمـايا
جن عشق جا سبق پڙهايم ٿي
٦. دل سـچيـڏني جي تي اصلئـون، هاديءَ حـڪـم هلايا
جن ڪاڻ سي ورهه وسايم ٿي

(سربروو)

ٿلهه: آهي معلوم توکي حال، اسان نماڻن جو
١. راتيان ڏينهان آهي اوهان جو، خاطر منجهه خيالُ
٢. نانءَ ڌڻيءَ جي اسان غريبن سان، آءُ پلا کر پالُ
٣. آءُ اچي ڏس يار سياڻا، سچل جو احوالُ

(سرپيلو)

ٿلهه: آئين سو ڳالهه سڻائين، وَهيان ڪانگل تون پلي آئين
١. خط جو آندئي يار سڄڻ ڏنهه، هلي سو نال پڙهائين
٢. آءُ تہ جوڙيون جاءِ اڪين ۾، اڄ اوڏاهون آئين
٣. سگهڙو سگهڙو آءُ اسان ڏي، ڏينهن گهٽا چو لائين
٤. اَڄون اَڄون تون چو نہ اَچين، تو محرم راز رلائين
٥. نانءَ الله جي يار سچل کي، محبن ساڻ ملائين

(سربروو)

ٿلهه: اهو ڏونگر ڏيهارين مون ڏوراپنو تو ڏئي
١. هاري ههڙا هوت تون، تي ويجها وسارين
٢. هيڏي هوڏي تي گهمين، تون نال نہ نهارين
٣. پنيورئون بيزار ٿي، جي سانولُ سنيارين
٤. پاڻ سچل تون پاٺهين، وجي ساڻِ سلهاڙين

(سربروو)

ٿلهه: اچي لايو ڪيئن، سڄڻ تو نينهن نماڻيءَ سان
١. ماريُس انهيءَ مامري، هوت ڪندي هيئن
٢. سا تا ڪيئي پنهنجي، جاني وٽيئي جيئن
٣. جهبڙي پنهل تو ڪئي، آءُ پڻ ڪريان تيئن
٤. ڪانہ وتندي ڪڏهن، نالو سندو نينهن
٥. وري ويهاريو ويجهڙو، سچل پنهنجي سيئن

(سرپهاڙي)

ٿلهه: آءُ تنهنجي سارو عالم چاٿي، يار چڱي تو تا لائي وو
١. گهوريو پرين پرديس اوهان تئون، ڪرِ تون اچڻ جي ڪائي وو
٢. اندر اسان جي يار سڄڻ وي، سنديو سڪ سمائي وو
٣. طرف اسان جي شال اوهان جي، ٿئي ورڻ جي وائي وو
٤. مٺا ڏيئي تو لوڪ مڙيوئي، دوست تو تئون دل چائي وو
٥. شال سچل جي يار پيارا، لَهين تا سُڌِ سيائي وو

(سرپيروي)

ٿلهہ: اوڏنهون آئين ڪانگل ادا، لَنوُ تون چڱي اڄ لات ڪا
ڪي هُتِ هئي منحبوب ڪِي مشتاق جي مصلحات ڪا
١. هيڏي اچڻ جي ڪا هُيَنِ، ڏي تون مونکي تسلات ڪا
مون هن نماڻيءَ وٽ اهي، رهندا اچي هِتِ رات ڪا
٢. ٻي تا هوندي هيٺي ادا، ظاهر نہ جِهڙِيَم ذات ڪا
پيغام مونڏنهن پرت جا، ساٿي آندوَ سوغات ڪا
٣. شب روز عاشق روئڻ ۾، ڄاڻن نہ هَڏِ ٻي بات ڪا
جاني جدائيءَ جيهڙي، آهي نہ ٻي آفات ڪا
٤. هيڪند هئڻ جي هوت سان، سائين ڪندُمِ ساعات ڪا
دلبر ٻاجهون هڪ دم سچو، بيهي اِها برسات ڪا

(سرجوڳ)

ٿلهہ: اوڏانهون آيا، مون ڏي عتاب اباڻن جا
١. هي ڏيهُ وِيڙئي وسري، تو ڏينهن اتي لايا
٢. ياد اسان نہ ڪرين، منجهائينءَ مايا
٣. ڏينهن اسان ريءَ گذري، ويڙئي اجايا
٤. گهٽا مينهن مليرڏي، واليءَ وسايا
٥. تنهنجي ڏسڻ لَئي هِت، سانگي سڪايا
٦. ڪاٿون ٻڌا ڪين ڪِي، جهانگي جهلايا
٧. سائينءَ سچو سگهرا، مون کي مارُو ملايا

(سربُروو)

ٿلهہ: اسان جال ٻري جام، پيون آبِ حياتي
ساقي آهيون شراب جا، اسان ڪامل قلاتي
١. لاتي سين لولاڪ ۾، وجي لا سندي ڪاتي
مان کي ماري مان، پروڙيم گهر هڪي ٻاتي
٢. همہ اوست واري حال ۾، اسان آهيون اثباتي
نفي منجهون نابود، ٿياسي صاحب صفاتي
٣. متي ڪن ڪاپار لنگهي، ٿياسي ظلماتي
پاڻ سڃاڻي پانهنجو، ٿيون ذاتي ۾ ذاتي
٤. سچل سارو سچ ٿيو، جنهن مار سڃاتي
تصوير نظر نور، اندر جان بايان جهاتي

(سرسسئي)

ٿلهہ: آءُ ڪانگا ڪر ڙي مون سان هَر هَر، پيو ڪَر مٺي ڳالهہ پرين جي
١. ڏاهـا ڏِنـــو ڪِي وجي، اُهـي پـريـن ڪـهـــڙي پر
٢. ڪي حـــالُ پڇيـــائون هِنَ جو، ڪـا ڪندا ويچاريءَ وَرِ
٣. مـــحـبـن جي مـيـــلاپ جي، ڪـا ڪندا پـيـــٽي پِرِ
۴. آءٌ توئي تـئـــونِ صـــدقي، هوئين دوســـائي دِرِ
۵. پِريـان سـنـدي پـارَ جي، آهـي سـڪ ســــچل ڪي سَرِ

(سروهاڳ)

ٿلهــــ: احـــوال عـــشق لائي، "ســــرَ سِرَهَہ" بلائي
١. سسي شـــيـخ عطار جي، ٿـــو چوٿـئـــيـن چلائي
٢. ڏنَـــو تماشـــو تيغ جو، ڪوپن ڪنڌ ڪپـــائي
٢. دينِ ڪـفـــر مـــان نـڪـــري، ٿـــو اناالحق الائي
۴. واديءَ ۾ وحـــــدت جـــي، ڪـــوڙيــــن سِرَ ڳنوائي
۵. ســچل ڪي تنهن صــفت ۾، ســائيـن مـانَ سـڏائي

(سرڪلياڻ)

ٿلهـــــ: آءُ ڪانگا ڪر ڳالهـــ، پريان سندي پارَ جي
١. مـــون ســـان ڪري جو ڪالهـــ وئين، اُهيِ تان وعـــدا پالِ
٢. هن غريب ســـان پرين گـــڏج، برهہ ڪِيسِ بي حـــالِ
٣. هيـــڏي اچڻ جي هئي، اُنهن ڪي ڪا تان قـــيـلِ مـــقـــال
۴. پـاجـهـــــــ پـويـئي وي پـاروچـــا، هِيِ تـان نـج نـالِ
۵. يـاد ڪـرن ٿـــــا هُتِ توئي ڪي، وجهہَ نـہ جيءَ جنجال
٦. "فَاذڪُرُونِي اَذڪـــرڪُم"، پـئـــيـن تون ڪهـــڙي خيـــال
٧. قـــول پِريُن ڪيـــا جي توســـان، سي تان سڀ بحـــال
٨. دل پـڌل آهـي تـو ءِ پـريـن جي، ســچل تون پاڻ سنيـال

(سربروو)

ٿلهہ: آءُ ڪوهيـــارل ڪائيـن، وَري ويڙهو وســـائج مـيـــان
١. پـانـهُـون پانهنِ جان پـڌي، پـانـد ڳچيءَ ۾ تـي پايـئـيـن
مون تئون چت نہ چائج ميان
٢. مـــوُنهـــون مـــدايون تـيـــڙيون، ٿـــيس ايلازڻ آئين
پرين پاڻُ پسائج ميان
٣. آءُ ڪنيـــزڪ تهـــانجي، تون تہ منهنجڙو ســـائيـن
پيؤ عيب نہ لائج ميان
۴. ڏٺي حـــال حَلاج جو، ســـچل ڪی ســـمـجهـــائيـن

(سربروو)

ٺلهه: الله أهي اڄ آندا، پرين جي هئا پرڏيهي
١. فلڪ فراق جو معاف ٿيوسي، هاديءَ ڪيا هيڪاندا
ڳالهيون ڪيونَ سي ڳڻ ويهي
٢. اڱڻ پيهي سي آيا، هئبا سي جن لئي ماندا
ڳالهہ ڪريان ٻي ڪيهي
٣. ٿيو آرامي روح اسان جو، لٿا سي سڀ سيباندا
خوش ڪيائون هي ويهي
۴. سچل هئا سي سال گهٽيرا، دوست ٻاجهون درماندا
ڏيهہ ڳڏيا أهي ڏيهي

(سرسسئي)

ٺلهہ: اوري آڻ سي اوري ڙي، الله جنين ڪاڻ سڪيس سالَ
١. ڏسُ مونکي ڪو ڏئي، ڏيهہ رهيس تا ڏوري
٢. واٽ جهين ڪئون لنگهيا، گهوري.هي جند گهوري
٣. هيڪند ڪر تون هوت جي ميان، ساڻ تڪي ڪنهن ٿوري
۴. ساهہُ سچل جو تنهن ڏهاڙي، ويا چاڪ وجهي چِٽُ چوري.

ٺلهہ: اچي ڪونہ ايڏانهون: ماٿهو شهر پنيور ۾
١. منهن ڪري أنهيءَ پار ڏي، ويئي ڪيم الاهُون
٢. ڏسي حال حقير جو، اچن مانَ آڳاهون
٣. ڪو پَلَ پاڇاٽين ڪئون، پري ٿيءُ نہ پراهُون
۴. ٿرَ ٿڪائي آهيان، پڪا اَڏج اوراهون
۵. سٿي موتُ سچل جون، آرياٽي تون آهُون

(سرديسي)

ٺلهہ: اڙي اَلو اَلو، رانول آيو راڄ ۾
١. ويڙا سورَ سَنڌو ڪري، اڄ پينر ٿيڙم پلو
٢. جنهن ساعت ڳڏيا سپرين، سا ساعَتَ ڪنهن نہ سَلو
٣. ڳالهہ نہ ڪريو ڪا ٻي، هتئون هاريون اُوهين هَلو
۴. ڏهاڙي ڏسڻ ڪئون، وارُ نہ پيڙو وَلو
۵. اصل آهي انهن سان، روح منهنجي جو رَلو
٦. سچل ڳڏيو سڄڻان، ڪَرنِ لڳو ڪلو

(سرگجري)

ٺلهہ: آهي ڪوچہ بڪوچہ يار، ڪيڏي ڳولهيو ٿيون آئين سرتيون
١. ظاهر آهي ذات تنهنجين جي، هٽ شهر بازار
٢. "وَنَحنُ اَقربَ" چاٽو سيپئي، دور نہ آهي دلدار
٣. احد احمد هيڪڙو، ناهي لک هزار
۴. مرشد هيئن فرمايو، آٽڻ اُت اعتبار
۵. ڳهيليون اُنهيءَ ڳالهہ جو، خوني آهہِ خمار
٦. آهي سپوئي ست جو، سچل هِي سينگار

(سرسسئي)

ٺلهہ: اکڙين اسرار، مونکي ڪو جو ڪيو ميان
١. اُنهن تان ڏيکاريو، ڪاڪيون ڙي ڪوهيارُ
٢. تنهنجين ڏهاڙي ڪيو، برهہ بي اختيار
٣. ڏونگر ٿو ڏورائي، چشمن جو چمڪار
۴. ناز نيڻن جو سرتيون، ووڙائي وٽڪار
۵. سوز سڄڻن جو سرتيون، سچل ڪي سينگار

(سرسسئي)

ٺلهہ: آءُ وري تون تان ويهہ، سڄڻ آءُ تان تنهنجڙي آهيان
١. آهون عاشقن جون سُٽي، ڇڏ پرين پرڏيهہ
٢. پکي پاڇائين جي ميان، آءُ پِرين تون پيهہُ
٣. اصل لاڪون آهي هي، ڏاها تنهنجڙو ڏيهہُ
۴. سچل چوي سپرين، آءُ ساري سائيهہ

(سرسسئي)

ٺلهہ: آءُ هلي ڏس حال، منهنجو ٻاروچا ڙي ميان
١. راتيان ڏينهان روح ۾، تنهنجو خاص خيال
٢. اوهان ٻاجهون سپرين، ساعت پايان سال
٣. مون نمائيءَ سان، ڪر ٻلائيءَ پال
۴. سارڻ سڪڻ آنجو، مونکي مِلڪ آئون مال
۵. مرشد سارو مڃيو، سچل جو تہ سوالُ

(سرديسي)

ٿلهه: آيَس آءٌ ڪي اوڏي، جهاڳيا مون تان جبل جالَ
١. جيِ مون وِسهو جيڏيون، آهيان ڪيچيَنِ جي آءٌ ڪوڏي
٢. حُبَ جنهن کي هوت جي، درد نه ڀئي ڪنهن ڏوڏي
٣. ڪيئن ڪريان آءٌ ڪاڪيُون، هوت منهنجو هوڏي
٤. دردِ جهين ڪي دوست جو، لَڪُنِ سا تان لوڏي
٥. سيڻنِ خاطر سَڻُ سچل ڙي، ڳاهُ ڪنديَسِ ڀڏي ڳوڏي

(سرڪوهياري)

ٿلهه: آءٌ ويندي پنهل جي پارِ ميان، ٽڪيس ڪين ٽرن ۾
١. مُون مَنُ ڳِڏي ڳوندرين، ڪيچي ٽيم قرارِ ميان
٢. ذات جتن جي جيڏيون، جيءُ وڏو آهي جارِ ميان
٣. ڪندي وچي ڪيچ ڏي، ڪنيزائي ڪارِ ميان
٤. آهي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مُون وٽڪار ميان
٥. پوڻ اٿم پنڌ ۾، دوست پٽيءَ درڪارِ ميان
٦. سارو ڪم سچل جو، آهي اُنهن جي اختيار ميان

(سرسسئي)

ٿلهه: اديون ڙي آهيان ڀانهي ڀاروچن جي
١. ڏکيا سکيا ڏينهڙا، شال لالن سان لنگهايان
٢. هِينئڙي کي هن جيڏيون، کهڙا سُور سلايان
٣. ونــدر سنــدي واٽ تي، چاهون سِرُ چلايان
٤. ويهان آءٌ ڪيئن ويسلي، ويندا چو نه ورايان
٥. ڪيهي پئي تان ڪيچ ڏٿين ڏي، سچل ميڙ سنيايان

(سرسسئي)

ٿلهه: آءٌ وڃان تو ٽئون گهوري، گهوري گهوري ميان
١. ڏونگر رهيس ڏاکڙا، تنهنجي ڪارڻ ڏوري ڏوري
٢. تو ٽڪائي وي آهيان، اَڄ آريائي اوري اوري
٣. پلا هن پنيور ۾، تِرُ نه رهندس تو ري تو ري
٤. مونکي وڏو مون پرين، جهٽڪ اوهانجڙي جهوري جهوري
٥. سچل جو نِي سپرين، هِينئڙو نيو هِي هوري هوري

(سرسسئي)

ٿلهه: اُهي ڏوراپا ڏيئي، موٽي مُڪا يارَ مُون ڏي
١. هُوءِ جا ڳالهڙي ڪالهه ڪئي سون، ڪيئن تو وسري ويئي
٢. اسان ٻاجهون سڻ ڙي عاشق، ڏينهن گذاريو ڪيئي
٣. ڪهڙين ڳالهين ۾ تون تا آهين، پرت منهنجي توسان پيئي
٤. ڇئي منجين ٿو هٿ ٻانڌين جي، تہ حال اسان هٿ هيئي
٥. ڏوهہ گناهہ وو تنهنجا بخشيا سي، سچل ڙي يار سيئي

(سر جوڳ-ڪلياڻ)

ٿلهه: اڏر پکيئڙا پار پرين جي، خبر آڻي مون ڏئين
١. ڪين گڏيئي سي پرين، واٽ تا ڪنهن ٻيءِ وئين
٢. ٻاڙي ويهي پرين جي، وڃي تون واقف ٿئين
٣. سَڏ سپائي مون ڏئين، جڏهن پاٽي اکين جو پئين
٤. سوز سچل جو پاڻ سان، ادا ڙي نازڪ نئين

(سربروو)

ٿلهه: اي اڇي ڏس حال منهنجو، آءُ اڇي سڻ عرض هي
١. نينهن تا مونکي ليو، طاقت نہ ڪا تَنَ کي رهي
مشتاق جي مارڻ سندو، آهي اوهان کي غرض هي
٢. ڏاها وڃي ٻيا چو پڇان، مون تا پروڙي ڳالهڙي
درد ٻيو مونکي نہ آهي، محبت تنهنجي، جو مرض هي
٣. دل ڪسي مون ڪٿون وئين، موٽي نہ آئين ڇا چوان
سڏ لهو ساجن اڇي، آهي اوهان تي قرض هي
٤. آءُ اڇي امام ٿيءُ، توتي اسان نيتي نماز
٥. سر ڪرڻ صدقي اوهان تئون، آهي سچل تي فرض هي

(سر جهنگلو-بروو-پيروي)

ٿلهہ: آهيان اوهانجڙو آئين، ڪچ نہ پائيڻ، دوست چوي ڪير آهين
١. پرين ڏسج پاڻ ڏي، آءُ ٻانهو تون سائين، توڙ نپائين
٢. پنهنجي وڙئون سپرين، پير منهنجي در پائين، حمد آڪائين
٣. ڳچي پائي ڪپڙو، پرينءَ کي پرچائين، ميڙ منائين
٤. آءُ اوهانجڙو آهيان، چت نہ هن تان چائين، قيامت تائين
٥. ديدان ڪڻ تون مٿي، الله لڳ ميان سچل کي سرچائين، ٿورا لائين

(سرسنڌي)

ٿلهہ: اوڏانهون جي اچن، ڙي جيڏيون، انهن آءٌ ڪيئن نہ سجاڻان
١. پريان سندي پارَ جيون، ڪيهون ڳالهيون ڪَنِ
٢. مون هن نماڻيءَ کي، دلاسا ٿا ڏين
٣. ساهہُ منهنجو سرتيون، نيو نياپن
٤. هي بت بيزاڳي ڪيو، ڪاڪيُون ڪيچيڙَنِ
٥. سچل چو نہ سُڌير ٿئين، هو هُتِ پاڻ پچن

(سرجوڳ-بروو)

ٿلهہ: اڙي آلو آلو، منهنجي يار سڄڻ جو سات سلامت آئيو
١. سيئي اچ اڱڻ آيا، مون جن لَئي وِرهہ وَسايو
٢. أهي گڏ مسافر هن گڏيا، مون جن لَئي پنڌ پچايو
٣. ڏيئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رُڇايو
٤. حال پائي اَچي سي ٿيا، جن تا چيتڪ لايو
٥. وريتيون وصال جو، والي ورق ورايو
٦. سچل کي ڙي سرتيون، أهو مولِيٰ محب ملايو

(سربروو)

ٿلهہ: اڙي مهر پئي مون کي يار سڄڻ، دارون ڪو دل جو ڏِئي
١. قدر پيو مون کي ڪاڪيون، ني وو وو ويڄن وٺي
٢. اثر منهنجي درد جو اديون، شال طبيبن ٿئي
٣. وِرِهہُ وِهايم جيڏيون، پوءِ پرجهڻ پئي
٤. ورهيہ ويا گذري، هِنَ عاشق آهون ڪئي
٥. ٻکي ڏين جي ٻاجهہ جي، جِيءُ سچل جو جِئي

(سربروو)

ٿلهہ: آهي صبح انجام، پرين تنهنجي پلا پارَ ڏي
١. اسان ڪنيو تان تهانجو، سِرَ تي ڪُلَ ڪمام
٢. دانهون ڪري درد مَئون، برهہ نہ ڪر بدنام
٣. جي تون پڇين ڳالهڙي، طلب نہ ڪج تمام
٤. اڱڻ اچن ٿا تهانجي عاشق ڪر آرام
٥. سچل سيو تهانجو، ڪيوسي قبول ڪلام

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: آيا ڏنو آيا ڏنو، چئو ڪي پانڌي آيا
١. پرينءَ ڪي هن پارَ ڏي، سَلِ ڪِي ساٿي سعيا
٢. طرف اسان جي ڪَهُ ڙي ڪانگل، ها روح سندن جا رايا
٣. ڪينَ آئين ارمان هي، تو ڏينهن گهٽا ڪئين لايا
۴. وري سڳهو وَنءُ اوڏاهين، جو سورن اسان ستايا
۵. سچل ساري گهٽو سنياري، سجڻ پي ڪي سڪايا

(سربروو)

ٿلهه: اوڏاهون قاصد جي آيا، تن هُلائي هِيءَ وائي
١. هاٿي هوتياڻن جي هٿي، توڏي تياري
واتان پڇي تهانجون، اصل ڪان آري
ڏاري سنڌيو حال جي، هت معلوم سيائي
٢. اهو رڪج اجهو، اڄ تو ڏي ايندا
ڏيئي پانهون ڳل تو، وري پرين پرچائيندا
هيڪند ٿيندئين هوت سان، جاڳندي جائي
٣. مارئي ماندي نہ ٿي، چو گوندر گذارين
واتان اچڻ اُن جون، ٿي نِتُ نتُ نهارين
جهڙي تون هنت، آهين، آهين هُتِ پي اهائي
۴. ويو وڇوڙو، تون گڏين ائين ساڻ
توسان آهن سپرين، پري پانءُ نہ پاڻ
سچل ٿينديو سگهڙي، وائي سوائي

(سرجهنگلو)

ٿلهه: آيو بحر جوش ۾، تڏهن موجو پئي ٻاهار ميان
هَئي هَئي آيو نانءُ ۾، سانوڻ جو سينگار ميان
١. لڙَ منجهون ٿيو اچو ڪارو، اصل سو درياه ميان
بيحد رنگ گهٽا ٿيا ٻاهر، ڪير ٿيو گمراه ميان
٢. سانوڻ لٿو هڪ ٿي، تڏهن پائي موتيو پوءِ ميان
ڪارو اچو لڙ ٿيو، اهو سبزو سمنڊوءِ ميان
٣. نانءُ لهي ويا ٻاهريان، اهو بڃي رهيو نامُ ميان
ڪُوران ڪسان واهڙان، هت ڪُلي ٿيا گمنام ميان

(سرجهنگلو)

ٽلهه: اڄ جو اوڏنهون آيا، گڏيا سي قاصد مونکي، اهي ڏنائون واڌايون
١. وري ورڻ جا هئا پنيور ڏي، ساٿ ڏٺين جا سعيا
٢. اڄ صبح اچي ويجها سي وهندئي، ڏور جنين ڏينهن لايا
٣. گوشي گڏجي ڪندئي سي ڳالهيون، جن جا تو پنڌ پڇايا
۴. خيال سڄوئي هيڏي هيڙُن، ڏڪيا تو ڏينهن لنگهايا
۵. طرف تنهنجي اڳي پيي رهبر، ڪيئن تنهن هوت هلايا
٦. نينهن جا نياپا ڏنا جنين هي، سچل سي ساهه سيبايا

(سرجوڳ)

ٽلهه: آءُ اسانجڙي ديري، توکي گهٽو ساريان ٿي
نا تہ محب مران ٿي
١. تون تا ميڏا مين تا تيڏي، ڪهڙ گهتان سي ڪيڙي
هت ڪهنگهر گهاريان ٿي
٢. اگڻ ساڏي آءُ پيارل، لهه پوَنِ سي جهيڙي
تو لئي هنجون هاريان ٿي

(سرجوڳ)

ٽلهه: آءُ اسان وٽ يار تون، آهي هت اسان جو حال هي
١. اپاڻڪو آهيان گهٽو، توريءَ پرين پرديس ۾
آءُ مڙيوئي معلوم ڪر، عاشق سندو احوال هي
٢. آهه اوسيڙو اوهان جو، شب روز اکڙين ۾ ميان
جاني سنديءَ مون جاڳندي، آهه خواب ۾ بہ خيال هي
٣. دوست تنهنجي در اُتي، دونهي وجهي ويهي رهان
منهن ڏيکارج محب مونکي نہ تہ آهِ ويهڻ هت وبال هي
۴. دردمند جي در پيهي، آءُ دوست دل خوشحال ڪر
صدقي ڪريان سِرَ ساهه سان، چا ملڪ ۽ ٻيو مال هي
۵. ويئي نهاريان وانڙي، تنهنجي اچڻ لئي ميان
لهه سد سنديم ساجن اچي، نہ تہ آهِ جيَنُ جنجال هي
٦. پاٿون پري نہ ڪريو مونکي، ڪي دوست دلداريون ڏيو
هوءِ تون سدائين ساڻ مون، آهي سچل جو سوال هي

(سرتوڏي)

ٿلهه: اڄ اڳڻ اجهي ايندم، سڪيا سانگي گڏيم شالَ
١. ڏسي حال حقير جو، سو دلاسا ڏيندم
هو جي ڪهي ويڙم ڪالَ
٢. پنهنجي وڙئون سپرين، حال پائي اچي ٿيندم
جن لڳ وجهايم فالَ
٣. لڪي ساري لوڪ کئون، گوشي پاڻ گڏيندم
آهي ڪندا پلائي پالَ
۴. سڳ جنهن جو سڏجي، سچل سي سڏيندم
جيءُ جيءُ چونديس جالَ

(سرجهنگلو)

ٿلهه: آءُ ادا ڙي پانڌي، دوست دلاسو ڪو ڏنو
١. سڻ ڙي ساٿي آهيان اداسڻ، محب بنا هت ماندي
٢. اڳڻ اسان جي ڪڏهن ايندا، اِها خبر تو ڪا آندي
٣. دل اسان جي دوست پاجهون، ناهي وِرهَ کان واندي
۴. سگهڙي ساٿي مانَ ٿيان، آءُ هوتن سان هيڪاندي
۵. سارو سنياران سچل وي لهندئي، آهين جنين جي تون باندي

(سرجهنگلو)

ٿلهه: اهو نياپو آندو، پانڌيءَ پرين جي پارَ ڏنهن
١. آهي تياري ايڏنهن اسان جي، متان ٿئين تون ماندو
٢. عاشق توکي آئي اسان سان، محبَ ڪندئي هيڪاندو
٣. اسين بہ اوڙڪِ ايندا سي ايڏانهن، ٿج نہ وِرهَ کئون واندو
۴. ملڻ محبن جو آهي اهوئي، پرت جو پاچاندو
۵. طرفون اسان جي سڻ سچل وي، لاهين تون سي سياندو

(سرجهنگلو)

ٿلهه: اڳڻ اسانجڙي سائين، ڪر پلا تون پيرو
١. نانءَ ڏٿيءَ جي دلبر سائين، پاند ڳچيءَ م پائين، ڪج فقير ڏي ڦيرو
٢. سدا سو لڳ يار سجڻ وي، جايون سي رنگ بنائين، وجهي منهنجي در ديرو
٣. جڳت رکڻ ساڻ اوهان جي، پول اِهو پولائين، ناهيم ايڏو سو جيرو
۴. واٽ اوهانجيءَ جو ڪنيو سچل ني، ڏينهن انهيءَ کان اڄ تائين، پيرادن جان پيرو

(سربرو)

تلهه: آلا باري برهه ڊولڻ جي، دل ديواني منهنجي ڪيئي
١. اورئين اٽڪ نه رهي، خاص پرين پڪيئي
٢. پياريائون پُرَ ڪري، ﮨي سڀ وائي ويئي
٣. راتيان ڏينهان روح ۾، "تيا تيا" آهي تيئي
٤. اڪيون دل سچل چوان، پاڻ سڪيون ڪِيئون ﮨيئي

(سربروو)

تلهه: اڄ لنگهه دين واٽ ويندي، يارَ ماريندو ويو
ناز سان چشمن ڪي چوري، جان جهوريندو ويو
١. مسَ قلم ڪاغذ ڪٽي، محڪم رهيس پنهنجي يار ڏي
ايئن چئي نامون پڙهي، ورق ورائيندو ويو
٢. اوچتي اڙجي وئي، دل اڙانگي يار سان
دَرُ ﮨڏي دستار ﮨڏي، زلف ڍاريندو ويو
٣. ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن ڪي سٽايان حال هي
لڙڪ چشمن مان ڏسي، نرمل نهاريندو ويو
٤. سچل چوي سڪ سوز مان، صدقو ڪريان جند جان هي
من ملي منٺار مونکي، غم ٽاريندو ويو

(سربلاولي)

تلهه: اڄن تا پرين اڄن تا، سل ڪي ساٿي اڄن تا
١. طرف اسانجي هُيَن تياري، پَهَ اجا ڪي پڇن تا
٢. اديون آتش عشق جا، مَنَ ۾ ڪي مچ مچن تا
٣. پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، نينهن وارا هت نچن تا
٤. سچل سورهيه ڪيترا، رنگ انهيءَ ۾ رچن تا

(سرتوڏي)

تلهه: اڄ ڪي صبح اڄن تا، نروار چئو نجومي
١. مون هت نمائيءَ جو، پرين حال ڪي پڇن تا
٢. هن پار ڏي اچڻ جو، چئو ڪي سڄڻ چون تا
٣. پرين آهن پنڌ ۾، ڪي ويڙهي پانهنجي وسن تا
٤. سچل جي پيي سڌ لهڻ لئي، قاصد هيڏي ڪڍن تا

(سرسٽي)

ٿلهه: اُهي پڙيون پاروچا، اچ اڱڻ منهنجي ايندا
۱. هِيءَ شريعت ڪا ڪندي، اڙي سرتيون سائين ساڻ
ناهيان ثانياٽي تن جي، جان پرجهي ڏنم پاڻ
پانهي ڪري پنهنجي، اُهي صاحب سڏيندا
۲. اُتي وينٽي تهانجون، هن واتن ورونها
ڏين سرتيون مونکي، لڪين تيون لوُهان
اهو اٿم آسرو، گولي گڏ پي گڏيندا
۳. سُٽي سڄڻ موتندا، هِنَ عاشق جون آهون
وينٽي ڏسان تن جون، آءٌ راتيان ڏينهان راهون
پڪا پڪن سامهان، آٽي اوڏو اڏيندا
۴. پاڙيچيون پرديس ۾، آءٌ محبن ريءَ ماندي
سگهڙو ساٿيئڙن سان، ڪندو هادي هيڪاندي
سوين لڪين سرتيون، مونکي دلاسا ڏيندا
۵. ڪَينِ جون مونکي خبران، آٽي پانڌيءَ پهچايون
هُيون هوتن سنديون، هيڏي ورڻ جون وايون
سچل ڄَن جو آهين، سي چِنَ نہ ڇڏيندا

(سُرسٽي)

ٿلهہ: آءٌ اوهانجڙو آهيان، مونکي ڪيم وسارج ميان
۱. دوست اوهان جي در تي ميان، مران تا نابر ناهيان،
پنهنجي ڪڍ قطارج ميان
۲. ميلائي جي وو مون پرين، لالچ هڏ نہ لاهيان،
ڪٽي نيڻ نهارج ميان
۲. هيءَ ڪميني وو ڪوڙي ميان، سگ ڪو ساٿو ساهيان،
پنهنجي وَٿِ وهارج
۴. سچو پڌي وو سندرو ميان، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان،
اچي گڏ گڏارج
۵. سوال سچل جو وو اِهو آهي، نينهن سندوَ نباهيان،
پنهنجو سگ سنيارج

(سرجهنگلو)

ٽلهه: آءُ تہ گڏ گذاريون، ڏکيا سکيا ڏينهڙا

١. ڳالهيون ڪيو جي ڪالهہ اسان سان، ڪيئن تو يار وساريون

٢. ڳچيءَ پائي ڪپڙو سائين، دوست ڪريان ٿي زارون

٣. راتيان ڏينهان توکي دلبر، سانول وينا ساريون

۴. اچڻ سنديون پانهنجيون، سائين واٽان نت نهاريون

۵. پرين پنهنجو پاڻ ڪان، سچل سو سگ سنپاريون

(سربروو)

ٽلهہ: اي پرين تون پاڻ سان، هي گداگر نئين گڏيون

١. هو هميشہ محب مون وٽ، وئون منهن لوئون لڏيون

٢. محبت اوهان جي مون پرين، ڪئين مال هن مِلڪ ۽ مَڏيون

٣. محب مهميزان اسان تي، ورهہ تنهنجي ڪيون وڏيون

۴. تنهنجي اچڻ جي ڪاڻ مون، جايون سي اکڙين ۾ اڏيون

۵. دوست دلداريون ڏجو، چو وچو هن کي ڇڏيون

٦. ساڻ نيو سانول سائين، هي سگ سچل پنهنجو سڏيون

(سرڪيڏارو)

ٽلهہ: آهي ماروئڙا مونکي، بيهر ماڻ مَلنِ

١. مدينني جي ملڪ مان، لڏيو لوءِ وڃن

٢. ويٺي آهيان واٽ تي، مَنَ اچيو حال پڇن

٣. پکا پکن سامهان، اوري آٿي اڏن

۴. انهن ڪارڻ جيڏيون، اکڙيون رت روئن

۵. اصل لاکون آهي ميان، سچل سگ سندن

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: اوري ڪانگل آءُ، ڪِيَنِ جي خبر ڏي ڪاءُ
۱. پريان سندي پار جو، لهي سو اچ سماءُ
۲. ڳالهين تنهنجين مئون، سرير ڪي اچي سو منهنجي ساءُ
۳. منهنجو ٿئي هت ڪين ڪي، ڀاڄهون سو هوت هلاءُ
۴. سورن ڪارڻ سڻ ڙي ساٿي، جيڪس ڇٽيم ماءُ
۵. سچل دوستن جي دَرَ جو، اصلئون آهي غريب گداءُ

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: آئين هلي هِنَ جاءِ وي، هڪ ساعت ڪارڻ تون سانگيئڙا
۱. ڪا گهڙي نيباهه نہ ڄاڻج، پيچ نہ تنهن سان پاءِ وي
۲. الدّنيا ساعتہ اهو نقطو دل سان لاءِ وي
۳. جاڏنهن آئين تون وڻجارا، وري وڃڻ اوڏنهنُ آءِ وي
۴. دنيا ۾ دم ڪيئي گذاريئي، سچل سڄڻ جي ساءِ وي

(سرڪئونسيو)

ٿلهه: اي پرين تون پاڙ پنهنجا، قول جي تو ڳالهہ ڪيا
۱. منجهہ جدائي تهانجي، هت اسان هي حال ٿيا
۲. مون تان ملڻ لئي تهانجي، ڪوڙين ڪهڙا ٿي خيال ڪيا
۳. حال منهنجي ڪي ڏسي، ڪيئن پلا تو پال ڪيا
۴. سڏ سچل سڪ سوز مئون، جاني اوهان ڪي جال ڪيا

(سربلاولي)

ٿلهه: آءُ نہ "مان" "تون" وڃي يار، ٻي ڳالهہ ڪر مَ ڪائي
۱. ڳجهي ڳالهہ هاديءِ واري دل تي دائم، فراموش ٿي ٻي ورونهن وائي
۲. بحر اُتون جا لهر لڳي ٿي، اسان پاڻون ڄاڻي بازي اصل ڪئون بنائي
۳. آهي هُو حيرت هُو جي جسم تي، حرف حق جو آهي صورت سيائي
۴. لٿو جهڙ جو هو نظر ۾ ظاهر سچ ٿيو، ٿي اچ سراسر سَهائي
۵. آهي سچل جو سخن تحقيق سچو تون طالب ڄاڻين، جنهن مست ماريو آ دمُ خدائي

(سرسهڻي)

ٿلهه: اڄ جيڏيون منهنجو جيئڙو، وٺيو سڄڻ وجي
۱. چرخي مُنا تاڙيون، پينر سيڪائي پيچي
۲. دردمندي جي دل اهائي، مت نہ ڪنهنجڙي ميچي
۳. طرف تنهنجي يار سچل ڙي، سوز تہ پنهنجڙو سيچي

(سرمومل)

ٿلهه: آءٌ تا ڏيهاڙيون زار و زار،
ساريون رٺان ٿي هت ڳالهڙيون گهٽيون گهٽيون
۱. ڪڏهن هُيَڙو سپرين، پاڇاٿين سان پيارُ
۲. ڪامل آهيان ڪاڪِ ڪٺون تو بنا بيزار
۳. ايندو هٿين اڌ رات جو، ڪاهي ڪرمُ سوارُ
۴. ماري مونکي ميندرا، ولَها هي ويچار
۵. وَسي تنهنجي وِرهہ جو، بادل هت بسيار
۶. ڏسي وَڏ وڙائي تهانجي، هو ڏکيءَ کي ڏهڪار
۷. سچل سگ اوهانجو، تنهن ڏي نينڻ ڪٺو نروار

(سرمومل)

ٿلهه: آءٌ تا روز رٺان ساريون،
سوڍا تنهنجو وو ڳالهڙيون ڪيتريون ڪيتريون
۱. ٻُڌي وَرج وِلها، زور منهنجيون زاريون
۲. سڪ سنديو ڪيون سي ڪيتريون، جِيءَ اندر جاريون
۲. راڻا رسڻ تهانجي، ڪُوڪان هِتِ ڪاريون
۴. ويٺي ڳرهيان ڳالهڙيون، هَنجون هت هاريون
۵. جيڪي جايون جيءَ ۾، وِرهہ تنهنجي واريون
۶. سچل سهندا سپرين، عاجز جون آريون

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: اڄ سڄڻ پاڻ ايندءُ، جنهن لُئي نهاريئي ٿي واٽان
۱. متان لاهين آسرو، حال پائي اچي ٿيندءُ
۲. عجيبن جي اچڻ جون، ماٺهو مبارڪان ڏيندءُ
۳. پکا پکن ساماهان، آٿي دوست اڏيندءُ
۴. متان ماندي تون ٿئين، گوشي پاڻ گڏيندءُ
۵. توکي چاٿي پانهنجو، سچل يار سڏيندءُ

(سر جوڳ-پيروي)

ٿلهـــــ: آءُ وڃي ڪنهن کي چوان، هي يار جو احـــوال جي
ســـــڌ تنين کي سِر جي، هونـدو جنيـــن تي حـــــالَ جي
۱.حـــال ســـر جن جي جهليــو، ڪوته تنين ٿيـــو قـــال جي
مـاضي تنين تئون محـو ٿـيو، آئون نہ ڪر نہ استـقـبـال جي
۲. پاڻ پروڙي ڳالهـــــ جن، تن خبـــــر خاصي خيــــال جي
جي سُرڪَ ڪـئـون صـافي ٿـيـا، ڪَلَ ناءِ تن ڪلال جي
۳. شـاهي جن جو شـــان ٿـيــو، تن ناءِ ســـڌ ســـوال جي
مـيخاني مئـون مـخـمـور ٿـيـا، منجهہ بي خودي بي حـال جي
۴. "يســـمع و بي يبـصـــر" آتـــئي، ويڏن اها وصـــال جي
ڪر واقف وهـر ســـيـن، ســــچل قـــرب ڪـمـــال جي

(سرپيروي)

ٿلهہ: آءُ ڪيئن آتڻ وڃان ڙي جيڏيون، چرخو چيو منهنجو نا ڪري
۱. چرخو چندن عــــاج جو، پـــورا ڪيـــون ٿي پـــچان
۲. جيــڏين ســـرتين جوڙيون اُٽايون، آءُ ويٺي پوٽيـــون پچان
۳. هٿ ڪرايون آڳريون، پـــينر سڀ مـــروڙي پـــچان
۴. سڪ سَـچل کي مـــحب ملڻ جي، آهي امـــيـــد اڄان

(سربروو)

ٿلهـــ: اڙي پلوِ يار ڪيــفي تنهنجي، مـــاريو مـــونکي اکـين
۱. شـــوري مٺَ شـــراب مَئـون، تنهنجن چکيــو ڪين چشـمن
۲. هوءِ جي عـــــاشق تنهنجا، سي قـــــهـــريون قـــتـل ڪن
۳. گـنوتـا گـل گـــــلاب جا، تـن هنيـــــــو پـاڻ پـنهن
۴. هَرڻ تا حـــيــران ٿـيـــا، سي ڏسـيـــون پو پـــڇن
۵. هئي نيـــزا لڳن نينهن، مـــتي تا مـــســـتن
٦. بَـڙچا تـنـهـنجي بـرهـہ جا، اُهـي پـارون پـار لـنـگـهـن
۷. نرگس کي تن نيـست ڪيـو، ٿـيـو سَچل ترس ســـن

(سربروو)

ٿلهـــــ: آءُ اچـــي رهہ رات، پلـــو منـهـنـجـا يـــار ڙي
۱. راتــو ڏيـنهـــــــان روح ڪـني، آءِ اوهـانـجڙي تـــات
۲. مَـــشَـــرُ آءُ مُـــلــڪِ م. ســـنـديـــو ڏاڍي جات
۳. حــسن ڏي، وهـنجي، تنهنـــڙي کـي هيـــهـــات
۴. ســـچل کي تنهن سر جي، ڪاڏهون ٿــــيندي ڏات

(سربلاولي)

ٿلهه: آهيان آءُ تا اُهائي، هيٺ مون لوئي

١. مالڪ منهنجو سو تو ڄائي، تنهن کي سڌ سيائي

٢. ٻولي ٻيءَ تي مَتي ناهيان، اها اٿم اڳين وائي

٣. گلم غاليچا اوهان ٻاجهون، ڇارَ ڀانيان سڀ ڇائي

٤. جيهي تيهي آهيان اوهانجي، ڪريو اڄڻ جي ڪائِي

٥. ظلم جي جايئون سڻ سچل ري، الله ڪندم آجائي

(سر توڏي)

ٿلهه: اڄ اسان وٽ آءُ ميان، تون مجهين والا ميهار ميان

١. پاڻي اپڙڻ نه ڏئي، هڪ ويريون ٻيو واءُ ميان

٢. ڪاري ڪُنَ لهريُون لسان، ڏَورُ وڏي درياءُ ميان

٣. ساهڙ سَبٻئون تهانجي، سرتيون ڏين نه ساءُ ميان

٤. سيٽاهيو تان سينئون وجي، هن ڪُنِ ڪئون ڪاءُ ميان

٥. پرين وڙون پانهنجي، سچل لَهه سماءُ ميان

(سرجوڳ)

ٿلهه: آءُ تا اچي پيرس اُتي، جتي جاءِ ادب جي ناهه وو

١. نادانن ناداني آهي، ٻيهن اِتي هُتي

٢. وحدت جو پيو باز جتي، مئو مرغ ادب جو تتي

٣. وهم خيال وڃايا غيري، خيال هڪڙي ڳتي

٤. سرُ ڪٽايو سو ڪيئن موتي، ويڙو جو شرطِ اُتي

٥. سچل سچ اُهوئي آهي، وسريئي پنج ستي

(سرجوڳ)

ٿلهه: اڪيون ازايم ڏاڍي جاءِ، ڙي جيڏيون ڪيئن ڪريان

١. سجڻ چون سسي ڏي آئي، پلئي اسان جي پاءِ ڙي

٢. پرت واري پوک جو، تا ڏنُ اهوئي آءِ ڙي

٣. ستم ڏينہ سر ڪي، آءِ انهين لالن لاءِ ڙي

٤. راتو ڏينهان روح کي، سچل هو ليڙو هاءِ هاءِ ڙي

(سرجهنگلو)

ٿلهه: بحر برهه جي موج ڪڙڪي ٿي، ناگهه تنهن سر آياسي
١. موج بموج برابر آئي، جان جسم جي سڌ نه ڪائي ڪام نهنگ نياسي
٢. لهر لڙاٽ منجهي لڙ لايو، تنهن تا هيءُ وجود وڃايو خوني موج ڪنياسي
٣. ڪارونيار مڙيوئي قلزم، تاتي جان نه جسم نڪو دم چوهي چوليءَ سر چڙهياسي
۴. شهه درياه تي اچانڪ آيس، مهرهه ساڻ تنين لڙ لاياسي پيا سڀ غرض گنواياسي
۵. سيرُ سرير ڪيو سڀ پاڻي، خاڪي جسم ٿيو گم هاڻي عينون عين ٿياسي
٦. سچل نالو آهين بهانو، تون يگانو ناهين بيگانو عشق معشوق ڪياسي

(سزبرو)

ٿلهه: برهه بيراڳي ڪيو، ڙي جيڏيون مونکي درد ديوانو ڪيو
١. پڇو ڪَير طبيب پيا، مونکي نينهن سو نيو
٢. هاريون اڇي اوچتو، پُور پرين جو پيو
٣. اُندوه عشق عجيب جو آهي، ڏکيءَ کي ني ڏيو
۴. جو امڙ اوراڻو ڏنو، سو تا ساڳي ٿيو
۵. سرتيون پاڄهون سوز جي، آهي جُنِ گاڏوَن جيو
٦. راتو ڏيهان روح کي، خيال ڪيو هن کِيو
٧. سچو باقي سچ ٿيو، غير وڃئون تا ويو

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: برهه جي بازار، جيڪا ڏسڻ ايندي
١. جيڪا جو ڏسندي تجلو تنهنجو، رهندي منجهه قرار
٢. سودو جا ڪندي سر جو، وهندي سا ڪين قرار
٣. چؤسول اندر سرخي مائل، تيز گهمي تلوار
۴. جنهن ڪنهن چمڪو ڏنو تنهنجو، سا سرُ ڏيندي سردار
۵. سچو انهيءَ سِير ۾، آهي ڪسڻ جي ڪار

(سربروو)

ٿلهه: آءٌ ويڙهي تون تا وس ڙي، پلو پنهل يار ميان
١. پرين مونکي پانهنجو، ڏاها ڏي ڪو ڏسُ ڙي
٢. نماڻيءَ جو حالڙو، پريمِ اچي پسُ ڙي
٣. پوي پاڇاڻيءَ جو، توکي مانُ ترسُ ڙي
٤. وهڻ آءٌ پنيور ۾، بنا عشق عبث ڙي
٥. سوز اوهانجو سپرين، سچل آءٌ سرسُ ڙي

(سرجوڳ)

ٿلهه: اديون ڙي اهي اچن، جن ڳاريو مونکي الله الله
١. هُئنِ سدا هتِ سپرين، وري نه شالَ وڃن
٢. پري نه وڃن مون پرين، ويڙهي سي هنَ وسنِ
٣. آءٌ تا گهوري ڪاڪيُون، راضي سي پاڻ رهن
٤. دعا ڪجو شال هن غريب ڪئُون، رَتي سي نه رُسن
٥. جيهو تيهو وو جيڏيون، سچل سگ سندنِ

(سرسسئي)

ٿلهه: اڙي جيڏيون مونکي چو ٿيون، پرين ڏنهَن جهليو
١. ويهان ڪين پنيور ۾، جو روح اُنهن سان رَليو
٢. ساٿن ٿيندس سنگتي، جو هوت هاڙهي ڏي هليو
٣. مونکي نه ڪريو مستان، مَنُ ته محب مليو
٤. پريان سندي پارَ ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو
٥. سڄڻ سارو پنهنجو، سِرَ سچل کي سَليو

(سربروو)

ٿلهه: آءٌ صبح انجام اسان جو، پرين پلا تنهنجي پار ڏي
١. اسان ڪنيو تهانجو، سِرَ تيَ ڪُلُ ڪمامُ
٢. دانهون ڪري درد مَئون، برهُ نه ڪر بدنام
٣. جي تون پڇين ڳالهڙي، طلب نه ڪج تمامُ
٤. اگڻ اچون تهانجي، عاشق ڪر آرام
٥. سچل سيو تهانجو، ڪيو سي قبول ڪلامُ

(هيءَ ڪلام مرحوم فقير نظر محمد صاحب مغل جي قلمي بياض تان نقل ڪيو ويو.)

(سرجوڳ)

ٿلهہ: ٻانهي آهيان گولي آهيان، آءٌ تہ يار سڄڻ جي

١. آءٌ نماڻي عيبن هاڻي، ڏوهن ۾ آءٌ تا اولي آهيان

٢. جيهي تيهي آهيان ڙي جيڏيون، جانب جي آءٌ تا جهولي آهيان

٣. پلپل پچن حال منهنجڙو، ڳالهہ انهيءَ جي تا گولي آهيان

۴. هيڏي هوڏي نہ وڃان، محبن جي آءٌ تا ٽولي آهيان

۵. ڏس سچوءَ ڏي سپرين، نا تہ چپر هت چولي آهيان

(سرکوهياري)

ٿلهہ: ٻانهي ٻاروچل جي آهيان، وي آهيان وي آهيان

١. پريان سندي پار ڏنهن، آسرو هَڏ نہ لاهيان وي لاهيان

٢. صورت وارا سپرين، آءٌ نماڻي چاهيان وي چاهيان

٣. هُو تا سائين آءٌ تا گولي، سگَ نہ ساڻن ساهيان وي ساهيان

۴. ڏينهن لنگهيم هت کيترا، کيچ وٽن ڏي ڪاهيان وي ڪاهيان

۵. هُئڻ سچل جو آهِ تنهين سان، انهن ٻاجهون ناهيان وي ناهيان

(سرکنيات)

ٿلهہ: ٻانهو پاڻءَ ۾َ ٻاڻ، توهين مالڪ ملڪ جو

١. "لا خَيرُ فِي عبدي" آهي، اهو اتيئي اُهڃاڻ

٢. پاڻ پنهنجو پاٺي، صورت منجهہ سڃاڻ

٣. تون ئي ڄاڻندڙ سيڪي، تئين ڪيئن اَڄاڻ

۴. الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ

۵. سچو سائين هڪڙو ناهي شڪ گماڻ

(سرسُئي)

ٿلهہ: ٻيو ڪير پڇي تو حال منهنجو، خان ٻاروچل ٻاجهون

١. تو ريءَ آهيان يار سڄڻ، آءٌ اُداسي اَهنجو

٢. جنهين ڪنهين سان پيچ پاتوسين، غرض رکي سو نہ ڪنهنجو

٣. خيال اسان ڏي آهي جنهنجو، آءٌ ٻي سو آهيان تنهنجو

۴. اسان ڄاتو صحيح سڃاتو، عاشق آهين تون اسانجو

۵. درٿون پيهي پاڻ پچندو، آهين سچو تون ڪِي سَهنجو

(سر ڪليان-آسا)

ٿلهه: بيرنگي سڄڻ رنگ لايو، ڏسو ڪيهو ڪيهو ڙي ميان
١. سرخ سياهي زرد سفيدي، انهيءَ عجائب آيو
٢. ڪاٿهي فرعون ڪاٿهي شداد، ڪاٿهي موسيٰ نانءُ سڏايو
٣. تخت هزارو چڙهي ڪري وو، تنهن تا جهنگ پڇايو
۴. سچ ڪڪر ۾ سنو ري سنئيان، ڪنهن تا چنڊ ڇپايو
۵. ذات صفات کي سچو سهي ڪر، هاديءَ هيئن سمجهايو

ب

(سرسسئي)

ٿلهه: ٻاروچا پئيو ٻاجهه، ڇپر مُئيءَ کي هِيئن نه ڇڏيجو
١. مهر نه لاهيو مون پرين، مٿان هِنَ محتاج
٢. آهي هِنَ عاجز جي، توتي لالن لاج
٣. ڳچيءَ پائي ڪپڙو، أت ڪريان ايلاج
۴. هيءَ پٽيءَ لڳي تنهنجي، مُنجهون ساري راج
۵. گهوريان گهوٽ اوهان تان، سڀ مڏيون ۽ ساج
٦. پورهيو ڪنديس پرت جو، هٿين ڪنديس هاج
٧. اواهانجي ته اڄڻ لئي، سچو وجهي ٿو واجهه

(سرسسئي)

ٿلهه: ٻاروچا هيئن نه ڇڏيو، هيءَ نيو نماڻي ساڻ
١. سڌ تنهين کي سوز انهيءَ جي، جنهين لڳو ٻاروچاٽو ٻاڻ
٢. ٻانهي گولي تهانجي، پنهون ٻاڻ سڃاڻ
٣. پرين ڏسج پاڻ ڏي، آهيان آءٌ اڃاڻ
۴. بخش سچوءَ کي سپرين، سندو نينهن نياڻ

(سر سسئي-جوڳ)

ٿلهه: ٻانهن جي آءٌ ٻانهي آهيان، ٻاروچي جي ذات جي
١. ڪيمَ جهليو مون جيڏيون، دوسن جي ديواني آهيان
٢. آءٌ ڪنيزڪ ملهه خريدڻ، شاهن جي ڪا ثاني آهيان
٣. اٿَنِ اوٺارنِ تئون لا، ڪوڙين آءٌ قرباني آهيان
۴. جي مون پڇيو جيڏيون، سُورن ۾ ساماٽي آهيان
۵. پڇو سچوءَ ڪئون سرتيون، محبن جي مستاني آهيان

(سرسسئي)

ٹلهه: پينر ڙي بيهوس، وڃي آءٌ پيان
١. وس نہ آهيان پانهنجي، واڪو ڪيم بيوس
مين ديوانڙي ٿيان
٢. لوڪ ساروئي سرتيون، روح نہ اچي رس
حالئون هڻ مين ڪيان
٣. مڇ ڏاڍو مُنون سر آيو، ڪوئي نہ اچي ڪَس
قابو عشق ڪَيان
٤. برهہ واري بات ڪئون، سچو نہ ڪري بس
مهٺا ڏِيَنِ سنئيان

(سربرووو)

ٹلهه: پينر هيءُ پنيورُ، اسين ڇڏي ويندا سون
١. وَسِ نہ آهيان پنهنجي، پُورن متي پُور
هت رتي نہ رهنداسون
٢. جاءِ عقل جي ناهہ ڪا، عشق ڏيکاريو هت زور
أهو وئي ويندا سونَ
٣. ٻورهيو ڪنديس وي پِر جو، ڇڏي ٻيو تَڪَ تورَ
اسين جا ڪِي جيئندا سون
۴. ڪاڪيُون وڃي ڪيچ پر، لاهي هِينئين جو هور
ڏک ڏوراپا ڏيندا سون
۵. سچو ڏني سڄڻ، شوق مچايو شور
تن جي پکي پهندا سون

(سربرووو)

ٹلهہ پول نہ ٻئي ڪنهن پُل، تون تہ آدم ناهئين
١. لڪو ٹو لاتيون ڪري، جيئن باغ اندر بلبل
٢. مَلڪن ٽي سجدا ڪيا واهہ متي تنهنجو مُلُ
٣. ڪيرُ ٹپائي ڪيرُ ڪڍائي، شاه بنا دلدلُ
۴. احد منجهارُون عبد سڏايئي، هُئين تا پاڻ اصُلُ
۵. سچل چوي سچ ٽي آئين، ڪونهي تنهنجو ٹُلُ

(سر سسئي-جوڳ)

ٿلهہ: پيو ڪير حامي منهنجو ٿيندو، لکي ٻاروچل ٻاجهون
١. دردمنديءَ جي دل اُنهيءَ کي، پاٽئون دلاسو ڏيندو
٢. ڪين ڇڏيندو ڇپرين، سوئي نال نماڻي نيندو
٣. اکڙين سان سيئي ڏسنديون، اگھ آرياڻي ايندو
٤. پاڻ پنهنجو يارُ پيارل، ساڻ غريب گڏيندو
٥. ڏنگاين ڏي ڪينَ ڏسندو، بَديُون تا بخشيندو
٦. مَهر پنهنجي سان ڪنهن ڏهاڙي، سچو سو نانءُ سڏيندو

(سرسسئي)

ٿلهہ: ٻاروچي لَنوَ لائي وو ميان، ڪوهياري لَنوَ لائي
١. ڳالهہ نہ ٻُرهڻ جهڙي، ڏاڍي سورَ سلائي
٢. سرتيون مون سان سورَ ۾، پينر ڪا نا پائي
٣. يرَ وٽيسان هانوَ کي، ڏانهن عجيب آئي
٤. سِرَ ڏيوڻ سچڻ کي، سچل آهي سچائي

پ

(سرسسئي)

ٿلهہ: پلي ڪري آئين آئين، هت تون گهرجين يار
١. هت تنهنجي گهُرَ گهٽي هئي، دوست مٺا دلدار
٢. جاڏي تاڏي جلوو تنهنجو، عجب تنهنجا چمڪار
٣. هي پي هُو پي هڪ ديس تنهنجو، چئين ڪُنڊين چوڌار
٤. اچي ٿيئين هڪ سچوءَ سان، لاهي پيائيءَ بار

(سر بروو-جوڳ)

ٿلهہ: پِلَ وچي تو پِلَ وچي تو، لوڪ ساروئي پِلَ وچي تو
١. مان تون ويندي اُهوئي ٿيندو. پول اهوئي جيڪو پجي تو
٢. اهو اُهوئي سرتيون آهي. نہ تو اها ڪوئي ڳالهہ مجي تو
٣. اندر باهر اُهوئي آهي. سچو هي سرُ صحيح سجي تو

(سرجوڳ)

ٿلهه: تنهنجي آهيان آءٌ، پنهنجي ڪري ڄاڻ
١. ڄاڏي تاڏي توهين دلبر، ڪاڏي ڪاهيان آءٌ
هونديس اوهان ساڻ
٢. آءٌ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نہ ساهيان آءٌ
چيٽڪ ڪَيس اَڄاڻ
٣. سڪن ڪيئي تو لَئي سانول، هڪ تہ ڇاهيان آءٌ
صدقي ڪيم پاڻ
تو هئو ٻاهر سَن سچو ري، ڪو دَمُ ناهيان آءٌ
منهنجو جهلج پاڻ

(سرتوڏي)

ٿلهه: تنهنجي اڇڻ جون واٽڙيون، نِت نِت اُيي نهاريان
١. لَنوَ لڪايو لوڪ ڪئون، هنج ۾ هنجون ٿي هاريان
٢. سي ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪريان، جيڪي سڄڻ ٿي ساريان
٣. داغ تنهنجي درد جا، ڏيهه ڪي ڪيئن ڏيکاريان
۴. سچو چوي سائين شوق تنهنجي ۾، ڪو دَم نہ وساريان

(سرسئي)

ٿلهه: تنهنجي پانڌي پيغامن، الله منهنجو جيءُ جياريو
١. هي تا تَنُ تَوانُ ڪيو، اڙي ساٿي سلامن
٢. تو تئون آءٌ قربان ٿيان، ڏنهن آئين عجيبن
٣. منهنجو ڀت ڇريو ڪيو، هن نينهن جي نياپن
۴. دردونديءَ جي دل ڪي، ڪيو قابو ڪلامن
۵. ڪيائون ياد حقير ڪي، يار پڇاڻا پرين
٦. ڪيائون مهرئون پانهنجي، ڪوش ڏي غلامن
٧. منهنجو ورهه وڌايو، اُن جي انجامن
٨. جيهو تيهو آهي ئي، سچو سگ سندن

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: تنهنجو درد اصل ڪئون، اختيار ڪيئوسي
تنهنجن سخن سچن تي، اعتبار ڪيوسي
١. ڪي تا پچن پرينءَ ڪي، ڪُرسيءَ يا عرش اُتي
تنهنجن اکين منجهان سهٽا، اسرار ڏٺوسي
٢. ڪي تا تابع تجلي، يا شعلي نُوري يارو
اسان صورت هن ۾، تا ديدار ڏٺوسي
٣. تنهنجو حسن ٻنهي جهانين، يار سڄڻ سهي ڪيوسي

(سرسئي)

ٿلهه: پيچي پاهڻَ تي پاسي، مستان ڏاڍو ڏک پويئي

١. پنهون سندي پار ڏي، اسين تا پنڌ پياسي
ترس اهو مان ٿيئي

٢. چو تو سمهين پير مٿي جا، اگهين نينهن نياسي
ڏک ويا ڏير ڏيئي

٣. سڻُ ڙي ڏونگر حال سچل جو، وندر جي اسين وياسي
چگيان پاڻي هوت چويئي

(سرکوهياري)

ٿلهه: پلي ٿيو پيئر، منهنجو هي سگ عربي جام سان، مرسل مير سان

١. عشق تہ آريءَ جام جي، ڏيکاريو ڏونگر
روئي رگيندي رت سان، چٽارين سو چپر

٢. تکي سير سمنڊ جي، واڪا ڪري ميان
دهلي ڪين دلي ڪئون، سندي مامر ميهر

٣. اکيون عجيبن ريءَ، جال وهائن جَرَ ميان
جن ڏنو سپرين، سي ڪِيئن ڪن صبر

٤. مون تي رسج مصطفيٰ، دوست منا دلبرِ
سچيڏنہ جي سدا ڪا، وَرنہ ڪجو ور

(سربروو)

ٿلهه: پينر هيئن نہ پانيون، تہ ڪي هوت ڪندا ههڙي مون سان

١. عشق تہ آتش جهڙو، لالن وجن لايُون

٢. ڏيندس پاروچن ري، پنيور ڪي باهيون

٣. سرتين ستد نہ سُور جي، هي تنُ وجن تايُون

٤. ڏنوَ ڏين تا ڏيل ڪي، سنديون جتن جايُون

٥. سچل وجي ساترو، چُپ چپاتي چايُون

ت

(سرسئي)

ٿلهه: تاڏي منهن نہ پيو ڙي منهنجو، جاڏي لوڪ لڙي تو

١. جيڪو هُيڙس جيڏيون، ساڳي آءٌ ٿيو

٢. پاڻ ئي پنهل آهيان، جاتو ڪونہ پيو

٣. ظاهر منهنجي ذات ڪي، ڪيچين پاڻ ڪيو

٤. سچو سارو سچ تيو، وچئون ورهہ ويو

(سربرو)

ٿلهہ: تون تہ پاٺهي ٿو سائين چاٺي، ڪيهو حال چوان توکي هاٺي
١. دل ديواني ڪئي اسان جي، محب اوهان جي ماٺي
٢. ڏوهن ڏي ڏس ڪين اسان جي، سائين تون پاڻ سڃاڻي
٣. دردمنديءَ جي دل توئي سان، اکين اڙائي آٺي
۴. ڪڏهن اسان وٽ ايندين دلبر، ويئي وجهان ويچاٺي
۵. سوال سچوءَ جو آهي اهوئي، تنهنجو عشق نہ شال اُڪاٺي

(سر جوڳ-برو)

ٿلهہ: تون تا ڪڏهن ايندين وي يار، تنهنجي روز نهاريان راهہ
١. سر تي چاڙهيا، سپرين برهہ تنهنجي بارَ
٢. راتيان ڏينهان روح کي، تنهنجي سار سنڀار
٣. وَهن ٿا واکا ڪيو، نيٽن سندا نار
۴. آءُ تا هڪڙو ناهيان، تنهنجا عاشق لک هزار
۵. سُورَ سنڌءَ ميان سپرين، مونکي کوهہ پر هٽن قهار
٦. پرين پاڙج پنهنجا، جي ڪيئي قول قرار
٧. ڏوهہ ڏيان ڪنهن کي، آهي مُون ئي سر ميار
٨. اندر منهنجو اڌ ڪيو، جاني اِنهينءَ جار
٩. ائي پهر ٿي وڃي، تنهنجي تند تنوار
١٠. مُئي ماري اتهين، تون وئين ڏنهہ وٽڪار
١١. سچو سڳ اوهانجو، ٿو روئي زار و زار

(سربرو)

ٿلهہ: تون تا وسين منهنجي من، توکي چئي ہڌايان چا
١. هوت سنديوَ آءُ حاضري، پيہون سي ڏِنيزَم ہَن
٢. مقصد منهنجو تون ٿئين، پيا ڪعبي نِيتَ ڪَنِ
٣. آءُ گهٽو گهوري تن جي، ڪيو سر صدقي جن
۴. عرض اِلاهوُن عاجزن، کوهہ نہ ڪرين ڪَنِ
۵. اکين عامَ نہ آئڙي، توکي جاني ڏنو جن
٦. آهي سچوءَ کي سدا، طلب توهان جي تَنِ

تنهنجي سچيءَ ڳالهہ، هن اُتي اقرار ڪيوسي
۴. هُو جو ڪيڙو مون سان سو پنهنجو واعدو پاڙيو
سر ساهَ مٿائون صدقي، آهي صد بار ڪيوسي
۵. سچو سگ دروازي، روز ازل کئئون
تو پير عبدالحق جو، پيزار ڪنيوسي

(سربروو)

ٽلهہ: تون آءُ اسان وٽ يار، تنهنجي ڪاڻ جيئڙو جُکي ٿو
تنهنجي اچڻ ڪاڻ ساهڙو سکي ٿو
۱. بس نہ وڃڻ ڪئون ڪرن، نيڻن سندا نار
۲. ماٺ ڪندي ئي چاڙهيا، برهہ اسان تي بار
۳. پرين پاڙج پنهنجا، جي ڪيئي قول قرار
۴. چمي چشمن تي ڪنيم، تنهنجو عشق الله توهار
۵. باهہ جيهو آءُ پانئيان، جو دم توهُون ڏار
٦. راتو ڏينهان تهانجي، آهي سچوءَ سار سنڀال

(سربروو)

ٽلهہ: تون آهي صاحب صورت جو، هيءُ آهي غلام تنهنجو
آهي ذوق شوق سهٽنا، مونکي مُدام تنهنجو
۱. جي آهن اصل اوهان جا، سي نا وسارجو ميان
مون آهي مقرر، سائين سلام تنهنجو
۲. راتو ڏينهان روئڻ ۾، هينئڙو اُداس هُيڙو
رهبر آئي رسائيو، پريتم پيام تنهنجو
۳. دلگير تون مٿان ٿئين، ڪر دُور درد ڪي ميان
اول آخر اسان وٽ، هوندو مقام تنهنجو
۴. رد ڪر فنا فڪر ڪي، اُميدوار ٿي رهہ
هت هُت يقين ڄاڻج، آهيان امام تنهنجو
۵. تونَ آهين اصل اسان جو، آهيون اسين سي تنهنجا
آهي قبول ڪُلي، سچو ڪلام تنهنجو

(سرڪلياڻ)

ٽلهہ: تون پنهنجو پاڻ پساءِ، شوق تنهنجو مونکي يا شفيع
۱. هن جي اکڙين ۾ اچي، جوڙي ويهج جاءِ
۲. ناميا ناڻ ڏٺيءَ جي، پير اسان وٽ پاءِ
۳. اِڳي پوءِ پي آسرو، تنهنجو اسان ڪياءِ
۴. اج بہ واٽ نهاريان، لالن تنهنجي لاءِ
۵. آءُ اگرءُ آسـ ...ند ... سڪاءِ

(سر جوڳ-پوربي)

ٿلهه: توسان منهنجي يار، رهجي اچي شال
١. آءُ ڇا ڄاڻان عشق منجهارون، برهي والڙا بار
٢. طرف نہ ٻي ڪنهن خيال رنيايان، آهي سدائين تار
٣. هوندين هميشه گڏ اسان سان، نيڻن وهايم نار
٤. پانهن سچوءَ جي سهڻا سائين، پرتي اٿوَ سردار

(سر بروو-پيروي)

ٿلهه: تو ڪيئن اهي وسري ويا، جن ٿي ڪارون توسان ڪيا
١. پانڌي پرينءَ جي پارَ ڏنهن، آندي خبر اها يارَ ڏنهن
آيو اصل اسرار ڏنهن، دوستن سندي ديار ڏنهن
٢. ڪيئن تون پئين ٻي ڳالهہ ۾، هيءَ جيءُ وِڌءِ جنجال ۾
جوَ آهين ڪهڙي خيال ۾، رهہ تون هميشه حال ۾
٣. ڪانئِنِ پاسي ڏينهڙا پينيءِ، سي ڳڻُ سندن وسري ويئي
سچا سخن سائينءُ ٽِيئي، سڏ ڪين ڪڏهن تا ڪِيئي

(سر پيروي)

ٿلهه: تو ڪين وڃايو پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي
١. پاڻ وڃايو نہ لهين، پڇي شڪ گمان
٢. آخر گڏيئي گهر ۾، سوئي گهر سڃاڻ
٣. مڪڻ آڪر هيڪڙو، سوئي، ڪير سڀاڻ
٤. آهين ناهين آهہ سپوئي، آهِ نڪو اهڃاڻ
٥. ڇا جي ٽيندو ڇا جي ليندو، صورت وچ سڃاڻ
٦. سچو ٿي سچ آيو، ماڳ انهيءَ مهمان

(سر ٻلاولي)

ٿلهه: توکي پيڙو ڇا ڙي يار، جو آئين درد جي دامان ۾
١. ڪنگري عرش اٿي ڪُل مَلڪان، بيٺا ڪن صفت ثناءُ ڙي
٢. شاهہ منجهون ٿي چاڪر آئين، بيحد ڪيتئي بناءُ ڙي
٣. پاٺون ڄاڻي پانهجو هِت آئين، لهڻ سڌ سماءُ ڙي
٤. صورت منجهہ سچو جي ڪِيَڙئي، اهو اصل آلاءُ ڙي

(سرٻلاولي)

ٿلهـــــ: تون رَبَ ڏاڍو بي پرواهه، آءُ تا ڏچان تنهنجي ڏاءُ
١. ذڪريا کي ڪرتَ وجهـايئي، سـسي منجهـان سـاهه
هو مـڪي جو ڪوڏيو، تنهن کي ڏِنئي ڪيئن کهـڪاءُ
٢. حـسن مـارايئي حـسين مـارايئي، ڏيئي جيءَ جفـاءُ
ڪربلا منجهــه قـتل ڪرايئي، ترسُ نه پيــڙءِ ڪاءَ
٣. ظلمي آهين رحـمي آهيـن، جا وٺيـئي سـا واهُ
سـچو سـر تي سڀ مَنين، سـائين جيـڪـا رَب رضـاءُ

(سرسسئي)

ٿلهـه: توڏي هُين ڪا تيـاري، اجهي اچ سي ايندءِ مـيـان
١. رکج وڏو آسرو، جي تون محبت ماري، آهي نال تہ نيندءِ ميان
٢. اچي اگڻ تهـانجي، ڏيندءِ سي دلداري، سنوان طالع ٿيندءِ ميان
٣. وٺي گهٽي يار کي، زور نہ زيادهه زاري، وَري پوءِ نہ ويندءِ ميان
۴. آهي هٿ حبيب جي، ڳالهه سچوءِ جي ساري توکي ڏاڻ سي ڏيندءِ ميان

(سرجوڳ)

ٿلهه: تو ريءِ ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪنديس، آءُ وَرَ واڳ وَرائي
١. واٽ نہ ونڊرِ جي لهـان، وڏيس مـونجهـه مُنجهـائي
٢. سڪ تـنـهـنجي سـپـرين، تـي ڏونـگـر ڏورائـي
٣. هيـڪـلڙي هــيءَ خُـبَ ۾، ويـنـي ورهه وسـائي
۴. طعنـن شـهـر پنيـور جي، وڏم تَـنُ تپـائي
۵. جيـهـو تيـهـو سـپـرين، سـچو سندُن سڏائي

(سرٻلاولي)

ٿلهه: توسـان يار عـاشق، منهنجي پرت اصل ڪـٿـون پيـئي
١. اصل منهنجو عـشق توسـان، ڪوڙين آهن ڳالهـيون ڪيـئي
٢. ڪڏهن مــڪــو ڪونہ اســان ڏي، نيـاپو ڏک ڏيـئي
٣. اسـان توئي سـان هڪ ٿيـنداسين، وچون وائي هجر جي ويئي
۴. سيئي سانيج ڳالهيون اسان جون، جاني ڪيڙم توسان جهيئي
۵. جيئي ڪيا هيم قـول توئي سـان، سـچو پاڙيندس سيـئي

(سرجوڳ)

ٿلهہ: تَنِ رويُون حال چوان، الا جي اوٺي آيم اوڏهون
١. پايون پاند ڳچيءَ ۾، آءُ پيرين تن پوان
٢. سرتيون انهيءَ سوز جي، ناهي سُڌِ اوهان
٣. سکن اُتي کين کي، آءُ مٺيان سور سنوان
٤. سڄڻ سڄڻ تي ڪريان، ٻيون لاتيون کين لنوان
٥. جوش تنين جا جان ۾، هن مونکي نت نوان
٦. سچل اکڙين مَئون ٿيا، ريلا رت روان

(سرسارنگ)

ٿلهہ: تنهنجي چشمن چيٽڪ لايو، هاڻي آءُ ڪيئن ڪريان
١. ڪَلَ نہ مونکي ڪا هئي، عشق اچانڪ آيو
٢. دل اسانجڙيءَ لعل لپيٽيو، رمزن جو رنگ لايو
٣. سدا گهرجي سچل کي، محبت جو ني مايو

(سرجهنگلو)

ٿلهہ: تنهنجو ديس وسي، ميان پري نہ وڃ پرديسي
١. باقي ٿئين يار اسان کئون، دل نماڻي جي کسي
٢. اوهان ٻاجهون دلبر سائين، آهيون اُداسي اَسي
٣. وينا ڏسون واٽ اوهان جي، مانَ کو رهبر رسي
٤. اچڻ اسان جو يار ايڏنهن، ڏيهہ سندوَ کو ڏسي
٥. سِر سچل جي يار سدائين، ورهہ جو مِينهڙو وسي

(سربلاولي)

ٿلهہ: تنهنجو ديسڙو وسي، پلا ڙي ني پرديسي
١. اگڻ يتيمن جي آءُ تون دلبر، آهيون نماڻا اسي
٢. سر اسان جي راتو ڏينهان، نينهن جو مينهڙو وسي
٣. چشمن تنهنجي چيٽڪ لايو، ويون منهنجي دل کسي
٤. اچڻ اسان جو آهي توڏي، ڏيهہ سندوَ کو ڏسي
٥. پاروُن تنهنجي سڻُ سچل ري، مَنَ کو رهبر رسي

(سربروو)

ٽلهه: توکي جاني نہ جڳائي تو، رُسڻُ نماڻن سان
١. جيهي تيهي تهانجي، آءٌ اصل ڪئون آهيان
اوهان جي تا اچڻ جو، آسرو هڏ نہ لاهيان
سِر تي سوز فراق جا، هي مينهڙا وسائي تو
٢. پريِ ڪر نہ پاڻ ڪئون، ڏي دلبر دلاسو
تو رِيءَ سُجهي ڪو نڪو، مونکي پرين ٻيو پاسو
جيهو تيهو اصل ڪئون، هي سندُوَ سڏائي تو
٣. سُڪن متي ڏکڙا، تي محب متايان
غم خوشيءَ ڪئون اڳرو، آءٌ ٻليرو پانيان
منهن مقابل تهانجي، اهو گوندر گڏائي تو
٤. اڳڻ نماڻيءَ جي تون، اچج الله ڪاڻ
هيڪر هوت ڪريج تون، يار ٻيرو منهنجي پاڻ
سوز تنهنجو سپرين، هتِ سانول سِجهائي تو
٥. ونئي وينئي آهي، اهو واعدو ويچاري
ڳچيءَ پائي ڪپڙو، هيِءَ ڪري تي زاري
سچو سگ اوهانجو، هتَ پانڌي پُڇائي تو

(سربروو)

ٽلهه: توکي عاشقُ پنهنجو ڄاڻان، توکي سونِ ۾ سُڃاڻان
١. اسين تا توسان آهيون سدائين، وجهج ڪين وڃاڻا
٢. آهي تا آهن نظر اسانکي، اچي جي در وڪاڻا
٣. دَستئون ڪري ڏِنوَ مونکي، يار داروءَ جا داڻا
٤. سهج سچو تون ساڻ يقيني، محبوبن جا ماڻا

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: تو ۾ تند تنوار، ٻڌين نہ تي ٻوڙي الا
١. ڳالهه اهائي ناهي سلڻ جي، خرچين سو لک هزار
٢. ساٿيڙن ميان ڪيا هي سڏڙا، لاهي سڀ ميار
٣. دم غنيمت جا هت آهين، ڏينهن دنيا ۾ چار
٤. سچل آکي ميان عشق منجهارون، تڳان تنهنجي تار

(سرتوڏي)

ٿلهہ: تهين ڏينهن ڏنائون، ساهہ منهنجو ساهڙ کي سرتيون
١. دردمنديءَ جي دلڙي، نازن سان نيائون
٢. هيڏي هوڏي نہ ويو، سوگهو ساهہ کيائون
٣. سٽي سنيها يار جا، عاشق ٿيس آئون
۴. جيءُ وڏائون جارَ ۾، ڪاڪيُون تن ڪڍهائون
۵. ميهر سندي معرڪي، هِيءَ غريب گڏيائون
٦. جِيءُ منهنجو جيڏيون، ويرڻ منجهہ وڏائون
٧. سچل ڪَڍُ سرير مئون، ميڙي سڀ مدايون

(سربروو)

ٿلهہ: تنهنجي محبت موهيو موهيو، رمزن ريهو ريهو تا هي ساهہ آٿيئي الله
١. طرفون تنهنجي راتو ڏينهان، چت گهٽيرو چاهہُ
٢. آهي اسان سپرين، حُبَ سَندوَ همراهہُ
٣. پيو پناري تهانجي ميان، هِيِي ڏوهاري ڏاهہُ
۴. واڪا ڪيون ٿو وهي، دل اندر درياهہُ
۵. ڪاچي ڪري ڪپڙا، سچل مَلينداپاهہُ

(سرجوڳ)

ٿلهہ: تنهنجي ڪارڻ ڪاريو، هوءِ هوءِ هوليڙو
١. ڪنهن سان ڪريان سپرين، تنهنجي ڳالهين ڳاريو
٢. ڪنهن در ڏيان دانهڙي، تنهنجي محبت ماريو
٣. آگ عشق جي اندر اسانجي، ڏاڍو هو ٻارڻ ٻاريو
۴. آءٌ اوهانجڙو آهيان، والي ڪِيمَ وساريو
۵. پائون پاسي نہ ڪريو، سگ سچل پنهنجو ساريو

(سرجوڳ)

ٿلهہ: تون آءٌ ڙي قاصد آءٌ ميان، ڪا خبر ڏينهون ڪِينءَ جي
١. پرين سندي پار جو ڪو، لهي اچ سماءُ ميان
٢. منهنجو ٿئي هت ڪين ڪي، ٻاجهون هوت هلاءُ ميان
٣. ملڻ ٻاجهون دوست جي، ڪندو ورهہُ وڏاءُ ميان
۴. سچل سمجهين ڪين ڪي، اهو اٿي لوڪ لقاءُ ميان

(سربروو)

ٿلهہ: تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنڀاريا، انهن ڳالهين ڳاريا هزارين هزار

١. اُهي يار آيا، نيزن جي نوايا، نيئي سر سلايا تنين تو آهار

٢. جنين موج آئي، تنين سڌ سڀائي، ڪيهي ڳالهہ ڪائي، لنگهيا شهسوار

٣. ڪمر جا ٻڌائون، وري نا ڇوڙيائون، نيئي سر ڏنائون، لاٿائون ميار

٤. مَچڻُ هٿ هٿن سي، اها ڳالهہ ڳٺي سي، ترئِ سر ڪٺي سي، ڪيائون نثار

٥. جي موجن چڙهياسي، لهرن لڙهياسي، اناالحق پڙهياسي، ڪِيا هن خمار

٦. هي نعرو هنيائون، اناالحق پڙهيائون، نيئي سر سليائون، ٿيا گم غبار

٧. مَي جا پيتائون، سي سهرا ڳيتائون، وڌي وک وڌائون، پاڙيائون قرار

٨. پهلوان پاسي، نہ ٿيندا ڪڏان سي، ايها بات باسي، هليا حڪم وار

٩. مُلڪان مُلڪَ ۾، مَلڪَ ۽ فلڪ ۾، سٿو سڀ خلق ۾، پئي هِيَ پچار

١٠. منجهون حُبَ هلياسي، ماري چوٽ چلياسي، وجي رنگ رَلياسي، تنين هِيَ تنوارَ

١١. اهي اعتباري، سوري جن سواري، عجب خوش خماري، ڪُنَن جي قطار

١٢. نشانا گوڙيائون، منهن نا موڙيائون، پئي هٿ ٻڌائون، ڪُنا قرب دار

١٣. ٿي منصور مستي، ڪيائين گم هستي، هنيائين دو دستي تپش جي ترار

١٤. پي شبُلي شابس آءِ، سورن جي سراپاءِ، ڊڪيائين لڱن لاءِ، وجودون وسار

١٥. مُلان سوَ قاضي، ڪڙي ڪيائون بازي، منجهن ڪنؤ غازي، ڪڙو هو جهونجهار

١٦. فتويٰ لکيائون، قتل سو ڪيائون، مبارڪ ڏنائون، نِي ڪي هوشيار

١٧. هوئين پير جنهن تي، ڏِنوُ سر ٻي تنهن تي، نہ سڌ هي سين ڪي، نئين سچ سچار

١٨. سچل سڪ تنين جي، جذب جاءِ جنين جي، نہ پرواهہ ڪنين جي، رکي ني سنبار

١٩. وڍي سر پڃاڻو، اناالحق وراڻو، اهو سر سڃاڻون، آڻيو اعتبار

٢٠. هنيائين هڪل هِي، وَئي تا شڪل هِي، نہ حاجت عقل هي، جَليا جلويدار

٢١. ڏنوُ منهن متاري، نہ ڪاڏي نهاري، سٿيو سر سُچاري دِلون دوستدار

٢٢. سچي ڳالهہ ڪيائين، نہ ڪوڙي چيائين، نيائي نينهن نيائين ڪارڻ هڪ نظار

٢٣. باهين ۾ وڌائون، پوءِ لهرين لوڙهيائون، اناالحق ٻڌائون تي هَئي هَئي هونگار

٢٤. سي بغدار سارو، مريو بهوت ٻارو، منجهن نر نعرو هٽي هوشدار

٢٥. سچل عشق ايندئي، اچي داڻ ڏيندئي، "من و ما" نيندئي، ڪندئي گل بهار

(سربروو)

ٿلهہ: تنهنجي حسن ڪيو حيران مونکي، انهن چشمن ڪيو مستان مونکي
١. جلوو حسن جو هڪ ڏهاڙي ڏٺم، تهين دم ڪيو ديوان مونکي
٢. خمار اکيُون مخموري تنهنجيون، مستي چشم جي ڪيو مستان مونکي
٣. تحُفو عشق جيهو آهي ڪونہ ٻيو، تو ڏنهن آيو فرمان مونکي
٤. سچل مقصد هي تا توهين تون، ڏيو نينهن جي دست نشان مونکي

ٿ

(سُرڏناسري)

ٿلهہ: ٿيون ورڻ جو وايون، يار سانگيئڙي جِيوَن
١. هٿ پانڌيءَ جي پارئون پرين جي، اِهي سي خبران آيوَن
٢. ڪونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏنهن، اسانڌي يار اُڏايوَن
٣. اڳڻ اُهوئي اسان پرين جو، شل جدا نہ هونديون جايُون
٤. ڪيئي ڪتابنان پنهنجي اچڻ جون، مونڌي سي هوت هلايون
٥. ناهن ڳالهيون هي ڳرهڻ جهڙيون، سچو ري سوز سلايون

(سرجهنگلو)

ٿلهہ: ٿي تون رهبر راهي، پريان سَندي پارَ ڏي
١. ڏيهہ اُنهي جي ساٿي تون سگهڙي، آءُ لهي آگاهي
٢. تِرَ نہ هڪڙو ترس اِتاهين، والي آهي تنهنجو واهي
٣. هن نمائيءَ سان ناڻ سائين جي، ڪرين تون هِيءَ همراهي
٤. درد اسان جي اکيون دوستن جي، ڏيندا هي نيڻ گواهي
٥. يار مسافر سگهو سچوءَ سان، آٿي تون ميڙ الاهي

(سر تلنگ-پيروي-سورٺ)

ٿلهہ: تو دوستيءَ جو دم هٿين، پر ڪين ڪُسي قربان ٿئين
مهند منصوريءَ جي تون، منجهہ معرڪي مردان ٿئين
١. وري سِرِي صحيح اَنا سِرِهِ، تنهن اسم مئون انسان ٿئين
جي تو پوي سڌ سِرِ جي، حيرت اِنهيءَ حيران ٿئين
٢. غازي گدائي جي منجهون، صوبہ عجب سلطان ٿئين
تون شاهہ تو شاهي ٿئي، تون گوءِ تون چوگان ٿئين
٣. نعرو اناالحق جو هٽي، ٿي مرد سر ميدان ٿئين
جي دم سچائين پانهنجو، تون دين تون ايمان ٿئين
٤. هي پنڌ سو پرزا ٿئي، جي نينهن جو نيشان ٿئين
سچو يڪايڪ يڪ ٿئين، تون شمع تون پروان ٿئين

(سربروو)

ٿلهه: تون آءُ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان
١. سرُ پنهجو سرتيئون، آءٌ گهرئون آيس گهوري
٢. ڪَامل ڪڏهن ڪين ڪي، آءٌ ڏونگرِ سگهان ڏوري
٣. ڪا حبا تند طلب جي، چتِ وئين تون چوري
٤. نيو نماڻي پاڻ سان، تِرُ نہ رهي تو ري
٥. سچل سگ اوهان جو، ڪيئن ڀڄي تنهنجي ٿوري

(سر ڀيروي-پهاڙي-جوڳ-تلنگ-سورٺ)

ٿلهہ: تيز تير انداز چشمان، يار جون خُوني خطاب
ناز پروريون نظر سان، ٿيون ڪرن عاشق ڪباب
١. ڪانُ قهرن مون سنئون، سر شائقن ايندو شتاب
لڳڻ سان لوٽ پوٽ ٿيندا، جُنگ نہ ڏيندا جوابُ
٢. پلڪ جي پاسي ڪري، يڪبارگي نيٽُون نقاب
هيءَ ٿي تن جي ڏسڻ سان، خلق ساريائي خراب
٣. آءِ ويجهائي جو هي، عاشقن ڏوڙو عذاب
موت ماريا جي اڪين، تن سالڪن پيٽو ثواب
٤. بره جا باشا چوان، يا نينهن جا نيزا ناياب
يا چوان سي باز بحري، يا تراريون تيز تاب
٥. ملڪ گيري ڪن وڏي، غماز سان لس لاجواب
قتل جي ان ڪئون ٿيا، تن تي پيو ڪهڙو حساب
٦. پُيا جڏهن قطرا ڪري، بحرين مون جي هُيون پُر آب
ٿيا سچل روشن اُتاهون، آفتاب اَوُن ماهتاب

(سرسسئي)

ٿلهہ: تَنِ قال ڪي ڪوتاهہ ڪئي، حاصل جن ٿيو حال هي
صُمُ بُڪمُ سڪوت ۾، فرمان ٿين في الحال هي
١. حيران حيرت ۾ ٿيا، بانڪان هون بيحال هي
فارغ ٿينِ سڀ فعل ڪئون، نيُنَ عشق پيو افعال هي
٢. ننگ نامَ ڪئون نڪري هليا، جيءَ تئون لاهي جنجال هي
دارين جو دامان ڇنن، خاصو جنهين جو خيال هي
٣. هن فڪر ڪان فارغ ٿيا، عاشق ڇڏي اشڪال هي
ظاهر سهي تن ذات ڪئي، وهندو ٿيُنِ وصال هي
٤. جي قابو رهيا قرآن تي، عالم تَنين عيال هي
جن ڪڙ سچاتو ٻاڻ ڪي، ساقط تنينِ سوال هي
٥. جئين اهري ۾ منهن وجهي، ٻائڻي پسڻُ برحال هي
تيئن ٻاڻ تن ٻائون ڏنو، ڪلي لتن ڪشال هي
٦. حلاج حالون جئين لڌو، سوريءَ وارو سنڀال هي
سچل صدق تنهن تئون ٿئي، اعليٰ جنهين اقبال هي

(سر بروو-سسئي)

ٿلهه: پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان

١. ظاهر ڪريان ذات ڪي، تا هي ٻُتَ پڇايان

٢. منصوريءَ جي موج ۾، ٿو اناالحق الايان

٣. واديءَ ۾ وحدت جي، سِرُ گهوري گهمايان

٤. اعليٰ "اعظم شان" جي، نوبت نينهن وڄايان

٥. ظاهر باطن هڪڙو، آءٌ تا حڪم هلايان

٦. سچو سارو سچ ٿيو، هِيءَ حڪمت چلايان

(سر بلاولي-پيروي-آسا)

ٿلهه: پنهنجي نظر ۾ پيهي، وَئون هاءِ هاءِ سالڪ

١. ڪشادگي ميدان جي ڏِسُ، ڏَٻائي ديهه

٢. آءٌ تا هن اسرار جي، ڳالهه ڪريان ڪيهي

٣. ڳالهه سا ڳجهڙي هاديءَ واري، آهِ سلڻ نه جيهي

٤. سچي ڪوڙي ظاهر ٿيندي، ڏِسُ وڃي تون ويهي

٥. سچل طلسم ڪر سهي تون، آهي اشارت ايهي

(سرسسئي)

ٿلهه: پنهجو ڪيو هي تا پنهجو ڪيو، مونکي يار پنهل ڪوٺي

١. دوست گڏيو دلجاءِ ٿي، وِڃئون سارو وڇوڙو ويو

٢. آذر ٿي ارواح ڪي، جيڏيون ڙي منهنجو جِيئڙو جِيو

٣. رهجي اڇي هوت سان، ڏاهيون ڙي اهو ڏسڙو ڏيو

٤. اڱڻ آسروند جي اچي، ميان لعلن پاتو لِيو

٥. ساهُ سچوءَ جو سرتيون، نيڻن سندي ناز نيو

(سرراڻو)

ٿلهه: پئي پيش پرين ڪي پاڻ، آءٌ چونديس هلي حال هي

١. تو تئون آهي ميندرا، ڪاڪ ساري قربان

٢. دل ڪي ديوانو ڪيو، هيڪر تنهنجي ٻاڻ

٣. ناميا ڏسج ننگ ڏي، آءٌ تا ٿيس اَجاڻ

٤. آندو هيٺ عتاب جي، مونکي سچو پنهنجي ڄاڻ

(سر جهنگلو-تلنگ)

ٽلهہ: ٿورا ڪيڏا مون سان لايا، يار سانگيئڙي
١. جيئن ڇيوسي تيئن مچيائون، موتي نہ تن موٽايا
٢. ڇپ ڇپاتي ويڙهي اسان جي، اڄ اڄانڪ آيا
٣. دل سان لايم هُوجي دلبر، سچا سخن فرمايا
۴. ڏکن سکن ڏنهن ڪين ڏٺائون، تو ري عاشق ٿي آزمايا
۵. سچو هُئا سي اداسي جن لئي، سي مولئ محب ملايا

(سربروو)

ٽلهہ: ٿئين متان تون ماندي، نال وٺي توکي ايندا
١. اهو رکج آسرو، وره ڪنون ٿيندين واندي، اڄ اڱڻ تنهنجي ايندا
٢. اجها ٿيندين سگهڙي، هوتن سان هيڪاندي، ڳل ٻانهون تنهنجي ڏيندا
٣. خبر خوشيءَ جي اڄ، اها اسان آندي، هڪ توسان اچي ٿيندا
۴. وهندا ويڙهي تهانجي، ڪاڻ ٻوڄئي جن ٻانڌي، ڪين وري ٻوءِ ويندا
۵. سچل اجهو آيو، دوست ڏسي درماندي، سڀ بديون بخشيندا

پ

(سربروو)

ٽلهہ: پري ٿين نہ شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي
١. ساٿن ٿيسُ نہ سنگتي، هَئي هَئي ههڙي حالَ
٢. جتنُ ڪيڙم جيڏيون، جتنِ سان مهون جالَ
٣. دوستن ينان ديس ۾، جيئڻ منجهہ جنجال
۴. ڪنهن در ڏيان دانهڙي، هو جي ڪَهي ويرم ڪالَ
۵. ڪوڙين ڪيڙم ڪيترا، انهن ڪاڻ ڪشال
٦. سيئي سچو آيا، جن لڳ وجهايم فالَ

(سر بروو-سارنگ)

ٽلهہ: پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪيا آگم اکڙين
١. ملڻ لئي محبوب جي، نيون راتو ڏينهن وسن
٢. جهورِ نہ لهي جهڙ جي، نا ڪڏهن اوڪائن
٣. سدا سانوڻ تن ڪي، بوندون بس نہ ڪن
۴. سچل سپرين لئي، نيون جهوريءَ منجهہ جهجهن

(سرسسئي)

ٹلهہ: پاڻ پرين اهو آهي، متان ڀينر ڀولو ڀانيو
١. جنهن تي آهي تنهن تي آهي، نانءُ ٻئي تي ناهي
٢. پاڻ پنهنجو سهي ڪيوسي، ڪيچ وڃون ڪين ڪاهي
٣. هيئن تنهن جو اوهين نہ ڄاڻو، ڄئو تڏهن ڀيو ڇاهي
۴. سچو ساري صورت اهائي، لوڏا لَڪَنِ جا لاهي

(سرڪلياڻ)

پاڻ پنهون آءُ آهيان، اڙي ڀينر پلي ناهيان
١. ٿيو ٿيُون مُنڪر ڳالهہ انهيءَ ڪئون، ڄئو ڀيو تڏهن ڇاهيان
٢. ڪيچ پنيور ٻہ وسنئن اسان جي، ڪهڙي طرف آءُ ڪاهيان
٣. هرڪو چوي تا سهسين عاشق، نانءُ پاڻ ئي تئون لاهيان
۴. هتِ هُتِ آهي صورت منهنجي، تاهہ نہ ڪو ڀيو تاهيان
۵. پنهنجو پاڻ ئي سان يار سچو وي، نينهن اهوئي لايان

(سر ڪلياڻ-آسا)

ٹلهہ: پاڻ نہ آهيان پاڪ، پر ڪي ڏينهن هِت گذاريان ٿو
١. ساڳيوئي سو رانجهو آهيان، ظاهر ليکي چاڪ
٢. آهيان آءُ معشوق مڙن جو، موتي ٿيس مشتاق
٣. آهيان آءُ خوشحال هميشہ، هِنَ غمزي ڪيو غمناڪ
۴. ڪاٿهين زهر پيالو ظاهر، ڪاٿهين ٿيان ترياق
۵. سچو آهي وصال سيوئي، ڪاٿهين فلڪ فراق

(سر ديسي-تلنگ)

ٹلهہ: پاڻ سڃاڻ آيو سو پلي آيو، ڪَرُ نہ هُيڙُس ڪو ڀيو
١. پاڻئون ڄاڻي پاڻ سان هِت، لَنوَ تا لائڻ آيو
٢. عرش منجهارُون الهي هِت، ورهہ وسائڻ آيو
٣. سوليءَ تي منصور ٿي هِت، سِرُ سلائڻ آيو
۴. مصر جي بازار ۾ هِت، ملهہ وِڪامڻ آيو
۵. سچو وي سنسار ۾ هِت، پير گهمائڻ آيو

(سرجهنگلو)

ٿلهه: پانڌي اوڏاهون اچ آيو، پريان سندي پار ڏنهن
١. طرفان تنهنجي هُيُنِ اچڻ جو، سات ڏٺين کي سعيو
٢. گهٽو پچن هُتِ پرين توئي کي، گهمين تون هت اچايو
٣. آهه توئي ڏي سڻ ڙي عاشق، روُح سندُنِ جو رايو
۴. پاچاٽين جو هِنَ پيغامن، وري سو وِرهه وڌايو
٥. ٻڌي نياپا ٻانهون ٻڌي ٻيئي، آٽي سچوءَ سِرُ نوايو

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: پانڌي پيغام پهچاءِ، منهنجا مُحبن کي ميان
١. اڪڙين کي اصل ايڏنهن جو، وڏو اوسيئڙو آءِ
٢. ڏاها وڃج ڏيهه اُنهي ڏي، جاتي جانب جاءِ
٣. ادا ڙي ساتي پارئون اسان جي، پاند ٻڃيءَ ۾ پاءِ
۴. راتو ڏينهان آءِ ڏهاڙيون، هِيَنئڙي کي هاءِ هاءِ
٥. دوستن سندي در جو اصلئون، سچو ٿو سگ سڏاءِ

(سرسارنگ)

ٿلهه: پانڌي منهنجي يار کَي، ساري چئج سلام
١. چئي مُڪا هُئا ڪيترا، پرت وارا پيغام
٢. اوهان جي اچڻ جا، هُلَ پون هنگام
٣. محبت منهنجي روز ازل ڪنون، توسان محب مدام
۴. سچوءَ جيها ڪيترا سائين، تنهنجي در تي غلام
٥. ڪڏهن ڪندين يار اسانڏي، اچڻ جا انجام
٦. عشق اوهان جي شور مچايو، هُلُ پونُ هنگام
٧. ٻانهي گولي يار سڄڻ جي، ملهه خريد مدامِ
٨. روز ازل ڪنون سچو آهي، سائين سنديو سامَ

(سربروو)

ٿلهه: پانڌي نيئي پهچاءِ، هِي نوان نياپا نينهن جا
١. هوت اسان کي هيترو، تون سانول ڪيم سڪاءِ
٢. ڏينهن گذرن ڏک ۾، راتيون هنَ هوش هواءِ
٣. اوهان ٻاجهون سپرين، هِيءَ ويٺي ورهه وساءِ
۴. پرين ڏسج پاڻ ڏي، وايُون هي ورناءِ
٥. اگڻ اچي هنَ جي، سگ سچو سرجاءِ

(سُر ڏناسري-توڏي-ڀيروي)

ٿلهه: پائي ڏوهه پنهنجي پاند ۾، آءُ دوست تو در آئيان
١. راتو ڏينهان پنهنجي روح ۾، تنهنجا سوين ڳڻ ڳائيان
٢. ڏوٽ ڏوراپو ڀڏي، آءُ پَلوُ توکي پائيان
٣. زاريون ضعيفيءَ مٿون ڪري، پرين توکي پرچائيان
٤. جا تو پٽي پيزار جي، سا ڪِهَه لڱن کي لائيان
٥. سڀ ڳالهه پنهنجي سِرّ جي، توکي سچو سمجهائيان

(سرتوڏي)

ٿلهه: پرين آهن پار، آءُ تا هت ڏينهن گذاريان
١. ويهي وسارڻ اتهين، آهه ڪميڻن ڪارِ
٢. عشق وارن کي جيڏيون، ڀوڙي هَڏ نه ڀار
٣. دڙڪا ڏيو نه درياءَ جا، تري ويندس تارِ
٤. ايندا يون ورهه واريون، اديون ڙي هن آرِ
٥. سچوءَ وڏو سپرين، جاني ڙي ڪنهن جارِ

(سرديسي)

ٿلهه: پريَن سان پت پُري، ڙي جيڏيون منهنجي
١. دعا ڪريجو جيڏيون، وري سو هوت وري
٢. ڏونگر مون ڏورايو، سندي ذوق ذري
٣. صحيح سِجاتم پاڻ ڪئون، پنهون ناهه پري
٤. تو ڪيئن سَري سپرين، سچو تو ريءَ مون نه سري

(سربروو)

ٿلهه: پرين نه ڇڏج ڀئي پار، ساريو تنهنجيون ڳالهيون روئان آءُ
١. اڳڻ آسروند جي، والي ايندين ڪهڙي وار
٢. ماري هن مشتاق کي، ڪانڌَ م وڃ ڪوهيار
٣. آهين جنهن تون آسرو، سا ويچاري نه وسار
٤. نماڻيءَ جي نجهري، آءُ گهڙي هڪ گهار
٥. ڪيئي سچو سان وعدا، سي پرور لڳ تون پار

(سرسسئي)

تلهه: پاڻ کي يار نه ڄاتوم، پينر پُلي آهيان
١. پرديس پيائي ۾، جو پاڻ نه سڃاتوم
موڳائيءَ جي مونجهه ۾، تي ورهه وسايوم
٢. اتڻ ويهڻ پانهجو، هي پينر تي پانيوم
خاص مُناري خاڪ جي، سو سرتيون سمايوم
٣. ڏسڻ پڌڻ هڪڙو، هي ڪاڏنهن الايوم
ينطق واري رمز ۾، هي سِرُ سلايوم
٤. نالو آدم جو رکي، هن حيرت هلايوم
٥. نانونِ منجهان نانهه تي، هت سچو تي آيوم

(سرآسا)

تلهه: پاڻ منجهون ڪَلَ پيئي ني پيئي، دوست جي وو ميان مونکي
١. "وَنَحنُ اَقرَبُ" ويجهو وسي تو، ڏَسُ هاديءَ جو هيئي وو هيئي
٢. ڪڏهن زاري ڪڏهن زوري،، پوليون سندس اهي پيئي وو پيئي
٣. هادي اسانکي وقت ملڻ جي، ڏس اتيا اهو ڏيئي وو ڏيئي
٤. يار رنگيلو هڪ رنگ ناهي، ڪوڙين سندس رنگ ڪيئي وو ڪيئي
٥. سچوءَ جو اندر ٻاهر سوئي، وڃئون پيائي ويئي وو ويئي

(سرڪلياڻ)

تلهه: پاڻ وچ ته نا آهيون، ٻڙي جيڏيون ڪيئن تيون ڄاڻو
١. جوئي آهي سوئي آهي، اسين اصل ڪئون ناهيون
٢. شوق منجهارُون شهه درياوان، لکين وَهن تيون واهيون
٣. جي نه چَون تا ڳالهه اهائي، برهَ لائي تو باهيون
٤. واقف وارن تي حال اهوئي، ڏک نه ڏسن ڏاهيون
٥. مستيءَ وارا حال انهيءَ سان، ڊنو سچو وڃن ڊاهيون

(سر سسئي)

تلهه: پاڻهين پئيوَ سُڌ سُورن جي، وو عشق لڳيوَ جي اديون
١. ساري خبر وڃي تن کون پڇجو، جي ورهه سڄڻ جي وڍيون
٢. ڪين لڪن سي لوڪ اڳيون، جي آهن ڏکن جون ڏڌيون
٣. محب مسافر تيا جنين جا، ڪُوڪان اُهي لک ڪنديون
٤. ورهه ولوڙيا جي وَهنديون تن جي، نيڻون نير جون نديون
٥. پارئون پرين جي سٽو سيئي، لوڪ پلي ڏئي بديون
٦. اڳيون پويون سڀ معافي ڪيون، تنهن محب سچوءَ جون منديون

(سربروو)

ٺلهه: پڇيون ڪي پريَن، حال منهنجي جون خبران ساٿيو وي
١. ساهه سڪي ٿو جن ڪي، مونکي ڪِي سارن
٢. هِن دم دلاسا ڏنا، سرتيون ساٿِيئڙنِ
٣. تون هِت کهڙيءَ ڳالهه ۾، هُو هُتِ ياد ڪرنِ
٤. آهين جنين جي آسري، سي تو ڪاءِ چڏن
٥. سچو سنگت پانهنجي، مان غريب گڏنِ

(سربروو)

ٺلهه: پُرجهي پاڻُ نہ چاٽان، ڪير آهيان يار ڙي ميان
١. مورت موڳائي ڪئي، صورت تا نہ سڃاٽان
٢. ڪنهن تان ڳالهيئون ڪاڪيُون، ٿيا سي هت نماٽان
٣. جان جٺو دل سيپوئي، آڏا ٿبيم آڏاٽان
٤. ڏنم ڏاڍي ڏک سان، عشق جا اوراٽان
٥. خامُ خيال ني سچو ري، اِنهيءَ فڪر اُڏاٽان

(سروهاڳ)

ٺلهه: پور پرين جي هي ماريان، عشق سڄڻ جي چاڙهيان
١. دوست بنا درماندي، دمُ هتي ڪيئن گهاريان
٢. سِرُ سڄڻ تئون صدقي، واريوُن آءٌ ڪيئن واريان
٣. ڳاَلهيون ڳجهہ اندر جون، آءٌ پرين سَان پاريان
٤. سگهو موٽج سپرين، ڏهاڙيون ويٺي نهاريان
٥. محڪم محبت وڌيون، جاڙيءَ مٿي جاريان
٦. هُو جي ڪيم پاڻ سان، ڳالهين اِنهن ڳاريان
٧. مجلس محبوبن جي، ساعت ساعت ساريان
٨. سچيڏنا ساهڙ رِيءَ، ڏمَ مڙيئي ڏاريان

(سربروو)

ٺلهه: پير اسان وٽ پاءِ، سڪندي سال اوهانکي گذريم
١. هي هت هجر هلاڪُ ڪيو، آهي هِينئَڙي ڪي هاءِ هاءِ
٢. حاَل نہ منهنجو ڪو هيو، تنهنجي برهہ ڪيو برپاءِ
٣. راڳ رڳن ڪي تانهنجو، راتو ڏينهان آءِ
٤. اڇي نظر ڪونہ پيو، سانول تنهنجي سواءِ
٥. عرض ڪريان آءٌ کهڙو، تون جاني آهين هر جاءِ
٦. سچو سگ اوهانجو، تون دانهن تنهن جي ورناءِ

(سربروو)

ٿلهه: پرين نا ڀئي پار، جانب تنهنجي جان ۾ (آخوند ري)
١. سبق ڏيئي سور جو، ڪتابي نہ ڪارِ
٢. حرف سهي ڪر هيڪڙو، ورق سيئي وارِ
٣. نينهن وارن ڪي ناحقي، مُلا هِيئن م مارِ
٤. راتو ڏينهان آهي توئي ڪي، ڪتابن جي ڪارِ
٥. پاڄهون نالي نينهن جي، سچو سبق وسارِ

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: پريَن هي پيغام، ساري ساتيو ڏيجو
١.ڪڏهن ڪندو پار اسان جي، اچڻِ جا انجامَ
٢. پانهون ٻڌي يار سڄڻ ڪي، ڏيجو سي سو سلامَ
٣. در اوهان جي يار پنهون ڙي، ٿئي نہ طلب تمام
٤. شوق اوهانجي شور مچايو، ڪياسي هُلَ هنگام
٥. جيهو تيهو آهي اصل ڪئون، سچو سو گولو غلام

(سرپيروي)

ٿلهه: پُڇي عشق نٿو پوشاڪي، هاريا ڇڏ اها هوشناڪي
١. ابا ڪِتي ڪُلِ عشق ڪوَن يارو، عرش ڪرسي افلاڪي
اهو بار برهہ دا چايا، خاص ويچاري خاڪي
٢. عشق نارُ احتراق اتو، هُئي هُئي سڀ هلاڪي
نيست نماڻا جي تيا، يار اُنهن اوطاقي
٣. جت چاموٽ جي جاءِ نهين، ڪي ڪامل ڪن قضاڪي
سڪ سَڌُنِ ساڻ نہ ٿئي، محبت ناهہ مذاقي
٤. علم پڙهايس عالم ڪئون، برهہ بچايس باقي
برهہ تنهان ڪُون بخشش ڪيتس، جي مست هُئنِ ميثاقي
٥. انهيءَ فڪر ڪنون جي فارغ، تن تي ترُ م طراقي
سچيڏني ڪي مَي جي مَٽ مئون، سرڪ چکايو ساقي

(سرپيروي جهنگلو)

ٿلهه: پُڇو نہ منهنجڙي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان
١. اچڻ اسان جو تيو اَتاهين، جاتي ڏينهن نہ رات
٢. ظاهر تيوسي ذاتي دي وچ، سمجهڻ منجهہ صفات
٣. ظاهر آهہ زبانون منهنجي، "الأقربُ" سندءَ ڪلمات
٤. "لا" ڪي لاهي نفي ڪتوسي، اِلا الله اثبات
سچو سِرَ سهي ڪر پنهنجو، عشق منجهون عشقات

(سرتوڏي)

ٿلهه: پارٿون تان پرينِ، جيڏيون اڃن اهي اولانيا
١. تيلهان ترسن تار ۾، جيلهان محبت نا هئي مَن
٢. ڪين چانگار چڙن جي، ڪُوڙي پِيڙئي ڪَن
٣. سڪ سچي جن ساهه ڪي، سي تارون نا ترسن
٤. ڪين اسان ڪٿون تهانجيون، ڳالهيون ٿيون وسرن
٥. ڪيئن اسين تو وسريا، جا طلب نا هئي تِنِ
٦. عشق سچل جن آهيئيِ، سي تان رُوءِ رسنِ

(سرسسئي)

ٿلهه: پوءِ هِت ڪيئن ڪندي، ڀاڄهون يار جي آءُ
١. پيرين پوندي پرين جي، ڳچيءَ پائي گندي
٢. وهي ٿي واڪا ڪيون، نيڻن منجهئون نبدي
٣. سڀ پر سندين آهيان، چڱي توڙي مندي
٤. دل سچل جي سرتيون، برهه تهين جي بندي

(سرسسئي)

ٿلهه: پاهڻ ڙي پرڏيهي، ناهي واجب ادا ايذائڻ توکي
١. ڏيندئي ڏوراپو يار اسان جو، وڃ توئي جي ويهي
٢. پير- ڦهين تون نت نماڻن جا، ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي
٣. هيءَ اميد وو هئي نه تو ڏنهن، جبل ڪيئي مون سان جيهي
٤. جيهي ڪندين ڪوهه اسان سان، ڳالهه ڪنديس هُت تيهي
٥. سچل سجاتو ٻنگ توئي ڪي، آهي عادت تو ايهي

(سرسسئي)

ٿلهه: پرين اوهان ڪئون پوءِ، هت راتيون رهنديس ڪا
١. پٽيءَ ايندي‌س تهانجي، لال وري هن لوءِ، پوءِ سور سهنديس ڪا
٢. وعدا ويڙا وسري، هوت ڪيو جي هوءِ، ٻئي ٻول ڀهنديس ڪا
٣. پرين تنهنجي پار ڏنهن، قاصد اڇي ڪوءِ، وري هت ويهنديس ڪا
٤. سچل سڪ اوهان جي، هينئڙي ۾ هوءِ هوءِ، ٻئي ناهه نه نهنديس ڪا

(سر جوڳ-آسا-بلاولي)

ٿلهه: پلپل پُونم پُور، عمر تن مارئڙن جا
١. دم دم منهنجي دل ۾، مارُن جا مذڪور، سرتيون سورن جا
٢. سانگيئڙن کي سدا مان ساريان، هينئڙي هُريم هور، پوءِ تن پورن جا
٣. پنبٽين وهايان نديون، چولي چڪنا چور، وهه ڪس ڪورن جا
٤. مَنِ مچائي سچل ويو سانگي، دائم دونهان دستور، خاصن ڪورن جا

(سرپيروي)

ٿلهه: پير وٺي جي تون آئين يار، وَنءُ وٺي سي پير سچار
١. هڪ هنڌئون هلي ٻئي هنڌ آئين، تيئن هنڌ لاٿئي لقب هزار
٢. چوٿين جاءِ سهي ڪر سالڪ، پوءِ ٿيندين هت گرد غبار
٣. بحر اعظم جو آهين پکيئڙو، ونءُ آڏامي پئو تنهن پار
٤. سودا سُود وهايئي ڪيئي، ڪهڙا ڪيڙءِ وٺج واپار
٥. سچو سالڪ سمجهه اتيئي، لاهي سڀ تون مرد ميار

(سرسسئي)

ٿلهه: پاٺهين پاروُن يارَ، قاصد موڪليو اج آيو
١. اچڻ سندي اُن جي اٿي ويا آزار، ٿورو ڪيڏو تن لايو
٢. ڏنا دلاسا دل کي رهبر رات هزار، سندن روُح جو رايو
٣. هيڏي هوڏي نه وڃين اچج ۾ اعتبار، محبت مڙيوئي مايو
٤. اچڻ جا محبوب ڪيا پڪا قول قرار، سچل توڏي هُئڻِ رايو

(سربروو)

ٿلهه: پڇن ڪوهَ طبيبَ، اوُسوز واريون سرتيون پلا
١. پيدا ٿيندا پاٺهين، ڪول آيس قريب
٢. ڏِيَنِ ڏيکاري ڏيل مَئون، اچانڪ عجيب
٣. سچل وسن سي سدا، هِينئَڙي منجهه حبيب

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: پنهنجا وعدا پاريا، سانول سائين
١. هُو جي ڪيائون اصل اسان سان، سي قولَ نه يار وساريا
٢. ڏينهن اُهي مون ڪان تا نه وسرن، جي مون گڏ گذاريا
٣. سخن سچا ئي يار سجڻ جا، سي هِن ساهه سنياريا
٤. اُنهن ڪارڻ شهر بحر هي، مون تا نتُ نهاريا
٥. دوست سچل جا دور هُئا جي، سي واليءَ هِتِ ورايا

(سرسسئي)

ٿلهه: پانڌي دلاسو ڏي مون، ايندا آرياڻي ڪي اوڏا
١. آڏيءَ رات وو ڪيائون سانياهو، حال ڪيا تن هي مون، ويا ترڪي توڏا
٢. ڪيم قبول وو پنهون ڪارڻ، ڏک سوين ني سي مُون، لڪ ڏيئي لک لوڏا
٣. محبت ڪئون تا منهن نه موڙيان، پرزا ٿيان هت جي مون، گسي وڃن توڙي گوڏا
٤. سر ڏان صدقي وو آهه سچل جو، ڪاڪيون جون هت ڪي مون، درد ڏيندو سو ڏوڏا

(سرپيروي)

ٽلهه: پهري پوش جو ٽُرڪي آيو، الله آدم نامُ سڏايو
١. زيور سرخ طلائي سوئي، الله آدم آهِ اهوئي
شڪ گمان نہ رهندا ڪوئي، واه رنگيءَ رنگ لايو
٢. آب شڪر گڏ شيرين ٿيوين، جسم اندر ايوين اسم سمايو

(سرجهنگلو)

ٽلهه: پانڌي آيم اڄ پيهي، پريان سندي پار ڏنهن
١. ڏوٿ ڏوراپا ڏيئي مڪائون، تن ڪئي ديواني ديهي
٢. ڳالهيون اهي يار سڄڻ جون، ڪيئن وساريان ويهي
٣. جهڙيائي آهي جِيءَ تنهنجي سان، هت ئي گذري نيهي
٤. هوش سچل جو ميان نِيو نياپن، ڳالهہ ڪريان ڀي ڪيهي

(سربروو)

ٽلهه: پورهيت پاٽي ڊوئي، خان ٻاروچا تنهنجي
١. حاضر خدمت اچي اوهانجي، حال چونديس روئي
٢. ساٿي اُهان جي سُڌ لهڻ لَئي، ڪڏهن نہ مُڪو ڪوئي
٣. قول ڪيو هوئي هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي
٤. ڪيئن وساري ويهان اوهانکي، ڪئي تا ههڙي توئي
٥. طوطي جي ڳچيءَ سَوَ سلامن، سچل مُڪا پڻ پوئي

(سرپهاڙي)

ٽلهه: پنهل منهنجو ور، اٿم ساهہ ثمرُ
زوري نيائون چوري ڪري زور زبر
١. جبل ڪرين جاڙون، مهٽا ڏين ماڙهون،
ساريان پنهل کي راتيان ڏيهاڙيون، اٿم سو دلبُر
٢. ڏونگر ڏکي ڏکڙا ڏئين ٿو، سڙيا سڙي کي سور ڏئين ٿو
جتن جاڙ ڪئي، جيڪس هون ڏمر
٣. جت زوراور ذات، اٿي ويا اڌ رات،
ڏئين ٿو سرتيون چون ماٿ، اٿيس پريات،
وائي تن جي وات، اٿم سڪ سپر
٤. سچل چوي الله ملائيندو، واڳان وطن تي والي ورائيندو،
ايندم هوت هلي، اٿم چانو چپر

(سرجوڳ)

ٿلهـــ: پاڙيچيُون ني پرين جو، مـــون کي پُورُ اڄ ني پيـــو
١. انتـــر جنتـــر مـــون تي، هي نينهـــڙي نيـــو
٢. چرخو پـيچي چيـهــاڙيون، مـــون ٿي ڪاڪيُون ڪيـــو
٣. هـــن جـان جمـيـعـيت ٿـئي، لالـن جـي پـائـي ليـو
۴. ڪـــو ڏس اچي پـــريـــن جو، هـــن ڏاهـــ ڪـــي ڏيـــو
۵. جي دَرِ اچي دلبـــر، تا جيـــئي ســـچل جو جيـــو

(سرسئي)

ٿـلـهـــــ: پـريـن مـنـهـنـجـي اڱڻ، الله تـوکـي آڻـيـنـدو
١. اچڻ سندي اُن جي ٿـيـنديون وڌايون، مـبـارڪ جڳ ڏيندو
٢. وري وسـائج پنهنجيـون جايون، ٿـورو مـون تي لک ٿـيـندو
٣. پلو پنهنجا هٿـــڙا ڪري پـلايون، لڳين مـــون لائيندو
۴. خبـران ڪِينءَ جون اسـان ڏي آيون، توکي پرين سـاڻ نيندو
۵. ويو فـراق فنا ٿي وصل ٿـيـون وايون، سـچل نانءُ سـڏيندو

(سربروو)

ٿلهـــ: پرديسي گـــڏيا دوست، لٿـــوَ هجر هلاڪي،
آيـــا ســـي اڱـــڻ منهنجـــي، جن ڪيـــو فـــراقي
١. جـن ڪاڻِ ســـڪـيس ســـال، ويٺي واٽـڙين تـي،
مـــون ســـاڻ اچي پاڻ، ٿـــيـــا مـــحب مـــلاقي
٢. پـــرديـــس لـــڳ مـــون تـــي، پـانـڌي روز پـڇـايـا،
مـــون کي ڪانـــ پئي خبـــر، اڄي سي ٿـــيم اوطـاقي
٣. پيـــغام پهـــريون پانڌين هٿ، پاڻ مـــڪـــائون تي،
هاٿي هڪ ٿـــيـــا مـــون ســـان، جي يار هئـــا ياڪي
۴. آهي سگ ســـچل، دوست جي در جو اصل ڪـــئـــون،
تـنـهـن ڏيـڻ ڏوراپـو نـاهـي مـــست مـــيـــثـــاقي

(سرپيروي)

ٿلهـــ: پلپل پرين جي يار جي، ڪانگا خبـــر ڪا مـــون ڏئين
١. دوست جي تون ديس ڏي، ڪيـــئن ڪالهـــ تون اُڏري وئين
٢. وَلِ وَلِ اســـان جي حـــال جا، نانڪ ادا نيـــاپا نيـــئين
٣. ســاري سنيـهـا ســوز جا، هئي هئي ســيـــئي لائج هنئين
۴. مـــاري مـــنـــا مـــستـــاق کي، ڪيـــئن يار تون يافي ســـئين
۵. پُورنِ اندر پرديس ۾، پاجهـــون اوهان آهيـــون ائين
٦. آءُ جي مُئي نا گـــهـــوريس، جانب ســـدائين تون جئين
٧. ســـچل ســـکي ســـاري توکي، تون بي تهين ســـان هوتئين

(سرتوڏي)

ٿلهہ: جنهن ميهر ملايو، تنهن گهڙي تان گهوري آهيان
١. تنهن ڪنير تان قربان ٿيان، جنهن ڪچو پچايو
٢. اوهين جيڪس جيڏيون، اهو پيلو ٿيون پايو
٣. تنهن مونکي تار ڪُنَنِ مئون، منجهون لهرن لنگهايو
٤. انهي داڀ دلي جي، سارو درياءُ ڏهايو
٥. پاڻ پنهنجو سرتيون، ميان گهوري گهمايو
٦. اصل اڻ تاريءَ جو ميان، آهي شاهڙ تي سايو
٧. سيٺاهن جي سرتيون، مونکي لاري نہ لايو
٨. ساهڙ سير ۾ تو وٺ، سچو اڪيرئون آيو

(سرپيروي)

ٿلهہ: جنهن کي عشق موليٰ جو ناهي، سو جڻ جهنگ جناور آهي
١. وهم ارادا خيال پيا وچ، ڳاهہ برهہ جي ڳاهي
٢. هُو جو ڪوٽ هئڻ جو، ڏوڙ پهرينءَ سان ڏاهي
٣. عاشق تڏهن ڪونجي، جڏهن سڀ لاڳاپا لاهي
٤. دوستيءَ ڀاڄهون دوست جي، هَذِ ناهہ نہ پيو ڪو ناهي
٥. محبت جي ميدان ۾، سو ڪامل پون ڪاهي
٦. سچو صاحب سڪ وارن کي، چاهہ منجهون چاهي

(سرگجري)

ٿلهہ: جهڙو هِي عجائب آءِ، ناهہ عجب ڪو بيو اهڙو
١. هيڏي هوڏي نہ ڏسين، منهن پاڻئي ۾ پاءِ
٢. پئو تصور هن ۾ پي بازي ڪا مَ بناءِ
٣. اڪيون پٽي جي ڏسين، تا هادي آهي هر جاءِ
٤. سچوءَ سارو سچ چيو، رمز دِليءَ سان لاءِ

(سرپيروي)

ٿلهہ: جا چوڻ جيهي ناءِ، سائي ڪِيئن چوان جيڏيون
١. ڳجهي آهي ڳالهڙي، ڪنهن ڪَلَ نہ آهي ڪاءِ
٢. اوڏي ناهہ پروڙ ڪي، ميان ويجهي نہ ويساءِ
٣. هُيَڙي سَڌ حلاج کي، تنهن سِسي ڪوڏ ڪپاءِ
٤. پوڻ آهي اونهہ ۾، جتي هُوءِ هواءِ
٥. سچل سِرَ نہ سلڻ جو، سو تا سڀ منجهاءِ

ج

(سربروو)

ٿلهہ: جڏهن پرين پاتم جهاتي، تڏهن حاجت ناهي حج جي

١. اڄ سان اُنهن جي يارو، عشق ڪئي اثباتي

٢. سڀ ڪجهہ تيئڙم حالون محرم، وسريم ذڪر ذاتي

٣. چوريءَ چوريءَ يار سڄڻ سان، ڏِسُ سچل دل ڦاتي

(سرڪڙنبيو)

ٿلهہ: جنهن جي آهيان عشق اندوهي، تنهن ٻاروچي کي ٻاجهہ پوي

آءٌ حال چونديس روئي، تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي

١. سا نہ ڇڏيجو ڇپرين، جا لالن توسان لوئي

٢. پريان سندي پارَ ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي

٣. سوئي ايندم سپرينْ، جانب جيءَ جو جوئي

٤. پورهيو ڪنديس پِرَ جو، ڪِڇيءَ پائي اوئي

٥. ٿمر تيڙم سَجَ ۾، جا خَبَ توئي سان هوئي

٦. اکيون عجيبن ڏي، بيٺيون جُهڙ جهوئي

٧. سچو سگ اوهانجو، پُور وڏا جنهن پوئي

(سرآسا)

ٿلهہ: جنهن دل تي آهي جوش، سا دل سُورن سان سَڙي

١. آءٌ تہ گهوري ان ٿئون، جنهن تي جوش خروش

٢. ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، خلق اِڳيون خاموش

٣. سالڪ سک نہ سرها، گوندر ڏي ڪن گوش

٤. اثر اهيئي عشق جا، اول وڃائن هوش

٥. خَلقَ الانسان عليٰ صُورته، هي بادشاهي پوش

٦. سچو سوريءَ سي وڃن، جي مي ۾ ٿيا مدهوش

۴. گـهـاٽـي ۾ بلاول پيـڙايُئي، عنايت کي ميـدان مـارايُئي،
ڪرمل کي هِن حـڪـم هلايُئي، ڦـيــڙوءَ ڪنڌ ڪپـائين تون
۵. قـاسم ڏُرَنِ سـان سـتـايُئي، موسيٰ کي بي سـهـاڳ ونـايُئي،
آکيـداس تعـزير ڏِوايُئي، سـو اڄ سـاڳيــو آهين تون
٦. سچل سَندُءِ پنڌ پچائي، گـهـوريو پنهنجو سـر گـهـمائي
نينهن واري ڳالهـ ڳالهـائي، عـاشق تي فـرمـائين تون

(سرڪلياڻ)

ٿلهـ: جيـجان زلفن واري، اُنهيںءَ سـاميءَ مَنُ مـوهيـو
١. باهـ برهـ جي اندر اسـانجي، ويو سـو ڀڙڪڻ ڀاري
٢. هجر فـراق نيِ وو يار اسـانکي، ڪُوڪان ٿـو هت ڪاري
٣. جوڳي ڪيـڙَوَ جِيءَ اسـان جو، مُونجهـ اهو ٿـو مـاري
۴. اڄڻ سنديون يار اوهان جون، سچل واڻان سـو نت نهـاري

(سر ڀيروي-جوڳ)

ٿلهـ: جيـئن سج آهي پرِيشـان، سـوئي ڳولهي سج کي
١. مَچلي جِيـئي آب سـان، آبُ پچي طغيـان
٢. تـارو پڇـي نـجـم کـي، مـوج ٻـڇـي مـهـران
٣. ڦـڙي پڇـي مـينـهـن کـي، شـاهـ ڳولـي سلطـان
۴. هُـو مـڙيـوئي پاڻ ٿـيـو، ڪيـر ٿـيـا حـيـران
۵. سـچـوءَ جي صـفـت ۾، اهو باريءَ ڪيـو بيـان

(سر جهنگلو-پهاڙي)

ٿلهـ: جيءَ نچ آيا ٻلي ڪري آيا، سـاٿي سجڻ جي ڏيهـ ڏانهن
١. مـون تا ڇاتـو واٽ واهُو، پر مـون ڏي سي هوت هلايا
٢. ڏينهن پڇاٿون پاندي پريَنِ جا، سـاڻ غريب گـڏايا
٣. پاڻ مـتـائن ڪيـان قـرباني، لکين ٿـورا جَنِ لايا
۴. اول دلاسـا ڏيئي اُنهن هِي، پوءِ پيـغـام سـٽـايا
۵. طرف تنهنجي اِهي عـجيـبـن، سـچا سـخن فـرمـايا
٦. اُڻِ تُڻِ اهائي آهـ اسـان کي، ڏکـيـا تو ڏينهن لنگهـايا
٧. پيـا اسـان وٽ هاٽي تنهنجا، سـچو ڙي پنڌ سـجايا

(سر بروو-پيروي)

ٽلھــــ: جاني تو نہ جڳائي، رُسڻ نماٽيءَ ســـان
١. دوست اوھانجي در تي، ويـنـي وِرھ وَســـائي
٢. ٻاھر ٻانھي تھـانجي، ســـانـول ھِيءَ سـڏائي
٣. اچڻ لَـئـي اوھـانـجـي، پـانـدي روز پـڇـائـي
۴. فـالان فلڪ فـراق جيـون، وريتين كــان وجھـائي
۵. ســوال سـچو جو سـپـرين، عـجز ساڻ اڳـھـائي

(سرپيروي)

ٽلھـــ: جن ڏوراپو پرين جو، ڪِيـئن ذرو سي جيـئنديون
١. جانب گـــڏيو جَنِ کي، تـــاڪ وجي سي تـــيـنديون
٢. نيست نماٽيوُن جي تــيـون، پُرَ پيالو سي پيـئنديون
٣. سي دم ســچو سچ جو ڪري، چانگاران چيــئنديون

(سرپيروي)

ٽلھــ: جن لائي توڙ نيـائي، آءٌ صــدقي وڃان تن تـئـون
١. شـــابس آھي اکـــڙين کي، جن وٺـي دل ورائي
٢. يـلـي پــاجي پـرين ڏنھُون، اڄ اســــان ڏي آئي
٣. راتـو ڏيـنھــــان آھيــــئـي، وات انھـن جي وائي
۴. ڏھـاڙي ڏسڻ سـان، مــحــبت آگ مـچـائي
۵. ووءِ ووءِ وائـي وات ۾، ســچـوءِ آھي ســدائي

(سر سارنگ-بلاولي)

ٽلھـ: جيءُ آئين پلي آئين تون، ڪنھن منزل مون پھچائين تون،
تو موتي سر وڃائين تون

١. سرمد کي ڏيٺي لَتَ ڪھائيُي، سوريءَ تي منصور چڙھائيُي،
شيخ عطار جو سـر وڃائيُي، ھاٿي ھيـڏي پنڌ پچائين تون
٢. ذڪريا ساڻ ڪرت چيرائيُي، يوسف کي منجھہ کوہ وجھائيُي
نـمس مُلن ھنـئون مـارائيُي، عـاشق تـو آزمـائين تون
٣. جٽيو ڪفر صنعان وجھائيُي، پلي ساھہ کي ذبح ڪرائيُي،
جعفـر کي درياءِ ٻوڙائيُي، تنکي ٻار لنگھـائين تون

(سربرو)

ٽلهـــ : جي مـــون وٽ دوست اچي، آءٌ ڦـــيـــريون ڙي لڪ پايان
١. شال نہ ڏسي جيڏيون، ڏنهن ڀنَ جي ڪمَ ڪڇي، آءٌ ويـنڙي ڳڻ ڳايان
٢. جيهي تيهي سرتيون، آهيان سامَ سڃي، سر پيرن تي نايان
٣. دل وچي ٿي دئورجي، تو جيئن مهراڻ مڇي، پاڻ جٺي ڪي پايان
۴. ساهہ سچوءَ جو سرتيون، تو انهيءَ رنگ رچي، آءٌ پانهي هُو سايان

(سربرو)

ٽلهہ : جيـڏيون آءٌ ڪا رهندي هوتن ريءَ، هونديس سانول ساڻ
١. لونءَ لونءَ منـجهـــــــ لڳي رهيــــــو، پاروچاٽو پاڻ
٢. ونـــدر ســنـدي واٽ تــي، پـــرزا ڪــنــديس پاڻ
٣. ويــــڙا ڏيـــئـــي ڏک جو، هِنَ ڏکـــي ڪـــي ڏاڻ
۴. دردمنـدي دانهـــــــون ڪري، چوتڪ ڪيـــڙس چاڻ
٥. مـــانَ اچي تــئي ڪڏهين، هِنَ مُئيءَ جو مـــهـــمـــاڻ
٦. ســـچل سگ اوهـانـجـو، ســـو تا پنـهـنجو چاڻ

(سرسسئي)

ٽلهــــ : جي ونـي حب وجن، انهن ڪي ڪيـــئن نہ ســـيـاڻا
١. ڇڏي لاڳاپـا لـــوڪ جا، پـــريـــان پـــنـــڌ پـــون
٢. ڏونـگـــر ســي ڏوريـنـديون، مـــحـــبـت جن ڪـــي مـــن
٣. آيل عـــاشـــقن جـــون، ڪُــوڪـان پيـــڙم ڪَنِ
۴. اديــــون هــــن ارواح ڪـــي، تـــاســـف ڏنـــو تـــن
٥. ســـچـو صـــدقـي ان تـــان، جـــي ونـــي درد وجـــن

(سرجهنگلو)

ٽلهـــ : جي هُئين عـــاشـق تہ برســـر، مينهن مـحـبت جو وساءِ
ســـــاه جو ســـانگو ڪرين، تاَ پيـــرُ هن پڙَ ۾ نہ پاءِ
١. پاڻ ڪُلُ قـــــربان ڪر، هـيءَ دم هٽـن جي نـاهي جاءِ
آءُ ادا اعـــتـــبـــار ڪر، آهـي هـــوش نيـندڙ هيءَ هواءِ
٢. رت روئـڻ راتو ڏينهـــان، آهي لـڄڻ مـــحـــبـــوب لاءِ
هي مليـئي ســودو ســهـانگو، ڪين ڪِي ســرڪـئـون سواءِ
٣. ڪين ڪي مــون ڪـــئـــون تـــيـــو، هِيءَ عـــمـــر تا ويئي اجاءِ
هي وســـاري ني ويـهڻ، جاني نہ هيـــئـن توڪي جڳاءِ

(سرتوڏي)

ٿلهہ: جيڏيون ڪائي مَ جهلي، مونکي پارئون پرين جي
١. خويش قبيلو اوڙو پاڙو، مونکي ڇا لڳ پلي
٢. ميهر جو مون بخشيو، سو تا هيءَ نہ سلي
٣. ناحق وجهو نهڪران، آءُ پاڳي پيڙس پلي
۴. ساه تهين تئون صدقي، جا هاريون اوڏنهن هلي
۵. سچو ساهہ سرير ڪي، ميهرُ وينو ملهي

(سرجهنگلو)

ٿلهہ: جيڏيون مونکي ڇو ٿيون جهليو، ويندي پرين جي پارَ
١. هُنَ پر پيرا ٿي ڪريان، جو مون هُتِ روح رليو
٢. ڏانهُنِ گهٽا ڏينهڙا، مون ٿي عشق آليو
٣. روُح پريان جي پارَ ڏي، وَني سا حُبَ هليو
۴. پريان سندي پار ڏي، پاڙيچيوُن نہ پليو
۵. سچوءَ جو جوڙي سرتيون، محبت من مليو

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: جي اوهين ڄاڻو ڙي جيڏيون، آهي الله لوڪ سارو
١. ڪاٿي آهي چپ چپاتيءَ ۾، ڪاٿي سو ماري نعرو
٢. ڪاٿي بيڪسيءَ ۾ گذاري، ڪاٿي سو حُڪمن وارو
٣. ڪاٿي شرع جو شور مچائي، ڪاٿي ڳجهيءَ ۾ ڳارو
۴. جاڏي ڏسو ٿا تاڏي آهي، سندس نينهن نظارو
۵. حقيقت جي حال ڪئون، سچو تئي نہ ويسارو

(سرآسا)

ٿلهہ: جي مون پڇو ڙي جيڏيون، آهي برهہ بيقراري
بخشش الاهي آهي، ناهي ڪسب اختياري
١. آهي ني عاشقن ڪي، سوريءَ مٿي سواري
هڪ درد دل ۾ تن جي، ٻي خلق جي خواري
٢. ڪيائون حجاب ظاهر، هوءِ هوءِ حُسن هزاري
مشتاقيَن ڪي مارن، خوني سندن خماري
٣. مترگان وارا مقرر، ڪسيو مارين ڪاري
عاشق آهي ايلازي، پائي ڪِحيءَ ۾ ڳاري
۴. محبوب جون اصل ڪئون، ڪجليون آهن قهاري
آهي اصل انهن ڪي، هيءَ سَڏ سچل جي ساري

(سرجهنگلو)

ٽلهہ: جوئي آهيان سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان
١. نا مين مُلان نا مين قاضي، نا مين سبق پڙهايان
٢. نا مين مسجد نا مين حُجرا، اندر پير نہ پايان
٣. نا مين ڪعبہ نا مني قبلہ، مڪي مُول نہ جاوان
٤. نا مين سُني نا مين شيعہ، سيّد ڪيئن سڏايان
٥. نا مين نانڪ نا مين ڇمڻ، گنگا مُول نہ جاوان
٦. يار تہ ميڏا درس درازي، سچل نانءُ سڏايان

(سرجهنگلو)

ٽلهہ: جوئي آهيان سوئي آهيان، غير خدا جو ناهيان ناهيان
١. آدم شيث ۽ يعقوب يونس، نالو نينهن سڏايم
ڪيم طوفان تمام زمين تي، عالم سڀ ٻوڙايم
هنومان ڪانئم ڏنيم، لنڪا لنڪا باهيان
٢. وامق عذرا ليليٰ مجنون، ڪيئي ڏينهن ڪوٺايم
بديعل سوئي صيفل تي ڪر، برهين بار اٿايم
سو بديعل سوئي صيفل، لکين ناهہ ٿنو ٿاهيان
٣. شيرين ۽ فرهاد تي ڪر، ٽڪر ٽاڪ ٽڪيوسي
خسرو تي حيران ٿيوسي، حيلا سو ڪيوسي
ذات نہ ڄاڻان پنهنجي آءُ تہ اصل ڪٿئون ڇاهيان
٤. يوسف تي زليخا خاطر، مصر بازار وڪاڻس
عيسيٰ تي وَت اشاري، چڙهہ آڪاس اُڏاڻس
رنگا رنگ لباس لکين ڪر، ڪي پهريان ڪي لاهيان
٥. سولي چڙهہ منصور جو تي ڪر اناالحق الايم
شمس تي تبريزئون آيس، خوشيئون ڪلَ ڪلايم
لک لباس ڪري ڪيئن اهڙا، ڦاهيءَ ۾ ڦٽڪايان
٦. مدت پڄاڻون نانءُ سچل تي، عالم ۾ هن آيم
نانءَ انهيءَ ۾ وحدت وارو، سارو سرَ سٽايم
نعرو نينهن جي ٻاجهون يارو، ڪونہ سڳو ٻيو ساهيان

(سرجهنگلو)

ٽلهہ: جوڳي آهيان جوڳي ٿينڊس، جوڳي جنگ جوانُ
١. نا مين مُلان نا مين ٻانڻ، نا مين ورق قران
٢. نا مين پوٿي نا مين پوڙي، نا مين گيتا گيان
٣. نا مين اولهہ نا مين اوپر، نا مين زمين آسمان
٤. ڪاريهرَ قتل ڪيان ٿو، مرليءَ سانَ مستان
٥. شهر سچل دا وچ درازين، ناهين مڪي ملتان

۴. هيءَ مـــهل مـــوچاري اٿـــئي، پوءِ ڪريندين هاءِ هاءِ
هاءِ هاءِ مـــئـــون هٿ نـہ ايندئي، ويل ويندئي واءِ واءِ
۵. هيءَ حـــقـــيقت حـــال جي، ســـاري وجي ســـائينءَ سُـٺـــاءِ
ســـو سَـچو مـــرشـــد سچوءَ جو، پيـــر عـــبـــدالحق آءِ

(سرجوڳ)

ٽلهـہ: جو اڱڻ پيهي اچ آيو، ســو ســامي مون تا صحيح سچاتو
۱. بيـــراڳيءَ جو بيک ڪري، تنهن ڪيـــڏو هنر هلايو
۲. سِر جٽـــائون جوڳين واريون، تنهن لِڱين بَســـمـــون لايو
۳. مُرليءَ مـــســـت آواز اُنهيءَ جي، منهنجو روح ريجهـــايو
۴. رانجهـــو تخت هزارِ وارو، مـــوليٰ آٿي مـــلايو
۵. عطر عنبـــيـــر اُنهيءَ جي ڪارڻ، مـــون تا مُشڪ مـــلايو
۶. پيـــاري هِي سِر پاٿون جاٿي، ســـچوءَ کي ســـمـــجهـــايو

(سرجوڳ)

ٽلهـہ: جو تون پيـــرا پـــري آئين، تنهنجي ٿـــوري هڪ نـہ ٿي پڄان
۱. عـــاشق هِتي لکين هزارين، لَنو اســـان ســـان تـــو لائين
۲. عـــيبَ اســـان ۾ آهن اَپارين، اُهي پـــلا ڪيـــو تـــو پـــائين
۳. ڏوهـہ ڏنگايون ڏسي اســـان جون، ڇِٽ نـہ اســـان تئـــون ڇائين
۴. رانو ڏينهـــان يار اوهانجا، ڳڻ ســـچو تـــو ڳائين

(سرتلنگ)

ٽلهـــــہ: جو تـــو ڳولين يار، ســـو تا تـو ۾ آءِ
۱. ڏونـگـر ڪيـــڏا ڏورئـيـــن، ڇـئـــو تون کَنِي لاءِ
۲. هـيـــڏي هوڏي نـہ وجـيـــن، پاٿـي ۾ مُنـهـن پـاءِ
۳. دل واري خانـــي ۾، ســـنـــدي جانـــب جاءِ
۴. اهـڙيءَ اوڏائـيءَ جي، ســـــچو ڪَلَ نـہ ڪـنـهـن ڪـاءِ

(سرجوڳ)

ٽلهـہ: جو جوڳي زلفن وارو ســو ســامي مـــون تا ڪين ســجاتو
۱. ڳل ڪي ڪفني دست پهـــوڙا، مـــشـــعل مُنهن مـــوچارو
۲. انگ پـــيـــوت بنائي آيـــو، بـــيـــک پـــني وٽـــجـــارو
۳. ٻئي لبـــاس ڪو رانجهـــو ايندو، ڇـــڏي تخت هزارو
۴. ســبب انهيءَ ڪـئـــون ڪين ســـجاتم، ويو مـــاريون مُرليءَ وارو
۵. ســـچوءَ ســجاتو نـہ رانجهـــو آهي، جڏهن حـــال سليـــائين ســـارو

(سربروو)

ٿلهه: جيءُ آئين ڀلي آئين، ڪيچي ڏنوَ ڪالهه ڪاتي
١. سگهو سگهو تون ڏيج سنيها، ڏينهنَ گهٽا ڇو لائين
٢. ٿورا لائين هن ٿڪيءَ تي، پير اگڻ جي تون پائين
٣. پاڻ توئي تئون ڪريان قرباني، جو ڳالهه سڄڻ جي ٿو ڳائين
۴. طرفون تنهنجي هيءَ نماڻي، سڀ پلائي ٿي پائين
۵. ڏيهہ سڄڻ جو ڏسيون ڏهاڙي، سچل ٿو ڪانگ اُڏائين

(سرجهولٽومارئي)

ٿلهه: جاليئي جن سان ٿي وو، تا مارون ڪيڻ ويا
هوءِ هوءِ حالڙو، ڪنهن سان ڳرهيان
١. پڪا پٽي اُتهون، ويا پرئين پنڌ ڪٽي
راتو ڏينهان روح ڪي، اوڏنهن گهرَ گهٽي
٢. گهڙي جا هت گهاريان، سا ويڙيچن نہ وٽي
جهليان شال وجي، اُن پَهُن جي پٽي
٢. منون من ماندو مارئين، چاٽي هڪ ڏٽي
پڪا پانور ڪنڌئين، هو جو وينا حال هٽي
۴. جدائي جهانگيئڙن جي، منهنجي باب بٽي
سچل سنگهارن جا، هت ويني ڳڻ ڳٽي

(سرجهولٽوبروو)

ٿلهہ: جاني آءُ ڙي جاني ميان، آءُ تا روز پچان ٿي پانديون
١. تنهنجي اچڻ ڪاڻ، آءُ هت پوٽيون پٽايان
سنجهي صبح سرتيون، ٿي پانڌي پڇايان
ڏاها تنهنجي ڏيهہ ڏي، ٿي ڪانگل اُڏايان
٢. پرين تنهنجي پار ڏنهن اچي قاصد ڪوئي
حال سٽايان پنهنجو، تنهن رهبر کي روئي
جاني جال اسان جي، هاٽي هجر ۾ هوئي
٢. دلبر تنهنجي ديس ڏي ٿي ڏسان ڏيهاڙيون
نانءُ تنهنجو سپرين اسين وَسِ نہ وساريون
ڳچيءَ پائي ڪپڙو اسين ڪريون ٿا زاريون

(سر ڪلياڻ-تلنگ)

ٿلهه: جو هوم ورونهن وارو، جيجان گڏيم سو تا جوڳيئڙو
١. اکين پوئين ڳالهه جو، خيال سليائين سارو
٢. سورن جيٰ سوغات سان، آيو اوڏنهن وڻجارو
٣. پسڻ سان پيدا ٿيو، سيني ۾ منجهه ستارو
٤. صورت تنهنجي سقري، منهن مشعل موچارو
٥. جُڙي ويتو جان ۾، برهه انهيءَ جو بارو
٦. آهه سچوءَ جي سرتيون، اهو اکين جو اجارو

(سرتوڏي)

ٿلهه: جيءَ جون ڳالهڙيون هيون جن سان
هاءِ هاءِ سانگ چڙهي ويا سيئي
١. ماريس انهيءَ مامري، هيءَ پوءِ انهن کان پيئي
٢. وني ويندیس اوڏهين خال پنهنجو هيئي
٣. ايندا اٿم آسرو، جيءَ گهبريا ٿي جيئي
٤. موڏي مکائون کيترا، ڏک ڏوراپا ڏيئي
٥. جيءَ وڌو آ جار ۾، تن نياپن نيئي
٦. سچل سنيها ٻڌي تن جا، ميان ٻڌ ٻانهون بيئي

(سرجهنگلو)

ٿلهه: جاني جدائيءَ ماريو، ڏينهن ڏهيلا گهوريا
١. اصل لاکون آهيان اوهانجي، هيءَ ويچاري نا وساريو
٢. نانءَ سائينءَ جي اسان نماڻن سان، اچي سو گڏ گذاريو
٣. مشتاقن ڏي مهر پئي تان، کٽي نيڻ نهاريو
٤. پري نه پاڻون يار ڪريجو، پنهنجي وٽ وهاريو
٥. سگ سچل آهي در تنهنجي جو، پنهنجي سو ڪڍ قطاريو

(سرمارئي)

ٿلهه: جائي وٽيئي ڪيئي سائي، هن ڏکيءَ کي ڏوهه ڪيهو
١. ڳالهه اوهان جي سڀ عالم ۾، گڏي سا عشق اڏائي
٢. حال منهنجي جي هوت پنهون ري، توکي سڌ سيائي
٣. پاڻ لڪائي سر پنهنجي کي، وري گهمائيءِ وائي
٤. ڳالهه ڳجهيءَ جي دوست پيارل، ڪل نه هن کي ڪائي
٥. سائي نباهج نانءَ ڏٿيءَ جي، لنو سچل سان تو لائي

٥. وري پنهوارن جي پکي آهه پيهان،
سگهڙي مارن سان لاوان شال لهان،
ويتي کريان اِهي آهون ۽ دانهون
٦. ڇڏي محل مازيون وڃي پٽَ پسان،
بيگانن کئون وڃي پنهنجي راڄ رَسان،
ڳالهيون ڳرهيون کي ڏيئي ميان ڳل پانهون
٧. سچل سنگهارن سان هيکاندو تيان،
گڏجي انهن سان پاٽي مينهن پيان،
کين ۽ جي خبر وو ايندم اوڏاهون

ج

(سر موملِ-تلنگ)

ٿلهه: ڇُرڻ پُرڻ وارو کيُر، هِيءَ ڳجهارت کوئي پيچي
١. کير چوي تو کير ٻُڌي تو، عجب جيهو پير
٢. سُڌِ تهين کي سرَ انهيءَ جي، جيڪو پائي ايڏهن پير
٣. سچو سچ تہ ڳالهہ اسان جي، سمجهي کو مڙد متير

(سربلاولي)

ٿلهہ: چشمن يار جي مون تي، ڇئو جا چوٽ چکائي
١. دردمندن جي دل اچانڪ، آئي عشق اڙائي
٢. اسان نماڻن تي روز ازل کئون، تنهنجي حُسن هَلائي
٣. ٻنهي اکڙين سيف ستم جي، ڇئو جو آئي چمڪائي
٤. ٻٽيڃي بره جي سيني اندر، سچل هن خيال کپائي

(سربروو)

ٿلهہ: چرخو چوريو ڙي، ايندوَ کرُ نہ ڪتڻ
جاڳو جاڳو ڙي، ڇڏ ڪٽي ساوَ جو سمهڻ
١. هت کيئن ريڏئين راند ۾، وسري ويئي موت مرڻ،
اڳتون هلندينءَ هوت ڏي، کيئن تينديئي کنڌ ڪٽڻ
٢. جيئن ڦوتو پاٽيءَ ۾ تري، تيئن تئي جان جيئڻ
خوبي ويندئي نڪري، جائين هُئين نہ ڇڻ
٣. واندي ويهہ نہ ويسلي، کرکا کار ڪتڻ،
پاندي لائج پريت سان، جتي عشق اٽڻ
٤. صاحبڏنو چوي سڪُ تون، پرواني جيان تہ پچڻ
سڙن سگهن کين کي، اهڙي رنگ رچڻ

۴. اُتي ويٺي اوتيان، آءٌ پنبڻين مان پاٽي
اچي ڏسج سپرين، تون حال منهنجو هاٽي
دردمنديءَ جي دل ۾، تنهنجي سڪ ساماٽي
۵. تاڪُون سڄڻ تهانجي هِينئَڙي حيراني
ڏيئي ڏکيءَ کي وئين، تون نِينهن نه نشاني
سدا سچل آهي ميان، تنهنجي ڳچيءَ ۾ ڳاني

جهه

(سرسسئي)

ٿلهه: جُهليو جن تي حال، اُنهن کي آءٌ کيئن نه سڃاڻان
۱. مڄن ماضي کين کي، نڪو استقبال
۲. لکو ناهي لوڪ کئون، انهن جو احوال
۳. جي مون پيچيو جيڏيون، آهي ورهه وصالُ
۴. ووءِ ووءِ ٻاجهون تن کي، نڪو قيل نه قالُ
۵. سچو سڃاتو تن کي، جنُ کي عشق ڪمالُ

(سرمارئي-پيروي)

ٿلهه: جهانگيئڙن کئون جدا ٿيڙس جيلاهون،
سَهين سُورَ ڏسان هت تيلاهون
۱. مارو شال وري مونکي ياد ڪري،
پلڪان ڪانئس جي هت پيس پري،
مانَ حال ڏسي اچي اوراهون
۲. هَئي هَئي حال منهنجو عمر هي آهي،
اُنهن ٻاجهون جيئڻ منهنجو ناهي،
پنهوارن کئون وو پيس پراهون
۳. قسمت قيدالماء جي هت آندو،
اُنهن ٻاجهون آهي هِينئڙو ماندو،
وساريو مونکي جهانگيئڙن چاهون
۴. راتو ڏينهان وو رُوئان ٿي ساريون،
ويٺي دَرِ الله جي ڪريان ٿي زاريون،
پڏندو اُهو هم، هن جو ايلاهون

(سر پوروي-ڀيرو)

ٿلهه: ڇپر تان نه ڇڏيندين، پلو پنهل يار
١. پاڻ سڃاڻي پنهنجو، ڳولي ساڻ ڳڏيندين
٢. اڳڻ آسروند جي، آريائي تون ايندين
٣. اهو اٿم آسرو، نال نماڻي نڀيندين
۴. پکا پکن سامهون، اوري شال اڏيندين
۵. سڪ ۽ سور سچوءَ کي، بلوچا بخشيندين

(سر سسئي)

ٿلهه: ڇڏي هوت حجت، ڙي آءٌ ٿيس نانءُ نماڻي
١. اچي مونکي ڪيهن ڪي، ڇڏي لوڪ لذت
٢. وڏو آهي مامري، مونکي تا محبت
٣. ويا نڌر ڪان نڪري، اوئي رات اِچت
۴. سور تنهنجا سپرين، ڙڳا ٿي راحت
۵. مونکي ٿيلهڻ آيا، پيرن سان پربت
٦. سچو سڪ اوهانجي، واڳيو ۾ وحدت

(سر ڪوهياري)

ٿلهه: چاڪي ڏونگر ڏوريان، مَنِ وسي يار منهنجو
١. پرين آهي پاڻ سان، تڪ ٻيا ڇو توريان
٢. راتو ڏينهان روح ۾، آريائي ٿي اوريان
٣. سڪنهن پارين پاڙي سپرين، آءٌ ڳهٽو ٿي ڳهوريان
۴. هوت هميشه حاضري، ولدر ڪنهن لڳ وڙيان
۵. سچو سچي ڳالهڙي، ڇت اِهائي چوريان

(سر ڪلياڻ)

ٿلهه: ڇو ڪرين ٿو ارمان، جيڪي آهن سوئي ٿيندين
١. اٿر اوير اولهه ڏکڻ، سرزمين ڇا آهو آسمان
٢. پاڻئون جاني پير ڳهمائي، ٿي صورت ۾ انسان
٣. اٿڻ ويهڻ جاڻ اهوئي، آهِ ڪُلَّ يوم هُو في شان
۴. "ڪُلُّ شيءٍ يَرجعُ اِليٰ اَصلِه،" قادر ٿيهو قران
۵. هاديءَ حقيقت ۾ پُرجهائي، سچو تون سلطان

(سربروو)

ٿلهہ: ڇئو ميان عشقا ڪَئين ڪَئين، تون سوين سيل بنائين ٿو
١. يا تون آهين ذاتَ ديوانو، جو ڪيڏا تـاهہ ٺـهـائين ٿـو
٢. ڪاٿـئين مُلان قـاضي تون، ڪاٿـئين سيد سـڏائين ٿـو
٣. ڪاٿـئين مُغ برهمڻ تون، ڪاٿـئين بانگ ٻڌائين ٿـو
۴. ڪاٿـئين مُنهن ۾ مـحـراب، ڪاٿـئين تلڪ لڳائين ٿـو
۵. ڪاٿـئين تسبيحان تون سورين، ڪاٿـئين جٽيا پائين ٿـو
٦. ڪاٿـئين پيـرين آهين پيـادو، ڪاٿـئين بورُ بچائين ٿـو
٧. ڪاٿـئين منبـر واعظي، ڪاٿـهين پوٿيـون پـٽـائين ٿـو
٨. ڪاٿـئين زربفت قـبـائون، ڪاٿـهين ليـڙان لڙڪائين ٿـو
٩. ڪاٿـئين ڏئين شـرعي فتـويٰ، ڪاٿـئين منصـور مـارائين ٿـو
١٠. ڪاٿـئين هنومـان ڪوٺـائين، ڪاٿـئين ڏهيـسـر ڏسـائين ٿـو
١١. ڪاٿـئين ٿـئين رامہ يا سـيـتـا، ڪاٿـئين ڇمڻ لڪائين ٿـو
١٢. ڪاٿـئين نمرود ابراهيم ٿي، ڪيـئي بيڪ بنائين ٿـو
١٣. ڪاٿـئين ٿي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سـمـائين ٿـو
١۴. ڪاٿـئين ٿي پاتشـاهہ ملڪ جو، سـارو ديس ڏبائين ٿـو
١۵. ڪاٿـئين ٿـئين غرض گـداگـر، ڪاٿـئين توليـون ٽڪائين ٿـو
١٦. ڪاٿـئين مـفـتي تون خدائي، ڪاٿـئين اناالحق فـرمـائين ٿـو

(سربروو)

ٿلهہ: ڇيم آخر ٻڌي هٿـڙا، اڳيـون دلبـر تو ايندا سـون
ڇيـائون ايندين نہ ڇا ٿـيندو، ڏسڻ مُنهن ڪين ڏيندا سـون
١. ڇيم دلبـر تنهنجي در تي، اچي ٿـيندس مـان درباني
ڇيـائون تنهن طرف هرگـز، نہ پوريل در پٽـيندا سـون
٢. ڇيم دلدار ڪي آهيـان، فـقط هڪ بوسي جو سـوالي
ڇيـائون ڪين اهڙا سـوال، مُوڙئون ٿي مـڃيندا سـون
٣. ڇيم اي دلربا دلبـر، نہ ڪر گم آبرو منهنجي
ڇيـائون هي اجان ڇاهي، سـوين ٻيـا سُور ڏيندا سـون
۴. ڇيم منهنجي مـرڻ ڪـانپـوءِ، اچين مَن تون مـرقـد تي
ڇيـائون جي ڏنـوسي ڪٽ، لتـاڙي لوڙه ويندا سـون
۵. ڇيم دلبـر مـسـتـا دم دم، پرتو تي سـچل سـائل
ڇيـائون ڪيم لوڙهج دل، اوهان آخر گـذ ينداسـون

۳. عام ڪي ارمان تنهن جو، حر ڪي ٻه حضور هو
حال ۾ حلاج هئي هئي، موج ۾ مسرور هو
۵. سرِ ۾ توحيد جي، ڪيئي سال مَلهه مسرور هو
پوءِ سچو نينهن نيو تنهن، ڇهچٽي چڪچور هو

(سربرو)

ٿلهه: حاجي حج اڄ ڪيو [illegible] منهن محبوب جي
۱. هاٿي حـ[illegible] سرتيون، اڪبر حج ٿيوسي
۲. ٿيو قبول ته اسانجو، جيڪو عرض چيوسي
۳. هيءُ تنُ طوافي ٿيو، وڃئون غير ويوسي
۴. هاريون ري حرمين ڏي، سندن نامُ نيوسي
۵. اُنهيءَ ٻاجهون ناهه ڪو، اهو احرام ٻڌوسي
۶. اِهو ڪعبو اِهو قبلو، سچو ڏِسُ ڏِٺوسي

(سرجهنگلو)

ٿلهه: حال اچي ڏِسُ هاٿي، وَهي ٿو پنبٽين مان پاٽي، پاڻ ڄاٽي
۱. آءٌ ڪنيزڪ مُلهه خريدَنَ، سائين تون پاڻ سڃاٽي
۲. سُڌِ لهج تون سگهڙي منهنجي، جاني ڪيوَ جا جوڳياٽي
۳. ڏيئي ڏيکاري پاڻ ڇپايُو، پلي اها توکي پاٽي
۴. روز ازل ڪون در تنهنجي تي، والي سا هيءَ وڪاٽي
۵. سيني اندر يار سچوءَ جي، سڪ سندئي ساماٽي

(سربرو)

ٿلهه: حال منهنجو ڪونه هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون
۱. معاف ڪيائون مَديُون، ڏوهَن ڏي نه ڏٺائون
۲. جيڪو حال احوال هو سائين، پاٽئون واڻ پڇيائون
۳. پاڻ پنهنجو پاٽهين، ساڻ غريب ڪڏيائون
۴. سچوءَ کي ڪيئي سرتيون، ٿي دلاسا ڏنائون

(سربرو)

ٿلهه: حال هلڻ جو مون ناهي، آءٌ تا ڪيچ پهچان ڪيئن
۱. ناتو نمائيءَ جو اصل توسان آهي، هيءَ هوت نه ڇڏج هيئن
۲. تون ته صاحب سپرين سگ نه ٿي ڪو ساهي، ڪر جاني ولئي جيئن
۳. پسي حال حقير جو، آءٌ ڪوهيارل ڪاهي، ڪر سچو پنهنجي سيئن

(سرتوڏي)

تلهه: ڇڏ غُصو غمناڪ سان، اڃي مِلُ ته مانڊائي لَهي
۱. سُڌ سَيا توکي پرين، جيڪا واڍوڙين سان وِهي
۲. سُور سيبائڻ جهڙو، پر جيءُ جدائي نا سهي
۳. پاڻئون آيا هِن پُور هي، ڪِي تو مُکا پرير پهي
۴. سچل ويهاريو وٿ ۾، هِي نساهُ تڏهين ڪو نهي

(سرجوڳ)

تلهه: جو تو ڇڏين جو تو ڇڏين، آءٌ نا تُنهنجڙي آهيان
۱. مون کي هاڻ پاڻ پنهنجو پاٿهين، ساڻ غريبن گڏين
۲. پکا پکن سامُهان، اوري سو دلبر آڏين
۳. سچل نهاري واڻڙيون، ايندين تون صاحب ڪڏين

(سربروو)

تلهه: جو تو ڇنين جو تو ڇنين، محبت لائي جڙيا جاني مون سان
۱. پانهون ڪيڙُوَ پرين پنهنجو، گڏڻ سان ڳنهين ري
۲. جوڙي هَنيون جان ۾، اڪيين پاڻ پنهين ري
۳. آلا ڦٽ فراق جا، رکيو اڃي پاڻ پنين ري
۴. سگ سچل ڪيو در تنهنجي جو، اصل ڳالهه انهين ري

ح

(سريمروي)

تلهه: حَقَ اناالحق ٿي چيو، پر منجهه نظر منصور هو
منجهه شرع شرڪت چون، منجهه معرفت منظور هو
۱. وَسُ نه هو حلاج جو، ڪوئي محبتي مخمور هو
سِرُ نه جي سوريءَ ڏنائين، قرب ۾ ڪو قصور هو
۲. هوءِ حيرت ۾ هئڻ، تنهن دائمي دستور هو
سِرُ مٿي سوريءَ سڻ، تنهن ذوق مون بہ ضرور هو
۳. عين حق جي فوج ۾، تنهن مست جو مذڪور هو
مشرق ۽ مغرب تهين جو، مرتبو مشهور هو

(سرجهنگلو-پيروي)

ٿلهه: حڪم تنهنجو ٿو هلي، پر ڏوهه پاڻئي کي ڏيان
١. آهي "فعالٌ لما يُريد،" ناءُ هِي ڪاڏي ڏنيسان
٢. آهي "وَبي يَنطِقُ و بي يُبصِرُ،" تِرُ نه هڪ تو ريءَ جُهان
٣. جاڏهون اچي ظاهر ٿئين، هَلَ هيج مئون تاڏي هِيان
٤. "يُرجِعُ اِلي اَصلِه" ائين، سَنُ مامَ هِيءَ مونهان مِيان
٥. گر نامُ غمزي پر ڪرين، ساڳيو سچو سوئي ٿيان

(سرمومل)

ٿلهه: حالَ منهنجي هاءِ هاءِ، تو رِيءَ لَهنِ هي ڏينهڙا
١. آهي هن احوال تي، ولَها تان واءِ واءِ
٢. دوست تنهنجي ديس جي، اُڪنڊ اسان کي آءِ آءِ
٣. ڏسيون ڏهاڙي آءُ تي روئان، جانب تنهنجي جاءِ جاءِ
٤. ڪاڪِ نه لڳي ڪس مون، سوڊل تنهنجي ساءِ ساءِ
٥. سوڊا ستاري ڪري، پير اڳڻ منهنجي پاءِ پاءِ
٦. دردمنديءَ جون دانهڙيون، واليءَ لڳ ورناءِ ورناءِ
٧. سوال سچل جا سپرين، لالن دل سان لاءِ لاءِ

(سربروو)

ٿلهه: حال معلوم توکي هيئي، آءُ تا وَس نه ويئياس
١. پرين تنهنجي پارَ ڏي، قاصد مُنجان ڪيئي، ايڏنهنِ منهن ڪيون بيٺياس
٢. چڏي وَج نه چپرين، مُنج دلاسا کي ڏيئي، تنهنجي محبت مارياس
٣. چئي پڏايان سرتئين، هن سباجهه سيئي، آءُ تا وارُ نه پرسرياس
٤. پاڻئون پري نه ڪرين، آءُ پَلو اوهانجي پيئي، تنهنجي پکي لي پيئياس
٥. ساتي ڏيج سچل جا، اهي نياپا تون نيئي، آءُ تا ڪهيڙو اُڪنڊياسِ

خ

(سربروو)

ٿلهه: خبر ڪا مون ڏيو ساٿيو، عجيبن جي اچڻ جي
١. ڪيچيڙن جو قافلو، وڃين رات ويو
٢. اِئين نه چڏيو چپرين، هِي تا نال نيو
٣. توڙي وِرهه وهاريو، ڪنديس ڪونه بيو
٤. وندر سندي واٽ تي، مون ضدقو سِرُ ڪيو
٥. چڏ ساها سنبرڙي سچل، جي تو پُور پيو

(سرسسئي)

ٿلهه: حيلا ڪيم هزارين، مانَ ڏِڪَنِ مون وٽ رات
١. ڪرهَ قطاري هليا، بودا پلاڻي پريہ سات
٢. آءُ ستي هُو هليا، توڏن جي ڪيو تاتِ
٣. سُور ڏنائون سوڪڙيون، ڏک ڏنائون ڏات
۴. پرين ساري موڪلي، ڏانهن سچوءِ سوغات

(سرجهنگلو)

ٿلهه: حُجَ ڦَٽي ڪيم هاٿي، ماريس تنهنجي ماٿي، الله جاٿي
١. تنهن ڏينهن لاڪون يار اوهان سان، لايو نينهن نماٿي، الله جاٿي
٢. ويلي ڏسان واٽ اوهانجي، آءُ يلا هِنَ ياٿي الله جاٿي
٣. جيهي تيهي آهيان اوهانجي، سائين تون پاڻ سجاٿي، الله جاٿي
۴. راتيان ڏينهان يار سچڻ ميان، تَنَ توئي ڏي تاٿي، الله جاٿي
۵. ڏوڙا طالع ٿين سچل جا، الله جي تلوڪي آٿي، الله جاٿي

(سر پهروي-جوڳ-ڪلولسيو)

ٿلهه: حسن تنهنجو ٿو اڇي، طرحون طرح ڏيکار ھ
مڪ هٿين آئين وَري، ڪنهن شوق مٿون بہ شمار ھ
١. ڏوريان انهيءَ دم ڏور ٿيا، واقف پيا ويچار ھ
حاصل نہ تن جيئي پيا آهن، سعدي الڪار ھ
٢. محرم ٿئين معهن جي وجهين، هن ٿنو سندي طومار ھ
جتي لو چوين آءُ شاهہ ٿيان، گر ٿي محکايڪ يار ھ
٣. رک هوش تا مدهوش ٿئين، غمزون آتشي گفتار ھ
ساري پوپٽي سُڌ تا صحيح، جي رخ رکين رفتار ھ
۴. پوءِ تا پڇج هيءَ ڳالهڙي، اول اڇج اعتبار ھ
قنماٺل ڪين ڪر پالهنجي، صورت سچي سنسار ھ
۵. ڪر گوش در گوش، جي ديدان رکين ديدار ھ
آهي سچوءِ تي نام جي، ناهي بيشو نروار ھ

(سرجهنگلو)

ٿلهه: دل اتي وچي پيئي، جاءِ جتي دم ناهي
١. شئي عجب جي پار اسان جي، ڏس مڪائون ڏيئي
٢. خيال لڳو سين وچي اتاهين، وائي هي سڀ ويئي
٣. دهشت واري موج ڏسي تا، ڪوپا موتيا لک ڪيئي
۴. نيڪي بدي تَنِ برابر، جَرِ گهڙيا وچي جيئي
۵. بحر عميق ۾ سٽو ري سرتيون، نانءُ وڃايم نيئي
٦. حال منهنجي جا محرم آهن، سچو ڙي واقف سيئي

(سربروو)

ٿلهه: دل جون ڳالهيون، آءُ تا توسان اوريان
١. ڳجهيون ڳالهيون ڪريان ڪِنِ سان، تَڪَ ويني ٿي توريان
٢. سڳو تنهنجي سڪ جو، ساهه اندر ٿي سوريان
٣. سڪ اوهان جي سرَ تي، ڏيهه سارو ٿي ڏوريان
۴. راتو ڏينهان ڪاڻ اوهانجي، چِتَ ۾ چرخو چوريان
۵. اڳڻ سچوءَ جي آءُ تون پيارا، پاڻ گهٽو ٿي گهوريان

(سرجهنگلو-ڪٺونسيو)

ٿلهه: دل چ ن سان جي چمين، پير مغان جي آستان
محبت سچي محبوب جي، بانڪا وچيتون باس تان
١. ڪي ڏينهن مون محبوب لئي، ورد وظائف ٿي پڙهيا
جڏهن عشق آرانيا ڏنا، ٿيون خود خدا جون خواستان
٢. جڏهن ذوق مون شامل ٿيو، پيو خيال خاطر ڪٺون ويو
هڪ واسطو تنهنجو رهيو، وسري ويون پيون واسطان
٣. راهون سيئي گمراه ڙيون، جي مون پڇين تون ڳالهڙي
ڪر گذر ہي گوڙ ڪٺون، ٿئي راه ربَ جي راستان
۴. رنگ روح کي جيڪو لڳو، دنيا ءِ عقبيٰ پيو پڳو
غمزي تهين گم ڪُلُ ڪيو، وَهه واهه پيا وسواس تان
۵. عشق جي ڙي جيڏيون، ناهي تماميت ادا
چاهُون چوائي ٿو گهٽو، هيءُ درد مونکي داستان
٦. سچو سدا سڪ ۾ رهين، متان تون جهلين روٺيون اکيون
هَتِ درد وارن جي پرين، پاٺهين ڪرن ٿا پاس تان

(سرجهنگلو)

ٿلهـــــــ: "دَعْ نَفسَکَ وَ تعـــالِ" آٿي ڳجهي اها ڳال
١. خاڪي جسم ڪـئـون ڪر جدائي، بحـر عـدم جي ۾ جال
٢. خيـال وجودي چو نہ وسـارين، ڪرين ٿي قـيل مـقـال
٣. ڳالهيـون ڪوڙيون سَتِ سيـئي، پئـو تون خاص خيـال
٤. ڪڏهن نہ ٿـيندئي حق سـو حـاصل، جي تو بت بحـال
٥. گرد غبـار ۾ ڪـاءُ نہ غوطا، سـچو ري پاڻ سنيـال

(سرجوڳ)

ٿلهـــــــ: دَم دَم جا ديدار، اپر اســـان جي نارَ تـي
١. بگا ڏاند ٻڌائون ٻيـئي، تن جي ڳالهـ ڪريان آءٌ ڪيـهي
وهـــن ڏاروڏار، ڳـاڏيءَ جـي ڳٽـــڪـــار تـي
٢. پـاروني هڪـڙي چڪـريُون ٻيـئي، آرا انهن جا آهن اُهيـئي
وهـــن بـاروبــار، لــٺ واريءَ لـلڪـــار تـــي
٣. ڦرهيون ونگڙوُن وهن اوپاريون، ارڙيون سُونهن بابهہ موچاريون
جـهـلڻ جا جهـجهـڪــار تي، لوٽن واري ڏڏڪـار تـي
٤. ڍوڍي چونڪ جوئر جانسري، ڳنان تنهن جا مـاڪي مـصـري
ڪـيـرن جـا بہ خمـار، پيـهـن جـي پـونجـار تي
٥. ڪا ً ن ڪانگيرو وهين واهيرو، ڪبرن ڳيرن ڪيو اڇي ڳهيرو
ڳوڙهن جا وسـڪـــار، جهـــرڪن وُاريءَ جهـــارَ تي
٦. نـيـسرِ پڙچ ۾ آيو پاٽي، سَنگر ٽِيـڙمُ سَچَ ۾ ســاٽي
پوک پڃي ٽي تيـنـار، ڪم ســچـل جا ڪلتـــار تي

(سرتوڏي)

ٿلهـــ: دارُون نہ پيـــو ڏئين، آهي طـبـيب عـــشق منهنجو
١. ڏيليــــون دارونءَ سنديـون، مـــوتـي نال چو نـئين
٢. ڳالهـــ اهائي عـــاشـــقن جي، هيءَ لائي ســان هينئين
٣. اوڏنـهـن اولانـيـــــــــــــو آيـو، چو ويـچ ڏي وئـين
٤. رک ســـچو ســوز ســيني ۾، تـا تون ســچو ٿـئين

(سر سسئي-تلنگ)

ٿلهه؛ دوست دلاسو ڏجي، ڏاها ڏکوين کي ميان

١. اول لائي پوءِ نہ ڇنجي، پرت نباهي نجي

٢. پرجهي ڏسج پرين پانهنجو، هيئن نہ ڪا پُل ڪجي

٣. ڳالهيون تنهنجيون يار پاروچا، راتو ڏينهان مِن هجي

۴. وِرهہ وارن سان يارِ ڏهاڙي، ڏک پائي اچي تنجي

۵. قاصد ايڏنهن جا چَوَن ائين مون، هوت ايندئي اڄ اڄهي

٦. ڏنگايون ڏي ڏِسُ نہ منهنجي، سڀ اوهان کون ٿو سهجي

٧. اڄڻ ڪارڻ هوت اوهانجي، سچو فالان ويٺو وجهي

(سربروو)

لهه؛ دوست دلاسو ڏيئي، ڏک ڏوڙو وري ڏيندءِ

. متان ويهين ماٺ ڪري، يار سڄڻ سان تو پيئي، ساڻ نيٺن دل نندءِ

. مون تا ڏنا ڪيترا، ماريا سي ڪجلين ڪيئي، اڄ صبح تو وس ايندءِ

. سچل آڏو سڄڻين، پانهون پڌي آ پيئي، سڀ بديون بخشيندءِ

(سرتوڏي)

ٿلهہ؛ دوست کي دانهون سٽي، مانَ مهر ڪا مون ڏِنهن پوي

١. دردمنديءَ جي درَ اَتي، تو ڪانگ لاکيٽو لَنوي

٢. پيغام پرين پارَ جا، چشمن اَتي ويهو چوي

٣. عاشق آهي اَکنديو گهٽو، تو راند روئڻ جي روي

۴. سِرَ پَرِ اسين ايڏنهن اچون، يا ڪي اوري ايندئي اَوي

۵. سچل سدا سڪ سوز ڪٺون، پيو ماڻ محبت جو موي

(سرجهنگلو)

ٿلهہ؛ دل جا دلبر پارَ، سِگهو سگهو ايندو رهين

١. اسان نماڻن جي ناءَ سائينءَ جي، لهين تون سارَ سنهارَ

٢. پارَ اوهانجي ڪيئي مُڪاسين، قاصد سوَ هزار

٣. اوهان پاجهون يار پيارا، اَچن تا اونارَ

۴. سي تون پاڙج پانهنجا، ڪيوَ جي قول قرار

۵. هُوءَ جا هُيَڙي متي منهنجي تي، ڪرين سا معاف ميارَ

٦. سچل اوهان لَئي يار سياٽا، روئي سو زاروزارَ

(سرجوڳ)

تلھہ: دل ناھي منھنجي وَسِ، ڙي جيڏيون ڪيئن ڪريان

١. انھن اکڙين کي، ناھي ڏسڻ ڪئون بس ڙي
٢. اصل لاڪون آھيان، پاڙيچيون پروس ڙي
٣. ڪاڪيون آھہ نہ عام سان، روح منھنجڙو رس ڙي
۴. ڀاڄھون ويڙھي دوست جي، ھي ڳالھہ نہ لڳي ڪس ڙي
۵. شام سچوءَ جو سرتيون، دوستڀ وٺي ڪيو وس ڙي

(سرھلاولي)

تلھہ: ديس اسانجڙي آيو، ھڙيون ڀاروچو مولي سو آڻ ملايو

١. ايھ ڀاروچي جي ڪلَ نہ آن کي، تيلھان تيون ورھہ وسايو
٢. ويڙھي اوھانجي وسي ڀاروچو، پري چو پند پچايو
٣. اڱڻ اوھانجي آھي سدائين، گھوري تا پاڻ گھمايو
۴. آءٌ نماڻي عيبن ھاڻي، پاڻ پرينءَ پرچايو
۵. پند ويٺي يارَ سچوءَ جو، ڪيو سو ھوت سجايو

(سرسسئي)

تلھہ: ديس ڇڏي پرديس ويو، ھاڻي ھوت مونکي ھيئن ماري

١. انھن ڀاڄھون سرتيون، ھِي گوندر ڏينھن گذاري
٢. راتو ڏينھان روح مُنھنجو، ساٿ ڏٺين کي ساري
٣. دعا ڪريجو جيڏيون، شال وھنم ڪين وساري
۴. ساريو صورت سڄڻ، ھي ڳالھہ اسانکي ڳاري
۵. ويو ويساھي نکري، چار گھڙيون پنج گھاري
٦. راھان اچڻ اَن جون، سچو نِتُ نھاري

(سرتوڏي)

تلھہ: ديواني ھن جي دل ڪيو، ڪو دوست دلاسو ڏيو

١. تو ڀاڄھون سانول سائين، ڇٺو ڪير ڪو ڦندو ھيو
٢. توھُون الاجي ڪيئن سائين، سو وعدو وسري ويو
٣. گھرجي سعيو تنھن جو گھٽو، جو پيش اوھانجي پيو
۴. ڪنھن کي ڏيان ھِيءَ دانھڙي، ھَئي برہ بيءَ ساڙي ڪيو
۵. ھَئي ھَئي ني ھھڙو حالڙو، اي يار تا تو ريءَ نيو
٦. ھيءُ ساھُ منھنجي سرير مئون، ھي تا تنھنجن نازن نيو
٧. نجھري نماڻيءَ جي اچي، ھڪ ڏينھن لالن پاءِ ليو
٨. ڪيو ڪالھہ ھادي قول تو، مڙني اڳيون مون سان اھو
٩. "ھوندس سچو تو ساڻ آءٌ" . تو پير عبدالحق چيو

(سربروو)

تلهہ: ڏنو هيءُ پانڌيءَ پيغام، تنهنجي اڱڻ اچ يار اچي ٿو

١. عاشق عجيبن جو، توکي سو لک آهي سلام

٢. سڀ قبوليو سپرينءَ، جيڪو ڪيئي ڪلام

٣. پڪو آهي پرينءَ جو، توسان اچ انجام

۴. روءُ نہ رت اکين مئون، عاشق ڪر آرام

۵. سچو گڏجن پوءِ پيي، آهہ نہ طلب تمام

(سربروو)

تلهہ: ڏيئي مون ڏيکاري، وريو ويو در تون دلبر

١. ڏنم اکڙين سان، هوءِ هوءِ حسن هزاري

٢. وَسُ نہ هن جو ڪو هيو، هوش نئين هَسواري

٣. دين ڪفر اسلام ڪئون، برهہ ڪيتي بيزاري

۴. ڪنهن در ڏيان دانهڙي، مونجهہ انهيءَ مُون ماري

۵. سوز سفيران لايون، هنَ چُڪيءَ ڪي چوڏاري

٦. حاجت هن جي نہ هئي، جا قاتل فوج قراري

٧. گهٽيءَ هدت کان پوءِ اچي، دوست ڏني دلداري

٨. باسيائون تا برهہ جي، سچوءَ کي سرداري

(سر ڏناسري مومل)

تلهہ: ڏيندبسِ ڏوراپو، آءٌ وڃي وراٿو روبرو

١. پريان سندي پارَ ڏي، ڪو نيئين نياپو

٢. اوهان پاجهون سپرين، آءٌ ڪريان ٿي ڪاپو

٣. سوڊل توئي سانڻ آهِ، منهنجو سگ نہ سياپو

(سربروو)

تلهہ: ڏونگر آهي ني ڏسُ ميان، هاريون منهنجي هوت جو

١. هلان تہ هلڻ نہ ٿئي، ناهِ ويچاريءَ جو وَسُ ميان

٢. راتيون رهڻ روهہ پر، ڪاڪيون آهي ڪَسُ ميان

٣. ڪِيڙو عشق عجيب جي، هينڙي پر هنبس ميان

۴. آهي عجيبن جي، سچل سڪ سَرسُ ميان

(سر بروو-جوڳ)

ٿلهہ: دوست تنهنجي درد جي، هِيءَ ڳالهہ آءٌ ڪنهن سان ڪريان
١. جڏ پرين پرڏيهہ تون ميان، ڏک اوهان ٻاجهون ڏريان
٢. دوست رهہ هِنَ ديس ۾، سَرَ منجهون سُورن پريان
٣. لَڪَ سيئي ويئي لنگهيس ميان، آءٌ پُور مئُون اوريان پريان
٤. سانُ چرخي چت جي ميان، وِرهہ جا ڌاڳا وَريان
٥. سِرُ سچل چوي پنهنجو، دوست تو آڏو ڌريان

(سربروو)

ٿلهہ: دردمند جي دل جو ميان، شوقي يارُ شڪاري
١. يار سهٽي جون ڏسو ڏهاڙي، ڪَنِ ٿيون خون خماري
٢. سورن وارن کي سيني اندر، ماري قيبر ڪاري
٣. چشمان چوٽڪ ڏاڍو لائين، ڪجليان هِن قهاري
٤. ٻانهون سي ٻڌيم اڳيون اُنهن جي، زاري سَوَ لک زاري
٥. دل اسان جي لٽ نيس ٿيون، ٿئي چشمان چاري
٦. ٻاٽان چاٽي ظاهر ڪيائين، هوءِ هوءِ حسن هزاري
٧. جيءُ سچل جو جار وڌائون، ڏيئي ڀاڻ ڏيکاري

ڏ

(سربلاولي-جهنگلو)

ٿلهہ: ڏسو عشق جو انصاف، سيئي مذهب ڪيائين معاف
١. مَڪي وڃڻ مقصد ڪيهو، ڪر اندر تَنَ طواف
٢. واديءَ ۾ وحدت جي جُڙي لام ڪاف
٣. "الانسان سِرِي وَ اَنَا سِرهہ،" غازن آهي صاف
٤. جوئي مذهب عشق جو، سوئي آهي غلاف
٥. سچو انهيءَ ڳالهہ ۾، خَس نہ آهي خلاف

(سربروو)

ٿلهہ ڏس کهڙيون قيريون پائي، اهو لِڪَ لڪوئي يار سڄڻ
١. غمزي هن حيرت ٿي، جو عشق لڪن سان لائي
٢. علم عقل ويو اُڏري، عين عشقَ جي آئي
٣. طبل سي تم ٿيا، جڏهن نوبت نينهن وڄائي
٤. نحو صرف ويو وسري، جاتي ڀاڻ خيال ڪپائي
٥. رمز پنهنجي راز جي، سچوءَ کي سمجهائي

(سربروو)

تلهہ: ڏني ڏيکاري ڙي، ميان صورت سهڻين جو لو
١. حُسن جي ڪاڻ، زاري ڙي زاري
٢. ورتم ساري لوڪ کئون، پيمر ڙي بيزاري
٣. محبت محبوبن جي، مونکي اصل اختياري
٤. چوان حقيقت حال جي، هيءَ سڄڻ کي ساري
٥. هتِ هُتَ ڪندا ڪاڪيون، آهي مونسان موچاري
٦. سَچل سدائين گهرجي، يارن جي ياري

(سرجوڳ)

تلهہ: ڏوتين ڪئون نہ ڏور، آهيان عمر اوڏي انکي
١. ناهيان باهر تن کئون، هڪڙوئي دمُ دُور
٢. "اَلانسَانُ سِرِي وَ اَنَا سِرِهٖ" دوستن جي دستور
٣. هِيءَ مڙيوئي آهي تا ميان، مارُنِ جو مذڪور
٤. سچل سانيج ڪللهڙي ميان، مارُن جي مستور

(سرمارئي)

تلهہ: ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هٿ منجان مارئين
١. وساري ويهي رهيو، حال ڏي هيئي
٢. مڙي اچو مون گهرين، آهيو جهانگيئڙا جيئي
٣. ڪيئن تا پهنوارن کئون، پري هِيءَ پيئي
٤. لهو سُڌ سنگهار جي، جي آهيو اتيئي
٥. ڪو رسائي مُون راج کي، نياپا نيئي
٦. سچل پڇيائون ڪين سا، جا ويڙيچئون ويئي

(سر ڏناسري-سورٺ)

تلهہ: ڏوڙو ڏک پيو دوست اسان تي، محب جڏهن موڪلايو تو
١. دردمندي جي دل کي دلبر، نازن سان نوايو تو
٢. منهنجو تنهن ڏينهن پرين پاڻئي سان، روح آئي اٽڪايو تو
٣. گهونگهٽ منجهہ ڪري ڪيئي غمزا، عاشق تي آزمايو تو
٤. رهبر ڪج روانو اسانڏي، فائق هيئن فرمايو تو
٥. ميلائيءَ جو محبت سگهرو، سچل جو آهہ سايو تو

(سرسئي)

تلهه: ڏاڍو جدائي جَلُ، ووءِ ووءِ مون وٽون هوت نه هَلُ
۱. اڄي ويهه اکين ۾، پاسي ٿيءُ نه پَلُ
۲. ڪيچ وڃڻ ڪر ڪهڙو، ڳالهه سانول اِها سَلُ
۳. مُئي ڪان منهنجا پرين، چوريءِ يار نه چَلُ
۴. ڪري ڪشالا ڪاف ۾، لڌم ڪوهيارلُ
۵. سچل ني ساهَ سان، هُيا سي رَلَ مَلُ

تلهه: ڏونگر چو ٿو ڏکائين، پير پيادن جا ميان
۱. پنڌ ڪرن جي هوت پنهونءَ ڏي، تَنِ چو روهَ رهائين
۲. اهو ڏوراپو ٿيندئي اوڏاهون، چو طالب ٿو ترسائين
۳. هيئن ٿو گهرجي عاشقن سان، ميان ڪا مدد ڪرائين
۴. سمجهي ڏسج ساڻ ڏکوين، پاهڻ ڪيئن ٿو پائين
۵. هو جو مُنجهي اڄي توئي ۾، سي هوتن ڏانهن هلائين
۶. ڪو ڪو تورو سگ سچل سان، محبن سان ملائين

(سربرو)

تلهه: ڏک وڏو وئين ڏيئي ڏيئي، يار سڄڻ اڄ مونکي
۱. اوهان ڀاڄهون يار پيارل، حال اسانجڙو هيئي هيئي
۲. پرين ڏسجو وڙَ پانهنجي ڏي، اسان هٿون جا پيئي پيئي
۳. ياد ڪرين يارَ ڏينهن اهيئي، ڳالهيون ڪيو گڏ ڪيئي ڪيئي
۴. هو جي ڪيون ڳالهيون توئي سان، نينهن سچل ري سيئي سيئي

(سرسئي)

تلهه: ڏينهن پڇائون آئين، پلي آئين يارَ مُنهنجا
۱. اگڻ اسان جي هوت ٻاروچا، پير جي اڄ پائين، پلي پائين
۲. پري اسان کون يار پرين زي، ڏينهن گهڻا چو لائين، ڪيئن لائين
۳. ڏوه ڏنگايون يار سڄڻ زي، ڪيئن پليءِ ڏنهه پائين، چو پائين
۴. هيئن نه گهرجي يار توکي، جِتُ جُڪيءِ تئون چائين، ڪيئن چائين
۵. عرش ڪرسي تئون اڄي اناهين، مَنِ سچل جي تون مائين، پلي مائين

٣. ناز نياز سان هِڪي وارِي، چاڙهن سُوليءَ تي منصورُ
٤. ساڻ ڏسڻ جي مشتاقن سان، ڪَيفي ڏاڍو ڪَنِ ڪَلورُ
٥. سچل ڪير ويچارو آهي، وجهن ڦيري دل ڪن ڦتورُ

ر

(سر بلاولي)

ٿلهه: رڪين يار جو خيال، ڪوڙا ڇو ٿو ميڙين مالُ
١. تڏهن طالب ڪوٺجين، جڏهن ڇڏين سڀ جنجال
٢. هلي وٺج حال ڪي، ڪُلي ڇڏ ڦال
٣. وَٺي وٺج وِرهَ جي، جو ڪوٺيو ڏي ڪلال
٤. سچيڏنا سڀ ۾، اٿئي جانب جو جمال

(سر بروو)

ٿلهه: رمزان سي هادي جون ميان جيڪي چيائون مونکي
سي تا سلڻ ناهن هوءِ هوءِ، ڏريون آهن دل تي
١. ڳالهيون ڪري ڳجهه جون، تا صاحب سمجهائين
لا اِلهٰ ڪان اڳنان تا هادي هلائين
سمجهڻ سمع بصر جو، تا فائق فرمائين
٢. خوديون خاص نه پائنجو، هيِ نت نمازان
چاٽو پلي ڳالهڙي هيِ سوز و گدازان
اٿو انالحق جا، اِهي عبرت آوازان
٣. هَئي هئي هڪڙي ڏينهڙي، تا هادي اِئين چون
جن نه سمجهي هِت ڳالهڙي، سي سُيان گهٽو روئَنِ
جن سچاتو هِتهين، سي هُتِ پي ائين هُوئَنِ
٤. جيڪي پُليون ڳالهڙيون، اُنهون پڇن پري آءِ
ڪوڙا قصا ڳهه پيا، دَم سچاڻ سواءِ
پُرجهڻ آهي پاڻ ڪي، پي پَلي بات نه ڪاءِ
٥. هاديءَ حقيقت جي يار، موني هيئن چيو
آغا آهي هيِ ادا، آهي ڪ ونه پيو
جيئي لنگهيا سڀ ڪون، يار مقصد تن ٿيو
سائين ساڳيو سو اٿو ٿيو جو وجودئون ويو
٦. مرشد هادي رهنما، تا سمجهائن ائين
هُو تون چاٽج پاڻ ڪي، متان هِيءُ ٿئين
وحدت جي چوگان ۾، اِها گوءِ نئين
سچو ساڻ يقين جي هي حال ڏي هِئين

(سربروو)

ٿلهـــ: ڏي دلاســـو دوست هن کي، جو اصل تنهنجو آء
١. هتِ تي گـــذاريان ڏينهـــڙا، ســـانول اوهانجي ســـاء
٢. غَصـــو نـہ ڪرِ غمناڪ ســـان، نـہ تـہ حـــال هِن هاء هاء
٣. دلبـــــر اوهانجي در بنا، جاني نـہ مـــون ٻي جاء
٤. جـنـهـن ڪـي دوســـــتي، آهـي اُنـهـيءَ واء واء
٥. ڏسي اســـان جو حـــالڙو، تون پيـــر اســـان وٽ پاء
٦. پـاڇي وٽـي هـي پـانـهـنـجو، لالـن پـنـهـنـجي ڳل لاء
٧. مطلبِ اهو مـــحـــبـــوب ڪر، طالب نـہ هِيئِن ترســـاء
٨. آهـہ دَمُ اســـان ديدار جو، ڪنهن وارِ هـي ورســـاء
٩. راتو ڏينهـــان هي تهـــانجون، ڳالهـــيـــون ويٺـــو هت ڳاء
١٠. نيڻ ڪڻ نالي ڏٽـيءَ جي، هي سگ ســـچل ســـرچاء
١١. ڪافـــر مـــومن هِڪـــڙو، ســـچو ٻوڙج ٻيـــائي

ذ

(سر سسئي-بلاولي)

ٿلهـــ: ذاتيءَ منجهـــ ذات ڇپـــائي، بازي هي يار بڻـــائي
١. هاديءَ حـــقـــيـــقت حـــال جي، مـــونکي ســـاري سُڻـــائي
٢. ســـيـــڪـــهـــين ۾ سڄـــڻ، پـنـهـنـجي نـوبـت وڄـــائي
٣. ڪـاڻـــئـــيـــن اناالحق جـــي، تـــن چـوٽ تـہ چـــلائي
٤. انا اُحـــمـــد بلا مـــيـــمي، اِها مـــعـنيٰ مـــڙيائي
٥. ڪاڻـــئـين مـــســـيتن ۾، تـــيـــو خاصـــو خدائي
٦. مـــوتي مـــڙهين وچ ۾، تنهـن مـــالهـــا ڦـــيـــرائي
٧. اندر ٻاهر هڪـــوئـي، آءَ صـــورت ســـيـــائي
٨. ڪاڻـــهـــيـــن وِٽ نـہ وار جي، تي ڪاڻـــئـــيـــن جدائي
٩. ڪاڻـــهـــيـــن مـــٿـــي تخت جـــي، ڪاڻـــئـــيـــن گـــدائي
١٠. ڳالهـــ نـہ ســـمـجهڻ جهـــڙي، پر ســـيـــا ســـمـجهائي
١١. ســـــچل جـــي صـــفـــت ۾، تـنـهـن الـــک الائـي
١٢. ڪافـــر مـــون هڪـــڙو، ســـچو بوڙح بِيـــائي

(سرديسي)

ٿلهـہ: ذري ذري ڪَنِ چشـمـانَ چُورُ، نِينِ اسانکي ٿـيـون وهلُورُ
١. تَنُ مَنُ سڀ تاراج ڪرن ٿـيـون، ديدن جو آهـہِ هِي دســـتُورُ
٢. خونی وتن خيال پنهنجی سان، ڪـسن شـهـزادن جو شـعـورُ

(سربروو)

ٿلهہ: رات پرين ڪاتي پيئي، اڙي ساٿيو سڌ ڏيجو
١. پڇاٿا پرين جي حال اسان هيئي، ساڻ ٽڪيءَ هڪ ٽيجو
٢. پسڻ ڪارڻ پرين جي، ڪانگ اڏاير ڪيئي، نال وٺي هِي نيجو
٣. عرض آرياڻي کي ناٺءَ ڏٺي نيئي، ٻانهون ٻڌي چڱيان چيجو
٤. سچل ياران ساٿيو کين ڏوراپا ڏيئي، پيرين پانديو وجي پيجو

(سرمارئي)

ٿلهہ: روئان زارو زار، مانَ مارن کي ملان آءُ
١. ڏيان ڏوراپا ڪن کي، پري ٿيم پهنوار
٢. وٺي وِيڙا پاڻ سان، منهنجو ساهُ سنگهارِ
٣. اهو اٿم آسبزو، ايندمِ اَجڙ وار
٤. ڪندا مُهڙ مليرڏي، رڻ چڏي ريدار
٥. سو دم گوندرگذري، جو دم اُنِ ريءَ ڏار
٦. روئي رت اکين جا، جهونا ٿيا جهالار
٧. وڃي ٻڌنديس اُتهين، سندي پَهُنِ پڪارِ
٨. رکي ويڙيچا ويا، مُونهين سر ميارِ
٩. پِيُڪنِ مون پهچائين، سومرا سردارِ
١٠. راتو ڏِيهان اوڏهين، سچوءَ ساهہ سنيار

(سرسسئي-جوڳ)

ٿلهہ: رويو حال چوان آلا، جي اوني آير اوڏاهون
١. پايو پاند ڳچيءَ ۾، آءُ پهرين تنِ پوان آلا
٢. سرتيون اِنهيءَ سوز جي، ناهي سُڌِ آوان آلا
٣. سکن متي ڪين ڪي، آءُ مستيان سورَ سنوان آلا
٤. سچڻ سجڻ ٿي ڪرهان، پيون لاتون ڪين لوان آلا
٥. جوش تهمن جا جان ۾، مونکي آهن نت نوان آلا
٦. سچل اکڙين مان ٿما، ريلا رَتُ روان آلا

(سرتوڏي)

ٿلهہ: رهبر اِلمن چون، اڄ اڱڻ تنهنجي ايندا
١. تون ڪيئن وسارهن تن کي، تو ھتِ ڪهڙو پڇن
٢. در تنهنجي دوست اُهيئي، اڄ ٿيا اِجهي اچن
٣. پکا پانور ڪئي ڪري، اوڏا تنهنجي اڏنِ
٤. سچل سنده ني حال جي، ساري خبر لهن

(سر جوڳ)

ٿلهه: رات مُڪر روئي، ساري سلام سنگهارن ڏي
١. اکيون اباڻي پار ڏي، بيٺيون جهر جهوئي
٢. اباڻن جي آسري، لمهڙون ٿيم لوئي
٣. وندن ورچن پاڻ سي، ڏئون رن جي ڏوئي
٤. لکي ڪاغذ سون وڏو، پکيءَ ڪي پوئي
٥. ڪي ڏينهن ڏوير ڪيت سان، آب پري اوئي
٦. اوهان باجهون ڪون ڪو، ڪَلَ لهي ڪوئي
٧. مارو ملنداءِ مارئي، سچل ڪي سوئي

(شر تلنگ-وهاڳ)

ٿلهه: رانجهو چاڪ ٿي آيو، نہ چاٽان ڪيهي ڳالهہ ڪون
١. پتر وجهي پاڻ ڪي، لالن پاڻ لڪايو
٢. بنگلي ۾ آدم جي، ساجن پاڻ سمايو
٣. سوئي چوندڙ سوئي ٻڌندڙ، ڪيسائين ڪونہ ڪنايو
٤. "مارا.يت سئي اِلاّ وَرَاَيتُ الله فيه،" عاشق هيئن فرمايو
٥. "لَو ڪَشفُ الغطاءِ ما اذتَ يقيناً،" حيدر هي رنگ لايو
٦. ماٿهوءَ جي مظهر ۾، آئي سو نينهن نوايو
٧. سچوءَ جي صفت ۾، الله ائين الايو

(سر مومل)

ٿلهه: رائي سَندو راز، مون سمان ڪنڌو ٿي آهہ
١. ڪاڪيون آڏو ڪاند جي، نشو ونئي ناز
٢. پالهو ساڻ پاڻهن جان پڏي، ڪري لت نياز
٣. مَئي هُئي مسارڻو هڪڙي جي، آهي غم غماز
٤. سچو پرهيسائڻ پريڻءَ جو، آهي ساڻ اياز

(سر سسئي)

ٿلهہ: رات رهبر مون ڏي آيا، ڪان پاروچي جا سهمان
١. هتون وهي اِلن تيهن آرامي، ڏينهن ڪهڻا جو تو لايا
٢. لڳ اسان جي هڙين ادامي، وِرهي تو مِينهن وسايا
٣. طرفون تنهنجي من ري هاشق، پانهنجا مون سات سنبايا
٤. جاڻ تحتيهون آهن اسان جا، ايڏنهن اچڻ جا سعايا
٥. ڏينهن ڪهڙيرا ڪاڻ اسان جي، سچل تو پند پچايا

(سر جهنگلو-پيروي)

ٿلهه: ڙي جيڏيون منهنجي سائين سڄڻ سان زاري زاري

١. مين ايائي عيبن هاڻي، برهه سندُن آهي باري باري

٢. حاضر ٿينديس در دوستن جي، پائي ڳچيءَ سا ڳاري ڳاري

٣. پوءِ تا ياقي يار ٿيوسي، پهريون لايون ياري ياري

٤. هٿ سڄڻ جي اديون ڙي آهي، ڳالهه سچوءَ جي ساري ساري

(سر کوهياري)

ٿلهه: ڙي جيڏيون هاڻي شال ٿيئي، منهنجو پاڙو پرين سان

١. مان مُئي تا گهوڙي، جاني شال جيئي

٢. هِنَ تا پُور پرايو، هاريون هوت وئي

٣. پاروچي کا پاجهب پئي، هي تا نال نئي

٤. سارو مطلب مون ٿيو، پنيءَ هوت پئي

٥. شال سچوءَ کي سپرين، ڏوراپو نه ڏئي

(سربروو)

ٿلهه: ڙي جيڏيون هاڻي هوت ويا جي، سي موتي مانَ اچن

١. دُعا کريجو جيڏيون، پري نه هوت وڃن

٢. سگها موٽن پوئتي، اچي ويڙهي هن وهن

٣. وڃي کيچ وٽن ۾، پورهيائت پچن

٤. کيچي کميٽيءَ جي هُتِ، کَچي شال نه کَن

٥. سچل اَصلون آهي، سرتيون سگ سندُنِ

(سربروو)

ٿلهه: ڙي جيڏيون آءُ تا ٻيو نه کندي، منهنجو پيچ پنهونءَ سان آهي

١. آءُ جنهين جي آهيان، سو تا مهر نه لاهي

٢. کيرَ کميني هوت سڄڻ سان، سگ سياپو ساهي

٣. هٿ وڃي ڙي هوت جي، وَس نماڻيءَ ناهي

٤. سوال سچوءَ جو اِهو آهي، نينهن سندُن نباهي

(سر بروو-جوڳ)

تلهـــــ: رهبـــــر روز بروز، اچن مـــــون ڏي يار جا
١. ڪنهن ڪي سليـــان ســـرتيـــون، ســـپـــرين جو ســـوز
٢. اندر منجهـــ عـــجيب جي، ڪيـــڙو سڪ ســـروز
٣. هيـــڪند ڪـــارڻ تي ڪـــريـــان، خـــاطـــر انـــدر خـــوز
۴. شـــال ڪـــهـــين تي نـ ٿـــئي، ســـندو جـــانـــب جوز
۵. ســـچل اِجهـــو آيـــو، آريـــائـــي اِمـــروز

(سربروو)

تلهـــــ: رهو مـــــون وٽ رات، اڙي پـــانڌيـــو پريـــن جا
١. آءُ اوهـــان تـــان صـــدقـــي، جـــا وائـــي مِتـــيـــو واتِ
٢. پـــســـان اڪـــڙين ســـان، پـــاروچـــائـــي جـــاتِ
٣. راتـــو ڏيـــنهـــان روح ڪـــي، تـــن جـــي آهـــي تـــاتِ
۴. هُـــئي هـــمـــيـــشـــه ســـاٿـــيـــو، ســـچـــل سَندوَ ســـاتِ

(سرپيروي)

تلهـ: ريءَ ڪجل تڪبير وجهن ٿيون، سي ڪيئن سرمو پائن
١. وار جنين جا ســـيـــهَر ڪارا، سي ڪـــيـــئن ســـينڌ چـــٽـــائن
٢. ڏند جَنين جا مـــاڻـــڪ مـــوتي، سي ڪـــيـــئن ســـرخي لائن
٣. جايون جنيـــن جون درس درازين، سي ســـچل نانءُ ســـڏائن

ڙ

(سر سسئي-حسيني)

تلهـــــ: ڙي جيـــــڏيون آءُ تـــا، حـــال پـــنهل ســـان ڪـــنـــدي
١. اصـــل لاڪـــون آهـــيـــان ســـائـــيـــن، بلوچـــائـــي بـــنـــدي
٢. وَس نـ آهـــ وار جـــو، آهـــيـــان ســـائـــيـــنءُ سندي
٣. ڪـــنـــدي وجـــي ڪـــيـــچ ۾، دانهـــون ســـي دردمـــنـــدي
۴. ســـنـــڌ لـــهـــندا سي وري، بـــرهـــ جنـــيـــن جي بـــنـــدي
۵. ســـچـــو اڪـــيـــون ســـڄـــڻـــا، ڳـــچـــيءَ پـــائـــيـــن گـــنـــدي

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: ڙي جيڏيون آءُ تا ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان
١. جيھي تيھي يار سڄڻ جي، چڱي توڙي مندي
٢. آءُ تنين جي آهيان، برهہ جنين جي بندي
٣. ڇونديس حال حبيب ڪي، ڳچيءَ پائي ڳندي
٤. اڻ ملهي ٻانهي آهيئي، سَڀ پر سائين سندي
٥. سچل ساريائي دلڙي، رمز تنين جي رندي

ز

(سربروو)

ٿلهہ: زاري ٻِينر زاري، اڳيون عجيبن جي آهي اسانجي
١. روز ازل ڪنوُن عاشقن جي، سُوريءَ تي هسواري
٢. شاهہ منصور حلاج حسيني، سوري ڪيئن سينگاري
٣. هِي ٿئي گم اُهو ٿئي ظاهر، چُپ چپايان چوڏاري
٤. سچو ساهہ سري ڪر صدقي، سرسُ ونين سرداري

(سربروو)

ٿلهہ: زار روئي ڪيم زارِي، دوست ڙي تو ريءَ تا نہ سَري
١. محبت تنهنجي وو ڪيس مستاني، بار برهہ جو باري
دوست ڙي چوي لوڪ چري
٢. هن بنديءَ کي بخش بلوچا سائين، هوت اچي هڪواري
دوسٽ ڙي سندن ذوق ذري
٣. ميلائي لڳ محب اوهانجي، واجهہ وجهي ويچاري
دوست ڙي وڃان تا مَ مري
٤. آهي مڙيوئي وي توکي معلوم سائين، حقيقت ساري
دوست ڙي وڃ مَ يارُ وري
٥. جيڪي آهين سو تا توهين سائين، حڪم سندوَ آهي جاري
دوست ڙي پيڙم خبر ڪري
٦. سچو آهي سگ اوهانجو سائين، ڏجو تنهن دلداري
دوست ڙي وڃن ڳچ ڳري

(سرسسئي)

ٿلهہ: ڙي ساٿيو مُنهنجي يار جي، ڪا ڳالهہ اچي مونسان ڪريو
١. آهي آرامي ڪِي يار اسان جو، ٻُڌي سا ووءِ وءِ وريو
٢. جي هيڪند ٿيان هوت سان، تا ڪاڄ سيو مون سريو
٣. ٻيهر مون سان ڪيچ ڏي، ڪي وکان ٻہ ٽي چو نہ ڀريو
٤. ڏوٺ ڏوراپو يار سڄڻ تي، مستان ڪو پانڌيو ڏريو
٥. سوز سچوءَ جو سنگ سڄڻ سان، ڳوڙها سي ڳاري ڳريو

(سرسسئي)

ٿلهہ: ڙي جيڏيون، مونکي چو ٿيون پريُن کان جهليو
١. ويهان ڪيئن پنهور ۾، جو روُح انهن سان رَليو
٢. ساٿن ٿينديس سنگتي، جو هوت هاڙهي ڏي هليو
٣. پريان سندي پارَ ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو
٤. سڄڻ سارو پنهنجو سِرَ، سچل ڪي سَليو

(سربروو)

ٿلهہ: ڙي جيڏيون هاڻي گهوريو هوتن رِيءَ، سارو شهر پنهورُ
١. لاهيندا وو لطف سان، هن ڏکيءَ ڪئون ڏور
٢. هي هالاڻي اُن جي، شعلي وڏڙو شور
٣. منٿ نہ منهنجي موٽيا، زاري آهي نہ زور
٤. درسن ساڻ دفع ٿيندو، سندو هينئڙي هور
٥. سچل سندين راهہ تي، هڪ جفا پيو جور

(سربروو)

ٿلهہ: ڙي جيڏيون هتِ هوتن رِيءَ، آءُ ڪنديس ڪوه رهي
١. اندر ورهہ وٺاڻ ڪيا، لونءَ لونءَ منجهہ لهي
٢. ڇڏي شهر پنهور ڪي، هي وينهي ڪيچ ڪهي
٣. ڪونهي ڪوهيارل ريءَ، سرتيون هت سهي
٤. قول پاڙيندو پانهجو، ڪيو پاروچل ٻهي
٥. سچل گڏيم سات جو، ٻنڌن منجهہ ٻهي

۴. موتي تئين منصور، ڪَيُئي مُلن جو مذڪور
شاهد ٿي بيهي شرع تي
۵. اناالحق آواز، هِي تا سارو تنهنجو راز*
ظاهر ڪَيُئي بيهي زمين تي
٦. سرمد تي اسرار، ڪِيئي عالم ۾ اظهار
وري وڌء شور شهر ۾
٧. هِي سڀ ڪم سنداء، آهن جاني جاء بجاء
جيڪي ڪرين تون ڪرين
٨. حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون
تنهنجو هَلُ هنگام هي
٩. اڀريو آفتاب، جَهليو تارن هڏ نہ تاب
گوشا وِيڙا گم ٿي
١٠. سچل يَجُ گمان، ٿي حيرت ۾ حيران
جو مولِيٰ مون ڀانهو ٿئين

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: سچا سي سخن هاديءَ جا، يارو اڄ ياد آيا سي
تنهن ڏينهن لاڪوُن اڄ تائين، اهي بر چشم چايا سي
١. ڪيو تا قول سائينءَ هيءُ، مڙن آڏو پڪو مون سان
هونداسين دم بدم توسان، انهيءَ وعدي وَتايا سي
٢. ڏيو هِي تَنُ طاعَتَ ۾، گڏيو هِي جان جانان سان
پري ڄاڻجو پاڻئي ڪي، لاڙِي هن يار لايا سي
٣. روزا ڪيئي نمازان، توڙي سو ورد وظيفا
سيئي لڳ ظاهر آهن، سبق ساڃن پڙهايا سي
۴. پئو جي خيال خاصي ۾، سڃاڻو پانهنجي صورت
ٻُڌي ٻولي ڏسي تو ڪير، فڪر ٻيا سڀ ڦلاياسي
۵. ويئو منجهہ بادشاه محلي، ٻولي تو ڪيئي اهو ٻوليون
اُهو بادشاه اهو بنگلو، نہ ٻئي ٻولي پلاياسي
٦. جيڪي ڪيا دوستن مُون سان، اهي ڳڻ تا نہ وسرن ٿا
هئا گڏ جي حبيبن سان، چڱا سي دم لنگهاياسي
٧. شڪر الحمدلله، تو پڙهان لک بار شڪرانا
اهي پيهي پڪي آيا، جنين لَئي پند پڇاياسي
٨. سچو آهي سگ دروازي، ازل جي روز سائن جو
پنهنجو سي ڪيئن ڇڏيندا هي، توڙي عيين انا ياسي

(سربروو)

ٿلهہ: زاريون ڪيون زار زار ميان، ويٺي روئان ہڙي جيڏيون
١. ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان ميان، باقي سو ٿيڙم يار ميان
٢. راتيان ڏينهان ڳالهہ انهيءَ جو، جيڏيون جيءَ کي جارُ ميان
٣. پلٽو اٿم لڳ پرينءَ جي، ڳل هنجن جو هار ميان
٤. عاشق کي وو سوز سچل ڙي، آهي سدا سينگار ميان

س

(سر ڪلياڻ-پهاڙي)

ٿلهہ: سيڪنهن پار پرينءَ جو پرتو، خوابون عين ڳلايو
١. وحدت مون وو ڪثرت ڪيائين، رنگيءَ رنگ رچايو
٢. تون مان جي پردي مئون ٻاهر، سرتيون ڇو نہ سڏايو
٣. طرحين طرح پوشاڪان پهري، لالن پاڻ لڪايو
٤. هي سڀ حُسن هاديءَ جو آهي، پينر ڪيم پُلايو
٥. پاڻ ڳجهو ڪيائين پڌرائيءَ ۾، هيءُ تنهن هنر هلايو
٦. سچيڏني جي صورت ۾ تنهن، اهڙي رمز رَلايو

(سرجوڳ)

ٿلهہ: سيڪنهن صورت ۾ سپرين، سرتيون ساري ڳالهہ سليائون
١. ڏيو ٻاري سج کي ڪاتي ڪين ڏنبائون
٢. ساڻ روشنيءَ سج جي، پُرجهي سج پسيائون
٣. وحدت ڪثرت هڪڙي، جيئن مينهن ڦڙيون مُورائون
٤. سچوءَ سندي نانءَ ۾، اهڙيءَ طرح اُتائون

(سرجهنگلو)

ٿلهہ: سيڪنهن ويڙهي تون وسين، تو رِيءَ آهي ڪونہ ٻيو
١. چوليءَ هِيئن جاتوم، توکي سانول سڃاتوم
هر جاءِ آهي حاضري
٢. هر جا حاضر تون، موتي کهڙي آهي مُون
هادي ڪڻ حجاب کي
٣. ڪاٿين قاضي ٿئين، ويهي ناحق فتوىٰ ڏئين
سوريءَ تي منصور جي

(سرسسئي)

ٿلهه: سرتيون منهنجو ساهه، هاڙهي سي هوت وٺي ويا
١. ڪونه ڪميٽيءَ جو ٿئي، هاديءَ ريءَ همراهه
٢. پينر شهر ڀنڀور ۾، آٽيڀنڊن الله
٣. هنڏئون جنهين هوت ويا، روئي چمان راهه
۴. پرڏيهين تي ناهه ڪو، وريتيون ويساهه
۵. آهي رفيق رڃن ۾، سندو سوز سپاهه
٦. ناهيم پٽي ڪنهن لوڪ جو، پاڙيچيون پرواهه
٧. معاف سچوءَ ڪي سي ڪندا، جيڪو ڏوهه گناهه

(سوال)

(سرجهنگلو)

ٿلهه: سل زي سوداگر ميان، تون تا آئين ولي هت سودو کهڙو
١. هُتئون آئي هت ڪيئن لڪايئي، ڪٽي مشڪ عطر
٢. هوڪو هت پيو ڪيهو گهمايئي، ڪري تا گر گهر
٣. ههڙي جواهر جي هت تا ڪنهن سان، ڪيئي ڪانه خبر
۴. پنهنجي اڳيون ڪيئي ميڙيوئي، سارو ملڪ شهر
۵. چاڪون تون تا شاهه ڇپائي، هينئين سان هت مهر
٦. لڪي ڏنا تو ڪيترا، ملن ڪي محضر
٧. لعلان لڪين ڪيون پڌريون، سچو وي سرور

(جواب)

(سرپيروي)

ٿلهه: ڪنهن سان ڪير نه ڪل، جو سودو آندم پاڻ سان
١. سودو ڪنهن نه پڇيو، آيس ۾ مشڪل
٢. گِران قيمت ڪئون سيئي، موتيا تنهن مهل
٣. سودي ههڙي جي أتي، لاهن سڀ نقل
۴. ميڙو مُوڙن تي ڪري، عالم ڪئي اڄل
۵. حال ڏسي تان هُن جو پيو، جيڙو منجهه جنجل
٦. ڏوهه نه مونکي ڪو ڏيو، پئي خلق منجهه خلل
٧. سچل سِرُ افراز ڪيو، آئي سو عشق اجهل

(سرپيروي)

ٿلهه: سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم، ٻٽي نہ ٻٽي

١. سچ تہ پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو آهي
انگ تہ آدم جو پئي ڪنهن جوڙيو ناهي
سچ چيو منصور نئي چڙهيو ڦاهي
اهڙا بار برهہ جا، هيو ڪٽي نہ ڪٽي

٢. سچ تہ مربي محب مجيب چيو، اَنا احمد عين عجيب چيو
اسان تہ عامن خاص نصيب چيو، ڳٽي يار ويو هيو ڳٽي نہ ڳٽي

٣. نہ ڪا عيب ثواب جي جاءِ آهي، نہ ڪا نينهن نواب جي راءِ آهي
اهو عشق حسن هر جاءِ آهي، ڄٽي يار ويو هيو ڄٽي نہ ڄٽي

۴. سچ تہ سچل سائين جي ڳالهہ سچي
مَئي تہ محبت وارا ڪندا ڪين ڪچي

۵. رنگ رمز انهيءَ ۾ ويو روح رَچي
سڏڙا مالڪ سٽي، هيو سٽي نہ سٽي

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: سچو نانءُ تو سڏائين، چئو تہ ڪاٿي تون آهين

١. ڄاڻي واٽي پاڻ کي، ڪِيئن تو پول پلائين
٢. خوديءَ واري خيال کي، راهہ انهيءَ تو رُلائين
٣. پير متو آگريون، نانءُ هيا تو رکائين
۴. ڪاٿي پيدا نہ ٿئين، ڪاڏهون وري تون آئين
۵. نانءُ اهو ناپيد ٿيو جو، سچو اصل ڪون تون ناهين

(سربروو)

ٿلهہ: سرتيون ڏين صلاحان، چتُ تون چرخي لائين
آءُ ڪَتان کي ڪانگ اُڏايان

١. راتو ڏينهان روئان اُنهن لڳ، پرين جي ٿيم پراهان
٢. دل جميعت تڏهن کي ٿيندي، جڏهن ايندا کي هوت اڳاهان
٣. والي ورائي وري پنيور ڏي، سٽي اسانجون آهان
۴. اديون انهيءَ جون وينٺي اچڻ جون، روز نهاريان راهان
۵. ڪيون قبوليت سيئي سچوءَ جون، سائينءَ عرض اِلاهان

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: ساٿي تون يار منهنجي کي، نيئي پهچاءِ سنيهو هي

١. تہ قيدالماء جي قسمت وڌي دوُري توکئون مونکي

سي پاڙج وعدا پنهنجا، کيا هيُئي يار جاني جي

٢. ڪتابن ۾ وڌم منهن ٿي، تہ ٿئي خورسند گي حاصل

لڳي دل اوچتي توسان، وساري برهہ بي تي ٿي

٣. مون کي توتان فراقي ڪيو، اها فرياد ڪنهن کي ڏيان

هُو جي ڳالهيون ڪِيئي سانول، سچوءَ کي ياد آهن سي

(سر بروو-تلنگ)

ٿلهہ: ساروئي سِرُ آهي، ڪاٿي سچل ذات سچل جي

١. موج درياءَ حُباب ڪرّا ڪيا، ڄاڻج ڪو شڪ ناهي

٢. آهي اونهو جو اسرار الاهي، ڄا منجهارون ڄاهي

٣. پنهنجي پاڻ پسڻ جَي ڪارڻ، ناهہ لکين ٿو ناهي

۴. عاشق عشق معشوق اُهوئي، ڏانوَ ڏاڍو ڪيو ڏاهي

۵. "اِلا اِللهُ" اثبات مڙيوئي، "لا" کي ڄڏ تون لاهي

٦. " لِي مَعَ الله" سمجهہ اشارت، پيل لنگهيو منجهہ پاهي

٧. واٽ اِهائي وحدت واري، ڪامل ايندا ڪاهي

٨. اوئي اندر اوئي ٻاهر، ڪيئن چوان ائين ناهي

٩. ڳالهہ سچل جي سالڪ سمجهن، لوڪ ليکي ٻهو ڄاهي

(سرسسئي)

ٿلهہ: ساريو ڏينهن روئان ري، هُيس جيڪي هوت پنهونءَ سان

١. ٻُڌڻ وارو ناهہ ڪو، جنهن کي حال چوان ري

٢. قاصد اچي ڪو اوڏهُون، پيرين تنهن پوان ري

٣. ڏکايو تا ڏيل کي، اديون اڄ اوهان ري

۴. انهن ٻاجهون سرتيون، نت نت سوَر نوان ري

۵. ماريو محبوبن جي، طلب ناهہِ توهان ري

٦. غرض نہ رکان لوڪ جي، هڪ سائين هوئڻ سنوان ري

٧. سچو ٻاجهون سوز جي، ٻيون لاتيون ڪين لنوان ري

(سرسسئي)

ٽلهه: سل سوداگر يار ڙي کهڙي ديسئون آئين آئين
١. ظاهر ٿئين تون وو اچي زمين تي، کٽي ڪستوريءَ بار
٢. هلي اتاهون وو اچي اِتاهين، هنجين سڀو پوتوئي هار
٣. طرحين طرحين اچي ڪَيَئي هِتِ، صورت جا سينگار
٤. شاه آهين تون يا ته گماشتو، لائِئي ڪڍ قطار
٥. اچي پيا سي سڻ سچو ري، شوقون منجهه شمار

(سربلاولي)

ٽلهه: سمجهي پُرجهي نال سڄڻ دي، نينهن نسورو لايو ڙي
١. عشق نارُ احتراق اٿو، فائق هِيئُن فرمايو
٢. محبت منجهه مجازن ڇا ڪيو، جن ايڏو سوز پرايو
٣. ليلي تي مستانو مجنون، جنهن حال ۽ قال وڃايو
٤. رانجهن تخت هزاري دا سائين، ڇَه مِيون چاڪ سڏايو
٥. سيفل سوز بديعل جي مون، وائين ورهه وسايو
٦. اعلي عشق انهيءَ کون آهي، ڀيو حيلو ڪونه هلايو
٧. محبت جي منصور مقابل، سوريءَ پاڻ سَلايو
٨. شمس ڪڍي شمشير برهه جي، جنهن کل کي خان ڳلايو
٩. سچو عشق ته هاديءَ جي سان، قلب ۽ روح رَلايو

(سرپيروي)

ٽلهه: سهسين رنگن ۾ سهٽو، بيرنگي بن آيو
١. بوتي وچِ مٽيءَ جي يارو، سارو سمنڊ سمايو
ڇولن ڇرنِ واهڙَنِ، لهرن لعل لڪايو
٢. سمنڊ نالو ڪَنِ الله جي، مٽر آئي ڏرايو
نه ته اصل پاڻي آهيان، لوڪن نانءُ پلايو
٣. وحدت جي آڙاهه ۾، يار جن جسم جلايو
منصور اُتي موج ۾، سُوريءَ سِرُ سَلايو
٤. عرش ڪُرس آسمان مڙيوئي، آئي ورهه ورايو
باري يار برهه جو، آدم سر تي اُٺايو
٥. "من خدايم" موج ۾ ميان، سچوءَ يار الايو
آهِ ڪُلُ روح رَبي، مرشد عبدالحق فرمايو

(سرپيروي)

ٿلهه: سِرُ ڏئين تون سِرُ ڏئين، جي عشق ۾ تو سر ڏئين
تين وڏا طالع توئي جا، جان جسم ڪسئون جي ڏئين
۱. تو عمر ناحق وڃائين، غير جي خيالات ۾
محب پي توکي مڃن، جي نينهن جي بازي نئين
۲. مَحو ڪر ڳالهه ڪُليَ، مَڙُ م چڙهه ميدان تي
جيئن چوان تو سا مڃج، هيءُ عشق پنڌ آهي اِئين
۳. ڳالهه ڪرڻ ۽ تيڻ ۾، آهي تفاوت تا وِڏو
حال سان هميشگي جي، پُر اهو پيالو پيئين
۴. موت موتي نا پڇي، تنهنجي اها گهر جي ڳلي
"قبل موتوا" ڪون پڃاڻون، ني وري جاني جيئن
۵. پيو مُبدل ڪر سپوئي، خيال پٺوُ توحيد جي
جيئن ڪيو منصور شهه، تا آخرين تون ڪر تيئن
۶. نازباني تو چوان، دل سان لائج هيءُ ڳالهڙي
نانءَ سچو جي تو چوي، ساري رمز سُڻُ سان تون هِنئين

(سروهاڳ)

ٿلهه: سک ڪيها سڄڻ ري، ٻَنِ جيئڻ منهنجو جيڏيون
۱. سکن وڏيس سرتيون، آءٌ پرين ڪانئون پري
۲. ڏک چڱيرا دوست جا، جي قادر ڪرم ڪري
۳. سوئي عاشق ڪوٺجي، جو محبت منجهه مري
۴. ڪاڪيون مونکي ڪينَ ڪي، تي ساجن ريءَ سَري
۵. جيڪا اديون عشق جي، آئي هيٺ اري
۶. تنهن جان جٺو قربان ڪيو، روڏئون منجهه ذري
۷. سچو سوز انهن جي، ڳاري منجهه ڳري

(سربروو)

ٿلهه: سُڻُ منهنجڙو حال، ديس وسيئي، گهوريو پرڏيهه تئون
۱. مون ڪئون پري نه تئين، سائين مڃ سوال
۲. منهنجو توسان تا آهيئي، خاصو يار خيال
۳. روئان واتڙين تي، ڪريو هڙو حال
۴. واڳان وطن پانهنجي قيري آءٌ في الحال
۵. توکئون ڳجهو ناهه ڪو، عاشق جو احوال
۶. ڪر سچوءُ کي سپرين، ڪٽي نيڻ نهال

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: ساڳين مون تا سڃاتو، اهو جيڏيون يار منهنجو
١. اصل لاڪون آهي انهيءَ سان، هن نمائيءَ جو ناتو
٢. تہ ڪو ٿي ڪري جوڳي ايندم، ڇاڻ نہ هيئن مون ڇاتو
٣. ڏسي صورت ساري سهڻي، عشق انهيءَ سان مون لاتو
٤. هيءَ نمائي عيبن هاڻي، پيچ پاڻهي تن پاتو
٥. سَهو سچو ري ڏسي اسانجي، چِتُ نہ دلبر ڇاتو

(سرتوڏي)

ٿلهہ: سانگ چَري سيئي آيا، ڏينهن لايا هُئا جن اوڏهين الو
١. انهن ڪارڻ اوڏهين ميان، مون ٿي پنڌ پڇايا
٢. سانگي جي هُئا سانگ تي، واليءَ پوءِ ورايا
٣. پرين هُئا پرديس جي، سي موليٰ محب ملايا
٤. قادر پنهنجي ڪرم سان، ويڙهي هن وسايا
٥. موليٰ پنهنجيءَ مهر سان، ساڻ غريب گڏايا
٦. ٿون تا هڪڙو ناهين، تا سچو سوَ سڪايا

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: سالڪ راهہ سڃاڻهن، پاڻ نظر ۾ آڻهن
١. جاءِ نظر جي آهين اصل ڪون، يار يقينا ڄاڻي
٢. پاڻ وڃائج نورُ نظر ۾، تہ وسرئي ٻي آڪاڻي
٣. فنا ڪئون اڳي بقا نہ ٿيندين، جيئن پاروءِ پاڻي
٤. صورت منجهان ٿي ٻي صورت، وڃون سا گرد اڏاڻي
٥. هاديءَ حقيقيت هِيءَ سمجهائي، سچوءَ ساهہ سڀاڻي

(سر پيرُوي-تلنگ)

ٿلهہ: سانول سوين ڳڻ تنهنجا ٿي ساريان
١. هُرن منهنجي هِينَڙي اندر، سي تا ڪِيئن وساريان
٢. واڻان اڇڻ جون وو توهانجيون، ويٺي سي نت نهاريان
٣. اوهانﷺ ٻاجهون سپرين، گوندر ڏينهن گذاريان
٤. جهري جهوريءَ ۾ پيو، هِينَڙو ني هيڪارين
٥. آسروندي آهيان، قول ڪيا سي پارين
٦. سچو سگ در تنهنجي جو، پنهنجي ڪڍ قطارين

(سربروو)

ٿلهه: ساجن انهين سَير، ايندئي ڙي اجان

١. سسئي پوتيون پرين سان، جي گهڙيون اِنهين گهير

٢. سپريان جي سير ۾، هيجئون هِينئَڙو هير

٣. ڀنذي نچج نينهن جي، ڇاتيءَ ڇاتيءَ ڇير

٤. سچل سائين جي ڇپين، ڦند سبيئي ڦير

(سرمارئي)

ٿلهه: ساريان آءُ تا لوءِ پانهنجي جو لويون، عمر گهوريا هي ڀٽ ڀٽيهر ميان

١. هُتِ وڙيچا وو ويٺا ورهائن ڏيهاڙيون، سيَ ڏئونرن سنديون ڏويون

٢. سنگهارن ڏي سوز سنيها، راتين آءُ تا روز، منجان ٿي رويون

٣. ڪنڍيون ڪوڪڙن سنديون، ڳچيءَ پائن ٿا، هت پيڪا پويُون

٤. صبح سانجهن ڪٿن خوشيءَ سان اُهي سي تا آب، پريون سي اويُون

٥. پاندين پائن پُسيُون ساڳ سگر سنگهار، سچل سي سويُون

(سرتوڏي)

ٿلهه: سگهڙي پرين جي پارَ جي، ڪانگا خبر ڪا مُون ڏئين

١. دوست جي ني ديس ڏي، ڪِيئن ڪالهه تون اُڏري وئين

٢. اول اسان جي حال جا، نازڪ ادا نياپا نئين

٣. ساري سنيها سوز جا، هَئي هَئي سيئي لائج هينئين

٤. ماري مون مشتاق کي، ڪِيئن يار تون ياقي ٿئين

٥. پُورن منجهه پرديس ۾، پاجهون اوهان آهيون ائين

٦. آءُ جي مُئي تا گهوريس، جاني سدائين تون جئين

٧. سچل سڪي ساري توکي، تون پي تهين سا هو ائين

(سرسسئي)

ٿلهه: سهٽي سڄڻ سان، نينهڙو لايو سي
١. ورد پڙهير ڙي وچ ۾ اديون ڙي، آڏو عشق آيوسي
٢. سڀ وسارياڻين ڳالهيون ڏسڻ سان، ڏاڍو ٻور پايوسي
٣. ٻن وجهي ٻيون ڳالهڙيون، ڳلي ڳلي سو تا يار ڳايوسي
۴. اول وقت عجيب جي سرتيون، اِنهي گهورَ گهايوسي
۵. سچو سوَ مبارڪان، چاهون سر تي برهه چاياسي

(سرسسئي)

ٿلهه: سو ڏاڍن جو ڏيهُ، جاتي نينهڙو وو نيڻ لايو
١. جاتي پُهچَ نه پکيءَ ميان، سو سيٽن جو سائيهه
٢. جي وجان در دوست جي، چمان پيرن کيهُ
٣. جي کوتيو کهن سپرين، وجي پکڙي تن پيهُ
۴. سچل عاشق جي آهين، وَتِ واڊوڙين وجي ويهُ

(سرسسئي)

ٿلهه: سگهڙي لَهج سنيالَ، هادِي هن جي حال جي
١. کوته کريو قال کي، آٽي ۾ احوالَ
٢. سگهو موڻج سپرين، تو رِيءَ کيم کشال
٣. فنا کريو فراق کي، ويجهو کريو وصال
۴. گهٽا لايوَ ڏينهڙا، ماريس هن مثالَ
۵. اوهان ٻاجهون سپرين، ههڙا تِيڙمِ حال
٦. اگڻ هن جي آءُ تون، سچل مَجَ سوال

(سربروو)

ٿلهه: سک هُئي جنهن جي سر، دوست آيو اسان جي در
١. پرين وڙئون پنهنجي کئي، ويچاريءَ ڏي ور
٢. هي سر کيانَ صدقي، گهوٽ اچي مون گهر
٣. ڏنم هن اکين سان، پرين موچاريءَ پر
۴. جاء کِيائون جيءَ ۾، نهريا هَڏِ نه تتر
۵. قرب کارڻ سڀ سچل ري، کوشش کائي کر

(سربروو)

ٿلهه: سڄڻ تنهنجو برهه باري، اسان جي ساڻ تو ياري
آءُ تا ڀانهي توِن تا سائين، ٻڌي ٻانهون ڪيم زاري
١. اچانڪ لنو جو تو لائي، پئي تا ڪَلَ نه مون ڪائي
وٺيئي جا ڪيم سائي، پاتي سون ڳل ڳچيءَ ڳاري
٢. وڏو سين طلب ۾ توئي، نه هو هتِ حال مون ڪوئي
چوان هي حال ڪنهن روئي، مَعلوم آهي توکي ساري
٣. الانيون عشق جي لايون، ويون وسري سيئي وايون
اسان جي طرف ڏي آيون، ڪئي سڀ لوڪ بيزاري
٤. لکان ڪِيئن ڳالهه هن دم جي، ڏاڍي آهي راه هن غم جي
ملامت ڪُلُ عالم جي، اسان تا اصل اختياري
٥. سچل ڪر سَوَ شڪرانا، پچي تا برهه بيگانا
توڙي هتِ سي ٿيا ديوانا، مليوسين دوست هڪواري

(سربروو)

ٿلهه: سگها ايندا سِگها ايندا، پانڌي پرين جا ڪي تا
١. سڪائيءَ سان سرتيون الا، ڏک ڀائي اچي ٿيندا پلي ايندا
٢. دردمنديءَ جي دل کي ميان، دوست دلاسو ڏيندا پلي ايندا
٣. ڪينَ چڙيندا چپرين مٿيان، ناڻ نماڻي نيندا پلي ايندا
٤. پڪا پکن سامهان ميان، آئي پاڻ اڏيندا پلي ايندا
٥. پاڻ پنهنجو سپرين ميان، ساڻ غريب گڏيندا پلي ايندا
٦. سو ڏينهن ٿيندو ڪهڙو، جو سچل نانءُ سڏيندا پلي ايندا

(سربروو)

ٿلهه: سونهون سگ ٿيو ڪاڪيون ڙي،
ڪيچ ڏٿين سان شال مولو ميڙيندو
١. اڳئين ڪان پي اڳرو، پائين تا ورهه ويو
٢. آريءَ جي اولاد سان، ڏاڍو پيچ پيو
٣. بيڪسيءَ جِي دائري، تنهن کي نينهن نيو
٤. صدقي تن سِرن تئون، سچل سام ڪيو

(سرپيروي)

ٿلهه: سُڻُ تون منهنجڙو حال، واقف سائين، مرشد سائين وو حال ميان
١. ٿئي خلاصي خودپرستي ڪئون، مهان ڪر پلائي پال
٢. بخشش توڏهون وو ٿئي برهه جي، ڪاريئي سو ڪونه ڪشال
٣. مان مان وجي وسري ميان، تون ئي ٿئي برحال
٤. صحيح سچل جي دانهن اهائي، فضل ٿئي في الحال

(سرجهنگلو)

ٿلهه: ساڻي ري ديس دلبر جي، سگھو وڃ پار پرين جي
خبر ڪا خير جي آڻين، آهي خوش خاص سو مظهرُ
١. پانڌي پيغام هي ني تون، سنياري دوست کي ڏي تون
ڳالهيون ڪر ياد پيي هي تون، آهيم تون دل گھريو دلبر
٢. عاشق ايڏنهن نهاري ٿو، تو لئي گوندر گذاري ٿو
سڄڻ تو سُرسُ ساري ٿو، اوهان لڳ آهِ منتظرُ
٣. زياده ٿو ڪري زاري، ڪيائين سو ڳچيءَ ڳاري
مَ ڪج تنهن تئون تون بيزاري، ڏسي ڏوهن سندو دفترُ
۴. درد ۾ دل بجانو ٿيو، اُتي يڪدل يگانو ٿيو
وٺي نياپو روانو ٿيو، رسيو تا روءِ وجي رهبر
۵. اڳيون پيي ڀاڄهه هُتِ پيئي، وائي تا هجر جي ويئي
دلاسا دوست ڪيا ڪيئي، لکڻ ڪئون هن اُهي ٻاهر
٦. آهي سڀ خيال هِي منهنجو، اوڏنهَن ويو حال هِي منهنجو
سچل ري سوال هي منهنجو، حضوري ۾ ٿيو حاضر

(سرجوڳ)

ٿلهه: سَنديوَ سارَ سنيال، يار مونکي آهي منهنجا
١. مُون هُون ڏورڻ نه ٿيا، الا آهن قاف ڪشال
٢. اوهان ڀاڄهون سپرين، جِيئڻ منجهه جنجال
٣. ڪريو فنا فراق کي، وجهان واجهه وصال
۴. ڀاجهه ڀاروچا تو پوي، ههڙا ٿيڙم حال
۵. راتو ڏينهان رُوح ۾، جُڪان لَئي جمال
٦. سڪ سچل کي سپرين آهي، جيءَ ۾ تنهنجي جال

(سرمارئي)

ٿلهه: سومرا سائين توکي وو، ڳالهيون چونديس آءُ حال جون هوءِ هو
١. عمر آباٽي پار ڏي، ڪرڙ ڪکوريا کي وو
٢. ڪوڪڙ چونڊيا ڪانڌ سان، پٽ چڙهي پيڪي وو
٣. سگر ڪين سقرا، سَئين جان سيڪي وو

(سرپهاڙي)

ٿلهه: ساقي آهيون شراب جا، اسين ڪامل ڪلاتي
جال پري جام پيئون، آب حياتي
١. لاتو سي لولاڪ ۾، وڃي "لا" سندي ڪاتي
"مان" کي ماري مان پروڙيم، گهر هڪي پاتي
٢. "همه اوست" حال ۾، اسين آهيون اثباتي
نفي ۾ نابود، ٿياسي صاحب صفاتي
٣. متي ڪُنَ ڪپر، لنگهياسي منجهان ظلماتي
سِرُ سڃاتي پنهنجو، ٿيا سي ذات اندر ذاتي
۴. سچل سارو پاڻ ٿيو، جنهن مام سُڃاتي
تصوير نظر نور، اندر پاتائين جهاتي

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: سچ آهي پريشان، سوئي ڳولهي سچ کي الو الو
١. مچلي جيئن آب سان، آبُ پڇي طغيان
٢. تارو پڇي نجم کون، موج پڇي مهران
٣. ڦرڙي پڇي مينهن کي، شاهه پڇي سلطان
۴. هو مڙيوئي پاڻ ٿيو، ڪيرُ ٿيو حيران
۵. سچل جي صفت ۾، اهو باريءَ ڪيو بيان

ش

(سرپيروي)

ٿلهه: شخصُ ڪو جامون ڪري، جامون نه نالو سو سڏاءِ
نانءُ سو پنهنجو سڏائيندو، سر جنهين جو نانءُ آءِ
١. ڪيئي ڳالهيون ڪوڙين ڪري، محلي ۾ ويٺو پاتشاهه
ائين نه چئبو آهي هي تا، ماڳ محلي جو الاءِ
٢. آهي عجائب جيهڙو، بازيگري هن جو بناءُ
پاڻ تا پنهنجو لهي، هن سِرَ جو سارو سماءُ
٣. رمز مرشد ڪون سهي ڪيم، جو ندا سوئي صداءِ
اَسَ سچل ري سچ ڪئون، ناهي ذرو ڪوئي جداءِ

(سرجوڳ)

ٿلهہ: سهڻا توکي ڪيهو هاٽي هاٽي، ڏوراپو ڏيان پلو من موهڻا
١. وسُ ويچاري نـاه اصل ڪـئـون، تون پرين پاٿهين جاٽي
٢. اندر منهنجي وو آهي اوهان جي ، ڏاڍي سـا سِڪ سـامـاٽي
٣. اوهان ٻاجهـون ويٺي اوتيـابن، پنبـٽـيـن مـان پاٽي
۴. سچل اصل ڪـئـون آهہ اوهان جو، پنهنجو سـو سگ سجاٽي

(سرجهولٽوجوڳ)

ٿلهہ: ساٿي ساري سنيها چئج، پنهون کي بيراڳي آهيان وو
١. حـال ڏِسـيـو تـو جـو وجـي، سـارو عـرض ڪـريـن وو
دلاســو ڪــو دوست ڏنهـُـن، وٺــي جـلـد وريـن
٢. ڪـارو ڪـج نـہ ڪيچ ڪـي، چيـــر تـا نـہ چـڏين وو
ٻانـهـي جاٽي پـنـهـنجي، گـولـن سـان گـڏين
٣. توسـان عـمـر گـذاريان جا، ڪين هِت هئـان وو
ڳالـهـين تـنـهـنجن ڳاريـان، جا تـي رت روئـان
۴. ڏوريندي مـون ڏونگرين، گـهـڻـا ڏينهن ٿـيـا وو
پُڌا هـونـدا هـوت تـو، جـي سـچـل سـڏ ڪـيـا

(سرسسئي)

ٿلهـ: ساري ڏيهَہ نـہ ڏي ڙي، پانهنجي دل سمجهہ سنپالين
١. ڳالهہ پڇين جي پريـنءَ جي، حـرف حـال ٿي جا هي ڙي
٢. اچل نـہ تـڪـر پـتـر جان، نينهن پاٽيءَ سـان ني ڙي
٣. هاريون انهيءَ حـال جو، قـرب سـجاٽن ڪي ڙي
۴. پاٿهـيـن آهن پڌرا، سـچل سـالڪ سي ڙي

(سرجوڳ)

ٿلهہ: سيڪنهن سجڻ پئي عيد ڪئي، مونکي ريءَ پرين ماتام آ
١. عـيـد اضـحـيٰ جي چوان، تو لَئي خوشي مـون لَئي حـشـر
مـلُ تـہ مـانـدائي لهي، نـہ تـہ سُولي سـر انجام آ
٢. تـيـن تاريخ اِضـحيٰ جي، سـيـد هلڻ سـامـان آ
هو سـيـد شـهـيـد ٿـيـو، جنهن جو ڪربل ۾ مـقـام آ
٣. ڪـي چـون آ هـوريـو، ڪـي چـون سـوداءُ تـس
ڪي چون سـرسـام تس، مـونـکي پرين پـري بيـاريو جام آ
۴. مـسـتـن جي مـلاقـات جو، اصل ڪـئـون انجام آ
سـارو قـصـو هن سُور جو، سـچل توکي انـعـام آ

(نوٽ : مٿيون ڪلام جيئن فقيرن کان ٻڌو اٿم، تيئن لکيو اٿم)

(سربروو)

ٿلهه: شال اوڏاهون ايندا، وٺي خاطي خبران خير جون

١. مون هن نماڻيءَ کي، اجا دلاسا ڏيندا

٢. پرين پاڻهين پاڻ سان، هيءَ گولي گڏيندا

٣. محبت مون مسڪين سان، شال نباهي نيندا

٤. ڪيچي ڪڏهن ڪينڪي، هي ڇپر ڇڏيندا

٥. جيڪي اڳيون پويون، بديون سڀ بخشيندا

٦. پڪا پڪن سامهان، آٿي اوڏو اڏيندا

٧. ڏک سک پيائي سپرين، هن ڏکيءَ سان ٿيندا

٨. ٻاجهه پريا ٻاجهه مئون، ڪري سچل سڏيندا

(سر جوڳ)

ٿلهه: شان سيد تنهنجو شهنشاهي، آهيان مان آهيڙياڻي

١. گذر اسان جون آهن گلويون، هِيَ ترونڌي توريائي
شاهه آٿائي شوق پنهنجي مان، ڏولي ۾ ڏقيرياڻي

٢. ٻالِ جَتي ڪان ٻاليشاهڻ، نالو نماڻي
ڇت ڇنوڙي ڇولو ڇيهاڙيون، سر تي پوتي پراڻي

٣. اَنا اَحمدُ بلا ميمي، پارس ڪئي آ پڇاڻي
"فَاذڪروني اَذڪرڪم،" سچل ذات سڃاڻي

(سريبروي)

ٿلهه: شوريدن ڪئون حال، پڇج وڃي پوءِ هُوءِ ۾

١. مجلس وِڃج اَن جي، تا ڏَسنين خاص خيال

٢. مَي ڪئون پڇج مَي کي، تان ڪنڌئي ڪوٺ ڪلالُ

٣. آگهه لهج اَن جي تا، تو وڻ ٿڻ آءِ وصالُ

٤. ورق وسارج وڃ جا، تان فارغ ٿئين في الحال

٥. عقل اُڇلج آب ۾، تان برهه ڪرئي بي حال

٦. جي تون وسِهين ويسلا، هِي سچل سچ سوال

(سرپيروي)

ٽلهہ: شــهـــر هڪ آهي عــجب، الملڪ تنهن نالو ٿــيــو
جنهن گــهــٽي ڏنــڙي، تهــيــن ڪوشش ڪشــالو ٿــيــو
١. جو شــهــر ســـو بادشـــاهہ، هي نوع نرالو ٿــيــو
جو ٿــيــو واقف شـــهـــر، ڇُڪَٽِ تهــيــن چالو ٿــيــو
٢. ڪنهن کي صحيح تنهن شــهــر جو، ساعت سنيالو ٿيو
ســو خاص عـــامن جي اڳيـــون، لاغرض گـــوســـالو ٿــيــو
٣. حـــو اوڏنهن ويو تنهن شــهـــر، ســو بي شڪ بي ٽالو ٿـِيو
سچوءَ ســجاتو شـــهـــر ســـو، عـــاشق الله والو ٿــيــو

(سرمارئي)

ٽلهہ: شال نہ وسارين، ماروءِ موکي شال نہ وسارين، درد جنين جو آهي دل کي
١. ائـــــئي پهـــــر اوڏهون، نيڻ ٿـــــا نهــــارين
٢. پَهـــــون پهنور پانهنجا، ويجهـــــا وهـــارين
٣. جوڙِ اســــان جا جهـــوپڙا، مـــاڙيون ٿــيـــون مـــارين
۴. هـــردم طـــلـــب جون تـــن ۾، تـــارون تـــنـــوارين
۵. سنگهـــارن جون ســـاہ کي، ڳالهـــيـــون ٿـــيـــون ڳارين
٦. ســـچو ســـارين جن کي، سـي پـي تو ســـارين

(سرآسا)

ٽلهہ: شـــاہ ٿـــيـــو ســـيـــلاني، نہ ڄاڻان ڪيـهيءَ ڳالهہ ڪـئـون
١. ٿي گـــداگــــر ڪري گـــدائي، شـــرف ڇڏي سلطاني
٢. صـــورت انهيءَ ڪيـــر ســـڃاڻي، هَئي هَئي سڀ حـــيـــراني
٣. ظاهر پنهنجي ذات ڪيـــائين، جوڙ ڪري جســـمـــاني
۴. پـــول نہ پئي ڪنهِن اوهين پلجو، عين اٿـــوَ انســـاني
۵. اُهو اندر اُهو پاهر، ڪيـــر ٿــيـــندو قـــربـاني
٦. ســـچل ســـرُ 'ســـرّي' ڪر ڄاڻين، جان جٺـــو سڀ جاني

(سربروو)

ٽلهہ: شال مون سان وريون وريون، ڪانگا ڪرين ڪي ڳالهڙيون
١. جدائـــيءَ جون جان تـــي، پُورن ڪيـــون پَريون پَريون
٢. درد ســجڻ جي دل منهنجي کي، زور ڪيون هِن ڏريون ڏريون
٣. دکن واريون ڳالهـــيـــون، اســـان پي دل پائي ڌريون ڌريون
۴. وايون وصل جون مـــتـــان ڪرين، يار ســـچل تون ڍريون ڍريون

(سر پيروري-جهنگلو)

ٿلهه: صحيح سڄاتو سين هاٿي، اصل اسان جو تون آهين
١. عاشق متان اوٺئين، پنبٽين مئون پاٿي،
٢. ڪڏهن اسان جي ڳالهه ڪئون، عذر منتان ڪو آٿي
٣. عاشق متي ڳالهه جي، وري ٿا ڏين وراٿي
٤. ڏينهه ئون نئين آهي، ناهي سا پرت پراٿي
٥. ٿَنَ ۾ تنهنجي اصل اسانجي سچو سڪ سماٿي

(سر بروو-تلنگ)

ٿلهه، صحيح سڄاڻج ساري، خود آهين وي خدائي
١. لڪين ستارا گم ٿيا، روز ڪئي روشنائي
٢. ڪوڙين قطرا ڪارونيار، ويا ڪين سمونڊ سمائي
٣. سڌ جنهين ڪنهين سرّ انهيءَ جي، مٿي جنهن جي آئي
٤. تخت هزارو اوري رهيو، پري رهي بادشاهي
٥. سچو سچي ڳالهڙي، پاڻ پرين پرجهائي

(سر تلنگ-ڪنيات-بروو)

ٿلهه: صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو
١. ڪاٿئين حنبل شافعي، ڪاٿئين مالڪ نعمان
٢. ڪاٿئين پٽي پوتيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن
٣. ڪاٿئين اناالحق چوي، ڪاٿئين ڦيرائي فرمان
٤. ڪاٿئين مير وزير ٿيو، ڪاٿئين ٿيو دربان
٥. ڪاٿئين طفوليت ۾، ڪاٿئين پير جوان
٦. ڪاٿئين احمد بلا ميمي، ڪاٿئين هنومان
٧. سچو پيو صبر ۾، هوءِ حيرت ۾ حيران

(سر سارنگ-پيلو)

ٿلهہ: شي آهيان ڪاڪُيون کهڙي، جا سمجهي نہ ڄاڻان

١. بعضي پايان پُتلي، يا آهيان گڏيءَ ڏور
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور

٢. يا تہ محل آهيان، جنهن ۾ شاهنشاهہ
ٻوليون ڪري ڪيتريون، تو دَرونئون داناهہ

٣. يا تا گهوڙو آهيان، جو هلائي هسوار
يا تہ موج درياءَ جي، جا ٻوڙي تي ٻاهار

٤. يا ميينديءَ گل تا آهيان، جنهن اندر لالائي
يا آهيان گل گلاب جو، جنهن سر ۾ سرهائي

٥. يا تہ چشمو آهيان، جو اَبر پريو آب
تنهن ۾ سايو سج جو، يا پاڇو ئي مهتاب

٦. يا تہ پاڇو ئي حق جو، آءٌ اصل ڪون آهيان
جِنهن ۾ ڳالهہ نانهِن تا، سو پِي تا ناهيان

٧. ڳالهہ سچوءَ تا سمجهي، ڪوُن هاديءَ اهائي
تا غير خدا جو ناهئين، آهي صاحب سدائي

(سرتوڏي)

ٿلهہ: شہَ درياهہ تي وجي پياسي،
لهرين ڪيئي ڪُنَ لَسِ لنگهياسي

١. سِيرَ سمونڊ جي آندا اُتاهين، وسري ٻيا سڀ وهڻ وياسي

٢. ڪارونپار مڙيوئي قلزم، نينهن برابر اُتي وو نياسي

٣. ظاهر ٻهريون لهَر ڏني سي، ٻوءِ سارو ٻاٽي پاڻ ٿياسي

٤. فوق تحت جي خبر نہ پوندي، خوني موج بہ موج ڪنياسي

٥. سچل اُتي سچ ٿيو، چڙ چلڪ جي سر چڙهياسي

(سرمومل)

ٿلهہ: شوق پجي شڪ شير، پيارل ماري آهيان

١. ڪوڙين منجهون ڪو لهي، هن پونءَ سندو پير

٢. اچي پيڙس اُتهين، جاتي ايرُ نہ پير

٣. دوست دشمن هڪڙو، ڪنهن سان پائين وير

٤. سچل سڱ اوهانجو، سنڌئي سچاتو سير

ع

(سر جهنگلو)

ٿلهہ : عاشق اکيون پٽي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان
ظاهر زباني ٿو کريان، عجب جيهو اسرار ميان
١. اعتقاد فردا جو نہ رک، اڄ دوست ٿئي اظهار ميان
جن کي پسڻ هِتِ پرينءَ جو، هُتِ پڻ تنهين ديدار ميان
٢. سالک سهي کي تا کرين، صورت سندو گلزار ميان
بانهون ٻڌين ڇو ٻين کي، آهين تون سپهہ سالار ميان
٣. بلبل اول کر پاڻ کي، گهڻ گهڻ سارو گلزار ميان
جي تون زليخان جان ٿئين، ساجن سيو سنيار ميان
۴. تون تا سچيءَ هن ڳالهہ کئون، عاشق نہ کر انکار ميان
جيکي چيو مرشد توکي، آڄ، اُتي اعتبار ميان
۵. سَرِ وِ پا اهو ساجن وسي، ٿيءُ پاڻ کون بيزار ميان
آهي وسُ سچو سڀ يار جو، ناهہ کو اسان اختيار ميان

(سر جهنگلو)

ٿلهہ : عاشق جي احوال جي، تون کوهُ نہ پُڇين کَلَ
١. راڻي کهاڻ ٿي روئي، محل چڙهي مومل
٢. سهڻي گهڙي سير ۾، آٿي عشق اجهل
٣. سسئيءَ گوندر گهاريا، پنهونءَ ريءَ هِتِ پل
۴. کڏهن ٻُڌي کا نہ کا، جهانگيئڙن تي حبهلَ
۵. سک سچوءَ کي سرتيون، کيا هينئڙي اندر سل

(سر پيلو-ڍوليو)

ٿلهہ : عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گلُ سناسي
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي
١. برهي جي اک بہ ببيني، کائي مثال چيني
توڙي رنگئون رنگيني، چينيءَ جي مٽ نہ کاسي
٢. کِل آب جاء جاتي، محبوب راز تاتي
عاشق ڏسڻ کتون کاٽي، رهندو پتنگ پياسي
٣. صورت ۾ جاء دم جي، دَم ريءَ نہ صورت کم جي
دم ۾ جا لذت غم جي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي
۴. ابليس جي وڏائي، هر ساس تي سوائي
جيئڻ تہ دم پيلائي، نہ تہ تحتُ نحس ناسي
۵. ثابت سچل سچاري، يارن جي ياد ياري
وحدت جنين وساري، تنِ تَنَ منّي اٿاسي

(سرپهاڙي)

ٿلهہ: صدقي صدقي هي سر ميان، آهي ڪوهيارل تئون صدقي

١. قاف ڪشالا ڪيچ جا، ظاهر ٻجهن رِڙُ ميان

٢. جبل گهايا جوش مَئون، گهاٽي ڪِيڙو گهر ميان

٣. محبت جي ميدان ۾، گهيڙ ڏسي وڃي گهڙ ميان

۴. ويهڻ مونکي وهہُ ٿيو، ترسان هَڏ نہ ترِ ميان

۵. جيڏيون جانب جت لَئي، پَئي پَئي وتي هي ٻرُ ميان

٦. حبيباٽي هنج ۾ ميان، ڪيهہ ڪري وڃي ڪِرُ ميان

٧. سچل سچي سِڪ مَئون، فاقو ڏسي نا ڦِرُ ميان

ط

(سربروو)

ٿلهہ: طعنا سر تي سهندي آن، سرتيون ساري لوڪ جا

١. ٻاجهون ٻاروچل جي، راتيون هت ڪا رهندي آن

٢. قاف منجهارئون ڪاڪيون، لعلن لوڙي لهندي آن

٣. ٻسڻ بنان پرينءَ جي، ٿاهہ نہ ٻي ڪنهن ٿهندي آن

۴. ٻينر هن ٻنيور ۾، ريءَ ٻاروچي نہ ٻهندي آن

۵. سچو سچيءَ سڪ ڪئون، ڪيچن ڪڍ ڪهندي آن

(سر بلاولي-سارنگ)

ٿلهہ: طلسم افلاطون بنائي، ڏسي سا سينگار جي

١. سڪندر ليکي سال لنگهي ويا، ساعت هُئي هڪ وار جي

٢. نظر نہ آيا باغ باغيچا، حرفت هئي هشيار جي

٣. ڪانيءَ آڪ جي ڪئون ٿيو ٻاهر، سڌَ پيس سنسار جي

۴. چوري پاتشاهہ اَٽي ڪئي، ٻولي ٻڌائي ٻلڪار جي

۵. وري ورايئون جاءِ انهيءَ ڪون، خبر پيس اسرار جي

٦. اصل اُهوئي، هن جهان جو، ڳالهہ اٿو اعتبار جي

٧. دنيا هڪدم آهي سچو، بازي سا بازيگار جي

(سر بلاولي)

ٿلهہ: عشق آهي ارباب، تقويٰ طاعت رعيت تنهنجي
١. ڪلُ ستارا ڪم ٿيا، جڏهن اڀريو آفتاب
٢. جي مُڙي ويا ميدان مئون، اُتن آهي عتابُ
٣. اصل عاشقن جو، کولي نينهن نقاب
۴. شارڪ پڳا سنيري، جڏهن آيو نينهن نواب
۵. سچو ورتو جنهن ورهہ کي، عالي تنهن القاب

(سر پهاڙي-گجري)

ٿلهہ: عشق تنهنجي ماري آهيان، آءُ اچي ڏي دوست دلاسو دل کي
١. سگهہ نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، ڪيچ وڃڻ ڏي ڪيئن ڪاهيان
٢. آءُ تا ٻانهي تون تا سائين، سگ نہ ٻيو ڪو ساهيان
٣. ڪم اچي جي هي سِرُ تنهنجي، تا ٻي نابر ناهيان
۴. آءُ اڻ سُونهين سُونهين ناهيان، ڪاڏي ڪرهلُ ڪاهيان
۵. هوت ڪرين ٿو هھڙيون، آسرُ هڏ نہ لاهيان
٦. اڳڻ آءُ تون يار پيارا، سڀ پلايون ٿي پانيان
٧. ورهہ اسان جي ڪيئي ولوتيا، سچو چوي آءُ آهيان

(سرآسا)

ٿلهہ: عشق لڳئي تا ڪر آمين، نا منجهہ ڪفر نا منجهہ دين
١. سورن جون سِٽون کھڙيون پڙهين ٿو، ورهہ نہ پڄندئي ولاالضالين
٢. ديد ڏسي ڪي ديد ازائن، نينهن نہ پڄندائي نابين
٣. جلوو عشق جو عرش ڪرس تي، ا سر زمين ۽ زير زمين
۴. دل سان ذرو درد قبوليم، ڪشف قبور ڪرامت ڪين
۵. شبها شڪ سيئي لاٿم، پاڻ سڃاڻ ساڻ يقين
٦. طالب ڪي تلوين گھرن ٿا، تہ ڪي تمنا تي تمڪين
٧. هادي عبدالحق سچوءَ ڪي، توڙون هيءَ تا ڪئي تلقين

(سر ڪسوري)

ٿلهہ: عشق اول آزمائي، ڪاڪيُون ڪيچين جو پير تهان پوءِ پائي
١. سر تي سهج سور ستاٽا، ٻاروچو ٻولائي
٢. صحيح ملندءِ هوت حقاني، رانول مئون روُ لائي
٣. عاشق صادق وو سچيڏنا، پول نہ ڪنهن پولائي

(سر توڏي)

ٿلهه : عاشق ڪر آرام، آءُ تا توکي اوڏو آهيان
١. پيو نہ پائنج پاڻ کي، آهين هڏ نہ عام
٢. تون تا آءُ ئي آهيان، پيچ ڏوئيءَ جا دام
٣. مطلب آهي تونهانجو سريرئون سرانجام
۴. ڪيئن ڪيو تون پاڻ کي، بندو ٿي بدنام
۵.. ڪفر زلف اسان جي ميان، مُنهن سندم اسلام
٦.. پانهپ پيائيءَ ڪئون ميان، سچو ڪج سلام

(سر بروو)

ٿلهہ: عاشق ڪر آرام، پرينءُ گهٽو پڇيو تنهنجو خوشيءَ ۾ رهُ
١. طرف تنهنجي آهہ اچڻ جو، اسان جو انجام
٢ . رهبر عاشق کي وجي، سوَ لک ڏيج سلام
٣. اڳنان آهي تونهانجو سرهائي سرانجام
۴. جيڪي چيو تونهانجو آهي، ڪُلي قبول ڪلام
۵.. سچو تنهنجي ساهہ کي آهہ محبت بخش مدام

(سر جوڳ- آسا)

ٿلهہ: عاشق ڪيئي اداسي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي
١. روز ازل ڪئون لونءُ لونءَ منهنجي، واءَ وِرهہ جي واسي
٢. دلڙي اسان جي سهڻا سائين، پهريون ڪيئي پياسي
٣. هيڏي هوڏي ڪين وياسي، باس اها اسان باسي
۴. عشق نعرا سڻُ اشارا، هي دل لڳي هراسي
۵. بيخوديءَ مون باغ بهاران، خوديءَ کانءُ خلاصي
٦. برهہ اوهان جي ڪيو بيراڳي، سچو رنگ سناسي

(سر ڪسوري-جوڳ)

ٿلهہ : عاشق مرندا ڪينَ ڪي، رهندا ڪين مڪان ۾
١. ديواني درياهہ جو، پيتو پيتئون پيالو پرُ ڪري
اجر منجهہ امر ٿيا، آهي گڏيا ڪين جهان ۾
٢. غيب ۾ جي غرق ٿيا، تن گهاءِ گردن ۾ لڳا
ٻولي ٻولن ٿا ٻي نہ ڪا آهي رهن الامان ۾
٣. ڪيئي پڙهندي سال ٿيا، روزا نمازون نفل ني
تن ڪُنن ڪَل نہ ڪا، باطن جي بيان ۾
۴. چين ولايت ڪهر ڪري، گهڙي گهارن ڪين ڪِي
پسن هادي حق کي، رهن ٿا بيابان ۾
۵. هردم آهي دم دوست ڏي، آهي سُونهَن ٿا سرانجام ۾
سچوءَ کي سوئي مليو، هي گرُاچي تہ گيان ۾

(سر جهنگلو)

ٿلهہ: عشق وڏي مَرُ تنهنجو، وي ڍولڻ تيلهان طعنا ڪيم توڪي
١. تا ڪي سڄاڻان وو عاشق توڪي، اهو هُنُرُ آهہ منهنجو
٢. ڪنين ڪنين ڪي وو لڳي اسان جو، عشق اصل ڪئون اهنجو
۴. اها وراٽي وو آهہ سچل ڏنهنَ، راضي اوهين هڏ رهجو

(سر ڌناسري)

ٿلهہ: عشق نہ توکان ڌار، سمجهہ صحيح پنهنجو پاڻ سڃاڻج
١. منجهہ ٿي بادل منجهہ برساتيون، منجهي مينگهہ ملهار
٢. منجهہ درياهہ وهن ٿيون واهيون، ويرن ناهہ ڪو وار
٣. تاهي پنهنجو پاڻ لڳايوئي، زات ٽڳيوئي ٽڳ يار
۴. منجهہ مدينو ڪعبو قبلو، منجهي مصلا چار
۵. سهڻي ويچاري ڇڻن پُلائي، ورُ ڙي ميهر يار
٦. منجهہ ٿي مڙهيون ماڳ مسيتان، دائرا دم ديدار
٧. پنجتن پاڪ پساءِ پيارا، چگان سو چارئي يار
سچل ڪي آهہ سڪ پرينِ جي، هردم ليل نهار

غ

(سرتلنگ)

ٿلهہ: غافل ٿي نہ گذار، عاشق روز اَزل جا، واحد ڪي نہ وسار
١. صيقل ساڻ ثناءَ ذڪرجي، اندر قلبُ اُجار
لنوُ لنوُ منجهہ لقاءَ پرين جو، ڏيکين تان ديدار
٢. فاذڪروني اذڪرڪم، ٻاهر نہ ٻاڪار
ياد ڪندن ڪي ياد ڪري تو، ثابت صدق بيهار
٣. ترس نہ، توڪل جو ٻڌ ترهو، سر سڄڻ ڪي سپار
پيهي اَنت عميق بحر ۾، اعلي اَمل برار
۴. هوتُ ڇڏيو حيران وَتين تو، تَرُ ڪيو اندر تار
بندا ناهہ بقا دنيا ڪي، غافل دم نہ گذار
۵. صحي سڄاڻ تہ ساڻ وَسيئي تو، شڪ نہ شُبهہ شمار
وَهُو معڪم عينها ڪنتُم، پيهي ڏس پاتار
٦. من لہ مولا فلہ اَلڪل، ڪري نظر نهار
هوتَ گڏيو جن يار يگانو، حاصل تن هر ڪار
٧. ڪي ڪشالا سور مَ سَل تون، من منجهيئي مار
ڏکن پٺيءَ سک سدائي، حق چيو هر بار
٨. صاحبڏنہ سمجهہ صحي سِر، پارون ٽڪر ٽار
ليس في الدارين الاهُو، پُرمَ ٻي ڪنهن پار

(سر توڏي)

ٿلهہ: عشق اکين نيئي لايو، مستانن محبن سان
١. سر متي مون سرتيون، ورهي مينهن وسايو
٢. البت ويندس اوڏهين، پل پاڙينچيون نہ پايو
٣. آءُ ڪيئن ويهان مات ڪري، سورن هت سجايو
٤. جا سيبايم سرتيون، ڳالهہ اهائي ڳايو
٥. اصل آهہ عجيب جو، سچل تي سپ سايو

(سر سارنگ)

ٿلهہ: عشق اسان وٽ آءُ، اڇي تو تا سانوڻ لايا
١. چئنچل پيهل ٿي چوڌاري، مينهن رات ڪئي موچاري
عزت لڌي آسمان، پرين اڇي پير گهمايا
٢. بوند برهہ جي برسي باري، جوش اکين مئون جرَ ٿيا جاري
بيحد ٿيا باران، اصل ڪئون واهہ وهايا
٣. گل ڦل گاهن ڪئي گلزاري، مچيائون سارنگ جي سرداري
سهسين ٿيا سامان، اکين آگم لايا
٤. يار سچل چئي محب ملياسي، بيشڪ دل جا درد لٿاسي
شاهي رکيائون شان، اڇي تن حڪم هلايا

(سر جوڳ)

ٿلهہ: عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر، سارين تا لوءِ پنهنجي جون لويون
١. هُت ويڙيچا وينا ورهائن ڏيهاڙيون، سي ڏوُنرن سنديون ڏويون
٢. سنگهارن ڏي سوز سنيها، راتين آءٌ تا روز منجان ٿي رويون
٣. ڪنڍيون ڪوڪڙ سنديون، ڳچي پائن ٿا هت پيڪا پويون
٤. صبح ساجهي ڪٽن خوشيءَ سان، اوهي سي تا آب پريون ني اويون
٥. پاند ۾ پائن پُسيون، ساڳ سگر سنگهار سچل سي سويون

(سر تلنگ)

ٿلهہ: عين اٿو انسان، پول متان ڀُلي ڪائي
١. دلق درويشي پهري آيو، صورت هن سلطان
٢. آهي جڳ ۾ سٺو ري جيڏيون، صاحب جو سيلان
٣. ڏسي تماشو يار سڄڻ جو، هر همہ حيران
٤. واهہ عجائب جيهو ڪيائين، سچو ري سامان

(سر بروو)

ٽلهہ: ڪالهہ اسان تو ڪيون ڪيون، يار سڄڻ ڳجهيون ڳالهيون
١. ٽين پراٽيون ڪين ڪي، نتُ سي آهن نيون نيون
٢. رهيون آهن روح ۾، چڱيون اوهان چيون چيون
٣. ڪين وسرن ساهہ ڪئون، آهي تا پاڙڻ پيون پيون
٤. مٺيون ڳالهيون توهانجون، هن سچل ساهہ سنيون سنيون

(سر بروو)

ٽلهہ: ڪالهہ اسان وٽ ويهي ويهي، يار سڄڻ ڪيوَ ڳالهيون
١. سي نہ وسرن ساه منهنجي ڪئون، ڳالهہ ڪريان ٻي ڪيهي ڪيهي
٢. ٻيهر ٻاروچا ٻاجهہ پوئي، تون آءُ پڪي هن پيهي پيهي
٣. ڏينهن ۾ تهي چار دوست اسان جي، دل سا رمزن ريهي ريهي
٤. هُج هميشه يار اسان وٽ، پرين نہ ٿج پرڏيهي پرڏيهي
٥. ڪيو بيراڳي ڏينهن انهيءَ لاڪون، دوست سچل جي ديهي ديهي

(سر بروو)

ٽلهہ: ڪالهہ قاصد اوڏهون آيا، اها ڪيائون آگاهي
١. يار پنيور جي هٿا اچڻ جا سات ڏٺي ڪي سايا، چڱي ڏنائون گواهي
٢. منهن محبوب جو تيو اسان ڏي، پياسي پنڌ سڄايا، ڪيها رهبر ڪريان راهي
٣. يار مسافر ڪيم اُداسي، ڏور جنين ڏينهن لايا، آٽي تون ميڙ الاهي
٤. سچل اُتاهون اچي رهي هت، ويڙها سي يار وسايا، غم لٿي گمراهي

(سر توڏي)

ٽلهہ: ڪانگي قريبن ڏنهن، خبر آندي وٺي وهندي وري
١. خط منجهون معلوم ٿي، ساري خبر ڪينءَ جي ڪري
٢. دوست دلاسا لکيا تا، تو اسان ريءَ ڪيئن سري
٣. آءُ تا گهٽو تو ساريان، ڳالهيون چوي کهڙيون چري
٤ . سچل توسان آهہ منهنجي، اها ذوق سان دل جي ذري

(سر ڪلياڻ)

ٽلهہ: ڪالهہ جو ڪانگل اڏاٽي، پلو ڪيئن وئين پرين وٽ
١. گهٽي توسان ڪا ڪئي، اڳيون يار سياٽي
٢. پرين ڪي پڇيو، ڏيج دلاسو هاٽي
٣. ساري مونکي ڏيج سنيها، الله ڪارڻ آٽي
٤. پريان سندي پارَ ڏي، عاشق چو نہ اماٽي
٥. آئين اڏامي اوڏهون، سچل ساهَ سيباٽي

(سر مارئي)

ٿلهه: غم ۾ ڪيئن نہ گذاريان، ڏوٿين وڇئون مونکي ڏينهن ٿيا
١. مــيــســان ملڪ مليــر ڏي، ڪنيــو نيڻ نهـــاريان
٢. پکا پهنوارن جا، ســاعت ســاعت سنيــاريان
٣. راتيــان ڏينهــان روح ۾، ســاهيــڙين کي ســاريان
۴. وِس جي هوئـي ڪـوئـي منـهـنـجو، ڪـڍ پـاڻ قـطـاريـان
۵. پٽ پـنـهـنجي پـاٿـهـين، پـهـنوارن ســـــان پاڙيان
٦. يادَ ڪيــوسي ڳالهيـــون، پنهنجو پاڻ ٿي ڳاريان
٧. مــوڪل ڏيم مٿين مِڙان، گــهــڙي هت نہ گــهــاريان
٨. ٻڪــر ٻاٻاٽن جا، ڇهـــرائيءَ ســـان چاريان
٩. جان مـــون روح رڳن ۾، ويـڙيـچا نـہ وســـاريان
١٠. جا لوئي آنديم لوءِ ڏنهن، عـــمـــر شـــال أجاريان
١١. حـــال پسي هي پنهنجو، مـــاروئڙن لڳ مـــاريان
١٢. هي پٽ پٽيــهــر گــهــوريا، طولَ پـــانيـــان تلواريان
١٣. ڪرَ لـهـڻ لَئـي ڪـانـگـڙا، اوڏنــهــن روز أڏاريـــان
١۴. ســچل سنگهــارن ڪـئـون، هي ســرُ هَڏِ نہ واريان

ڪ

(سر جهولڻو مارئي)

ٿلهہ: ڪانگل ساري سنيـهـا هي، چئج مـارن کي ويراڳي آهيـان
١. اوهـــان ٻاجـهـون گـهـٽـيـزو، مـحـلـن ۾ مـانـدي
قـــســمت قـــيـــدالـمـــاءِ جـــي، ارادي آنـــدي
٢ چـــانـور چـــا چـــورمــــــــان، آچـــن نـت نـــوان
ڏوِنرا پُســتـــيـــون ڏيـهـــہ جـــا، ســاريـــو هــت رُئـان
٣. زهـر پـيـــالا ســـوز جا، اوتـيـــون آءُ پـيـــان
اوهـــان ٻاجـهـــون ســـپـــريـــن، مـــران آءُ ڪـي جـيـــان
۴. ڏکــن ڪــارڻ ڏيـهـــہ ۾، نـپـــايس اوهـــان
ســچل اڪـــڙيـن مـــئـــون ســـاري رت رئـنـان

(سر برو و)

ٿلهـــہ: ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪندي آءُ، هت حـــيـــلا هزارين وي
١. برج برين ڏس پاڻ ڏي بره اوهان جي بندي آءُ، وري مان نهارين وي
٢. برچي اڳڻ آءُ تون، پايان ڳجيءَ منجهہ گندي آءُ، يار گد گذارين وي
٣. جيهي تيهي هوت اوهان جي، چڪي سا توزي مندي آءُ،سا تون چو تو وسارين وي
۴. اوهان ٻاجهون سپرين، نيٽئون وهايان نندي آءُ، بيو سچل بيارين وي

(سر سسئي-پيروي)

ٽلهه: ڪجو ائين ويساهه، سرتيون منهنجي ڳالهه سچيءَ تي
١. آيو ڪنهن تا ڳالهه ڪئون شهدائيءَ ۾ شاهه
٢. لڌم ههڙي هوت جو، ريجهائي مئيون راهه
٣. جوئي هدايت ۾، سوئي آهي گمراهه
٤. احمد علي هيڪڙو، آهي پاڻ الله
٥. ساڳين اٿو پاڻ سو، حئو جو ارواح
٦. سچو سچيءَ ڳالهه ۾، ڪهڙو ڪيم گناهه

(سر بروو)

ٽلهه: ڪڏهن الا جي ايندا، يار سانگيئڙا ميان
١. سگهي اچڻ جون ڪانگ اسانکي، اچي واڌايون ڏيندا
٢. ڏيئي دلاسا دل منهنجيءَ کي، نال نماڻي نيندا
٣. اهيئي اميدون آهن اسانکي، هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا
٤. ڪين سي ڏسندا ڏوهن اسان جن ڏي، بديون سڀ بخشيندا
٥. آهي اوسيئڙو اکڙين کي، گولي ساڻ گڏيندا
٦. ڪيچ وٺن ڪئون پٽي سي پکڙا، آٽي هت هوت اڏيندا
٧. جيهو تيهو سچو سندن آهي، پانهنجو ڪين ڇڏيندا

(سر ديسي)

ٽلهه: ڪڏهن الاجي ايندين، پيهي پچڻ پنهون يار
١. پاڻ پنهنجو پاٺهين، ساڻ غريب گڏين
٢. پکا پکن سامهان، اوري شال اڏيندين
٣. اهو اٿم آسرو، چپر تا نه ڇڏيندين
٤ . سگ پنهنجي در جو، سچو نانءُ سڏيندين

(سر ڪلياڻ)

ٽلهه: ڪڏهن ايندين هڪ ٽيندين، نت نهاريون سنڌئي واٽڙيون
١. سانول ڪهين سانگ سان، اگڻ اسان جي ايندين
٢. اهو آٽئون آسرو، بديون تا بخشيندين
٣. ڪنهن ڏينهن هن ڏکيءَ کي، دوست دلاسو ڏيندين
٤. پرين نيندين پاڻ سان، چپر تا نه ڇڏيندين
٥. ٽوري گهٽي ڏينهڙي، گولي ساڻ گڏيندين
٦. پکا پکن سامهون، اوري آٽي اڏيندين
٧ . سو ڏينهن ٽيندو ڪهڙو، سحو ڪري سڏيندين

(سر سسئي)

ٿلهه: ڪالهه قاصد اوڏهون آيا، چي حاني ايندءِ اڄ جائي
١. اسين نه اڄ اوڏاهون آياسي، هُئن اڄڻ جا سايا، ڪيچ هُئي هِيءَ وائي
٢. سڪين سارين جن ڪي وو، واليءَ پوءِ ورايا، اڇي ٿيندءِ ڏڪ پائي
٣. ڏينهن گهٽا تو هوت پنهون ري، ورهي مينهن وسايا، آئي اوڏهون وڏائي
٤. اجهي ايندءِ سپرين وو، ڏينهن گهٽا جن لايا، ڪل نه پوندي ڪائي
٥. سچل سڪندي سال ٿيا وو، ڏکيا مون ڏينهن لنگهايا، وجي هي عمر اجائي

(سرپيروي)

ٿلهه: ڪانگڙا قربن جا، توکي ڪالهه اڏايو ڪن وٺئون ويڙيچن
١. آسروندي آهيان، من ڪو پيرو ڪن
٢. پکا پکن سامهان، اوڏا مانَ اڏن
٣. سچل جي سرير پر، دونهان روز دکن

(سر توڏي)

ٿلهه: ڪاڪيُون مونڏي ڪالهه، دلبر لکيا دلاسا
١. ايندا اگڻ سي توهانجي، جن لئي سڪينءَ سال
٢. هاريون هجر فراق جو، واريو ورق وصال
٣. سرهو ٿيڙو ساهه مونَ، لاٿئون ڪلَ ڪشال
٤. ڪرم ڪيائون پانهنجو، منهنجي ني ڇا مجال
٥. بِرَ نه ماندو تون ٿئين، لهندئي سچل سنيال

(سر ڪنيات)

ٿلهه: ڪاڏي ويئڙا وو، پرين پاڙيچا
١. جاڏي هليا وو، تهدل تاڏي هَلَ تون هِينئڙا
٢. محبن مون سان وو، عجب جيها ڪيئي ڳڻ ڪيئڙا
٣. گوندر گاڏئون وو، ڏينهڙا هت جالن جِيئڙا
٤. هن اجايا اُنهن پاجهون وي، جي پَلَ پيئڙا
٥. سچل سندا سانول پاجهون، هي حال ٿيئڙا

(سر ڪلياڻ)

تلهه: ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن، مون سان تون آهين آهين
١. هجين هميشه يار اسان سان، ڪيئن چوان تون ناهين ناهين
٢. ڪڏهن آرامي ڪرين اسان کي، ڪڏهن ٻجين تو باهين باهين
٣. ڪڏهن منصوري تي دم اناالحق جو، ڪڏهن ڏسين تو ڦاهين ڦاهين
۴. سچل تون عاشق آهين اسان جو، تڄ نہ درد جو داهين داهين

(سرسسئي)

تلهہ: ڪر پاڻ کي سجود، تون آهين جاءِ سجود جي
١. تون هي عابد آهين، تون هين آهين معبود
٢. هيڏي هوڏي نہ ڏسين، تون مڙيو ئي مقصود
٣. سچو سمجهہ ڳالهڙي، محب آهي موجود

(سر پيروي)

تلهہ: ڪرن مڙيئي قتلام، پاڻ ڪريان جي پڌرو
١. جدا جماعت کان، آهيان پاڻ امام
٢. دم نہ اڳيون دين ٿيو، ڪفر نڪو اسلام
٣. فارغ هووڻ فرض کئون، سنت کي بہ سلام
۴. سچو آيو سچ ۾، ناهي حلال حرام

(سر ڏناسري)

تلهہ: ڪر نينهن سندو ندان وو، جلدي آءُ چڙهہ سُوليءَ تي
١. مرد ٿيوين مردود نہ ٿيوين، ٿيوڻ اٿان سلطان
٢. مست اتي معراج اهوئي، متان ڪرين ارمان
٣. سورهہ ٿيوين آءُ سچو تا، گوءِ اهو ميدان

(سُرراڻو)

تلهہ: ڪر ياد ياهُو ياالله، دل ۾ ڏرين صورت الله
١. دل ۾ تڪيو دلدار جو، اوُنهو بحَر اِسرار جو
سڌ لهہ سمجهہ سر يار جو، دل ۾ ڏرين
٢. عاشق سڏائين جي اَدا، جند جاَن ڪر فاني فدا
تان تون پسين ساجن سدا، دل ۾ ڏرين
٣. چو تو وڃين ٻيءَ پار تون، دل جو دلبر هڪ ڏار تون
نَہ نفس مُرتد مار تون، دل ۾ ڏرين
۴. وٽ پار پِر جو پيچرو صحبت ڪنڌءِ سڪ سوجهرو
وورج آئٽي وٽ ويجهڙو، دل ۾ ڏرين

(سر پيروي)

ٽلھہ: ڪڏھن عيسيٰ ڪڏھن موسيٰ، فرعون ٿي حڪم هلايم ٿي

١. ڪڏھن منصور ڪڏھن شمس الحق، اهي سر تي سوز سهايم ٿي
ڪڏھن دارا ڪڏھن سڪندر، ڪڏھن ديس دبايم ٿي

٢. ڪڏھن اياز ڪڏھن هئس محمود، ڪڏھن نوڪر نانءُ ڏرايم ٿي
ڪڏھن ليليٰ هئس مجنون، ڪڏھن واٽين ورھہ وسايم ٿي

٣. ڪڏھن نام شداد جو مون تي، وري نونو بهشت بنايم ٿي
ڪڏھن وامق عذرا، ڪڏھن شيرين فرهاد ڪونايم ٿي

۴. ڪڏھن هئس زليخا ڪڏھن يوسف، ڪڏھن عزيز مصر سڏايم ٿي
ڪڏھن رام سيتا ڪڏھن لڇمڻ، ڪڏھن ڏهيسر بنايم ٿي

۵. ڪڏھن نمرود هوس ابراهيم، وچ آتش پاڻ وجهايم ٿي
ڪڏھن دائود هوس سليمان، ڪڏھن تخت هواءِ اڏايم ٿي

٦. ڪڏھن چام پنهون ڪڏهين سسئي، ڏونگر ڏس پڇايم ٿي
ڪڏھن گهڻ گهڻ وڄن گهنگهرو، ڪڏھن چير پيرين چمڪائم ٿي

٧. ڪڏھن آيت مصحف ياد ڪيم، ڪڏھن ناچو ناچ نچايم ٿي
ڪڏھن ٿيا ٿيا ۾ ڪڏھن ٿيا ٿيا، ڪڏھن ڦيري ڏيئي ڦتڪايم ٿي

٨. ڪڏھن زردا جاما زربفتي، ڪڏھن دلق ۾ ليڙ لڙڪايم ٿي
ڪڏھن عاشق ڪڏھن معشوق ٿيس، ڪڏھن چشمان پي اٽڪايم ٿي

٩. ڪڏھن لڪ وڏا ٿي ويس ڪيم، ڪڏھن سرُ سارو سمجهايم ٿي
ڪڏھن نانءُ سچو ٿي هت آيس، ڪڏھن روح تا راڳ رسايم ٿي

(سر بروو)

ٽلھہ: ڪڏھن قاصد وري ويندين، ديس ٻاروچل جي ميان

١. خبر خوشيءَ جي وٺي اُتاهون، سگهو اسان ڏي ڪي ايندين
٢. دردمنديءَ جي دل ڪي هاٿي، ڏاها دلاسو ڏيندين
٣. سپيرين جي ڳالھہ ڳجهيءَ جو، وجي سو واقف ٿيندين
۴. سوز فراق يار سچوءَ جو، تون هيءُ نياپو نيندين

(سر ڪلياڻ)

ٽلھہ: ڪڏھين اسان وٽ ايندا، ڪھہُ ڪانگا پرڏيهي

١. هوندا هميشه هوت اسان وٽ، وري ڪي پوئتي ويندا
٢. ڪندا آرامي ڪي اچي اسان ڪي، وري ڪي برھہ بچيندا
٣. هجر فراق ني وي معافي ڪندا، ڪي ڏوڙو ڏک ڏيندا
۴. پڪا پڪن سامهان، ڪي اوڏا دوست اڏيندا
۵ . منهن مقابل محب اسانڪي، سچل ڪي نانءُ سڏيندا

(سر کٿونسيو)

ٿلهہ: ڪل نہ پوندي ڪائي، عجب جيهي اسرار اُنهين جي
١. هُئي حلاج ذرو سڌ سرَ جي، تنهن سسي ڪوڏ ڪپائي
٢. لاهي حجاب وڌائين، هِيءَ حرفت يار هلائي
٣. سچو سوئي صاحب آهين، پر سڀ ۾ ذات سمائي

(سر جهنگلو)

ٿلهہ: ڪم نہ عاشق سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي
ڪڻ ملامت ڪا متي، مَرَ ڏيهہ تو طعنا ڏئي
١. بره ۾ بدنام ٿيءُ، پيو ڪين ٿئي ڪسبن ڪئي
عشق جي درياءَ جي، چولي چڪي مَرُ تو نئي
٢. پوءِ تا خير ساري جو پوندئي، دوست جي هن پنڌ پئي
راهہ گم ڪر پانهنجي، وَنءُ وڪ نہ ڪنهن ڀڄڻ ڀئي
٣. پيچ حجابان پڌر پئو، لوئيو توکي کهڙي لئي
چا ٿيندو پوءِ تا سچو هَئي هَئي اِنهي ورهي وئي

(سُر ديسي)

ٿلهہ: ڪندي آءُ ڪوهہُ رهي رهي، جيڏيون هِت هوتن ريءَ
١. آندرِ ورِهہ وٽاڻ ڪيا، لنو لنو منجهہ لهي لهي
٢. چڏي شهر پنيور کي، ويندس ڪيچ ڪهي ڪهي
٣. ڪونهي منهنجو ڪوهيارل ريءَ، سرتيون هٿ سيهي سهي
٤. قول پاڙيندو ني پانهنجا، پاروچل پهي پهي
٥. سچو گڏيم ساٿ جا، پنڌن منجهہ پهي پهي

(سر ڪوهياري)

ٿلهہ: ڪندي سا ڪيئن قرار، جيڏيون جنهن جو جيئڙو جتن سان
١. ورهہ وارن کي سرتيون، ويجهي آهي وٽڪار
٢. پڙيون پاروحل جو، نينهن لڳم نروار
٣. محبت گڏي نہ ليي، خرچين لک هزار
٤. ڏسنديس اکڙين سان، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار
٥. چڏي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪيم اختيار
٦. سدا آهي سچوءَ کي، پينر برهہ بهار

(سُر بروو جهنگلو)

ٿلهه: ڪريان اسرار مان ظاهر، هئي حيرت ۾ حيراني
نڪا ڪا جوڙ جمساني، رهي ڪٿ شڪل انساني
١. عجائب بحر وچ پيوسي، جسم ۽ جانِ ڪون ڳيوسي
لهر آپي آپ هڻ ٿيوسي، ٿئي سڀ مَوج نوراني
٢. سٽو منصور ڪي سَر سِي، سُوليءَ ڪنون نہ ڪڙا ترسي
برهہ دي بُوند سر برسي، جسم ڪُنون ٿيا فنا فاني
٣. ماريُس آناالحق دا نعرا، ٿيا هَس جسم سو پارا
پڙهيُس سِر حق دا سارا، ڪيتُس جند جانِ قرباني
۴. نظر ڪوئي غِيرنا آئندا، نہ دم وچ غير سماندا
آپي نال آپ لنو لائندا، ٿئي سڀ روح روحاني
۵. منجهہ آنا اليہ اِشارت، هئي عبرت همَہ حيرت
جيهي وحدت تيهي ڪثرت، سچو هئہ سر سُبحاني

(سر بلاولي)

ٿلهہ: ڪريان يارو مسلمانو، عشق جي ڳالهہ اڄ ڪيهي
سورهہ سوريءَ اناالحق جو، هڻن نعرو نسنگ نيهي
١. ڇڏي هي عيش عالم جا، وڃن تڙ پيڙ ۾ پيهي
وڏايو غم سندن غمزي، تنين دل رمز سان ريهي
٢. وڃي تا ورهہ وارن ڪئون وٺي اڇو ورهُ ڪي ويهي
اَليلان عشق ڪيون ڪيڏيون، لاتائون جان جڙ جيهي
٣. ڪئي ڪنهن ناز نيڻن جي، ديواني درد هيءَ ديهي
سچو روئڻ راتو ڏينهان، عادت آهي عاشقن ايهي

(سر سسئي)

ٿلهہ: ڪري سانگ پرين وري آيم آهي، ديس اساڏڙي آلو آلو
١. وري وطن آيا، پينر تيڙم پَلو پَلو
٢. پرين اڳون پيشوا، هاريون مون سان هلو هلو
٣. اصل لاڪون آهي انهن سان، روح منهنجي جو رلو رلو
۴. انهن ٻاجهون ناه ڪو، ڳولڻ مونکي ڳلو ڳلو
۵. سِرُ سڄڻ جو لوڪ ڪي، ساهيڙيون نہ سلو سلو
٦. سچل سچيءَ سڪ ۾، شال نہ پوندو ولو ولو

(سر توڏي)

ٿلهہ: ڪنهن ويل نہ ٿيا وسارن، عاشق نہ ٿج تون ماندو
١. ”وَنحن اقرب“، اها اشارت، گڏ توئي سان گذارن
٢. اصل لاڪون طرف تنهنجي، نتَ نِتَ ڪِهٽو نهار ن
٣. جي تو اُڪنڊ انهن جي، سي پِي توئي کي سارن
۴. ڏينهن اتِهين ڇو ٿو لائين، تو هُتِ سچو سنڀارن

(سر سسئي)

ٿلهہ: ڪنهن کي حال چوان هي، اديون ڙي واويلا
١. ڏيرن ڏيئي ڇڏيا، موٽي سور نوان هي
٢. سهٽا محبوبن جا، ڏنا پاڻ اوهان هي
٣. سُڪن اُتي سرتيون، ڏيان نہ سور سنوان هي
۴. سچل سرواڻن کي، وجي پيرين پوان هي

(سرپوربي)

ٿلهہ: کهڙي ڳالهيئون يار، ووءِ ووءِ ڪُيئي بيراڳي اسان کي
١. دردمنديءَ جي دل تي، باري چاڙهيئي بار
٢. اصل ڪئون آرام وحيايو، جاني تنهنجي جبار
٣. مونکي يار جدائي ماريو، آهُ روئان زاروزار
۴. ڪيئي داناءَ ديوانا ڪيڙا، تنهنجي حسن هزار
۵. غمزي سان غلام ڪياسي، سچل ري سردار

(سر توڏي)

ٿلهہ: ڪو دم اسان جي درد ڪئون، عاشق متان ڪاهل ٿئين
١. يَسمَعُ ڪرين يُبصرُ صحيح، هن جسم ڪئون جاهل ٿئين
٢. سِر ساهہ سان صدقو ڪرين، جي تون منهنجو مائل ٿئين
٣. هن قرب جي تون ڪل لهين، اناالحق جو قائل ٿئين
۴. صورت سڃاڻي پانهنجي، هر فعل مئون فاعل ٿئين
۵. دم دم سندن ديدار جو، سچو سدا سائل ٿئين

(سر جهنگلو)

ٿلهہ: ڪون آهيان ڪون آهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان وي
١. جسم اُتون ڪُلَ آسَرو، لحظي انهيءَ ڪئون ٿو لاهيان
٢. ٿيا خلافي خيال سڀيئي، نروار پر تا ناهيان
٣. جانِ ٿئي خود ڪئون خلاصي، پاڻ اها پي پانيان
۴. بحر جي هن موج تي، جان چڙهان تا چاهيان
۵. بادشاهيون ڪيتريون، سچو عجب سرو پايان

(سر جهنگلو)

ٿلهه: ڪنهن سان ڪيم نہ ڪل، جو سودو آندم پاڻ سان
١. سودو ڪنهن نہ پچيو، آيس ۾ مشڪل
٢. گران قيمت ڪئون سيئي موتيا، تنهن مهل
٣. سودي ههڙي جي آتي، لاهن سڀ نقل
۴. ميڙو مُوڙن تي ڪري، عالم ڪئي اُچل
۵. حال ڏسي تا هُن جو، پيو جِيئڙو منجهہ جنجل
٦. ڏوهہ نہ مونکي ڪو ڏيو، پئي خلق منجهہ خلل
٧. سچو سِرافراز ڪيو آئي، سو عشق اجهل

(سر سسئي-بروو)

ٿلهه: ڪنهن لڳ ڏونگر ڏوريان، محب آهي منهنجي من
١. "وفي انفسڪم افلا تبصرون"، ڪاڪيون ڪجو هي ڪَنِ
٢. اسين توسان، پري تون ڦولين، اولانيا هي اچن
٣. پاڻ سنيالج پانهنجو، پرين ائين چون
۴. اهڙي اوڏائيءَ ۾، ورهي مينهن وجن
۵. سچو سيئي پري پيا، جدا جاتو جن

(سر توڏي)

ٿلهه: ڪنهن کي ڳالهہ سٹايان، ميهر سندي موج جي
١. سڪ ساوڻ ڪيو ساهہ کي، چولي تا نہ چپايان
٢. دعا ڪريجو جيڏيون، سندن نينهن نيايان
٣. سارنگ آيم سر تي، سو تي ورهہ وسايان
۴. ڳالهہ پرين جي ڳجهہ جي، ٻين کي ڪيئن ٻڌايان
۵. وهي سير سرير ۾ لهريون تا نہ لڪايان
٦. سچو ساهڙ ساهہ کي، اوڏو ئي تي پايان

(سر تلنگ)

ٿلهہ: ڪنهن کي مان چونديس حال ڙي جيڏيون، پيچ پنهل مون سان پايون هليو ويو
١. دريءَ منجهارُون دوست ڏٺوسي، لالن لِيئڙو پايون هليو ويو
٢. سينگا، ٻڙچيون، ڪان هٿن ۾، سيني اندر سَٽڪايون هليو ويو
٣. باه بره جي ٻاري ٻاروچل، دونهان درد دکايون هليو ويو
۴. آءٌ جا چاٺان ذات جٺن جي، ڪرهلُ ڪيچ قطاريون هليو ويو
۵. ڪانهي ڪاڻ ڪنڻ جي سچل کي، آتڻ دوست اُجاريون هليو ويو

(سر تلنگ)

تلهه: ڪِيڙو مست پرين، جي ڪٽي ناز مونکي
وسريو روزو ناهي، ياد نماز مبونکي
١. شوق شراب پيان، پڙ وٽ راتو ڏينهان
ڪونهي وري قاضي ملان، جو ڪو لحاظ مونکي
٢. نيٽين ننڊڙي حرام، آهي وٽ روز ازل
سُرندو سوز سڄڻ، جو آهي ساز مونکي
٣. وائي وات ڪهائي، مُئيءَ ڪي جيڪا پرينِ
اڄي وري هُو هُو پرينِ، جو تو آواز مونکي
٤. سچل مقصد سارو، تونهين وٽ تونهين الله
ڏس ڪو راز پنهنجي، جوْ ڪو نياز مونکي

(سر سسئي)

تلهه: ڪي ايندا هيڏي ايندا، آلو وهينئان ٻاروچا
١. ساٿي مونکي سچ چئو، دوست دلاسو ڪو ڏيندا
٢. هوندا ڪي مون وٽ هوت هميشه، وري ڪي پوٺتي ويندا
٣. هيڪند شهر ڀنڀور ۾، ساڻ ٽڪيءَ اچي تيندا
٤. ٻاروچا سي ٻاجهه پئي، آءُ چگي ڪي چيندا
٥. سُور سچوءَ جا سرتيون، نال پنهنجي ڪي نيندا

(سر بروو-جوڳ)

تلهه: ڪيئن چوين تو ڪيئن چوين تو، لوڪ ناهي ٻيو ڪيئن چوين تو
١. لوڪ سيوئي اُهو آهي، ڪيئن ٻيائيءَ منجهه پوين تو
٢. آڇاڻ بنائي پاڻ بهاريئي، غمزي اِنهيءَ ۾ ڇو نہ گنوين تو
٣. ساڻ سچي تا سچو گذارين، راند روئڻ جي ڪيهي روين تو

(سر توڏي)

تلهه: ڪيئن ڙي اديون آتڻ اچان، مونکي ٻُور پريَنِ جو پيو
١. هَئي هَئي سُورن جي سيف سان، ماري ويچاريءَ ڪي ويو
٢. مونکي نہ ٻي مصلحت ڏيو، هَئي نينهن تا هن ڪي نيو
٣. سوئي ٻاڙيندو پانهنجو، جو قول ڪوهياري ڪيو
٤. الحَمدُلله تي حِوان، هي سگ سچو ساٿنِ تيو

(سر ڪلياڻ)

ٿلهہ: ڪُوڙي ڪَيئي ڳالهہ پنهنجي، ڪالهہ ڪانگل جا چيَئي مونکي
١. جيڪس ڪينَ ڏرِ وِئين تون، واٽ ڏسي موٽئين اَهنجي
٢. عجيبن جي آڏو وري تو، ڪچي ڪئي سا منهنجي
٣. وري برابر ونئون اوڏاهين، سائين ڪندو شال سهنجي
۴. تنهن ڪي سوئي توڙ رسائڻ، ونئي جو دامن ڪنهنجي
۵. اصل لاڪُون سچل سپائي، طاعت مبجي آهي تنهنجي

(سر پيروي)

ٿلهہ: ڪو ڪئين چوي ڪو ڪيئن چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
١. ڪو مومن چوي ڪو ڪافرُ چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو ساحرُ چوي ڪو شاعر چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
٢. ڪو پنڊتُ چوي ڪو سنت چوي، ڪو باغ بهار بسنت چوي
ڪو ميراثي ڪَلوَنَتُ چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
٣. ڪو مُلان چوي ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي ڪو غازي چوي
ڪو روزيدارُ نمازي چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
۴. ڪو رَدِ چوي ڪو بَدِ چوي، ڪو بيديني بيحد چوي
ڪو مُشرڪ پِي مُلحِدُ چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
۵. ڪو صورت پر انسان چوي، ڪو شرُ پريو شيطان چوي
ڪو بزرگ ڪو مستان چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
٦. ڪو سُستُ ڪوئي سرمست چوي، ڪو راه تي دين درست چوي
ڪو عاشق روز الست چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
٧. ڪو زير زبرَ زِنديق چوي، ڪو رهنماءُ رفيق چوي
ڪو غرقيءَ منجهہ عميق چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
٨. ڪو رنگ ڪوئي بي رنگ چوي، ڪو مستو مست ملنگ چوي
ڪو ننگي ڪو بي ننگ چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
٩. ڪو حالي چوي ڪو قالي چوي، ڪو خاص الخاص خيالي چوي
ڪو ازلي مست موالي چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
١٠. ڪو شڪ چوي ناحق چوي، ڪو بات اها برحق چوي
مونکي مرشد عبدالحق چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان
١١. ڪو خاص چوي ڪو عام چوي، ڪو پختو چوي ڪو خام چوي
ڪو سچو سچو نام چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان

(سر پيروي-سسئي)

تلهه: ڪير آهيان الا جي آءٌ، نه ڄاڻان سڄاڻان آءٌ
١. بعضي ڄاڻان پاڻ کي، آءٌ آهيان گنهگار
٢. مان سمجهي ڏسان سرتيون، آءٌ سپوئي سردار
٣. اِهو اڻو سرتيون، دهشت جو درياءُ
٤. ڪيئي موتيا پوئتي، سچو يار هزارين هتاءُ

(سر پيروي-بروو)

تلهه: ڪيرُ هُيڙس ڪير تي، آيس نرالي نامَ ۾
ڪيئن ڦاسايم پاڻ کي، نئين درد جي هن دام ۾
١. ڪو نڪو ڄاڻي اهو، جيڪو پيو هن جام ۾
آهي عجائب هي وڏو، پيو خاص ديرو عام ۾
٢. جي الف ڪئون آيا هلي، لائق نه پياسي لام ۾
"لا" ڪئون لنگهي آيا هلي، مستيءَ سندي تہ مقام ۾
٣. اصل ڪئون عارف اِهو، آندو جڏهن انجام ۾
ظاهر ظهورئون ٿيو تڏهن، ڇا ڪفر ڇا اسلام ۾
٤. بت وٺي پنهنجو پيو، زاهد خصالت خام ۾
عشق اناالحق چيو، منصور ماريو مام ۾
٥. جن عشق آرانيو ڏنو، سي مرد پيا ماتام ۾
هوندا سي هڏهين ڪينَ ڪِي، عاشق اهي آرام ۾
٦. ڏڙ سِرُ جدا تن آيا، جي عشق جي احرام ۾
طالب ٿيا تڪرار ڪئون، سوريءَ سندي سرانجام ۾
٧. هُيڙس آءٌ جو آيس هاڻ، کهڙيءَ طرح عام ۾
ٻي سلاميءَ تئون اٿي، سچو آيو تہ سلام ۾

(سر جهنگلو)

تلهه: ڪيهي جدائي تو پائين، اسين ٻري تو ڪئون ناهيون
١. هيڏي هوڏي ڇو تو نهارين، پاڻ منجهيئي منهن پائين
٢. آهيون سدائين طالب تو سان، ڪنهن لئي وره وسائين
٣. بيو نہ ڄاڃ ٻرين پاڻ کي، آهيان اهوئي آئين
٤. تون تا آءٌ ئي آءٌ تا تون ئي، لنو ٻئي ڪنهن سان لائين
٥. ٻولي ٻبائيءَ جي ساري وسارج، آهہ سچو سڀ سائين

(سر بروو)

تلهه: ڪيچ منهنجڙو ڪم ني، آهي پلو پينر ڙي
١. ويا ڪيچيئڙا نڪري، گولي ڏيئي غم ني
٢. دعا ڪريجو جيڏيون، جاني ٿيان جم ني
٣. ڪنهين چن نہ چڏيان، دوستيءَ وارو دم ني
٤. قيامت تائين ڪينڪي، ٿيندي طلب تم ني
٥. پير نہ چڏيان پرينءَ جو، توڙي ٿئي چيهاڙيون چم ني
٦. جهڙ نہ پائنجو جيڏيون، اهو اکين جو آگم ني
٧. سِڪئون سچو پرين ڏي، راتو ڏينهان رم ني

(سر سسئي)

تلهہ: ڪيچين جي ڪِڏ ڪاهہ، متان وِهين ڪين وساري
١. ڏسندئين ڏونگر چوٽئين، بلوچاڻي باهہ
٢. ڦولج پاڻ فقير ٿي، وندر جي وٺراهہ
٣. متان وهين مات ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهہ
٤. ساري شهر پنيور جا، لاڳاپا لاهہ
٥. عرض وجي ڪر روبرو، پيا ساٿي ڪيم سنياهہ
٦. پانهي ٿج پروچ جي، ڪو تون سگ نہ ساهہ
٧. روح رهي هت هوت ريءَ، سچو ڪنهن نہ صلاح

(سر سسئي)

تلهہ: ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون منهنجو جيئڙو جهجي ٿو
١. پريان سندي پار ڏنهن، الله اوني آڻ
٢. چڏي شهر پنيور کي، هاڙهي ويندي هاڻ
٣. روئڻ ڪئون جهلن سيئي، روئن اکڙيون اَڪاڻ
٤. جيءُ وڌائون جاڙ ير، پاروچاڻي پاڻ
٥. سگهو ايندو سپرين، پينر منهنجي پاڻ
٦. سچو آءٌ تا آهيان، پريان جي بي پرياڻ

(سر بسنت۔ ڪلياڻ)

تلهہ: ڪيڏي ڳوليو ٿيون ڙي اِئين سرتيون، آهي ڪوچہ بہ ڪوچہ يار
١. ظاهر آهي ذات تهين جي، هتِ شهر بازار
٢. ”وَنحنُ اَقرَبُ“ چاٽو سيئي، دُور نہ آهي دلدار
٣. اَحدُ اَحمدُ هيڪڙو، نامي لک هزار
٤. مرشد هيئن فرمايو، آڻ اُت اعتبار
٥. ڳهليون انهيءَ ڳالهہ جو، خوني آهہ خمار
٦. آهي سيوئي دوست جو، سچو هي سينگار

(سر ڪلياڻ)

ٿلهہ: ڪيئي ڏک جا ڏينهڙا لنگهايم ٿي، سُڻُ تون منهنجا سائين
١. ڳالهيون ڪندي مون ڪيئي سِرَ ٽي، ڏک جا مينهڙا وسايم ٿي
٢. پرين اوهان جي پيارَ جا، ٿي ڏهاڙي پنڌڙا پنڇَايم ٿي
٣. سڪ اوهان جي سپرين ميان، سارا ٿي سُورَ سلايم ٿي
٤. سچل سيئي آئينا، جن لئي فالان روز وجهايم ٿي

(سر بروو-پيروي)

ٿلهہ: ڪيچون آيم ڪالَ، سي تا ستو سنيها
١. ڳالهيون ڪندي گذريئي، سُوريتي توکي سال
٢. اُڪنڊ اسان ڏي ڪانہ تو، ڏينهن اِتي جاليئي جال
٣. ڪنهن جي ڪارڻ ٿي ڪيا، لَڪَ روئي تو لال
٤. ڪرين نہ قطري جيتري، ساعت هن سنڀال
٥. ٻڌي ڏوراپا مون ٿيو، جيئڻ منجهہ جُنجال
٦. جن لئي ڏونگر ڏوريان، تن پڇي هڙا حال
٧. سي سڀ تنهنجا اگهيا، جي ڪيئي ڪالهہ ڪشال
٨. ٻڌندو ٻاروچو وري، سچل جا پڇي سوال

(سر جهنگلو-بروو)

ٿلهہ: ڪيهي ڪريان مهماني، يار اڱڻ منهنجي آيو
١. دوسِت گڏيو دلجاءِ ٿي، هينئڙي لٿي حيراني
٢. هِنَ وَڙَ لائق هوس نہ آءٌ، محب ڪئي مهرباني
٣. مشڪل جا هئي ڳالهہ اسانکي، اها ڪيئو آساني
٤. فضل ڪرم سان پاڻ بخشيائون، سچوءَ کي سلطاني

ڪ

(سر بروو-آسا)

ٿلهہ: ڪنيون نيڻ نهار ڙي ميان، پلو منهنجا يار ڙي وو
١. مُون مَنُ گڏي گوندرين، ٿئين تون ڪيچ قرار
٢. ڏکيا سکيا ڏينهڙا، گڏ غريب گذار
٣. دلبر پنهنجي دل ڪئون، ويچاري نہ وسار
٤. منهن نہ مون ٻئي پار ڏي، پنهنجي ڪڍ قطار
٥. سچو آهين اسان جو، هنجون هڏ نہ هار

(سر بروو-پيروي)

تلهه: ڪيهي چال چلي تو، اڙي جيڏيون يار منهنجو
۱. "وَ نَفَختُ مِن رُوحي"، ساري ڳالهه سلي تو
۲. "اَنا عَبدُ وَ رسُوله"، مُلَنِ گهر ملي تو
۳. ڪاٿي هين تعظيمان ڏئي، ڪاٿي هين ڪل ڪلي تو
۴. ڪاٿي ئين سُڪيو سپرين، ڪاٿي ئين جوشَنِ منجهه جلي تو
۵. سچو سڪنهن صورتين، هڙي طرح هلي تو

(سر ڪلياڻ)

تلهه: ڪيئن وساري تو ويهون ويهون، آهن ڪيهون اسان جون ڳالهيون
۱. ساه سَنيون تا ياد ڪيون سي، آهن عجائب جيهون وي جيهون
۲. ڪهڙي ڳالهين عاشق اسان ڪي، ڏک ڏوراپا تو ڏيهون وي ڏيهون
۳. ايهي عتاب تون رکين ٿو ڪيها، پکي اسانجڙي پيهون وي پيهون
۴. هِنَ پڇاڻون متان اسان تي، ڳالهيون رکين تون ايهون وي ايهون
۵. سچل اسان جو تون اسين سو تنهنجا، ڳالهيون ڪرين ڀيون ڪيهون وي ڪيهون

(سر بروو)

تلهه: ڪيچي ڏنم اڄ اِتي، اوهين تا چا ٿا پانيو
۱. سال لنگهي ويا ڪيترا، ڪاڪيون ري تا ڪَتي
۲. اڄ تا ويندس ڪاڏي ڪينَ ڪِي، هوت سو منهنجو هِتي
۳. منزل محبن جي جتي هوندي ميان، هونديون سرهايون تتي
۴. موڳائي جي مونجهه ۾ سائين، الله ڪانڌ ڏسي ڪپ ۾ ڪتي
۵. سودو سيڻن سان حاصل ٿيندو، ميان سچل تا سر ڏتي

(سر سسئي)

تلهه: ڪيچي ويڙم ڪالَ، آءٌ ٿي وِرهه وَسايان
۱. مانَ نماڻيءَ هِنَ جي، سگهي لهين سنيال
۲. پينر آهي پنيور ۾، جيڻ منجهه جنجال
۳. جَنِ لئي ڏونگر ڏوريان، سيئي ڏسان شال
۴. آءٌ پيادي نه پڄان، ڏاڍا ڪاف ڪشال
۵. مون جياريو جيڏيون، سندن خواب خيال
۶. ساڻ سچل ڪَنِ سپرين، پلائيءَ جا پالَ

گ

(سر توڏي-پرج-پيروي)

ٿلهه: ڳالهه پنهنجي حال جي، تو رِيءَ وجي ڪنهن کي چوان
١. جوش تنهنجا جان ۾، نِتُ نِتُ آهن مونکي نوان
٢. ڪِيئن جي پچان پوءِ ٿي خبر، پانڌي اول پيرين پوان
٣. پاڻئون آيا هِن پُور هي، ڪِي هِن مُڪا مونڏي اوهان
٤. سچو مَتيان آءٌ ڪين ڪي، هِي سُورَ سکن سان سوان

(سر برَوو)

ٿلهه: ڳالهه ڪريان آءٌ ڪيهي، حال پنهنجي جي ڙي جيڏيون
١. ڪالهه ڪالهوٽي سپرين، ويا وَٺئون مون ويهي
٢. ڪري پريشان ويا، دردمنديءَ جي ديهِي
٣. آءٌ اُنهن جي آهيان، جيهي جي تيهي
٤. مارڻ پوءِ جيارڻ، رسم اُنهن جي ايهي
٥. سچو سوز فراق جا، بار ڪٽن ڪي نيهي

(سر برَوو)

ٿلهه: ڳالهه ڪريان ہي ڪيهي، تنهنجي مزڳن ماري آهيان
١. پرين وڙئون پنهنجي، آءٌ پڪي هِن پيهي
٢. پاڙي ساڻ پرين جي، وِرهُ وهاير ويهي
٣. پلئو لڳي وو پرين جي، جيهي سا آهِي تيهي
٤. ڳالهه ڏسيائون وو جا، سا تا ناهي سچل سِلڻ جيهي

(سر برَوو)

ٿلهه: ڳالهه سهي ڪيم ساري، يار جي وو پلو جيڏيون هوءِ هوءِ
١. جي مون وِسهو جيڏيون، آءٌ اُهو آهيان آري
٢. پوءِ پروڙڻ پانهنجي، لاٿي خلق خواري
٣. پاڻ ڪري ٿبو پاڻ ڪي، يار زورآور زاري
٤. سچو ري سر پانهنجي، برهه ڪيائون باري

گ

(سرمستي)

ٿلهه: ڳولن جي آءُ ڳولي، خانَ ٻاروچا تنهنجي
١. آءُ نه ڪنديس ڪڏهين، ٻانهپ ريءَ ٻولي
٢. سُڌ اچي لهه سگهڙي، آهيان عيبن اولي
٣. هِنَ ڏوهارڻِ جيهي ڪا، لهندين ڳوڙن مئون ڪا ڳولي
٤. نَانوَ سائينءَ جي يار سڄڻ ري، ڪر سچوءَ سان سولي

(سرمستي)

ٿلهه: ڳولن جي آءُ ڳولي، ٻاروچاڻي ذات جي
١. سمجهي سگهان ڪين ڪي، ٻاروچي جي ٻولي
٢. عبث آءُ ٻيي ناهيان، ڳالهه ڪَيَس ڪنهن ڳولي
٣. ڪري ڪوهيارل ويو، هينئڙي اندر هولي
٤. روئي انهن واسطي، چِڪ ڪينر هيءَ چولي
٥. ڏسان اکڙين سين، ٻاروچاڻي ٽولي
٦. سچو صدقي تن تئون، جند جنهين هت ڳهولي

(سرمستي)

ٿلهه: ڳوليءَ جي گفتار، ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾ ڪا
١. ڪُتا ڪانَ قريب جا، هينئڙي منجهه هزار
٢. آءُ پيادي نا پچان، سارو ساٿ سوار
٣. انهن ڪارڻ آئيو، روئڻ زاروزار
٤. لڏم پير پنهونءَ جو، منجهون گرد غبار
٥. اچي شال پنيور ۾، ٻاروچو ٻيهار
٦. پائون ٻانهي پانهنجي، دوست نه ڪجو ڌار
٧. ڪَنِ سچوءَ ڏي سچ جي، منجهئون نينهن نهار

(سرمستي)

ٿلهه: ڳولي مانَ سڏين، انهن جي ني آهيان جيڏيون ري
١. پڪا پڪن سامهون، اوري مانَ اَڏين
٢. آريِچا عاجز ڪي، چيڙ تا نه ڇڏين
٣. ٻاروچا تا ٻاجهه پئي، ڳولي ساڻ ڳڏين
٤. هُئنِ هميشه مون پرين، لحظي تا نه لڏين
٥. اصل لاڪون آهيان، هيئن آءُ هڏين
٦. اڻ ملهه ٻانهو آهيئي، سچو پاڻ سندين

(سر سسئي)

ٽلهہ: ڳالهہ ساري ڏيهہ نہ ڏي ڙي، پانهنجي دل سمجهہ سنڀالين وو

١. ڳالهہ پڇين جي پرين جي، حرفَ حالئي جا هي ڙي

٢. اُجلِ نہ تِڪَرَ پتر جان، نينهن پاٽئي سان نئي ڙي

٣. هاريون انهيءَ حال جو، قرب سڄاڻن ڪيهي ڙي

٤. پاٺي آهن پڌرا، سچل سالڪ سيئي ڙي

گهہ

(سر بروو-ڌناسري)

ٽلهہ: گهٽا وچي ڏينهڙا لايا، يار پياري ميان

١. آءٌ ڙي پانڌي ڪَلَ ڪائي ڏي، هُنِن اچڻ جا سعيا

٢. انهن ڪارڻ راتو ڏينهان، مون تي وِرهَ وسايا

٣. ڏينهن انهيءَ ڏي ڏسان ڏيهاڙيون، هُن تي ڪانگ اڏايا

٤. يار مسافر موليٰ مهر سان، ساڻ غريب گڏايا

٥. ٺورا تنِ جا سچو سنيارين، جي اِجهي چوَنِ اچ آيا

(سر سسئي)

ٽلهہ: گهوري جانيءَ ري جدائي، گڏ گهاريون هوءِ هوءِ

١. معلوم توکي مون پرين، سائين سا ڳالهہ سيائي

٢. شال ڪَنَنِ سان نہ سٺان آءٌ، تنهنجي وڃڻ جي وائي

٣. توسان چنڊ ڪاڻ تا يار، نہ مون لڙهہ لائي

٤. ٻن وچوڙي جي شاهي دلبر، وَرَ سان گڏ گدائي

٥. ساڻ سچو هو ميان سپرين، سائين تون گڏ سدائي

(سر بروو-ڪسوري)

ٽلهہ: گهوري گهوري وي جندڙي، سڄڻ تو تان گهوري

١. راتو ڏينهان آهي اوهانجي، سائين جهوري جهوري

٢. ڳچيءَ وِڌيوَ عجب جيهي، سهٽا ڏوري ڏوري

٣. تند نہ ڇاٽان وو ڪنهين هيءَ، صاحب چوري چوري

٤. دل ڪسيائي وو لٿ نيتيائي، حاڪم زوري زوري

٥. اول آساني ڳالهہ ٻوءِ ڪِيَڙئي، سڀ ڪان ٻوري ٻوري

٦. سچو لايَو سڄ منجهارئون، لالن لوري لوري

(سر سسئي)

تلهہ: ڳالهيون ڳڻ تنهنجا يار سڄڻ، مونکي روز رئارن ٿا
١. سِر تي سوز فراق جا، باري چاڙهيئي بار سڄڻ، ايڏانهن نيڻ نهارن ٿا
٢. منهنجو اندر اڏ ڪيو، جانب تنهنجي جارَ سڄڻ، مونکي ماٿا تنهنجا مارن ٿا
٣. پرين پاڙج پانهنجا، جي ڪيَڙئي قول قرار سڄڻ، منهنجو جيءَ جيارن ٿا
٤. ماٿهو شهر ڀنڀور جا، مهٽا لک هزار سڄڻ، مونکي ڏيهہ ڪئون ڏيارن ٿا
٥. قاصد چوَنِ ڪيچ جا، تو هُتِ سار سنڀار سڄڻ، توکي سچو پاڻ سنڀارن ٿا

(سر جوڳ-بروو)

ٿلهہ: ڳالهيون ڳارن ٿيون، دل کي دوستن جون مَنَ کي محبن جون
١. ياد اچن جي ڳالهيون، اهي کُوکان کارن ٿيون
٢. هو جي کيائون ڳجهہ ۾، اهي مامان مارن ٿيون
٣. ڳٽن واريون ڳالهڙيُون، اهي ٻارڻ ٻارن ٿيون
٤. پسڻ ڪارڻ اکڙيون صاحب سارن ٿيون
٥. پاٿيءَ گاڏئون رت جان، هنجون هارن ٿيون
٦. اکيون ڏسن غير جو، واحدئون وارن ٿيون
٧. سچل اهي ڳالهڙيون، نِتَ مونکي مارن ٿيون

(سر بروو)

ٿلهہ: ڳلي ڳلي مون تي ڳولي ڳولي، يار سڄڻ تنهنجي ڪارڻ
١. چڙي لاڳاپا لوڪ جا، اسان تا پانهپ ٻولي
٢. ٿيس ديواني دوست اوهان لئي، ڪري چيهاڙيون چولي
٣. اچي اچانڪ اندر اسان جي، حُبَ مچائي هولي
٤. اصل لاڪُون آهي اوهانجي، سچو هيءَ غريب سا گولي

(سر بروو)

ٿلهہ: ڳوٺ ساري جون ڳليون ڳليون، نِتَ ڏسڻ مونکي آئيون
١. رت روئڻ ڪئون اِهي اکڙيون، ڪين سي جهليُون جهليُون
٢. ڪيچيئڙن جون وري قطارون، هيڏي ٻڌيون سين هليون هليون
٣. سي نہ وسرن ڳالهيون اهي، يار سڄڻ جي تو سَليون سليون
٤. چاڙهَيَئي اسان تي درد فراق جون، چوهہ ڏاڍي مٺون چليون چليون
٥. روز ازل ڪئون ڪيَوَ سچوءَ سان، يار ٻلا ڪيئي ٻَليون ٻليون

(سر ڪلياڻ-تلنگ)

ٿلهه: گهٽا ڏينهن اِتي لايو، پلا سانول سي تا چاهون چاهون
١. فوجان فراق جون ڀڃيو اسان تي، ايها سا مصلحت آيو
٢. دل اسان جي دلبر سائين، ديدن ساڻ دڀايو
٣. گوشي گڏجي دوست اسان ڪئون، سارا سي سُر سلايو
٤. طرف اسان جيڪي تا قاصد، ڏسي نه حالُ هلايو
٥. ڳالهه ڳجهي سا يار سچل کي، پاڻ اچي پُرجهايو

ل

(سر سسئي-پيروي)

ٿلهه: لَتي هلاڪي هاٿي، دوست وَسي منهنجي ويڙهي
ڪوئي ڪيو پانهنجو، پرينءَ پاٿئون چاٿي
٢. ناحق اوتيمر هوت رِيءَ، پنبٽين مئون پاٿي
٣. سيئي آيا هَيس جنين لئي، جيڏيون ڙي جوڳياٿي
٤. وني وهاريئون ويجهڙو، سچو سو سڪ سڄاٿي

(سر مارئي-جوڳ)

ٿلهه: لِجايان نه لوئي، وو عمر آنديمر جا اوڏاهون
١. جي تا ملڪ ملير ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي
٢. سارو سنگهارن ڏي، حال منجان روئي
٣. وجهان پرنديءَ باهه پر، شالون پٽ سيوئي
٤. ڪتي ڪنيمر ڪِئين جي، اڏوپند جا هوئي
٥. آنديمر ڪٽي ڪوهه تئون، آب پري اوئي
٦. پيئڻ ڪاڻ پنهوار جي، ڪلئي مون تا ڍوئي
٧. اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪيڙي توئي
٨. مون سان مدد ني ڪندو، سچو صاحب سوئي

(سر جهنگلو-بروو)

ٿلهه: لک ڪريان شڪرانا، راضي ٿيو يار مون تي
١. سُور ٿيا ڙي وو سرتيون، وئي سي راهه روانا
٢. ڏينهن گهٽائي هئاسين سرتيون، دوست ڀاجهون ديوانا
٣. راضي ٿين جا وو آيا اسان ڏي، پرين جا پروانا
٤. اچي لڳا وو سر اسان جي، خوشيءَ جا شادمانا
٥. ڪيا سچو ڏي دوست اچڻ جا، هاريون ڙي هاوانا

(سُرراڻو)

ٿلهہ: گهوڙيا ڇڏ عيش عالم جا، بنا ديدار دوستن جي
گهوڙيا ڇڏ باغ بهشتن جا، بنا ديدار دوستن جي
١. پسي صُورت سپرين جي، ملڪ حُوران ڪَرن حيرت
توري سج چنڊ جي طلوعت نهارڻ سُونهن ساجن جي
٢. عجب لنوَ جا پُرين لائي، سُتي ويٺي وَٺي سائي
اچي خوش ڪانہ ٻي وائي، سِڪم سڪ ساھ ساجن جي
٣. محل ماڙيون دنيا دولت، حُوران حُجرا زيور زينت
ايندءِ ڪم ڪين ۾ قيامت، بنا صحبت سپرين جي
۴. صاحبڏنہ دوا داراون، منجهون محبن سندو سُورن
ڏٺي ڏڪ ڏوَر وَهم وڃن، نهارڻ ڏي نماڻن جي

(سر جوڳ-مارئي)

ٿلهہ: گهوري هِيءَ جدائي، اڙي ميان پنهوارن ٻاجهُون پور پيا
١. صبح ويلي ميان سومَرا، الا خبر اِها مُون آئي
٢. لنگهي ملڪ مليرجو، وِيڙئي ويڙہ سِپائي
٣. لنعلن پنهنجي لوءِ ڏي، وائي پوءِ ورائي
۴. پانور ڪنڌئين ڪِينَ ڪي، وهندا ساعت ڪائي
۵. ڪَنين ٻڌان ڪينَ ڪي، وري اِها شال نہ وائي
٦. ڏوٿي پنهنجي ڏيهہ ۾، ڪندا ڪٿين نہ نوائي
٧. عمر اباڻا مون هَتِ هين، سرها هُئن سدائي
٨. موٽي نہ وڃن اوڏهين، جَنِ جي سڪ سمائي
٩. هوءِ هوءِ هن جي حال تي، پاڳيا ڪَنِ پلائي
١٠. سچل سندن سات ۾، ڪري مَرُ تا گدائي

(سر پيروي)

ٿلهہ: ڳهوريو هي پنيور، مون سڱ ٻاروچن سان
١. مَرڪَ تان معذور ڪي، سندو هوتن هور
٢. راتيان رُئان وڏڦڙا، ڏينهن سا روئي ڏور
٣. آهي آرياڻيءَ جو، ديوانيءَ ڪي دوُر
۴. سچل ڳالهہ انهيءَ جي، شوق مچايو شور

(سر سسئي)

ٿلهـــــــ: لڳيءَ دل جو داروُن، ناهہ ڪو ڍولڻ پيـــــارا

١. عشق جون واٽان ٻرن لاٽان، تنهن مان نڪرن درد جون چاٽان
پوءِ ٿيون پُوَنِ هي پچارا

٢. عاشق تـا ڪن درد جون دانهـان، عشق منجهـارئون اهي آهان
روئن اُهي زاروزارا

٣. آءُ تـا ٻانـهي تـون تـا ســــــائين، پاند ٻڇيءَ وچ پلوُ پائين
اچڻ جا ڪر قول قرارا

٤. ڳالهيون مون سان تو جي ڪيون، مُور نہ مون کئون وسري ويون
دم دم تنهنجيون ياد يارا

٥. هيـڪـر مـونـکي جاني جيـاريو، ڳالهين تـنهنجن ڳجهن ڳاريو
وصل جا ڪر وري وارا

٦. ســـحُو تون تا ٿيءُ نہ مـــاندو، پرين تـنهنجـــو الله آندو
سڄڻ سان ڪر الغارا

(سر ڪلياڻ)

ٿلهـــــــ: لَنوَ اچي پاڻ لايَوَ، نا تہ مـــــونکي ڪَلَ نہ هوئي

١. اصـل لاڪـون عــــشق لائڻ جي، ڳالهــــــ اِها خوش آيَوَ

٢. درد فـــراق جـــي ڏِنــوَ امــانت، اِهـا ســانـول سـيـبـايَوَ

٣. عــرش ڪرسي تـا ڪينَ قــبــولي، اها اســان ڏي هوت هلايَوَ

٤. ڳالهـــ پرجهڻ جهـــڙي نا هئي، پاڻ ســجڻ ســـمـجهـايَوَ

٥. ڏينهن اُنهيءَ جي يار سچوءَ ڪـئون، سچي سـا ڳالهہ سـلايَوَ

(سرڪلياڻ)

ٿلهـــ: لَنوَ وجـي ڪيـئن لايَوَ، پـريـن جـاتــوَ پـرديـسي

١. پِرَ پَرو وڏو ڪيـنَ ســهـيليـون، تيلهــان آڏو ڏک آيَوَ

٢. ڏينهن گــذريَوَ غم اِنهين جي ۾، ڳالهـــ جنهن جي ٿي ڳايَوَ

٣. دانهـون فـريادون ڪرين ڇو هاڻي، سڪ سچل سيـبـايَوَ

(سرجهنگلو)

ٿلهه: لک ڪريان توڙي زاري وو، دوست چوي تون کهڙو
١. هٿين پي پوان پيرين پئي پوان، پايان ڳچيءَ ۾ ڳاري
٢. آءُ آهيان يارَ اوهانجي، تنهنجي محبت ماري
٣. روز الست منهنجي آهي، يار اوهان سان ياري
٤. اسان يتيمن کي يار پيارا، ڏيج اچي ڏيکاري
٥. وره متي تي ويٺي وسايان، دوست ڏيو دلداري
٦. آءُ اوهان تئون سهڻا سائين، واري وڃان لک واري
٧. توڙي سڃاڻين توڙي نه ڄاڻين، دوست نه آهيان ڌاري
٨. ڳلِ اصل ڪئون آهي اوهان جي، ڳالهه سچل جي ساري

(سربروو)

ٿلهه: لنگهي ويون ڪالهه قطارون، ڪونجڙين جون ڪيچ وڃن ڏنهن
١. ڪنديون ويون ڪيچ ڏي، طرحين طرحين تنوارون
٢. ويچاريون وَلَڙَ ڪيو وَڙَڪَنِ، ڦٽي تيون سي قارُون
٣. وَلَرُ ڪونجڙين جو، ڪنهن اندوه آڌاريون
٤. اُنهن جي افسوس جون، پونديُون ويون پچارون
٥. اُنِ ڳانا پَٽَ جا، موتين مڙهيُون مهارُون
٦. سچو هليو سُوز ۾، لاهي لوڪ ميارُون

(سُرپرووي)

ٿلهه: لهندا سار سنيال، منهنجي منهنجا وو ميان
١. مون ڪون ڏورڻ نه ٿيا، آهن ڪاف ڪشال
٢. اوهان ٻاجهون سپرين، جيئڻ منجهه جنجال
٣. ڪريو فنا فراق کي، وجهان واجهه وصال
٤. ٻاجهون ٻاروچل جي، هڙا ٿيم حال
٥. راتو ڏينهان روح کي، مُنجهڻ لاءِ جمال
٦. سڪ ٿنهنجي سپرين، جيءَ سچوءَ جي جال

م

(سر ڪلياڻ)

ٿلهہ: ماري ويو ڪالھہ رات، سونهن پريو سو تا ساميئڙو
١. راتو ڏينهان روح ڪي، طلب تنهن جي تات
٢. ڪينَ سجاتم سرتيون، تا ڪهڙي آهي ذات
٣. سُور نہ جهلڻ جهڙو، هاريون ڙي هيهات
٤. ائي پهر تَنهنجي، وائي سچوءَ آهي وات

(سر سسئي)

ٿلهہ: ماريو هوت وڃن لا، ڪنهن در ڏيان دانهڙي
١. ڪاڪيون ڪڏهين ڪين ڪي، منهنجي مِنتَ مڃن لا
٢. پنيءَ پيس جن جي، سي پي سُور سڃن لا
٣. دعا ڪريجو جيڏيون، پيرو تا نہ پڃن لا
٤. اهو اٿم آسرو، ڏيندا آب اُڃن لا
٥. سچو سهمي ڪين ڪي، رُوح تہ ڪناڻ رُڃن لا

(سر مارئي)

ٿلهہ: مارُو تہ تيام وو ميان، ڏيان ڏوراپا آهي ڪَنِ ڪي
١. سي پاڙينديس پنهنجا، هُتِ جي قول ڪيام
٢. چڏي ملڪ مليرجو، پريڻ وَسَ ويام
٣. گهوريا پري ڏينهڙا، جي پهنوارئون پيام
٤. سنگهارن جي راچڻ جا ميان، سچل سنيهہَ سيام

(سر مارئي)

ٿلهہ: مارُون مونکي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي ميان
١. درد جنين جو دل ڪي، ڪرم سين اُڪارين
٢. آئي پهر اوڏهين، تا نيڻ نهارين
٣. هر دم طلب جون تن اندر، تارُون تنوارين
٤. سچل سارين جن ڪي، سي پي تو سارين

(سر ڪلياڻ)

ٿلهه: لَنوَ مون سان لايَوَ، ياز ويڙهي هنَ ويهي

١. دردمنديءَ جي دلڙي، دلبر گهوٽ اڪين سان گهايو،
ڳالهه ڪريان ڪيهي

٢. مشتاقن کي محب مارين ٿو، تَکَ اهائي آيو،
جيهي وٽيو ڪيو تيهي

٣. ڳالهه انهيءَ جي سُڌِ نه مونکي، پاڻ پرين پُرجهايو،
رمزِ ڳجهيءَ دل ريهي

٤. پارئون پنهنجي ڪيئي قاصد، هِن ڏي هوت هلايو،
ويهه ڳڏيا چڻ ڏيهي

٥. دل سچل جي دلبر سائين، دين ساڻ ڏتاريو،
نينهن اوهانجڙي نيهي

(سر توڏي)

ٿلهه: لڙُ وهي لوهاٽو، يار وي

١. سا ڪيئن ترسي تار ۾، جيءَ جنهين جهوراٽو

٢. ڪاهيو پوي ڪُنَ ۾، ڏِتَرسِ عشق اوراٽو

٣. ساهڙ پاجهون ساه کي، ڪيو ورهَ ويڳاٽو

٤. سانول سدا آهِ ساهَ مئون، اوهين سيئي اِئين چاٽو

٥. پچندو اچي پاٿهين، سچل يارُ سياٽو

(سر پيروي)

ٿلهه: لوڏا ڏيان ڪاکيُون ڪيڏا، ويٺو سو هوت هندوري الله

١. شاهه منجهارُون عبد سڏايس، پورا ڪيون پاڻ پوري پوري

٢. ڏک منجهارُون ڏولي جا آئي، ڏک ڪيون پاڻ ڏوري ڏوري

٣. اوهين پاڙيچيُون پري نه پانيو، آهي آرياڻي سو اوري اوري

٤. دل دنبوري يار سچوءَ جي، تار چڙيائون چوري چوري

(سر پيروي)

ٿلهه: ليکي "لا" جي ڪئون جي لنگهيا، ذاڳي وحدت جي ۾ سي ونگيا

١. اَچت انا الحق جي، پيئيءَ اُنهيءَ ٽنگيا

٢. ڳيڙا هر دوجهان تئون، اصل انهيءَ آهه چنگيا

٣. عاشق ڪذهن ڪينَ کي، سُولي ڏسي سنگيا

٤. نيزي اُتي نينهن جي، عاشق اصل انگيا

٥. سچو سورهُ سوَنِ مئون، کي ڀڳڻ وچي ڀنگيا

(سر بلاولي)

ٿلهه: مانَ پرين کي پوي، ڪَنِ فرياد اسان جي
١. عشق جيُون ماريون سٽو سيئي، اديون ڙي ناهيو آوي
٢. هن نمائيءَ جو يار سڄڻ کي، حال وڃي ڪو چوي
٣. هِيءَ تا هوتن ريءَ راتو ڏينهان، راند روئڻ جي روي
٤. درِ دوستن جي ڪيئي آهن، سچل جهڙا سوي

(سر سسئي)

ٿلهه: متان ڏوراپو ڪو ڏيو، ڙي ساٿيو مونکي
١. هيءَ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، ڪينَ هٿون مون ٿيو
٢. حرف اسان تي آهي اصل جو، وقت ويسرِ ۾ ويو
٣. پلئو پائي مديون، پيش پنهونءَ جي هي پيو
٤. سچل ڪوني پانهنجو، پاڻ قريبن ڪيو

(سر بروو)

ٿلهه: متان تون مونکي ڇڏين، سونهان سڄڻن جا
١. محبوبن سان ناتءَ ڏٽيءَ جي، نيئن غريب گڏين
٢. نتو جاٽان ڏينهن اُهوئي، ٿيندو الاجي ڪڏين
٣. جڏهن تون حاضر ٿئين حُضور ۾، ناءَ سچل ڪري سڏين

(سر مارئي)

ٿلهه: متان مُنڌ مارُنِ تَئُون، وهين آسرو لاهي
١. بندُ تنهنجي باب ۾، اصل ڪئون آهي
٢. سگَ اسان جو سومَرا، چِنڻ جيهو ناهي
٣. پرين نيندا پاڻ سان، سگر ڏي ساهي
٤. نيئرَ هي جي نينهن جا، ڪيرُ سگهي لاهي
٥. رڪج سچل منهن مليرِ ڏي، تاهه نه پيو تاهي

(سرَ جوڳ)

ٿلهه: محبت جي مَي ماريو ڙي مونکي، ڪاڪيون ڪنهن سان ورِهَ وراهيان
١. عقل علم سڀ چوڙ ڏتوسي، عشق ڏنو اولارو
٢. اڪيان ڪول نه ظاهر ڏيکين، سيرُ سڄڻ جو سارو
٣. پُرجهي پير ايڏاهين پايو، هوت اٿو هاڪارو
٤. محبت مون منصور وجهايو، ڳچيءَ جي وچ ڳارو
٥. سنيرُ سچيڏنا چوڙ سانباها، ورِهَ ڪيو جان وارو

(سر جوڳ)

ٿلهه: مارُو آهي سي مليام ميان، طلب جنين جي آءٌ تن کي
١. ڪَرمَ ڪيائون ڪيهڙا جو، ڏوٿي هٿ ڏنام
٢. هٿ تا حاصل ٿيا هن کي، مارُوئڙا ئي مدام
٣. پاڙيائون سي پانهنجا ميان، ڪيائون جي ڪي انجام
۴. طالع وارا ستن اڳيون هن، گولن جا ٻه غلام
۵. هٿ جنين کي هُٿ ٻه تن کي، اڄ پيا آرام
٦. ڪاڏهون سچل سالڪن کي، ٿئي طلب تمام

(سر سسئي)

ٿلهه: مانَ اڄن اهي ڪاٺون، مُئي ويا جي ماري
١. پريان رِيءَ سرتيون آهيان آءٌ اپائون، ويهان سي ڪيئن وساري
٢. پرين ڏسُ وو پاڻ ڏي ميان، آهيان ڏهارڻ آئون، نيندا سي نال قطاري
٣. اڄي اسان وٽ سپرين ميان، اديون ڙي شال اوڏاهُون، مانَ ڪو ڏينهن گذاري
۴. آيا قاصد ڪيچ جا ميان، ائين سو مون اُتائون، يار سڄڻ توکي ساري
۵. آڏيءَ رات اُٿي ڪري ميان، جَتَ ويا هيم جائُون، تائون سا نِتُ نهاري
٦. هاري توسان هُوء جي ميان، ڪي جي قول ڪيائون، پرين آهي سڀ پاري
٧. ويهين وسارين وو اتهين متان، هي چانگار چيائون، سچل تو دوست سنڀاري

(سر مارئي)

ٿلهه: مارنِ ڏي آءٌ وڃان وڃان، هادي الله اَلو يَلو
١. لاوان لهنديس ڪيت پنهنجي سان، سرتيون ٿينديون مُون ڇجان ڇجان
٢. ڪڏ بندياٺي بند مئون، قلف ڪڙا ٿي پيجان پيجان
٣. واٽ جنهين ڪئون سانگي ايندا، سائي واٽ مان وڃان وڃان
۴. سچل سائل آهي اوهانجو، سرُ سائين اڳيون سجان سجان

(سر ڪسوري-بروو)

ٿلهه: مانَ پرينَ پهچائي، هي نياپو ڪي نيئي
١. ڳچيءَ پائي ڪپڙو ٿي، پاڃاٺي پرچائي، حال ڏسي وڃ هيئي
٢. پرين ڏسج پاڻ ڏي، چتَ نہ وڃ مون تئون چائي، يار اسانڪئون پيئي
٣. الله ڪارڻ آءٌ تون سائين، ٻانهي ٿي ٻاڏائي، وڃ دلاسا ڏيئي
۴. اوهان ٻاجهون سپرين، ويٺي سو ورهُ وسائي، ڪانگ اڏائي ڪيئي
۵. دَرَ اوهان جي جو دلبر سائين، سچل تو سگ سڏائي، ٻڌي ٻانهون آيو پيئي

(سر ڪلياڻ)

ٿلهه: محبوب ڳولي ڏِسُ مَنَ ۾، مَنَ ۾ تون ڏسُ دل ۾ تون
١. واه ڪاريگر ساز بڻايئي، ”ڪُن فَيَڪُونَ“ جي ڪُن ۾
٢. بي فائدو بازار گهمين ٿو، گل ڦل باغ بدن ۾
٣. چوريءَ چوريءَ سير ڪرين ٿو، تنهنجو چاند چمن ۾
٤. سچل سائين صحيح ڪر ڄاتم، يار ڳڏيو ڪک پن ۾

(سر ڪلياڻ)

ٿلهه: محبوب مٺو آهي مَنَ ۾، معشوق مٺو آهي مَنَ ۾
١. ٻيائي سان ٿو ٻاهر ڳولين، اٿئي بَرَ بحرءِ بن ۾
٢. چهرا چوريءَ چليو ڏسين ڇو، اٿئي سو چاند چمن ۾
٣. زلف زنجير ڪئه‍ون زاهد ڦِٻا، آهي ظاهر پرست ظنِ ۾
٤. عاشق سوين احوال ۾، آکن اناالحق اَنَ ۾
٥. سَتَ زيور سينگار ڪري ني، دوست آيو درسن ۾
٦. ”ڪُلُ يومُ هُو فِي شاَنَ“، آيو وِرنُههُ هر ڪنهن وِنِ ۾
٧. چيديون تا چار اٿو، پرين پيارل پن ۾
٨. دلبر ديرو دائم دل تي، ڇو ديکين درپن ۾
٩. ڪري ٿو آهون ڪين سٺي ٿو، اٿئي قدسي ڪلام ڪن ۾
١٠. مرشد ڪامل سانولُ سپرين، آيو صاف صحن ۾
١١. فيض فاروقي فائق بخشيو، سچو فهمائي هِن فن ۾

(سر جهنگلو)

ٿلهه: مڙس ٿي منصور ڇئو، نہ تہ ڪير ڇئو منصور آءُ
١. منصُور جي منزل اُتي، ڏاڍا تماچا تهمتان
٢. سگهه نہ جي ساري سگهين، مُنهن رکين تنهن تي متان
٣. ڇو ڇوڪراٽيءَ ۾ پئي، رانديون روين راتو ڏينهان
٤. احوال سڀ اسرار جو، عشق ڪي آهي عَيان
٥. تڙِڪو ٽڳيءَ جي ٽاهه جو، ناحق ڪرين ٿو ناتوان
٦. هِن ڪي چيو هُنَ ڪي چوين، آهيانِ لاهوتي لا طمعان
٧. منصور جي تنهن ملڪ تي، آهن سدا نُڪتا نوان
٨. سُڻُ سچو تون سمجهہ رک، توکي چڱائي ٿو چوان

(سر سسئي-برِوو)

ٿلهه: مُڪا دلاسا ڏيئي، ري سڄڻ موڻڊي
١. دوستن دلداريون ڏنيون، حال ڏسي تا هيئي
٢. پسي عيب اسان جا، مهر پنهونءَ ڪي پيئي
٣. وريو ورق وصال جو، وائِي هجر جي ويئي
٤. ماريون ملاقات جا، وَس ڪيا هيم ڪيئي
٥. سچو سيئي آيا، جِيءَ گهريا هيم جيئي

(سر بروو)

تلهہ: محبت عشق موليٰ جي، گهڻا سي گهوٽ گهايا ها
هزارين ساهہ سانول تئون، ڪنين گهوري گهمايا ها
١. ڪنين سر ساهہ ساجن لئي، متي سوريءَ سنياهيا ها
وِرهہ جي واٽ تي ويرن، ڪلهن ڪئون ڪنڌ ڪپايا ها
٢. تيو تن مهڻو موٽڻ، تِڪي ڪنهن تاوَ تايا ها
متا ميخاني تي مستن، وَنيءَ جي وٽ وڃايا ها
٣. اِنهيءَ پِڙَ ۾ پهلوانن، جو جوشئون جِيءَ جلايا ها
ڪنبيان جي موج محبت جي، اهي هن عار آيا ها
٤. ڏسو جَي نينهن جي ناتي، ڪَنين جا سر گنوايا ها
سچو ڙي تي صدق تن تئون، جَنين هي رنگ رچايا ها

(سر بروو)

تلهہ: محبت مست مجنون ڪيا، ڪئين خاصا خماري لو
١. اصل ڪئون عاشقن آهي، متي سُوريءَ سواري لو
٢. هئي هَڏِ شال منصوري، جريدهہ وارا جاري لو
٣. هِتون منهن سا نہ موڙيندي، هوندي جا ورهہ واري لو
٤. سَٽو جو مير محبت جي، ڪئن ڪي ڪوٽ ڪاري لو
٥. جنين ڪي جوش جاڳايو، تنين کهڙي تياري لو
٦. چِڏي هي عيش عالم جا، هليا سي هڪواري لو
٧. پيا سي هُوءِ حيرت ۾، چڏيائون سڌ سار ساري لو
٨. برهہ جي باب ڏِسُ تن کي، سيا وائي وساري لو
٩. سدا تن آهي ساجن جي اچڻ جي انتظاري لو
١٠. سچيڏنا سمجهہ ڪِي اِتهين، متان تئين هُتِ مياري لو

(سر ڌناسري-توڏي)

تلهہ: محبن مُڪا مون ڏي وري، اڄ ڏوٽ ڏوراپا ڏيئي
١. سٽي سنيها يار جا، هولي هڏيم ٻانهون ٻئي
٢. دل ديري ڏي دوست جي، وهندو اُنهيءَ ويلي وئي
٣. مونکي وساريو ڪيئن اٿئي، مون پرت توئي سان پيئي
٤. تنهنجي اسان جي وچون، ڏسُ ڏينهن ويا گذري ڪيئي
٥. لتو دئور دل کون پائين، آهي حيف تا توکي هيئي
٦. مون ڪيون تو ساڻ جي، سانيج سچل ڳالهيون سيئي

(سر پيروي-ڪئونسيو)

تلهہ: منصور سُوريءَ تي چڙهيو، هر ڪنهن چيو تي واهہ واهہ
عاشق اُتيئي سر ڏنو، اَناالحَق ٿنيو سڀ ساهہ ساهہ
١. عشق اچي نعرو هنيو، ٿيس سپائي باهہ باهہ
نظر مونکي هادي آيو، ٿيو سوئي الاالله
٢. عاشقن سرڪي جا پيتي، ٿي سپائي هُو هواءِ
منصور شمس تبريز پارن، هٿ ڪيائون جاهہ جاهہ
٣. ويا سمنڊ ڏيئي ٽپي، سارو لذائون سدسماءِ
الف سان جي گرهُٺا، ٿيا ڪُل شي هر جاءِ جاءِ
۴. سچو ڏسڻ سان سرخ ٿيو، ءِ تخت تي هو شاهہ شاهہ
رُچي اُتاهون لعل ٿيو، سارو اِهو هو خود خداءِ

(سر ڪلياڻ)

تلهہ: مَنُ موهي منهنجا جاني، گهٽا لايَئي ڏينهڙا
١. صورت تنهنجي سپرين، مورت ڪئي مستاني
٢. پرين اوهان جي پار جو، گوندر ٿيو گذراني
٣. روز ازل ڪئون ڏنو اسان کي، نينهن پنهنجو نيشاني
۴. اگڻ اسان جي آءُ پيارا، محب ڪريان مهماني
۵. پيريءَ جا سچو ڏينهن وسارج، ٿيئي جمال جواني

(سر ڪلياڻ)

تلهہ: منهنجا واقف يار، سدائين تون جيئندين
١. راتو ڏينهان روح منهنجي کي، تنهنجي سار سنڀار
٢. تحفو هن کي آهہ اِهوئي، تنهنجي پيرن جي پيزار
٣. اچڻ اوهانجي لئي ويٺا وَجهايون، فقيرن ڪئون قار
۴. ڳالهيون سنديوَ ساريو سچوءَ کي، اچي ٿي اُڃنگار

(سر بروو)

تلهہ: منهنجي اِکهين لڳي ناتا هاڻي لڳي، دل اَلو اَلو تنهن يار سان
١. روز ازل ڪئون اکيون لايون سين، دوست مٺي دلدار سان
٢. ڪيئي داناءَ ديوانا ڪيائين، چشمن جي چمڪار سان
٣. دوستن جي در اچي پيس، اصل سچي اعتبار سان
۴. پرين اسان وٽ پيهي آيو، صورت جي سينگار سان
۵. جيڪي ٿئي ٿو جوش وارن سان، سو نہ ٿئي هٿيار سان
٦. ناز نياز جي نينهن وارن کي، تِڪ ڪيو تلوار سان
٧. سِرُ سچوءَ ڪيو صدقي سائين، عقل ڇڏي اختيار سان

(پيروي-جوڳ)

ٿلهه: مُکا سين قاصد ڪال، اجهي ڄاڻج آيا آيا
١. آهي تياري ايڏنهن اسانجي، آهيون سو منجهه خيال
٢. اُڪنڊ تنهنجي اصل اسانجي، آهي سا جِيءَ ۾ جال
٣. عاشق توتي ڪرم ڪيوسين، سٽي سنڌ احوال
۴. پنهنجي لطف سان هاڻ لاتاسين، تو تئون ڪُل ڪشال
۵. اچي لهون تا اِجها تنهنجڙي، سچو رڳ رات سنيال

(سر پيروي)

ٿلهه: مُلان تہ ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهن تا خاصا الله
١. هلي اچن تا ڪُنَنِ تي، هٽ ۾ ڪيون عاصا
٢. جُڙي ويهن تا مانين تي، ڪُکيون پرن تا پاسا
٣. مُلان چون تا ڪينَ ڪائون تا، ڪائي وجن تا ڪاسا
۴. سچو سچ چوي تو ظاهر، بُنيون گهمن تا باسا

(سرَ تلنگ)

ٿلهه: مُلان مارِ م مون، سڄڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان
١. آدم ڪَنون اڳي هُيا سي، آدم ذات نہ هُون
٢. الف اسان نون يار پڙهايا، بي دي بانس نہ بُون
٣. شاهہ درازين سچل وَسي، مَنَ جو محرم ٿون

(سرَ جهنگلو)

ٿلهه: مُلڪ جا مالڪ پيا هن، تون وِڇئون بيٺين ٻٽي
هَئي ڪنهين هن حال ۾، توکي وڏو هستيءَ هٽي
١. سير الله سير بالله، سير مون الله گهرُ
سير في الله لاهہ تون، خود ڪئون وجي منزل ڪٽي
٢. هِي جيڻ آهي عاريت، جن جو آهي تن کي وٺي
ڪَڍَ وچون تون پاڻ کي، اندر ٻاهر آهي ڏٺي
٣. آهين امانت ٻين جي، تون آهين ڪاٺهين ڪينکي
سِرُ هي سارو سهي ڪر، هڪ ٻہ تي چو تو ڳٽي
۴. اِنسان جو اولو ڪري، سو رنگ ڪرين سنسار ۾
شاهہ کي هِيءَ ڳالهڙي، وهہ واهہ جا سچو وٽي

(سر سسئي)

ٿلهه: منهنجو سڳُ نه سياپو، ڪاڪيون ڪيچ ڏٽين سان
١. هِتئون هلي آتهين، آءُ نه ڪنديس ڪاپو
٢. ٻانهي خان ٻروچ جي، تِيس لاهي لاڳاپو
٣. شال نه ڏکيءَ کي ڏين، ڪنهن ڏوهون ڏوراپو
۴. جيڏيون هن مُٺي جو، آهي جانب جياپو
۵. سچو سڄڻ سان ڪندو، منهنجو مولي ميلاپو

(سر جهنگلو)

ٿلهه: منهنجو هينئڙو پيو، وڃي پرين جي پار
١. سپريان ڏي سرتيون، مونکي نينهڙي نيو
٢. ڳڻن ڳالهين يار سڄڻ جي، سوگهو ساهه ڪيو
٣. پاڻئون پائي اڱڻ اسانجي، لالن شال ليو
۴. جڙَ لڳي هِيو جيڏيون، ته ڪيئن مون ڏوهه ڏيو
۵. سپيريان جي سڪ ۾، مون سان ٻيلي ڪونه ٻيو
٦. سڳُ سڄڻ سان سگ سچوءَ جو، جيڏيون جيءُ ٿيو

(سر بروو)

ٿلهه: منهنجو هينئڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان ٻي آءُ تا ڳالهڙي
١. ونڊر سندي واٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ
٢. اَچي لڳو مون اوچتو، ٻاروچي جو ٻاڻ
٣. دعا ڪريجو جيڏيون، شال موٽي مُٺيءَ جو ماڻُ
۴. وِيڙو درد فراق جو، ڏيئي ڏکيءَ کي ڏاڻ
۵. اڱڻ ايندو تانهنجي، سچو سو سرواڻ

(سر پيروي- بلاولي)

ٿلهه: منهنجو هوت پنهونءَ سان، جيڏيون نينهڙو لڳو
١. پَرو پِيڙم پاڻ مئون، پينر ڙي منهنجو پول پڳو
٢. ٻيائيءَ جو بندُ پيو ڪاڪيون، توڙيو عشق ٺڳو
٣. مونکي اوڏنهن آيو، سرتيون سندو وِرهه وِڳو
۴. پرين سچو آهي پاڻ سان، جِيئن سُئيءَ منجهه سڳو

(سر توڏي)

ٿلهه: منهنجي اصل آءِ، ميان، دل دست دوستن جي
١. جيئن هلائن تيئن هلي ٿي، منهنجو وسُ ني ناءِ
٢. سوگهي ڪَيئون دل اسان جي، ڪنهين ڏاڍي جاءِ
٣. جاءِ سا ڪهڙي محڪم ڪَيئون، مونکي ڪَلَ نہ پيڙي ڪاءِ
۴. سچو توڙي پانهنجو ڪيائون، تہ پي چڏِ نہ هاءِ هاءِ

(سر بروو)

ٿلهہ: منهنجي حجت توسان ناءِ، توکي مولِيٰ ميڙيِ يارَ
١. مون هن نماڻيءَ کي، آسرُ سندو آءِ
٢. اندر ٻاهر تانهنجي، جانب آهي جاءِ
٣. ڏونگر ڏورڻ آيا، ساجن تنهنجي ساءِ
۴. سچو آهي سڪ ۾، لعلن تنهنجي لاءِ

(سر بلاولي)

ٿلهہ: منهنجي زاري زاري، سهڻا سائين توسان
١. معلوم توکي ڳالهہ اسان جي، سائين سڄڻ تا ساري ساري
٢. هيءَ تا هيٺي واءُ وهيٺي، برهہ اوهانجو باري باري
٣. دوست هنئين ۾ يار رمايا، گهوٽ نہ وجهج گهاري گهاري
۴. اصل لاڪون آهِ اوهان سان، يار اسان جي ياري ياري
۵. طرفون تنهنجي سائين سچو کي، آهِ ڳچيءَ ۾ ڳاري ڳاري

(سر پيروي- برووِ)

ٿلهہ: منهنجي ساهَ سڄڻ کي ساريو، مونکي ڳالهہ تنهنجيءَ ڳاريو
١. اديون آرياڻن جي وجي، توڏن تونگ تنواريو
٢. مون مَنُ گڏي گوندرين، ڪيچي ڪيچ قراريو
٣. ههڙي هوتاڻن کي، وَريتيُون نہ وساريو
۴. جِيءَ سچوءَ جو سرتيون، سندنِ عشق اُجاريو

(سر بروو)

ٿلهہ: منهنجو پنڌڙو پَهُ آهي، پلو سرتيون سانول ساڻ
١. سو تا چنڻ جيهو اصل ڪئون ناهي، آهي سڳ تہ پنهونءَ ساڻ
٢. ايندو اٿم آسرو آسر هَڏِ نہ لاهي، ٿيندو مُئيءَ جو مهماڻ
٣. جڏي شهر ڀنڀور کي، ڪيچ ويندي هيءَ ڪاهي، لڳم ٻاروچي جو ٻاڻ
۴. هيءَ ڪميٽي ڪوڙي، سڳ ڪا ساٿن ساهي، پر پرين ڏسندا پاڻُ
۵. سچو جاڻ سهي ڪري، توڙي باب سندن هي ناهي، تہ پي نيندا سڀاجها ساڻ

(سر توڏي)

ٿلهه: منهنجو شرم سيوئي آهي، جيڏيون تان ستگر تي

١. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاڻهين، نا ته هئا حال اسان هي
٢. آهي پاڙيائون پاڻهي پنهنجا، هو جي قول ڪيائون ڪي
٣. جن پيـاريو پرُ پيالو، شال ساقي جيئن سي
٤. سدا آهي وسن اسان وٽ، جاني جيءَ جا جي
٥. سِرُ سچل ڪي ڏسيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هٿئون ڏي

(سرتوڏي)

ٿلهه: منهنجو ڪي هت پيچيائين، سچ چئو ادا ڙي ساٿيو

١. گوشي ويهي گڏ اوهان سان، منهنجي ڪا ڳالهه ڪيائون
٢. سَليو سنيها ساڻ سلامن، هِن ڏاهه ڏي ڏنائون
٣. پيغام پرت وارا، چئو جي مونڊي چيائون
٤. دلاسي جي دردمندي ڏي، ڪا جا آج خبر لکيائون
٥. سچل ڪاڻِ تو گهٽيرو، هن ڏيهه تي ڏنائون

(سر سهٽي)

ٿلهه: منهنجو نينهن وڏايو ناز، نيٽن نيٽن ميان

١. سَيفان آهن يا ته ستر جون، تنهنجيون اکيون ڪجليون ڪاريون
وي الا يا ته بحري باز
٢. دردمنديءَ جي دلڙي دلبر، ڏاڍي زور سان آندي
وي الا نيٽن منجهه نياز
٣. شال پون ڪَنِ يار اوهانجي، او هڪيئي واري
وي الا عاشقن جا آواز
٤. پئي ٻانهون ٻڏي سچل وچ، تون ساڻ يقيني
وي الا ور مٿي ڪارساز

(سر ٻلاولي)

ٿلهه: منجهون نيڪيءَ ۽ گناهه، پوندي ڪَلَ نه سندي الله

١. باطن ۾ تون پانهنجي، نا ميان وجهه نگاهه
٢. ريءَ پروڙڻ پانهنجي، ٻي راست ناهي راهه
٣. غير نه پائنج پاڻ کي، دوئيءَ ۾ داناهه
٤. هادي حق الحق تا مونکي، اها ڪئي آگاهه
٥. تارڪ ٿي توحيد جي پٿو، دانهه منجهه درياهه
٦. حقيقتان حال جون يار، چئي ڪيم آگاهه
٧. چئين قبلن چورُ تي سِرِ، شاهي رک ڪُلاهه
٨. سچل سچي ڳالهڙي يار، سَلڻ ناهه صلاح

(سر توڏي)

ٿلهه: منهنجو ناهه ڪوئي اختيار، هَئي يار وِي
۱. مون تا سِر تي چائيو، باري بِهه جو بار هَئي
۲. راتيان ڏينهان تيڏي ڪارڻ، رُوئڻ زارون زار هَئي
۳. ڪيئن ڏنو تو سپرين، جاني جيءَ ڪي جار هَئي
۴. سچو سارو سمجهين، عشق سندو اسرار هَئي

(سر بروو)

ٿلهه: منهنجي اڱڻ اڄ آءُ، پَرديسيئڙا يار
۱. والي شال وصال جو، ڪو وَري لڳي واءُ
۲. اَچي هَڏِ نه هتهين، سانول تو ريءَ ساءُ
۳. ميان مَشتاقن جو اچي، صاحب لَهُه سماءُ
۴. دانهون ڪري درد پر، جا ڦَٽي فراقاءُ
۵. ٿيون مدايون ڪيتريون، سائين سچل ڪانءُ

(سر بروو- ڪوهياري)

ٿلهه: منهنجو پانڌيئڙا پرينءَ کي، ڏيج هي نياپو
۱. ڏيئي باهه پنيور کي، هي ڪيچ ڪندي ڪاپو
۲. اصل لاڳون آهي، منهنجو سائڻ سياپو
۳. آهي اوهانجو سپرين، هن ڇوريءَ تي ڇاپو
۴. منهنجو محبوبن کي، پيو نه ڏيج ڏوراپو
۵. سدا آهين بسچل کي، تون جيءَ جو جياپو

(سر مومل)

ٿلهه: منهنجو سوڍل سارئي ساهه، راڻا رُسامن ساڻ ماريوَ يار ڙي
۱. ويٺي ڪڙهان ڪاڪ تي، آڻيندس الله
۲. هن مُٺيءَ جو ميندرا، تَوکي ڪيهو پرواهَ
۳. سندوَ اچڻ تانهنجي، روز نهاريان راهه
۴. مهر مٺو ناهه ڪو، جيڪس هن جو بخت سياهه
۵. گهُرَ اوهانجي ٿي گهران، چت اوهانجو چاهه
۶. ڪوڏئون قرباني ڪري، سچل ساهه پساهه

(سر ڪلوليو)

ٿلهه: منهنجو هاڻي مون وٽ ايندو، هاريون واقف حال جو
۱. ڪينَ ڇڏيندو ڇپرين، نال نماڻي نيندو
۲. شال مُقام مُٺي جو، ٿر وڃي ٿيندو
۳. درسن سندو دائما، ڏاڻ ڏکيءَ کي ڏيندو
۴. سچل پارَ پرين جي، وِرهَ وارو ڪو ويندو

(سر مومل)

ٿلهه: مونکي ڪانڌ بنا هيءَ ڪاڪ، ڪئوڙي اهي ڪاڪيون
١. سوڍل ٻاجهون سرتيون، مري ٿي مشتاق
٢. منهنجو ساه سڌير ٿئي، اچي جي اوطاق
٣. سقري آهي سون ڪنئون، خاصي ڏيٺ جي خاڪ
٤. سڏِ اچي لهه، تنهنجي، چور ڪئي چوطاق
٥. وِجهي ويچاريءَ ويو، اديون ڙي اولاڪ
٦. تنُ سچوءَ جو عشق اوهانجي، چيري ڪِيرُو چاڪ

(سر بروو)

ٿلهه: مونکي ڪير وسارج ميان، آءُ اوهانجڙي آهيان
١. دوست اوهانجي در تي ميان الله، مران تا نا بِر ناهيان
پنهنجي ڪيِ قطارج ميان
٢. ميلائي جي وو مون پرين ميان الله، لالچ هَڏِ مَ لاهيان
ڪٿي نينڻ نهارج ميان
٣. سچو ٻڌي سندرو وو ميان الله، ڪيچ وٺن ڏي ڪاهيان
اچي ڪڏ ڪذارج ميان
٤. هيءَ ڪميٽي وو ڪوڙي ميان الله، سگ ساٿوَ نه ساهيان
پانهنجي وٽ وهارج ميان
٥. سوال سچوءَ جو وو اِهو آهي ميان الله، نينهن سندو نباهيان
پانهنجي سگ سنيارج ميان

(سر جهنگلوءِ پيروي)

ٿلهه: مون کي نه وسار، وو ڏوليا، آءُ تا تنهنجهڙي آهيان
١. نانوَ سائينءَ جي اسان نماڻن ڏي، ڪٿي تون نيڻ نهار
٢. پرين وڙئون پانهنجي، گڏ غريب گذار
٣. ڪيو اسان سان يار پيارل، پنهنجا وعدا پار
٤. اڳڻ اسان جي سگهو ڪي ايندين، والي سو ڪهڙيءَ وارِ
٥. در پنهنجي جو دلبر سائين، سچو سو سگ سنيار

(سر برو)

ٿلهه: مونکي هوتن هاٿي، ڪوئي پنهنجو ڪيو
١. جت ڪهٽا ٻيا جڳ ۾ سائين، منهنجو هوت آرياڻي، ڪنديس ڪو- ٻيو
٢. لکين ٻچن پرين کي، آءُ تا ڪير نماڻي، سندن نيهن نيو
٣. جيهي تيهي در دوستن جي، عاشق هيءَ اگهاڻي، سارو ڪم ٿيو
٤. ڪيائون ڪناري پانهنجي، هيءَ تا پاٽئون ڄاڻي، جڏو جيءُ جيو
٥. پرين ڪيو پانهنجو، سچل سگ سڃاڻي، وڃئون ورهه ويو

(سر پيروي)

ٿلهه: مونکي تہ ميهر يار جا، ٿا پَل پَل پُور پَونِ
پل پل پُور پَونِ، مونکي سارِيو سُور وِجن
١. يار لک هزار، ماٺهو مهٽا ٿا ڏين
جهولي پائي مون جهليا، مَنَ پيا بہ ہہ ٽي ڏين
٢. تَنَ ۾ تاکيون مَنَ ۾ ميخون، هَنيون حَبين
آکيلڻ آهنجون ٿيون، جيکي وڏيون وينجهارن
٣. سچل سوز رُوئڻ روز، اِها عادت عاشقن
جن کي عشق الله جو، سي کيئن سُک سُمهن

(سر سسئي)

ٿلهه: مونکي تنهنجڙو آءِ، اچڻ جو وڏو آسرو
١. جوڙي ڇڏيم جايون، لُونءِ لُونءِ ۾ تو لاءِ
٢. کين جڙي پيو جيءَ ۾، تنهنجي سِک سواءِ
٣. کڏهين کڏهين تو ڏسان، توکي جاءِ بجاءِ
٤. هت گذاري ڏينهڙا، سچو تنهنجي ساءِ

(سر مومل)

ٿلهه: مونکي تنهنجي سار سنيار وو، ڇڏ رسامان تون آءُ منهنجا يار
١. ڏوه نہ کوئي تو ڏيان، آهي مون ئي سر ميار
٢. سک سوراخان مون کيا، هِينئڙي منجهہ هزار
٣. موٽ مران ٿي ميندرا، برهي چاڙهيئي بار
٤. ويٺي کري کاک ۾، هيءِ ويچاري ويچار
٥. سچل سيئي آيا، جي دل گُهريا دلدار

(سر جوڳ)

ٿلهه: مونکي عبرت آهي اهڙي حال جي، هاريون حيرت آهي انهيءَ ڳالهہ جي
١. ڪاٿئين ڏاڍو ڪاٿهين هيٺو، ڪاٿئين جوڙ جٽيا ٿو پائي
٢. ڪاٿئين ڪوري ڪاٿئين موچي، ڪاٿئين سيد سڏائي
٣. ڪاٿئين تارڪ ڪاٿئين سارق، ڪاٿئين ٿو مُکُ ملائي
٤. ڪاٿئين شاهي ڪاٿئين سپاهي، ڪاٿئين حڪم هَلائي
٥. ڪاٿئين ڪافر ڪاٿئين مومن، ڪاٿئين سُوريءَ سِرُ سلائي
٦. ڪاٿئين گسائين ڪاٿئين سناسي، ڪاٿئين ٿو بت بنائي
٧. ڪاٿئين سامي ڪاٿئين اِنامي، ڪاٿئين تلک لڳائي
٨. ڪاٿئين قادر ڪاٿئين نادر، ڪاٿئين سچو نانءُ سڏائي

(سر ڌناسري-توڏي)

ٿلهہ: مون سان ڪيون ميهار، ڳجهيون ڳالهيون وو دوستيءَ جون
١. سِي نہ وسرن سِير ۾، جي آيون ڏنهن اسرار
٢. سَون ليکو ناهہ ڪو، ۾ هيون هت هزار
٣. پِڇي پيون پِرَ تي، منجهون گرد غبار
۴. مَنهيُون اڏن ٿيون ڪيتريون، آٽيو متي آر
۵. ساهہ سچوءَ جو سوگهو ڪِيڙو، پاڙيچيون هُن پار

(سر ديسي)

ٿلهہ: مون ساري سجاتي، بازي بازيگر جي
١. مستيءَ مٺون منصور جو، ٿئين جي تون جماعتي
٢. سُورهَ باسج سِرَ تي، تون ڪسڻ جي ڪاتي
٣. غير نہ آٿج وچ ۾، آهين ظاهر تون ذاتي
۴. متان پائين پاڻ کي، تون سچو صفاتي

(سر سسئي)

ٿلهہ: مون ۾ عيب اَپارَ، سڄڻ تنهنجي پانهڙي آهيان
١. پانهَنِ جي آءٌ پانهي آهيان، ساري سڀ جمار
٢. هُئان هميشه هوت سان، شال نہ ٿيان ڌار
٣. اوچڻ ڪنديس اڪيون، پٽر ڪنديس وار
۴. پاڻ توئي تئون صدقي، سسي ساڻ ڪپار
۵. ساهہ سچوءَ جو سوگهو ڪِيڙوَ، رکي يارانو يار

(سر پيروي-جوڳ-ڪئونسيو)

ٿلهہ: موجَ مستيءَ جي چڙهي، واديءَ وحدت جي منجهاءِ
ڪيو پسارو پيل پاٽيءَ، جوش مان هر جاءِ بجاءِ
١. هن لهر تي جي لڙهيا، تن کي پيو سارو سماءُ
جي سُڪر جي سِير تي ويا، تن چيو آءٌ خود خداءِ
٢. هاءِ هي حلاجِ جان، ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا
پار هن آيا اُهي جي، گهوٽ هن گهيڙون گهڙيا
٣. کِي تبي ڏيئي ڏسو، پاتال منجهہ پيهي ويا
ڪين کي عاشق اُهي، بهڳڻ وَري پاهر پيا
۴. غرق ٿيا غازي اُتي، ڪنِ عام بيٺا هاءِ هاءِ
آءٌ لڙهي آيس اُتي، جاتي رَتي ناهي رياءُ
۵. دلق کي درياءَ ۾، اُڇلن بهادر بي بها
صاف ٿي نڪريا سچو سي، صاف سالڪ جي ٿئا

(سر جوڳ)

ٽلهه: مونکي ياد، منيون تنهنجيون ڳالهيون ڳالهيون
١. هيءَ نمائي ڏوهن هائي، دوست پهچائين داد
٢. پرين پنهنجي پارَ جو، عشق ڪرين امداد
٣. سچو آهي اوهانجو، تنهن جي دوست ڪريو دلشاد

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي يار مليو، جيءُ جان جنهين سان جار لڳو
١. لنگهيا اسان تئون ڏينهن خزان جا، سرتيون اڄ بهار لڳو
٢. هئاسين ڳولائو اسين جنهن جا، سو تا اڄ شڪار لڳو
٣. ڳليءَ ڳليءَ ۾ تال تماشا، ڇهڇٽو چوڌار لڳو
٤. رنگا رنگ بيرنگيءَ واري، شهر بحر بازار لڳو
٥. اڳڻ اهيئي پيهي آيم، برهه جنهن سان بي اختيار لڳو
٦. ٻانهون ڏنيون ڳل يار اسانکي، نينهن جنهن سان نروار لڳو
٧. مرشد هاديءَ عبدالحق جي، وَت پٽيءَ پيزار لڳو
٨. سچو حجاب ويا هڪ ٿياسين، دم بدم ديدار لڳو

(سر جوڳ)

ٽلهه: مٺن ڳڏي هان عشق اياٽي، هيڏي هوڏي گهمڻ نه ڏيندا
١. نيٽن سندي ناز سان، ڪيائون هٽيڪو هاٽي
٢. ڏيل ڏنائون ڏڪيءَ جي، اهو آرانيو آٽي
٣. ڏنا دلاسا دل کي، موڻي سو يار سياٽي
٤. مَاريون وڏم مامري، سندن سانگ سٽاٽي
٥. سچل سگ اوهان جو آهي، سائين پاڻ سڃاٽي

(سر ڪلياڻ)

ٽلهه: مون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن
١. اسان نماڻن تئون سهڻا سائين، هٿ مَٿئون متان لاهين لاهين
٢. آءُ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نه تنهن سان ڪو ساهين ساهين
٣. ڪڏهن آرامي ڪرين اسانکي، ڪڏهن ٻچين ٿو ٻاهين ٻاهين
٤. ڪڏهن منصوري دم اناالحق، ڪڏهن ڏسين ٿو ڦاهين ڦاهين
٥. حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تا ناهين ناهين
٦. استغفرالله ڳالهه اِهائي، جو ڪجهه مونسان تون ناهين ناهين
٧. سچو جي عاشق آهين اسان جو، تَج نه درد جو دانهين دانهين

(سر توڏي)

ٿلهه: مونکي نينھن ٿا نيَنِ، هر هر حبيب ڏي
١. دل آهي جوش خروش ۾، اکيون روز رت رُوئن
٢. شڪر آهي خدا جو، ديدان ديدار ڪرن
٣. پارِئون يار لک هزار، مونکي مهٽا ڏِيَنِ
٤. سِرَ تي سچل سڀ سهايا، پينر پلي چونِ

(سر توڏي)

ٿلهه: مونکي ڏور ڇو ڏسَنِ، سرتيون ديرو دوستِ جو
١. جي مون سٽو سرتيون، هو سدا وچ وِسِنِ
٢. اکيون عجيبن کي، پَل پَل ٿيون پسنِ
٣. محب مشتاقن جي، تا ڪليون دل ڪسِنِ
٤. سچل سورن واريون، وجي روءِ رسِنِ

(سر ڪلياڻ-ڪانرو)

ٿلهه: مون سان تو ڪيون ڪيون، سهڻا آهي ڳالهيون ڳالهيون
١. سي نہ وجن وسري پلو ميان، چڱيون اوهان جي ڇيون ڇيون
٢. اوهان ٻاجهون سپرين ميان، نينهن وهايون نيون نيون
٣. لکون ڪيئون سي جي لوڪ ڪئون، پڌرِ آهي اڇي پيون پيون
٤. ڳجهيون جي ڳالهيون يار سچل ڪئون، ڪينَ سي وسري ويون ويون

(سر سسئي)

ٿلهه: مونکي آڏار ڏي ميان، سهڻا ساٿيئڙا ڙي
١. وجي ڇئج پرين کي، حال منهنجو هي
٢. پريان سندي پار ڏنهن، قاصد اچنِ کي
٣. وعدا پاڙج پانهنجا، جانيِ ڪيڙو جي
٤. هو جي ڪيو ڳالهڙيون، ساهَ نہ وسرن سي
٥. سچل سنگت پانهنجي، نانءَ ڏٺي جي تي

(سر سسئي)

ٿلهه: مون ڏي واڳ ورائيندا، سرتيون سگهڙا ٻيلڙا ڪوهيارا
١. پڪا پکن سامهون، اوري آٿي اڏيندا
٢. پينر هن پنيور جا، وري پاڻ وسائيندا
٣. سيئي ڏسنديون سرتيون، روئندي هوت ڪلائيندا
٤. پاڃاڻيءَ جا پاٿهين، پڪا پاڻ پڄائيندا
٥. سُورُ سچل ڙي هوت سان، هيءَ غريب ڳڏائيندا

(سر بروو)

ٿلهہ: مون ڪرَ تان ڪين پڇيائون، هاٿي ڪانگل ڪلَ ڏي

١. ڏوٽ ڏوراپا ڪيترا، ميان الا، ڏيئي سي سخت مڪائون هت حال اسان جا هي

٢. سگها ايندا وو سپرين، ميان الا ڪي تان پاڻ اُتيائون جڏو جيءُ جيارن جي

٣. ڏاها ڏيهہ وو پرين جي، ميان الا آهيان اُپاٽڪو آئون منهنجو هي نياپو ني

۴. طعنا طرفون تنهنجي، ميان الا هن ڏکيءَ کي ڏنائون سائين سڀ قبوليم سي

۵. سي نہ وسارج سپرين، ميان الا سچل سمنبائون اُهي قول ڪيا هُيئي ڪي

(سر ديسي)

ٿلهہ: مونکي هيئن نہ ڇپر ڇڏِ، پلو پنهل يارَ

١. پرين پاڇاڻي پانهنجي، گولي گولن گڏ

٢. تون تا صاحب سپرين، هيءُ ڏهارڻ ڏڏِ

٣. آءُ اوهان جي آهيان، هون هئون هڏ

۴. تنهنجي صاحب سپرين، شال نہ سڪان سڏ

۵. جايون جانب پنهنجيون، اڪرين پر اڏِ

(سر سسئي)

ٿلهہ: مونوٽ هو مهمان، پلو جيڏيون اڄا ڪالهہ قافلو

١. اٺر اوٺارن جو ميان، آيل زي ارمان

٢. ڏئي ڏکيءَ کي ويا، سُورن جو سامان

٣. جتن سَندي جات لئي، هٿي هَٿي هيءُ حيران

۴. ڪندي وجهي ڪيچ پر، هيءُ برهہ جو بيان

(سر توڏي)

ٿلهہ: مون کي مهٽا ڏيئي، مَرُ ڪا پارئون پرين جي

١. هيءُ تا حبيبن ريءَ، پيالا زهر ٿي پئي

٢. ڏوڙو ڏک مون پرائيو، هٿي دوست جي وٺي

٣. روز پرين جي پارَ ڏي، مونکي نينهن ٿو نئي

۴. ساروئي ڪر سچل ٿيو، پٺيءَ دوست جي پئي

(سر مارئي)

ٿلهہ: مون تا چيو تو اڳهين، نہ تون دل ڦاساءِ
١. آهون دانهون ڇو ڪرين، سير سيڻ سنداءِ
ڪچ پچ ڪنهن سان ڪينَ ڪِي، ٻولي ٻي نہ ٻُڌاءِ
٢. وچڙيا گڏ گڏي پرين، ڪو والي ورق وراءِ
ٿوري گهٽي ڏينهڙين، ڪنڌ ماڙ خُداءِ
٣. سانگي ويڙا سانگ تي، پنهنجي سانگ سُئاءِ
پاڻئون ڇاڻي پريت مئون، ڪوهہ ڪرين هاءِ هاءِ
٤. سچل سپرين لئي، ڪوڙين ڪانگ اڏاءِ
تو پٺي ساريو جن ڪي، تن ٻي سڪ سَنديا

(سر سسئي)

ٿلهہ: مونکي دوست ڏنيون دلداريون، جِبسِ آءُ تا ني وو جيڏيون
١. ٻاجهہ ٻاروچا تو ٻوي، سٽي ضعيف جون زاريون
٢. سَئيون سيئي سڄڻ، عاجز جون آريون
٣. لتا فلڪ فراق جا، آءُ تہ گڏ گڏاريون
٤. توکي تا تِرَ جيترو، وارُ نہ وساريون
٥. سيئي سچل آيا، جن لئي جهونگاريون

(سر جوڳ)

ٿلهہ: ميلو ٿينداءِ ميلو ٿيندُءِ، نينهڙو لايو، جڙيا جاني مون سان
١. "وَهُوَ مَعَکُم" چيو وصالون، وري سو وِرہ وَسايو
٢. "وَنَحنُ اَقرَبُ" پاڻ اُتيوئي، موڻي تا بره بچايو
٣. اسين توسان تون اسان سان، پاڻ پرينءِ فرمايو
٤. زلفان ڪوليوَ، خيال اسان جي، ڏاڍو ڪو ستر سهايو
٥. ڪري اُمارو اڳيون اسان جي، تيرن ساڻ تپايو
٦. راند روئڻ جي سکئين سچو ري، ڏاڍو ڪو ٻُور پرايو

(سر مومل)

ٿلهہ: مبيندرا آءُ ميان، هِت ويٺي ڪانگ اڏايان
١. تو سارينديَ سپرين، هِت سوُدا ساهہ ڏيان
٢. راڻا رَتي راز جي، ڪا جا آهِ هيان
٣. ڪامل ڪنڌي ڪاڪِ جي، آءُ جاني ڪيئن جيان
٤. شال اوهانجو اڳتي، سچل نينهن نيان

(سر جھولڻو - سسئي)

ٿلھ: مونکي ميڙين الله، سگھو آٽي الله وو ميان ھاروچا
١. اُنھن ڪارڻ ڪاڪيون وجھان وچاٽا
سانول پنھنجو سرتيون سَوَنِ ۾ سچاٽا
٢. پيھر شھر پنيور ۾ آٽين الاھي
پيرين پئي تن کي ٿيون پاڻ تي صلاحي
٣. اوڏانھن آڏيءَ رات جو ڪانبگل اڏايان
جي پري آھيان تن ڪئون تا پي سَندين سڏايان
٤. ڪڏھن مڪو ڪونہ ڪو پرين پيغامي
اصل لاکون اُن جو آھي ساھُ سلامي
٥. ڪڏھن ايندم سپرين ٿي پوٿيون پٿايان
سچل سوالن سان ويندا ورايان

(سر سسئي)

ٿلھ: مونکي ماريو مونجھاري ووء، سانگي مون سيڻ ڪيا
١. سوز تنھنجو سپرين، ھت ڪوڪان ٿو ڪاري
٢. اُنھيءَ ٻاجھون سرتيون، ھِيءَ گُھوندر گذاري
٣. ڏاڍي ذات جتن جي، جي عاشق ويا آزاري
٤. وندرِ جي وٽن ۾، ٿي ڪيچي نھاري
٥. سچل سپرينِ کي، تون ويھہ نہ وساري

(سر سسئي)

ٿلھ: مونکي مُرڪڻ سان تون، ڪيئن ماري وئين
١. ڪيئي پھندي پانھنجي، موتي ڏوراپو ٿو ڏئين
٢. آءٌ ايلازڻ دوست توئي کي، يار اِتي وڃي ياڪي ٿئين
٣. آءٌ مُئي تا گھوري جاني، سدائين تون تان جٿين
٤. کھڙي ڳالھين يار سجڻ وي، ھِيءَ نماڻي نال نہ نئين
٥. آھي سچل جيئن يار توئي سان، ھُجَ تنھن سان تون پي ٿئين

(سر سسئي)

ٿلھ: مونکي محب ويو ماري، ڪنھن دَرِ ڏيان ني ھيءَ دانھڙي
١. سوز تنھنجو سپرين، ڪوڪان ٿو ڪاري
٢. ھوت نماڻي ھن کي، ويھہ نہ وساري
٣. نيو پورھيايت پاڻ سان، پنھنجي ڪڍ قطاري
٤. ويو ٻاروچو نڪري، عاشق ھي آزاري
٥. راتو ڏينھان سپرين، سچل سگ سنياري

ن

(سر سسئي)

ٿلهہ: نانوَنِ حق ڇپايو، پلو جيڏيون وو هوءِ هوءِ هوءِ
١. هينئڙي کي حيرت يار وي آهي، اُهائي لهرن بحر لنگهايو
٢. هينئڙي سان لائن يار وي رمز اهائي، هاديءَ هِيئن سمجهايو
٣. جان جسم جي يار وي ڏٺي ڏيکاري، لِڪَ لِڪوٽي ٿي آيو
٤. رنگ برنگ ۾ يار وي طرحين طرحين، يار سچل رنگ لايو

(سر تلنگ)

ٿلهہ: ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اُهو جو مان روز ڏسان ٿي
١. ويٺي هيڙس واٽ تي، اچي وسيلو ٿيو
٢. ماڙي منجهہ معشوق ڏٺو سي، لالن پائي ويو لِيو
٣. دريءَ منجهون ديد ڏٺي سون، لالن پاتو لِيو
٤. جَتَنُ ڪج جَتَنِ جو، سڪَ سبب سان ٿيو
٥. صحيح سڃاتم سپرين، يار يقينئون ٿيو
٦. "خلق الآشياءَ فَهوَ عَينُها"، شڪ وڃئون ٻيو ويو
٧. ڪٽي وڃان آءٌ خوشيءَ سان، سرتيون جي سنهن ڏيو
٨. سير سارو ٿي صورتين، پاڻ قريبن ڪيو
٩. پَريون پڇان ٿي ڪين ڪي، مونکي نينهن اُنهن جي نيو
١٠. ڪيو سچوءَ کي سرتيون، اُنهن خمارن ڪِيو

(سر بروو)

ٿلهہ: ناهي وِيچاري سا وَس، هيءَ تا بيوس آهي
١. پرين پنهنجي پار جو، ڏاها ڪو ٻَهُ ڏِسِ، تنهنجي ڪَسِ ني آهي
٢. اول آخر آهيئي، رانول ء هنجي رَس، تِنهنجي وسِ ني آهي
٣. اوهان ٻاجهون سپرين، ڳالهيون نہ اچن ڪَسِ، روح رِسِ نہ آهي
٤. پڇاٽان پرين جي، آهي ٻنيور ڪٿون بس، سو تا چِسِ نہ آهي
٥. ساڻ سچوءَ تون سپرين، هوت ڳالهائج هَسِ، ٻيو ڪو جَس نہ آهي

(سر پهاڙي-روپ)

ٿلهہ: ناهي ڏوراپو ڪو ڏيڻ اوهانکي، يار توسان منهنجي زاري
١. روز ازل ڪٿون چاڙهيئي اسان تي، بار برهہ جو باري
٢. جاٽي ڪاٽي صاحب ساريان، يار اوهان جي ٻاري
٣. راتو ڏينهان ڳالهہ اوهان جي، ٻي وائي مون تان وساري
٤. دردمنديءَ سان ڪنهن ڏينهن دلبر، ڪرڪا ورونهہ واري
٥. حال احوال جي آهي اوهانکي، سَڏِ سچل جي ساري

(سر پيروي)

ٿلهه: مئن ماري، محبت تنهنجي ميان
١. ورتم دڳ درد جو، تنهن سيڪا وات وساري
٢. گلا ۽ غيبت جي، سِر تي ڪنيم ڪاري
٣. چنڊ اُپري آيو، ويئي سڀ انڌاري
٤. مڙني منٿياڻن ۾، نينهن ڪئي نرواري

(سر بروو)

ٿلهه: مونکي تايو طبيبن ميان، ٻَنِ ڦڪيون وجهان تن جيون
١. نظر ساڻ نهال ڪيو، هاريون حبيبن ميان
٢. آزارئون آزاد ڪيو، اچي عجيبن ميان
٣. دل کي دلاسو ڏنو، ڪاڪيُون قريبن ميان
٤. ڏيندا سچل سپرين، گوش پيي غريبن ميان

(سر پيروي)

ٿلهه: موتي ڏند محبوب جا، هيرا لال جواهر ها
١. ڪڪر ها ڪِنَ بهار ها، تنهنجي چئوطرف چوڌار ها
وسن ڦڙيون آسمان تان، ڏاڍا بوندن جا ڪي بهار ها
٢. گل گلابي پٽ جا، جنهن جي چولي کي چوڌار ها
چادر جنهن جي گل شفا، جنهن ململ تي ڪي اسرار ها
٣. ماٺهو مديني شهر جا، آدمي ڪي اسرار ها
سچل اچڻ سان ڏنا، ڏاڍا بوندن جا ڪي بهار ها

(سر بلاولي)

ٿلهه: مون منهن ٿيو اوڏاهين ميان، جاڏي منهن نه ماڻهن جو ميان
١. رخِ ۾ پهريون رج مڙيوئي، تنهن پوءِ نور نگاهين ميان
٢. حد پڄڻ جي سرحد ايها، قلزم ٿيو ڪيڏاهين ميان
٣. وات وَسنو جي جاڏي ناهين، پنڌ پيو ته اوڏاهين ميان
٤. ڪوڙيون ڳالهيون پوءِ پوڻ جون، وڃين تون اتاهين ميان

(سر پيروي-جهنگلو)

ٿلهه: مون اکين کي پرجهايو سمجهايو، پر جهليون پليون نه رهنديون وي ميان
١. انهن اکڙين وي ويڙهي پرائي، وڃي سو وِرهه وهايو سور پرايو
٢. ڏاڍي جاءِ وي اُنهن مستانن، نئين سو آپ اڙايو جيءُ جڙايو
٣. آکڻ ميڏي اُتي لڳنديان ناهين، اُنهن ڪو پُور پرايو وجود وڃايو
٤. جتان پکيان دا وي پيرا ناهين، عشق اکين اُتان لايو وِرهه وسايو
٥. خيال سچل دا وي لڳا اُتاهين، جتان تنهن هينڙو ڪسايو مطلب پايو

(سُرسسئي)

ٿلھـــ: نانون حق ڇپـــايو، پلو جيـــڏيون وو ھوءِ ھوءِ ھوءِ

١. ھينئڙي کي حيـرت يار وي آھي اُھا ٿي، لَھرن بحر لڪـايو

٢. ھينئڙي سان لائن ٻار وي رمز اِھا ٿي، ھاديءَ ھينءَ سـمـجھايو

٣. جان چسم جي يار وي ڏئي ڏيکاري، لِڪ لِڪـــوٽي ٿي آيو

۴. رنگ بيرنگ ۾ يار وي طرحين طرحين، يار سچُوءَ رنگ لايو

(سر بروو-جھنگلو)

ٿلھہ: نہ مـان مـريد نہ مـان پيـر، سـاري فـقـر جو فـقـيـر

١. نہ مـــان حـــاڪم نہ مـــان ظالم، آھيـــان اَمَنَ جو امـــيـــر

٢. نہ مـــان طاعت نہ مـــان تقـــويٰ، آھيـــان ورِھہ جو وزير

٣. نہ مـــان گـھمڻ نہ مـان گـھـتڻ، آھيـان عـشـق جو اسـيـر

۴. نہ مـــان ڪچڻ نہ مـــان پچڻ، آھيـــان دوسن لئي دلگيـــر

٥. سـچل ٻَڌو مـــحـــڪم ســـر تي، مـــحـــبت جو منـدير

(سر بروو)

ٿلھـــ: نئي وٽي ڳالھـــ ھي، ڙي جيـــڏيون مـــونکي نئي وٽي

١. آءُ نہ ڪنديس وي اھڙي، ڪيـــچـيـن جا مـــون ســـان ڪِي

٢. اوھان مِڙن ۾ وي مـــست جو تـــيـــڙس، پيـــالو عـــشق جو پي

٣. اوھين مـــڙيئي وي عـــقـــل واريون، آءُ جو بيـــــراڳڻ ٿي

۴. ســچوءَ پڃاٽان وي ســـپـــرين، ڪوھہ ڪنديس ھٽ وِھي

(سُر ڪلياڻ)

ٿلھہ: نِتُ اُھي مـــونکي مـــيـــان ڳالھـــيـــون، اورڻ آيون وي آيون

١. ھو جي ڪيڙئي ڳالھيون ميان، ڪيئن سي وسرن وايون وي وايون

٢. ھو جي ڳجھڙيون پرين پرجھايون، اُھي مون دل سان لايون وي لايون

٣. ڪـيَنِ جي خبـران پارون اوھان جي، اڄ توڙي تا نايون وي نايون

۴. موٽيو وڃين ٿو پرين تون پويان، پير اسان وٽ پايون وي پايون

٥. سانيڻ ٿيون سي ڪين سچل کي، ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايون وي ڳايون

(سر سسئي)

ٿلهہ: ناهي هن درد جو دارون، توئي وٽ طبيبا
١. تِرَ تفاوت درد نہ ڏيندئي، چوڙين جا سِير سرارون
٢. ڦڪي ڏيڻ سان هي وجي ٿو، هينئڙو هاڻي هيڪارون
٣. سوز گداز ني وي غم فراقان، لايون تا ڪول قطارون
٤. دوا درد جي سوئي ڏيندو، جو ايندو پرين پارون
٥. ناز پرين جيون يار سچل جي، هن تا ساهہ سنپارون

(سر ڪوهياري)

ٿلهہ: ناهي مجتا ۾ مطلب، توڙي پنيءَ لڳئي جڳ تا پي چا ٿيو
١. نفي سِري خفي اخفا، توڙي جاري ٿئي قلب
٢. ڳالهين ڪئي ڪين ٿئي، منصوري منصب
٣. ڪاڻ تماشي ڪيترا، پچن پار عرب
٤. ڪري ڏيڪارين ڪيترو، عالم ڪي بہ عجب
٥. نفل نمازان ورد وظيفا، اهو ڪوڙ ڪسب
٦. دائرا دعوت جا ڦرين، ڪري تسخيرات طلب
٧. ٻاجهون عشق الله جي، سچل ٿئي نہ سبب

(سر سسئي)

ٿلهہ: ناهي ويچاريءَ جو وَسُ ني، توکي معلوم مڙيوئي ميان
١. آهي هن ڪميٽي ڪي ميان، ڏونگر سندو ڏسُ ني
٢. چڏي ڏونگر ڏاڪڙو ميان، ويڙهي اسان جي وَسُ ني
٣. حال هِنَ جو هيٺو ميان، پنهون اچي پسُ ني
٤. ٻاروچاڻي جات ۾ ميان، سانول آهي سرسُ ني

(سر پهاڙي)

ٿلهہ: نانءُ اِهوئي نانوَنِ وارو، صورت مورت سائي وو
١. اِسمُ خاني وچون اَسما اِهو، ڏَس هاديءَ جو جائي وو
٢. آهہ تعجب اِهو جو ڪر، لوڪان ذات لڪائي وو
٣. گاهي طاعت گاهي عبادت، سجدو سَهوَ سيائي وو
٤. ٻي پارون تا ڏئي ڏيکاري، اوڙڪ خلق منجهائي وو
٥. سچوءَ سهي ڪئي اِها سيائي، جا بازي يار بنائي وو

(سر بروو)

ٿلهـــ: وات مـــونکي آهي وائي، خان ٻاروچا تنهنجي
١. پرين نہ مُڪيُـوَ طرف اســان جي، لکي ڪتـــابت ڪائي
٢. پـيــرو ڪندين وري پنيــور ڏي، اها آذر مـــون آئي
٣. حـال منهنجي جي خبـر نہ ڪنهن کي، چڱي سـجڻ تو لائي
۴. اهو آســرو مـــونکي آهي، تـــيندين اچي ڏک پـــائي
۵. اڄ صـــبح تـا اڱڻ ســچوءَ جي، جاني ايندين شـــال جائي

(سر ڪلياڻ)

ٿلهہ: واهہ واهہ سڄڻ سائين عيد ڪرايئي، نيٽن خوب نظاري جي
١. خوش ڪَيـوَ دل سـائين اچڻ ســان، ســار لَڌوَ سڪ واري جي
٢. اکــڙين ۾ اســرار ڏنــوسين، وچ ڪجل دي ڏاري جي
٣. يار ســـچل کي پنهنجو ڪِيـــڙوَ، لٽي غلامي ويچاري جي

(سر سسئي)

ٿلهہ: واڳان ڦيري آءُ هيڏي آءُ، تا اوريون پاڻ ۾ مٽيون ڳالهيون
١. اوهان ٻاجهـون وي سـپـرين، هاٺي ڏنم سـوز سـمــاءُ
٢. نهـــاريـندي وانـڙيون، هـــاٺـي سڪ چکايم ســـاءُ
٣. پـريــن سندي پار جـــو، هـاٺي لڳـــو ٿــنڊو واءُ
۴. ســچل جـو نـي مـــشـڪل آهي، هـاٺي تـو ريءَ هت هلاءُ

(سر بروو)

ٿلهـــ: واٺ وندر جي ڪو ڏَسي وو، ڏسي مـــونکي جيـــڏيون
١. ســپــيـريان جي ســاٿ جا، آهيـــون ســو عــاشق آسي وو آسي
٢. ســڌ تنهين کي ســور جي، ڇام پنهـــون جا پسي وو پسي
٣. وِهان ڪيـــئن پنيـــور ۾، خان ويو دل ڪـــسي وو ڪـــسي
۴. پريان سندي پار ڏهون، مـــانَ ڪو رهبـــر رسي وو رسي
۵. هيـڪند ٿـيـان جي هوت سان، هينئڙو منهنجو هسي وو هسي
٦. سرَ ســچوءَ جي ســانوڻ وانگر، برهہ جو بادل وسي وو وسي

(سر جهنگلو)

ٿلهه: نوان نياپا آيا، مُونڏي محبن جا ميان

١. قاصدن وو ميان هيڏي اچڻ جا، روز سي رستا لايا

٢. طرف پنيور جي سڻ تون عاشق، پنهونءَ تي پنڌ پڇايا

٣. تنو تا طالب يار سڄڻ ري، گوندر ڏينهن گنوايا

٤. اگڻ تنهنجي اڄ سي ايندا، جن لئي تو ورهه وسايا

٥. جيئي گذاريئي يار جانب ريءَ، سيئي ڏينهن آجايا

٦. هُئا پرين کي پار تنهنجي ميان، سچل اچڻ جا سايا

(سر بروو)

ٿلهه: نينهن ڏاڍي سان لايو سي، آءٌ تا هاٽي کيئن کريان

١. عشق سولو سرتيون، هت پينر پانيو سي

٢. پُڇي اسان جا پکڙا، اديون اِجهو آيو سي

٣. پينر شهر پنيور جي، هِتِ طعنن تايو سي

٤. جو ڏنائون جيڏيون، سو پَلوَ پايو سي

٥. سوئي سچل سِرَ تي، هاٽي چمي چايو سي

(سر توڏي)

ٿلهه: نئين کو گوش گذاري وو، هي نياپا منهنجي پرينءَ کي هوءِ هوءِ

١. آءٌ اوهانجڙي آهيان، ويهُ نه يار وساري

٢. اوهان جي ني اچڻ جي، نت نت واٽ نهاري

٣. راتو ڏينهان روح کي، تارَ سنديوَ تي تاري

٤. ساعت ساعت سپرين، سچو روز سنپاري

(سر سسئي)

ٿلهه: نينهن نهوڙي آهيان، هاٽي جيڏيون کاڏي وڃان

١. پنڌ پري تيو پرينءَ جو، عشق الارو اچان

٢. کنڻ ونڻ نه تئي، چرخو قيرائي پڃان

٣. پرين لايون پُٽ پِر، عشق سنديون سي ڄڃان

٤. موڻ واريون کڏهين، سچل نه مصلحت مڃان

(سر سسئي)

ٿلهه: وجي پکا پچائج، تون ساٿي ڙي سڄڻ يار جا

١. هيءَ تان حال حقير جو، وجي سارو سڻائيج

٢. هيءَ نياپو نينهن جو، وجي پانڌي پهچائيج

٣. پيهر پاروچا ورِي وو، اچي وِرهَه وسائيج

۴. پاند ڳچيءَ ۾ يار کي، پارئون مون پائيج

۵. سچل ڏي سرتيون، کِي چڱو چوائيج

(سر ڌناسري)

ٿلهه: وجي شال ڏسان، پنهون تنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو

١. اديون اوٺارن کي، آيل رَتيءَ ۾ رسان

٢. ڪاڪيُون ڪوهيارل کي، آيل پڇي شال پسان

٣. وندر جي واٽن تي، آيل گوڏن پير گسان

۴. هاريون هوتاڻين جي، آيل ويڙهي منجهه وسان

۵. وجي ڪيچ وٽن ۾، آيل هوتن ساڻ هَسان

٦. سچل سپرين سان، آيل ڪنديس چاه چسان

(سر سسئي)

ٿلهه: وجي ڏيهه پريَنِ، ڙي ساٿيو منهنجو ڏيجو سنيهو

١. اوهان ٻاجهون سپرين، ڏکيا ڏينهن لنگهن

٢. ويٺا ڏسون واٽڙيون، اڱڻ ماڻ اچن

٣. ڪونه ورندي ٿيو ڏئي، وندرِ جي وچن

۴. ڏکيا آهي ڏينهڙا، جي پاسي ڪمان پرينِ

۵. پينر شهر پنيور ۾، شال پيرو ڪن

٦. ويچاري نه وساريو، جا لڳي ساڻ لڪن

٧. جيهو تيهو آهيئي، سچل سگ سندن

(سر سسئي)

ٿلهه: وري آءُ وطن منهنجا ساريون نيڻ سڪن، موٽ سلامت سپرين

١. اڪڙيون اوهيرا ڪري، واٽ ڏسيو وِجُهلن

٢. پرين پرديسن لاءِ، جهوريءَ نيڻ جهڄن

٣. عمر اباڻي پار ڏي، وجون ٿيون چمڪن

۴. ميڙائي جا مينهڙا، ويجهو شال وسن

۵. الله آندا مون پرين، دارون دردمندن

٦. سچل سڪ سبيل ٿي، پارئون جا پرين

(سر سسئي)

ٽلهه: وٺي خبر خاطي آيو، خير صلاح جي مون ڏي

١. پارَ پنيور جي صبح، تان هو ڏٺين کي سعيو
٢. طرف تنهنجي آهي اصل کئون، روح سندن جو رايو
٣. نينهن جي نياپن جڻ اسان کي، محبن ساڻ ملايو
۴. ٿيان قرباني آءٌ تنين تئون، جنين تان نينهن نباهيو
۵. ايندئي اُهي جنين ڪارڻ، ويٺي وِرهه وسايو
٦. پيو پرين وٺ هاٿي تنهنجو، سچل ڙي پنڌ سَجايو

(سر ڪلياڻ)

ٽلهه: وڃي اکيون ڪاٿي لائي، حال حقيقت جي سان

١. فڪر اِنهيءَ ۾ ٿي فنا تون، پاڻ پنهنجو پائي
٢. اهڙي ڳالهيئون سڻ ري عاشق، سارو سو عشق وڃائي
٣. مَحبت وارو دل جي اندر، ڏاڍو ڪو مچ مچائي
۴. ڪَنيئي پلڪ ۾ پاٿهين، پولي ڪنهن نه ڀُلائي
۵. جي ٿئين عاشق يار سچو ري، ٿين سو عشق ڪمائي

(سر سسئي-جوڳ)

ٽلهه: وڃي ڪا مِنت ڪري، منهنجي يار ڪي وو

١. هو سدائين ساڻ مون، پرين نه وڃ پري
٢. حال نماڻي جو ڏسي، وري سو پوءِ وري
٣. وني ڪا دامن دوست جي، اکيون تا آب ڀري
۴. ساريو توکي سپرين، هت مريض مري
۵. رُسن نه تن سان جن رِيءَ، سچو نه ساهه سري

(سر بروو)

ٽلهه: وڃڻ آءٌ وڃڻ وو، ڪيئن ڏيان جڙيا جاني توکي

١. وڃڻ تنهنجو سپرين، منهنجو موت ميان
٢. اوهان ڀاڄهون سانول سائين، وٺي زهر پيان
٣. صورت تنهنجي سپرين، سچل ڏسيو ٿي ٻه جيان

(سر سسئي)

ٿلهه: وٺي ٻاروچي ٻولي، سدا تا ساهه منهنجي کي
١. هئي پناهه ۾ يار سڄڻ جي، ٻاروچي جي ٽولي
٢. ٻاروچاٺي ذات جي لا، گولن جي آهيان گولي
٣. ڪاڪيون ويندي ڪيچ ڏي، ڏونگر پايان ڏولي
٤. سچو سام انهي جي، آهيان عيبن اولي

(سر سارنگ)

ٿلهه: وٺيو سين وهه واهه، پڙهندي پروانو پرينءَ جو
١. اوڏا مينهن ملار تيا، گل ڪليا ءِ گاهه
٢. سيئي سڄڻ سامهان، حال پائي همراهه
٣. محبت منهنجي من ۾، چوريءَ مچايو چاهه
٤. سڪ تا سڄڻن جي، اجهايو آڙاهه
٥. ديس ڇڏي پرديس ويا، دوست پرين داناهه
٦. هوتن ڏانهن نه هڪڙي، مڙيئي مان ڏانهه
٧. پرين جي پيغام ڪيو، آرامي ارواح
٨. قاصد توتان آءُ ڪريان، هي سر صدقي ساهه
٩. اگڻ آسروند جي، آئيندن الله
١٠. سچو چوي رب ميڙي، روز پچان آءُ راهه

(سر مومل)

ٿلهه: ولها وري آءُ، مون ڪئون موٽ نه ميندرا
١. ميان مون سان نه متين، سوڊل سائين ساءُ
٢. شانن سان وو ميان رکي شريڪت، هي ڪميني ڪاءُ
٣. هو جو اچي ڍٽ ڏنهن، وٺي اهو مون واءُ
٤. هئي هئي هن جي حال جي، لهه سائينءَ لڳ سماءُ
٥. سچل ڪنداسي سڪهڙو، پاٺون ڇاٺي پرچاءُ

(سر سسئي)

ٿلهه: وندر آءُ ويندياس، وٺي سوز سڄڻ جو وٺي پُور پرين جو
١. ويندي رهنديس ڪين ڪي، هت گهڙي نه گهاريندياس
پيرن اتي پرين جي، ڳوڙها ڳاڙيندياس
٢. ڪاڻ ڪوهيارل ڪاڪيون، جهولا جهليندياس
آهن ۽ دانهن سان، ڪرگل ڪاهيندياس
٣. ٻاجهون ٻاروچل جي، ساڙيهه ساڙيندياس
پنهون وٺي تا پاڻ سان، اديون آڻيندياس
٤. پاڻ پنهنجو پُور مون، چنجين چاڙهيندياس
سر پنهنجو سرتيون، گهوريون گهوريندياس
٥. وٺي مهار مين جي لوءِ ڏي لاڙيندياس
سچل ٻاهون سوز جي، پيا ورق واريندياس

(سر بروو - گجري)

ٿلهہ: وسئون تا نہ وسار ڀلو يار ڙي، آءُ اوهانجڙي آهيان ڀلو ميان
١. سڪائيءَ ڏي سُپرين، ڪٽي نيڻ نهار
٢. هيڏي هوڏي نہ ڇڏين، پنهنجي ڪڍ قطار
٣. توکي ڏسان مون ڏسين، پرين کهڙي پار
٤. سچو صبر ۾ رهين، گوندر ڏينهن گذار

(سر بروو)

ٿلهہ: وَسِ ڪا آهي ويچاري، هئڻ هن جو هوت ريءَ ناهي
١. اُتن اوتارن تئون، صدقي آءُ سَئو واري
٢. چايو ڏاڍي چاهہ مئون، برهہ بلوچي باري
٣. هيڏي هوڏي جان ڏسان، آهي اندر ٻاهر آري
٤. ٻانهون ٻانَهن جان ٻڌي، زار ڪريان ٿي زاري
٥. سچل سهي جي ڪرين، حق حقيقت ساري

(سر بروو - ڀيروي)

ٿلهہ: وعدا اُهي اڄ ياد پيا، مون سان قريبن جي ڪيا
١. ڳالهيون ڳجهيون اُهي يار جون، اصلون ٻڌيم اسرار جون
سي ٿيون عطا اعتبار جون، دل ۾ رهيون دلدار جون
٢. واليءَ اِهو وعدو ڪيو، جو ڪم ڇيو سين سو ٿيو
هڪ ٻول توسان نا ٻيو، وسري نہ مون ڪئون سو ويو
٣. فائق وري فرمائيو، تو سر اسان جو سائيو
اهو ڏسڻ مون آئيو، دل ساڻ سو مون لائيو
٤. سچو سدا سرهو رهين، هن ٻول اسان جي تي ٻهين
تون تاهہ تا هن تي نهين، سر بار برهي جو سهين

(سر جوڳ)

ٿلهہ: وعدو ڪيئن وساريوَ، ڀلا سائين ڪيهي ڳالهيونِ
١. اسانِ نماڻن سان يار پيارا، ڪو ڏينهن مان گذاريوِ
٢. ڏک ڏيئي وئين اڳي ڪان اڳرو، وري نہ پوءِ نهاريوِ
٣. هيڏانهن هوڏانهن ڇني اسان کي، پنهنجي ڪڍ قطاريوِ
٤. آتڻ چرخو ويئي چوريم، ڏيئي سو عشق اُڏاريوِ
٥. سيڪنهن ساعت سانول سائين، سچل هِت سنڀاريو

(سر برووو)

ٿلهــــــ: وِيــڙا جــي وٽــڪــــار، اچــان وري ايـنـداسـي

١. ڪي ڏينهن پهچڻ ڪيچ ۾، قصد ڪندا ڪوهيار، اسين ڪاڏي نہ ويندا سين

٢. پوءِ منهن رکي جيڏيون، پاڻون ڇاٽي هن پار، اسين ڪاڏي نہ ٿينداسي

٣. آيا ڇاٽي سپرين، جِيءُ ني پيڙو جار، اسين نينهن نيبهہ نينداسي

۴. هاٽي سچل مونکان وِسري، ڪتڻ واري ڪار، اسين جا ڪي جينداسي

(سر جوڳ)

ٿلهہ: ويـٺـا منهنجيـون ڳالهيــون ڪَنِ، هُتِ مــاروئڙا مليــر ۾

١. عـــمـــر آنديـئي مـــارئـي، تــاسف ڏيـئـي تــن

٢. ســـدا آهن ســــومــــرا، مـــارو منهنجـي مَنِ

٣. مـــون جيـــڏيون مليــــر ۾، ڇـــانگن پـــاس ڇـــڙن

۴. ڇـــڏي پـــانـــور ڪنـــڏيون، مَنهنـــيُون اوري اڏن

٥. ســـچل جي ســـريـــر ۾، ويـڙيـچــا ٿـــا وسـن

(سر سسئي)

ٿلهــــ: ويهي آءُ ڪوهہ ڪندي، جيـــڏيون ڙي پنيـــور ۾

١. چـونـديـس حـــال حـــبـيـب ڪـــي، ڳـچيءَ پــائي گـنـدي

٢. ڪُـٺي ســـــا ڪـاڏي وجي، جا بــرهہ تـنهنجي جي بـنـدي

٣. جيــــهي تيــــهي حـــال آهيـــان، ســـچـــل صـــاحب سندي

(سر جهنگلو)

ٿلهـــ: وَهيـــان وســاريان ڪيـئن، جيـــڏيون جي لَنوَ لائي ويا

١. گـــهوري ڇڏيم هي گـــهـــر جايون، برهہ بـهـيـران پٺيءَ لايون
پيــــــر نہ پــوءِ ورايـــان، وري سنيــــاريـــان ڪيـــئن

٢. شـــهـــر پنيـور ڪـئـون ٿـيم آزادي، ڪيچ ويندي ڏنم شـادي
تنهن ســــان نينهن نبـــاهيــــان، پوءِ نهـــاريان ڪيـــئن

٣. ٿي پٺي منهنجي دلڙي ديواني، محـبت ڪيـڙس آءُ مـسـتـاني
دَرِ دَرِ فـــيـــريون پـــايـــان، هت گـــذاريـــان ڪيـــئن

۴. پُورِ پـريـن جي ڪـٺي پـدرائـي، اوڙي پــاڙي وِچـنـي وائـي
چـــا ڪي عـــشق چـپـايان، هُـڻ گـــهــر گـــهــاريان ڪيـــئن

٥. ڪـيـچيـئـڙن جي ڪم اچان جي، رنگ پرين جي رنگ رچان جي
ســـچــو ري ڳــڻ ڳــايــان، هـِي ســـر واريـــان ڪيـــئن

(سر تلنگ)

ٽلهه: ووڙيان ڇو وٽڪار، جيڏيون آهي جيءَ ۾
١. صحيح سڄاتم سرتيون، دل ۾ آهي دلدار
٢. ڪاڪيون آهي قلوب ۾، ڪيچ ڏٺي ڪوهيار
٣. ناحق وندر ڇو وڃان، پاڪر ۾ آهي پتار
٤. "وَنحَنُ اَقرب" اوڏڙو، لڌم لالن يار
٥. "وَفِي اَنفُسَڪُم" تي، اديون ڪيم اعتبار
٦. ساهون اوڏو سپرين، ڪوهه پڇان پيو پار
٧. صاحبڏني سمجهيو، تن اندر تڪرار

(سر بروو)

ٽلهه: ويجها شال رهن، ڏور لايا جَنِ ڏينهڙا
١. سگها منهنجي سپرين، پکي مانَ پهن
٢. وڏا طالع تن جا، جَنِ جي راجَ رهن
٣. هن منهنجي حال جي، سگهڙي سي سُڌِ لهن
٤. طعنا ڏيون جا، ڏاهيون سي ڏهنِ
٥. سچو صدقي ان تئون، جي تا ڪيچ ڪَهَنِ

(سر بروو)

ٽلهه: ويندي تا وٽڪار، جيڏيون هيءَ لڳ هوت بلوچ جي
١. آءٌ ڪيئن ويهان هتهين، آهي منهنجو ڪم ڪوهيارَ
٢. ساه منهنجو سرتيون، آهي پرين جي پارَ
٣. هيءَ دل ديواني ڪري، هو تيا پاڻ قرار
٤. جات جتن جي جيڏيون، جيءَ وڏو آهي جار
٥. سچو نہ وسار ساهہ ڪئون، دوستن جي دربار

(سر بلاولي)

ٽلهه: ويهي هِتِ ڪيئن وسارين، پرين توکي پاڻ پڇن تا
١. جيهو تيهو آهي اسان جو، ڇئو جو دوست چون تا
٢. ڪڏهن ماندو متان ٿئين تون، تنهنجي اگهڻ اچن تا
٣. جڏهن ٿين ٿيون هت سنياران، تڏهن هت پُور پون تا
٤. پرين توکان پري نہ آهن، ويڙهي جهڻ نہ وسن تا
٥. ماندو متان ٿئين خوش ٿي سچل، هُواچ گوشي گڏجن تا

٨. نانوَ لهي ويا ٻاهريان، اُهو باقي رهيو نام ميان
ڪُوران ڪَسيان واهڙان، هُت ڪُلي ٿيا گمنامِ ميان
٩. هت سيئي درياه ٿيو، پيا ڪوڙا لٽا نانوَ ميان
اول آخر هڪ ٿيو، ويو وڃائون گناه ميان
١٠. اصل جيڪي هوس آءٌ ميان، هِت آهيان سو ميان
آخر ٿيندس سو وڃي، هِڏ آهيانَ ڪونہ پيو ميان
١١. اکيون اکڙين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ ميان
پئي نظر جتي تانهنجي، تتي پنهنجي چشم چاڻ ميان
١٢. اکيون اکڙين ۾ رکين، تا هِت هُت تون هين آءٌ ميان
جي خبر اکين جي لهي، تا تون نرالي ناءِ ميان
١٣. اکين مئون معلوم ٿئي، اِهو صورت جو سينگار ميان
سچو سارو سچ ٿيو، پيو ناهي تفاوت وار ميان

(سر بروو-ليلان)

ٿلهہ: هاري سو پاتئي هارُ، تان آءٌ جامِ چنيسر آوڙان
١. جنهن دوست ڪسايو دم ۾، سَتِ اهو سينگار
٢. هتئون پئي تنهنجي آهي، روئين چو زاروزار
٣. ڏاڙو هيڙو درد جو، جنهن ڪيو بهشتئون بيزار
٤. ڏوهہ تہ تنهنجو ڪونہ هو، پر نينهن ڪيو نروار
٥. پلنگون پئين‌ءِ پٽ تي ڪري، گوندر گفتار
٦. سچو سهي ڪرين هيءُ، هو عشق جو اسرار

(سر بروو)

ٿلهہ: هاءِ هي حَلاج جان، ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا
پار هن آيا اُهي، جي گهوٽ هن گهيڙون گهڙيا
١. ڪِي تبي ڏيئي ڏسو، پاتال منجهہ پيهي ويا
ڪين ڪي عاشق اُهي، ڀهڪڻ وري ٻاهر پيا
٢. غرق ٿيا غازي اُتي، ڪَنِ عامَ بيٺا هاءِ هاءِ
آءٌ لڙهي آيس اُتي، جاتي رهي ناهي رِيا
٣. دلق ڪي درياهہ ۾، اُجلن بهادر بي بها
صاف ٿي نڪريا سچل سي، صاف سالڪ جي هئا

(سر بروو-ڪوهياري)

ٿلهه: هاڻي مونکي پرينءِ پوءِ، جيڏيون جيئڻ جنجال ٿيو
١. ويٺي واٽڙين تي هيءَ، راتو ڏينهان روءِ
٢. ويهڻ هن جو وهُ ٿيو، هو لڏي ويڙا لوءِ
٣. دردمندي دانهون ڪري، آهِ هوتن ريءَ هوءِ هوءِ
۴. ڪاڪيُون موڏي ڪيچ ڪ ئون، شال قاصد اچي ڪوءِ
٥. سچوءَ ڪندي سال ٿيا، وَريتيون ووءِ ووءِ

(سر بروو-ليلان)

ٿلهه: هار چنيسر چام. ليلان ڪسايو دستئون پنهنجي
١. ڏاڳو مٺيو هو ڪسوتي، جو دل جو ٿي پيو دام
٢. نظر وڏيئي تا غير تي، تيلهان تون ٿيئن تمام
٣. پُلي پولي ۾ پئينءَ، هار پانيئي آرام
۴. تنهن ڏينهن آندءِ پاڻ سان، سُورن جو سرانجام
٥. سچل رهه صبر ۾، عشق تِئِئي انعام

(سر بروو)

ٿلهه: هادي ويڙهي آيو. هاڻي سائين هيئن سمجهايو. والي ويڙهي آيو
١. ڪڏهن ٿيو ڪونہ ڪو. عاشقن آرام ميان
راتو ڏينهان تَنَ اُتي، آهي محبت جو ماتام ميان
٢. خاڪئون هلج خاص ٿي. ڪر پاڻئي ڪئون پرواز ميان
چِڙيءَ چنبو ماريئي، ٿي شاهين آئون شهباز ميان
٣. جيڪو اصل آهي، ٿيو هاڻي سو سلطان ميان
گهوڙي چڙهندڙ گم ٿيو، پيو گهوڙو ۾ جولان ميان
۴. گرد ڳجهو ڪيو طالبو، اهو گهوڙي جو هسوار ميان
گهوڙي وارو گم ٿيو، اُپريو گرد غبار ميان
٥. آيو بحر جوش ۾، تڏهن موج پئي ٻاهار ميان
هَئي هَئي آيو نانوَ ۾، ٿيو سانوڻ جو سينگار ميان
٦. لڙَ منجهون ٿيو اڃو ڪارو. اصل سو درياهہ ميان
بيحد رنگ گهڻا ٿيا ٻاهر، ڪير ٿيو گمراهہ ميان
٧. سانوڻ لٿو هڪ ٿي، تڏهن پاڻي موٽيو پوءِ ميان
ڪارو اڇو لڙ ٿيو. اهو سارو سمنڊوءِ ميان

(سر بروو)

ٽلهہ: هَتئُون پيتو مون تا پير مُغان جي، جام شرابون شوري
١. دور ڪارائي دل ڪي، ٿيو چشمان ڪَيف ڪڪوري
٢. اصل ڪئُون منصور جو، انهيءَ ڪاتيو ڪنڌ ڪٽوري
٣. نشي منجهہ نواز ٿي، گهوريون هي سِرُ گهوري
۴. جنهن ساقيءَ سُرڪ پياريو، آءٌ ڪيئن پڇان تنهنجي ٿوري
۵. پِنهان ڪيائين پاڻ ڪي، چٽ سچوءَ جو چوري

(سرٌبروو)

ٽلهہ: هر جاءِ هي جاني جلدو جمال تنهنجو
خم خم ۾ ڪري قابو خوبان خيال تنهنجو
١. محبُوب مانَ پَريا ناهي مثال تنهنجو
ڪِري قيد عاشقن ڪي ڪاڪل ڪمال تنهنجو
٢. نازن ۾ آ نزاڪت وارد نهال تنهنجو
سَيد تون سَپَ ۾ سرسو ناهي ڪو سيال تنهنجو
٣. باريءَ بيان ڪيو آ بيشڪ بحالُ تنهنجو
پولو پلا نہ پايان گهرجيم بهال تنهنجو
۴. سچل هيٺيءَ سان حاضر هردُم آ حال تنهنجو
آهي وسيلو وارث وِلهيَنِ وصال تنهنجو

(سر بروو)

ٽلهہ: هڪ ڏهاڙي پير مغان، مونکي ڳالهہ ڳجهي فرمائي
١. سَلڻ جهڙي ناهي سَا، جا پاڻ پرين پرجهائي
٢. عام نہ مڃن ان ڪي، جا صاحبن سمجهائي
٣. مَٽ منجهارئون مَي جي، تنهن ساقيءَ سرڪ چڪائي
۴. پيالي مئُون پرواز ٿيو، واءِ ويئي ہي وائي
۵. عبد ڇاتو ٿي وو جنين، تن بازي هٽ هارائي
٦. حق ڪئُون حق نصيب ٿيو، ٿي مُدعا سچو سيائي

(سرجوڳ)

ٿلهه: هُتِ تا ڪير هُياس، هِتِ ٿي ڪير آيس نہ ڄاڻان

١. نانءُ پيو هُتِ هو منهنجو، هِتِ ٻي نانءُ ٿياس

٢. اچڻ نہ هو هِتِ منهنجو، پر ڪنهن تا خواهش ڪنياس

٣. هُتِ هيس معشوقيءَ ۾، هِتِ عاشق ٿي آياسِ

٤. هُئي هُئي هُتِ ڪا نہ ڪا، هِتِ منجهہ پروڙ پياس

٥. سچو سارو وو سچ ٿيو، وڃڻون آءُ وياسِ

(سر جهنگلو-جوڳ-ڪلياڻ)

ٿلهه: هُتئُون هلي هت آئين، ڪرڻ واپار ڙي تون وڻجارا

١. وچ بازار جي چوسول وچ ۾، پڙي پرت جي پائين

٢. شاه پنهنجي سان وعدو جو ڪيڙءِ، ڏينهن سمجهي چت لائين

٣. شاهوڪاريءَ جي ڪوٺي جا پاتئي، سا ويهج ڪيم وسائين

٤. وٽج ورهہ جو ٿئي موتي لعلان، ٻي گهور سا ڪيم گهمائين

٥. سودو سچ جو آهي سچو هي، ڪُوڙ ڪنگڻ ڪچ ڪائين

(سر سسئي)

ٿلهه: هِتئُون اُٿِي تنهنجا هوت ويا، تون تان ٻي نہ ڪوشش ڪرين

١. پير پُوئِن تون نہ ڪٽي، ٻُڌيون سي ڳالهيون ڪرين

٢. ٽوڪي تان ترسايو، پاڇياٽي پنڌ پرين

٣. اُٿي ڪر پنڌ پهاڙ جا، متان تون پوئتي ورين

٤. سچل پيچ سپرين ميان، متان تون ٿاهرين ٿرين

(سر سسئي)

ٿلهه: هُتئُون هوت هلي، ڙي عاشق دلاسو ڏيندو

١. وجهج ڪم ڪريم ٿي، ٻي ڳولج ڪا مَ ڳلي
پاٿهين پنيءَ تو ايندو

٢. پڪا پڪن سامهان، تنهنجي ماڳ ملي
اوڏا آٿي اڏيندو

٣. اچڻ سندي اُن جي، ويندو روح رلي
ٿورو ٿورياٿي ٿيندو

٤. جا ڳجهي هوتن مَنَ ۾، سا ساٿين ڳالهہ سلي
پنهل پاڻ سان نيندو

٥. مهر پنهنجيءَ سان تو پرين، انهيءَ ڀتِ ڀلي
سچل نانءُ سڏيندو

(سريراڳ)

ٿلهه: هلي آءُ دُلدل جا سوار، سهڻا حيدر پير ڪرار

۱. هر جاءِ تي آن حاضر ناظر، ڪُلُ شي تي آن تون قادر
بيشڪ آهين وڏو بهادر، جابر ذوالفقار

۲. عرض تہ منهنجو ايهو آهي، ڪامل رَسُ تون قربٺون ڪاهي
شاهہ ڇڏائڻ توکي ڇاهي، آهنج سيئي آزار

۳. هردم سچل تنهنجي در جو، ماتم دار شبير شبر جو
صدقو مولا علي اڪبر جو، باري ڪٽندو بار

(سرسسئي)

ٿلهه: هِنَ جو شرم سيوئي آهي، جيڏيون تا ستگر تي

۱. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاٿهين ، نا تہ هُئا حال اسان هي

۲. آهي پاڙيائون پاٿهين پنهنجا، هُو جي قول ڪيائون ڪي

۳. جن پياريو پُرُ پيالو، شال ساقي جِيئَنِ سي

۴. سدا آهي وسن اسان وٽ، جاني جِيءَ جا جي

۵. سِرُ سچوءَ کي ڏسيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هٿئون ڏي

(سرمالڪوس)

ٿلهه: هن غريب جو حال، توکي معلوم آهي

۱. صدقي ڪنديس سِرُ سائين تئون، پيو سَبُ مِلڪ ءِ مال

۲. دوست اوهان رِيءَ ديس ۾، جيئڻ آهي جنجال

۳. ڇئي ٻُڌايان ڪيترو، آرياڻيءَ احوال

۴. مَج سچوءَ جو سپرين، سائينءَ لڳ سوال

(سربروو)

ٿلهه: هينئڙي ڳالهيون ياد، مونکي ٻاروچي جون

۱. ويا ويساهي نکري، عشق ڏيئي امداد

۲. پينر شهر پنيور ڪئون، آءُ تينديس آزاد

۳. اُنهن ٻاجهون جيڏيون، عمر سڙئي برباد

۴. دردمنديءَ جي دلڙي، شال ڪندا شاد

۵. سچل سندي سرتيون، پُني سڀ مراد

(سر بلاولي-جهنگلو)

ٽلهہ: هڪو ڏوهہ ٻيو ثواب، اتئي عشق جو صحاب
١. وڄائيندي ورهيہ ٽيا، اڳيان رڊ رباب
٢. پرين وسي پاڻ ۾، ڪڍي ڏس ڪتاب
٣. واديءَ ۾ وحدت جي، آهي ڪونہ حساب
٤. جيئڻ آهي جڳ ۾، بنان عشق عذاب
٥. مَهندان محبوبن جي، تون ڪُسي ٿيءُ ڪباب
٦. محبت جي ميدان ۾، جهَل تکيرا تاب
٧. ماهي سڪاين کي هٽي ٿو، نيزا نينهن نواب
٨. سچو سڪاين جو ٿو، کولي نينهن نقاب

(سرجهنگلو)

ٽلهہ: هڪ آهيان ٻوءِ هاٿي وو ميان، ڇٿو ٻيو آهہ کهڙو
١. اندر ٻاهر وو حڪم اسان جو ميان الله، صورت هيءَ سڄاٿي
٢. عاشق آئين وو عشق معشوق ميان الله، يار مڙيوئي هڪ ڄاٿي
٣. تون سيوئي وو آءٌ تا آهيان ميان الله، متان اِتي شڪ آٿي
٤. ڳالهہ هجر جي وو ڄاٿي واٿي ميان الله، سچل ساهہ سيباٿي

(سر سسئي)

ٽلهہ: هَلان پنهل تو ساڻ، ساڻ هلي تنهنجي گولي ٿي گذاريندي يس
١. ڄُلي پيئنيس ڇپرين، سڳ تہ توئي ساڻ
٢. ڪوجهي ڪاري هان تنهنجي، پنهل پاڻ سڃاڻ
٣. توري توريندو ڪيترو، محبت وارو ماڻ
٤. توڙ نباهج تون ڏئي، سهٽا سچل ساڻ

(سرمارئي)

ٽلهہ: هلي ههڙي حال ميان، وڃي ڏوٽين کي ڏسان آءٌ
١. پيڪن مون پهچائين، پلا پنهنجي پال
٢. منهنجو ماروئڙن ريءَ، آهي جيئڻ جنجال
٣. ههڙي وڇوڙي جي، ڪنهن سان ڪرميان ڳال
٤. هُئَنِ سدا خوش سومرا، مارو پنهنجي مال
٥. سچل جي تہ سرير ۾، مارن جي آهي مقال

(سربروو)

ٿلهـــــ: هوت اوهان تي آ، ســـــارو ننگ نماڻيءَ جو

١. ســائين ڪارڻ ســپـــرين، پيـــرا اڳڻ منهنجي پاءِ
٢. پـريــن وڙڻون پانهنجـي، لنون نماڻيءَ ســان لاءِ
٣. مــاڻهــو شـهـــر بنڀــور جا، ســاهه نـه اچن ســاءِ
٤. ڏسنديس آءٌ اکـــڙين ســـان، جانب تنهنجڙي جاءِ
٥. ڪيــو ڳـڻـن تـانهنجي، ســچــوءَ ڪي هـاءِ هـاءِ

(سربروو)

ٿلهــ: هوت پرين هڪـواري، مــونکي اچي ملج مـيـــان

١. ڏونـگـر ڏورڻ مـــون نـه ٿـــئي، اوري آءٌ تـــون آري
٢. ڳچيءَ پـالـي ڪـپـــــڙو، زور ڪــرنـديس زاري
٣. جا اوهانجڙي ڪونـجي، ســـا تو ڪيـئن وسـاري
٤. هيـجئـون ڪنيـم سـر تي، بـار برهه جـو سـو ڀاري
٥. ويـئي ڏســان واٽڙي، مـــونجهـــ اوهانجي مـــاري
٦. ســچو سـندو سـڄـان، ٿـيــو فـراق فــراري

(سر بلاولي-جوگ)

ٿـلهـــــ: هوت جي گـــولي، آهيـــان دوست جي گـــولي

١. ڏيـئـي ڏڪيءَ جي ويـا، هـينـئـــــڙي ڪـــي هـولي
٢. ڪـيـمـن ڇڏيـنـدا ڇپـــــريـــن، هيءَ آريـاڻي اولي
٣. سـڪيس آءٌ نـه ســـرتيـــون، آها بـاروچي ٻولي
٤. ڪـئـي انهـن ڪـاڻ مـــون، هت ڇيـهـــاڙيون چولي
٥. ڏسنديس اکـــــڙين ســـان، آها ٽـڪـــر ۾ ٽـولـي
٦. انــدر منجهـــــــ آتـــــــاري، ڇـر وڌي ڇـولـي
٧. جيــڪي ڇيُو جيــڏيون، آها جهـلـي مـــون جهـــولي
٨. راهه ڪيـاڻون روهه مـــئـــون، ســچـوءَ ڪي ســولي

(سربروو)

ٿلهـــ: هوت ڪڏهن هت ايندو، ڪَهــ ڪانگا ڪَلَ ڏي ڪا

١. ڇڻــــو ڪـي وهِندو اِتـهين، ڪي ســـاڻ نماڻي نيندو
٢. هيــڪند اچي هوت مـــون، هن ٽـڪيءَ ســان ٽـيندو
٣. پاڻ پنهنجو ســـپـــرين، ســـاڻ غريب گـــڏيندو
٤. پـــڪـــا پـــاڄاڻـــن ڪـــي، اوڏا يـــار اڏيــنـــدو
٥. هوت پـنهنجـا هـتـــــڙا، هـن ڏڪـيءَ ڪـي ڏيندو
٦. سنگت پنهنجي ســـپـرين، ســـچـوءَ ڪي بـه ســـڏيندو

(سربروو)

ٿلهہ: هوت اچڻ جي ڪا ڪر ميان، پانڌي روز پڇايان ٿي

۱. راتو ڏينهان روح ڪي، سڪ اوهانجڙي سر مياڻ
تولئي هت ڪانگ اڏاايان ٿي

۲. سِرُ توئي تئون صدقي، گهوٽ اچين جي گهر ميان
گهوريو پاڻ گهمايان ٿي

۳. ايندس اهڙي حال سان، دوست اوهانجي در ميان
ڳچيءَ پَلو پايان ٿي

۴. پرين پارئون تانهنجي، ٿي ويچاريءَ جبي وَر ميان
ويٺي ڏڪَ وسايان ٿي

۵. سارو مطلب مون ٿئي، پرين اچي ڪنهن پر ميان
هِت پوٺيون پٽايان ٿي

۶. سچوءَ أتي سپرين، دست مبارڪ ڏر ميان
سنديو يار سڏايان ٿي

(سربروو)

ٿلهہ: هوتَ اچي هٿ ڏيندا، جيڏيون مون هن نماڻيءَ کي

۱. پرين وڙئون پانهنجي، چپر تا نہ ڇڏيندا

۲. ڏسندا اکڙين سان، نال نماڻي نيندا

۳. پاڻئون پاسي نہ ڪري، گولي ساڻ گڏيندا

۴. پانڌين پچارون ڪيون، آرياڻي اچ ايندا

۵. اگڻ آسروند جي، پکا پاڻ اڏيندا

۶. ڪيچين سندو قافلو، لوڏئون تا نہ لڏيندا

۷. ساجن سنگت پانهنجي، سچو شال سڏيندا

(سربروو)

ٿلهہ: هوت اسان وٽ ايندا، وٺي نال پي نيندا

۱. سئو دلاسا سرتيون، هن ڏکيءَ کي ڏيندا، گولي پاڻ گڏيندا

۲. پکا پاچاڻين جي، اوڏا آڻِ اڏيندا، ڇوري تا نہ ڇڏيندا

۳. جانچي ڏسجو جيڏيون، هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا، وري پوءِ نہ ويندا

۴. پسي حال حقير جو، بديون تا بخشيندا، سچو نانءُ سڏيندا

(سرسسئي)

ٿلهہ: هُئان ٻاروچي نال وو نال، پلڪ نہ پري پرين ڪئون
١. وَرهيہ ويڙم گذري، هئي هئي هھڙي حال وو حال
٢. ساجن تنهنجي سوز جي، ڪريان ڪنهن سان ڳال وو ڳال
٣. ٿي گذاريان ڏينهڙا، تنهنجي خاص خيال وو خيال
٤. پُٺيءَ لڳل پانهنجي، پنهون سائي پال وو پال
٥. ساهہ سچوءَ جو صدقي، آهي اُتون آلِ وو آلِ

(سربروو)

ٿلهہ: هو سڄڻ مون ساڻ، جنهن جي ڪارڻ مون ٿي پوٿيون پٿايون
١. "وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنتُمْ"، آهي سندس اهڃاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي فالون وجهايون
٢. سدا مون وٽ سپرين، محب ناهي مهماڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي واٽون پڇايون
٣. اَهڙي اوڏائيءَ ۾، ڪونہ پيو مون ڇاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي راتيون لنگهايون
٤. هيڏي هوڏي ٿي ڏٺم، ڪين پروڙيم پاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي ويٺي وِرهہُ وسايون
٥. پري پڇ نہ پنڌڙا، سچل تون پاڻ سڃاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي ميڙيون سنيايون

(سربروو)

ٿلهہ: هو کهڙي واٽ ويام، آءٌ تان ڳوٺ رهيس سڀ ڳولهي
١. عشق تہ عاشقن جا، اِڳهين ٿي ٻڌام، تولي ڪيئن لک تولي
٢. ڪُوڪان چڙهي ڪ..... تي، ڪيچڙنِ کي ڪيام، چولي سر مُون چولي
٣. ڏوريندي مون ڏونگرين، سرتيون سال ٿيام، هاٺي رند لڌا مون رولي
٤. سچل آءٌ تان ناهيان، پوءِ ساري سڌ پيام، تو پاڻ ٻاروچو ٻولي

(سربروو)

ٿلهہ: هوت ڏهونٔ هاٺي آيُون، مون ڏي خوش خبران هي
١. اچي اَڏيون تا اوڏڙيون، جارِ تنهنجڙي جايُون
٢. چِڏي شهر پنيور کي، پير وري ايڏانهن پايُون
٣. ٿيون جيارن جيڏيون، اهي ويچاريءَ کِي وايُون
٤. سچل سنديُون دانهڙيون، دوست وري ورنايُون

(سربروو)

ٿلهه: هوت اڇج هت هاٿي، پنهنجا ڏک ڏسيندس
١. دوست اوهانجڙي آهيان، سائين لڳ سڄاٿي
پاڻ گولين گڏيندس
٢. تون تا صاحب سپرين، هيءَ سا ٻانهءَ نماٿي
توکي سائين سڏيندس
٣. پکا پکن سامهان، آرياٿي مون آٿي
توکي اوڏا اڏيندس
٤. پٺيءَ لڳيس تانهنجي، حَبَ منجهون هوتياٿي
آءٌ ڪا پاند ڇڏيندس
٥. سچل اوتي سپرين، پنبڻين مان پاٿي
ڏک ڏوراپا ڏيندس

(سرسسئي)

ٿلهه: هوت اوهان تي آهي، سارو ننگ نماڻيءَ جو
١. هيءَ ڪنيزڪ ملهه خريدڻ، سگ نه ٿي ڪو ساهي
٢. جيئن هلايو تيئن هلان ٿي، ڏور وڏي تو ڏاهي
٣. هيءَ پاڄاٿي پرين سا پرتَوَ، ٻاب سنديوَ توڙي ناهي
٤. ساهه سچوءَ جو در تنهنجي ڏنهن، هَڏِ نه آسر لاهي

(سرپيروي)

ٿلهه: هو اسان وٽ يار تون، آهي هت اسان جو حال هي
١. اُباڻڪو آهيان گهڻو تو ريءَ، پرين پرديس ۾
آءٌ مڙيوئي معلوم ڪر، عاشق سندو احوال هي
٢. آهي اوسيئڙو تانهنجو، شب روز اکڙين ۾
جاني سنديءَ مون جاڳندي، آهي خواب ۾ ٻه خيال هي
٣. دوست تنهنجي درَ اُتي، دونهون وجهي ويهي رهان
منهن ڏيکارج محب مونکي، نه تهْ متئون آهي وبال هي
٤. دردمند جي در پيهي، آءٌ دوست دل شاد ڪر
صدقي ڪريان سر ساهه سان، ڇا مِلڪ ءِ ٻيو مال هي
٥. ويٺي نهارياڻ واٽڙي، تنهنجي اچڻ جي لئي ميان
لَهُ سڌ سنديم سا ٻن اچي، نه تہ آهي جيئڻ جنجال هي
٦. پاٽون پري نه ڪريو مونکي، ڪي دوست دلداريون ڏيو
هوتئون سدائين ساڻ مون، آهي سچوءَ جو سوال هي

(سربروو)

ٿلهه: هوت اسانجڙو حال، تون تہ پاڻهين تہ و ڄاڻين

١. اوهان ڀاڄهوڻ سپرين، ميان الله ساعت ڀانيان سال وري اڄج آرياڻي

٢. راتيان ڏينهان روح کي، ميان الله سندو خواب خيال هيءَ اٿو نماڻي

٣. ڇڏي ويندين ڇپرين، ميان الله تو لڳ کيم ڪشال هيئن ڪيئن هوتياڻي

۴. معلوم توکي مون پرين، ميان الله عاجز جو احوال تون تا سانول سڄاڻي

۵. سوز اوهانجي سپرين، ميان الله برهہ ڪئي بي حال تہ ڀي عذر نہ آڻي

٦. راهہ فراق فقير ڪئون، ميان الله سچل مچ سوال هئي هادي لئي هاڻي

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: هوت ڏنئي هيڏي ايندا، ڪيئن ساٿي مونکي سچ چئو

١. هتون پنٽي پکڙا هِت، ڪيئن آٽي اڏيندا

٢. پنهنجي وڙئون پاڻ سان، هيءَ غريب گڏيندا

٣. ڏک ڀائي سي سپرين، ٿورياٽيءَ سان ٿيندا

۴. دردمنديءَ جي دل تي، دانهہ دست ڌريندا

۵. ڏوڙا طالع مون تين، جڏهن سچل نانءُ سڏيندا

(سرمارئي)

ٿلهہ: هو جي مارو‍ئڙا، ڀيهر مانَ ملن
شال الله اوراهون ڪندن، سانگي سانگ سندن

١. ويئي آهيان واٽ تي، مَنَ اڇو حال ڀچن

٢. پکا پکن سامهان، اوري آٽي اڏن

٣. اُنهن ڪارڻ جيڏيون، منهنجيون اکيون رت رُئن

۴. اصل لاڪون آهي، سچل سگ سندن

(سربروو)

ٿلھ: هوندي سڀ پر سائين ساڻ، هيءَ پورهيو بندي وچي ڪيچ ڪندي

١. ڪالهہ ڪالهوٽي سپرين، اڄان مون وٽ مهمان

٢. لڳي قافن ڪيچ جي، پرزا ڪنديس پاڻ

٣. اُنن اوناڻن تئون، آءٌ ڪاڪيُون قربان

٤. هٿي ويو نکري، پاروچو مون پاڻ

٥. ويهڻ مون وهہ تيو، چيتڪ ڪيڙس چاڻ

٦. سچل سوز فراق جو، ڏيئي ويڙم ڏاڻ

(سربروو)

ٿلھ: هوت وئين ڪيئن ماري، پلو هن نماڻيءَ جو

١. هيءَ ڪميٽي ڪُوڙي، وينين ڪيئن وساري
مان قاصد مُنجين ڪو

٢. راتو ڏينهان سپرين، سڪئون اوهان کي ساري
تون هوت اسان وٽ هو

٣. سچل سگ اوهان جو، واڻان نت نهاري
هي لال نہ ڇڏج لو

(سربروو)

ٿلھ: هوت پارئون مونکي هاٽي، ڏنا نينهن نياپا هِي

١. هٿئون ڇيئي تانهنجي ميان، عُذر ڪيها هيبا آٽي

٢. اوتين کهڙي ڳالهہ ڪئون، پنبٽين مون پاٽي

٣. وينيئين ڪيئن پنيور پر، سُور هُيئي جي ساٽي

٤. سچل توکي ساهہ ڪئون، آهي اوڏو آرياٽي

(سربروو)

ٿلھ: هوت ڪڏهن نہ هلايوَ، پانڌي پنهنجي پار ڏنهُن اسان ڏي

١. طرف تنهنجي مکوسين قاصد، سو پي وَهندو ڪينَ ورايوَ

٢. نياپو منهنجي نينهن جو، جيڪُسِ ساتيءَ نہ سٽايوَ

٣. هو جو ڪيو هوئي وعدو، سو تان ياد نہ آيوَ

٤. هردم هونداسين اسين توئي سان، فائق هِيئن فرمايوَ

٥. تنهن ڏينهن لاکُون يار سچل کي، باري سو برهہ بڇايوَ

(سرسنئي)

ٿلهہ: هيءَ ڇڏيج هو وڻيج، متان ڪا ٻي ڳالهہ پڇيج
دوئيءَ واري دام ڪنئون، ڀڄي ريون طالب ڀاڻ ڪڍيج
٢. مرشد جيئن فرمايو، واقف سنو تا ڏس وڻيج
٣. سِرُ سهي ڪر پنهنجو، پيا آڏاٽا ڪيم اڏيج
٤. لاري لڳ نہ ڪنهن ٿئي، عاشق اِنهيءَ پنڌ پئيج
٥. ويسهہ واريءَ واٽ تي، سچل وي تون سرُ سٽيج

(سربلاولي)

ٿلهہ: هي طلسم گهڙي جا، جارئون جوڙيائون
١. تنيا تُوٽيون ڏيئي ڪري، هڪ محل اڏيائون
٢. تنهن ۾ ساز سرود پيا پي، غمزا گڏيائون
٣. در دريچا طاق وَري، نَهہ پهَہ تاهيائون
٤. دائم پن درن ۾ وري، ورهُ وڌائون
٥. پڪو در پريت جو، ڏِسُ قابُو ڪيائون
٦. اِنهيءَ مون اسرار ڪيئن، تي ٻاهر ڪڍيائون
٧. ويهي اُن درن مئون، تبي ڏورئون ڏنائون
٨. سچو هٿيارن رِيءَ، تي ڪوڙين ڪُنائون

(سربروو-ڪسوري)

ٿلهہ: هيءَ غريب نماڻي، ڪيئن بيراڳڻ ڪيَئي
١. معاف منڌايونَ ڪر تهين تئون، الله لڳ آرياڻي
پيش اچي جا پيئي
٢. بيٺي آهيان يار اُنهيءَ تي، حُب منجهون هوتياڻي
ڳالهہ ڇُڪي جا ڇيئي
٣. هڪ خيال ٿي دل تي تنهنجو، تنهن ڪيس جوڳياڻي
خيال پيا سڀ ڪنيئي
٤. وعدن واري ڳالهہ اسان سان هوت ڪيَئي جا هاڻي
ڪيئن وسري سا وَيئي
٥. ڏک ڏورايا ڪهڙا توسنان، پرين سا ڪيئي پڇاڻي
نال نماڻي نہ نيئي
٦. پري نوڪ نينهن جي سائين، سچوءَ کي ني سڃاڻي
هوت پري جا هنيئي

(سربروو)

ٿلهه: هوت غريب نمائي، اِتي ڪئنين وساريئي ميان
١. اڱڻ آسروندي جي، آءُ تون پاٽون ڄاڻي
هوت مُئي چو ماريئي ميان
٢. وندرِ جن وٽن ۾، حُب منجهون هوتياڻي
مون تا گهڻو نهاريئي ميان
٣. ٿورا گهٽا ڏينهڙا، هنِ عاجز سان آرياڻي
مانَ ڳڌ گذاري ميان
۴. اٿي هلي هيڪلي، پرت منجهون پاڄاڻي
جڏهن سانول ساريئيَ ميان
۵. ڇڏي وئين ڇپرين، ڪيئي پنهون جام پڄاڻي
هيءَ ڪيئن آزاريئي ميان
٦. سچل سگ اوهان جو، سائين لڳ سڄاڻي
پنهنجي ڪڍ قطاريئي ميان

(سرجهنگلو-جوڳ)

ٿلهه: هيءَ تا خبر ڪنهن سان ڪريان، هَئي هَئي ني ههڙي حال جي
آهي مڙيائي محبوب کي، آگهه منهنجي احوال جي
١. ماريوم فلڪ فراق جي، ڪنهن در ڏيان هيءَ دانهڙي
طالب آهيان ديدار جو، ناهي طمع ملڪ ءِ مال جي
٢. عام اِهي نت ٿا ڪرن، طعنا مٿي مون تهمتان
آهي نہ ڀي ڪنهن خلق کي، خاصي خبر هن خيال جي
٣. آخر خجل سي خَرَ ٿيندا، ڏسي يگانائي يار جي
هن تئون هجر معافي ڪندا، وائي ٿيندي وصال جي
۴. جيڪي ڀيائيءَ ۾ ڀڏا، رهندي نہ نيشاني تنهين
صاحب مدد سگهڙي ڪندا، سچوءَ سندي بہ سوال جي

(سربلاولي)

ٿلهه: هيِ تون مٽان ٿئين ميان
١. مج منهنجڙي ڳالهڙي، هُو ٿيءُ تہ مئي پئين
٢. مرڻ آهي هن ۾، هُو آئون تہ تون جئين
٣. باقي توهين جو رهندين، فاني وڃئون وئين
۴. ڇڏ قال بت وڃائج، هي حال ڏي هئين
۵. چوگان ۾ چگو ٿئين، هي گوءِ جي نئين
٦. ٿيندين سچو تڏهن تون، جي هي سرُ صحيح ڏئين

(سربروو)

ٿلهه: هيءَ پورهيت پاٽي ڍوئي، خان ٻاروچا تنهنجي

١. حاضر خدمت اڇي اوهان جي، حال چونديس روئي

٢. ساٿي اسان جي سَدَ لهڻ لئي، ڪڏهن نہ مڪو ڪوئي

٣. قول ڪيو هوئي هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي

٤. ڪيئن وساري ويهان اوهان ڪي، ڪٿي تان ههڙي توئي

٥. طولي جي ٻچيءَ سو سلامن، سچل مُڪا پڻ پوئي

(سرتوڏي)

ٿلهہ: هيئن اڄ چئي مڪائون، عاشق اچون ٿا ايڏانهين

١. هن جيءَ جڏي ڪي جيڏيون، آذر وڏي ڏنئون

٢. تنهنجي ديس اسين اچون ٿا، عاشق نہ تج اُپائون

٣. مون هِن نماٽيءَ سان، ڪيڏا ڪرم ڪيائون

٤. مطلب تنهنجو آءٌ آهيان، ٻيون ڇڏ مڙيئي مدعائون

٥. دلاسي لئي دردمند ڏي، قاصد سچل ڪڍيائون

(سرسسئي)

ٿلهه: هيءَ نماٽي نالِ، نجو ادا ڙي اوٺيو

١. هي ڪميٽي ڪوڙي، برهہ ڪئي بي حال

٢. پٺيءَ ايندي اوهانجي، جيهي تيهي حال

٣. پرين نيندا پاڻ سان، پنلا پنهنجي پال

٤. اوهان ٻاجهون سپرين، جيئڻ آهي جنجال

٥. ٻاروچا تا ٻاجهہ پئي، سچل سگ ٻنيال

(سرسسئي)

ٿلهه: هيڏي اچڻ جي آءٌ ڙي، پانڌي يار پرين ڪي

١. پريان ريءَ پرديس ۾، آهي اسان هاءِ هاءِ ڙي

٢. ويهڻ ڪارڻ يار سڄڻ جي، جيءَ ۾ جوڙيم جاءِ ڙي

٣. پوٽنيون هت پٽايان، لکين لالن لاءِ ڙي

٤. سک سڄڻ جي ساهہ ۾، ساٿي تا نہ سماءِ ڙي

٥. سال سچل ڪي آهيئي، دوستن جي واءِ ڙي

(سر بروو-پيروي)

ٿلهه: هئي نہ مون ڪل ڪائي، سرَ انهيءَ جي ڙي جيڏيون
١. اڳ نہ سئيم ڪڏهن، هِيءَ راتي واري وائي
٢. ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، سائن جا سمجهائي
٣. ڏوهہ ثواب جي ڳالهڙي، سڀ ويساهہ وڃائي
٤. سائي حقيقت حال جي، سر اچانڪ آئي
٥. سچو سانيچ ڳالهڙي، پرين جا پرڇهائي

(سربروو)

ٿلهہ: هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي سو تا يار وسي ٿو
١. سناڻ سدا آهي تا تنهنجي، پرين نہ آهي ٻي پار
٢. ڦولي لهج پاڻ مئون، جو ٿو وڃين وٺڪار
٣. پرين ٻري نہ ٻَجج پنڌڙا، تون سچل پاڻ سنڀار

(سر پورب-جوڳ)

ٿلهہ: هَئي هَئي هن حال دي، سگر ٿيس نہ سامئڙن جي
١. منهنجو آهي ڪم ڪاپڙين ۾، نا تہ جوڳي آهن جال
٢. وِيم ويساهي نڪري، آهيئي رات لانگوٽيا لال
٣. ڳوليان ڦوليان واتڙين تي، جي ڪُهي ويڙم ڪال
٤. ڪات اُتي ڪنڌ آڻ ڪپاوڻ، لاهي جيءُ جنجال
٥. منجهہ گداوَ وري مَنَ گڏجن، جن جا خواب خيال
٦. زاتو ڏينهان آهي هوتن جي، سچوءَ ساهہ سنيال

(سربروو)

ٿلهہ: هيئن نہ مونکي ماريو، اوڙڪ اوهانجڙي آهيان
١. آسروند وو اِبي آهيان ميان الله، واڳ مئيءَ تي واريو
لالچ نہ تي لاهيان
٢. ڏاڍا ڏونگر لڪيون ميان الله، توهَ پانهنجي سان تاريو
چپر اڳيون نا تہ چاهيان
٣. آءٌ اوهانجڙي آهيان ميان، وسئون ڪيم وساريو
جوڙ اوهان جي توڙي ناهيان
٤. ٻانهي آهيان تنهنجي ٻاروچا، پورهيت پنهنجي ٻاريو
سگ نہ تي ڪو ساهيان
٥. سانول اِنهيءَ سڌ ۾، ڳالهين تنهنجين ڳاريو
ڪيچ وٺن ڏي ڪاهيان
٦. آءٌ اُڪنڊي وو هوت اوهان جي، سچل ڪي سانول ساريو
ڳامہ برهہ جو تي ڳاهيان

(سربروو)

ٿلهہ: هيئن مَ وَڃَ تون ماريون، هوت نمائيءَ کي ميان

١. سڪ تنهنجي سپرين، ڪُوڪان هن ڪاريون

٢. پرين پري ڇو وڃي، ٻارڻ دل ۾ ٻاريون

٣. ٻاجهہ ٻاروچا تو ٻوي، سٽي ضعيف جون زاريون

۴. جايون ساري جيءَ ۾، ورهہ اوهانجي واريون

۵. ميان مشتاقن جون، سَهُه آريائي آريون

٦. سُڪ اِتي تِيُوَ سپرين، ڏک هتي ڏيهاڙيون

٧. راتو ڏينهان تو روئي، سچل توکي ساريون

ي

(سربروو)

ٿلهہ: يار تو تان مون سانِ ڪيهي، ڪيهي ڪيهي لَنوَ لنوَ لائي

١. دردمنديءَ جي دلڙي دلبر، رمز اوهانجي ريهي

٢. سي نہ وسرن ساهہ منهنجي ڪئون، ڳالهيون ڪيوَ گڏ ويهي

٣. سيڪهين جو ڪم نہ آهي، نينهن ڪٺن ڪي نيهي

۴. مَلڪ فَلڪ تا ڪَين قبولي، عشق امانت ايهي

۵. ٻاجهہ پئي تون يار ٻاروچا، آءُ پڪي هن پيهي

٦. ڪرم ڪِيُڙئي يار سچوءَ سان، ڏيهہ گڏيا اڄ ڏيهي

(سربروو)

ٿلهہ: يار توسان منهنجي زاري، آهي سو لک واري ميان

١. وندر جي وٿن ۾، واجهہ وجهي ويچاري، سا تا محبت ماري

٢. هي تا حال حقير جو، آءُ اچي ڏس آري، ڪنيم بره باري

٣. ازل لاڪُون آهيئي، يار توسان منهنجي ياري، ٻاتم ٻَچيءَ ٻاري

۴. سُور تنهنجا سپرين، چُڪيءَ کي چوڌاري، وجهج گهوٽ نہ گهاري

۵. آهي هٿ حبيب جي، ڳالهہ سچوءَ جي ساري، ڪندا ني پوئواري

(سرتوڏي)

ٿلهه: هيئن ڪانگ اڄ ڪهي ويو، ايندئي صبح سويلي

١. ڳالهيون ڪري سڄڻ جون، اڄ رات هِتِ رهي ويو

٢. حال منهنجي جو سارو سماءُ، هِن لوءِ مئون لهي ويو

٣. ڳالهيون ڏکن جون ٻڌي اسان جون، ٻولي تنهين ٻهي ويو

٤. پار پرين جي اُڏاڻو، ڪيئن سور هي سهي ويو

٥. سچل سڄڻ سان توکي ملايان، هِن ٺاهه تي ٺهي ويو

(سربلاولي)

ٿلهه: هِيئن مڃن ٿا چوايون، مون ڏي ماروئڙا ميان

١. ڀالا ٻڻچيون نينهن جون وي ميان، اڇن خنجر ڪنيون

٢. ڪرڙ ڪڪوريا ڦوڪ ڦلاريا وي ميان، سيرُ ڪرن مَرُ سَنيون

٣. ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون، ڪالهه عمر سان ڪيون

٤. سچل ساري هنجون، نيڻ وهن نت نيون

(سربلاولي)

ٿلهه: هِيئن مڃن ٿا چيون، مونڏي ماروئڙا

١. ڪهڙيون ڳالهيون ويڙهيڇن جون، وايون وسري تو ويون

٢. ڪهڙيون اوهي ڪهوريون جي، ٻري اسانکون تو پيون

٣. پڪا پانور ڪنڌئين ميان، وڃن ڪشيرڙيون ڪيون

٤. ڳالهيون ڳجهه جون هت ٿيون ظاهر، عمر سان جي تو ڪيون

٥. اکڙين مون سڻ سچل ري، نينهن وهايون نَيون

(سربروو)

ٿلهه: هوئي هڏ شال منصوري، جريدهه راهه جاري لو

١. سٽون جي ميٽر محبت جي، ڪُٺن ڪي ڪوٺ ڪاري لو

٢. ڇڏي هي عيش عالم جا، هلياسي هڪواري لو

٣. بره جي باب ڏِسُ تن ڪي، سيا وائي وساري لو

٤. سچل ري سمجهه ڪي اِتهين، متان ٿئين هُتِ مياري لو

(سربروو)

ٿلهہ: يار چڱي تو تا مون سان لائي، ري ٺٻر لائي

١. دوست دلاسي جي دردمندن ڏي، مُنج ڪتابت ڪائي ڪائي

٢. تنهنجي اچڻ جي يار پرين ري، هت وري ٿي وائي وائي

٣. جا وٽيو دل پنهنجي ڪي، ڪيوَ سانول سائي سائي

۴. خبر خوشي جي پارئون اوهان جي، اڄ اسان وٽ آئي آئي

۵. حال ڏسي ڪر يار سچل سان، ٿي اچي ڏک پائي پائي

(سربروو)

ٿلهہ: يار ٻڌا هُئا لوءِ ٻہ لوءِ ٻي، تنهنجي هاڃا حسن جا وو

١. جهڙي ڪيئي هاٽي، اهڙي پرين تا ڪندي پوءِ پي

٢. تاب تنهنجي ڪان سچ صريحن، ڪير سگهي ٻيو چوءِ پي

٣. ڪيرَ نماڻي آءٌ عالم ساري ڪي، تنهنجي آهي ووءِ ووءِ پي

۴. جيءُ ڪارايو يار پيارل، سچل ڪي هوءِ هوءِ پي

(سربروو)

ٿلهہ: يار ساٿيو يار پانڌيو ڙي، ڪيچين جي ڪَلَ مونکي ڪائي ڏيجو

١. هي نماڻي در وڪاڻي، نال نباهي نيجو

٢. ڪيمَ وساريو مُئي نہ ماريو، چوري تا نہ ڇڏيجو

٣. ڏيو دلاسا ڪڏهن اپندا، لوئون تا نہ لڏيجو

۴. آءٌ اوهان جي اصل آهيان، گولي ساڻ گڏيجو

(سربروو)

ٿلهہ: يار لايو رنگ ڏس تون، جي هئين ڪنهن خيال ۾

١. محڪم رهين احوال ۾، قائل نہ ٿي تون قال ۾

٢. دم سنٻاليِن دم ڪي، آءٌ عشق جي افعال ۾

٣. خيال ٻاهمون خاص تنهنجو، هئي جيئڻ جنجال ۾

۴. جي جيئڻ ڪو دم اتي، تا هُج تون خاصي خيال ۾

۵. اصل ۾ يڪتا ٿئين، عاشق چئو امثال ۾

٦. دوستي مرشد سندي، آڻي انهي احوال ۾

٧. اور دم الله هُو، پئو ٻي نہ ورد وبال ۾

٨. اي سچيڏنا ساڻ سڪ، ٿبندين تون قرب ڪمال ۾

٩. بلڪ مخلص خيال دل سان، رهہ تون ساهہ سنٻال ۾

(سرپيروي)

تلهہ: يا رسول الله جي روضي جو مقرر ڪر سلام
سنو ڪندو واهر وِلهن جي، هي سندس آهي انجام
١. آٺئي پهر اندر ۾، ڪر يار ڪي ويهي ياد ميان
پنجئي وقت نماز پڙهہ، تون سِرَ نوائي چئو ڪلام
٢. آهي اڙين جو آسرو، ميرل مديني ۾ مدام
حامي حشر ۾ ٿيندو، چئو تنهن تي تون صلوات و سلام
٣. ابوبڪر ۽ شاهہ عمر، عثمان علي حُسنين پاڪ
سان يقيني ٿيءُ سندُن گولو، الله جو آهہ اعلام
٤. رک صدق ثابوت سچ، تنهن ۾ ٿينديءَ مشڪل آسان
ڪربلا جو آهہ سيد، ضامنم روز تمام
٥. "لا فتيٰ اِلاّ علي لا سَيفَ اِلاّ ذوالفقار"
سِڪ منجهون سچل چوي، تحقيق تن جو هان غلام

(سربروو)

تلهہ: يارِ متهنجي ڪي ڪريو، منت وجي ڪائي
١. پرڏيهہ وچ ۾ وو مون پرين، يار توسان مون تا لائي
٢. اندر هن جو اڏ ٿيو، ڪري وڃڻ جي ٿو وائي
٣. ڏسو اوهين ٿيون دل ڏاڍيُ سان، اديون سا مون اٽڪائي
٤. چڱا مڙيئي ميان اِئين چون ٿا، لائي تہ توڙ نيائي
٥. هجر منجهارُون ٿيندي وصالت، اِها ڳالهہ سچوءَ آزمائي

(سرڪلياڻ)

تلهہ: يارو منهنجو يارُ، ڪيئي ڪيئي صورت سير ڪري ٿو
١. ڪاٿئين هيڙو پير ٿيو، ڪاٿئين هولي هار
٢. ڪاٿئين بيراڳي ٿري، ڪاٿئين ڪَيسَ قرار
٣. ڪاٿئين وظيفن ۾، ڪاٿئين خمُ خمار
٤. ڪاٿئين آهي بادشاهہ، ڪاٿئين چوبدار
٥. ڪاٿئين پيرين پنڌ ڪري، ڪاٿئين گهوڙي جو هسوار
٦. ڪاٿئين احمد ٿيو علي، ڪاٿئين عبدالحق اظهار
٧. آهي دلبر دوست جو، سچو سڀ سينگار

(سربروو)

تلهہ: يار اسانکي ٿيون مارين، تنهنجيون الغرضايون
١. دانهون دانهن تي سائين، هن ڪميٽي ڪارين
٢. باهيون تنهنجي برهہ جون، ٻارڻ دل ۾ ٻارين
٣. ڪنياتن ڏنيون خبران، سچل تو هُت سارين

(سرڪلياڻ)

ٿلهہ: ياد مونکي اڄ پيُون، مٺيون ڳالهيُون سهڻا تنهنجيون
١. رهيـــون آهن روح منهنجي ۾، ڪين وســري سي وِيُون
٢. ويٺا ڏسـون ٿـا واٽ اوهان جي، دوست دلاسـو ڪو ڏيُون
٣. ســچو آهي سڳ در تنهنجي جو، نالِ نبــاهي ســو نيُون

(سرتوڏي)

ٿلهہ: ياد مـونکي اهي آيُون وو، يار ڪِيئي ڳجهيـون ڳالهڙيون
١. اوهـــان جـــي اچــڻ جــون، ٿـيـون وري هُتِ وايُون
٢. دردمنديءَ جي وو دل کي دلبـــر، وِرهہ وچيـن ڪيئـن لايُون
٣. نانءَ سـائين جي سـهڻـا سـائين، چِت نہ وَڃُ مُون تانَ چايون
٤. آءُ تہ ڏينهــڙا گـڏ گـذاريون، هت ويٺـا ورهہ وسـايون
٥. ڏوهن سـچل جي ڏي نہ ڏسـو، جو هت ٿـا سنديو سـڏايون

(سرجوڳ)

ٿلهہ: ياڪي ٿـئين يار اسـان ڪـئـون، دل نماڻيءَ جي ڪـسي
١. ويٺي ڏســـان واٽ اوهان جي، مـــانَ ڪو رهبـــر رسي
٢. اچڻ هِن جو يار ايڏانـهين، ڏيهــــــ سندئي ڪو ڏسي
٣. سِرَ ســچل جي يار ســدائين، وِرهہ جو مـــينهــڙو وسي

(سرجهنگلو)

ٿلهہ: ياد وو ياد رانجها سائين، ڳالهڙيون تنهنجيون مونکي ياد
١. اَوهان ٻاجهـون دلبـر سـائيـن ميـان، ٻيـون ڳالهيـون برباد
٢. سـچي وعـدي وي ڪئي اصل ڪـئـون، دوست منهنجي دلشـاد
٣. دردمــنـديءَ جـي وي دل درد ڪـئـون، يـار نہ ڪـر آزاد
٤. ســاهہ سـچل جو وي يار سـجڻ ڙي، آهي انهيـن اعـتـقـاد

(سرڪلياڻ)

ٿلهه: يار سڄڻ ڪيئن سري، توکي اسان ٻاجهون
١. اسان نماڻن ڏي سهڻا سائين، دوست نهارج وري
٢. توکي قدر ناهي ڪو، آءٌ چيتڪ ڪيڙس چري
٣. اڇي سچل جي ايڏهين، سندي درد ڏري

(سرسسئي)

ٿلهه: يار پنهل پيغامي، ڪڏين مڪو ڪونه موڏي
١. روز ازل ڪئون يار اوهان کي، هِن جو ساهه سلامي
٢. جي اوهين نه ايندءُ اسين ايند اسين، اها اسان انجامي
٣. پرين ڏسجو وڙ پانهنجي ڏي، آهن عيب آسامي
٤. جان جئي ۾ جان ڪِي آهي، تينندي نه طلب تمامي
٥. ڳالهيون اوهان جون ٻارڻ ٻارن، ويندي يون سي ڪين وسامي
٦. ڏيئي اسانکي ڦٽ فراق جا، تئين تون يار آرامي
٧. در اوهانجي جي يار سچل، مجي سا آهي غلامي

(سربلاولي-سارنگ)

ٿلهه: يار توسان کي، تا ڏينهڙا لنگهايم
١. راتيان ڏينهان سر تي ڪيئي، ڏک جا مينهڙا وسايم
٢. پچاڻان اوهان جي ڏاها، ڏاڍا سي پور پرايم
٣. سڪ تنهنجي سپرين، سارائي سور سلايم
٤. پرين تنهنجي پار جا، ڏيهاڙي سي پنڌ پچايم
٥. سچل سيئي آيا جن لئي، فالان تي روز وجهايم

(سرپيروي)

ٿلهه: يا امام حسين، تو قدمن اتون قربان وڃان
ملڻ لئي محبوب تنهنجي، سڪ اندر آهي اڄان
١. تون نبيءَ جو نور صاحب، پڻ سپه سالار آن
ملڪ سڀ تي آهن روشن، تار تنهنجيءَ سان تڳان
٢. تون نبيءَ دلبند، ۽ مولي علي فرزند آن
صاحب دلاور گنج آن، آذر ڏيو جو تو رئان
٣. ڪربلا جو ڪار آن، ڪل ملڪ جو مختيار آن
وارث وسيلو وار آن، منتار محمد جو جوان
٥. سڪ منجهون سحو جوي، دامن نکو تنهنجي آهيان
يازي وهارج پانهنجي، آءٌ همت تنهنجيءَ سان هلان

بيت

(١٨)

حڪم هلي ٿو جنهن سان، سو ڪر پيدا پاڻ
حاڪم ڪي محڪوم سان، سچا سلهاڙج ساڻ
صورت سا سڃاڻ، مُوءِ ڪري مورت ڪي

(١٩)

دين ڪفر دل دام، ڏج مڙيئي موج ۾
تهان پوءِ حڪام، هر جا سچا تنهنجو

(٢٠)

جي ٿا ميجن آدمي، سي نہ ميجان مان
سچو آهيان آن، جو پانهو ٻي جو نہ ٿيان

(٢١)

ڪلمي مونکي ڪين ڪيو، مُورڳون مسلمانُ
نڪي احمد موڪليو، عرب ڪان ايمان
سَچُو سو سبحان، پر ماٺهن ليکي آدمي

(٢٢)

ڪلمو پڙهان نہ ڪافر ٿيان، گِهران نہ انهي گهير
جاڏي راهہ رسول جي، تاڏي نہ پايان پير
جي‌من مان ڪڍان نہ ممرّ، تہ حضور حاصل نہ ٿيئي

(٢٣)

هي نہ واٽ هَواءِ جي، آهہ نہ ڪا تقليد
تحقيقا توحيد، آهي راهہ رسول جي

(٢٤)

ماٺ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان، ڪڇان تہ ڪافر
انهي وائيءَ ورَ، سمجهي ڪو سچو چوي

(٢٥)

هڪ سفر ساعت، پيو سفر سال
ٻهريون تا راحت، پويون تا پوءِ رهيو

داستان پيو

(١)

جڏهن ويهين فڪر ۾، خاصو ڪري خيال
تڏهن فرق وارا في الحالُ، بند ٻنڌنديئي وڃ ۾

(٢)

جي فڪر ڪان فارغ ٿيا، ٿيا دنيا ڪان دور
سچا سي حضور، آءٌ تہ ڳڙهيون ڳالهڙيون

(٣)

"تون" سان "تون" لپين، "مان" ليان "تو" ساڻ
"تون" "هي" "آءٌ" سيهين، "لا" ۾ موجودات ٿيا

(٤)

جي تو چاتو "پاڻ،" تہ آءٌ ڪو بيو آهيان
ڪندءِ غرقَ گمانَ، ڳهلا، انهيءَ ڳالهہ ۾

(٥)

بي رنگي مان رنگَ، پَسي جو پيدا ٿيو
ظاهر ۾ پيو زنگَ، مُوسيٰ ۽ فرعون جو

(٦)

تو جا پانئين موج، سا مڙيئي مهراڻ ٿي
هي انهن جو اوج، جن سنبت سُوريءَ پار ڏي

(ڪافي)

ٿلهہ : نہ مان پيرَ نا مريد، ساري فقر جو فقيرُ
١. نہ مان حاڪم نا مان ظالم، آهيان اَمَنَ جو امير
٢. نہ مان طاعت نا مان تقويٰ، آهيان وِرهَہ جو وزيرُ
٣. نہ مان گهُمڻ نا مان گهتڻ، آهيان عشق جو اسير
٤. نہ مان ڪُچڻ نا مان پُچڻ، آهيان دوست لئي دلگير
٥. سچل ٻَڌو محڪم سِرَ تي، محبت جو منڌير

سُرُ آسا

وحدت - هيڪڙائي

داستان پهريون

(١)

اول پيري پيچ، سچل بند خيالات جا
نـنهن پچائون وچ، حلاجي حيرت ۾

(٢)

اول گمراهي، آهي رباني راهه ۾
تهان پوء همراهي، آهي هدايت جي

(٣)

اول هدايت، چاڻ سان چائيج
زياده ضلالت، آهي اُنهي وچ ۾

(٤)

قدر هدايت جو، منجهه آهي ضلالت
جي پڻ ضلالت نه هُئي، تا ڪاتي هدايت

(٥)

الله چاڻ نه اُن ڪي، هي مزيئي حقُ
ناهي سچل شڪُ، جو معلوم ٿيو مرشد کان

(٦)

معلوم ٿي مرشد کان، ٻي جا ڳجهي ڳالِ
هِن جي چا مجال، "هُو" ليي "هَن" سان

(٧)

جي ادب کان نگريا، سيئي ٿيا الله
"هَنَ" وچائي راهه، "هُو" هاجي ۾ هجي ويا

(٨)

جي تو ادب آ، تا بندڻ بندي وڏين
ڪَلَ نه پيڙء ڪا، اصولي اِسرارَ جي

(٩)

ادبَ آتي اوٹ، اوٹِ تہ آڳاهون تيين
مار نغاري چوٹ، عاشق، اناالحق جي

(١٠)

تون تا ڪاتي آنء، "پاڻ" اول لهَ پنهنجو
جيلهان ٻئي نانء، پيين تيلهان تفاوت ۾

(١١)

چاڻ نه تفاوت عبد ۽ الله جو
"هُو" آهي امرتُ، "هي" پي ڏور نه اُن ڪٺون

(١٢)

"هي" تا مُورِ نه ويٺو، چٺو وچي ڪاڏي
"هُو" "هي" هِڪَ ڪري، مورک، چڏ ماڏي

(١٣)

جهڙو پانئيندين، پاڻ پنهنجو پاڻهين
تهڙو ٿي ٿيندين، "هَتِ" پي ساڻ يقين جي

(١٤)

جيڪي آهي هِت، هُتِ پي اُهوئي آتي
پجُ اُهائي پتِ، تان تون اُهوئي رهين

(١٥)

جهڙو آهين تهڙو هوندين، فاني ٿيندين چا
سَڌ پنهنجي سِرَ جي، ڪامل پيڙء ڪا
ڳالهه نه سمجهيئي سا، آوازي اناالحق جي

(١٦)

پٺيء چچ نه چَل، منجهه تماشي نَه پوين
گهوٹ ڪري تون پاڻ ڪي، ڪر هنگامون هَل
ستگر سچ سٺايو، سچل قُربوَن ڪَل
پولِ نه ٻي ڪنهن پَل، ونج حالَ حلاج جو.

(١٧)

پٺيء چچ نه چَل، سچا لِيَ تون گهوٹ
مردُ نه هِئان موٹ، پٺيء لائي چچزي

(٢١)

مڃ منچايو من ۾، ڀاڪ نہ ڀڃر وجهن
وتن ويڳاڻا ورہ ۾، ليٽين ننڊ نہ ڪن
سڌ ڪا سيڪ سوز جا، ٻنيءَ رات ٻرن
پنهنجي پر ۾ پاڻ ڪي، تا پريتوَن پچائن
سڪيو سامي ڙن، عشق اهو سڀ آئيءَ ڪان

(٢٢)

عشق اهو آئيءَ ڪان، سڪيو سامي ڙن
عاشق متي آڳ جي، اولارا ڏين
پنيرڙ باهہ عشق ۾، سپورن سڙن
طالب جيڪي حق جا، طلب نہ ٻي ڄاڻن
اچيو پوَنَ آزاهَ ۾، سِرَ جو سانگُ نہ ڪنِ
لائق لعل ٿين، ڪامي لهسي لوسِجي

داستان ٽيون

(١)

ساراهہ ڪر سبحان جي، مولي جو مُلڪن
مڙيوئي محفوظ ڪيا، ڏسو ڏيهہ ڏٿين
ڪي ڪامل ڪرسيءَ تي چڙهي، وهواهہ واعظ ڪَنِ
ڪي پڙهيا پاڻ پُرجهہ سان، ٻهوَن پڙهائن
سوين سبق ڏين، ڪي ڪاتب ڪتابن جا

(٢)

لامِيا لبيرن، ڪي مسئلا مسائل ڪهون
ڪي پڙهيا پنهنجي پُرجهہ سان، پڙهيو پڙهائن
ڪي وردَنِ وظيفن ۾، شاملُ روزُ رهن
وريو ورائن، ڏسيو وائسيو ورق ڪم

(ڪافي-١)

ٿلهہ : ڀيو ڪو ڄاڻ محض گناهہ، هر ڪنهن صورت آپ الله
١. ڪٿي گدا گدائي والا، ڪٿي شهنشاهہ
٢. دونها ڏيک متان ڪو ڀولي، اولي ابرُ ماهہ
٣. "ونفختُ فيه مِن رُوحِي" آهي، صحيح ڪر ساهُ
٤. خلق الاشياء فهو عينها"، اهو قولُ گواهُ
٥. صورت منجهہ سڃوءَ جي، ڀولي پاڻ بيپرواهُ

(ڪافي-٢)

ٿلهہ : پنهنجي ذاتِ لڪائي، ڪين ٻي ذات سڏايان
١. ظاهر ڪريان ذات ڪي، تا هيءَ ٻتُ ڀڃايان
٢. منصوريءَ جي موج ۾، ٿو اناالحق الايان
٣. واديءَ ۾ وحدت جي، گهوري سِرُ گهمايان
٤. "اعليٰ اعظم شانُ" جي لوڻت ليئهن وڃايان
٥. ظاهر باطنُ هڪڙو، آءُ تا حڪم هلايان
٦. سچل سارو سچ ٿيو، حڪمت ميءَ هلايان

(٧)

نہ ڪا مسجد تڪيو، نہ ڪو ٺڪاڻو
تاتي ٿِيَن ٿاڻو، جاتي "مون" "تون" ناہ ڪا

(٨)

بُودَ ڇڏي نابود ٿيا، سا مِن ساماڻي
ٿاڪيا ٿاڻي، جاتي "مُون" "تُون" ناہ ڪا

(٩)

آڇيا اول لاهہ، پوءِ ٽِڪَتَ جو پنڌڙو
جڏهن تي ٽِڪَتَ جاءِ، پُهچين تڏهن حد کي

(١٠)

فراقاءِ فرق، شال نہ پوي جيڏيون
مون کي آہ مرڪَ، سدا سوز پريَن جو

(١١)

سڪ سڄيءَ ڪان ڪو نڪو، سبق سورَ سِکَنِ
اڪرُ لِکنِ نہ دل تي، تا ڪاغذ ڪارا ڪن
مَسُ ڪاريءَ جان من کي، تا ڪاري ڪارو ڪن
مُدعا جنهن مام جي، تنهن ويجهو ڪين وڃن
تاڏي ڪَنَ نہ ڪَنِ، جو فرمودو فائق جو

(١٢)

جو فرمودو فائق جو، تاڏي ڪَنَ نہ ڪَنِ
"وفي انفسڪم اَفلا تُبصرون" ويسهُ نا وِسهن
فڪرُ ڪَنِ نہ فنا جو، بقا کي نہ پُڄن
معنيٰ تن جيُون طرح سان، هڪڙي ٻي چوَنِ
پڙهي پُرجهي علم تي، عمل نہ آڻن
هَنيا لئي حُورن، عاشق عُقبيٰ جا ٿيا

(١٣)

سُوريہ سارو آبَرَ ۾، لوڻِيَنِ ڪين لڌو
اَنڌي سانُ انڌو، ٻئي ٻيا ڪَڏ ۾

(١٤)

غوطو مارج اوڇتو، منجهہ قُلزم ڪاروَنيار
زميِن زمَن آسمان، انڌرِ آبُ وسار
دانہ ، دمُ گذار، طالبُ ٿي تاريڪ ۾

(١٥)

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهون منجهايا
شيخيءَ، پيريءَ، بُزرگيءَ، بيحد ڀلايا
کي نمازون نِوڙِي پڙهن، ڪَنِ مندر وَسايا
اوڏو ڪين آيا، عَقُل وار عشق جي

(١٦)

کي ٿا چون صُوفُ، کي ٿا چَوَنَ سيب
اَنَ ۾ ڪِهڙو عيب، قُلُ مڙيوئي هيڪڙو

(١٧)

مَحبت جي مِهراڻ مان، جي مُلا چاش چکين
تہ ڪَنزُ قُدوري ڪافيا، پڙهين ڪين لکين
رحل سڀ سَٽين، مُلا مسجد ڪنڊ ۾

(١٨)

"طالبُ الدنيا مُخنثُ"، محبت ناهي جن
"طالبُ العُقبيٰ مؤنث"، مرد نہ سي چئجن
"طالبِ المولئ مُذڪر،" رسنيا ۾ رمزن
"الفقر خزينہ"، بعضن کي بخشن
"الفقرُ فخري" ڏسو، منجهہ آيو حديثن
"الفقرُ لا يحتاجُ" سان، پيو ڏنائون ٻَنِ
فقرُ فقيرن، اصل کان اختيارُ ڪيو

(١٩)

اصل اهو اختيار، ڪيو فقرُ فقيرن
"القدر خير وَ شر"، اوڏاهون چائن
"لامَوْجُودات الا الله"، حاضر ڪيو وتن
ٻئي جهان ڦنا ڪيو، تا ٽئين جهان وڃن
لاهوتي لنگهن، محبت جي ميدان مان

(٢٠)

محبت جي ميدان مان، لاهوتي لنگهن
آڏيسي ارمان ۾، گهوماٽيا گهمن
رنگهي هليا حال ڪان، نڪي قال ڪَهن
ٻاڦ نہ ٻَهرِ وجهن، مَڄَ مچايو من ۾

(۱۳)
ابتر کيائون پاڻ کي، پسڻ لئي پرين
هاء وچائي حالڙو، ويتر وبچارن
"هُوَ مُشتاقٌ الىٰ لقاء الله"، ايءُ محفوظ رهن
کي فنا فراق کيا، کي مليا محبوبن
عيدون عاشقن، آه لقاءُ لطيف جو

(۱۴)
ولي وِرِهَ ولن، سِرُ ڏيو سنوپرا
"تَرکُ الدُنيا سُنتٌ طلب المولىٰ فرض"، هو دِل ڌَڙن
سوين ڇڏيون سڪڙا، هو گوندر گذارن
هو مِثل مستانن، جوڳي جانبَ ڪاڻ ٿيا

(۱۵)
ڪاٿئين سناسن ۾، ڪاٿئين منجهه مُلن
ڪاٿئين معرڪن ۾، ڪاٿئين منجهه ڪُنڍن
ڪاٿئين مسيتن ۾، ڪاٿئين منجهه دائرن
ڪاٿئين رهن تقوىٰ ۾، ڪاٿئين منجهه ناچن
ڪاٿئين ساجن سيرنِ ۾، ڪاٿئين تماشن ۾

(۱٦)
نيه نهوڙ نِڪتيا، جَهَن پَرِ ڪاپِڙن پَنَ
ڪڏهن آڇا ڪپڙا، ڊار نہ ڪَهَن ڍَڪِنَ
مَنہ ميرا متي ٿيڙا، آهڙيون طَرحان تَنِ
ڪائي تَن جِي ڪانہَ ڪا، جُڙي لِيڙ لِڱنِ
متي پيرين بڙهنہ، ايڏا سُور سَهَنِ
ڪاهيُون پَتِ پَوَنِ، پَر نہ پَروانَنِ جان

داستان چوٿون

(۱)
ڪنڌ اونڌي اوريج، الٽي پهر عجيب کي
اڄن اوجاڳن ۾، عينان اوجاريج
آسلوَن ڪين ڪهيج، ظاهر هن زبان سان

(۲)
مرڻ ڪنا جي اڳي مُئا، "مان" کي ڪين مڃن
دشمن دوست هڪ ڪيو، گودڙيا گهمن
وحدت جي واديءَ ۾، دانہ دم ڌرن
"تون" "مان" وچائي وڃ مان، پنهنجو پاڻ پسن
هادي مُريدُ هڪ ٿيو، تفاوت نہ ڪن
نائي ڏسن نيڻن، صُورت مُورت هڪُ ٿي

(۳)
صُورت مُورت هڪ آئي، نائي ڏسُ نيڻن
اکيون ڪَنَ زبان هي، وچان جيڻن ويڻن
لَبُ لَبُ لائي لوها آهي، لَبيءَ منجهه لَبن
پائيءَ جي پاڪائيءَ سان، پالهين پاڪُ ٿين
الٽي پهر اڄ ۾، عاشق گُرُ رهن
سالڪ سمجهائن، مامَنِ سان مائهن کي

(ڪافي)

ٿلهہ: صُورت سب سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

۱. ڪاٿئين حنبلُ شافعي، ڪاٿئين مالڪُ نعمانُ
۲. ڪاٿئين پٽي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن
۳. ڪاٿئين اناالحقُ چوي، ڪاٿئين ڦيرائي فرمان
۴. ڪاٿئين طُفوليتَ ۾، ڪاٿئين پير جوان
۵. ڪاٿئين ميرُ وزيرُ ٿيو، ڪاٿئين ٿيو دربان
٦. ڪاٿئين احمد بلا ميمي، ڪاٿئين هَنومان
۷. سچل پيو صبر ۾، هُوءَ حيرت ۾ حيران

(٣)

ڀيَنِ ڀيَنِ مـــعنائن ۾، ڪاهت ڪيـون ڪَهنِ
اهو فـڪـر فـائدو، تـوڙئـون ڪـري نـہ تـن
"من تعلم العلمَ للمُناظرت وَ لمكابرت، أهي منافق مرن
اوڳا منجهہ اکـرن، هِي اتي حيـران ٿـيـا

(٤)

پاٿي لڪـائن، هيـنـئـون مِنيءَ جي پسي
أهي آفــتــابُ آبرَ ۾، پر لائق ڪِيـن لهن
مـاضِنِ مـذهبن، مُنجهـايو مـاٺهن کي

(٥)

منجهـاويو مـاٺهن کي، مـاضن مـذهبن
حـڪـم ماٺهن کي ڪـيـو، تن جي زنجيرن
ڦٿن حـديثن ڪـيـن ڪـي، نـہ ۾ آيتـن
سجن تن کي ڪين ڪي، ٿـيـو مُلا ٿـا مجن
سي سـوڪـهـا سيـئي ڪـيا، نامُراد نيٺرن
ڪـيـا آڪيَـنِ اوڏڙا، تـوڙئـون ڏسَ تـن
پاسي پوءِ پوَنِ، برهہ جي بـنـبـان کـان

(٦)

سي پسڻ کـان پري ٿـيا. ڪين پساءَ پسن
ڪن سلام صرف کي، هُوندِ نحو نہ نهارن
پرک لئي تنهن ڳالهہ جي، پاس نہ ٿا پاسن
مـــتي ڪين چڙهن، أهي رهيـنـا اِتهين

(٧)

ڪـيـئي آهن قـال ۾، باتيـون بس نہ ڪن
ڪي وڃي رسيا حال کي، ڪي بينا پاڌائن
ڪي لنگهي هليا حال کئون، نڪي قال ڪَهنِ
هنيـا حِرصَ هَجَنِ، دنيـا جي طلب ۾

(٨)

اصلئـون اختيـار ڪـيـو، فـقـر فـقـيرن
"الفقر فخري ز [illegible]"، اِي! اُتو عجيبن
وتـن ويڳاڻا ورهہ ۾، نيـٺـيـن ننڊ نہ ڪن
راتو ڏينهــان روح ۾، چپ نـہ ڪو چورن
"من عرف ربه كَلَّ لِسانه"، ٻَڌي زبان انهن
لنشي تن کي "نالهہ" ڪيو، مُورڪون "مان" نہ جون
"قل كل من عندالله." اهو ڪيـائون ڪن
"والقدر خيرهٖ وَ شرهٖ مِن اَلله"، سڀ ڏنائون ٻنِ

(٩)

ڪِيـا ٿـيـا وتن، مـولٰي جي مـحـبت ۾
سَڏ ڪا سـيـنـئي سـوز جا، ڀِنيءَ رات ڀـرن
اُديسي آرمـان ۾، گـهـومـائـيـا گـهـمـن
ڪيـن روئڻ کـان اَنَ جِيوَن، اکـيـون اوڪارن
"هر آن سِري ڪہ بـا مـحـبـوب دارند
خبر نَبُودِ ڪراما ڪاتبِين را" سِرُ اهو سائين
هيـهـات هيـهـات، اها عــادت اُداسن
ٿـا پرتئـون پچائن، پنهنجيءَ پر ۾ پاڻ کي

(١٠)

ڪامل ڪوڙ ڪُسن، جي محبت ۾ مخمور ٿيا
ڪَرڪن ڪِنجهن ڪين ڪي، جڻ پار وهانءَ وڃن
رتَ منجهـارون پنهنجي، وُضُـو وير ڪرن
سي ڪيـئن مَرِس مَرِن، جي محبت وڌا مامري

(١١)

سـوريءَ اُتي صـابري، ڪَيُون ڇيڄ چڙهن
تحتـئـون تري تي رکي، صـادق سِرُ ڏين
پيا پَهَہ ڪين پُڇن، ڪن سِرُ صدقي دوست تئون

(١٢)

آئي آڏو عــام جي، اڳهـيـن ڪالہ ڪهن
"صُمٌّ بُڪمٌ" سِڪُوت ۾، اکيـون پٺي عـامن
"عينها تنامُ وَلا تِنامُ قُلوبها"، دل طرف دوستن
"عينهَا باڪيهُ وَ قُلوبها ذاڪر"، اهو ذڪر جون
"اِنَ اَوْليـائي تحت قـبـائي"، لائق لعل لِڪَنِ
پسڻ لئي پرين، ابتـرُ ڪِيـائون پاڻ کي

(٢٢)

قـدرُ ڄاڻين پاڻهنجو، ڪَيَ ٻانهپ سندو ٻول
لِکت وارو لول، تَونڪَرَ ســاڻ لڱــي پيو

(٢٣)

جا نہ چوڻ جهڙي، ســا مــون چوان ڪيئن
قصو آهي هيئن، "هي" ۽ "هُو" لـيو هيڪڙو

(٢٤)

پـاڻ وڃائـي پـاڻ، ڳولـهـي لـهـج پـاڻ کـي
پاڻ مَنجهـــان ئـي پاڻ کي، پَونديِ ڄاڻ سُڃاڻ
مکڻ آکَرَ هڪـڙو، ســوئي کـيــرُ سنيـاڻ
اهو اٿي اهڃاڻ، ڳهـــلا، انهيء ڳالهـــ جو

(٢٥)

ڇاڻ پنهنجو پاڻهي، صُورت منجهہ سـڃاڻ
الله الله چو چويـــــن، پــــاڻ ئـــي الله ڄاڻُ
تون ئي ٻڌندڙ تُون ئي ڏسندڙ، شـاهد آ قـرآن
ناهي شڪ گمـان، سـڄو سـائين هيـڪـڙو

(٢٦)

سـچل سـائين هيـڪـڙو، ناهي شڪ گـمـان
پنهنجو تماشو پاڻ ڏسي ٿو، صورت منجهہ سلطان
ڪاٿـهين پڙهي پوٿيون، ڪاٿـهين پڙهي قرآن
ڪاٿئين عيسيٰ ڪاٿئين احمد، ڪاٿئين هَنومان
حيـــرت ۾ حيـــران، پنهنجو وڌائين پاڻ کي

(٢٧)

تُون ئي مـالِڪَ مُلِڪَ جو، ٻانهُون پـاڻ ۽ مَ پاڻُ
"لا خير في عــــبــدي" ، اهـــو اٿـــي اَهڃاڻُ
صـورت منجهہ سُڃاڻ، پاڻ پنهنجو پاڻهين

داستان پنجون

(١)

هُتي ڪـيـرُ هـُـنـاس، آيَس هِتي ڪيــرُ ٿي
هُتڙِي نالو ٻيو هُيو، نانء نئين هت ٿـياس
عاشقُ ٿي آياس، نہ تہ هُيَس معشوقي مامَ ۾

(٢)

هُيَس مـعـشـوقي مـامَ ۾، عـاشقُ ٿي آياس
اچڻ نـہ هت منهنجو، خواهش هڪ ڪنيـاس
حسن سندي هَوَس هوئي، جنهن هت هيرياس
وچان آءُ وياس، سـچو سـاڳيـو سچ ٿـيـو

(٣)

ڏيو ٻاري سَچ کي، ٿـي ڏاهرين ڏنــــو
هلڪــو هن هوا سندُو، مُئين کَنِ ڪَنــو
ڪـــنـــو ۽ مِنـــو، چرين ســاڳي چت ۾

(٤)

عشـقـئـون ٿـي انسانُ، آيو سيلاني سير تي
صُورت ۾ آدم جي، آدم دم مـــهـــمـــان
ســچل تون سلطان، ســتگر سچ سٿـــايو

(٥)

ســتگر سچ سٿـــايو، ســچل تون سلطان
تنهنجو شـاهي شـانُ، ٻانهپ ٻولي ناهہ ڪا

(٦)

فـارغ ٿـيـن نہ فراق کان، ويجها ڪينَ وصال
گـر ٿـيڻ کـان گـر ٿـيـا، نڪنا سَرتِ سنيـال
اُتي قـيـل نہ قـال، "صمَ بُکمٌ" سي ٿـيــا

(ڪافي)

عـــشق لڳيُي تا ڪر آمين، نـا منجهـــ ڪفـــر نا منجهہ دين
١. جلوو عـشـق جو عـرش ڪرسي تي، سـر زمـيـن ڇا زير زمـيـن
٢. دل ســان دلبــر درد قــبــوليمُ، ڪشف قُبـور ڪرامت ڪيـن
٣. شـبـهـا شڪ سـيـئـي لاٿم، پاڻ سُـڃاڻڻ سـاڻ يقـيـن
٤. طالب ڪي تلوين گــهُرن تـــا، ڪي تِهنا تي تمڪـــيـن
٥. هادي عـــبـــدالحق ســـچل کي، توڙئون ڪئي تلقـــيـن

(۴)
پاڻ پڙهيج پاڻ بيهيج، پاڻئي ڪج
پوڻ نہ پيو پاڻئينج، ڪافر مومنُ هڪ ٿيو
(۵)
اول ڪفر پوءِ سچڻ، پوءِ منجهہ اسلام
مُلا، سمجهين ڪين ڪي، ٿون محبوبن جي مامَ
ڪهيج هي ڪلام، جيڪي ناقصُئون نِڳيا
(۶)
اديُون! آدمُ ناهيـــان فلڪ نہ آ فلڪن
خِيالئُـــون اچي اوچتي، خللُ وڏو خلقن
ناهي مُيَسَرِ مَلڪن، اها امانت عـشق جيُ
(۷)
ناهي ميـــسر مَلڪَن، اها امانت
خامن خيـانت، وڏي اچي عـشق ۾
(۸)
حـدين وجي هرڪو، لاحد وجي پيرُ
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي
(۹)
جاڏي ڪيـاڙي، سِجدو تاڏي نہ ٿـيي
جاڏي مُهاڙي، سجدو تِتِ صحيح ٿـيو
(۱۰)
ظاهرُ ڪَڪَرُ آنءِ، مـيـنهن توئي باطن ۾
پاڻ آهوئي پانءِ، جنهن وسي سان وَسَ ٿـيي
(۱۱)
سوزُ گدازُ ۾ هرُ، مـڙيوئي مـعافي ٿـيو
مار دمامين دَمُ، عـاشق، اناالحق جو
(۱۲)
جتي مـاڻهن ميـڙ، آءُ تِتي ناهيان
سـبي سڀاپان، پُنءِ شاهہ حـلاج جي
(۱۳)
جي ٿو تجريد، تا آئين نہ تفريد ۾
ڪالي لي توحيد، ڪالي ڪثرت ڪُلِ جي
(۱۴)
پسي پتِ پُليـوس، تا آءُ آدمي آهيـان
وچان جان ويوس، سـاڳيو سچل آهيـان
(۱۵)
بيـائي پانهپ ڇڏ، سـچا آءُ احـديّتَ ۾
لحمُون دَمـئُون لڏ، تہ پاڪائي پاڪُ ٿـيي
(۱۶)
جهڙو پـانيم پاڻ کي، تهڙو آهيـان آنءُ
باقي رهيـو نانءُ، سـچو مُون صـاحب جو
(۱۷)
هُو پي ڪينَ اچئـو، هُو پي ڪينَ ويو
نفي ۽ اثبـات ڪـان، پري پنڌ پيو
سچل سچ ٿيو، ٻي پانهپ ٻولي ناهہ ڪا
(۱۸)
جي اچين تـا اچ، نہ تہ هِتِ پُورن پچاڙيو
محـبت پاريو مچ، سـمي ۾ سـچل جي
(۱۹)
چري چري مَ چئو، چريو آهي لوڪُ
جو چريءَ لڏو لوڪُ، سو سچل آهہ نہ سيکهين
(۲۰)
سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُل
الف مـان آدم ٿـيـو، ڪري هنگامُو هُل
هندو مومن هڪ ٿيو، پول نہ ڀي ڪنهن پُل
"خلق الاشياء فهو عينها،" اهو آڻ عمل
لڄ گـلاهي گلُ، مـر مـارني منصـور جان
(۲۱)
قلبيّ ۾ نہ قـرارُ، آهي عـاشـقن کي
رُوحي لڪ رلايـا، نہ نفي نفع دار
ميري سُوَ وڃايا، خفي ڪيـمـا خوارُ
اهي اخفـا ناه ڪو، طالب کي تڪـرارُ
ري پروڙڻ پانهجي، پيـو شـيطاني شِڪار
سـچل هي سنسارُ، سـارو پاڻ سـمي ڪيو

(ڪافي ٣)

ٿلهہ ؛ جنهن کي عشق موليٰ جو ناهي، سو جڻ جهنگ جناوَر آهي
١. وهم ارادا خيال ٻيا وچ، ڳاهُ برهہ جي ڳاهي
٢. هُو جو ڪوٽُ هٺڻ جو، ڊوڙ پهرينءَ سان ڊاهي
٣. عاشق تڏهن ڪوٺجي، جڏهن سڀُ لاڳاپا لاهي
٤. دوستي ٻاجهون دوست جي، هڏ ناهہ نہ ٻيو ڪِو ناهي
٥. محبت جي ميدان ۾، سو ڪامل ٻوڻِ ڪاهي
سچل صاحبُ سِڪ وارن کي، چاهہ منجهون پيو چاهي

سُر گجري

معرفت

داستان پهريون

(١)

احد احمد صورت ساڳي، سرُ ڀنهي جو سوئي
"الست بِرَبِڪُم قالو بلي،" پنهنجو پاڻ آکيوئي
سچل حاضر هر جاء هادي، سمجهين سر سيوئي
غائب سمجهي غير نہ ڄاڻين، حق الحق اُهوئي

(٢)

حق الحق اُهوئي آهي، تو جنهن غير ٿي ڄاتو
"عرفتَ ربي بربي،" پاڻا پاڻ سڃاتو
ڪُلي ڪَل انهن کي پيَڙي، پير ايڏانهن جن پاتو

(٣)

"الف" سڃاڻي احديت وارو، "بي" تي ڪين اڙياسي
شرح مُلا ڪنز قدوري، ڪافيا ڪين پڙهياسي
غير خيالون ڪُند ڏيئي، پوء لاحد منجهہ لڙياسي

(٤)

الف باب مطالع ڪرٺو،"بي""تي""ٿي" نہ سٺان مون
اڄٺو ويٺو الله اهو، دائم دم ڏريان مون
ساڻ يقين تصورُ وارو، ثابت سبق پڙهان مون
ٻاجهون باب برهہ جي، سچل ڪهڙا حرف ڳڻيان مون

(٥)

باس اهائي بات اسان جي، غازي غير نہ اَهين
خام خيال هي ٻانهپ وارو، "لا"۾ لاشڪ لاهينَ
"من عَرِفَ نفسه فقد عرف ربه،" ناه ڪهڙا ٻيا ناهين
سچل سچ اشارو اهو، ڪاڏي ڪوڙا ڪاهين

(٦)

رامَ رحيم هڪو هڪ سمجهين، موج محبت ماٺين
ڪافر مومن گبر نصارو، غيرُ گمان نہ آڻين
"خلق الانسان عليٰ صورته،" چولُ اهوئي ڄاڻين

(٧)

خمر خمار انهيءَ جو خاصو، موت اهو مسروري
ازلا ابدا عجائب جهڙي، مي اها مخموري
"انا احمد بلا ميمي،" مارين دم منصوري
سچل جام جلالي پيءُ، ڪر حاصل حق حضوري

(٨)

دل دلير ڪري اچ عاشق سُستُ يقين نہ ٿِيُ تون
ٽوڙ شڪ گمان سيئي، پريمي، پيالو پِي تون
"موتو قبل انت موتوا"، جيوڻ ۾ مر جيءُ تون

(٩)

ذات صفات هڪائي آهي، ٻول نہ وجهين ٻولي
سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا، سچ سچل ٿو ٻولي

(٧)

ناهين مالڪ مُلڪ جو، مالڪ اٿي هيا
پيرا پراهن جا اوچتي، ٻهير سرت سنيال
أتي قيل نہ قال، "صمٌ بڪمٌ" سي ٿيا

(٨)

وقت اها تي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي
ڪِي مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل
متان ٿيئي اويل، اولهہ سج نہ اُلهي

(٩)

اولهہ سج نہ اُلهي، متان تيئي اوير
ميڙي ويندءِ مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير
ڇڏي ويندءِ ڇپرين، ڊونڊَنِ سندا ڊير
مرد ڏين ٿا مامَ ۾، ماٿيڪي متير
وجهہ آئي وجهہ پاڻ ۾، هيڪڙائيءَ جي هير
ناسودي ناخير، نپٽ پوءِ نابود ڪر

(١٠)

مَڪڙي ڏنر موج ۾، تنهن ۾ سير ملاح
مچيون ماربن اوچتي، بانڪا بي پرواهہ
لهر بحر جا حاڪم جاٿي، شوريا وتن شاهہ
هند سند تي فلڪ نہ آٿن، مارن مُلڪ سپاهہ
وائڙا رکن تن متان، ويچارا ويساهہ
آسرا آڏين جا، آهن منجهہ الله
ڏيئي پاندَ پناهہ، رکي وٺندو راڄ ڪي

(١١)

نيري گهوڙي نقرو، اولاهون ايندو
تَلو ٽالپرن جو، نهوڙي نيندو
سَچي ڪري سنڌڙي، واڇوڙو ويندو
تهان پوءِ ٿيندو، ؟

(ڪافي١)

ٿلهہ : اصل آهيان اسرار، ظاهر ڳالهہ زبانون ناهي
١. پهرين پاڻ نہ ڄاڻم هيئن ٿي، شوق پريم شوڪارَ
٢. مرشد رمز ڳجهي پرجهائي، آندم هت اعتبارَ
٣. دين ڪفر اسلام مذاهب، اول ڇڏڻ درڪارَ
٤. پوڙيم سب ارادا آندم، هڪ ارادي آرُ
٥. جا ئي ڳالهہ سچاتم سائي، ساڪي آهيان سردارُ
٦. "يسمع بيصرُ بنطق" هڪڙو، ناهي آٿڻ انڪارُ
٧. "خلق الاشياء فهوُ عينها،" تي خاصا خبردارُ
٨. سچل غيرُ خدا جو ناهي، گوش ڪرڻ گفتارُ

(ڪافي٢)

ٿلهہ : اهو ڏاهيون ڏسُ آءِ، سانول اِتي وسي ٿو
١. قولهي لهيج پاڻ مئون، پري نہ پيرا پاءِ
٢. دائم آهي دوست جي، تنهنجي جِيءَ ۾ جاءِ
٣. ڪنهن جي ڪارڻ ٿي ڪرين، هاري زي هاءِ هاءِ
٤. سوئي ڏسندڙ، سوئي سڻندڙ، پاڻئي ڳالهيون ڳاءِ
٥. سارا ڏونگر ڏورين، ڪاڪي زي ڪنهن لاءِ
٦. سچل اوڏو ساهہ کئون، ”ڪيرُ چنوي تا ناءِ

(٣)

پير مريد نہ ٿي تون هرگز، مالڪ موج مستاني
مخدومي ۽ شيخي پيري، خامُ ڇڏي ڏي خاني
پٽ دَعـــــا پاراتي واري، ناهي راهِ رباني
هر هِڪو پنڪو پنهنجو رکي، سچل ڪر آساني

(٤)

صريحُ جوان مان توکي طالب، ڪجان صحيح گوهائي
"وبي ينطقُ و بي يُبْصِر،" پوڙين پولُ پيائي
"ڪلُ شيء ناطقُ باالحق،" رکين سرُ سيائي
ستگر سچ سمجهائي سچل، واه واه اها وائي

(٥)

طبلُ وڄائج وحدت وارو، غازي ڇڏ گدائي
هيڏي هوڏي تون ٿي آهين، ڪانهي جان جدائي
"الانسان سري وَ انا سِره،" آهين خاص خدائي
بر بحر تي تنهنجو سچل، آهي سير سدائي

(٦)

فرق ڪفر اسلام نہ ڪوئي، جانُ اهوئي جائين
ڪافر مومن هڪو هڪا، غيرُ نہ غازي آئين
"ڪلُ شيء هو الله"، سڀ صورت هڪ سڃائين

(٧)

مَستُ رهي ميخاني اندر، منگ وَٺي سِي مستي
مستيءَ سان نا سرُ سڃاتي، تنهنجو ڪر ڪمبختي
"ليس في ما جُبته ما سَوَالله"، هيچ لڳي سڀ هستي

(٨)

ياري يار يقيني رکجان، توڙي شرڪ سيوئي
جو ڪجهہ هُوِّين سوئي ٿيندين، تنهنجو هرن ڪوئي
"ڪل شيء يرجع الي اصلہ " موُ نہ هِڪَ متموئي
سچل سچو سچ تي رهندو، عشقئون عين اهوئي

(٩)

عشق جنين سان غمزو لاتو، علم نہ سي پيو پڙهندا
منجهہ ڪفر اسلام مذاهب، عاشق مور نہ اڙندا
ماري نعرو حق جو سچل، سوليءَ سرڙا ڏرندا

(١٠)

پاڻا پاڻ ڪيوسي بيشڪ، هر صورت سهلاني
سيڪا صورت منهنجي آهي، آهيان لامڪاني
ڪفر نکو اسلام رهيو آ، لٿي واه حيراني
سچل نام گمُ ٿيو، باقي رهيو سِرُ سبحاني

(١١)

عِشقُ لڳو وٺي رهجي وَلله، يار عزيزي خويشي
پنهنجو پاڻ قبول ڪيائون، سارو دم درويشي
هڪَ سارو پيو ماري طعنا، بره بُرو بد ڪيشي
سچا يار هميشه آهن، درد وارا دلريشي

(ڪافي)

ٿلهہ ؛ آهي ڪوچَہ بکوچہَ يار، ڪيڏي ڳولهيو ٿيون ايئن سرتيون
١. ظاهر آهي ذات تنهن جي، هٽ شهرُ بازارُ
٢. "ولحن اَقرب" جاڻو سيئي، دُورِ نہ آهي دلدار
٣. احد احمد هيڪڙو، ناهي لڪ هزارُ
٤. مرشد هيئن فرمايو، آلڻ ات اعتبار
٥. ڳهليون الهيءِ ڳالهہ جو، خوني آهہ خمار
٦. آهي سيوئي دوست جو، سچل هي سينگار

(١٠)

نوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿيين مردانو
پاڻ ٻيگانو مُول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو
"ونفخت فيه من روحي،" بلڪل ڇڏ بهانو
وهرُ سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو

(١١)

"دع نفسڪ" جي سچل سچي، راه نہ ڄاڻن موڙها
مستيءَ وارا ڪوٽ ٻڌائن، ڪنگرا رکن ڪوڙا
سچل راه اُميئي لهندا، ڳالهائيندا جي ڳوڙها

(١٢)

"مون" "تون" "هو" جي ٻولي ساري صحيح ڪري سڃاڻين
ڄا هُيَڙين اُت ڄا آهين هِت، ڄا ٿيندين مامَ پڇاڻين

داستان پيو

(١)

مسجد ڇڏي ميخاني مڃهان، حاصل ڪيف ڪياسي
مي سان حسن جمال اسان جو، جنهن ۾ پاڻ پساسي
ڏوه ثواب ڪان آجا ٿي، پوءِ سچل سچ ٿياسي

(٢)

فڪر انهي ۾ پياسون سچا، آهيون يا سچ ناهيون
ناهيون ڄاڻ اهائي ساري، آهيون تا ٻي ناهيون
فرعوني منصوري مڪڙي سچل، حرف جيهو حقو چاهيون
سچل سچ تڏهن آ ٿِيَئو، پوش پاٽان هي لاهيون

(ڪافي-١)

ٿلهہ : اُتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيني ڪي سلام
١. ڪڏهن ڏيئي ڪين ڪي، اهو آرانيو آرام
٢. مذهب مُور نہ مڃيان، آءٌ مشرب منجهہ مُدامُ
٣. قيد پيچي ظاهر ٿيان، آءٌ جاري پيان جام
٤. هادي سائين پاڻ سچل کي، عشق ڪيو انعام

(ڪافي-٢)

ٿلهہ : ٻَلِ وڃي ٿو ٻَلِ وڃي ٿو، لوڪ ساروئي ٻَلِ وڃي ٿو
١. "ماڻ" "ٿون" ويندي اُهوئي ٿيندو، پولُ اهوئي جيڪو پيچي ٿو
٢. اِهو اُهوئي سرتيون آهي، نہ ٿو اها ڪوئي ڳالهہ مڃي ٿو
٣. اندر ٻاهر اهوئي آهي، سچل هي سِرُ صحيح سڃي ٿو

(ڪافي-٣)

ٿلهہ : عينُ اَتُوَ انسان، پول متان ٻُلي ڪائي
١. دلَقُ درويشي پهري آيو، صورت هن سُلطانُ
٢. آهي جڳ ۾ سُٺو ڙي جيڏيون، صاحب جو سيلانُ
٣. ڏسي تماشو يار سڄڻ جو، هر همہ حيرانُ
٤. واهہ عجائب جيهو ڪِيائين، سچل ڙي سامانُ

(۱۴)

هيءُ سيپ سيرُ بحرُ انهيءَ جو، پرُ نڪا جنهن بستي
نلزم ڪارونيار ڪڪوريلُ، ڪر نڪا جنهن ڪشتي
منجهہ درياه محبت واري، حالُ سٿين هي هستي

(۱۵)

منجهہ حضور هاديءَ جي طالب، ٻانهون ٻڌي وهندين
جيئن چئي مرشد چوندين، ڪلمو ڪفري ڪهندين
گرُ ۽ گوبندُ صورت ساڳي راه انهيءَ ۾ رهندين
رنگ ريتي بي رنگ تي سچل، ناه انهيءَ ۾ لهندين

(۱٦)

جان جان طالب مسجد منبرُ، ڪينَ ڪرين ويرانا
تان تان راه قلندر واري، ڪين ملي مردانا
جا تيسُو تِين لطيفا جاري، هي پي هنرَ بهانا
ڪشفُ قلوبُ قبورُ سيبئي، هي پي ڏوڙ ديوانا
لِکن نقش ڪمائن ڪيميا، ميڙن مال خزانا
خوء حضر جي ڪارِ شيطاني، حِفظُ ڪرن قرانا
مرد سچا جي محبت وارا، سولي سرُ سمانا
ٻاجهون راه عُشاقي سچا، ٻيا سڀ ڪُوڙ ڪرانا

(۱۷)

جا جو ڪعبو، جا جو قبلو، هي پي سڀ بهانا
ناقصُ نيت ڪعبي واري، مرد گهمن ميخانا
سچل ستگر ائين آکيو، حق لهنِ مستانا

(۱۸)

قاضي سچ چوان مان توکي، ڇڏ مسائل مصلا
ڏ تہ پيون پڪ پريمي، مور نہ تج تون مُلا
سچل حق نہ حاصل تن، جي راه الهيءَ کان ڀُلا

(۱۹)

لانفي جو ڪلمون مونکي، مرشد پاڻ پڙهايو
نابودي جي نشي اندر، ستگرُ سير ڪرايو
هتيو ڏيئي همت وارو، تارو بارُ ڪٽايو
صدقُ سچل مان ستگر تان، جنهن جانب جوش جڳايو

(۲۰)

مُلا، ڇڏ ڪتابن پچر، مي جي پيءُ پيالي
پل ۾ مُلا صاحب ٿيين تون، مست و مستُ موالي
ڇڏ ڪلالي قاضي صاحب، قائم تج ڪَلالي
معاف ڪرائي عشق ائين تو، سچل ڪاف ڪشالي

(۲۱)

طالب، زهدُ نہ تقوي طاعت، موج منگان مون مستي
ڏني آ اُستاد ازل جي، هٿ طلب جي تختي
سچا مستي مُول نہ ايندي، جان جان وجي نہ هستي

(۲۲)

جان جان نون گمراهُ نہ ٿيندين، تان تان راه نہ لهندين
ڪاڏ حرام ۽ پيءُ پليدي، پاڪيءَ سان نہ وِهندين
سچا سچ پلئي نہ پوندو، جان جان "مان" ۾ رهندين

(۲۳)

ڪي ڪمائن ورد وظائف، ڪي ٿيا نفلاتي
ڪي وجي پيا زهد عبادت، ڪي ٿيا دعواتي
گوشي نشيني ڪن ڪي پائين، ڪن وٺي رجعاتي
ڪن جي منزل پٽَ پاراتو، ڪي ڪامل ڪراماتي
ڪيئي ڪشفن الدر قانا، داله ڪي درجاتي
سچا لکن مان ڪوئي ڪندو، عشق واري الهاتي

(ڪافي-۱)

للهہ ءُ عاشق، اکيون اپٽي ڏسهن، آهي مڙوئي يارُ

۱. ظاهر زباني تو ڪريان، عجب اهو اسرارُ
۲. اعتقادُ فردا جو نہ رکُ، اجُ دوست اٿي اظهارُ
۳. جن کي پسڻُ هت پرين جو، هُت پي تنهن ديدارُ
۴. بُلبُل اول ڪر پاڻ کي، گهٽُ گهٽُ سارو گلزارُ
۵. جيڪي چيو مرشد توکي، آڄ اٿي اعتبارُ
٦. بانهون ٻڌي، جه ٻن، سچل تون سردارُ

داستان ٽيون

(١)

هي دم بحر حقيقت "هُو" جي، "هُو" سان "هُو" سڃاڻين
خاڪي جسمُ لهَ پهه پوڙين، هرگز عُذر نہ آڻين
اندر ٻاهر ظاهر آ، طرف نہ ٻي تون تاڻين
سچل گمُ گمراهيءَ واري، راه اهائي ڄاڻين

(٢)

جوئي جو ناپيدا هَيَڙو، سوئي ٿيو وَري پيدا
جوئي پيدا اصل کان هَيَڙو، سوئي ٿيو ناپيدا
پيدا سو ناپيدا ٿي، ٿي تڏهن حق هُويدا
پيدا جي ڪل تڏهن پوندي، ناپيدا ٿي ويندا

(٣)

مريد ڪرڻ جو خيال نہ رکجان، عاشق ٿج نرالو
دين مذاهب ٻوڙِ ٻيائي، مست قُرج متوالو
"مان" ۽ "تون" جي سودي اندر، متان ڪڍين ڏيوالو

(۴)

عشق محبت ٻاجهون ڄاڻين، ٻي سڀ راه خلافي
بزرگ ڪاڻ دنيا جي ڪن ٿا، طلسم سڀ تلافي
سچا هرگز سي نہ ٿيندا، سچا صوفي صافي

(۵)

هن زماني بزرگ بيشڪ، ڇهٽي لطيفا لائن
ڪسب ڪرن دم بند ڪرڻ جو، نہ ٿا ٻاڻ سنڀالن
اهي فن فروعي آهن، ناحق وقت وڃائن
ري ٿيڻ گمُ سچل سائين، ٻاڻ نہ پنهنجو ٻائن

(٦)

بزرگ شيخ مشائخ ٻارو، ٿا مخدوم ٿياسي
ڪي قاضي ڪي مُلا، معلم پيرُ ٿياسي
ڪي ٿا، لڳي جو ٿاهي، رنگ رساء رکياسي
سچل ٻاجهون عِشق الله جي، ڪوئي هُئر نہ سکياسي

(٧)

نہ مان ڪِيڙو ڪڙڪو تسبيح، نہ ڪِيڙم زهدُ عبادت
نہ ڪي مسجد منبر ويڙس، نہ ڪِيڙم تقويٰ طاعت
سچل جو ٿيو بختُ سوايو، جو ڪِيڙئي عشق عنايت

(٨)

روز ازل اُستاد اسانکي، سِٽ پريت جي پاڙهي
سائي دل جي تختي مٿي، چاهون مان لِک چاڙهي
سچل عشق پُڌو نہ ٿيي، ٿي جي چٽي ڏاهڙي

(٩)

مرشد آکيو عاشق ٿيين تا، منڪرُ ٿي مشاخي
شيخي پيري بر بُزرگي، اٿي سڀ هلاڪي
عشق امانت خاص الله جي، دل کي ڏي فراخي
سچا سوز گداز سوا سَچ، ٻيا سڀ ور طَباخي

(١٠)

خيالُ بُزرگي رهٽي ڇڏ تون، منگِ نہ تون مخدومي
نہ ڪي پيرُ مشائخ ٿج تون، نڪي ٿج نجومي
دائرا اهي دعوت وارا، الٽي علم رسومي
سچل ڪٿي ڪونهي پيدا، هُولدو منجهہ معدومي

(١١)

سمجهاويو مان طالب توکي، سچ اهو ٿي سارو
"ارض و السماء" ۾ واه وڃائج، عاشق، ٿيهن نغارو
نام ڇڏي بدنام ٿي اڄ تون، لوڪ ڏسي سڀُ سارو
سَٽ سچل سامان صلح جو، مار حقاني نعرو

(١٢)

مست ٿيين تہ مريد نہ رکجان، واه جا راه رباني
آمد رفتِ نہ ڄاڻن ڪڏهين، بيخود ڪرن بهاني
ٻي سڪ ٻڪ الهن کي ناهي، رهندا لامکاني

(١٣)

حبسُ ڪرن دم ساڻ سعي، تا ٿين لطيفا جاري
عالم ڏسي عبرت آئي، زاري ٿئهن کان زاري
واه وکي پُڪارن مائهو، آ ڪو مردُ بخاري
سچ پڇيو تہ سچل سي سچا، سر ٿي ڪنهن جي خواري

(٩)

مُو مَکيڙيا مُنهن تي، ڇپلن ڇلا
واسينگن ولا، وره واريمن تي ڏنا

(١٠)

آخوند، ڏِسين اوچتي، ڇپلن ڇلا
سجدو ڪرين سهڻن کي، ميان صاحب مُلا
قاضيڙا ڪلاء، رحلَ رکين کند ۾

(١١)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇپلن ڇلا
واصِلَ کي وٺيون ڏيئي، ليکين ڏيين لَلاَ
مَلا، سڀ مسئلا، وساري ويهي۾ رهين

(١٢)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇپيلن ڇلا
توڙي کائين کلا، تہ بہ راضي رهين روح ۾

(١٣)

حقاني حُسنَ جي، گولاڙا ڪن گِلا
سچل سِڪَ نہ جَن کي، سي لُوڙها نِڪر ٽلا
بي هوُدن يلا، ڪهڙو قدر قرب جو

(١٤)

پاٹون پونده پير، قاضي، ڪاريهر تي
عشق وٺنده، آخوند، اچي اوچتي

(١٥)

آهي ڪو جو جهلي، تکو تابُ حُسن جو
بِلي ٽيا جي بره جي، بابُو ٽياسي بَلي
سچل سائين سهڻن سان وسُ نہ ڪنهنجو هي
جانِ جُسو جيءُ جلي، عشاقن آڙاه ۾

(١٦)

عشاقن آڙاه ۾، پسو نظارو
ڳاراٹي ۾ ايئن ڳريا، برف ڳري جيئن پارو
ناطقَ ڪو نيارو، جهلي روبُ رويءِ جو.

(١٧)

لوڪ ساري جون سُهمان، سچي سهڻ آيون
مُشتاقن کي محب جِيُون، ڇکنَ کن تيوُن ڇمان
بابو جهلي بره کنان تو، عشقان جهلي اَمان
سُورن سندا سمان، سچل سڀ سهايا

(١٨)

راشي ۽ خاشي، صورت ساڳي سڄئين
مورت هيءَ محبوب جي، فهمي فهماشي
موتي مڙهيل مکڙين، جڻ قراني حاشي
کعبو ۽ کاشي، منزلون محبوب جيون

(ڪافي-١)

ٿلهہ: سڀ ڪنهن صورت ۾ سپرين، سرتيون ساري ڳالهہ سليائون
١. ڏيئو ياري سج کي، ڪتي ڪين ڏنائون
٢. ساڻ روشنيءَ سج جي، پُرجهي سج پسيائون
٣. وحدت ڪثرت هڪڙي، جيئن مينهن ڦڙيون موُرائون
٤. سچل سندي نانءَ ۾، اهڙي طرح آئون

(ڪافي-٢)

ٿلهہ: چشمن يار جي مون تي چٹو جا چوٹ چکائي
١. دردمندن جي دل اچانڪ، آئي عشق اڙائي
٢. اسان نماٹن تي روز ازل کٹون، چٹو تنهنجي حسن هلائي
٣. پنهي اکڙين سيف ستر جي، چٹو جا آئي چمڪائي
٤. بڙڇي برهہ جي سيني اندر، سچل هن خيال کپائي

(ڪافي-٢)

آءُ ادا سالڪ، سهي ڪر، تون طلسمات ڪيءِ
پيچ دوئي تا ڪل پوئي، دور ڪر درجات ڪي
١. ڪيئن وساري ويهي رهين، هر هر نفي اثبات ڪي
اثبات ڪئون اڳنا لنگهي، ڪر تمُ تون طاعات ڪي
٢. ڪيئن وني ويهي رهين، هئي هئي تون حڪايات ڪي
ڳالهين منجهون تا ڪين ٿيون، پيچ اوٽ عزلات ڪي
٣. غازي نه پانئج غيرُ تون، هن محضُ موجودات ڪي
سر گهور ڪر هن گهور ۾، ڏي منهن نه ٻي مصلات ڪي
٤. سر سڃائج پانهنجو، ڏي ڪنَ نه ڪرامات ڪي
ذاتي منجهون ظاهر ٿيين، تون سمجهه هن صفات ڪي
٥. سچل روئين ڇو ايترو، بس ڪر برسات ڪي
تصديع تون ڇو ٿو ڏيين، محبوب جي محلات ڪي

سر پيروي

عشق مجاز

داستان پهريون

(١)

زورُ غرور غماز، عادت البيلن جي
نوڙت نيڻهن نياز، آهي عشاقن جي

(٢)

آهي عشاقن ۾، نوڙت نيڻهن نيازُ
نخوت نخرو ناز، عادت البيلن جي

(٣)

قوس قزح ڪمان، ابرو هنجين جا
ضرب طلم جي زور سان، اڇلن الامان
سل هڻن نا سهلي ۾، بتشين جا پيڪان
نيزا نيڻهن نشان، سچل سر سهايا

(٤)

ابروُ ڪش ڪمان، مارن نا محتاجن ڪي
بتشين جا پيڪان، زوريءَ ڪن زيان
توبهه الامانَ، ترس نه تن تِرَ جيترو

(٥)

ڪجا ڪجُ محراب، منهن تي محبوبن جي
ڏنگا ونگ واه واه، مصحف جا اعراب
سٽون سيپارن جيون، پڙهڻ ٿيون ثواب
بره سندا باب، سچل سڀ ختم ڪيا

(٦)

چالي چشم چٽڪَ، ماريو محبوبن جي
قاتل فوج حسن جي آئي، ڪاٺون ڪاه ڪٽڪ
اچي وڌائون اوچتو، سيني سيفَ سٽڪَ
عاشق لپي آيا، آلڪَ جي آلڪَ
اچي پيا وچ ۾، ٻٽڪو ڪري ٻٽڪَ
جهٽ پٽ ۾ جهٽڪَ، سرُ ڏنائون سٽ ۾

(٧)

ڇپيلن ڇلا، موُ مڪيڙيا منهن تي
ليرُ شبي مهتاب جهڙن، منهن ٻري مشعلا
تاريڪيءَ ۾ تيجارا، تڪا ڏيسن تجلا
عاشق اَت اجهلا، سِرُ لاهين تا سٽ ۾

(٨)

مُو مڪيڙيا منهن تي، ڇپيلن ڇلا
سنبل جڙ ڪي سلا، صبحُ ڪڍيا ساجهري

(١١)

ابروُ ڪنڍيا قريب جا، وار ڪُنڍيا ڪارا
اکيُون ڪُنڍيون عجيب جيون، ماٺڪ موچارا
محرابي مرغول ڪُنڍيا، پيشاني پارا
مٺا موچارا، سدا منهنجا سپرين

(١٢)

حبين حبشي، پهرو رکيو پاڻ تي
اندر اچڻ ڪان اڳي، ڪاتي تنهن ڪشي
رَخُ انهيءَ رِشي، ڪوڙين قتل ڪيا

(١٣)

مصحف پاڪُ چوان، منهنڙو محبوبن جو
آيتون منجهہ عشق جِيُون، مطالع ڪيان
قاري اچي ڪو پڙهي، هجي هيءَ روان
حرف سڀُ سنوان، ڏنگو ڏسان ڪونہ ڪو

(١۴)

منهن محراب محبوب جو، جامع سڀُ جهانُ
اَڏائي اُتِ ويو، عقل ۽ عرفان
سمورو سبحان، ڪنهن کي وجي تيتيان

(١۵)

خاصو خوب.خيال، دمامي دم دم سان
وحدت جو وصال، پانڌوڙيا پسين وجي

(١٦)

عاشقَ، اناالحق، آکيو پيو آڪيج
هادي عبدُالحق، حرفُ هدايت هيءُ چيو

(ڪافي-١)

ذري ذري ڪن چشمان چُور، نِينَ اسان کي ٿيون وهلوُر
١. تن من سڀ تاراج ڪرن ٿيون، ديدن جو آهي دستور
٢. خوني وتن خيال پنهنجي سان، ڪسن شهزادن جو شعور
٣. ناز نياز سان هڪي واري، چاڙهن سوليءَ تي منصور
۴. ساڻ ڏسڻ مشتاقن سان ڪيفي ڪن ڪلورُ
۵. سچل ڪيرُ ويچارو آهي، وجهن ڦيري دل ڪن ڦتورُ

(ڪافي-٢)

ٿلهہ : آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو
ويٺو وٺي آهيان، هت ڪامل قرار تنهنجو
١. هن کي اوهان جي ٻاجهون، آهي نہ ماڻ ڪائي
هي تا غريبُ آهي اُميدوارُ تنهنجو
٢. ٿي پاڻ ڪان پري تون، فرمايو اوهان جو
آهي جميل اصل ڪئون، هي اعتبار تنهنجو
٣. هن تي ڪرم وڏ ڪيو، جو درد دل ٻچايوَ
ساريان لطف سنياريان، ني بيشمار تنهنجو
۴. چاهون ٿيو اوهان جو، دامن لڳو جو آهي
سچل غلام چاٿين، جو داغدار تنهنجو

(ڪافي-٣)

ٿلهه : انهن جادوگر اکين، بيران ڪيوسي
انهن نيٽن سندي نازن، حيران ڪيوسي
١. راتو ڏينهان دل کي، هيءَ آهي پريشاني
انهن غمزن ڳجهن رمزن، ديوان ڪيوسي
٢. هئي هئي هي فرياد وي يارو، ڪنهن کي سٽايان
خونن هن خمارن، مستان ڪيوسي
٣. ميدان منجهه سچو، تهدلؤن آيو آهي
انهن تارن سندن تبرن، نيشان ڪيوسي

داستان پيو

(١)

عاشق پِيَنِ زَقوم، هٿان حبيبن جي
هلاهل جي هير تي، هاتڪ ڪن هُجوم
اها اٿن رسوم، ڪڙي ڪاڻِ نہ تن جي

(٢)

ساقي، ڏيج سٽي، سَرڪ صَراحيءَ مان ڪيي
پڪ پيارج پارڪو، محبت جي مٿي
پِيَنَ سان پُٺي، پاڻ ڏيان جيئن پاڻ کي

(٣)

ساقي، ڏجانءِ باقي، تہ بقا بره ۾ ٿيان
فاني فراقي، رهي رهندا ڪيترو

(٤)

نہ ڪا صحبت صراحيءَ سان، نہ ڪي مينا سان مطلب
ساقي، سَٽ سببَ، سچل سڪ وارن جو

(٥)

رهي رهندا ڪيترو، فاني فراقي
مطلب ميثاقي، "لا" ۾ موجوداتِ جو

(٦)

ڇُڪو انهيءَ چاش جو، چکي ٿيا ڇريا
ڇريو ڪريو لوڪ چوي، آهن ڪين ڇريا
ياڳي سي پريا، سچا سڪ وارا ٿيا

(٧)

اوڏو عبادت نہ وڃين، جي نشو پيين نينهن
واحد وحي موڪليو، احمد آکيو ايئن
تان تون وڃين ڪيئن، مخالف مصحف جي

(٨)

مُلا، انهيءَ مَندَ جو، ڇُڪو جي چکين
ڪارنهن ڪٿي ڪُنڊَ ۾، ويٺو مُنهن مکين
سبق سي سِکين، جي سُوريتن سِکيا

(٩)

حسبي ءِ حسبي، زاهد پڙهين زور سان
حسنَ حبيبن جو ڏسي، ترڪَ ڪرين تسبي
ڪَرُ نہ ڪنهن ڪسبي، سچن سِرڙا سٽ ۾

(١٠)

قطرا آبُ عرق، سُونهن، سچڻ مُنهن تي
جرڪن جهلڪن ٿا ايئن، جيئن پِيَن ماڪ مَرڪ
دائا ڪن درڪ، دل ۾ دردلن جي

(٢٢)
سَني ۾ پيغام، لکي مَکا سڄڻن
سَي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتين

(٢٣)
ڪي جو لکيائون، پني منجهه پريت جي
أهي پسي آئون، بيخود ٿيس سرتيون

(٢٤)
پهرين سٽ سماءِ، ڏنو واچيندڙ کي
انهيءَ خط منجهاءِ، چيبون ڏسَ چيري ڪڍيون

(٢٥)
جو نامِ منجهه لکيو، سا هُئي چيري جي ڇرَ
منجهان سڀ شهر، واچيندڙ کو ليي

(٢٦)
پنو ڪيئرُ پڙهي، جو پڻَ مَکو سڄڻين
لکيو منجهه لڙهي، مٿان ٻڌندڙ ٻڏي مري

(٢٧)
واچيو جنهن ورق، جو پڻ مَکو سڄڻين
سو ٿيو ڇڻُ غرقُ، درد واري درياهه ۾

(٢٨)
سگهي ڪيرُ پڙهي، هو جو نامُو نينهن جو
سِرئون سر ڇڙهي، موج مٿو تنهن ناهه کو

(٢٩)
ٿي خطُ هليو، ساٿي سلامن جو
چئي منجهه جهليو، وره وکوڙي واٽ تي

(٣٠)
ٿي هليو خطُ، پانڌي پارَ پرين جي
وٺي روئي رتَ، تنهن هلندي حالُ وڃايو

(٣١)
الو هيَڙو عشق جو ساٿي ساڻ نيو
کامي پاڻ پيو، هو جو خُوني خطُ پرينءَ جو

(٣٢)
هَنَ پانيو نامُو، پر شعلو هيَڙو شوق جو
جندُ سارو جامُو، ساٿي سڀُ سڙي پيو

(٣٣)
پري ڏانهن نيو، تنهن کو خط خبر جو
پڙهندي ڏِسَ هنيون، تنهن ڦڙڪندي ڦاٽي پيو

(٣٤)
رهبر روانو، ٿيو پريان جي پار ڏي
شل پهچي پروانو، سلامت کي سڄڻا

(٣٥)
ادا، ايندو ٿيءُ، وٺي سڪَ سنيهڙا
جاءِ ٿيي مُون جيءُ، پروانو جڏهن پڙهان

(٣٦)
جبيين ڏنهه هيئن، اديون، لکجي آيو
ٿون مُون ساڻ جيئن، تيئن مُون توسان آهيان

(٣٧)
ڪاغذ لکي ڪال، مَکمِ جو محبوب ڏي
ڳالهيون سنديون حال، ٿينديون پڌر پڙهڻ سان

(٣٨)
آيو ڪالهه رقم، مُون ڏي محبوبن جو
نه دوستيءَ وارو دم، ڪڏهن ٿون نه وساريين

(ڪافي-١)

ٿلهه : وٺي خبر خاطي آيو، خير صلاح جي مُون ڏي
١. پار پنيور جي اڄ سُياٽي، تا هو ڏٺين کي سعنيو
٢. طرف تنهنجي آهه اصل کئون، روح سندن جو رايو
٣. نينهن جي نياپن ڇڻ اسان کي، محبن ساڻ ملايو
٤. ٿيان قرباني آءُ تنين تئون، جن تا نينهن نباهيو
٥. ايندءِ أهي جن جي ڪارڻ، ويٺي تو ورهه وسايو
٦. پيو پرين وٽ هاٿي تنهنجو، سچل پنڌ سجايو

داستان ٽيون

(١)

ڪي جو محب لکيو، سو مُلا واچڻ نائيو
جنين اڳ سکيو، سچل تن سهي ڪيو

(٢)

خبر ڪِهين جو خط، آيس جو عجيب ڏنهن
روئي اکين رت، ڪري مطالع من سان

(٣)

لکيُون لس لَڙهان، ساجن سلامن جيُون
پُرزو پاڻ پڙهان، پڌايان نہ پين کي

(٤)

لڙهان لَسَ لِکيوُن، پرين پيغامن جيوَن
سي رقيب سکيوَن، تو پڌائي بين کي

(٥)

ڪي جو لکيائين، سو مُلا وجي واچيو
هڪ ست پڙهيائين ٻي ست، سُڏڪن ۾ پيو

(٦)

پُرزو پڙهڻ آءُ، آتي، مُلا مسيت مان
سچي جو ساءُ، اچيئي سِڪنهن ست مان

(٧)

هڪ ست پڙهيائين، ٻي ست واچڻ نا ٿيي
ائين اُتيائين تہ هيءَ چر چيري نہ جهليان

(٨)

ناميءَ مان نروارَ، ٿي هيءَ چر چيري سندي
تنهن پلڪ پڙهڻ وارَ، ڪارو سڙي ٿيو ڪانگڙو

(٩)

رُقمي منجهان راز، مڙوئي معلوم ٿيو
نسورو هو ناز، سچل سڪ وارن سان

(١٠)

رت اکين روبو، لو ساتي سنيها ڏيئي
نهران نچويو، جارئون جرَ هاري گهٽو

(١١)

پينر ڪيئن پنو، هيُ جو نامُو نينهن جو
خط خُمارُ ڏنو، جيڪُس پڙهندي پرين کي

(١٢)

پڙهندي پُرزو پرين جو، پينر، ڪيئن پنوس
خط خمارُ ڏنوس، آيو ڏنهن عجيب جي

(١٣)

روئي زاروزارُ، پُرزو پرين ڏي لکيو
ڏنو خط خمارُ، اول ئي عبارت ۾

(١٤)

اِجها عبارت، لکڻ لڳس برين ڏي
روئيندي پريوُن رت، اوتڻ پئي اکيون.

(١٥)

آيو اوڏاهون، سناتي سلامن سان
محبت جي مان هون، اُها ويل نہ وسري

(١٦)

نامُو رات نيو، قاصد يار قريب جي
پورن منجهہ پيو، هُتِ واچيندڙ ورق جو

(١٧)

جارَوَن لکيُم جو، ڪاغذ قريبن ڏي
حقيقت جا حال جي، واچڻ وينو ڪو
پڙهندي پنو سو، تنهن کي آنديون آيون

(١٨)

عريضو آئي، قاصد ڏنو قاسبن جو
هند ويل هائي، سرَ ڪريانِ صدقي

(١٩)

قاصد ايندئي، پيو شوڪارن ۾
نيايا ڏيندئي، ساتيءَ ساهُ مٿي ويو

(٢٠)

نامو سارو نينهن، جو ٻڻ لکيو سچئا
رات برابر ڏينهن، مُون کي گوندر گذري

(٢١)

ڪاجا ڪتابت، آئي يار پرين جي
سچل سا ثابت، مُون ڪان واچڻ نہ ٿيي

(١٧)

مُون ڏنهن اچَ لکي، جاني جدائيءَ مـٿـون
کـان ترار تکي، هُئي ڪتـابتَ قـريب جي

(١٨)

عـبـارت آئـي، اجـان جـوڙي لـکڻ لڳـيـن
ويـر دَرَ داڻـي، اچـي اوتـيـا اُتـهـيـن

(١٩)

هي روئي ســان رتَ، لِکيَم ڪاغذ قـريب ڏي
ڏنو خُمـارُ ٻـ خط، پڙهڻ ســان پرين کي

(٢٠)

نينهن منجهون نامي، معلوم ٿيو محبوب کي
تہ پي پانڌي پيــغامي، وارھُ وڏائڻ آيو

(٢١)

اُيو اوڏاهون، اچ ســائي ســلامن ســان
هاريُون مـــان هـٿـون، اُها ويلَ نہ وسـري

(٢٢)

نامُو نينديئي، قــاصــدُ واتَ ڪري پيـو
تنهن ويلي وينديئي، ورهہ وڪوڙيا نِڪٽيا

(٢٣)

پڙهـندي پـنـو ٿـي، واچينـدڙ وهـلورُ ويـو
لـڳيـن لَرزوئـي، اچـي پِـيڙَسِ اوچـتـو

(٢٤)

ســاٿي ٿي سُونـهُون، واچيـندو ورق کي
ســو منجهہ مُطالعُ مُون هون، خوني خط پرين جو

(٢٥)

نچوئـيـنـدي ٿنهن، ٿـي پـاٿـي ڪـڍي پـڌرو
وجهي ساٿي سَنهن، تہ تون ڏيج سجدو سڄڻين

(٢٦)

ڏورڻ ڏکَ پيــوس، پني جي پڙهڻ ســان
جڻ وِڇون ساه ويوس، هٿي هٿي ڪندي ڪاڪيون

(٢٧)

ڪو نامُو نِينهن نِيـين، پريان سندي پار ڏي
هَلي ســان هِينين، مــانَ اُنهن کي اَرمــان ٿـي
شـــال نہ وســاريــن اهـو اٿـم آســرو

(٢٨)

هـيـڪـر لکي مـوڪـلـيـان، هي خط هزارين
مــان پڙهي منهنجا پرين، هي سگ سنيـارين

(٢٩)

پانڌي، پُهچائي، وَرَ عـريـضـو عـجيب ڏي
قاصد، ڪونچائي، متان سورُ وجهين ساه کي

(٣٠)

حـبـيـبـن هـيـڪـار، آئـين، وري مـوٽـيـن
پاپيــهـل پيـهــار، اچي ويهُ اڪـيـن ۾

(ڪافي-١)

ٿلهہ : پانڌي نيـٺي پُهـچاءِ، هي نوان نيـاپا نينهن جا
١. هوت اســان کي هيـتــرو، ٿُون ســانوَلَ ڪِيَم سِڪــاءِ
٢. ڏينهن گــذرن ڏک ۾، راتيــون هــن هوش هـواءِ
٣. اوهان پاجهـــون سُپـــرين، هَئي ويـٺي وِرهہ وَســاءِ
٤. پـــريـــن ڏســج پـــاڻ ڏي، وايُون هِي وَرِنـــاءِ
٥. اڳــڻ اچــي هــن جــي، سگ ســچل سـرچاءِ

داستان چوٿون

(١)

لکيو موٽي مُون، ڪاغذ قريبن ڏي
اٿم تونهين ٿون، پٽي جو ناهي آسرو

(٢)

چٺو ڪِيَم تکو، مُون کي پارٺون پرين جي
چُڪو اُنهيءَ چاش جو، چاهُون جي چکو
سرتيُون، سڀ سِکو، جيڪر لائڻ لنوَ ڙي

(٣)

نٺون لکيو آيوم، پرين سندي پار جو
لنوَ پريو لايوم، هٺين ولي هوت جي

(۴)

اِڪيان مُحِب مَنِي، متان ڪا مُنهنجي ڪرين
وَهَندو ورُ ولي، سالي خبر خير جي

(۵)

وجي ڏيه ڏنو، تو جو سندو سڄڻان
چِڳَيءَ طرح چٺو، پانڌي، ڏنو ٿي پرين کي

(٦)

سندو رازَ رُقعو، آيو جو عجيب ڏنهن
سا پڙهندي سرتيُون، مُنهنجو ساهُ سُکو
ڳالهائڻ چکو، ڏسي ڏوراپن کي

(٧)

سنيها سي سڄڻان، ٿو چڙهيو ڏار ڏٺي
آنڻ ۾ افسوسُ ٿيو، تنهنجي پير پٺي
ڪتي سکهي ڪهن ڪي، ٿو رويو روئي
ڪهڙيءَ طرح ٿئي، وري سالباهو سرتيين

(٨)

راه فراق فقير ڪان، والي، ويجهو ٿيءُ
ٿون پڻ مُنهنجو ٿيءُ، آءٌ نوڪرُ تنهنجي نانءَ جو

(٩)

مُون ڏي محب مُکو، دستو دلاسن جو
سندو راز رُقعو، پيٺي واچيو وِهُسان

(١٠)

واچيندي وياس، هاريون، پنهنجي حال ڪان
نامي تنهن نياس، پاڻ لکيو جو سڄڻان

(١١)

وَيَسِ تنهَ جِجي، پهو پٽِ ڪري پيو
سٺي سنيها لينهن جا، پَٽي جهوري منجهه جهجي
اُنهيءَ پٽ پجي، پيسِ روئيندي ڪيڙا

(١٢)

هي سيٺي ساري، ڏج سنيها کي سڄڻان
اوهان پاجهون سپرين، ٿي گوندر گذاري
گهڙي نا گهاري، وِلهي هٽ ور ريءَ

(١٣)

آڏو عجبن جي، ڪجانءِ سڀ خبر
عاشق هٽ اوهان بنان، آهي منجهه حشر
اوتي اکڙين مان پيو، باراني بحر
ڏي دلاسو دلبر، متان عاشق هٽ مري وجي

(١۴)

جيڪر لکي موڪليان، خطڙا هزارين
مانَ پڙهي پوه پرين، سگهڙو سنيارين
وارُ نہ وسارين، اِهو اٿم آسرو

(١۵)

لکي خط منجان، پريان سندي پار ڏي
تہ جهجهيُون لک مُجان، منهنجيون محبوبن ۾

(١٦)

مُنجان ڪيٺن لکي، ڪتابت قريب ڏي
سالي واڻ سِکي، پڏائي نہ پهن کي

(١٥)

سائر منجهہ سهسَ، گهيڙ گهڙَنُ آيا
ڪو سِرُ سيٽاهيو ڪيي، ماڻي مان مَس
سچل لنگهي لَسَ، شرط وڃي پيا شَهہَ ۾

(١٦)

اڇي اوَتڙاءُ، گهڙيسِ گهوري جندڙي
چڙَ هِيُسِ ڏاڍِي چاه مان، مستي موج مٿاءُ
تڙُ لهي ترَ پاءُ، شرط لنگهي پيس شهہ ۾

(١٧)

جي وڃي شهہ پيا ، مشڪل موتڻ تن جو
چا تانگهي چا تار ۾، ٻُڏي ٻوَنِ ٻيا
جي وچون پاڻ ويا، سي پاڻئي پاڻي ٿيا

(١٨)

اسان پِرينِ وچ ۾، وهي ٿو درياهہ
آهي ڪونہ اسان جو، هاديءَ ري همراهُ
سپيريان تان ساهہ، سچل تان صدقي ڪيو

(١٩)

اسان پرين وچ ۾، دور وهي درياءُ
چوليون چران ٿي ڪري، پيو وِڇُني واءُ
سڱي آهون آءُ، ميان هن مشتاق جِيوَ

(٢٠)

اسان پرين وچ ۾، جرُ وهي حباري
هِڪَ ڪڙڪو ڪُنَنِ جو پوي، ٻيون ويريون ڏي واري
هُتِ ساجن جا ساري، سا دِهلي ڪين درياءُ ڪئون

(ڪافي-١)

ٿلهہ : جنهن ميهرُ ملايو، تنهن گهڙي تان گهوري آهيان

١. تنهن ڪنير تئون قربان، جنهن ڪچو پچايو
٢. اوهين جيڪُس جيڏيون، اهو پيلو ٿيون پائيو
٣. تنهن مونکي تار ڪُنَنِ مئون، منجهون لهرن لنگهايو
٤. اُنهيءَ داٻ دلي جي، سارو درياءُ دٻايو
٥. پاڻ پنهنجو سرتيون، مان گهوري گهمايو
٦. اصل اڻ تاريءَ جو ميان، آهي ساهڙ تي سايو
٧. سيٽاهن جي سرتيون ، مون کي لاري نہ لايو
٨. ساهڙ ، سير ۾ تو وٽ، سچل الله اُڪيرئون آيو

(ڪافي-٢)

ٿلهہ : ڪنهن کي ڳالهہ سُڻايان، ميهر سندي موج جي

١. سِڪَ ساوڻُ ڪيو ساهہ کي، چولي تان نہ ڇپايان
٢. دعا ڪريجو جيڏيون، سندُن نينهن نيايان
٣. سارنگ آيم سرَ تي، سو تي وِرهُ وسايان
٤. ڳالهہ پرينِ جي ڳجهہ جي، ٻين کي ڪيئن ٻُڌايان
٥. وهي سِير سريرَ ۾، لهريون تان نہ لڪايان
٦. سچل ساهڙ ساهہ کي، اوڏو ئي پائنيان

سُرُ سهڻي

(۱)

مِيهارُ کي مِهَر، پَوندي مَنِ مَٽين
سهڻيءَ جا سُٽي، سڌڙا وڃان سِير وَري

(۲)

ميهارَ کي مِهرَ کا، پُوندِي مَٽين مَنِ
پنهنجو قُربُ ڪَنِ، نہ تہ ڪارُونِيارُ ڪيرُ تري

(۳)

جي سين دل دلي سان، ساهڙُ ڪِين سچو
ڪچو تِيُسِ ڪچو، تا ساهڙ پُگس سِير ۾

(۴)

ڪچو سچو ڪين ٿي، توڙي رچي رنگ
سچي سندي سنگ، ڪچا سچا ٿي ويا

(۵)

اچي وچي وچ مان، وڃان ڪين وري
ڏسي نَہ ڪا وائسي، گهوري گهيرُ گهڙِي
تَرَبُون ٿِي تَري، تارُونئڙي جيئن تار ۾

(٦)

چڙن جي لُونگارَ، مُنهنجو چِتُ چريو ڪيو
راتان ڏينهان تن ۾، تن جي اُتم تار
مينهين ۽ ميهارَ، سندي سِڪَ سَرير ۾

(۷)

مينهين جي مٿان، گهوري وڃان گهوٽ جي
ڏُهان ڏُهنِ ۾، وِڃين جي وِڃان
لاهيان ساهڙَ جي وِچي، اچن سان اَچان
لِچان ڪين ڪُچان، مِلڻ لئي ميهارَ جي

(۸)

پريان پٺي ڏسان، ڪانگهاريون ڪپر ٿي
رنيُون پُڌي روح ۾، رويون پٺي رُئان
پوياڙيءَ پيان، تازا ڪير تنين سندا

(۹)

نَہ ڪا ڪَنڌِي نَہ ڪَپَرُ، نَہ ڪا وچون واهہ
مُنجهيا موجن ۾ اُٿي، سياٽا سيٽاهہ
سُهڻي گهڙِي سير ۾، ڪري ڪاهُون ڪاهہ
پاڻيءُ ۾ پناهہ، پَرور ڏِنَس پاڻ ڪنڌي

(۱۰)

هٽي هٽي هچُ ٿي، هڏ ٿيس هيٺا
سُپاريائين سچو چوي، لاکي کي ليٽا
پُڌنديءَ جا پيٽا، ساهڙ ڪيا سير ۾

(۱۱)

هٽي هٽي هچ ٿي، هنئي ٿيَ هيٺي
واهُڙَ ۽ ويرَن ۾، ٿي واڳن وَهيٺي
سير اندر سُهڻي، ويچاريءَ وسَ ڪيا

(۱۲)

دلي سان هُئي دل، دادلِيَ دلير جي
اُنهيءَ ڏنس اوچتي، جل اندر اُچل
ڪَلَ هُئي ڪَنيار ڪي، تہ خاڪي منجهہ خلل
مٽيءَ جو مَحَل، پُرزا پاڻي ۾ ٿيو

(۱۳)

هٿ نہ مِلي هٿ کي، سالم سيٽاهين
ڏڏڪا دم درياهہ ۾، ڪپر پيا ڪيين
موج پسي مهراڻ جي، متيون ٿيون مُجهين
پَرينءَ ڪيئن پُڄين، هٿڙ پٿڙ هوت کي

(۱۴)

گهڙن جي گهيڙاءَ، تانگهو عشق تن جو
جن کي عشق عليلُ ڪيو، سي اينديون اوتڙاءَ
جي سُور چڪنديُون ساءَ، ميهر سي ماٺينديون

(٨)

ٻانيڻ جو ٻروچ سان، ٻول اصل آهي
ٻَنيءَ ٻوءِ ٻُنهل جي، ڇپرُ ڇلڻ ڇا هي
لاڳاپا لاهي، ويند يس ڪيڏ ڪوهيارَ جي

(٩)

ٻانيڻ جي ٻاڪار، ٻُڌي ٻاروچو آيو
ورَ ، وسارج ڪين ڪي، جا واقف نه وڻڪار
سگهڙي لهج سار، سائينءَ لڳ سچل چوي

(١٠)

ويند يس ڪيڏ ڪوهيار جي، آءُ لاهي لاڳاپا
سرتيون، ڇڏيا سڀ سچل، سنگ ۽ سياپا
جي وڃن ٻاڻ ٻُنهل ڏي، چو مُنجن نيناپا
شاڪا ۽ شاپا، وڃهندي ويند يس ور ڏي

(١١)

وڃهندي ويند يس ور ڏي، شاپا ۽ شاڪا
ڪاهي هلندي ڪيچ تي، ڪاڪيون ڙي ڪاڪا
وِڪڙ ور ونڊر جا، جت جبلن جا جهاڪا
ڙي ، اُت آڪا، ڪندو ور ولهيءَ جي

(١٢)

صل آريءَ ڄام جي، ٻانيڻ آءُ ٻانهي
جاڙَ ڪيَمر جانب تان، هيءَ جندڙي جواني
سڙ سهاير سهٽل لئي، ٻر ٿر بيباني
مناسَ هن مَٽل جو، آ مروئن مهماني
مر ڏسي جاني، نه ڪچو لاتائين نه ڪَل ڪي

(١٣)

ڏونگر ڏوري مرُ مران، ماءُ مِروَن ڪائين
آنڊا گونڊا اوجهريَون، ٻَلَ ڳجهوَن ڳڙڪائين
هَليوَن هينيوَن چيري چچري، چنبنِ ۾ چائين
ٻوءِ مرُ ٻَچائين، ته هي قرباني ڪيرَ ٿي؟

(١٤)

ڏيان باهه ٻنيور کي، شل ڪيچ وسي ٿي ڪيچَ
آءُ ٻه اوڏهين وڃٿي، جي ٻائي ويڙم ٻيچ
ويٺي ويٺي ور جا، روح ٻون ٿا ريچ
سر واهيا سرويچ، سگ سچل جو تن سان

(١٥)

دُعا ڪريو ڪا دل سان، منهنجا ڪيچي ڪيچ ٿين
ٻاراتو ڪا ڪانه ڏي، منهنجي متارن مَيَنِ
جيڏيون ، جت جيئنِ، جي سُونهي سُورُ سچل ويا

(١٦)

سچل ڪي سَوَ سُورَ، ڏيئي ويا ڏاج ۾
دردن ڏني دعوت آٿي، ٻنهنجا تيم ٻُور
آيل جي اسورَ، ٻاندَ نه ٻوي تن سان

(١٧)

سَروائنِ مُون ساڻ، ٻَلئون ٻلائي ڪئي
جن جاڳايو جوش کي، آءُ اُتن قربانَ
ٻاروچاٿو ٻاڻ، تڏهن لوَنءِ لوَنءِ ۾ لڳي ويو

(١٨)

آٿي ڪمر ٻندَ، لوچ ته لهين سٻرين
هاڙي وارو هند، ڏسين اڪڙين سان

(ڪافي-١)

ٿلهه : مون ۾ عيب اپار، آءُ سڄڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان
١. ٻانهن جي آءُ ٻانهي آهيان، ساري سڀ ڄمار
٢. هُئان هميشه هوت سان، شال نه ٿيان ڌار
٣. اوچڻ ڪنديس اڪيون، ٻٽرُ ڪنديس وار
٤. ٻاڻ توئي تئون صدقي، سسي ساڻ ڪپار
٥. ساهه سچل جو سوگهو ڪيُڙو، رکي، يارانو يار

(ڪافي-٣)

ٿلهہ : اڄ اسان وٽ آءُ، ميان، تون مينهُن وارا ميهار، ميان
١. پاٽي اُپڙڻ نہ ڏيئي، هڪُ ويريُون پيو واءُ، ميان
٢. ڪاري ڪُنَ لَهِريُون لَسان، دورُ وڏي درياءُ، ميان
٣. ساهڙ سيبئُون توهانجي، سرتيون ڏيَنِ نَہ ساءُ، ميان
٤. سِيٹاهيو تان سَنئُون وجي، هن ڪُنَنِ ڪَانَ ڪاءُ، ميان
٥. پرين وڙئُون پنهِنجي، سچل لهُہ سَماءُ، ميان

(ڪافي-٤)

ٿلهہ : شهَ درياه تي وجي پياسي، لهرين ڪيئي ڪُنَ لَسَ لنگهياسي
١. سير سَمُوندِ جي آندا اُتاهين، وِسري پيا سبُ وَهَڻ وياسي
٢. ڪارونيارُ مِڙوئي ٿُلزَم، نينهن برابرِ اُتي وو نياسي
٣. ظاهرُ پهريون لهر ڏني سي، پوءِ سارو پاٽي پاڻ ٿياسي
٤. فوق تحت جي خبر نہ پوندي، خوني موج بہ موج ڪنياسي
٥. سچل اتي سچ ٿيو، چَرَ چُلڪَ جي سِرِ چڙهياسي

سرُ ڪوهياري

سسئي پُنهون

داستان پهريون

(١)

اٿسئي پهر اٺ، ٿيو اوڳو اوڳاري
لَيُون لاٿا لاسِيُون، ٿيو ليڙو لَواڙي
جَري جُري ڪين، ڪيرُ جَري ڪي چاري
پري پُري ڪين ڪي، ٿيو ٿوهر ٿوهاري
پُوري پتاري، سچل پٽُ پڌرِ ڪيو

(٢)

ٻلاٽي پُنهُون ويا، ڏڳهاءِ ڏوها
ڄلاري ڄير ۾، ڇڏيائون ڇوها
ٿوارِبندي توها، سسئي سٺا ڪين ڪي

(٣)

• مَيا، اَڻَ مَيا ٿيو، ڪنيو وتين بارَ
مَتان ڪٽين مَيارَ، گونهِي ٿي گوهي ڪرين

(٤)

ڏاگهن ڏيرن، ڪيو ڏوهڻ سان ڏاڙو
نڌر ڪي نصيبُ ٿي، شل پنهل جو پاڙو
وندُر حبَ هاڙهو، سجل سِڪَ لنگهايو

(٥)

ڇانگن جي ڇوري، پڌر پوي نہ ڪڏهين
آءُ تنين گهوري، جي ڇانگين چڙهي آيا

(٦)

ويندي وير ڇانگن جو، ڇُريو ڪين ڇڙو
ڇير ۾ ڇوريءَ ڪي، ڇڏي ويا ڇڙو
ڏيندو ڪين پروچ، پَڙي، پانڻ ڪي پڙو
مٺيءَ ڪي مُحب مِڙو، مُون ڪان ٿَرُ ٿيلهيو نہ ٿيي

(٧)

پانڻ جو پروچ سان، اصل آهي پول
ڦاٿو سندو قول، سينڙ ڪين ٻلاٻاڙ

(١٧)
ڪوڙين قرباني، تن سان هوت پنهونءَ تان
ساهَ سِري صدقي ڪريان، سندنِ مهماني
هيءَ جوڀنَ جواني، آيل، آجائي گذري

(١٨)
هَٿي هَٿي ڪارڻ هوت، ڏونگر ڏورڻ آيا
متان تائين موت، وو وو تونَ وسارئين

(١٩)
وو وو تا مَ وِسارِ، متان مُئي ماٺِ ڪرين
پلپل پيئي پچار، پچر تن پرين جي

(٢٠)
ڪيمَ وساري ويهَه، وو وو ڪر وندرَ ۾
پچڻ ڪارڻ پرين جي، پاڙي پاڙي پيهَه
ڏيهه ڏٿين جو ڏيهَه، حاصلَ ٿيي حب سين

(٢١)
متان ويهين ماٺ ڪري، چَلهِي چَلندي چَلَ
هيئن ويهه نه هَلَ، تان ڪي پڇين پنڌ ڪي

(٢٢)
ويهَه نه وساريج، متان ماٺ ڪري وهين
قولَ اَهو پاڙيج، هو جي ڪيڙهءَ هوت سان

(٢٣)
متان وسارين، وو وو ڪر وندرَ ۾
جي گونڌر گذارين، سي تو ڇگا ڏينهڙا

داستان ٽيون

(١)
آريءَ جي اچڻ جو روز نهاريان راهَ
آٿيندَسِ الله، سچل سِرَ صدقي ڪري

(٢)
مُون ڪان ٿيي نه پنڌَ، آري جامَ اچيج ٿون
هاٿي ڏي مون هنڌ، پاڻِئي ڏاريَ سپرين

(٣)
آري، اچين شال، نماڻيءَ جي نجهَري
هِي مون ڏسين حال، ڪرين غورَ غريب جو

(٤)
گهڻا ڏِينهن ٿيا، مون ڏوريندي ڏونگرين
جي مون سڌ ڪيا، سي ٻڌي ٻاروچا ورين

(٥)
ٻڌي ٻاروچا ورين، هن عاجز جيئون آهَون
درد پريون دانهَون، ڪري ٿي قافنِ ۾

(٦)
جي مُنهن ٻاروچي ڏِسان، تا سيئي ٿِمَنَرِ سَڪَ
ڏور ٿيَنِ مون ڏک، پسڻ ساڻ پرين جي

(٧)
ناهه ويچاريءَ وسَ، جو واڪا واڪ نه اُجهَنِ
کِهين چِنَ نه ڇڏيان، سندو گورَنِ گسَ
ڏونگر منجهان ڏسَ، پوندَم هوت پُنهل جو

(ڪافي)

ٿلهه: سرتيون! منهنجو ساهه، هاڙهي سي هوت وٺي ويا
١. ڪونه ڪميٽي جو ٿيي، هادي ريءَ همراهَ
٢. پينرُ شهر پنيور ۾، آٿيندنِ الله
٣. هنڌئون جهين هوت ويا، روئي ڇمان راهَ
٤. پرڏيهين تي ناهِ ڪو، وريتيون ويساهَ
٥. آهي رفيق رِڃنِ ۾، سندو سوزُ سپاهَ
٦. ناهيمِ ٻئي ڪنهن لوڪ جو، پاڙيچيون پرواهَ
٧. معافُ سچل کي سي ڪندا، جيڪو ڏوهَ گناهَ

داستان پيو

(١)

روشڻ زاروزار، راتيان ڏينهان آهه مون
ڪوڙي ڪانَ قريبُ ويو، هنئين منجهه هزار
هن گوليءَ جي گفتار، ڪا پَڌوَ پاروچن ۾

(٢)

وَجَنَ ذوق ضرورَ، هن ڪاهَل آهي ڪيچ ڏي
ڏسان شال اکين سان، هوتياڻون حضور
هن مُئيءَ سندو مذڪورَ، ڪو پَڌوَ پاروچن ۾

(٣)

پرين ڏينئي پورَ، ويا ويچاريءَ ڪي
دُنيا جو تنهن دُور ڪيو، سيو شوق شعورَ
هن مُئي سندو مذڪورَ، ڪو پَڌَ پاروچن ۾

(٤)

رِيءَ ناٿي گولي، آءٌ آهيان آرياڻيءَ جي
جو ڏناڻون ڏاج ۾، سو جهليَمِ جهولي
جانِ جوسو هيءَ جندڙي، گهوٽ مٿان گهولي
هن پانهيءَ جي پولي، ڪا پَڌوَ پاروچن ۾

(٥)

ساريون پَڇي ساٿَ، سنديون ڪيچينِ خَبرون
هيڏي اچڻ جي هُئي، ڪيچيَڙن ڪي ڪاتَ
منهنجي پِيي مصلات، ڪا پَڌوَ پاروچن ۾

(٦)

هيءَ نماڻي نال، سنگت نجو ساٿيو
ايندي پُنيءَ اوهان جي، جيهي تيهي حال
هن پگوليندڙ جي پگال، ڪا هُئي هوتاڻين ۾

(٧)

ساريون سِڪ سبيل، اندر منجهه عجيب جي
راتيان ڏينهان ٿي ڪري، زاريون منجهان ذيل
هن ڪميڻيءَ جي قبيل، ڪا هُئي هوتاڻين ۾

(٨)

ڪري سات سوال، ڪيچين جي ڪا ڪَل ڏيو
جا ڇڏياڻون ڇپرين، موٽڻ تنهن محال
هُئي هُئي آرياڻي ريءَ، ههڙا ٿيڙمِ حال
سچل جي سنيال، ڪا هُئي هوتاڻين ۾

(٩)

اچج آري ڄام ، متي مُنهن موڙهيءَ ڪري
مون ڪان مِير مُدام، هِي ٿرَ ٿيلهيو نه ٿِيي

(١٠)

آءُ تون پُنهون يار، ڏسي حالَ حقيز جو.
هِنَ نماڻيءَ نِڪارَ، هِي ٿرَ ٿيلهيو نه ٿِيي

(١١)

هن دم آري آءُ، ناهيمِ حالَ هَلَڻَ جو
مون نماڻيءَ ڪانءُ، هي ٿرَ ٿيلهيو نه ٿيي

(١٢)

پاجهه پاروچا ڪر، مون ٿرَ ٿيلهيو نه ٿيي
ويچاريءَ جي وَرِ، ڪرِ بلوچا بيبان ۾

(١٣)

سا هٿان ويل ويامِ، ڪاڪيون هاٿي ڪيٺي ڪريان
ٿيلهڻ ٿر ٿيامِ، هاٿي هوتاڻينِ لئي

(١٤)

ڏيهـ ڏکيءَ جو ڏورَ، رهبر رسُ رُڃَ ۾
مون ويچاريءَ مُورَ، هيَ ٿر ٿيلهيو نه ٿيي

(١٥)

راتيان ڏينهان رتَ، اوتڻ آيم اُن ريءَ
آيل، عشق عليل ۾. شال نه پوي قط
جبل سڀ جهاڳي وجي، جيڏيون ڏسان جتُ
هن مُئيءَ سندو مَتَ، پوي شل پرين ۾

(١٦)

جبل جالون جال، سو مون ڏورڻ نه ٿيي
وڏا وڻ وٽڪار جا، قافن ڪوهَ ڪشال
هي مون ڏسي حال، من پاروچل پاجهه ڪري

(٢٨)

آئي ويا اوٺار، ڪٺي سات سويلَ جو
هاٿي آيل، آيا، ڏورڻ مون ڏونگار
پيا پي هوت هزار، مُنهنجو پيچ پُنهونءَ سان

(٢٩)

مُنهنجو پيچ پُنهونءَ سان، آزَلَ لاڪون آهه
هاٿي ويهڻ چاهه، پيئرَ پينگ پنيور ۾

(ڪافي)

آءٌ ويندي پُنهل جي پار ميان، تڪيس ڪين ترن ۾
١. مُون منُ ڳڏي گوندرين، ڪيچي ٿيم قرارِ ميان
٢. ذاتِ جتن جي جيڏيون، جي وڏم جارِ ميان
٣. ڪنڌي وڃي ڪيچ ڏي، ڪنيزاٽي ڪارِ، ميان
٤. آهي ڪارڻ قريب جي، وڃڻ مون وٽ ڪارِ، ميان
٥. سارو ڪمُ سچل جو، آهي انهن جي اختيارِ، ميان

داستان چوٿون

(١)

چڱي پُنهَون چِت، سدا آهي سرتيون
ڏي نہ ڏکائي ڪنهن کي، پاڻهي رکي پت
هوت بنا مون هت، ڪريان ڪوهَ پنيور ۾

(٢)

ڪريان ڪوهَ پنيور ۾، ور بنا ويهي
جيهي جا تيهي، وڃان ڪيچيڙنِ ڏي

(٣)

ڪريان ڪوهَ پنيور ۾، پڇاڻان پرين
وارَ نہ سي ويهَنِ، جنين مٿي مامرا

(٤)

ڪريان ڪوهَ پنيور ۾، هاريون، بنا هوت
مُون تائين موت، وو وو ورَ نہ وسري

(٥)

ڪريان ڪوهَ پنيور ۾، پُنهونءَ پڇاڻاءِ
سوز چڪايو ساءِ، ويهڻ مون وِهَ تيو

(٦)

گولَنِ گڏ گذرانُ، ڪاڪيُون، ڪنديس ڪيچ ڏ
آريءَ ٿي ارمانُ، مانَ ڏسي حالُ حقير ج

(٧)

سات سويل سرتيون، وڏيءَ ويلَ ويوم
وندرِ جي وٽن ۾، ووڙنَ ورَ پيوم
ٿيلهڻ ترَ تيومِ، هاٿي هوتاڻين لئي

(٨)

پَرِيَتِ پُنهَونءَ چام ڪي، آئي عشق ڪيو
سچل سگ تيو، هِهَڙن هوتاڻين سان

(٩)

اندر آگِ عشق جي، ويو پاروچل پاري
ڪارڻ ڪوهياري، مٿي راهه روئان گهٽو

(١٠)

مٿي راهه رنجورَ، ويچاري واڪا ڪري
سگهي ويندي نڪري، هوتاڻين حضورَ
موٽي هِتِ نہ مورَ، پسڻ ريءَ پرين جي

(١١)

جان جان ملان نہ هوت، تان تان ماءِ، نہ مون مران
مادر، تائين موت، اهو اٿم آسرو

(٨)

وِيَمِ لالنَ لوءِ، هِيءَ اٿاسي ننڊَ ۾
پَلي هيٺن نہ پانيو، پيو پروڙڻُ پوءِ
هوتَ وَنمِ جي هوءِ، تا سَڪِ گذاريان ڏينهڙا

(٩)

منهن ڏيٺي آيام، جبل جهاڳڻُ ڪيچ جا
طعنا ٿنڪا لوڪ جا، سِرِ چگا چايام
پلوءَ پَتِ پانيام، سهرا سُور سڄڻ جا

(١٠)

وِيَمِ نڪري قافلو، آءُ متي راهَ رهي
پاروچا . پٺي، هِتِ ٿي وِرهُ وسايان

(١١)

ويٺي ورهُ وسايان، ڪانڌ اچي لهَہ ڪَل
جاني ٿنهنجي جَلَ، منهنجو اندرُ اڌ ڪيو

(١٢)

مُنهنجو اندرُ اڌ ڪيو، فنا هن فراق
مري ٿي مُشتاقِ، ڪا وَر ڪر وِلهيءَ جي

(١٣)

وِيَمِ نڪري قافلو، ڏاڍو ڏيٺي ڏڪَ
ويٺي ساريان سَڪَ، جو هيڪند هُيس هوت سان

(١٤)

وِيَمِ نڪري قافلو، ڪاٿي نہ پيٺي ڪَل
سيني اندر سل، سلي وِيَمِ سپرين

(١٥)

وِيَمِ نڪري قافلو، اديُون . آڏيءَ رات
جَتَنِ سندي ذات، ڏسان شال اکين سان

(١٦)

وِيَمِ نڪري قافلو، ڪَل نہ مون پيٺي
حالُ سندمِ هيٺي، پَڌي پاروچو وري

(١٧)

وِيَمِ نڪري قافلو، هاٿي ڪيئن ڪريان
ويٺي ڏڪَ ڏريان، پرين ريءَ پرڏيهہ ۾

(١٨)

وِيَمِ نڪري قافلو، آيل چَپ چُپات
پاروچاٺي ذات، مانَ مُون سين ڪو وڙ ڪري

(١٩)

چيچر تا مِ چڏين، آءُ هوتاٺي حَبَ ۾
هن ڪميٺيءَ ڪَڏين، هي ٿَرَ ٽيلهيو نہ ٿيي

(٢٠)

جي هُئي ڪميٺيءَ ڪل، تا صُبوح ويندو ساٿڙو
تان مُون تنهن مهل، پُرزا پُرزا پاڻ ڪيو

(٢١)

وِيَمِ نڪري قافلو، آءُ متي راهَ رهياس
جيڏيون . آءُ جياس، جِمَ جتن ڪي ڏسان

(٢٢)

جَمَ جتن ڪي ڏِسان، تا سَيَئي تِينمِ سَڪَ
ڏور تِيَنِ مون ڏڪ، پسڻ سان پرين جي

(٢٣)

وِيَمِ نڪري قافلو، آءُ پيرين پيادي
تيي مون شادي، جي پهچڻ پاروچي ڏسان

(٢٤)

وِيَمِ نڪري قافلو، آءُ پڻ ڪٺان پير
ڏڪ ڏيٺي ويا ڏيرَ، مانَ پاروچو پاجهہ ڪري

(٢٥)

ڪر، پاروچا پاجهہ . هن نڌَرِ نماٺيءَ تي
ويٺي وجهان واجهہ . اوهان جي مون اچڻ لئي

(٢٦)

مون هٿان پيٺي، ڏوهُ نہ ڏيرن ڪو ڏيان
حالُ جوان هيٺي، هلي هوتاٺين ڪي

(٢٧)

هِنَ ڏکيءَ ڪي ڏير، وجهي وِتِ وڏي ويا
ڏورڻ هاٿي، سرتيون، سيٺي تيم سير
پُجي لهان پير، آيل، اوٺيڙنِ جا

(٩)

ڪيچان اچي قافلو، مون وٽ ٿيو مهمانُ
سچل ساري ساٿ جو، هو آريائي اڱوڻ
وساريندي سس نه ور جو، اچوڪو احسانُ
مولي مهربانُ، نذر نمائيءَ تي ٿيو

(١٠)

ڪيچان اچي قافلو، رسيو راتو رات
سمجهي ڪيرُ سچل، چوي بلوچن جي بات
مون کي مات، پوليءَ پاروچن جي

(١١)

باري بره بلوچ جو، آهه نسورو نور
راتيان ڏينهان روح ۾، محبن جو مذڪور
وجهُ آهه ضرور، ڪاڪيون، ڪيچيڙن ڏي

(١٢)

باري بره بلوچ جو، هيٺيءَ جو همراهَ
روهَ منجهارون راهَ، ڪاڪيون، ڏنم ڪيچ جي

(١٣)

باري بره بلوچ جو، رڳوئي راحت
ساريان سا ساعت، هيڪاند هيڙس هوت سان

(١٤)

باري بره بلوچ جو، سرتيون، جن شامل
ڪيچ ڏٺيءَ ڪامل، تن کي ڪيچ ڪوڏنايو

(١٥)

باري بره بلوچ جو، آهي مٿم محڪم
سندو دوستيءَ دمُ، ڇڏيان نه ڇن ڪهين

(١٦)

باري بره بلوچ جو، اونداهي اوجرُ
ساٿي آهه سيرُ، سو نه ڇڏيندو ڇپرين

(١٧)

باري بره بلوچ جو، اديون سر آيوم
چاهون ڇمي تنهن کي، ڇشمن تي چايوم
وره وسايوم، نينهن پنهنجي نجهري

(١٨)

باري بره بلوچ جو، هاريون، هدايت
ڪندو ڪفايت، پاٽٿون واٽي پند ۾

(١٩)

باري بره بلوچ جو، سارو سعادت
ڪاڪيون، آهي قاف ۾، هيٺن هدايت
ڪندو ڪفايت، پاٽٿونِ واٽي پنڌ ۾

(٢٠)

باري بره بلوچ جو، تن کي تقويت
سندي سور صفت، پڇين نه پر ڪهين

(٢١)

ڪيچيڙن مون ڪالهه، دمُ دمُ دلاسا ڏنا
هَئي هَئي منهنجي حال، جي ويهي هت وساريان

(ڪافي- ١)

ٿلهه: ڪيچين جي ڪڏ ڪاهه، متان ويهين ڪين وساري
ڏسنديئن ڏونگر چوٽيئن، بلوچائي باهه
١. ڦولج پاڻ فقيرُ ٿي، وندر جي وٽراهه، ڪيچين جي ڪڏ ڪاهه
٢. ساري شهر پنيور جا، لاڳاپا لاهه، ڪيچين جي ڪڏ ڪاهه
٣. متان ويهين مات ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهه، ڪيچين جي ڪڏ ڪاهه
٤. عرض وجي ڪر روبرو، پيا ساٿي ڪيم سنباهه، ڪيچين جي ڪڏ ڪاهه
٥. پانهي ٿج پروج جي، ڪو تون سگ نه ساهه، ڪيچين جي ڪڏ ڪاهه
٦. روح رهي هت هوت ريءَ، سچل ڪنهن نه صلاح

(١٢)

وندر ۾ ويهـــان، قـــولن پيُون پرين کي
نالِ جنين لينهـــان، هوتُ تنيـن هنج ۾

(١٣)

ونـدرِ جي وٿـن ۾، ڪـري واڪـا ويـچاري
جا محـبوبن مـاري، تنهنجو مـوٽڻ مس ٿي

(١٤)

ونـــدر جي وٿـــن ۾، زورَ ڪـــريـــان زاري
ڇڏي ويـا ڇپــــرين، ڏوڀِڙ هيءَ ڏاري
هِڪُ واڇوڙا واٽ تـي، ٻـي وسـي ٿـي واري
ڪا وَرَ ڪيـو وَرَ مـون، آهيـاَن وِلهي ويچاري
سـچل هي سـاري، عُمـرِ گـذاري آسـري

(١٥)

ونـدر جي وٿـن ۾، زور ڪـريـان زاريـون
نيـلا نيـر اکين مـان، هاڙهي ويس هاريـون
اديـون ، آريءَ ڄام جا، ويـا روڏا روٺـاريـون
سچل سي ساريون، ويندس ڪيڏ ڪوهيار جي

(١٦)

اديـون، آريءَ ڄام جا، ويـا روڏا روٺـاريـون
هن مٽيءَ کي مـاريون، هوت وجن ٿـا نِڪـريا

داستان پنجون

(١)

ڪيـــچان آيو قـــافلو، راتِ مـــوچاري رُوءِ
خُوبَ هُئي خوشبُوءِ، سـاري شـهـر ڀنڀـور ۾

(٢)

ڪيـچان آيو قـافلو، مـون ڪر ڀچيـائون
ڪرمُ ڪيـــائون، مـــون هن نمائيءَ تي

(٣)

ڪيـچان آيو قـافلو، خوبُ ٿِيس خوشحـالُ
ڄڳو ٿـيـڙم حـالُ، پسڻ سـان پرين جي

(٤)

ڪيـــچان آيو قـــافلو، رُوءِ مـــوچاري رات
سندي جتن ذات، واسـيـو شـهـر ڀنڀـور کي

(٥)

ڪيـــچان آيو قـــافلو، ڪـٿي عطرَ عنبـــر
تهين جي تاثيـر، واسِيـو شـهـر ڀنڀـور کي

(٦)

ڪيـــچان آيو قـــافلو، ڪـٿوري ڪـٿي
تنهن جي هُبَ هٿي، واسـيـو شـهـر ڀنڀـور کي

(٧)

ڪيـچان آيو قـافلو، پـينڙُ، منجهـ ڀنڀـور
هِيءَ ڪميٽي ڪيرَ، جا سـودو ڪري نـ سـپرين

(٨)

ڪيـــچان آئيــو قـــافلو، ڪـٿي ڪـٿوري بـارَ
هنڌ هنڌ ٿي هُبڪـار، نـار پـينر، ڀنڀـور ۾

(ڪافي- ١)

ٿلهـ : سا ڪندي ڪيئن قرار، جيڏيون جنهن جو جِيءُ جتن سـان

١. وِرهَ وارن کي ســـرتيـــون ، ويجهـــو آهي وٽـــڪـــارُ
٢. ٻـــڙيون ، ٻـــاروچن جو، نـــيـــنـــهـــن لـــڳمُ نـــروارُ
٣. مـــحـــبت ڪڏهن نـ ليي، خـــرچيـــن لـــکَ هـــزارُ
٤. ڇڏي لاڳـــاپـا لـــوڪ جا، عِشـــقُ ڪيمِ اِختـــيـــارُ
٥. ســـدا آهي ســـچل کي، پـــيـنڙُ ، برهـُ بـــهـــارُ

(١٣)

نــاف ڪشــالا ڪيــتــرا، جتي جال جبل
هُہ.ڪميـــٿيءَ ڪل، پاروچل پاجهہ ڪري

(١٤)

قــاف ڪشــالا ڪيــتــرا، مــارڳُ آهِ منزل
لهَ ڪوهيــارل ڪل، نامـيــا نمائن جي

(١٥)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهين ڪين ڪيام
سلاڙهي ســاٿ ســان، ڪـٿي هوت ويام
وؤڙڻ وڻ پيــامِ، قــسمت سانگي ڪيچ جا

(١٦)

قــاف ڪشــالا ڪِيــترا، دقت اٿون تصديع
اچي پهـــچج پي ، مـــون هن نمائيءَ تي

(١٧)

ڪشالا مٿون ڪرُ، توري ڏينهن مٿون ٿيي
ســوز گــدازُ ۽ غمُ، رهبــرُ تــيندو راه ۾

(١٨)

قــدر منجهہ ڪشــال، مَون تا لڏو جيــڏيون
وڌي وِٺ وصــال، يڪبــان يڪايڪِ ڪئون

(١٩)

موتي آيَس ماٿ ۾، تا ڪيو شوق شڪارُ
هَئي هن نمائيءَ ڪي، ووڙڻ تــيــو وٺڪــارُ
طلب سين تڪرارُ، ڪشالي مٿون ڪر ٿيو

داستان ستون

(١)

هـونـدي هـوتـاٿـيــن جي، هيءَ ويچاري وڳ
تنين لالن لڳ، مـــتي روئان گـــهـٽــو

(٢)

مـتي راهہ روئان گـهـٽـو، ڪارڻ ڪوهيـاري
مُٺيءَ ڪي مـــاري، وڃُ مَ مُنهنجا ســپــرين

(٣)

اندر آڳ عـــــشق جي، ويو پاروچو پاري
ڪارڻ ڪوهيـاري، متي راه روئان گـهـٽـو

(٤)

مــتي راه روئان گــهــٽــو، لکي لالن لڳ
جت پيـــا پي جڳ، منهنجو پيچ پُنهّونءَ سين

(٥)

ميتي راهہ روئان گــهــٽــو، آءُ اونــارن ڪاڻ
هاريوَن ايندم هاڻ، ڏک ڏوليندَمِ ڏيل مـــان

(٦)

مــتي راهَ روئان گــهــٽــو، ڪا مَون لهن ڪَلَ
مـــاڙيون سڀُ مـــحل، چِڏي چَليس چيــرين

(٧)

مــتي راهَ روئان گــهــٽــو، ڪارڻ ڪيچيــڙن
سگهي شـــال اچـــن، ڪَرِن غــورُ غــريب جو

(ڪافي)

ٺلهــہ ؛ لهندا ســار سنيـــال، منهنجي، منهنجا وو مـــيـــان

١. مـــون ڪـــان ڏورڻ نـــہ ٿـــيـــا، آهن قـــاف ڪشـــال
٢. اوهـــان پاجهـــون سُپـــرين، جيـــئـڻ منجهہ جـــنـجـال
٣. ڪريـــو فــنـا فـــراق ڪـــي، وجهـــان واجهـــہ وصـــال
٤. پاجهـــــون پاروچل جي، هـهـــــڙا ٿـــيـــم حـــال
٥: راتيـــــان ڏينهـــــان روح ڪي، مُنجهڻ لئي جمـــــال
٦. سڪ تنهنجي سُپـــــــرين، جيءَ ســـــــچل جي جال

(ڪافي-٢)

ٿلهه: ساريو ڏيه روئان ڙي، هُيس جيڪي هوت پنهونءَ سان
١. پڏڻ وارو ناه ڪو، جنهن کي چوان ڙي، ساريو ڏيه روئان ڙي
٢. قاصد اچي ڪو اوڏهون، پيرين تنهن پوان ڙي، ساريو ڏيه روئان ڙي
٣. انهن پاجهون سرتيون، نتَ نتَ سُور نوان ڙي، ساريو ڏيه روئان ڙي
٤. ماريو محبُوبن جي، طلب ناهه توهان ڙي، ساريو ڏيه روئان ڙي
٥. غرضُ نه رکان لوڪ جو، هِڪُ سائين هُنَ سنوان ڙي، ساريو ڏيه روئان ڙي
٦. سچل پاجهون سوز جي، پيو لاتيون ڪين لنوان ڙي، ساريو ڏيه روئان ڙي

داستان ڇهون

(١)

پُٺيءَ پٺي پنهل جي، هيءَ ويچاري ويندي
سسئي نا سينڌي، وندر واريءَ واٽ جي

(٢)

پُٺيءَ هوت پنهل جي، ويندي ويچاري
ضعيفه زاري، ڪندي در دوست جي

(٣)

پُٺيءَ هوت پُنهل جي، هاڙهيُ هلنديون سي
سور نه جي سلنديون، ڪشالا قافن جا

(٤)

قاف ڪشالا ڪيترا، ٿڪيءَ ڪان نه ٿِيَنِ
جيڏيون . ڪاڻ جتنِ، متي روئان گهڻو

(٥)

قاف ڪشالا ڪيترا، باري بر بيبان
لانگها هِڪُ لکن حا، پيو ڪوهن پر ڪهدان
اڳيان ڏين ڪين ڪي، هلڻ هي حيوان
آءَ آريائي اڳوان . مون ڪان ڏونگر ڏوريو نه ٿي

(٦)

قاف ڪشالا ڪِيترا، مارڳ متاهون
چوريءَ کي هٽ چيرين، جِڏي وٺين چاهُون
توکي ڪري درد مان، ٿي دردمندي دانهون
تون اچج اڳاهون، مون ڪان تڪر ناڪيو نه ٿي

(٧)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهين مون نه ڪيا
وٺون هوت ويا، ڪٿي سات سويل جو.

(٨)

قاف ڪشالا ڪِيترا، پُڃن مون نه هتاءَ
اچ آريائي آءَ، مون ڪان جبل جهاڳيو نه ٿي

(٩)

قاف ڪشالا ڪِيترا، جت جانارن جايُون
غوفائن غارَنِ پر، اتِ بيحد بَلايون
مانديءَ کي مارڻ لئي، نڪتيون نِنايُون
سچل سهايُون، سيُ آريءَ سندي عشق پر

(١٠)

قاف ڪشالا ڪِيترا، پري پُجهنِ پندَ
رويُون چمان رندَ، آيل، اوٺارنِ جا

(١١)

قاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ
نهاري ڏي ننگ، ڪر وَرَ ويچاريءَ جي

(١٢)

قاف ڪشالا ڪِيترا، ڪوڙين آهنِ ڪوه
سچل سُجهنِ راهَ تي، رَقُون دَادا روهَ
تنهنجي پُجان توهَ. نه ته ناهمِ حالَ هلڻ جو

(ڪافي)

ٿلھ : ٻاروچا ٻئيوَ ٻاجھ، ڇپر مُئيءَ ڪي هيئن نہ ڇڏجو، وو ٻاروچا!
١. مھر نہ لاهيو مون پرين، مٿان هن محتاج، وو ٻاروچا
٢. آهي هن عاجز جي، توتي لالن لاج، وو ٻاروچا
٣. ڳچيءَ پائي ڪپڙو، اَت ڪريان ايلاج، وو ٻاروچا
٤. پُٺِيءَ لڳس تنهنجڙي، منجهون ساري راڄَ، وو ٻاروچا
٥. گهوريان گهوٽ، اوهان تان، سڀ مَڏيوُن ۽ ساج، وو ٻاروچا
٦. پورهيو ڪنديس پر جو، هٿين ڪنديس حاج، وو ٻاروچا
٧. اوهانجي اچڻ لئي، سچل ويٺو وجهي واجھ، وو ٻاروچا

داستان اٺون

(١)

گوندر جن ڳُذاريو، ڪاتئون سي لهان
مِڪڙي رات رهان، وِجي وُرِهَہ وارئين

(٢)

گوندر جن ڳُذاريو، ڪاتئون لهان سي
حالَ تہ پنهنجو هي، وجي ڏَسيان ڏکن وارئين

(٣)

گوندر جن ڳذاريو، آءٌ تنين گولي
هينئڙي ۾ هولي، هوندي ڏکن وارئين

(۴)

گوندر جن ڳذاريو، سُور پڇن سيئي
بره جي پيئي، تنين مٿي ماٽڙي

(۵)

گوندر جن ڳذاريو، پيهي سي پُڇان
نہن لڳ لڄان، آيل آءٌ اُباڻڪي

(٦)

گوندر گهُمي جي لهان تان سُک سوين ساڙيان
آءٌ پڻِ ڪيئنءَ پاڙيان، ڏک سُکن سان سرتيون

(٧)

متان وساريِن، وو وو ڪر وندر ۾
جي گوندر ڳذارين، سي تو ڇگا ڏينهڙا

(٨)

گوندر آه غرضُ، جي مُون سٺو سرتيونُ
فنا سڀ فرض، ڪري سو سُنت سان

(٩)

گوندر جن ڳذاريو، آءٌ پکي تن پيهي
وٿانئن ويهي، وٿان واسَ ورهہ جو

(١٠)

گوندر جن ڳذاريو، منهن تنين مشعل
ڪا مُون پوي ڪل، اُنهن جي افسوس جي

(١١)

گوندز جن ڳذاريو، مُنهن تنين مهتابُ
سنديوُن نينهن نوابُ، آهن وِرِهَہ واريوُن

(١٢)

گوندر جن ڳذاريو، آءٌ تنين گهوري
سچل جيءَ جهوري، جيجان، آھ جتن جي

(١٣)

ڇگو گوندرُ غمُ، جي مُون پُڇو جيڏيون
منجهہ ڪشالي ڪَمُ، آهي ورهَ وارئين

(٨)

هُو سيـاڻو سپرين، عـاجز آءٌ اڄاڻ
ڪيچي ڪوهياري ڪاڻ، متي راهه روئان گهڻو

(٩)

سچو ڀڏي سندرو، لڪـين ڪندي لوچ
پاڻل، لڳ ڀروچ، متي راهه روئان گهڻو

(١٠)

جي ٿون مـارڳ تي مـرين، وڏا طالع تو
سچل سـاڳي سو، متـان تو هٿَ مـڙهي

(١١)

مارڳ جي مُئين، تان هُئين هوتائين هنج ۾
وڃي ڪيچ سُئين، تان ويچاريءَ وسُ ڪيو

(١٢)

مَلهي، مـارڳ مـرُ، تان ٿون ٿـيين تن جي
جبل ، هار نـه جرُ، ارتو ٿون اڪـڙين مـان

(١٣)

مـارڳ مـرن جي، ور تنـين ڪي ويجهـڙو
هَئي هَئي هوتن ڪي، آهي ارمـانُ انهن جو

(١٤)

مـارڳُ مـتـاهون، مـارڳ چڙهي ڪيـر
سا پُڄي سات سوير، جائي مارڳ تي مري

(١٥)

مـارڳ آهِ مـرڻ، جيـڏيون، هن جيئڻ ڪـان
وسُ ويچاريءَ ايـترو، ڪُوڪُون ڪوهه ڪرڻ
پاروچا ، پُرڻ، تنهنجو ڪر ڪوهيـسار تي

(١٦)

مـارڳ مران شـال، دعـا ڪريجو جيـڏيون
هوتَ ههڙي حال، مـانَ مـتـاهون هٿَ مـڙهي

(١٧)

مـارڳ مـرڻ آه، گهـوريو جيئڻ جيـڏيون
بيـر نـه پاهُون پاءُ، عـاشق، مـرُ اڳي هُجين

(١٨)

مُنهن نـه متـانُ لاهه، هن نڏَرِ نمائيءَ تان
هِيءَ ڏڪـوٺي ڏاهه، اڻ مَلهي آهه اوهان جي

(١٩)

تو ريءَ مـاڙ نـه مُون، سچڻ مُنهنجا سُپرين
مُون ڪي گهُرجين ٿون، لوڪ رُتو ئي گهوريو

(٢٠)

شـال نـه وسـرين تون، لوڪ سـپوئي وسـري
مطلبُ اهو مُون، جو پـاٿون ٻري نـه ڪرين

(٢١)

ور، مـ وسـاريج، هي تـا سنـديو آهِ
وڃي ڪيچ وٿن ۾، هي سـذرِ سـاريج
تيـترِ مـ مـاريج، جيـتـر توکي نه مڙان

(٢٢)

سـاري شـهـر ڀنبور جي، ڇڏي لوڪ لذت
تو ريءَ ڏيئي ڪونـه ڪو، ماڻهو عامُ عِزت
تـبي سـاهُ، صحت، جي ڀيهـر پاروچا اچين

(٢٣)

ڪيـو ڪمـيـٽي ڪچ، جو سُتي سـويلي رَهي
اُنهيءَ جي افسـوس سـين ڪيـو محبت مچ
پُنهُون چام پرچ، نامـيـا نمائيءَ سـان

(٢٤)

منهن نـه لاهِ متـانـرِ، آءٌ اوهان جي آهيـان
جي ڪامل سـنڌ ڪيـام، سي ٻَڌي پاروچا وربن

(٢٥)

ٿِيـون هن هتاءُ، ڪيـٽي مـورائين مـديُون
پُنهُون، ڏسـي پاڻ ڏي، آسڻ منـهنجي آءٌ
سانول ، تو ريءَ ساهُ، اڃي مالهن ڪين ڀنبور جي

(٢٦)

چَٽَ ڏني چُڪـي، سُورن سَرِسُ سُمـيرَ ۾
سا سچلي سچل چوي، چوهـ منجهون چُڪـي
چالڪن منجهه لڪي، تنهن سـان حـمـايت هوت جي

(٢٧)

سـچل ڪر صـبـرُ، مـتي خـيـال گُرو رَهـين
ڪينو ءِ ڪبـرُ، ٻري ڪر پاڻ ڪـٿـون

داستان نائون

(١)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين ڪوهيارل قرار
يا ڪٿي مُئي ڪي مارِ، يا پرين ني تون پاڻ سان

(٢)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين سانول سَڪ
هيءَ ڏڪوئي ڏک، وڃهي گوندر ۾ وئين

(٣)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، تون خاصو ٿئين خوشحال
هِتِ هِي نماڻيءَ حالُ، مانَ وري ڪو وڙُ ڪرين

(٤)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ڪامل، ٿئين قرار
ويچاري مَ وسار، جا اَجهي آهي اوهانجي

(٥)

وڃي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين جانب، جاءِ
هُو جي اوري ڪيچ ڪنئون، سي مون لِڪَ لنگهاءِ
پنهنجو پاڻُ پساءِ، نا ته دوست ٿي دمُ ڏيان

(٦)

ڪاڪِيُون ، ڪيچ وٽن مٿون، هير اچي جا هيءَ
پاڙيچيون، سان پِيءَ، هن مُون کي اڄُ ملايو

(٧)

ڪاڪيُون ، ڪيچ وٽن ڏنهن، هي جو واءُ وريو
سندو ساهُ سَريو، مطلب ساري من جو

(٨)

ڪاڪيُون، ڪيچ وٽن ڏنهن، وري واءُ وريوم
سارو ڪاڄُ سريوم، جڻُ هاٿي گڏيس هوت سان

(٩)

هو جا ڪيچ وٽن کي، وڃي لڳي واءِ
سا وري شهر پنهورَ ۾، اچي سرد هواءِ
جانب، تهين جاءِ، سا جِيءَ انهيءَ سان هلي

(١٠)

هوَ جا ڪيچ وٽن مٿون، اچي واءُ وري
سا مون کي محبوبن جي، ڏي خبر ڪري
وڃان تا مَ مري، جان ڀارِوچي مُنهن ڏسان

(١١)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، وريو اچي واءُ
هاريُون ، تنهن متاءُ، هيءُ سرُ ڪريان صدقي

(١٢)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، واءُ ته آئي واسُ
هِيَ سرُ سارو ساسُ؛ ڪوڙين قُرباني ڪريان

(١٣)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، هاريون ، اچي هير
ٿـي صحت منجهه سرير، ڏور وڃن مون ڏڪڙا

(١٤)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، هاريون، هير اچي
تنهن سان مَنُ مچي، محبت ۾ محبوب جي

(١٥)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، ٿي هير اچي هاٿي
تنهن آرياڻيءَ آئي، مون سان اڄ محب ملايو

(١٦)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، اچي هير هلي
تنهن ساري ڳالهه سلي، پريان سندي پار جي

(١٧)

هُو جا ڪيچ وٽن مٿون، لڳي تيزُ تنوار
سنديَ پريان پار، ڏنا دلاسا دل کي

(١٨)

پريان سندي پار ڏي، پندُ عجائب آهِ
گهوري سِرُ گهُماءِ، مٿي در دوسن جي

(١٩)

پندُ عجائب پرينِ جو، سندو پيرنِ ناءِ
هنئين ساڻُ هلاءِ، پاڻُ پنهنجو پرين ڏي

(٢٠)

پندُ عجائب پرين جو، آهه هلڻ سان حال
نڪا قيل مقال، پي نا جڙي آتهين

(۱۴)

گوندر گذاريام، سي تان پـــلا ڏينهـــڙا
سيڪنهن ساعت سپرين، سچل ٿي ساريام
ڪشالا ڪاريام، ساعت هڪ سمهڻ جي

(۱۵)

گوندر ڪيئن گهوريان، جنهن ڪيئن سينڌي سڄڻان
تا نڪ پيئي توريان، تان ڏک موچارا سڪن ڪان

(۱۶)

جي گوندر گوش نہ ڪن، ڪهِ پيُون سي سرتيون
جن سنگت ساڻ سڪن، سي پاٿون پري ڪر ٿون

(۱۷)

گوندر ڏينهن گذار، جان ٿون جيئين جندڙي
سيئي وجن وارِ، جي ڪِيڙء ڪيچڙن سان

(۱۸)

جنين گوندر گوشَ، آءَ نهارِيان تن ڪي
جَهجهو تن ۾ جوشَ، سچل آ ساٿيہ جو

(۱۹)

جي سارو پِچان لوڪَ، تا گوندر وارو نہ لهانءِ
مِهڙو پلو ٽوڪَ، ڪِهين پاڳ پرايو

(۲۰)

سينڌِيُون جي سُڪن، تنين گوندر گهوريا
ڏنو ڪاڻ ڏکن، سچل سِرڙو سَٽ ۾

(۲۱)

آتڻ واريون آيون، ٽِيون آتڻ اُجارين
جي گوندر گذارين، آتڻ تن اوڪو ٿيو

(۲۲)

سارو لوڪَ سُکن، پوءِ وهاريو پرينءَ کي
ڏسو واهہ ڏکن، هوتَ وهاريو هنج ۾

(۲۳)

سُکن واريون سَوَ، ڏکنِ واري ڪا
سُورَ نہ سَلي سا، جنهن سچل سُور پرايو

(۲۴)

ڏکن منجهان سُکَ، مون تا لڌا جيڏيون
ڏوريندي کي ڏک، سُونهان ٿِيڙا سڄڻان

(۲۵)

هن سهانگا سُک، جي ساري عالم آيا
ڏور مهانگا ڏک، جي ورتا وِرهَہ وارئين

(۲۶)

سُکيون کوهہ پِچن، سچل ڏکن خبرُون
سي هَن وِهانءَ وجن، ڏيل ڏکايا جن

(ڪافي)

ٿلهہ : گولَنِ جي مان گولي، خان ٻاروچا تنهنجي
۱. آءُ نہ ڪنديس ڪڏهين، ٻانهپ ريءَ ٻولي
۲. سُڌ اچي لَهہ سگهڙي، آهيان عيبن اولي
۳. هن ڏهارڻِ جيهي ڪا، لهندين ڳوڻن مون ڪا ڳولي
۴. نانءَ سائينءَ جي يار سجڻ ڪر، سچل سان سولي

(ڪافي)

ٿلهه: واڳان ڦيري آءِ، هيڏي آءَ تان اوريون ٻاڻ ۾ منيون ڳالهيون

١. اوهان ٻاجهون وي سُپرين، هاڻي ڏنمُ سوز سماءِ

٢. نهاريندي واٽڙيُون، هاڻي سِڪَ چڪايم ساءِ

٣. پرين سندي پار جو، هاڻي لڳي ٿندو واءِ

۴. سچل جو ني مُشڪلُ آهي، هاڻي تو ريءِ هِتِ هَلاءِ

داستان ڏهون

(١)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، مان ٿي اڄ نهاريان
ساريو سُپرين کي، هنجوُن آءٌ هاريان
گوندر گذاريان، هَئي هَئي سارا ڏينهڙا

(٢)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، پوءِ ٿي اڱڻ نهاريام
ڪين لهان سي ڪاٺئين، وڏيءِ ويل ويام
وجي ٿاڪِ ٿيام، ڪاڪيُون، ڪيچ وٽن ۾

(٣)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، تنگَ اُٺنِ تاڻي
هوتن ريءِ هاڻي، اڱڻ ڏسي نه سگهان

(۴)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، اجا مون وتاءِ
پريت پچاٺاءِ، اڱڻ ڏسي نه سگهان

(٥)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، جات اولي جت
هَئي هَئي هٿان هت، اڱڻ ڏسي نه سگهان

(٦)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، ٿون ٿي اڄَ اڱڻُ نهارين
ٻڙي ، ٻاروچن لڳي، رتُ هنجوُن هارين
ساريُون سنيارين، ٻاروچاڻي جات کي

(٧)

ڪيچيڙن مون ڪالَ، دمُ دمُ دلاسا ڏنا
هَئي هَئي هن حال، جي ويهي هت وساريان

(٨)

وِيئي ڪيچيڙا ڪالهه، ٿون اڄ ٿي پير نهارين
هُو لنگهي لَڪَ سنوان ٿيا، تو هت ههڙا حال
ڪندءِ سار سنڀال، وجي ڪيچ وٽن ۾

(٩)

ڪيچيڙنِ مون ڪالَ، اجا وَڙَ وڏا ڪيا
اُنهيءِ ڪارڻ ڪاڪيُون، ڪندس قاف ڪشالَ
هَئي هَئي هن جي حال، جو ههڙا هوت وساريان

(١٠)

ڪري ڏمرَ ڏيرَ، اٿي آڏيءِ رات ويا
ٿون ڪٿي وقت صُبُوح جي، پيراڏنَ جان پير
هُو ڏِکيو ساٿُ سوير، وجي ڪيچ وٽن ۾

(١١)

جان جان ٿيڙس جاڳ، تان ساٿُ سويل لڏيو
ارتو اوتي اڪيُون، موئِيون ڏسي ماڳ
ورَ ورائي واڳ، مانَ نمائيءِ جي نجهَري

(١٢)

وجي ڪيچ وٽن ۾، مَنَ ڪَنِ نمائي ياد
اندوهُون آزاد، ڪندا ڪميٺيءِ کي

(١٣)

اڱڻُ ساڳي اوءِ، ڪيچين کي ڪاٺون لهان
ڏيئي ڦٽَ فراق جا، پورهيت ڇڏيائون پوءِ
هاڻي راهَنِ مٿي رُوءِ، سڏ ڪريندي ساٿ کي

(١۴)

وجي ڪيچ وٽن ۾، ياد ڪرنِ مون مانَ
اِنهيءِ ۾ ارمان، ساهَ وڃي ٿو سرتيون

(٢١)

پنڌ عجائب پرين جو، خاصو ساڻُ خيال
فڪر سان في الحال، وڃي پسنديءَ پرين کي

(٢٢)

پنڌ عجائب پرين جو سسي پير ڪرڻُ
انهيءَ ڏيان ڏرڻُ، آهي قدمُ ڪيچ ڏي

(٢٣)

پنڌ عجائب پرين جو، مان سان ڪين هلي
سائي چاهہ چلي، جنهن "مان" ڇڏي وڃ مان

(٢٤)

روئي هارج رتُ، هَئي هَئي هوتاڻين لئي
تنهن ووءِ جيڪسِ جتُ، متان تو هٿُ ڏري

(٢٥)

رامين هارج رتُ، ڪاڪي ، ڪيچيڙن لئي
هُو جو ڏونگر ڏاڪڙو، ماري پيچ متُ
ڏاڍيون مهٽان مير جِيُون جهلي ڪو جِهَتُ
تہ پاڻون ڇاڻي جتُ، ٿيي رفيق رُجن ۾

(٢٦)

هي زورئون زور، جي تو محبت من ۾
ڏونگر ڏوريون ڏور، مهڙن هوتاڻين لئي

(٢٧)

هنجون رتُ هاريج، تان روهن کي رِهسو ٿيي
وارُ نہ وساريج، مهڙن هوتاڻين کي

(٢٨)

پنڌ عجائب پرين جو، هلڻ هڪ نظر
پاڙيچي ڪنهن پر، اهو خيال ڪڙو رهي

(٢٩)

هاريُون نہ هارين، ارتون اڪڙيَن مٿون
تون ڪيٿن وسارين، مهڙن هوتاڻين کي

(٣٠)

آهي روح رتي، مون سين مُون پرين جي
هٿان لڪ لتي، مهڙن هوتاڻين لئي

(٣١)

ووڙيندي وٺڪار، ہڏي سندور سڄ جو
پنڌ اڙانگا پَبَ جا، قابو نہ ڪوهيار
آهي روئڻ زارو زار، مهڙن هوتاڻين لئي

(٣٢)

گولين گڏ گڏيان، پاڻ پنهنجو ڪيچ ۾
پَلئو نہ ڇڏيان، مهڙن هوتاڻين جو

(٣٣)

گولين گڏيندي ، پاڻ ڪميني ڪيچ ۾
ڪنهن ڇن نہ ڇڏيندي، مهڙن هوتاڻين کي

(٣٤)

گولين گڏيندياس، پورهئي ڪارڻِ پاڻ کي
پنهنجي تان پرين کي، سائين سڏيندياس
ڪنهن ڇن نہ ڇڏيندياسُ، مهڙن هوتاڻين کي

(٣٥)

آهي ڪانہ آنڪ، آيل ، عشق وارئين
هٿان لَتِي لڪ، مهڙن هوتاڻين لئي

(٣٦)

هاريُون، ٿيس نہ هيٺن، جو نند نمائيءَ نہ ڪئي
ٿيان پيرادو تن جي، جت ويڙمِ جيٺن
ڪاڪيُون ، ڙي آءُ ڪيٺن، مهڙو هوت وساريان

(٣٧)

سوَين ڳڻ سندانَ، آءُ ٿي وساريان سرتيون
سڳها ٿيندا سُپرين مُون، تي مهربانُ
ويهان ڪٿينءَ مات ڪري، جيءَ مٿي جولان
آءُ ڪيٺن ۾ ارمانَ، مهڙو هوتَ وساريان

(٣٨)

مسوٽي ايندمُ، پاروچو پاجهہ پٺي
اتہ آريچن زيءَ، جيٺڻ منجهہ جنجال
هَئي هَئي منهنجي حال، مهڙو هوتَ وساريان

(٣٩)

جان جان يڪا يڪ نہ ٿيان، تان تان مات نہ مون
"چرا" ءِ "چون"، برابر "بي چون" ٿيي

(٣٢)

روئي هاريان رت، وو وو واٽڙين تي
جيڏيون ، ڪارڻ جت، سارو وندرُ ووڙيان

(٣٣)

اڇج آريائي ، ٿون، وري شهر ڀنڀور ۾
اوهان ري اڪڙيَن مٿون، تو پرتِ وهي پاٿي
هوت، اچي هاٿي، هِيءَ نالائق نوازيو

(٣٤)

هوت نه ڇڏيو هتِ، نيو پورهيت پاڻ سان
تو ريءَ ٻي ڪا ڇتِ، ڪانهي ڪميٽي کي

(٣٥)

جَتَ موچاري جاتِ، چڱي جات جتن جي
وائي تن جي واتِ، سدا اٿم سرتيون

(٣٦)

پورهيت پُنهُونءَ جي، آهي اصل ڪٿون هِيءَ
جيڏيون، جتن ري، ويني وِرهَ وسائيان

(٣٧)

آهي ڪونَه غرضُ، محبوبن کي مُنهنجو
ڏِينُ سِرَ فرضُ، سچل سندن سٽ ۾

(٣٨)

لوهي لاغرضي، سُپرين جي سار
مارڻ لئي مُشتاق جي، آهي مُحبن کي مرضي
سِرُ ڏينُ سٽ ۾، آهي فقيرن فرضي
ڪڏهان ڪوڙ قرضي، سچل تارڪ تنهنجي لان ءِ جو؟

(٣٩)

پِيَسِ ٿنهنجي پيچ، پنهون، ڪين ڇڏيج مُون
پانهي ڪري پنهنجي، وجي پانهڻ کي ويچ
مرُ ڪميٽي ڪيچ، پورهيو پانهن جان ڪري

(٤٠)

روئي ڏنو رنگُ، ڪو جو ڪامِڻ ڪوه کي
سو شمهُ شفق سان ٿيو، سُرخيان سارو سنگُ
مُنهنجو نيهن نسنگُ، پيو سمُورو سَڪُوت ۾

(٤١)

ملهِي، مارڳ جي مرينَ، ٿيئي قدرُ ڪيچيڙنِ
ٿورو وڌو تنِ، تنهنجي اچڻ جو ٿيي

(٤٢)

پينر، هن ڀنڀور ۾، مُنهنجو ڪارِ نه ڪِمُ
اٿم آريءَ ڄام سان، دوستيءَ وارو دمُ
ماٿهن ليڪي غمُ، پر سڪ سچل ٿي پائيان

(٤٣)

مِهرَ مَ مٿان لاهِ، مون تان نماڻيءَ تئون
هِيءَ ڏکوئي ڏاهِ، اڻ مَلهي آهي اوهان جي

(٤٤)

جيهي تيهي حال سين، پاڻُ وجهڻُ مون پندُ
روئي پوڻُ رندُ، ڀِڃي ڄام پُنهون جي

(٤٥)

هَٿي، هَٿي، آريائيءَ ريءَ، ههڙو ٿيڙمِ حالُ
جا ڇڏيائون ڇپرين، مونِڻ تن محال

(٤٦)

لَڪِين ڏيئي لت، پاٿهي ڪريان پڌرو
سارو وندرُ ووڙيان، جيڏيون ڪارڻ جت
مُنهنجي ڪا مصلحت، هَٿي هوتائين ۾

(٤٧)

عُمرِ اجائي گذري، هَٿي هَٿي ههڙي حال
لڏي ڪانه قريب ڪا، سچل جي سنيال
مُون ڪان پَچن ڪين کي، قافن جا ڪشال
ٿنهنجو قُربُ ڪمالَ، ڪا ور ويچاريءَ جي ڪريو

(٤٨)

عُمرِ اجائي گذري، ڪارڻ مِنيءَ رَوءَ
خامُ منهنجي خُوءِ، ڪرِ ور ويچاريءَ جي

(٤٩)

غمرِ اجائي گذري، هوت نه گڏئين مان
جي سين جتَ نه ڏسندي، طلب نه ويندس تان
جاني ملي نه جان، تان تان ساهَ نه نڪري

(٥٠)

عُمرِ اجائي گذري، ههڙو ٿيڙمِ حالُ
ڪنهن سٽايان سرتيوَن، اندر جو احوال
آريائي الحالَ، ڪندو غورُ غريب جو

(١٥)

وجي ڪيچ وٺن ۾، مـــانَ پُڄنِ پورهيت
تہ هَٿيَ نماڻيَ هَتِ، پاڻيَ ڏوئي پنهنجي

(١٦)

وجي ڪيچ وٺن ۾، مـــان پورهيت پُڄن
اِيئن پاڻُ چون تہ ويچاريءَ ويجهـــو ڪريو

(١٧)

وجي ڪيچ وٺن ۾، ڪنهن ساعت سنپارينَ
مـانَ وري نهارينِ، پينر، شـهر پنهور ڏي

(١٨)

ڪري پورهيت پنهنجي، مان وٺي نانءُ سڏينِ
گـولن گـڏ گـڏينِ، ڪَنِ پاٺي ڏوئي پنهنجي

(١٩)

پورهيت چام پُنهـونَ ءِ جي، اصل ڪـان آئين
ٿون گولن سندي گولڙي، هُو سنڌءَ ٿيا سائين
ڪاپو ڪمـائين، ڪِلو ســاري ڪيچ جو

(٢٠)

پورهيت پُنهـونءَ جي، هِتي اصل لاڪُون آءَ
ني/ڪـاپائـت ڪيـچ ۾، ويـنـدي لالـن لاءِ
ساهَ نہ اڄنِ سـاءِ، هي ماٺهو شهر پنهور جا

(٢١)

هِيءُ پورهيت پُنهـونَ ءِ جي، اصل ڪـان آهي
سگُ نہ ڪا ســاهي، پَڙيونَ پاروچن ســين

(٢٢)

پورهيت پُنهونءَ جي، آهي اصل ڪـٺـون هيءُ
جيـڏيون، جتن ريءُ، وٺي ورهَ وسـائيـان

(٢٣)

چوٺ چڙهي جُونگارَ، ڪندي ڪيـچڙين کي
پونـدي ڪنِ قريب جي، گـوليءَ جي گـفـتـارَ
باروچا ٻيهـار، ڪندا پيرو شـهـر پنهور ۾

(٢٤)

ڪوهُ چڙهي ڪوهيارل ڪي، ڪا جا ڪُوڪ ڪيامِ
ڳوڙها جي ڳلن تان، ڳڙن جيـــئن ڳاريـامِ
آهي ســـڏڙا ســـچل چوي، ٻـاروچل ٻڌامِ
گولڊرَ ڳهرو پارِ، جاهن ليس هيڪالدي هوت سان

(٢٥)

اڻ مَلهي آهيـــــان، ٻـانهي پاروچن جي
سڀ چپـــر چايان، آهَن ءِ دانهَنِ ســيـن

(٢٦)

هَٿي وجي هي قـــافِلو، چُپـــاتي چايُون
مُنهن ڏيٺي آيون، آهون دانهون عشق جيون

(٢٧)

رات ڏيٺي ويا ريچ، نماڻيءَ ڪـــان نڪـــري
ڪاڪيُون، هالي ڪمــئن ڪريان، جو ڪاڏي ٿيـڙم ڪيچ
پَرَ پيو پُنهُونءَ سان پيچ، سو اِتي رهنُ نہ ڏيئي

(٢٨)

سـهي جان نہ سُتِيِنءُ، جو ڪَڙڪَ ٻَڌي ڪَڙڪي وڃِين
چيتان چانگن جِيُون ٻَڌي، ٿون ڪُوڙي ڪينَ اٿينءُ
غافل، هڏ گـــتينءُ، سڀ پر ســچل چوءِ

(٢٩)

پانڌين ڪـٺون پُڇي، تي پهـہ پرين جا پيچرا
ســهلي، سـچـڏنو چوي، هيءُ لالن لئي لڇي
ڪنهن سان ڪين ڪڇي، اٿس وو وو وائي وات ۾

(٣٠)

چاڙهيـــون لاهيُون چُنجَ جِيُون، ڪوڙين آهن ڪوه
ڏيٺي مهتان محبت وارئين، چپر ڏاڍي چوهہ
ناگـهـہ نستَ نينهنَ ڪي، تـا روٺارن روهہ
اچي منجهہ اندوه، متـان تون ماندي ٿيـئين

(٣١)

لاڪــون لاڪين لڪ، نبـيـرڻُ نہ ٿـيـا
ڪـوڙيـن آهنِ ڪيـتـــرا، راهنِ اُٿي رَق
هَٿي هَٿي ڪارڻِ حق، هي سارو ڏونگر ڏوريانَ

جهولٽو

سسئي پنهون

(1)

سرتيون سڀ تيس صلاحي
هُو تان راهہ وٺي تيا راهي
چو تِينءَ ڪَيَ تنين جي ڪاهي
ڏونگر ڪيرَ ڏسائج ڏاهي
حَبَ ۾ ڪونہ ڪنڌءَ همراهي
هِتِ تو سنگُ مُنجهائي ساهي
پر هو اهڙو امرَ اِلاهي ؛
هِيا سڀ ويهہ وهرَ وساري

(2)

جي ڙي، مُون سان مُورِ مَ تِيو مصِلاتي
ثابتَ سڪَ رهي ڪا ساتِي
هاريُون، هيءَ جا آهي حياتي
تن ڪي روهہ رسان ٿي راتي
پائيندس ڏر تتي جهنگ جهاتي
ڇا جي ڇڃي پوي مُون ڇاتي
ڪنديس وٺوڙ سندين ويلاتي
ايندس سانڍُ وٺي يَڙُ ياتي ؛
ڏسنديون هُوت مڙيئي هڪواري

(3)

جي ڙي، ويهہ وسار وڃڻ جي وائي
تو سان لالن جنهن لنءَ لائي
تُنهنجي دل ڪِيئن تنهن تائي
سو اڄَ جاڙ ڪري ويو جائي
ڏيئي ڪن ٻُڌج تُون ٻائي
ڊوهن پاس نہ ڊوڙج ڊاهي
سُرتِ صلاح تُون سمُجهج سائي
اها ڳالهہ امرَ ۾ آئي ؛
ڏونگر ڏورئون ئي ڏهڪاري

(4)

آيل، اڻ مُلهي جا آهي
سا ڪيئن سگَ سڄڻ سان ساهي
پيو تا ناهہ نہ هرگز ناهي
ڏاڍن سان شريڪت ناهي
جا پئي سڀ لاڳاپا لاهي
ڇپر ڇوه اڳيانئس ڇاهي
ڪيـنچين ڪَيَ اها مَرُ ڪاهي
ڪنڌي گامَ نہ پُڄندي ڪاهي ؛
محضُ اُنهيءَ ڪي مِيرُ نہ ماري

(5)

جي ڙي، رهہ روين تي روڙي
آڏو پينگ پُجهي تي پَوَ ڙي
هيبت هول هراست هَوَ ڙِي
ڪامِڻ، ناهين اسان ڪي ڪٺوڙي
تُون تنهن ديس مَ وِجج ڊوڙي
پرڏيهي جي پُٺِ مَ پئوڙي
تر ۾ ترسُ اٿئي تڪَ توڙي ؛
هت تا ڪانہ گهڙي هڪ گهاري

(6)

آن دِلِ آريائيءَ سان آلڪي
مان جا ريجهہ اديُون تنهن وٽڪي
هَٽي هَٽي گهوري تا هن گهَٽڪي
رهنديس ڪِينَ هِجر ۾ هَٽڪي
جانب ڪاڻ نہ جاڳيس جهٽڪي
پنيءَ ويل وِجان مَرُ لَٽِڪي
ڪنهن جي فهر نہ هَتِڪا ڦٽڪي
هاٿي سِرُ توڙين مُون سٽِڪي ؛
هن ڪي ڪامَ هَلَڻَ ڪٿون ڪاري

(۵۱)

عُمرِ اجائي گذري، ههڙا حال ٿيامِ
چَپِ چپاتي سرتيُون وٺون هوت ويامِ
هُو جي ڏونگر ڏاڪڙا، ڦولڻ سپ پيام
اڄ سيَان ايندامِ، ڪندا ور ويچاريءَ جي

(۵۲)

عُمرِ اجائي گذري، وهي آيَمِ هيءَ
آءُ سباجها سپرين، پرورَ ڪارڻِ پيءَ
ناهي جيئڻُ جيءَ، ڪا ورَ ويچاريءَ ورَ ڪريو

(۵۳)

عُمرِ اجائي گذري، اڄا ٿيا اظهارَ
زاريون ڪيَمِ ذِيل مان، روئي زارُون زارَ
مٿرِ آهِ ميارَ، هوتن حرف نہ هِڪڙو

(۵۴)

عَمرِ اجائي گذري، ڪارن مَٿيو رنگُ
مُون نهارڻ نہ ٿيي، سانول سارو سنگُ
هن نمائيءَ جو ننگُ، ڪاڪيون ڪيچ ڏٺيءَ تي

(۵۵)

عُمرِ اجائي گذري، ڪٽي جوين جاڙ
بالا هن بِلور جا، چٽني طرفين چاڙ
پاروچل جي پاڙ، مونکي روهين روليو

(۵٦)

پُنهُون پُنهُون ٿي ڪريان ، آءُ پڻ پُنهوُن پاڻ
اديون ٿيس اڄاڻ، جو ڪين پروڙيُم پاڻ کي

(۵۷)

جان پروڙيُم پاڻ کي، تان پاڻ پُنهُون آهيان
ڪيهي طرف ڪاهيان، جو طرفَ مڙوئي تَرُ ٿيا

(۵۸)

پيهي پروڙيوم، تا پُنهُون پاٽئي آهيان
پاٽئي منجهان پاڻ کي، هيءَ پڙلاءُ پيومِ
صحيح ڪن پيوم، تہ غير گمان آتي ويا

(ڪافي-۱)

ٿلهہ : آهيان آءُ اسرارُ، جيڏيون، مون کي ڪيرُ ٿيون پانيو
۱. ڪَنُ نہ ڏيان ڪيچ ڏي، پنيوران بيزارُ، آهيان آءُ اسرار
۲. نُوري ناري ناهيان، آهيان رب جبارُ، آهيان آءُ اسرارُ
۳. چڏي شاهي پنهنجي، ڪيَڙُم هتِ شڪارُ، آهيان آءُ اسرارُ
۴. آيُس هن عالم ۾، باري چائيَ بارُ، آهيان آءُ اسرارُ
۵. ماريو آ منصُور جي، خُوني هن خُمارُ، آهيانُ آءُ اسرارُ
٦. آئيو صِدقَ يقين سان، اديُون ڙي اعتبارُ، آهيان آءُ اسرار
۷. مُرشِد ٻانهو نا چيو، سچل ٿُون سردارُ، آهيان آءُ اسرار

(ڪافي-۲)

ٿلهہ : لٿي هلاڪي هاٺي، دوستُ وسي مُنهنجي ويڙهي
۱. ڪوٺي ڪيو پنهنجو، پرين پاٺون ڄاٺي
لٿي هلاڪي هاٺي
۲. ناحق اوتِيمُ هوت ريءَ، پنبُڻين مان پاٺي،
لٿي هلاڪي هاٺي
۳. سيئي آيا هُيَسِ جنين لئي، جيڏيوُن ڙي جوڳياٺي
لٿي هلاڪي هاٺي
۴. وٺي ويهاريائون ويجهڙو، سچل سو سگُ سڃاٺي
لٿي هلاڪي هاٺي

(١٣)

چي ڙي ، آڌو لس بگهيڙ ڪنِ لوڙا
تن ڪـثـون ڪن ٻئي ٿـينِ ٻوڙا
چوهُون ڇپـرُ ڇني ٿـو ڇوڙا
ٽاتي ٽاڪ ٽڪـر جا ٽوڙا
سـهمناڪ سُنڌا سي سـوڙها
ڏيونِ مـارَ مـتي ڏينِ مـوڙا
سـيـئي ڏرتَ ڏورِڻَ جا ڏوڙا
ڏينيُو ڏنگَ هـٺن ٿـا ڏوڙا ؛
آهن هـاڙي منجهـ هزاري

(١٤)

چي ڙي ، ڇا جي مستَ مرئون هُئنِ مارا
چرڙيـن نـانـگ چُرن چـٺـوڏار
سـيـئي وره اڳيـون ويچارا
هٿندا شـينهن ڏسي شـوڪارا
هَو جي هـاڙي منجهـ هاڪارا
سـرتيـونُ ، سنگ نهـاريان سـازا
ڪِيـا جڳ جانب جي جِيَ ۾ جارا ؛
وَرَ سـان ڪـانـ ايندي ڪا واري

(١٥)

چي ڙي، هُيَڙئي جيء جتن جي جا ڪا
توکي سمجهـ پيئي چٺو سا ڪا
وِيَڙئي نار نهـوڙي ناقـا
ڏونگرَ ڪينَ اٿـئيَ ڪي ڏاڪا
لوهـي لـس وجهـنـدئـي لاڪـا
ڇپُون ڇوهَ لنگهنديـنء جهـاڪا
ونگنِ وچ واسـينگن واڪا
هَت ٿـو ٻَبُ وجهي پاتاري

(١٦)

ڪاڪيون، ڪامَ نِڪيَ هتِ ڪا نِي
جاڏي جَتَ وئي ويـسن جانـي
سـورج آهي نـ تن جو ثاني
ڇا جي پـپ نـ هـونـدس پانـي
ڇپـر ڇوهـ اڳيـانئس ڇاني
تـوڙي پـره وڃايـس بـانـي
لوچون ڪين ڪنديس سـالاني؛
اهو عـرض اتـو اظهـاري

(١٧)

جلدئون جت وئي ويئي جو ري
پـوري، چو نـ پـرينء تنهن پـوري
ڳـاذر هاڻ محل ڳـهـر ڳـهـوري
ڏونگر ڏرڙ سگهيس ڪيئن ڏوري
عـاجز عـامَ تـينديئي هت اوري
تـر جي پنڌ نـ تـڪـئين تـوري
تن ڪي توڙ سـري ٿي ٿوري
وجهـ نـ جيء ڀلا ڪنهن جهوري ؛
مـرنديء ڳـام ڪنيـو ڪوڪاري

(١٨)

چي ڙي، بيحد ڪير ڪهو ٻيون ٻاتيون
چو تـنـيـون لس لوايو لاتيـون
ڪنهن ڪي ڪنڌ نـ ايندي ڪاتيون
رهنديس روز نـ اتي راتيـون
ويندي سڪ سڄڻ جي ساتيـون
ڏاتر ڏسـجو ڏيندم ڏاتيـون
پائيندس جال جبل ۾ جهـاتيـون
منـجهن هس اِهي مـصـلاتيـون؛
هلي آءُ مـرد سنـاڻ اُمـاري

(۷)

چي ڙي، سنيءَ پر سَچَ چَلِي تي چاڻي
پُرجهج پيءُ نہ اتئي پاڻي
وِسَهَج تو دل جنهن سان واڻي
سسئي، سو تا تيوئي نہ ساڻي
ناحقُ تانگهہ تنين ڏي تاڻي
چو ڪَيئي خواب ڪئي تو ڪاڻِي
ڪيئن تي آبَ اکيَن ۾ آڻي
حيلا ڪر مَ هلڻ جا هاڻي ؛
پُڇندين ۽ بامَ پيسي بَرَ باري

(۸)

جيڏيون ، جبل چئو تِيون جيئي
ساجهڙِ سنگ لتاڙيان سيئي
گهوريان گهوٽ بنا گهرُ هيئي
سائي وس وتانئم ويئي
رهندمَ روحَ نہ هتِ تن ريئي
ويڙهِ دوستَ دلاسا ڏيئي
هي ۽ تانْ پَلوَ پنهون ۽ جي پيئي
هَن تان ڪامِڻَ ڪِيَڙس ڪيئي ؛
نيائونسِ وَرَ وني ويساري

(۹)

چي ڙي، گهورين ڪاڻ جنين جي گهوڙا
اتئي تن آڙانگا اوڙا
آڏو تاڪُ نہ ڏيندء توڙا
تيندء زور متي تو ذوڙا
بيدل بس ڪرائيندء بوڙا
اوَجهڙِ ڪوه اتئي سي ڪوڙا
گهائي پير ڪائيندء ڪوڙا ؛
سگهندين ۽ نار، نہ ورُ وساري

(۱۰)

ثابت ڳالهہ سئو هي ۽ ساري
جبل واٽ نہ جيڏيون جاري
پر پي برهُ جنين جو باري
سا هڏ ماڏي مَور نہ ماري
ڄا جي وَرَ ونگا وَڏَ واري
تا پي دردمندي دهداري
توڙي ڪوهُ ڪري تو ڪاري
ڪندو پاڻُ پنهون پوئواري ؛
تا پُڄِ سرسَ سِڪائي ساري

(۱۱)

جيڏين ڪَيس وراڻي جوڙي
هَتِ تو روهُ رڙندا روڙي
تنهن جو تابُ نہ سگهندي توڙي
آڏو ميرُ ميائي موڙي
راڻو ريگ ترن ڪئون توڙي
سگهندين ۽ پيرُ نہ ڪرڳلَ ڪوڙي
تون تان لعلَ لهين ڪيئن ووڙي
ڪنهن جي ڪامَ ڪمرِ ڇڏ ڇوڙي ؛
پيا تي ماڳ مِرئون چوڏاري

(۱۲)

جيڏيون، جَتَ مُنهنجو آهي جائين
آءٌ تان وينديس اڄ تنهن تائين
آهيان ٻانهي اُن جي آنئين
پاڻون گهٽ پينر، تي پائين
آن ڪي پَلوَ ڳچي ۽ ۾ پائين
دَم دمَ درسَ ڪريج دُعائين
مَون ڪي سڄڻ ميڙين سائين
ڪيچيڙن ڪي ٻهچان ڪائين ؛
برهہ جي ٻاهِ ٻهَون ويا ٻاري

(٢٥)

هجر چيس آهي هينئڙي هاري
جي تون محبوبن جي ماري
آهي عشق سنده آزاري
وجهج ڳل ڳچيءَ ڳاري
مون کي ٽر نه ڪج تڪراري
پنن ڪاه نه تي قراري
اٿئي برهءُ بلوچي باري
يڪدل ڪانئڻ منگج ياري؛
ويندئي عشق نه هڏ اوتاري

(٢٦)

ڏونگر، ڏيرن ڏي ڏس ڪوئي
آئڙي روح نه پيو رس ڪوئي
ناهي ويچاريءَ جو وس ڪوئي
ڪُنيءَ غمُ ڏسي ڪَسِ ڪوئي
خاطر منجهه نه پيس خسُ ڪوئي
وٺي دردُ ڦري ڏس ڪوئي؛
بيٺي عشق منجهئون اوساري

(٢٧)

ڇُڪِيءَ چوٽ وٺي وَرچاٽي
ويڙا وِرهَ توئي واٽي
آندي عشق تڏهن اورهاٽي
ڪُنل، ڪيچ وڃج ڪنڌ ڪاٽي
بيٺي زهر منجهئون. گهٽ گهاٽي
توکي آندو عشق آڳاٽي
ڳولج جام پنهون گهُر گهاٽي
هٿي هٿي لالنُ ويو لوهاٽي ؛
هيڙي جن جي هيءَ اجهاري

(٢٨)

هئي هئي ماري عشق اميران
وٺي وِرهه وڪيلُ وزيران
توڙئون هيٺن لکيون تقديران
ٻانهن هٿ تيون تقصيران
ڏاڍيون عشق سنديون تڙ پيڙان
پنيءَ منهنجي برهه بهيران
هلن هُت نه ڪي تدبيران
مون سان سنڌين سوز سفيران ؛
ورتئي ورهه ڪهين وڻجاري

(٢٩)

اوّل بابين برهه پڙهيائين
تنهن پوءِ سورن منڍ سڙيائين
سٽئي ساڻ فراق ڦڙيائين
اصلئون ڪيچين ساڻ ڪڙيائين
جڙان جيءَ ٻر جال جڙيائين
تيلهان متي روهه رڙيائين
محبت منجهه مريض مڙهيائين
توڙئون غير خيالُ تڙيائين؛
پيئي هٿ برهه هاڪاري

(٣٠)

هيءَ دل لالن ويڙس لٽي
وڏس پاڻ پروچ جي پُٽي
ورڪئون شال فقير نه ڦٽي
ڏونگر ڏک چَريءَ کي چُٽي
ڪيائين ڪيچين منزل ڪُٽي
آنديس عشق گهٽيري گهُٽي
مٽو پير ڪرايون ڪُٽي ؛
هئي هئي ڪيو ٿي سا هونگاري

(۱۹)

ڪامڻ، مِنت ڪريون ڪنهن ڪيهي
سي جت جاڙ ڪري ويٺي جيهي
ڪيڙي پرجهه نه تو ٻَپ پيهي
ڪا ڪر ڪاهه تنين پٽ تيهي
تون تان نينهن نسوري تيهي
ووڙج ورَ ۾ ورچج ويهي
ڪيائين درس ديواني ديهي
اوّل عشق نشاني ايهي؛
تڙ ڦڙ رات ڏينهان تڪراري

(۲۰)

ڪيچين ڪڍ لڳي هوءَ ڪهڪي
پهرين پور نڪر سان تهڪي
ڪامڻ ڪوهه ڏسي نا ڏهڪي
اُتي روح نه تنهن جي رهڪي
توڙي پير ڦِشس ٻَپ ڦهڪي
تان پي نار نه بلڪلن نهڪي
توڙؤن ڪين تهين هڏ تهڪي
اٺوجان عاشق اهڙي اهُڪي؛
ڏونگر سڀ وڏائين ڏاري

(۲۱)

توڙي جهڪ جهڪي ڪئي جهولي
ٻي تان ٻولي هڏ نه ٻولي
ڦيريون ڏيئي پرينِ کي ڦولي
گورن رند ڏسي سر گهولي
ڳڙ ڳڙ ڳوڙها ڳاريو ڳولي
ڏونگر ڏرڙ ڏڪوئي ڏولي
قادر شال قريبن ڪولي؛
ڪندو ڪام نڪر ڪئون ناري

(۲۲)

پهريون ڪانءُ پهاڙ پچيائين
هت ڪي وينا هون هنڌائين
هر هر توکي سُرت سٺائين
ڪي هٺا رات توئي وٽ سائين
ڪرڳل الله لڳ الائين
بيو هڏ سوز نه سنگ سليائين
مون کي محبن ساڻ ملائين؛
عاشق هٺي هٺي ويا آزاري

(۲۳)

پوءِ تا تيرڙس جبل جوابي
پني ليل لنگهيا شتابي
ساگيين سارو سات ثوابي
سي سڀ ميرڙا گل گلابي
وڄندا ويڙا رات ربابي
اصلئون آڙينگ هٺا اعرابي
تو سان ڪيائون خامُ خرابي
اوني عين هٺا عاذابي؛
هِتئون ڪاهِ آڙاهه انداري

(۲۴)

ڏونگر، ڏس ڄڪيءَ چڙ ڏيئي
تو وٽ رات تنين ڪا پيئي
آهه هيءَ وس تنين ڪئون ويئي
ڪي تان لنگهيو سات سنجهيئي
هاٿي حال سُڄ مون هيئي
ويڙس ڏک وڏو هي ڏيئي
هو هٺا ڏاڍا سُپرين سيئي
جانب آهن منهِجا جيئي؛
ماري آهه ويا آتاري

(٣٧)

هيءَ جا هيڙي ٿي حيراني
محبت ماڏ ڪئي مستاني
دلبر ڪاڻ هئي ديواني
باقي نينهن رهيس نشاني
کيڙي فوج فراق جي فاني
کيائين ساهه سرير قرباني
گڏبس شال جبل ۾ جاني
تيندُسِ رحم اُتس رحماني؛
آئي هيئنئون نينهن نغاري

(٣٨)

محبت محبوبن جي ماري
ڪا جا باهه پاروچل پاري
ڳالهين ڪيچيڙن جي ڳاري
کيائين جانب تئون جند واري
منجهئون ذوق ڇِيائين زاري
هي دل آهي سڄڻ تئون واري
ڪوڪان ڪوهه ڪري ڪوهياري
توڙي ورهه ڪئي ويچاري؛
راتيان ڏينهان گهنگهر گهاري

(٣٩)

مٿي روهه ڏسو سا رمڪي
ڪا جا عشق چکايس چمڪي
ڏسي سج نه دم پر دهمڪي
گوندر وچ گذاري غمڪي
هاديءَ جانب سان نيئي جمڪي
تنهن تا تانگهه نه تِرُ هِڪُ تَمِڪِي
مَتِسِ وِچِ ورهه جي چمڪي؛
تنهن جي شور وڌي شوڪاري

(٤٠)

چڙهندي چنج نه عاشق اڙڪي
ڪاجا فوج مٿانس ڪڙڪي
لڳي لعل پُنيءَ سا لڙڪي
لڳيس باهه برهه جي پڙڪي
جوهر جوش سڄڻ جي جهڙڪي
رنجي روهه اُتئون جا رڙڪي
سارو سنگ پيو سڀ سڙڪي
تَڪر سڀُ پيو تان ٽڙڪي؛
اهڙو سوز هلي سينگاري

(٤١)

جانب ڪاڻ ڇڏيائين جايون
فوجان عشق اڳيانئُس آيون
ڪلان ڪوهه سنديس ڪهڪايون
سيئي ورهه وساريس وايون
تنهن جي سوزَ ڇپر سڀ ڇايون
روئي روهه ڏنائين رايون
پيان پٻ چڙهي چڻ پايون؛
اهڙو عشق هلي اختياري

(٤٢)

ڇپر ڪانهه ڇڏي سا ڇوري
جنهن تا گهوٽ اُتئون جندُ گهوري
جا ڪي پور پرين جي پوري
هيڪل هوتُ نه ري هوري
گولي تنين جنين تر توري
لونءَ لونءَ قابو لڳيس لوري
هيڙس جهور برابر جهوري
تهين جي هٿ سڄڻ جي ڏوري؛
انهيءَ ڳالهه وڏي سا ڳاري

(۳۱)

ور جا وره پياريس وٽي
توڙي سسئي سورن ستي
تنهن دل ڏانهن نہ محبن مٽي
چوڪو عشق نہ آهي چٽي
سورن سوز ڪلڻ ڪان ڪٽي
محبت ڪانءِ نہ گهايل گهٽي
سسئي سوز فراق جي ڦٽي
پانين پٻ پٽولا پٽي،
روئي ڦوڙائي.... ڦوهاري

(۳۲)

لوني لڪ مٿي ٿي لٿي
ڊوڙي تيز منجهارئون تتي
محبت من تهين جي متي
وجي ڪيچ وره مون وٽي
گهوري گام گهٽيري گهتي
ڏک جي چت هنيائونس چتي
روئي ريت تهين سڀ رتي
جائي پٻ سيو هڪ پتي
عاشق عشق منجهئون اڃنگاري

(۳۳)

هرٿيون ڪير پيارڻ آيس
ڪرهڙا ڏانهن ڪري سڀ ڪانيس
ڪوڪن ساڻ چپر سڀ ڇانيس
ڏونگر ڏک منجهارئون گهايس
ڇلنگيون عشق ڏکن پٽ لايس
ڳالهيون ڪيچ ڪيچيڙن ڳايس
بَرَ ڪي برهون بازِر پانيس،
هجر ڳاريس ساڻ هوڪاري

(۳۴)

هئي هئي هوت ڪري ويس هولي
تنهن محبت پاروچي جي پولي
ڏونگر ڇبئون پانيين ڏولي
ڪوهيارل جي پانهي گولي
ساٿي پٻ پرين جي ڦولي
روئي ڪيائين چپر چولي
سنگ جي راهه ڪيائونس سولي،
نينديس ڪيچي نال ڦطاري

(۳۵)

منجهئون نينهن هنيائين نعرو
سٽندي سير سڙي ويو سارو
من ير محبت وڌس مارو
ڪيائين واري اٿي مارو
اندرئون عشق ڏنس اوپارو
ڏيئي مٿي سنگ سرارو
ڪائين مانَ ڏسانَ ڪوهيارو
محبت ريءَ آهي منهنُ ڪارو،
سچيڏنا ڪو نہ سنياري

(۳۶)

مٿي روهه چيائين روئي
هي ڪل ڪوهيارل ڏئي ڪوئي
عاشق، تنهنجي عشق اندوهي
محبت منجهه هلاڪي هوئي
لڳي لالن تا لڙهه توئي
توڙئون سور وڌائين پوئي
ساٿي تيس سچيڏنا سوئي
جانب آهيس جيءَ جو جوئي،
قادر ڳڏ تهين سان ڪاري

(۴۹)

"عــــرفت ربي بربي" آيت آئي
نــوبــتَ "انـــا الحــقُ" وڄائـــي
"اعظمُ شـــانـي" رمـــز رَلائي
كيــــــڙي "لوكشف" اُجرائي
"يسمعُ يبصرِ" آهي هيكڙائي
"بِلا مــيم احــمــدُ" اها وائي
"اِنـــي انـــاالله " آگـــاهـــي
ســوئي بندو ســوئي مــولائي
ســوئي هيٺ ســوئي بالائي ؛
عـــالَم الله مـــئون اظهـــاري

(۵۰)

ظاهر سچ تہ ســيــكنهن جائين
هي ڀي رمـــز تون دل ســـان رلائين
تــون تــان آئــيــنــو تــي آئــيـــن
"مـئن" كي ڇوڙ تہ ٿيوين "سـائين
پـــولو مُور نہ هڻ ۾ پـــائـيـن
توكي صَـــحـيح سچ ســـٺـائين
كـا شَيِ نـاهي بِنا حق كـائـيـن
كلُ شيء ناطق بالحق" ڳالهہ اهائي ڳائين"
هر جاء پاڻ غني گفـــتـــــاري

سُر سارنگ

مينگهہ ملهار

داستان پهريون

(۱)

پريمان كــٺي جو پڙهي، گومك جي ڀائي
وســائي وس كـــري، پلـــر جو پائي
بوندون وسن برهہ جيون، ڇم ڇم مان ڇائي
سچل ٿــيــو ســائي، صاحب ســارنگ آئي

(۲)

اوّل آنـدي آئي، پـويـان جهڙ جهـــجهـــو
نہ كو اولو آســرو، نہ كو اوٽ اجهـــو
ڏهيلين ڏجهـــــو، تن پرور رک پناهَ ۾

(۳)

اوّل آنـدي آئي، پـويـــان هئي بــرســـات
رعـــد جي رڙين جي، پـــيــٽـي نہ هئي بات
ويچارين ورن جـــي، وائي هيـــــڙي وات
مٿان وسڻ هيٺان چڪڻ، سيءَ ميون سڀ رات
پرهہ ڦٽي پريات، كَنكـان كانڌين گڏيون

(۴)

سارنگ سندا ساٿ، سـرتيون سائڻ آيون
ڦـيـريون راڳن نـاٿ، وڄن ويس وس كيـا

(۵)

ســارنگ ســاري رات، رٺن مٿي ريچ كيـا
پكين پرڙا ســوئيــا، پرهہ ڦٽي پريـــات
پٽن تي پڌرا ٿــيـــا، گل ڦل ڀــاتون ڀــات
سيكنهن وائي وات، سچل سارنگ ساٽ جي

(۶)

ســارنگ صــبح آيو، گــوڙيون كري گــاج
هاري هليـا هاج، كڙمـيـن هر كلهي كيـا

(٤٣)

آهي ريءَ عجيب اُپائون
اچي شال ڪوهيارل ڪائون
جنهن سان لوح لڏيون هر لائون
هٿي هٿي جت وني ويا جائون
تنهن تان ڏس پچي تي تائون
تنهن جيون زيلان هت سيائون
هجرس ڏونگر حال ڏلائون؛
ويچاري تي تونک تواري

(٤٤)

موني چاه پرينءَ جي چائي
تنهن ڪا ڳالهه محبت ڳائي
چپر سپ ڪيائين چائي
ڏاڍي تمک تهين جي تائي
ويجهي آيس هيڙس وائي
روئي روءِ ڏنائين رائي
گهٽن منجهه قلر گهمائي
تان تان اوڏي وسينءَ آئي؛
آيس محب اڳيون منهن پاري

(٤٥)

ڪونجن هت مڪائين روئي
دانهن ڏوڪهه منجهارئون ڏيئي
آئي هليا هوت هنديئي
جانب جيءَ گهريا هس جيئي
آيس سجڻ پاڻ سنجهيئي
جن جي ڪاڻ ويچاري ويئي
وجي ڪيچ اها ڳل پيئي
پنهون پرين گڏيو غمَ ٽاري

(٤٦)

سسئي جام پنهون هڪ هو تان
ڪامڻ جانب ڳوليو جو تان
ساڳي پاڻ پنهون هيوئي سو تان
چا جي ڪاڻ ڪرين تي ووءِ تان
چپر ڳولي تي سا چو تان
سچل دستَ دوئيءَ ڪان ڏوءِ تان
ساجن ڪيئن سهي ڪيو تو تان؛
پر جي عشق اچي اوجاري

(٤٧)

آهي "ڪل شي" سو هادي
"خلق الاشياءِ" ڪئون آبادي
"و هو عينها" تي آزادي
واندي غير ڪنون هيءَ وادي
لتا شڪ شبها تي شادي
"سِرِي سِرِهٖ" تي امدادي
جنهن کي سمجهه تهين کي تعدادي
سوئي مرد نه آهي مادي؛
سپ وچ صورت يار پياري

(٤٨)

پنهنجي پاڻ ڪري تو وائي
تنهن تان ڳالهه اها ڳالهائي
ڪافر مومن صورت سائي
انهيءَ رمز ڏنائين رائي
جانب ڏسَ ڏنو هي جائي
"اينما تولوا" آيت آئي
تيڙو اچ بهاني پائي
احمد وحي هڪو هڪ هٿائي؛
احمدَ احدَ هڪا اسراري

(٦)

آگم اکـــڙين کي، ســـدائيـن آهيـن

سي ڪيـئن اوڳائين، جن کي اٿر اوهيـڙن جا

(٧)

اکين کي آگم، هن سـدائيـن سـرتيـون

گـوندر گـڏيون غم، اٿن اٿر اوهيـڙن جا

(٨)

لايون پرت پسن، ائون آگم اکـيـن ميـڙيا

سي ڪيئن نه وسن، جن کي اٿر اوهيـڙن جا

(٩)

ڏسن ۾ روئن، اها عــادت اکـيـن کي

سي سرهيون شال هئن، جن کي اٿر اوهيڙن جا

(١٠)

آهي ريجهـــ روئڻ، آيل اکـــڙين کي

هئي تن هئڻ، جن کي اٿر اوهيـــڙن جا.

(١١)

آه اڀائي تـات، آگـم اکـــــڙيـن کـي

ڏينهن ائون رات، اٿن اٿر اوهيـــڙن جا

داستان ٽيون

(١)

مـــون ۾ آهيـن تون، تو ۾ آهيـــان مـــان

بجلي بادل ســـان، آهي جيـئن سـپـــرين

(٢)

نازڪ سندو نيـــه، آهي ائين جيـڏيون

پنهنجي رائي ريج ڪري، جيئن سانوڻ ميه

راز رکي تـو ريهٔ، من ۾ مـحـبـوبن جو

(٣)

راتا ڪون ريهن ســان، رڻ ڪيـائين ريج

پٽن مـتـان پلٽيـون، هيرون منجهـان هيج

برن ۾ بهـــار تي، گلزاريءَ جي گـــيج

سچل سارنگ سيج، سونهي ساُوڪ وچ ۾

(٤)

وڄن وڪ وڏائي، وسـڻ وس ڪـيـــــو

وڄن واڄا واهه ڪيــا، پلر پوءِ پلٽيــنو

سچا سائو ٿيـو، سيـڪـو سارنگ آئي

(٥)

ڀهـ ڀهـ ڪندا آيا، ڀيـهـر ڀڪـروال

ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ ڪان، ويا ٿهي مـال

آهن ۾ اڇي ڀيـئي، چونگن سندي چال

منداڻتي منڊل ڪيــــا، جر آئــا جال

پلر ســـان پسي پيــا، پهنوارن پلال

جهري پيون جهوپيون، جهانگيـڙن اجهـال

ننگو ڪج نه نذرڪي، نمائن ننگ پال

جن جا ههڙا حـال، تن پرور پت رکيج تون

(ڪافي)

١. پسـڻ ڪـارڻ پرين جـي، ڪيـــــا آگم اکـــڙين

٢. ملڻ لاءِ مـحـبــوب جـي، ٿيـــون راتــو ڏيه وسن

٣. جهـــــــور نـ لـهـي جهڙ جي، ڪـڏهـن اوڳائن

٤. ســـدا ســانوڻ تن کي، بونـدون بسـن نـه ڪن

٥. سـچل سـپـرين لئي، ٿيـــون جهـوري منجهـ جهـڄن.

(٧)

سارنگ رنگ ڪيا، پوپاڙيءِ پٽن تي
ڪر پاپائن جا، پلر پي ڏيا
پهان ڏرت ويا، مؤليٰ سندي مهر سان

(٨)

مؤليٰ سندي مهر سان، ساوا ٿيا سنگهار
ڏلهي چڙيو ڏٺ سان، ڏوٿيين ڏيار
ترايون تجل جيون، ٿيون تارون تار
سوراهين سنوار، صاحب سٺائي ڪئي

(٩)

پورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونيار
وڄن ۽ وڄڻ سان، چڙهن ٿا چوڌار
آيي ڪي آبيندي، لڏائون سنڌڙيءِ سار
سُڪر سٺاوا ٿيا، وڏيا وهَه واپارَ
ساوا ٿيا سنگهار، مؤليٰ سندي مهر سان

(١٠)

سارنگ سعي بر اٿي، سچل سستيءَ جڏ
ستان ايندءِ اوچتو، هاڻ نه مرّنده هڏ
اجهاپي ڪا اڏ، وسڻ ڪان اگي وجي

داستان ٻيو

(١)

اکين آب وهايو، سرتيون، ساري رات
وهائن وڏڦڙو، پرچن نا پريات
پينرَ، ڪان برسات، اکين اوتڻ سکيو

(٢)

روئڻ ڪان نہ رهن، آيل، اهي اکيون
سيڪنهن ويل وهن، اٿن اٿر اوهيڙن جا

(٣)

لحظو نہ لاهين، بار متن برسات جا
اکين ڪي آهين، اٿر اوهيڙن جا

(٤)

بادل وارا بار، چشمن تي چڙهيا
روئن زاروزار، اٿن اٿر اوهيڙن جا

(٥)

آئي ني منڌ مينهن، آهي اکڙين ڪي
روئن زاتو ڏينهن، اٿن اٿر اوهيڙن جا

(ڪافي)

ٿلهه: عشق، اسان وٽ آءُ، اڄي تو سانوڻ لايا
١. چئنچل چيهل تي چوڌاري، مينهن رات ڪئي موچاري
عزت لڌي آسمان، پرين اڄي پير گهُمايا
٢. بوند برهه جي برسي باري، جوش اکين مان جر ٿيو جاري
بيحد ٿيا باران، اصل ڪان واهه وهايا
٣. گلَ ڦلَ گاهن ڪئي گلزاري، مچيائون سارنگ جي سرداري
سهسين ٿيا سامان، اکين اڄي آگر لايا
٤. يارَ سچل چئي محب مليا سي، بيشڪ دل جا درد لٿا سي
شاهي رکيائون شانَ، اڄي تن حڪم هلايا

(ڪافي-٣٩)

ٿلهہ: وٽيو سين وهہ واهہ، پڙهندي پروانو پرينءَ جو

١. اوڏا مينهن ملهار ٿيا، گل ڪلن ۽ گاهہ

٢. سيئي سڄڻ ٿيا سا مهان، حال پيائي همراهہ

٣. محبت منهنجي من ۾، چوريءَ مچايو چاهہ

٤. سڪ تان سڄڻن جي، اجهايو آزاهہ

٥. ديس ڇڏي پرديس ويا، دوست پرين داناهہ

٦. هوتن ڏانهن نہ هڪڙي، مُهڙ مڙئي مان ڏانهہ

٧. پرينءَ جي پيغام ڪيو، آرامي ارواح

٨. قاصد، توتان آءٌ ڪريان، هي سر صدقي ساهہ

٩. اڳڻ آسروندن جي، آٽيندن الله

١٠. سَچَل چوي رب ميڙي، روز پُڇان آءٌ راهہ

سُرُ راڻو

مومل جو مذڪور

داستان پهريون

(١)

مومل ميهڻي هابَ، رَاڻا ڪر نہ راءَ تون

جوئن ڪي جواب، مرد نہ ڏين ميندرا

(٢)

ڪيو ميهڻي هابُ، مون ڪي تو ميان ميندرا

ڪر نہ خان خراب، ڪامل، ڪاڪ ڪنڌين ڪي

(٣)

هڪ جُوءِ پي جوءِ، مرد نہ ڇڏن ميندرا

تو پڻ پرين پوءِ، ڪوهہ لڄايو ڪاڪ ڪي

(٤)

هڪ جُوءِ پي جوءِ، ڇڏن ڪين جوان

هي پي انسان، جي ننگن تي نثار ٿيا-

(٥)

آءٌ راڻا، ڏي رنگ، موٽي ڪاڪ ڪنڌين ڪي

لاهہ لنگ خدا جي، ذرو پرزو زنگ

ناميا پاڙج ننگ، ميهڻي هاب متان ڪرين

(٦)

آءٌ راڻا رنگ لاءِ، موٽي ڪاڪ ڪنڌين ڪي

ناميا نانءِ خدا جي، پير وري هٽ پاءِ

سودا سندءِ ساءِ، آءٌ ويٺي ڪانگ اڏايان

(٧)

آءٌ راڻا رک راز، نذر هن نمائيءَ سان

توکي ڪريان ڪيترو، ناميا، نَرَ نياز

جوٽي ڪيڙم ناز، تنهن ميهڻن هاب ڪري ڇڏيو

(٨)

مون تان ميهڻو لاهہ، مولا ڪارڻ ميندرا

تون تان صاحب سچ جو، هيءَ ڏهارڻ ڏاهِ

توڙي تيس بدراهِ، تہ بہ ڳل ڳچيءَ تو

(٦)

مهر سندا مينهن، شاهہ وسائين شل
جهَريل منهنجي جهوپڙي، بنا جهلي جهل
ڪاهل تي ڪَهَلَ، ڪندين شال ڪريم تون

(٧)

عالم ڪي آگاهہ، سارنگ ڪندو آيو
گرڙ حيئن گوڙيون ڪري، ڪاهيون اچي ڪاهہ
وايوءِ سان وار ڪري، ٺاهيون اچي ٺاهہ
وسايائين وڏ ڦڙو، واٽن تي واهہ واهہ
گلزاريون ءِ گاهہ، پٽن تي پڌرا ٿيا

(٨)

اڄ پڻ پورب پار ڏي، ڪڪر ڪڪوريا
سارنگ سِر سراٿيا، ساجهري سوريا
سِرمنڊل ۾ سارنگيون، چنگ چڱا چوريا
اُپ اُٿي اوريا، طبل تارون تيج سان

(٩)

وسي پيو وڏ ڦڙو، پنيون پٽ پريون
پٽاريون پٽن تان، وٿائين وريون
ڪيرنْ جيون ڪريون، چاڏين ڏنائون چاهہ مان

(١٠)

چاڏين ڏنائون چاهہ مان، ڪيرن جيون ڪريون
وهائينديون سي آيون، ٿٽن مان ٿريون
پٽاريون پريون، آيون وسائي وڏ ڦڙا

(١١)

والي، وسائيج، دردمنديءَ جو ديس
پرين مون پرديس، اُٿي ايندم اوڏڙا

(١٢)

مندون موٽي آيون، جهڙ جهجها جوٽيون
پلر سان پَر ٿيا، پوٺا ۾ پوٺيون
پسي مينهن مهر جا، مينهَون موٽيون
چريو اچن چوٽيون، وٿاڻ ولر ڪيو

(١٣)

والي، ورين تون، وطن تي وس ڪرين
مينهن وسندي مون، سجڻ ساريم سپرين.

(١٤)

ديسا ديس وسي پيا، رحمت جا درياهہ
گلزاري ءِ گاهہ، پوٺن تي پڌرا ٿيا

(١٥)

پينڻ نہ پٽانيو، تہ بوندن ڪئي آ بس
اجهو ڙي آيو، وري ويتر وترو

(١٦)

هڪ وسڻ پيو وچڻ، ٽيون لهي پيو سيءُ
جهوري وڏن جهوپيون، چن وڏن چيءُ
رنن ڄجو رڻن ۾، والي، وسيلو ٿيءُ
حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهہ ۾

(١٧)

اڄ پڻ پورب پار ڏي، ڪڪرن ڪيا ڪوڙهہ
صبح ويل سويل، سارنگ لاٿي سوڙهہ
وِڄن واڄا واهہ ڪيا، مينگهہ پڌا اڄ مہ وڙهہ
لوڪان لاٿي لوڙهہ، مولي پنهنجي مهر سان

(١٨)

اُتران اوري، بادل برسي آيا
سر سريلا سوز جا، سارنگ تو سوري
گهوري مان گهوري، اجهو اگڻ آيا.

(١٩)

اُتران اوري، ڪئي چمڪٽي چمڪاٽ
اُتان ڪيائين اوچتي، لس هيلي تي لاٽ
منڊل ٿيا مڪران تي، گوڙن جا گرگاٽ
ڪڪرن مٿان ڪيچ جي، ڦڙڪي ڪاڏا ڦاٽ
وري ورتائون واٽ، سچل سائي سنڌ جي

(٢٠)

سچل سائي سنڌ جي، وري ورتائون واٽ
جهڙ ڦڙ جهلي آيا، گهير پَسائي گهاٽ
لاٿي اڄ اساٽ، سارنگ سنگسارن جي.

(٢١)

سارنگ آيو صبر ۾، بوندن ڪئي بس
رنگارنگي رس، قزح ڪدي نيل تي.

(ڪافي-۱)

ٿلهه: مون کي تنهنجي سار سنڀار، چڱ رُسامان تون ميندرا
۱. ڏوهُ نہ ڪوئي تو ڏيان، آهي مونهين سر ميار
۲. سڪ سوراخ مون ڪيا، هينئڙي منجهہ هزار
۳. موٽ مران تي ميندرا، ہرهين چاڙهيئي بار
۴. ويٺي ڪري ڪاڪ ۾، هميءَ ويچاري ويچار
۵. سچل سيئي آيا، جي دل گهريا دلدار

(ڪافي-۲)

ٿلهه: حال منهنجي هاءِ هاءِ، توريءَ لهين هي ڏينهڙا
۱. آهي هن احوال تي، ولها تان واءِ واءِ
۲. دوست تنهنجي ديس جي، اڪنڊ اسان کي آءِ آءِ
۳. ڏسيون ڏهاڙي روئان، جاني تنهنجي جاءِ جاءِ
۴. ڪاڪ نہ لڳي ڪس مون، سوڊل تنهنجي ساءِ ساءِ
۵. سودا ستاري ڪري، پير اڳڻ مون پناءِ پاءِ
۶. دردمندي جيون دانهڙيون، واليءَ لڳ ورناءِ ورناءِ
۷. سوال سچل جا سپرين، لالن دل سان لاءِ لاءِ

داستان ٻيو

(۱)

سومل سان سمهڻ جا، ڏاڍا ڏنم ڏک
سوڍي وارا سک، ملڻ مون مشڪل ٿيا

(۲)

سومل سان مون، سُتي سور پرايا
هوند هجين ها تون، هيئن نہ ڏوليان ڏکڙا

(۳)

مومل ڏٺي مَلَ، سومل سان گڏ سيج تي
سوڍي سور فراق جا، سيني ٿيڙا سل
ماري ڪيئين مَتَ تي، پر آئي ڪانڌ ڪِهل
جوش نہ ڏنس جهل، غازي غير رکي ويو

(۴)

مومل سان جهلي هليو، مَلَ منو ماڻو
ڪاغذ مڪائين ڪيترا، پر ريجهيو نہ راڻو
پرين پچاڻو، آتڻ اُجهائي هلي

(۵)

آتڻ اُجهائي هلي، پرين پچاڻو
کين گهتايو گهڻ سان، پَرتِ هن پاڻو
ظاهر لالاڻو، پر باطن برهہ بکي هيو

(٦)

کين گهتايائين گهوٽ سان، حيلا ڪيائين هزار
ماڻو چڏيو نہ ميندرَي، ماهي مٽيادار
مومل ناهِ ميار، سوڍي سَگَ ڇني ڇڏيو.

(۷)

راڻا تنهنجي رنج، مون لوڪين لڄايو
ڀاڳين ڀلايو، ڏوهَ نہ ڏاها تو سندو

(٩)

چڙهندي سانءِ چکي، نِت منهن ڏيکارج ميندرا
آندا مون کي هتهين، کهين لارَ لکي
چاڙهي ڏکي ڏاگهہ تي، تنهنجي عشق تکي
مَر کو سرُ سِکي، انهيءَ جي اولاڪ جو.

(١٠)

هي جو ٿيڻُ هو، سو اکرُ ميٽيندو کونہ کو
هيرو زهر زبان سان. هن ڳالهين ڪيتو هو
نہ تہ پاڻئون پهتو هو، مون کي زير زمين پر.

(١١)

ڏک نہ ڏيٺو هو، تو مون کي ميان ميندرا
ناميا پنهنجي ننگ کي، تو نيبهہ نيٺو سو
زهرَ پيالو پُرَ ڪري، مون کي پيٺو هو
جيءَ نہ جيٺو هو، مون کي هن ميهٺي وري

(١٢)

سودل سکائي، آءٌ پڻ اديون آهيان
راتيان ڏينهان مٺيءَ کي، وات اها وائي
کندا اها کائي، جو کارنهن لهندي ڪاڪ تان

(١٣)

ميان، آءٌ ماري، ڏاڍي ڏنءِ ڏهاڳ جي
سيهٺي هاب متان ڪرين. ڪاڪ نہ ڪج ڪاري
کر سودل ستاري، ڏوهن مون نہ ڏسيج تون

(١٤)

چگي ڳالهہ چوانءِ، سا سُڻ ميان ميندرا
آءٌ تنهنجي آهيان، تون مهنجو آنءِ
مي نذر تنهنجي نانءِ، آهي وڪائي ولها

(١٥)

ولها وڪائي، آءٌ در تنهنجي آهيان
تنهنجي ڏس ڏهاڳ کئي، ناميا نمائي
آءٌ اگي ايائي، ويتر ورهہ وِگهو کيو

(١٦)

راضي ٿي راڻا، معاف مڙئي کر مديون
مومل سان ماڻا، جانب تو نہ جڳائيا

(١٧)

جانب، تو نہ جڳائي، مومل سان ماڻا
سودا، سياڻا، مونڻُ مَرڪ نہ تنهنجو

(١٨)

مونڻ مَرڪ نہ تنهنجو، سوڍل سياڻا
وسائج ولهيءَ جا، پينگ اهي پاڻا
پري کري پاڻا، مون کي ماريوئي ميندرا

(١٩)

آءٌ سودا کر سچ، لاهي مون تان ميهٺو
محبت سندو تو پري، مون من اندر مچ
الله کارڻ اچ، ماڳ وسائج ميندرا

(٢٠)

اچين جي اوطاق، منهنجي ميان ميندرا
عيبن کان آجي ٿيان، کوجهي ٿيي نہ ڪاڪ
هير اها هيراڪ، متان مٽين ميندرا

(٢١)

هي ڏهارڻ ڏاهہ، تون ڍوليو ساري ڍِٺَ جو
ڪاملَ تکو ڪاڪ تي، چڙهي کرهل ڪاهہ
کاٺيون کنديون ڪاڪ جيون، پڻ باغن لڳي باهہ
مون تان ميهٺو لاهہ، من مهر پوئي ميندرا

(٢٢)

سک نہ سيتل ڏانهنَ، من وسي مون ميندرا
پانيان تنهن کي پاءَ، سوڍو اٿم ساهہ پر.

(٢٣)

ڪاڪ نہ کر کاري، سوڍا لهہ سماءَ
هيکر هيڏي آءٌ، مندون موٽي آيون

(٢٤)

راڻي کي رهاڻ جي توڙان کيون تدبير
ڏکن سان ڏناڻون کٺي، توڏيءَ کي تکبير
کُڏو کيو قهر جو. اهو کم کبير
راڻي بر رنبير، گهوٽ گهاري نا وڏي

(۲۴)

مومل ماڻي ميندري، ڪاهي ڪاڪ هلي
سوڍي ڪانہ سلي، ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي

(۲۵)

لنگهيا لڏاڻو، ڪاڪ ڇڏيائون پوئتي
رسيا اُنهيءَ جاء، جتي مومل نہ راڻو
نڪا مسجد تڪيو، نڪو ٺڪاڻو
تاتي ٿين ٿاڻو، جتي "مون تون" ناهِ ڪا

(۲۶)

مومل ماڻڻ هليا، ڪاپڙي ڪلدار
وچ ۾ آتشي دود جا، آيس بَهَت بخار
ڪي سڙيا تنهن سوزان ۾، ڪي نَرَ نڳيا نروار
باقي برخوردار، ماڙي ڏسي پنيليا

(۲۷)

ماڙي ڏسي پنيليا، باقي برخوردار
ڪي ماڙيءَ ڪان مٿي ويا، پرت نہ جت پچار
نڪا صورت آتڙي، نڪا تار تنوار
سُرت نڪا سنيار، نا ڏسڻ وارو ڏيہ ۾

(۲۸)

نہ ڏسڻ وارو ڏيہ ۾، نڪا سُرت سنيار
تن تي چڙهي آيا، بيخودي جا بار
ڪين ڏنائون ڪٿهين، روءِ نڪا رُخسار
"آلان ڪما ڪان،" تحقيقاً تڪرار
لٿا شور شُمار، همہ سان هڪ ٿيا

(ڪافي-۱)

ٿلهہ: مون کي ڪانڌ بنا هيءَ ڪاڪ ڪوڙي آهي، ني وو ڪاڪيون
۱. سوڍل پاڄهون سرتيون، هيءَ مري ٿي مشتاق
۲. منهنجو ساهہ سڌير ٿيي، آچين جي اوطاق
۳. سڦري آهي سون ڪئون، خاصي ڍٽ جي خاڪ
۴. سڌ اچي لهہ تنهن جي، جا چُور ڪئي چوطاق
۵. وجهي ويچاريءَ ويو، اديون ڙي اولاڪ
۶. تن سچل جو عشق، اوهان جي چيري ڪيڙو چاڪ

(ڪافي-۲)

ٿلهہ: ولها! وري آءُ، مون ڪان موٽ نہ ميندرا
۱. ميان مون سان نہ مَتين، سوٽل سائين ساءُ
۲. رکي شريڪت شانن سان، هيءَ ڪميٽي ڪئاءُ
۳. هو جو اچي ڍٽ ڏنهن، وٺي اهو مون واءُ
۴. هئي هئي هن جي حال جو، لهہ سائينءَ لڳ سماءُ
۵. سچل ڪنداسي سگهڙو، پاٺون ڇاٽي پرچاءُ

(٨)

ڪاتيءَ ريءَ ڪُهي ڇڏيو، راڻا تنهنجي رنج
سُڪون سڀ سِهج، سوڍو ساڻ ڪٺي ويو

(٩)

راڻا تنهنجي رنج، ساڙيو منهنجو ساهُ
ڇاڻي هڪ الله، سگَ نہ سيتل مون هيو

(١٠)

راڻا رنج نہ ڪر، معافي مومل ڏي ڪٺي
سوڍا تو صبر، ڀهڳڻ ڀوڙي ماريو

(١١)

اڇين تان اڳيان، ناتر ٿي نمان
چاهوُن مون چمان، پرين تنهنجا پيرڙا

(١٢)

اڇين تان اڳيان، ناتر سر نائي
پاند ڳچيءَ پائي، چاهون چمان پيرڙا

(١٣)

سوڍا، هن سڙيءَ جو، لهي وڃ سماءُ
ويرين وڏو وچ ۾، آهي وير وڏاءُ
مون تي لڳندو ڪونہ ڪو، پيارا پاٿي پاءُ
هيڪر هيڏي آءُ، تہ پرولي پڌر ٿيي

(١٤)

ڏي ڪو رنگ وري، ڪامل ڪاڪ ڪنڌين ڪي
منهن ڏيکارج ميندرا، وڃان تان نہ مري
بخشيج ذوق ذري، ميهڻي هابُ متان ڪرين

(١٥)

مردُ ٿيءُ ميندرا، سوڍا سگَ سڃاڻ
ڪوہ لڄائين پاڻ، ناحق ويٺو نينهن ڪي

(١٦)

منهن نہ مٽيج ميندرا تون راڻو آءُ راڻي
سوڍا، سڃاڻي، ڪئونر وساءِ ڪاڪ جا

(١٧)

ڪئونر وساءِ ڪاڪ جا، سوڍا سَڃاڻي
ڏوليا، تولئي ڏٺ ۾، وتان ويڳاڻي
راتيان ڏينهان اوتيان، پنبڻين مان پاڻي
ويٺن آيس ورتو، ٿي جاڻي جوڳياڻي
لٽا ليڙون ليڙ ٿيا، ٿي پوتي پُراڻي
تہ ٻہ راڻي جي راڻي، سرتيون سڏن ساٿيہ ۾

(١٨)

ڪاڪ پڇندا ڪاپڙي، ويا اڏوڀنڊ
رسيا اُنهيءَ هنڌ، جتي "مون تون" ناهہ ڪا

(١٩)

ڪاڪ پُڇندا ڪاپڙي، وڏي ويل ويا
لڏائو لنگهي ڪبري، پرانهن پنڌ پيا
اتي ٿاڪ ٿيا، جتي "مون تون" ناهِ ڪا

(٢٠)

ڪاڪ لڏائو لنگهيا، لاهوتي ڪي لال
اوري هڏِ نہ اَٽڪيا، ٿيا پرانهن خيال
حدون پيچي هليا، جن ڪي حد پيچائي حال
تن سُرت نہ ڪا سنڀال، ويجها ٿيا وصال ڪي

(٢١)

ڪاڪ نہ ويا ڪاپڙي، نڪي لڏائي
نڪي ڏريا ڏٺ، جتي رنگ رکيو راڻي
ٿاڪيا تنهن ٿاڻي، جتي "مون تون" ناهہ ڪا

(٢٢)

مومل ماڻي ميندڙي، ڪاهي ڪاڪ وڃي
لوڏاڻا ٿيا لڄي، ڏمشت جن ڏہايو

(٢٣)

ڪئونر لنگهي ڪاڪ جا، پُري ويا پري
ويو ڪين وري، مانجهي هن ميدان مان

داستان پيو

(١)

مونکي ماءُ ڪيو، چُوچڪ ڏيءُ چريو
عقل هوش نيو، منهنجو محبت وارئين

(٢)

چُوچڪ ڏيءُ چريو، مُون کي ڪيو ماءُ
پيڙم ڪونہ سماءُ، آيل عشق انڌو ڪيو

(٣)

شاه هزاري هوت کي، محب ڪيو ميهارُ
عاشقن کي عارُ، کھڙو آهي قريب کان

(٤)

مُور نہ محبت کان مُڙن، هتي اچي هاڻ
ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ ڳئون چاريندس ڳوٺ جيون

(٥)

ڳئون چاريندس ڳوٺ جيون ڪاڻ ڪنبن جي ڪاڻ
اها پيي روح رهاڻ، من پيي ميلي مُحب کي

(٦)

ڪاڻ ڪنيَن جي ڪاڻ، ڳليـن ٽيس ڳنوارُ
من مُون ملي يارُ، لهن ڏولا ڏيل جا

(٧)

نورنگُ ندورو، ڪيڙو وجهان ڳوءِ
رانجهو منهنجي روح، سدا وسي سرتيون

(٨)

ڪيڙي نا ميڙي، مولىٰ مون کي جيڏيون
جهنگ سچو جهـڙي، تہ بہ رالجهن مُنهنجي روح ۾

(٩)

ٿيڙو وجهان ڳوءِ، نورنگُ ندورو
مُون دل ديرو، هزاري جي هوت جو

(١٠)

واحد شال وجهين، چڱي چُوچڪ چِٽ
برور رکين پت، سدا سڪ وارئين

(١١)

ريجهي روحَ رانجهي سان، ڪيڙو ڪپڙ تالُ
وڌون وجهي وچ ۾، چُوچڪ ڏسَ چنڊال
مادر مِهٽا ڏي جهجها، جهيڙي جهنگ سيالُ
مٿو مُون مِهوال، مون کان مُور نہ وسري

(١٢)

هر هر ويٺو هير جي، رانجهو ڏسي راهہ
ويٺو وڃائي ونجهلي، چاهُون تي چناهہ
سانڍيو وتي ساهہ، سچل سُور سڄڻ جا

(١٣)

لوڏي ڪيڍيائون لوءِ مان، رانجهنُ رمزدارُ
جاتي هليو جان تي، جوڳين جو جنسارُ
مُرلي مٿيادارُ، چوريُون وتي چاه مان

(١٤)

السـتي آوازُ ڪو، منهنجي ڪن پيو
هردي اندر هير جي، آهي ڪونہ پيو
مُرليءَ مست ڪيو، جوڳيـڙن جي جيڏيون.

(١٥)

ڪاريهر قتيل، گودين وڌا گودڙي
مَنڍيُون وتي منڊن سان، نانگ نسورا نيل
رانجهن جي رسيل، مُرليءَ مستانا ڪيا

(١٦)

مُرليءَ تي تنهن مرد جي، ڪنيا ڪاريهر ڪر
پرَ ڇڏي باهر ٿيا، نيلا نڪري نر
زهري منجهہ زهر، جوڳيڙي جهٽي ورتا

(١٧)

ڪنڊيلَ ڪَنِنِ ۾ وجهي، خان ڇڏي خاني
جوڳيسرُ جاني، راويءَ طرف روي هليو

سُر ڪاريهر

هير رانجهو

داستان پهريون

(۱)

جن ڪي اديون اوچتي، ڪاتيو ڪاريهر
تن جي خاص خبر، جاچيو جوڳيئڙن ڪان

(۲)

جاچيو جوڳيئڙن ڪان، تن جي خبر خاص
نانگن ڪيا ناسُ، سنگهڻ سان سوَن متي

(۳)

پر مان پاهر نڪري، ڪاري ڪنيا ڪَرَ
ڏَرَ اِنهيءَ جي ڏَرَ، جهين ڏَرَ نہ ڏيه پر

(۴)

سَپ سجاتئون ڪين ڪي، جوڳين ماري جڪَ
جنين سنگهيو ڪک، سياڳا سيئي ٿيا.

(۵)

چڏي ملڪيت مال، رانجهو رڻ چڙهي هليو
قسمت ڪيس ڪنگال، نہ تہ حاڪم هو هزار جو

(۶)

حاڪم تخت هزار جو، قسمت ڪيو ڪنگالُ
سسڪينيءَ جو مرد ڪي، خطرو نڪو خيال

محبت مستانو ڪري، مهڙو ڪيڙس حال
پچي جهنگُ سيال، حُب نہ تخت هزار جي

(۷)

مالڪ انهيءَ مُلڪ، رانجهن مان راجو
اَلفت ڪان عطا ٿيم، ڏکن جو ڏاجو
عشق ڪيم آجو، دُنيا جي ڪُل دود ڪان

(۸)

مالڪُ تخت هزار جو، رانجهو آءَ راجا
ڪاني مون ڪي قلب پر، قُرب هنئين ڪا جا
ڏکن جا ڏاجا، لکيا هير لوح پر

(۹)

شاهي هير شان، دلبر پنهنجي ديس پر
سچل آيس اوچتي، ڪٿي سورن جو سامان
چا منجهارون چا ٿي آيس، اُهو اٿم ارمان
حيرت پر حيران، مون ڪي هِير هتي ڪيو

(۱۰)

رانجهو هُيس راءُ، مالڪ پنهنجي ملڪ پر
اديون، عِشقَ انڌو ڪيو، پيڙم ڪين سماءُ
گهورن ڪيم گهاءُ، هتي اچي هير جي

(۱۱)

اچڻ اوڪو مون هُيو، هاريُون آندُم هير
پنهنجي لکئي پاڻ ڪي، پاڙڻ پيئي تقدير
ڪانہ هلي تدبير، قسمت قيدالماءِ سان.

(۱۲)

جوڳيا ويسُ ڍڪي، لاٿم سڀ لباس
پٽ پٽيهر بافتا، نپٽ ڪيم ناسُ
ڪيم نينهن نراسُ، دنيا جي سڀ دوُد ڪان.

(ڪافي)

ٿلهہ: جو جوڳي زلفن وارو، سو سامي مون تا ڪين سڃاتو
۱. ڳل ڪي ڪفني دست پهوڙا، مشعل منهن موچارو
۲. انگ ڀڀوت بنائي آيو، ڀيک پئي وٽجارو
۳. پئي لباس ڪو رانجهوُ ايندو، چڏي تخت هزارو
۴. سبت انهي ڪئون ڪين سڃاتم، ماريون مرليءَ وارو
۵. سچل سڃاتو نہ راجهو آهي، جڏهن حالُ سليائين سارو

سُر ڪلياڻ

سمو گندري

داستان پهريون

(١)

تون سمو سردار، آءٌ مي مهاڻي آهيان
شاها، تنهنجيءَ شفقت جو، آهي ڪونہ شُمار
گنديءَ گاندر ڪان، ڪيو ساري عالم عار
مٿي محب مدار، تو ساري ڪينجهر جو رکيو

(٢)

تون سمو سلطان، آءٌ مي مهاڻي آهيان
جي تون مهربان، تہ کهڙي ڪاڻ ڪُڙمَ جي

(٣)

تون سمون سائين، آءٌ مي مهاڻي آهيان
مون لڄ رهائين، جو پَلوَ لڳي اوهانجي

(٤)

پَلوَ لڳي آهيان، آهيان اياڻي
سمي سڃاڻي، چارو چام ڪلهي ڪنيو

(٥)

آءٌ مي مهاڻي، تون سمو ساري سَرَ جو
قرب منهنجو کهڙو، چاڙيو تو چاڙي
ڪاري سر ڪنيم ٿي، ڇڇي ڪڪيءَ هاڻي
راءَ تنهنجي راضِ سانِ، آءٌ ٿيس راڻي
سمي سياڻي، تہ تہ ڪينجهر ڪني ڪير ڪٽي؟

(٦)

ڪلسا ڪلوري، ڪَنِ ڪالوڙا ڪينجهرين
پيهي وجن پن ۾، ڪن ٻڪين ٻُوري
روز تَنين ڪي راءَ ڏانهن، ٿيا چانور ۽ چُوري
[illegible] ڪن ڪيڙا قصوري

هيٺ مٿي تن ڏکيون، سالان تيموري
واسيو وتن ويس ۾، منجهہ کهنبي ڪٿوري
ڇڇي ڪڪي تار جي، تن اپر عطوري
ٿَي ملڪَين مشهوري، سمي جي سهاڳ جي

(٧)

پير منهن نِيرا، پاڻي پوندا جن هٿا
سي هڏيون وتن سر تي، چاهہ منجهان چِيرا
ماڻڪ موتي منهن مٿي، هٿين تن هيرا
ڪات سيئي ڪيرا، سگهڙ سمي چام جا

(٨)

وهين وهل لپيون، ٿي پيٺ پاريا پنهنجا
جتي ڏٿ ڏبَ جيون، ٿي ححبيزن جهپيون
ڪڪيءَ خاطر ڏهيريون، ڏُہن منجهہ ڏپيون
جي ڪائن پيڻ پيپون، سي جُوري تي چريون ٿيون

(٩)

جهاڳيون وتن جهاڳ، ميئون ڪارڻ قوت جي
سي عالي درجي آنديون، سمي جي سهاڳ
منجر مها وچ ۾، ڪن رنگيليون راڳ
ههڙا حال جنين جا، تن پلي لاتا پاڳ
ڪينجهر ۾ ڪنڌين جي، هٿ اُنهن ٿي واڳ
هيرا لعل لاڪيٺا، ٿيا اڄُ اُنهن وٽ اجهاڳ
پيا پي لکين لاڳ، تن ڏلين ڪي ڏيئي ڇڏيا

(١٠)

بيحد ٻگوڙيون، ڍئول تہ جنين ڍونڊِيون
ناپي ڏٿ ڏپ جيون، ڪن خرارين ڪوڙيون
پوري ڦرها ڦريون، اڇن ملاحيون موڙيون
جوڙون سڀ جوڙيون، چام تماچيءَ تن جيون

(١١)

ڍئول نہ ڪنهن ڍونڊيون، سيئي ڪينجهر وچ
سمي جي سهج، پراٽين ڪي پڳ پيا

(١٨)

راويءَ طرف رويو، جوڳيسرَ جوانَ
هيڪرَ هير اڪير ۾، مردُ ٿيو مستانَ
سَورن جو سامانَ، سچل سانُ ڪٿي هليو

(١٩)

ڇڏي چاهَ چناب جو، راوي طرف رويو
مُرليوَن سُرليوَن ونجهليوَن، وڄائيندو ويو
تانيڪو ٿيو، نانگو نورنگ پُرِ ۾

(٢٠)

جوڳي آيو جُوءِ ۾، مرڪٽو مَڙ دار
مُرليءِ مستانا ڪيا، جنهن جي لک هزارُ
ڪاريهرُ ڪردارُ، نيلا ناڻ نوايا

(٢١)

مُنڊڙا مڙهي، جوڳي آيو جوءِ ۾
پڙهيو سو پڙهي، مَنڊڙا محبُوبن تي

(٢٢)

ٽبيوَن تن ٽٽي، جوڳي آيو جُوءِ ۾
ڪنهن قربُ ڪٽي، ڪنجهو روليو رُڃ ۾

(٢٣)

نيتيءَ نورنگ پُرِ ۾، ويهڻ وِهُ ٿيو
ڏوراپو نہ ڏيو، جنهن جو چاهَ چناهَ سان

(٢٤)

نيتيءَ نورنگَ پُرِ ۾، ويهڻ ٿيو وِهُ
قسمت ڪاريا ڪمڙا، مانديءَ لڳو مِنهُ
ورِهئون ڪِڏي وِهُ، ورهہ سندي واسينگ جو

(٢٥)

هاريءَ ہڏِي هيرَ، مُرليءَ ڪٺي مگنُ
سچل وسري ڪين ڪي، ويچاريءَ وڃنُ
لانگو نَي لڳن، لکيو جنهن جو لوح ۾

(٢٦)

هُتي ڪيرُ هُيُس، هتي آهيان ڪيرُ
سالمُ اِهو سيرُ، سچل سِڪ ڪرايو.

(ڪافي)

ٿلهہ: اڄ جو جوڳي آيو، نانءُ تنهن جو نہ ٿي ڄاڻان

١. سِرِ جٽائون جوڳين وريُون، لڳين بسمي لايو
٢. ڪڏهن نہ ڏٺم ڏيہ انهيءَ ۾، موليٰ آڻ ملايو
٣. ڏسڻ سان انهيءَ جوڳيءَ جي مُون، ڏاڍو پُورُ پرايو
٤. سيرُ بازارين گهڻِ گهڻِ گهنگهرُون، چم چم تنهن چمڪايو
٥. ذري جوڳي ڏري سنياسي، تنهن سامي نانءُ سڏايو
٦. سوئي ساڳيو رانجهنُ هُيڙو، سچل سرُ سٽايو

(٦)

هڪ درا ٻي دوءِ، پيو گوجان مارن گانگٽيون
تن مـــان ڪڪيءَ جي اڇي، برابر بدبوءِ
لاهي ليڙيون لانگٽيون، مليائون خوشبوءِ
رنگ سوني جي روءِ، صورت تن جي سهڻي

(٧)

منهن مٿي ميريون، هيون بيهوديون ٻجڙيون
گهڻ گهڻ گندري گهنگهرئون، چر چر پيون چيريون
سمي ٻاڻ سهاڳ ڏيئي، هي جي هُن هيريون
لوهاٽيون لوريون، پارس لڳي سون ٿيون

(٨)

پارس لڳي سون ٿيون، لوهاٽيون لوريون
جهل جهڳن ڪي ڪانه ڪا، وريون ۽ ڏيريون
محلين رهن مير جي، مهاٿيون ميريون
سمي ڏنا سهاڳ، سهج ۽ سيريون
ڪوجهين مان سهڻيون ٿيون، جهٽ پٽ جهپيريون
تماچيءَ تيريون، ڪينجهر جيون ڪنيون ڪٽي

(٩)

منهن مٿي ميرا، هٿا بيهودا ٻجڙا
سمي جي سهاڳ تي، ٿيا گاندر گنيرا
ڏســو ڏهاڙي ڏيئي ٿـو، ڏرَ تنين ڏيرا
ساجهر سويرا، سي کائن طعام خوشيءَ مان

(١٠)

ترڪو جن تريون، ڪئونر ڪڙهيون ڪڄ ۾
لڙهون تن موتئين، لڙڪن سون سريون
زيور ۽ پازيب پيا، زري باف زريون
ڪينجهر ۾ٿي پريون، اهيڙين انعام ٿيون

(١١)

جنين دوءِ درا، ڪڇين ڪُر ۽ ڪوٽيون
مٿي پيرين ننگا سي، گاندر سپ گرا
پاهان پاڻ پرا، سمي جي سهاڳ ڪيا

(١٢)

جي ڪئونر پرن ڪم، تن ناتو ناپي سان هيون
ترن جا تنهن تار ۾، روان ڪيا ٿي رم
ترت تماچي چام پيئي، ڏرَ تنين جي ڏم
جي هُٿا گوشائت گم، سي پلوَ لڳي پڌرا ٿيا

(١٣)

ٻهه ڏوڏا جن ڏاج، قوت جنين ڪُم ڪوٽيون
انهن جو احتياج، ٿو تماچي ڪيڏو ڪيي.

(١٤)

تماچي ڪيڏو ڪيي، انهن جو احتياج
محبت ڪيو محتاج، نه ته ڪير تماچي گندري

(١٥)

نه ڪنهن روءِ نه رنگ، هٿا بيهودا ٻجڙا
اڄ پڻ انهن جي ٿيا، پيرن هيٺ پلنگ
مياڻيون معافي ٿيون، نه ابواب نه انگ
ٻٽ اوڍين اڙٻنگ، سمي جي سهاڳ تي

(١٦)

پوئڪيون ۽ پلا، تي مهاڻن ماريا
لک هزارين حاڪمين، تي ڪاڏا تن ڪلا
ڪڙهيون جن ڪلهن تي، پاڳ ٿيا تن پلا
دمڙي تن نه دست ۾، هٿا نڙا نڪر نلا
ميين گهر اڄ مال جا، تيڙا ٿر ٿلا
ڪينجهر گهمن لاڏڪيون، ڪيون رس رلا
ڪا جا اڪڙين ۾ هوئي، مي قيمت ڪلا
اڳلا ۽ سگلا، سمي نانءَ سجائبا.

(١٧)

حـريران ۽ حَلا، ڏنا چام چارن وارئين
جي هيون اڏوبندن ۾، تن چوتيون چوڪلا
ڪينجهر سندي جاءِ تي، بنايا بنگلا
اڳلا ۽ سگلا، سمي نانءَ سجائبا

(۱۲)

ڪينجهر سندي ڪنڌيين، ڪن تورِيون ۽ تندِيون
چڪ جيهون چوندِيون، ڄام ويهاري وٽ ۾

(۱۳)

منهن نہ موچاريون آهي، لڳن تي ليڙيون
ڄام ويهاري وٽ ۾، ڪري ملاحن ميڙيون
پڳيون پونگيون جوڙي ڏي، تن ڀهڳڻ تو ڀيڙيون
وٽن ماڻڪ مير ڪٿون، جهڀيري جهيڙيون
توڙي اهڙيون اويڙيون، تہ ڀہ سمي ڄام سُهايون

(۱۴)

جن ٿي پاليا پيٽ، ڪُمن ڪالوڙن سان
سي تا تيل ڦليل سان، ٿيون ملائن ميٽ
ڄام جواهر جي ڪري، ٿو انهن پار اميٽَ
ڪئي لاڪيٽي ليٽ، ميرڻَ ڄام مُهاڻنِ تي

(۱۵)

جنين آڏوپنڌ، عمر ساري اهڙي
سمي جي سُهاڳ تي، آيون ڏاڍي انڌ
تنين جي طولان جيون، ڀيون هاڪون هنڌوهنڌ
ڏليون ڏولين چڙهيون، پيرين پون نہ پنڌ
سڀ اندامين سنڌ، جڙيا جواهرن ۾

(۱٦)

نوڙيءَ نادر ڄام ڪي، ڪي چڪايون چاڙيون
ڦِڪُل ڦند ڏياريون، تنهن ڦيري ڦيرائيون
وٽان مو وائيون، ٿو ڏي ڏهاڙي تن کي

داستان ڀيو

(۱)

مون مَڪَ هڪ ٽرار، چار ٽُرارا موتيين
تنهن برابرْ نہ ڏيان، توري جالَ جو هار
جو پلئي پيو هڙو، مهاڻيءَ مٿيار
تيئن مر ڪينجهر پر قرار، جنهن چارو ڄام ڪلهي ڪنيو

(۲)

تارازيءَ جي توري، مڪَ موتين تي نہ ڏيان
ڀيٽا ٿيٽا نہ وٽان، ٿوري نہ ٿوري
ڳهوري آءُ ڳهوري، جو چارو ڄام ڪلهي ڪنيو

(۳)

مڪ برابر نہ ڪريان، ماڻڪ موتين ساڻ
سمو ڄام سڃاڻ، جنهن چارو ڄامِ ڪلهي ڪنيو

(۴)

مٿي جن موڙا، هٿا چارين ڳنڍئين ڳوڏڙين
بينسر بينا زرجا، ڀيا جهاپا ۽ جهوڙا
ٻاهين ڪلهين ڪين جن، تن چُوڻ تائين چوڙا
سمي جي سهاڳ سان، تن ننگن نپوڙا
ڪوڙيون ۽ ڪوڙا، سچا سمي سڀ ڪيا

(۵)

رنگ ڪاري روپون، مڙنيْ ملاحن جيون
ڪنيو ڪارن ۾ اچن، دَرا ۽ دُويون
بيحد جن بويون، تن تي عطر اوتيا

(ڪافي)

ٿلهہ: مون کي هوتن هاٿي ڪوٺيي پنهنجو ڪيو

۱. جَت ڳهٽا ڀيا جڳ ۾ سائين، منهنجو هوتُ آرياڻي، ڪنديس ڪونہ ڀيو
۲. لکين پڇن پرين کي، آءُ تاڪير نماڻي، سندُنِ نينهن نيو
۳. جيهي تيهي در دوسن جي، عاشق هيءَ اگهاڻي، سارو ڪم ٿيو
۴. ڪيائون ڪناري پنهنجي، هيءَ تا پاٽون جاڻي، جڏو جيءُ جيو
۵. پرين ڪيو پنهنجو، سچل سگ سڄاڻي، وڇئون وره ويو

داستان ٽيون

(۱)

ٿون سمو سرتاج، آءٌ مي مهائي آهيان
لاٿئي پنهنجي لطف سان، اسان ڪان احتياجُ
ڪينجهرَ سارو تو ڪيو، مي سندو مُحتاجُ
ٿنهنجو مُون ڏلهن راجُ، مُون ڪمهي ڪاڻ ڪڙم جي

(۲)

تون سمو آءٌ گندري، تون چامن سندو چام
چام سما تو سامُ، نڌر نوري آهي پينئي

(۳)

تون تماچي چامُ، آءٌ مي مُهائي آهيان
ڏنو تو آرامُ، ڪينجهرَ پنهي ڪنڌيين

(۴)

پلٿي مُون پاتوء، ٿون راجا لج رهائين
سما سُجاتوء، ڪامل پنهنجي قرب ڪي

(۵)

مُهائيء جا ماٿا، سمي سهڻ آيا
نيلنِ جا ناٿا، نُوريء نڌر ٿو رکي

(۶)

نُوريء ڪيو نازُ، ريجهائي اچ راء ڪي
نِتَ نِتَ چامُ نيازُ، اچي انهيء جو ڪري

(۷)

تنبُوء جا طَنابَ، اچ ڪٿا ڪينجهر ڪنڌيين
ناد وجن ٿا ناطِقا، پيا پي رِودَ رباب
جتي ڪِڪيء ڪوڙ هٿا، قيما تت ڪبابَ
وتن مُهاٿا مستَ ٿيا، ماچي بي مُهابَ
تن تان سي حسابَ، تماچيء ٿر ڪيا

(۸)

مِڙي مجلس ميِر ۾، ماچي ڪن ماٿا
مڪرُ ماڪينِ جا، چَتنِ ٿا چاٿا
ڪِڪِيء جا ڪاٿا، دمپختن دُمبا ڪيا

(۹)

اڳ نہ سٽيا ڪڏهين، ماچي ٿيا مير
مڪڙيون ڪيون تن جيُون، تماچيء تعمير
جهُونگا سي جهير، ماچين مان ملاح ٿيا

(۱۰)

مِلي مُهاٿا ميرَ سان، ٿِيڙا ميربحر
ڪاريُون ڪن قهر، لاء سندي رعيت سان

(۱۱)

ڏٺ جنين ڏوڏا، پهرڻ پاپوڙا تنير
پيتا وجن تن جا، ڳپ اندر ڳوڏ
سي پٽن جي پينگهين، تن لال ڏيئي لوڏا
آهي آٿيو اوڏا، تو ويرُ وهاري وٽ ۾

(۱۲)

لاڏڪيُون لڏن، ڪينجهرُ سندي ڪنڌيين
ڪاريُون ٿيون ڪڏن، سمي جي سُهاڳ تي

(۱۳)

هتا وڏا جن تي ويل، ٿي قُوتَ ملِيَن ڪين ڪي
خاصين سي خوراڪن تي، تان ڪن مُهائيون ميل
مڙي جُهڙي پاڻ ۾، ڪن سيلابين سيل
پوء لاٿا چامُ لُطف سان، زبونن ٿئون ڏيل
تن سي تيل ڦليل، اچ عطر ڳاڏڻ اوتيا

(۱۴)

چوليون جَن چِڪَ هيون، اَچ ٿيون لاڪين لاٿوُ
جُيتيون جڙائوُ، پايون وَتن پير ۾.

(۱۵)

ڏڪين ڪي ڏولين، چامُ تماچيء چاڙهيو
نيلمَ نوريء ڪي وجهي، ٿو جواهر جهولين
زَري قلابات جا، تنهن چڪر تي چولين
چٽڪائي چولين، هيرا لڪان لکين

(۱۶)

پيرين اڳهاڙيون جي گهميون، تن لڳيون سو سُتيون
ساڻ جَڙاء جتيون، ٿي ڏنيون تماچيء تن ڪي

(١٨)

کينجهر سندي کنڌئين، رهن پريون جي پيوڙ
تن ميسئن متي آيا. سالو ءِ سالور
چڙهيو سا چوڏول ۾، تي حڪم هلائي حور
راتيان ڏينهان راءِ جا، تيا ملاحين مذڪور
سي حاضر منجهه حضور، ويهن تماچي ڄام جي

(١٩)

لانگوٽيون لاشيون، وهه وهل جي وچ ۾
پلئي لڳي ڄام جي، ٿيون خوراڪين خاشيون
لعلن ياقوتن جيون، وٽن ڪينهن ڪماشيون
تا پي تماچيءَ جيون، وٽن طرحين تلاشيون
جن پاسا هريل پن تي، تن فرشين فراشيون
رُوءِ هيون راشون، ۾ سمي ڄام سهائيون.

(٢٠)

هُئا خام خسيس، کينجهر سندي کنڌئين
مُورائو ميچيءَ جا. هُئا ڪلَ حريص
ڏيون ٿئوريون تن کي، پاتاريون سڀ پيس
جڏهن تماچيءَ ڄام ٿي، ميٺ سان مجليس
پاسي هيٺ اچي پيا. انهن جي اطليس
سون رُپي سَرِسا ٿيا. هيڪر لٿن هيس
واتين انهن سان ڪري، هر هر ڄام حديث
مهر ائون محبت جي، ڏيٺي انهن آسيس
کيرُ ڪندو تن ريس، سمي جي سهائيون

(٢١)

واتين وهه وهلَ. پانس آئي تي بجڙي
تن ويهاري وٽ ۾. ڪيا شاهه شغل
نوريءَ نات نوايو. آئي منجهه انڪل
آهي چڙهيا پالڪين. آهي سڀ سهل
جهيرن جي جهوپين. ماڙيون ٿيا محل
سمو ڄام انگل. اچيو انهن سان ڪري

(٢٢)

ڇيڇيءَ جي هئي ڇت. تي آئي عام خلق کي
وهه وچائي وهه ۾. مي ميچائي نه مٽ
نوري ڄام تماچ سان، ڪلي چڙهي ڪٽ
سر لاڄو سرپٽ. ملاحن مشرو ڏکيا

(٢٣)

ڦٽيون ڦاٽوريون. هين گنديون گودڙيون
تن پريون پافتن جيون. جنگ ڏيئي جوڙيون
اڄلي انهن ذي سمو. سون زنوروريون
پانور پاسي مي جي. ڦناٽون کوڙيون
گهوڙا ۽ گهوڙيون. گنديءَ کي ٿو گهوٽ ڏيئي

(ڪافي)

ٿلهه: آءُ تا تنهنجي آهيان، ڪانڌ مٿان ٿون مونکي ڇڏين
١. ٿون تا منهنجو آهين اصل ڪئون. ڪنهن نه بي در ڪاهيان
هوت، ايندين هت ڪڏين
٢. آءُ نمائي عيبن هائي، سگ نه سائو ساهيان
پکا اوري آئي اڏين
٣. توڙي سُڃائين توڙي نه ڄاڻين. لالچ تا بي نه لاهيان
ساڻ گولي پاڻ گڏين
آءُ تا پانهي ٿون تا سائين. آءُ غريب سا جهيان
نانءُ سچل ڪري سڏين

(۴)

ٿي لانگوٽين لوڙَ ، پي ڊويا ساريءَ ڏِنَڍَ ۾
ناپيءِ ڌُٽُ ڏِپَ جا. آٿيو ڪَنِ آروڙَ
ٽِتي مُشڪَ عَطرِ ٿِيا. هُئا جِتِ ڪڪيءَ جا ڪوڙَ
سي ڪَنِ ڪِنارِيين ڪَپڙا، پِيا جواهَرَ جوڙ
مَٿي ٻڌي موڙَ ، گهڙِيو تَماچي تَن ۾

(۵)

مَڪَ بَرابَرِ نَہ ڏيان، توڙي پَرِين موتِيين ماڻِ
جو مون ڪَمِيٽيءَ ڪاڻِ. چارو چامَ ڪُلهي ڪَنيو

(٦)

جامَ ڪَنيو چارو، مُرڪي مَلاحَن جو
نيلهان مَڪَ مَٿي موتِينِ جي، ڏيان ٽيٽو ٽُرارو
ڪُلُ ڪِينجهَرَ ڪِنارو، مُهاڻِنِ مَعافي ٿِيو

(٧)

موتيءَ مَٿي مَڪَ جي، وَتان نہ ٻيٽا
پَنِي بَرابر نہ ڪريان، ٽِڪنديِن ٽيٽا
آسين تا هِيٺا، پَرَ چارو چامَ ڪُلهي ڪنيو

(٨)

مَڪَ موتِينِ تي نہ ڏيان، توڙي هَئَنِ پاتون پاتِ
ڪوجهي مان ڪَرِ ذاتِ، پَرَ چارو چامَ ڪُلهي ڪَنيو

(٩)

مَڪَ موتِينِ تي نہ ڏِيان، ويهي مَنجهہ مَحلاتِ
سَندُمِ ڪِني ذاتِ، پَرَ چارو چامَ ڪُلهي ڪَنيو

(١٠)

هُئا ٽولاڪين ٽوٽَ، پَرَ نادرَ چامَ نَوازِيا
ناپا لوڙهَ ڪَلورَ تي، ڦَڪِيائُون ڦوٽَ
سي اَڄُ ڪِيا وَتَنِ خُمارَ ۾. اَئَي پهرَ اَلوٽَ
ڪِينجهَرَ ٻِنهِي ڪَنڌِين، ٽِيا لانگوٽِيا لَڪَ لوٽَ
ٻنورِيون ٽِيون پِينگهين، ڪَنِ جَهرِيُون جهوٽَ
مِڪَ ڪَنولرَ ڪُلهين سهلَ ڪَنِ، ٻِيا مُنهن لائِنِ مُنهن سوٽَ
چِڃيءَ هائِنِ چوٽَ، ڪِيون مردَ مِيائيون.

(١١)

جَنِ تي ڦَڪِيا ڦُٽَ. ٽِيا ڪُلين قِيمَنِ هيرِوان
اَڄُ تَنِ دُشالا سِرَ تي، پِيُون شالون پَڌَنِ پَٽَ
زُمُردَ ۽ ياقُوتَ جِي، ٽِي لَعَلنِ هِيرَنِ لَٽَ
سَمي سَڀِ مَعافِي ڪِئي، ساٿِنِ تان سَٽَ ڪَٽَ
لَٿا ذِيلَ اُنهَنِ تان. ڪُلي ٽِينِ چڙَ چُٽَ
عَيبَ ڏِسي عامَنِ جا. ڪِيائين ڪانہ اُپَٽَ
اُنهَنِ چامُ اَڪَٽَ. ماٽِڪَ موتِي ٽو ڏِيئي

(١٢)

هيٺِ مَٿي ٻوتِي، هُئي ماڳِهين مُهاڻِنِ کي
پاٽيءَ پوندِي تَنِ هُئِي، چِڪَ جيهِي چوتِي
اَڄُ گانڌرِ سِرِ گلابَ جِي، عَطرَ عَنبرَ اوتِي
مُنهن لَڳِسِ موتِي، سَمي جي سُهاڳَ ۾

(١٣)

ٽو چارو چامُ ڪَٽي، مَرَڪِيو مَلاحَنِ جو
زَرِي اَوُن زَرِبادلي، ٽِي ڇِڳيرِ ڇَٽي
سَهجَون سونَ رُپا ڏِيئي، ماٽِڪَ مي مَٿي
خيما خُوبَ قَناتَان، هيجَئون ٽِتِ هَٽي
ڳاٽاٽي نہ ڳَٽي، ڏي جالَ جواهَرَ تَنِ کي

(١۴)

تَماچِي طرَا. ٽو سَڏِيون پَڌائي تَنِ کي
سي شوقُون وَتَنِ شِڪارَ تي، ڪَنيو زورُ زرَا
ڪَڏائَنِ ڪُرَا، سي ٻِنهِي ڪِينجهَر ڪَنڌِيين

(١۵)

راتِيان ڏِينهانِ ڏِپَ، هو مَرڪُ مَلاحَنِ جو
ٽي پوڙِيون وهہ وَهَلَ ۾، ڪَئي جَهيرَنِ جَهپَ
هو روزُ جَنين جو رِپَ، سي ڪُلين حَلوَنِ هِيرِوان

(١٦)

مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾. نہ هو گِيرَب گاءَ
نَيٽَنِ سان نازُ ڪَري، رِيجهايائِين راءَ
سَمُو سِپَنِي ڪانءَ، وَني وِيني پانَ سان

(١٧)

ڪوجهيون رنگ ڪاريون . مُنهن نہ موچاريون
سي ڪيڏيو ڪالورن جيون، سر ڪٽن ڪاريون
ڪيئي ڪٽي ڪڪيرين، آڦا تو آريون
ڏڪَنِ سالو سِر تي ، ڪَلهين ڪيناريون
زورُ چِڙي زاريون، تو تماچِي تَنِ ڪَري

(١٨)

بيهُودا بي آبُ، هُنا ڪِنيجهُرَ مَتي ڪنڌيئين
پلئي لَڳي چامَ جي، تنيزَنِ جوڙَ جوابُ
پيا سَيُ حرفَ حسابُ ، ملاحَنِ مَعافُ تيا

(١٩)

ڪَئونرَ جَنِ ڪُڙهيون ، هُيون هَميشہ هَتَ ۾
سي لوڙهن جي لڙہ لَئي ، تي لڙئي منجهہ لڙهيون
ڪارَنِ ڪَلالَنِ ڪي ، ڪَونتلَن ڪُڙهيُون
سي وتن ڇيڪ چِڙيون، ڪي تازي طنبيلن ۾

(٢٠)

تي پڻ هوءِ هيپيون پورهيو ڪندي پن ۾
ليڙ جن لڳن تي، ٻانهين ڪنين پيتيون
پلئي لڳي چامَ جي، ڇيهين ڪان ڇتيون
تن لانگو تين لٿيون، تي مهرون لعلون لاڏ سين

(٢١)

هُنا لانگوٺيا لول، ڪوجها ڪهين نہ ڪم جا
تڏي مڏي ڪا نہ تن، ڪن جهروڪين جهول
غلمِ غابَ غاليچا، ڏي تنين ڪي طول
مڏيون مال ڏسي اُهي، غمزا هٿنِ غولَ
قَدُر تَنِ ڪي ڪهڙو ، جي آهن اولَجلولَ
پيا اِهڙي مَنجِهہ اَلولَ ، تَنِ چارِيون چارَ وساريا.

(٢٢)

هُيونڻ لَس لانگوٽيون، پاٿيءِ پوندي جَن جِيوَن
تن مياٺيون معافي ٿيون، چر سپا ڇوٽيون
ميون ريجهائي راءِ ڪي، ماٺن سان موٽيون
تن جيون ڪٽي ڪيتريون، چامُ سَموُ ٽوٽيون
ڪَريُون ۽ ڪوٽيُون، تہ ٻہِ آخر ننگُ تماچ جو.

داستان چوٿون

(١)

مُهاٺيءِ مَرڪُ جان، تماچي طريلُ تيو
متي مي گلاب جو، تو اوتي عطر عرق
ڪيائين ڪو نہ فَرقُ ، پاٺو گڏيائين گاندرين

(٢)

جَنِ مان بُجڙي بانسَ ، آئي تي عامَ ڪي
تَنِ سان سَمي چامَ جا، ايڏا تيا اِخلاصَ
تي عامَ نہ ڏٺو جن ڏي ، سي تِيا خاصن خاصَ
عطر عنبير مُشڪَ جا ، وڳين ڏين واسَ
لکين ڪَنِ لِباسَ ، زرِيءِ ۽ زَرِبافَ جا.

(٣)

ڪَڏيو ڪالورا، تي آندا آڏوبَنڌَ ۾
جن پيرين لِتر ڪونہ هو، سي ڪن جڙائو جوڙا
تَنِ مُهران سونَ سَمُو ڏيئي، روپا پيا روڙا
ڏيهہ ۾ ڏوڙا ، تيا سَمي جي سهاڳ سين

(ڪافي)

ٿلهہ: مَتان تُون مونکي ڇڏين ، سُونها سَجَڻِ جا

١. مَحبوب سان نانءُ ڏٺيءَ جي، هيءُ غريب گڏين
٢. نہ تو ڇاٺان ڏيهہُ اُهوئي ، تيندو الا جي ڪَڏين
٣. جڏهن حاضر تيين حضور ۾، نانءُ سچل ڪَري سڏين

(٣)

ٿِيا پَهُنوارَ پَري، آهِ ڪنهنِ کي ڏوراپا ڏِيان
اُنهَنِ ٻاجهون مارُئِي، ٿِي ميان هت مري
نيئِي قبرَ ڪَري، ڪو اوڏو اَباڻَنِ کي

(٤)

سارِيَمِ اَڄُ سَنگهارَ، جنِ ڏِنِي مُون ڏِينهنَ ٿِيا
لَنگهي لَڪَ پيهِي وِيا، پانورَ منجهہ پَهنوارَ
هَٿِي ويٺا پَڪَڙا، سَڪِ ٿِي اَجَهِڙدارَ
جِنِ جي ساهَ سنيارَ، سي اَڄُ پَهُنوار پري ٿِيا

(٥)

پَهُنوارَنِ پَيغامَ، جيڪَرَ مُڪا تَڏهِين
مُون کان اَڄُ پَري ٿِيا، ويڙهِيچا وِريامَ
تيلهان آيَمِ ڪِينَ ڪِي، سنگهارَنَ سَلامَ
هُئا مَلِيرَ مُدامَ، پَرَ سانگِيَنِ اچي سانگُ پِيو

(٦)

تَڏهن مُڪائُون، مُونڏي خاصا خابُرو
لَهَڻَ سُڌِ سَنگهارِ جِي، نا پاندِي پَٺِيائُون
شايَدَ پَري پَهُنوارَ وِيا، جو سُڌِ نَہ لَڌائُون
پَڪا پانورَ ڪَنڌِيِن هيجُون هَنيائُون
جِڏي مُلڪُ مَلِيرَ وِيا، هُنَ ٿَرَ تيلهائُون
ايئن اَتِيائُون، تہ هَت ڏَرُ ڏِريجو ناهہ ڪو

(٧)

ڪَڏهن ڏِيهہُ ڏِٺامِ، ٿِي ساعَتَ ساعَتَ سُومرا
مارُن ڪالَههَ مَلِيرَ ۾، پَرَ پَري اَڄُ پِيامِ
آهي ڪونَہ اُنهنِ رِيءَ، اکَڙِينِ کي آرامِ
سَدا وَتان سِڪَندِي، سانِيَڻُ سُورَ ٿِيامِ
سي پَرُ ڪِين وِيامِ، ٿي جَنِ سان ڳَڙهِيَمِ ڳالهڙيُون

(٨)

جي پِيُڪَنِ پوءِ پِيامِ، سي تا ڏُکِيا ڏِينهَڙا
هِيئن نَہ پائِڻُ ڪا هُيَرِ، تاڪِي هِيئَن ڪَندامِ
وَڃِي ٿَرِ ٿِيامِ، سُڌِ لَهندَڙَ سي سُومَرا

(٩)

جي هُوندَ اَتيئِي، هُئا مارُوئڙا مَلِيرَ ۾
سُڌِ لَڌائُون سِگهڙِي، حالُ ٻُڌِي هيئِي
پَرَ ٿَرِ چَڙهِي ويئِي، جيڪَسِ وَسِيءَ ويڙيچَنِ جِي

(١٠)

پَري ڏِينهن پِيانِ، جيڪَس سانگِيَنِ سانگُ پِيو
پَڪا پانورَ ڪَنڌِيِن، ٿَرِئُون ڏُورِ ٿِيان
هُوندَ ڏوراپا ڏِيانِ، پَرَ پَهُنوار پري ٿِيا

(١١)

پَري ٿِيَمِ پَهُنوارَ، جَنِ وَرِي وَرَڻُ نَہ ٿِيو
ڏِيان ڏوراپا ڪَنِ ڪِي، ٿِيا سَهَجَ ڪاڻِ سَنگهارَ
عُمَرَ اِبائُون آهِ مُون، جو دَمِ تَهنئُون دارَ
آهي اَجَڙِوارَ، مانَ مِلائي مُون ڏَٿِي

(١٢)

پَرِين ٿَرِ پَهُنوارَ، جيڪَسِ وڏو وِڇَٽُ ڪَري وِيا
ڪَڏهن اِيندَمِ اوڏَڙا، سُومل سي سنگهارَ
رِڻُ چِڏي ريڊارَ، مَنَ ڪَرَنِ مُنهن مَلِيرَ ڏي

(١٣)

اَٿَمِ سارَ سَندُنِ، پَرَ اَڄُ پَهُنوارَ پَري ٿِيا
مُشڪِلَ موٽَڻُ تَنِ جو، هي جِي لَڪَ لَنگهَنِ
وَرِي هيجَ وَرَنِ، جي سانگِينِ ڪوسانگ پِيو

(١٤)

پانورَ پاس پِيا، وَڏا اڏوٺِين ڏِيهڙا
ٿانهَرَ وَڃِي ٿَرَ ۾، ٿَريچا ٿِيا
لَنگهي مُلڪُ مَلِيرَ جو، ويڙهيچا وِيا
قادر، شال ڪِيا، مُونکي ويجها واهٽِين

(ڪافي)

ٿلهہ : پَلِيَلِ پَدَنِ پورَ، عُمرَ! تَنِ مارُن جا آلا!
١. دَمِ دقمِ مُهِجي دِلِ ۾، آلاَ! مارُنِ جا مَذڪُور
سَرَتيُون سُورَنِ جا، آلاَ!
٢. سانگِيڙَنِ کي سَدا، نِتُ سارِيان، هيڙِي هُرِيمَ هورَ
پوءِ تَنِ پُورَن جا، آلاَ!
٣. مَنِ مَچائي سَچَلَ وِيو، وو! دائِمُ دونهان دَسٽُور
خاصَنِ لُوڙَنِ جا، آلا!

(١٧)

ويٺي بازرِ وچ ۾، هٿَ ڪِڪِيَ هاٿسِ
دَرَنِ ڪاڻِ دَٻنِ ۾، پَنَ وِڌا پاٿسِ
هٿي مُهاٿِي ماٿسِ، هِنَ سال ڪَرمَ ڪَريمَ ڪيو

(١٨)

ڪِڪِيءِ ماٿسِ ڪارِيُون، چِچيءِ پِٽسِ چَچَ
پاندَ جهين جو پاندَ سان، لڳو تيئي لَچَ
سَمُو چامَ سَهَچَ، اَيو ڪَري اُنهنِ سان ڪَري

(١٩)

پيُون پِي چارِ چَري هليُون، پَدِي دَعوِي داناٻون
هَلي تہ ڪِڪي لوڙَ سان، ڳَجُ ڪِي ڳالهايُون
مَنمَونَ چاهي مَلاَحَ جو، جَنهنَ سان راءِ ڪَٿي رائيون
نوريءِ اَکِيان نازَ مان، جَڏهن چِٽ اَکيُون چايُون
تڏهن سَمجهي سايُون، ٻولينديُون ٻاتيُون ويُون

(٢٠)

لَٿو لانگوٺِنِ جي، پَکي چامَ چَلي
مَنهين مَنهين پيُون مَستدَان، جهڪيا پاس جهلي
مائڪ ۽ موتين، چولي چول چلي
ڪِينجهَرَ سَبَ ڪَلي، جَڻَ اَصلي ڪان اِهڙو هُيو.

سُرُ ڪنڀاتِ

عُمر مارئي

داستان پهريون

(١)

آيا ڪالهونَ ڪالَ، هَيَسِ مارَنِ ڳَڏَ مَلِيرَ ۾
سي ڏينهنَ وِيَڙا گذرِي، جَنُ منجهہ خوابَ خيالَ
بَرِينءِ ڪَنڌِيَ ٻِڪرا، جوڙِي وينا جالَ
جَنِ جِي ساهَ سَنڀالَ، سي اَجَ ڀَنوارَ بَرِي ٿيا

(٢)

هيءِ وَسَ چِڏيائون، هَنَ وَسَ وِيا واهٿين
ٻڪا پانورَ ڪَنڌيين، آٿي آڏيائون
ٻَٿي اوريان ٻڪرا، هَنَ ۾ِ هَنيائون
پانورَ سَنڌيُون ڪَنڌِيُون، وَڃِي واسِيائون
جَڏي مُلڪَ مَلِيرَ جو، وِيا ٿَريچا ٿائُونَ
وَڪَنڌ جَنِ آئون، سي اَجَ ڀَنوارَ ٻَرِي ٿيا

(ڪافي)

ٿلهہ: مَحَبَتَ عِشقَ مَولِيَ جي، گهٽا سي گهوٽ گهايا ها

١. هَزارين ساهَ ساجَنَ تان، گهورِيُون گهوري گهمايا ها
٢. وِرهہ جي واٽَ تي وِيرَنِ، ڪُلهَن ڪان ڪَنڌَ ڪَپايا ها
٣. ڪَنين سِرَ ساهَ ساجَنَ لَئي، مَٿي سُوريءِ سَنپايا ها
٤. ٿيو تَنِ ميهڻو موتَنُ، تَڪي ڪَنهن تاءَ تايا ها
٥. مَٿان ميخاني تي مَستَنِ، وَنيءِ جي وَٽ وِڌايا ها
٦. انهيءِ پِڙ پَهلوانَنِ، جوشئون جيرا جلايا ها
٧. ڪَنيا جي موج مَحَبَتَ جي، اُهي هَنَ سارَ آيا ها
٨. نسنگُ هَنَ نينهن جي ناتي، گهٽَنِ جا سِرَ گنوايا ها
٩. سَچَلَ اَجُ صدَقُ تَنِ تان، جَنين رَنگڙا رَچايا ها

(١٦)

مون جاليو سان جن، موٽي تن نه پڇيو
حال مِن جيون خبرون، پيون هوندِن ڪن
پکا پانور ڪنڌيين، توڙي هنيا تن
ڏيان ڏوراپا ڪن، جو سنگهار ٿي ساٿيه ٿيا

(١٧)

جي هوند اُنهيءَ جاءِ، هئن اباٺا اوڏڙا
ته جيڪس وس وڏا ڪرين، منهنجي ملڻ لاءِ
اُتين عتابُ نه آءِ، جو ڏوريءَ ٿر چڙهي ويا

(١٨)

جي اوڏا هوند هيام، ماروئڙا ملير ۾
ته پڻ پيغام فراق جا، مارُن ڏانهن مُڪام
پر پرين ٿر ٿيام، ناه عتابُ اُنهن تي

(١٩)

ڇا هون ڇڏيائون، نه ڄاڻان ملڪ ملير جو
پکا پانور ڪنڌيين، نيئي عمر اڏيائون
اٿئي پهر اباڻڪي، اُنهن ريءَ آئون
ڪو موٽي ڪائون، من مُاڻهو مُلڪ ملير جو

(٢٠)

ڪاٿي آءٌ هياس، ڪاٿي آيس سومرا
هُتان هلي هت، پُورن منجهه پياس
ميهٽي هاب ڪياس، وڇوڙي جي ڏينهڙي

داستان ٽيون

(١)

شال نه رهن ڏور، هئن اباڻا اوڏڙا
ميان تن ريءَ مور، مون هت جالڻ نه ٿيي

(٢)

شال نه وسارين، هئان ياد اُنهن کي
عُمَرَ، اباڻن جيون، ڳالهيون ٿيون ڳارين
ساه رڳون سارين، من پهچان پهنوارن کي

(٣)

ڏوٿي ڏورئون ڏور، عُمر اڄ مونکي ٿيا
سُمهڻ جاڳڻ سور، مون گذارڻ آيو

(٤)

جڏهن آءٌ ڄاياس، ڪَنهن وَٽي وِهُ جي نه ڏني
جڏهن ساماياس، تڏهن آيس اوراتن ۾

(٥)

هي سامائجڻ گهوريو، جنهن ٻت ڪيو بيرڪون
وڃي شل ويڙهيون، ڏسان ڏوٿيئڙن جيون

(٦)

ڏني ڏوٿيئڙن کي، ڏاڍا ڏينهن ٿيا
جالڻ جدائيءَ ۾، جيڪي پلڪَ پيا
سي وٺواند ويا، سارا سنگهارن ريءَ

(ڪافي)

ٿلهه : رُئان زارون زار، مان مارن کي ملان
٢. ڏيان ڏوراپا ڪنهن کي، پري ٿيم پهنوار
٣. وٺي ويڙا پاڻ سان، منهنجو ساهُ سَنگهار
٤. اهو اٿم آسرو، ايندم اجهڙوار
٥. ڪندا مُهڙ مليرَ ڏي، رڻ ڇڏي ريبار
٦. سو دم ڪوندر گذري، جو دم ڏٺيان ڏار
٧. وڃي ٻڌندس اُتهين، سَندي پيهن پُڪار
٧. رکي ويڙهيچا ويا، مونهين سر مينار
٨. پيڪن مون پهچائين، سومرا سردار
٩. روئي رت اکين جا، جهونا ٿيا جهالار
١٠. راتيان ڏينهان اوڏهين، سچل سار سنيار

داستان پيو

(١)

هي لوڀُون ڏِکي لوءِ، ڪَڏهن اِيندا ها آجِڙي
اَڄ پَکا هَٽِي پانوَرِين، عُـمَـر وِيـنـا اوءِ
تَنِ پَهَنوارَنِ پـوءِ، مـوٽـي اَچـڻ نَہ ٿِيـو

(٢)

جو هو ڏاڏاٺو ڏيهـه، مُونهان مُـورِ نَہ وِسَـري
ڏاتَرَ لَڳُ ڏيڪارِ سـو، سُومَرا سـاٿيـهـه
رِيءِ پَهَنوارَنِ پَرڏيهـه، مـاڳُ مِڙوئِي پـانِيـان

(٣)

ڏيهَ ڏاڏٺي، شَلَ سِگهي وَڃان سـومَرا
مُونکي مـارُوئڙَنَ ۾، جَڏِ عُمَر اَمـاٺـي
ڏِينهن گُذري ڏُکَ ۾، تـو ڇاٺِيندرَ ڇاٺي
ڏُکَنِ سَندِيُون ڳالهڙِيُون، اوريـان اَبـاٺـي
سـاڃَهـرِ سَنگهـارَنِ کي، اللهُ شَلَ آٺي
هَنَنِ رِيءِ هاٺي، گهـڙِي هِتِ نَہ گهـارِيان

(٤)

وَسَ نَہ وسـارِيامِ، سِرَها وَڻَ سـاٿيـهَ جا
پِيـا هيـڪَـڙِ ڏينهڙا، جي گَڏِجي گُزارِيامِ
يادِ ڪيون سي ڪيـترو، سـانگِي سَنيـارِيامِ
اوڏانـهَن اُڏارِيـامِ، ڪَلَ لَهَڻَ لـئـي ڪـانـگڙا

(٥)

جهڙِي هَيس مَليـــرَ ۾، هِتِ ٿِيـــان تهڙِي
پَرَ ڳالهِ ڪَرِيان ڪهڙِي، جو قابُو هَيَسِ ڪوٽَ ۾

(٦)

جيـــڪَسِ سَنگهـــارَنِ، اهو ڏيهَ وَٺِي وِيو
وَرِي هيـجَ وَرَنِ، جي سانگِيِنِ کو سانگُ پِيو

(٧)

جيـــڪَسِ سَنگهـــارَنِ، وَرِڻُ نَہ ٿِيـــو
عُـمَـرَ اَبـاٺَـنِ، وَطَـنُ سـو وَٺِـي وِيـو

(٨)

ڏِيـه اُتـي جا ڪي، اَڄُ اَچِي مُون يادِ پِيـــ
پَهُون پَهَنـوارَنِ جِيُون، صُبُحَ ويـلـي سـ
اُتِيـــا اَچِينِ اَبَ لـئـي، مَٺـي اَنـهـــ اُهي
جَرَ جا جهانگِي جي، تَنِ سانگِيـنِ کو سانگُ پِيو

(٩)

آرِيُون اَباٺَنِ رِيءِ، پِيـــو ڪَنـدو ڪيـــرُ
هِي جي ڳهـــ ڳِچِيءِ جا، ظالِمَ پـانِيـان زيرُ
سَنگهـارَنِ سـويرُ، مِلان شـالَ مَليـرَ ۾

(١٠)

هُتِ هُيَسِ ڪيـرَ مَليـرَ ۾، هِتِ ٿِي اَيَسِ ڪيـرَ
جيـڪَسِ پِيڙم پيـــرَ، فَقَطِ لَڳُ فِراقَ جي

(١١)

عُمَرَ اَبـاٺَـنِ ۾، لَـڏمِ لائُون لوئـڙِيـيـن
ڪهـ موتي مالِهڙِيين، هارَ گهورِيان هِنَ حالَ تئون

(١٢)

اَڄُ نَہ حـوضِين هـووءِ، مـارُو ڪِينَ مَليـرَ ۾
اِيندا هُٽـا آجِڙي، ڪَليُون ڪنيـــو ڪوءِ
جيـــڪَسِ اُهي پَرَ جوءِ، وِيا ويچارا واهِٽيـن

(١٣)

ٿي گَڏَ ڪَيمِ گُذرانَ، جَنِين جهانگيئڙَن سان
ڪـاٺـي اڄ اُهي ٿِيـا، سُـومَـرا مُڃاڻُ
ڪـاٺـي پيَسِ آهُ اَچِي، آهِ اِهـو اَرمـــانُ
حَيـرَتَ ۾ حَيـرانُ، عُـمَـرَ اِتـي اَهيـانُ

(١٤)

عـمـر اباٺي بار جي، فـاني ڪيس فـراق
ريجائن رهاڪ، تن تـر وجي ٿـاٺا ڪيـا

(١٥)

ويجهـائيءِ لئي وجهـلان، سندي اباٺن
اهي هميشه هٺن، جي سَڏَ لهن سڀ حال جي

داستان چوٿون

(١)

ڪيڏانهن آءُ رهياس، ڪيڏانهن اباڻا
هاٿي نه چاڙا، ته ڪا موٽي مُنديس مارئين

(٢)

اڃا نه آيا، سنگهارا سباڻيه جا
ڏيه جهجها لايا، وڃي پانور ڪنديين

(٣)

جيڪس نه آيا، سنگهارا سباڻيه تي
نه ته ڪيتن خابرو، تڏهڙئين هلايا
تن ڏينهن وڏا لايا، وڃي پانور ڪنديين

(٤)

ڪي ڏينهن هيس قرار، مارن ڪڏ ملير ۾
درد نه هو ڪو دل ڪيءَ، هيس مِٽن ۾ مختيار
ڙيءَ اباڻن آر، هاٿي ڪنديس ڪن سان

(٥)

جهانگيڙن لئي جيءُ، عمر آهه اُباڻڪو
نيئي ملائج مارئين، حال نه مٽي جو ٿيءُ
سانگيئڙن ۾ سيءُ، آه اڃا توٽي تنهنجو

(٦)

ويجها جڏهن هيام، مارونڙا ملير ۾
ڳجهي ڳالهه تڏهن، تن ڪنين ڪين وڏام
هاٿي ڪيئن ڪندام، تپرچا تر رهيا

(٧)

ٿيا پهنوار پري، ڏيان ڏورايا ڪنهن ڪي
وهندو شال وصال جو، ڪو ٻُڻ واءُ وري
نيئي ڪڏ ڪري، مون ڪي ماروئڙن سان

(٨)

مان اُنهن ڪي ساريان، هو پي سارين مون
جي راضي ٿئين تون، ته ملان ماروئڙن سان وڃي

(٩)

مان هت اباڻن ساريان، هُت اباڻا سارين
واٽان نهارين، منهنجي اچڻ سنديون

(١٠)

هير جن سان حال، سي اڄ سنگهاري سڄڪاڻ ٿيا
عمر، اُنهيءَ پار جي، اٿم سار سنيال
جو صبح اُتي ساجهري، مارو چيڙن مال
پيس پري پهنوارن ڪان، هي جي ٿيم حال
آهي انهيءَ ڪوٽ ۾، جيئڻ منجهه جنجال
سگهڙي وڃي شال، پيهان پڪي پهنوارن جي

(١١)

جن ڪڏ گذاريوم، سي چماندر سومرا
اچي پري پيس اُنهن ڪئون، مونجهه انهيءَ ماريوم
سارئو سنگهارن جي، ڳالهين هت ڳاريوم
هو مارو محرم حال جو، سو ٻڻ سنياريوم
ڏيه ڏاڏاڻو ڪڍهين، وار نه وساريوم
نِتَ نِتَ نهاريوم، پهنوارن جي پار ڏي

(١٢)

قرابتي ڪاٿي ٿيا، آءُ ڪٿي آئي
قسمت قيد ڪٿي ڪيو، آءُ ڪٿي چائي
آهي منهنجي روح ڪي، ريءَ مارن موڳائي
اٿئي پهر اُنهن جي، وات اٿم وائي
گهٽي مُدت مونجهه ۾، مون ٻڻ لنگهائي
من سگهڙي سنگهارُن جي، ڪل پوي ڪائي
ته ڪي آهن آرامي اُتهين، جهانگيڙا جائي
ڪي ويا مُلڪ ملير مان، ڪري آجائي
وڃي پانور ڪنديين، وينا وهٽائي
اُتي تازا توانا ٿيا، ڏٿ ڏئونرا ڪائي
ڪر سومرا سائي، جيئن ٿين آسودا آجڙي

(١٣)

ٿيان آسودي آجڙي، جيڏين سان جائي
تازي تواني ٿُرت ٿيان، ڏٿ ڏئونرا ڪائي
عمر آجائي، سکهي ڪجان سومرا

(٧)

هُت تــا لوءِ لِڃن، سُٽي ڳالهيــون سومــرا
پيــهي ڪيــئن نـہ پُڄن، جي هُتَن اباڻا اوڏڙا

(٨)

پاڙو پاڙي ســانُ، شــالَ هُئــان اباڻن جي
پکي تن جي پاڻ، آءٌ تان سُکيــو پــانيــان

(٩)

عُمَر رَبَ رکي، شل پردي ســانُ پناهہ ۾
مــئــان منجهـــ پکي، عُمَــر اباڻن جي

(١٠)

پردي منجهــ پناهہ، مــون کي رب رکــيج
اَکــنــدُ هــن ارواح، آهــي ابــاڻــن جي

(١١)

پَلَڪَ نـہ پاسي، شَلَ عُمـــرُ اباڻن کــــان
گَڏُ گــڏين ها سي، ســڏي سـرتين ســومــرا

(١٢)

وِجــنَ تـا مَ پـري، شــل ابـاڻـن اوڏي هُئــان
سُڌ لهنم سگهـــڙي، ذري منجهـــ ذري
اکــيــون آبَ پـري، ويجهـائيءَ لئي وِجهـلان

(١٣)

بيــوسي آهيــان، هن مــاڙن ۾ مــارو
وســاري ويهي رَهيـا، جڻ منجهانئن ناهيان
لالچ نـہ لاهيـــان، پـسڻ پهنوارن جي

(١٤)

مــوٽي شــال اچن، مــاروئڙا مليــر ۾
اچڻ سندي تن جي، ڪـر پوي مــون ڪن
تہ ســيــئي سک ٿــين، گــوندر وڃڻ گذري

(١٥)

ڪائي پلڪ پري، عُمــر اباڻون نـہ ٿــيــان
ذري منجهـــ ذري، هُئــا پڇندڙ حــال جا

(١٦)

ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هت مُنجان مــارئين
وســاري ويهي رهيــو، حــالَ ٻُڌي هيــئي
مڙي اچو مــون گــهرين، جهانگيئڙا جيئي
جي آهيــو اتيــئي، تا لهــو سُڌ سنگهــار جي

(١٧)

مــوٽي مــاروئڙن، سُڌ نہ لڌي سـاهہ جي
دل تــان لاهــي ڇو ڇڏيــو، اديــون ابــاڻــن
ڪنهن ڳڻ سنگهــارن، جيڪُس وِيس وســري

(١٨)

ڏسي ڪــيت ڪـٿي، ويا مــاروئڙا مليــر مــان
پکا پانـور ڪنڌيين، وينــا حــال هٽي
اڳي پهنوارن پاڻ ۾، ٿــي اها ڳالهـــ ڳٽي
رَتــي رهــڻ نــاهہ هــت، ڇاٽــي هــڪ ڏٽــي
جا عــادت ظلم زور جي، وئي همــيــر وٽي
رعــيت جي رنجائڻ جي، ٿــيس گــهُر گــهٽي
برســر هيءَ بٽي، سنگهــارن تي ســومــرا

(١٩)

الله اوري آڻ، مــــاروئــڙا مــليــــر جا
يا مون کي ڪڍي ڪوٽ مئون، نيئي ملڪ رساڻ
پـــچندي وجي پـــاڻ، پهـــان پهنوارن جي

(٢٠)

آڻ الله اوري، مــــاروئــڙا مــليـــر جا
مــــون کي آندو اوچتي، هت ظلم جي زوري
آءٌ تنهن گهڙيءَ تان گهوري، جيئن هيڪاندي هڪ ٿيان

(ڪافي)

ٿلهــ : رات مُــڪــم روئي، ســاري ســلام سنگهــارن کي
١. اکــيــون اباٽي پــار ڏي، بيــٺــيــون جُهــڙ جهــوئي
٢. ابــاڻــن جــي آســـري، ليــــڙون ٿــــيــم لــوئي
٣. ونــــڍن وريـــڻن پـــاڻ ۾، ڏوُنــــرن جـــي ڏوئــي
٤. لـکي ڪــاغـــــذ مــــــون وڏو، پـکي کي پــوئــي
٥. کـي ڏيـنـهـن ڊويم ڪــيــت ســـان،آب پـــري اوئي
٦. اوهــان ٻاجهــــون ڪــونـہ ڪــو، ڪــل لــهي ڪوئي
٧. مــــارو ملــنــدءِ مــــارئي، ســـچل کي ســوئي

(٢٥)

جهانگي جهڙ پياڪ، ناهن شربت هيروان
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون، پهنوارن پوشاڪ
لاهج لوئيسڙن تان الله لڳ اولاڪ
رکن هڏهين ڪا نہ ڪا، عمر ٻي املاڪ
ڪارڻ پرور پاڪ، مونکي ميڙيين ماروئين

(٢٦)

الله ابائڻ سان، مون کي گڏ ڪرين
جي ويا تر ڀرين، سي موٽي آڻ مليرِ ۾

(٢٧)

عمر ابائڻ ريءِ، آءٌ تہ ڪوجهي آهيان
هيءَ لوئي نہ لاهيان، جا آهہ نشاني اُن جي

(٢٨)

جا ابائڻ ڏني، سا لوئي هڏ نہ لاهيان
ڪنديس ڪين ڪني، وٺي ويدنيس ويڙهہ ڏي

(٢٩)

عمر ڏيهہ ابائي، مون چڱا ڏينهن گذاريا
هت اچي هائي، پيو هينئڙو هلاڪت ۾

(٣٠)

عمر ابائڻ، محل نہ ماڙيون مون ڏنا
لاسي ۽ لائڻ، هيون پيهيون پهنوارن جيون

(٣١)

عمر ابائون وڇڙي، ڪنهن اعراضي آنديا س
وڃي خوشيون ڪائينديا س، پڪا پيرون پنهنجا

داستان پنجون

(١)

منهنجي من ميان، ڳالهيون ماروئڙن جيون
ڏتَ ڏاڏائين ڏيهہ جو، ڪيتين گڏ ڪيان
ڪائي ساعت سومرا، جهانگين ريءِ نہ جيان
وڃي تر تيان، شل سنگت سنگهارن جي.

(٢)

ساريم سي سنگهار، جنمُ لنگهايم جن سان
اتي ويٺي گهمندي، تن تنين جي تار
ننڊن ۾ نهاريان، پکڙا ۽ پهنوار
سگهي لهندم سار، اچي آسروند جي

(٣)

اچ ساريم سنگهاري، جنمُ لنگهايم جن سان
هيءُ وڇوڙي تن جي، ميان هت ماري
عمر سيا مون سانگين، تي گڏجي گذاري
منهنجي يار پهنوار جي، آهہ تاڪون تياري
هاڻي لکي منجان مارئين، هيءُ حقيقت ساري
ڏينهن هيترا ڏوتيو، ڪيئن اوهان وساري
جيڪس ڏرئون هئي ڏاري، تيلهان ويڙو وسري

(٤)

اچ سنگهاري ساريا، مون مينهن وسندي سومرا
ڳوڙها ڳاٽائي بنا، هن هنجن مٺون هاريا
ياد ڪريندي تن کي، ٻارڻ جڻ ٻاريا
هت سچل سنپاريا، هُت سنپار سچل جي

(ڪافي)

ٿلهہ : مارو مونکي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي ميان
١. درد جنين جو دل کي، ڪرم سين اڪارين
٢. انئي پهر اوڏهين، تا نيڻ نهارين
٣. هردم طلب جيون تن اندر، تارون تنوارين
٤. سچل سارين جن کي، سي ٻي تو سارين

(۱۴)

ٻري ٿين نہ ٿڌ شال، هُن اوڏائي آڄڙي
اَٿي ويٺي تن جا، اٿم خواب خيال
سدا سانگيئڙن جي، اٿم ساهہ سنڀال
هِت مُون هيڙا حال، هُت عتاب اُنهن جا

(۱۵)

عُمر مُون ڏي آيا، اباڻئون عتاب
کيين محلين مارئي، ٿي قورما ڪباب
هت مُون اکيون پنهنجيُون، روئي جهليُون آب
جهوريس هن جواب، عُمر اباڻن جي

(۱٦)

نيئن ڪو نياپو، مُنهنجو مارُوئڙن ڏي
مون ڏي اوهان موڪليو، ڏيئي ڏوراپو
لوئي لاهي سِر ڪئي، سُون رُپي ڇاپو
مون ڪان وسري ڪين ويو، آهي پَر جَهنِ اهو جهاپو
ايندي سگهي ايڏهين، لاهي لاڳاپو
مولي ميلاپو، ڪندو سگهڙو سنگهارن سان

(۱۷)

پهنورن پيغام، اڄ ڏيئي مُڪا مون مَٽين
ڪڏهن آيا ڪين ڪي، تو ڏنهن هي سلام
ڪائين اِتي ڪير ٿي، طرحين طرحين طعام
پيرُون چُوندي پٽ جا، ٿي ڪڏهن لاڙيو لام
ڏسي عيش آرام، سي ويلان ويڙئي وسري

(۱۸)

آءُ پنڻ چا چوان، موٽي مارُوئڙن ڏي
هَئي هَئي هن حال جي، ناهي ڪَلَ اوهان
هت اُنهن ريءَ سومرا، نتُ نتُ سُور نوان
پکي شال پِهان، مان وڃي پهنوارن جي

(۱۹)

ڪٿي سانڍ ڪٿي، جا آندم مُلڪ ملير ڪان
سا اڄ توئي تا سر تئُون، لحظو ڪين لٿي
لوئي سندي لڄ ڪان، مان ڍِڪيان پٽ نٿي
هت سُورن آهہ سٿي، اَئين ٿيُون ڏورايا ڏيو

(۲۰)

ايڏاهين ايندياس، مهل موچاري سُومرا
لوئي اها لوءِ جي، ڇِن نہ ڇڏيندياس
تهباران ٿوٿي ٿيئي، مُور نہ مٽيندياس
آخر اچي ڏوٿين ڪي، آٿي اڏيندياس
مَنهيُون مَنهنِ سان سگهي، آٿي اڏيندياس
ڳالهيُون ڳڙهيندياس، سرتيَن سان سائيه ۾

(۲۱)

چِٽي مُڪائون، هيئن ڏاڏاٽي ڏيه ڏنهن
جيڪُس اهي تو هُيون، مَنَ جيون مُدعائون
تا وڃي پلنگين پٿرٽين، شل چڙهان آئون
تو پُنُ تيلهائون، هاٿي ويا ويڙهيچا وسري.

(۲۲)

چڱيءَ طرح چئي، ٿي مُنجان مارُوئڙن ڏي
سُکين سانگيئڙن کان، پري آءُ پئي
قسمت قيدَالماءِ جي، مون سان هيئن ڪئي
وسري ڪين وئي، سنگت سنگهارن جي

(۲۳)

مارُوئڙا ماندي، آءُ اوهان ريءَ آهيان
سُکيا اوهين سائيه ۾، مان هت باندي
قيل اوهان جي قال کان، ويل نہ هڪ واندي
هت قسمت قيدالماءِ جي، هيءَ اچانڪ آندي
چڱي ٿي چاندي، ايندِيس لوئي وٺي لوءِ ڏي

(۲۴)

هِيءَ اُميد نہ هُئي، مونکي مارُوئڙن ڏنهن
ڪونہ مُڪائون مون مٽين، پچڻ ڪاڻ پهي
ڏٺم هڏهين ڏيهہ ۾، نڪو ڳوٺ ڳهي
وائي وائيندي اها. سُٺيم اڄ صحيح
اتا مسينهن ملير ۾، ويڙا راڄ رهي
ڇڏي پانورُ ڪنڌي، آيا هيٺ لهي
جهُجهو جهانگين ڪي ٿيو، ڏينهان ڏٺُ ڏهي
ڳڏي پين پاڻ ۾، وڏي مهل مهي
ويندِيس ڪوڏ ڪهي، پکي پهنوارن جي

داستان ڇهون

(١)

ريگستاني راڄ ڏنهن، قاصد آيم ڪونَ
خيال نہ هيڏنهن هونَ، مارن مونکي مٺو ڪيو

(٢)

قاصد آيو ڪونہ ڪو، ڪونہ لکيائون خط
جيڪس هيس ڪين ڪي، ريگستاتن رتَ
پهنوارن پاهت، تيلهان مون سان نہ رکيو

(٣)

ريگستاني راڄ جي، آءُ ڳالهہ ڪريان ڪيهي
ڪن پچارون پاڻ ۾، سي واريءَ تي ويهي
تہ ايندي مارئي ماروئين. پکين شل پيهي
اُڪنڊ مون ميلاپ جي، آهہ جهانگين ڪي جيهي
منهنجي تن تيهي، آهہ سڪ سنگهارن جي

(٤)

ڪونہ وري آيو، ماٺهو مُلڪ ملير جو
ڪِين جيون ڏيئي خبرون، ساٿي سوايو
ڏورائي ڏوتين جي، مُئيءَ کي مُنجهايو
ميان، ماروئڙن جي. هت طعنن تپايو
ڪر سومرا سعيو، وران ويڙيچن ڏي

(٥)

قاصد اڄ ڪوئي، من اچي ماروئڙن ڏنهن
تا تنهن چوان حالڙو، سارو سيوئي
ايڏنهن آندي آهہ مون، لاڪيتي لوئي
واپس آئيان پاڻ سان، اتم عهد اهوئي
سرتين سان روئي، سڪون لاهينديس لوءِ ۾.

(٦)

قاصد آيو ڪونَ، ريگستاني راڄ ڏنهن
جو تو مونکي تار ڪيو، سومرا ۾ سون
لِيهہ پتو روح ڪي، هَت هئي هئي جيڪَس هون
ڇيهون هتي ڇون، تيان اهڙن عتابن سان

(٧)

ريگستانين رنگ، جي تونَ پسين سومرا
تہ ميان ماروئڙن تبُون، ظالم لاهين رنگ
جو تاڪون تنهنجي تاب ڪئون، جهانگي واسين جهنگ
ناميا هيءُ تون ننگ، نيئي رسائين راڄ ۾

(٨)

جي ريگستان رهيا، تن سختُ نہ وَنج سومرا
جو تاڪون تنهنجي تاب ڪان، حنن منجهہ ڇُپيا
سي ڪي پرينءَ وس وهيا، وس ڇائيتا واهٽين

(٩)

رُجون ريگستان، جت وطن ويڙيچن جو
راحم تي رکيج تون، تن ماروئڙن جو مان
جهونن جهانگيئڙن تي، ڪر عمر تون احسان
تہ سارو جڳ جهان، مر تعريفان تهجيون ڪري

(١٠)

هيءَ خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏنهن
تہ أنا مينهن ملير ۾، تيو پٽن ۾ پاڻي
گل ڦل گلزاريون تيا، رڻ سڀ ريجاڻي
تون پي صاحب سُڃاڻي، موڪل ڏينم مڙي مران

(١١)

وينا ڳالهيون ڪن، مارو مون ملير ۾
تہ اجهيا ايندي مارئي، وري هن وطن
ايڏي اُڪنڊ آہ اڄ، منهنجي جا پڻ جن
آءُ پڻ ساڻ أنهن، ڏک سُک گذاريان

(١٢)

اڄ پَڻ تيم أداس، منڙو ماروئڙن ڏي
راجا منهنجي روح ڪي، آهہ پهنوارن پياس
آءُ آهيان أنهن جي، لوئي جن لباسُ
موڪل ڏي ميان سومرا وڃان تنين پاس
خاوند لڳ خلاصُ، ڪٽي بندياڻي بند مان

(۵)
تي پڻ وسايام، ڪڏهن مارروئين مينهڙا
سي ڏينهن ڏاڏاڻي ڏيه جا، اڄ ياد عمر پيام
هٿ پهنوارن ريءُ پاڻ ڪي. ڪيها لقب لايام
هن لخطي لنگهايام، شال اهي اوسر ڏينهڙا
(۶)
اهي اوسر ڏينهڙا، هٿ جالڻ آيم جال
ڪتيرا خوش حال، هُت ميان هُئن مليرِ ۾.
(۷)
ساريم اڄ سنگهار، مينهن وسندي سومرا
جيڪي ڏينهن هٿاسي گڏ ۾، دم نہ ٿياسي ڌار
ڪاتي اڄ اسين ٿيا. ڪاتي اجڙوار
وڌو قسمت قيد الماءَ جي، پري ڪان پهنوار
تيلهان مون اڄ آيو. روئڻ زاروزار
پلپل هت پچار، هُت بہ سانگيئڙن جي
(۸)
ڪڏهن سانگين ساڻ، تي گڏ وسايم مينهڙا
اڄ قسمت قيد الماءَ جي. پيو هيءُ پرياڻ
هت ڪريان پُرزا پاڻ. پر تي لوئيءَ جي لڄ مران
(۹)
مينهن وسندي سومرا، اڄ پڻ پور پيا
پڪا پهنوارن جا. سي مون ياد ڪيا
ڏني گهٽا ڏينهڙا، مون تريچن ٿيا
وسري تا نہ ويا، ڪا ساعت منهنجي ساهہ ڪئون
(۱۰)
مينهن وسندي مون ڏٺا، هي پڪا پهنوارن
ڳاڙهيون اچيون لويون. ڪيا سهج سنگهارن
اهي عام خلق ڪان، تا گوشي گذارن
منهنجي اڄڻ سنديون. تا واتون تهارن
سانگيئڙا سائيه ۾، پيا نت نهارن سنبارن
هي ڳالهيون تيون ڳارن، مونکي مارروئڙن جيون
(۱۱)
مينهن وسندي ياد مون، اڄ مارروئڙا آيا
قيد الماءَ جا ڏينهڙا، سي مون لنگهايا
موٽي اڄڻ جا ٿيام، ڏي سنگهارن سعيا
اهي مولئي ملايا، جي بهنوار پري ٿيا
(۱۲)
مونکي رات رسيون، ڏيه ڏاڏاڻيون خبرانِ
تہ سائيه سپ سرهو ٿيو، وچون واهہ وسيون
اچي ياد الله تو، قوڪ قلار پسيون
ساول ڪائي سبزيون. ٿيون سجيه سسيون
ڳاڙهيون اچيون ڪاريون، لاهن غم گسيون
وڙهيون ڪس ڪسيون، پڻ آهن تار تريون
(۱۳)
مينهن وسندي مون، ويڙيچن ويندياس
لوئي ساڳي لوءِ جي. نال وٺي نيندياس
تريچن تينديساس. ڏک سک پائي سومرا
(۱۴)
ڪنوٺين ڪيا ڪيچ، اڄ ڏاڏاڻي ڏيه ڏي
ڪالهہ ڏٺا هيم آءٌ ۾، اَٽڪَ ءِ اٽيچ
الا مينهن مليرِ ۾، رڻ ٿيا سارائي ريچ
چانگن سان حيڙي ڪري، ڪن چنن ۾ چيچ
آءٌ پڻ پنيءَ پيچ، ملنديس مارروئڙن کي
(۱۵)
ابرَ ٿيا ۾ آءٌ، لڳو واءُ اويار جو
سچل چوي ٿيا سومرا، چڱا سانگين سَپ
پر چت اندر ۾ چپ، اٿن تنهنجي زور ظلم جا

(ڪافي)

ٿلهہ : وري آءٌ وطن، منهنجا ساريون نيڻ سڪن، موٽ سلامت سپرين
۱. اڪـزيون اوهيڙا ڪري، وات ڏسيو وجهلن
۲. پرين پرديسن لئي، جهوريءَ نيڻ جهچڻ
۳. عمر ابائي پار ڏي، وچون ٿيون چمڪن
۴. ميڙائي جا مينهڙا، ويجهو شال وسن
۵. الله آندا مون پرين، دارون دردمندن
۶. سچل سڪ سبيل ٿئي، پارون جا پرين

(ڪافي)

ٿلهه : آهي شال اچن، وو واقف هِن جي هُئا حال جا، جيڏيون
١. جيءُ وڏو جن جار ۾، آهي موٽي مانَ ملن
٢. پنڌ پراهين مئون پرين، سگها پوءِ ورنِ
٣. ساريو سنگهارن کي، پل پل پُور پونِ
۴. مانَ مُونکي سُپرين، چڱي نانوَ چون
۵. جيهو تيهو آهي، سچل سگ سندُن

داستان ستون

(١)

وروٺا ويڙيچن جا، آهي موتيين مالهڙيون
رس نه اچن رُوح کي، تالهه تالهڙيون
سنگهارن جيون سومرا، چڱيون چالڙيون
جو فجر ڦوڪي سنديون، ڪن دانهن حالڙيون
ورٿي لويون لاک جيُون، ہَنِ شالان شالڙيون
آئي ٻهرَ آهن اڪيون، منهنجيون عُمر آلڙيون
ڪامل ٿنهنجي ڪوٽ ۾، وجهان فلڪين فالڙيون
شال سٿندو سو ڏٿي، مون نڏر نالڙيون
وجي ڪجهمون ڳالهڙيون، ڪنديس سرتين سان سالهه ۾.

(٢)

ڄگر چارڙيُون، پيا ڪرڙيُون ڦوڳ ڦلاريا
سي سنگهاريُون سائيه ۾، وهن وارڙيُون
ٿامان ٿارڙيون، لاڙيون چنن لاڪڙان

(٣)

هت ڏساِن ڏوٽيئڙن جيُون، ويٺي واٽڙيون
هَت پون ڀهنوارن تي، مٿيون ماٽڙيون
ياد اُتي جيون مون پيُون، چوهون چاٽڙيون
توڙي چار ڪُنڊان لوئيءَ جيون، هت ڦاڪين ڦاٽڙون
مان پي وجان اوڏهين، جتي ڪِنوٽيون ڪاٽڙيون
مونکي لوهِن لاٽڙيون، تن لالن سنديون سومرا

(۴)

ٻور ٻچاٿونَ ٻير ڪن، ٻهون ٻيرڙيون
چاٿن چوندن سي چڙهيو، ڏيئي ڦيرڙيون
پانور ٻيرڙيون، ڪن تماشا ٿڪن جا

(۵)

هَٽ گهمن ڏوٿي ڏٿ لئي، ڪيون تولا ٿولڙئين
چاٿن لنبُ ائون مکٿي، جهلي جهولڙئين
پيهن ٻچائن مانيون، ڦوڪي ڦولڙئين
تون عُمر اولڙئين، ڪري هَت ڇڏيج مون

(٦)

هَت ريتِ ته اڏوہنڌ، ڪن لويون لاڪڙيون
مَشر مارونڙن جيون، سچيون ساڪڙيون
وٿين تورن ڪين ڪي، مکڻ ماکڙيون
اجان ڦَتن باکڙيون، ته ڪڙا آهن کوهه تي

(٧)

اجان ڪنون ڪِنوٽيون، ته سانگين ساهُ پوي
وسي تر تارڪن، نيون ۽ نوٽيون
جاتي هُئَنِ جُوٽيون، تاتي آجڙي آرام تيا

(٨)

اڄ جوڙي ويٺا جهنگ ۾، جهانگي جهوپڙيون
ڏي نه ڏُوٽيئڙن کي، لائق لوپڙيون
راجا روپڙيون، گهرين رکن ڪين کي

(١٣)

ڪَڍُ بنديائي بنِد مان، ڪر خاوند لڳُ خلاصُ
ويـڙيـچا وٽـراهـ ۾، وڻ وڻ وٽـڻ واسُ
ڀيچارن ۽ واهٽين، توکي ناهي قـيـاس
ڏمـيـر تو هراس انـئـي پهـر انهن کي

(١۴)

ڪري ياد قلب، تـو منهنجو مـاروئڙن کي
جوٽيان هيڪاندي تن سان، ٽيئي سائين ڏنهن سبب
ڪيڍ بنديائي بند مئون، تہ راضي ٿيئي رب
غازي راهہ غضب، ڪر مـهـر مـاروئڙن تي

(١۵)

ڪي ٻي خيال نہ هوم، هُيس مارن ساڻ ملير ۾
جان وڃوڙو سومرا، ڪئون ٽريچن ٿيوم
قـسـمتِ قـيـدالماءِ جي، ڏسي ڏور وڏوم
تڏهن وڏو قدر پيوم، هيءُ سچل هيڪاند جو

(١٦)

مُنجن هيئن چيُون، مونڏي ماروئن ساڻ ملير ۾
وڃي عُمر ساڻُ تو، ڳالهيون ڪانهن ڪيُون
سـي ٻَڻِ پـهـنـوارن ۾، پـڌر هـت پيُون
اهي پچارُون ٿنهنجيُون، ويڙيچـئـون نہ ويُون
ڪيـتـنَ هاڻ ڪنيُون، پکيُون مُلڪ ملير مئون

(١٧)

ڏنارن ڪـان ڏار، جي مـون ڏينهن گـذاريا
سي هُئا قـيامت جهڙا، ميان سومرا سردار
الله ڪري اوڏڙا، سـچل منَ سنگهـار
تہ ڪريُون ويهي ڳالهيُون، هِينڙي جِيُون هڪوار
پر پري ٿـيمُ پهنوار، ڏيان ڏوراپا ڪن کي

(١٨)

جيڪي هُت هُونديون، ساهيڙيون سائيهہ ۾
سي پيرُون چوندنِ پاڻ ۾، گڏ ڪيُون گونديُون
ساريُون مُون کي سُومرا، رات ڏيهان روئنديون
ڀيُون ٻي چا چونديُون، ايا عُمر الاجي آجڙيون

(١٩)

حـالُ وٺيءُ هي وجان، مـيـان مـاروئڙن ڏي
اٿم اُمـيـد اجان، ڪَنيِيُون ڪيندسِ ڪيت سين

(٢٠)

سنگهـارن جي سڪ، آهي منهنجي من
شل سگهوئي سـومـرا، ڏسـان ڏوٿـيـئـڙَنِ
راتيان ڏينهان ڪاڻ، ٿي جهجان جهانگيئڙنِ
پاٿهي پهنوارن، اڄ تا مُونکي ياد ڪيـو

(٢١)

مـاروئن جِيُون تارُون، تنوارَنِ مـون تنِ
باري ڏيانء بن، سـالو تنهنجا سـومـرا

(٢٢)

تـون ٻـي چايَن وارو، آءٌ ٻـي ڪـنـهـن چائـي
عُمـر اچائي ، تو نـاحقُ نيـاٽِيـن سـان ڪـٽـي

(٢٣)

همـيـر، ههـڙي حـال تي، چوندءُ چا تہ جهـان
نِيتَ بد نيـاٽيـن سـان، ڪمُ نہ خاصـو خانُ
نالائق نادانُ، سـڏينداء سڀ سـومـرا

(٢۴)

هِڪُ چوري ٻي زوري، شـاهن نـاهي شـانُ
راجا ٿي ٿُون رعـيت جو، ظـالم ڪرين زيان
چوندءُ چا تہ جهانُ، همـيـر، ههـڙي حـال تي

(٢۵)

ٿُون همـيـر هئيء آءٌ ٿـورياٺي آهيـان
جا لوئي آندم لوء ڏنهن، ويندس سـاڻ وٺي
ڪڏهن ٿـيندي ڪانہ ڪا، مـانهُون شـال مٿي
ڪتـابت قـولن جي، مُون ڏي پهنوارن پَٺي
ايندا مـارُو مُون ڪٽين، ويندم شـال وٺي
بنديخانو مٿيءَ کي، هو لـکيـو رات ڇٺي
سـانگِيَن ڪاڻ سٺي، مُون مـڙيائي سُومـرا

(ڪافي)

ٺلهه : لڄايان نه لوئي وو، عمر آنديءَ جا اوڏاهون
١. جي تا ملڪ ملير ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي وو
٢. سارو سنگهارن ڏي، حالُ مُنجان روئي وو
٣. وجهان ڀرندي ٻاھه ۾، شالون پٽ سيوئي وو
٤. ڪتي ڪنيم ڪيين جي، اَڏوهڻ ڏَ جا هوئي وو
٥. آنديم ڪٽي ڪوهَه تئون، آب پري اوئي وو
٦. پيئڻ ڪاڻ پهنوار جي، ڪلي مون تا ڊوئي وو
٧. اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪيڙي توئي وو
٨. مون سان مدد ني ڪندو، سچل صاحب سوئي وو

داستان اٺون

(١)

اڄ پڻ ٿيم اُداس، هي من مارُوئڙن ڏي
ڪر بندياڻي بند مٺون، خاوند لڳ خلاص
جو مَتِي ڪيت ڏنار ڪي، ڪا پلنگين ڏينديس ڀاس
ڪو وِجهه صاحب سومرا، اُنهن سان اخلاص
جو ويچارا واهٽين، تون ڪري ڏس قياس
زور تنين تا ناه ڪو، لوئي جن لباس
اٿئي پهر اُنهن ڪي، آهي هميرن هراسُ
تاڪون تنهنجي تاب ڪئون، سُهميون اٿن ساس
چاڙهيو لڱين ڪين تنين، ماسي قدر ماس
تعدي تنين تي ڪرين، جن توهٿون ٿبي مواسُ
ويڙيچا وٽراهه ۾، هَٽ وڻ وڻ وجهن واس
پاءِ پهنوارَ پياسُ، آهي راجا منهنجي روح ڪي

(٢)

هت ڏيهي ڏسان ڪونه ڪو، جو ڏيئي ڪيت خَبر
هيءَ قابو رهي ڪوٽ ۾، اُنهن زي عُمر
مليران محضر، ايندم آجائيءَ جا.

(٣)

ڪو جو وريو واءُ، اڄ پڻ ملڪ ملير ڏنهن
جڻ آيم اباڻاءُ، ماٺهو موٽائڻ جو

(٤)

رات وري آيا، مارُوئڙا ملير ۾
جو لڌم خواب خوشي مٺون، جڻ موليٌ ملايا
وري وسايا، پلي پاڻ پٽن جا

(٥)

موٽيا پار ملير، سانگيئڙا سانگ ڪري
جن جي سڪ سرين، سيئي عمر آيا

(٦)

جي ڏوٿي هيم ڏور، سي واليءَ ڪيم ويجهڙا
هُئي جا پورن پور، سا تا اڄ "مون تون" لنگهي

(٧)

لٿو ڦوڙائو، وريو ورق وصال جو
وري وطن آيا، ريگ لنگهي رائو
سچل چوي سائو، ٿيو موٽي ملڪ ملير جو

(٨)

جوڙي پکا جوءِ، اچي ويٺا آجڙي
سدا سنگهارن جي، ٿي مٿي حوضن هُوءِ
ٿيون گلزاريون گاهن جِيُون، ٻي خوبُ گُلي خوشبوءِ
نٿين رونق روءِ، ٿيو موٽي مُلڪُ ملير جو

(٩)

سدا هُئن سُکيا، مارُوئڙا ملير ۾
شل نه ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي

(١٠)

سدا سرها هُئن، مارُوئڙا ملير ۾
مٿي پهنوارن پونَ، مهر جا شِل مينهڙا

(١١)

ميان مارُوئڙن تي، مهران وسن مينهن
شل نه ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي

(۹)

هَٽ ڏين مـــــارو ڏاج ۾، ڄاڻي چارڙيون
پيـــون آهن سڀ ڪي، اهي ويڙهـــون وارڙيون
سي چونڊن پيـــون پره جو، نائي ڏارڙيون
وڃهن گـــونڊن سنديون، ڳچيءَ ڳارڙيون
پوءِ ڪنيون ڪارڙيون، وڃن لوئڙياريون لوءِ ڏي

(۱۰)

مون ڪان وسرن ڪين ڪي، اهي عُمر ويلڙيون
چاريم وڏي چاه مـئون، ٿي ڇيلا ڇيلڙيون
ٿي ڪِيڏيم ڪيلڙيون، سرتين سان سـٿيه ۾

(۱۱)

وَس اڏن ســـــومـــرا، چوڌاري چـئـــونرا
ن ۾ سانيي رکن سامهان، ڏٿ ڀهون ڏئونرا
ڏڳ رکي ڏئونرا، صـــبح ڪـــاڻن خوش ٿي

(۱۲)

ڪرين ڇو ڪِلان، ســانگيـئـڙن تي سومــرا
ســارهِ ســو تن تي، لاهه ٽوڪان آئون ٽهلان
هي جي موتن جيون مهلان، ٿي محلن منجهه ڳڏاريان

(۱۳)

لويون رنگارنگ، ڪن ساهيڙيون سائيه ۾
سي آنـــاوريون اڱڙيون، عُمــر ڀهرن انگ
تاڪون تنهنجي تاب ڪئون، جهانگي پينا جنگ
هِن ويچارا واهـئي، تـن ڪي وٹ نـ تـنـگِ
سي ڪيئن ڏين پير پلنگ، حال جنين جا ههڙا

(۱۴)

پٽي جيءُ جنجالَ ۾، ســـائيــهَ سنيـــاريون
وسرن اهي ڪين ڪي، جي مهلان موچاريون
پر قسمت قيد الماءَ جي، ڪيون هي ڪاريون
ڪاٹي اڄ آءُ تـــيس، ڪاٹي سنگهـــاريون
اوڏنهـــ نهـــاريون، وڃان ســا وهلور ٿي

(۱۵)

عُمـــر شـــال نـ لايان، لَقبَ لوئڙئيـــن!
پـــائـــي پين پــٽ ۾، آيـــون اوئـــڙئيـــن
ڏئونـرا ڏوئـڙئين، وندن ورهـائـن پـاڻ ۾.

(۱۶)

شـــال تـہ لقب ســـومـــرا، لوئڙيين لايان
پٽ مـــتي هيءِ لوئي، مـــور نـ مـــتـــايان
جا ڪـتي ڪيت ڏنار جي، پلي ســا پـانيـان
مـــري ملهـــايان، ســارو ملڪ مليـــر جو.

(۱۷)

عمـر اڃا ڪپڙا، ڪاٿيـاريون ڪن ڪيـئن
جهڙي آيسُ جيئن، شل تهڙي مارن ڏي وڃان

(۱۸)

ڪيئن ڪاٿياريون ڪن، ڪپڙا اڃا عُمر چام
تيـن ڀهنواريون پٽ ۾، ميـهـٽي ماب مدام
آهيان سومرا تو سام، تہ لوئيءَ جي لڄ رهي

(۱۹)

هن لوئيءَ جي لاڄ، شـال رهجي اڃي سُومـرا
تـہ مَر ٻڌي خوش ٿين، ريگســتـــاني راڄ
سا نـہ ڪائي ڪاڄ، جا قيد ڪئي تو ڪوٽ ۾.

(۲۰)

توڙي لوئي هٽ ڇجي، وڃي تهـبـاران ٿـيي
تہ بي پهنديس پهنوارن جي، عمـر پـاڻ پڇي
جهـانگين لئي جهـجي، مـان اڏ مُئي ٿي آهيـان

(۲۱)

توڙي هوءِ ڇني، تا بي لوءِ لوئيءَ ســان وڃان
اڃي عمـــر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪين ڪني
ســائيءَ ســانديم ســاهہ ســان، جا ڏاڏائن ڏني
اها نيندَيس پـاڻ پني، ميـنهن وسندي سومـر

(٦)

انيراءَ ٿي آچيا، هيرا موتي لعل
پيچل کين پرايو، زوري کيس زال
سسي لئي ڏياچ جي، صاحب سَلِيَسِ سَوال
وڃي وجهہ گرنار ۾، پيچل پائتال
پيا جواهر جال، جانب جهوليءَ تو وجهان

(٧)

جانب جهوليءَ تو وجهان، پيا جواهر جال
مٿي ڪاڻ ڏياچ جي، سڪندي تيڙم سال
بيحد بخشيانءِ بودلا، مايا مڏيون مال
ڪر پلائي پال، سَرڙي سِرُ ڏي ڏياچ جو

(٨)

پيجل تندوَن تِيڪَ مان، تهدل ڪيُون تيمارُ
اصل هُيو نہ اهڙو، مگڻو مگڻهارُ
لنگهو لائق هو مگر، لِڪَ ڪِيَس لاچارُ
هام هٽي هوشيارُ، هليو ساز سُرودَ سان

(٩)

هليو ساز سُرودَ سان، ڪري الله تومارُ
چوٽيءَ چاڙهي چنگ کي، تورئين تندُ تنوار
عرض ڪيائين آگيءَ کي، سوپ ڏئين ستار
ڏاتر مون ڏيکار، ڏولي راءِ ڏياچ جي

(١٠)

ڪُنگرا ڪوٽن جا، پريان ڏٺا پاٺ
سنجري سُرُودنِ سان، سالڪ ڪيا ساٺ
ٿيري سازن ٺاٺ، سوريائين سُر سورٺ ڪي.

(١١)

سوري سُر سورٺ ڪي، تندوَن ڪيائين تازيون
دائي داوَر ڪي ڪيُون، عجز مان آزيون
برهہ جيُون بازيوَن، ڪيڏڻ سان ڪناءِ مون

داستان ڀيو

(١)

ٻاهي ٺاٺ سرود جو، ڪنڏيين ويٺو ڪوٽ
تنواريائين تندڙي، اٿي پهر اوٽ
چارڻ جي چنگ جي، چڱي لڳي چوٽ
گهر ڪئي پوءِ گهوٽَ ڀني يان ڀوتار ڪان

(٢)

پهرائڻ لئي پاٺَ کي، گنير گهرايو
سالڪ سندي ساز کي، صاحب سَهرايو
لنگهي کي لاڳ ڏيو، فائق فرمايو
پاٺ وڃي پايو، پٽ پٽيهر بافتا

(٣)

ٻهڳڻ اڳيان ٻول هيءَ، پيجل ٻولايو
لنگهي لاڳ نہ لهڻا، نہ پٽ پنڻ آيو
سُنجهي ڪر سعيو، سِرَ جو سورٺ ۾ ور تون

(٤)

"سر جو سورٺ ۾ ور تون، سگهي ڪر سعيو
مگڻي مونڻ ميهڻو، جو داتا در آيو
ڪِشتي ڪٿو نہ وٺي، پِلَ وڪرُ ورهايو
ڪات ڪُلهين پايو، تہ ڪاملَ اچين قبولَ ۾

(٥)

سٺن هُن سائِلَ جي، ڪيو هاتڪ کي حيران
هيرا موتي موٽيا، دايو وٺي نہ دان
مگڻو مهمانُ، سدا سُوالي سِرَ جو

(ڪافي)

ٿلهہ : برهہ جي بازار، جيڪا ڏسڻ آئي
١. جيڪا جو ڏسندي تجلو تنهن جو، رهندي منجهہ خمار
٢. سودو جا ڪندي سِر جو، وِهندي ڪين قرار
٣. چوسول اندر سُرخي مائل، تيز گهمي تلوار
۴. جنهن ڪنهن ڏٺو چمڪو تنهن جو، سر ڏيندي سِرُ دارِ
۵. سچل سائين سير انهيءَ ۾، آهِ ڪُسڻ جي ڪارِ

(١٢)
سدا سي سائيه ۾، سکيا هُئن سنگهار
پکي منجهہ پهنوار، شل هُئن هميشه سرها
(١٣)
سائين سنگهارن جو، رکج پنَ پکي
کوئي تا نہ لکي، هُئن سدائين سرها
(١٤)
سنگهاري سائيه، شل هُئن سدائين سرها
وجن نہ پرڏيہ، خوش گذارن اِتهين
(١٥)
سائيه سنگهاري، سرها آهن سومرا
ويڙهيُون ۾ واري، محلا مارونڙن جا
(١٦)
جاتي واريَ ڏنوَ، تاتي اڏن پکڙا
پاڳين لتا پوَ، سدا رهن او سرها.
(١٧)
نوڙن ۾ نوندين، مارُو چارن مالڙا
گوڙين ۾ ڪوندين، سرها تين ساهہ ۾
(١٨)
جڏهن ڪنون ڪنوڻيون، وسي مينهن ملير تي
نونديُون ۾ نوڙيون، تا تا سوئن ٿاريون
(١٩)
پاڳين پوَ لتا، جي وينا پانورَ ڪنڌيين
اُنن مينهن متا، آجڙين عيدان ڪيُون
(٢٠)
وري وسايو مالڪ ملڪ ملير جو
سو اڳي کان اُجرو ٿيو، سائو سوائيو
آڳيءَ اڳهايو، سچل جو سُوال ڪيو

سُرُ سورٺ

راڳ ڏياچ

داستان پهريون

(١)
سخي سُرَ سورٺ ۾، سِر جي اچي صد
ٻي نہ منجهہ مُدعا، هُو سدا سُوالي سِرَ جو
(٢)
آهي سدائي سورٺ جي، سُرَ ۾ سِرَ جو سُوال
تندَ نہ تنواري هڏهين، مايا مڏيُون مال
وحدت جو وصالَ، سدا سورٺ سُرَ ۾
(٣)
سُرَ سنواريو سِرَ ڪي، سِرَ سنواريو سُر
جو آهي سورٺ ورَ، سو ڏيڻ ڪان ڪٿي رهي
(٤)
اصل انيراء جو، سورٺ ور سان وير
دغا رکي دل ۾، من ۾ رکيائين مير
ڪينو رکي ڪونہ ڪنهن ، گرناري گنير
غازي ناهي غيرَ، هر ڪنهن سان هڪ جهڙو
(٥)
انيراء کي آڻ ۾، ڏاتي ڪيو ڏياچ
تڏهن مرد متير سا ڪونسڻ جي ڪئي ڪاچ
جُنگ ڪئي پوءِ جاچ، پيچل هٿ پَرائڻ جي

(ڪافي)

ٿلهہ: سانگُ جَري سيئي آيا، ڏينهنَ لايا هُتا جن اوڏهين. الو
١. انهن ڪارڻ اوڏهين ميان، مون ٿي پنڌ پڇايا
٢. سانگي جي هُتا سانگ تي، والِيءَ پوءِ ورايا
٣. پرين هُتا پرديس تي، سي موليٰ مُحب ملايا
۴. قادر پنهنجي ڪرم سان، ويڙهيِ هن وسايا
۵. موليٰ پنهنجي مهر سان، ساڻ غريب گڏايا
٦. ٿون تہ هڪڙو ناهين، تا سچل سو سِڪايا

سُرُ پهاڙِي

روجهنِ سان رِهاڻ

داستان پهريون

(١)

يَلرَ پهاڙين پلٽيا، واحد ڪين وسَ
لنگهي ويون لَسَ، روجهڙيون ريجاڻن تي

(٢)

روجهڙيون ريجاڻن تي، لنگهي لس ويون
بوندون جت باران جيون، پهاڙن پيون
رڻ ۾ سي رهيون، جن پنڌُ نہ ڪيو پهاڙ جو

(٣)

روجهڙيون وٺي واٽ، هليون ترايُن تَلَ تي
گولاڙن جي گَسَ تان، چِٺن مِٺي مَاٽَ
لاهي اُڃ اَساٽَ، راهي ٿيون رِڻ راهہ ڏي

(۴)

راهي ٿيون رڻ راهہ ڏي، لاهي اوسٽ اُڃ
پهاڙيءَ مان پڄَ، روجهن ڪيا رڄَ تي

(۵)

راهي ٿيون رڻ راهہ ڏي، لاهي اُڃَ اَساٽَ
آچي وُٺن اوچتو، وڏ ڦڙو ۾ واٽ
رعدَ جي رڙين تي، ٿهي ڏنائون ٿاٽ
پڳيون منجهہ پهاٽ، لٽن سڪ سچل چوي

(٦)

وٺي واٽ پهاڙ جي، هليون منجهان هيج
رسي مٿي ريج، پانڌوڙين پيا ڪيا

(٧)

رڻ چڙهي روجهون ويون، ڏسي آوَسَرَ اولا
آئا مينهنَ مهر جا، مهر ڪئي مولا
روجهون ريجهيون ڏسي ڪري، ريجڪ رسيلا
واحد وسيلا، پٽن تي پڌرا ڪيا

(٨)

روجهن زاروزار، آيي رُنو رڻ ۾
رڙيون سٽي رکين جيون، سعيو ڪيو ستارَ
ساري ساز سَرود سان، سارنگ لڏن سار
روجهن سان رهاڻ لئي، ڪنوٽين ڪئي ڪيڪارَ
ٿهي هليون ٽيلن تي، سٽي گوڙ گجڪار
وسي وس وڏي ڪئي، وَسَڻَ جي وَسڪارَ
تانگهيون تاروتار ٿيون، ترايون تلهار
سگهي لڏن سار، سچي سِڪَ وارئين

(٩)

روجهڙيون رڻ ياد ڪري، آييون رت رُئن
هر ڪنهن ويل هُئن، اهڙن اوراتنِ ۾

(١٠)

روجهڙيون رِڻ ڦٽو ڪري، لاهِ لَهِي آيون
ٿين ٿار نہ ترايون، جو مُند نہ آئن مينهڙا

(ڪافي)

ٿلهہ : ساٿُ سلامت آيو، پکي پرينِ جو
١. ڏينهنَ فراق جا لنگهيا اسان ٿئون، موليٰ سو مُحب ملايو
٢. ميلاپي جي مهر پيئي تا، واليءَ ورقُ ورايو
٣. وڙ پنهنجي ڏي پاڻ ڏنائون، ويڙهو هيءُ يار وسايو
۴. ميرا لاهي اڇا ڪياسين، جو تن تا نينهن نيايو
۵. ڏيو مبارڪ سيئي سچل ڪي، سورن اڄ سِڏايو

(٦)

سدا سوالي سر جو، آ مڱڻو مهمانُ
مڱتي موٽائڻ جِو، شاهن ناهي شانُ
راجا پنهنجي روح ۾، آڻج نہ ارمان
مايا ڇاڻج ڇاڻ ۾، وهم سڀ گمانُ
گرناري گيانُ، مليو مڱڻهار کان

(٧)

مٽي ريءَ مڱتي، موڻ آ ميهڻو
لنگهي آ لهڻو، سچل سرُ سردار جو

(٨)

ڪوٽان جاجڪِ جان، ڪڏي مڱتي مُهڙ
گهر گهر ٻڏي گهوٽ جي، رودن سندي رڙ
لوڪن لڳي ٻڙ، ٻُڏي ٻيجل ٻوليون

(٩)

لوڪن لکَ نہ ڪائي، ڪير سالڪ ڪي سَمُجهن
راجا ڪي رمزن، چارڻ جي چريو ڪيو

(١٠)

ڳڙهہ اَندر ڳاتو، جاجڪ منجهان جوش
سٽي رڙ رودن جي، گرناري جي گوش
هاتڪ منجهان هوش، نپٽ ويو نڪري

(١١)

جاجڪ منجهان جوش، ڳڙه اندر ڳاتو
لنگهي جو لاتو، سو سُرَ نہ ڪنهن سهي ڪيو

(١٢)

نالي نانءَ ڏٺيءَ جي، سر جو وڏم سوالُ
هيرن هير نہ مڱتي، محڪم ڪر مثال
سچل سارو سال، هوندس سوالي سر جو

(١٣)

ٻان ويهي ٻنيءَ تو، تندڙي تنواري
ماري وري مڱتا، تو جندڙي جياري
گهرُ تہ ڏيانءَ ڏوليون، موتين مَهاري
پرهہ جو تو پريم جي، پڪڙي پياري
مافا وٽَ هي موتيين، جڙاءَ جواهري
سلطنت ساري، سالڪَ تو صدقي ڪريان

(١۴)

سالڪ سڀُ صدقو ڪري، راءِ مٿانِ تو راڄُ
لاهي ڇڏيان تو سندا، سمورا احتياج
چگيون ڏيانءَ چاشنيون، خاصا ڏيانءَ ڪاڄ
ڪامل! تنهنجا ڪاج، پل ۾ سڀ پورا ڪريان

(١۵)

آهيان سُوالي سر جو، گهوٽ نہ گهرجي راڄ
مڱڻو نا محتاج، مائڪ موتي مال جو

(١٦)

راڄ نہ گهرجي راءِ، ڪَير سر جو سوال
اهو هڪ حلال، ٻيا سڀ مون حرامُ ٿيا

(١٧)

سورٺ مٿان مڱتي، گهوران ٿي گهوري
رپا سون سبيل وٽَ، تارازيءَ توري
مٿو وڃُ نہ مڱتا، محبوبن موري
لائقَ نہ هڪ ٿوري، سورٺ تنهنجي سُپرين

(١٨)

چارڻ ويٺو چاهہ مان، چاڙهي چنگ چوري
سورٺ پنهنجو حال ٿي، عطائيءَ اوري
پاڻ نہ ڪري ماٺِ، ويٺو سازن ڪي سوري
ڪنڌ نہ وٺ ڪوري، ڏکيءَ جي ڏياچ جو

(١٩)

سالڪ ساز سُرود جي، سُر سان سُرَ ڪنيو
نيزي تي نيو، مٿو تنهن مهمير جو

(ڪافي)

ٿلهہ : احوال عشق لائي، "سر سرهہ" بلائي

١. سسي شيخ عطار جي، تو چوٽيون چلائي
٢. ڏنو تماشو تيغ جو، ڪوپن ڪنڌ ڪپائي
٣. دين ڪفر مان نڪري، تو انالحق الائي
۴. وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين سر ڪنوائي
۵. سچل ڪي تنهن صفت ۾، سائين مان سڏائي

(١٥)
روهن اندر روجهڙيون، ڪيون ڏڪيون ڏولاون
سچل سي ساون، سڪيو ڪيون سڪديس ۾

(١٦)
هيــيون لاهي هليون، روجهون رڻ چتاء
مهر مولىٰ جي تين، ائن مينهنَ متاء
پلر ساڻ پُر تي، پهاڙن جي پاء
ڏولائيء جا ڏينهڙا، لاتا پاڻ خداء
وري پنهنجي ديس ڏي، وريون جاء بجاء
واري وس وساء، ڪا رازق روجهڙين تي

(١٧)
جي ڦٽيون جي ڦوڙيون، ائي اچي گڏيون
آوسَر ڪيون هيَون، اوزنيون اوريون
لڪين ڪروڙيون، رڻ سيوئي روجهڙيون

(١٨)
ڦوڙائي جيون ڦٽيون ، ڦوڳيون تيون ڦولهين
آبر سندي آسري، تڪر تيون تولين
ڳوليو تيون ڳولين، ترايون تر پريون.

(١٩)
منڌائتا مونيا ، روجهون چون روئي
قسمت قيذ الماء ڪي ڪو نه جهلي ڪوئي
سائين سگهوئي، ڪندو وس ولهن تي

(٢٠)
منڌائتا مونيا، روئي چون روجهون
ڪمينيون ڪوجهون، قادر تنهنجيون آهيون

(٢١)
پانڌوڙيون پهاڙ جيون، رڻين ڪوهه رهن
لوچي سي لهن، جن سچو پڌو سندرو

(٢٢)
ماتر متاهان پنڌڙا، پانڌوڙيون پرنِ
سانگن متي سَرڙا، چريو سي چَرنِ
وري تيون ورن، سچل سي سائيه تي

(٢٣)
چڙي رڻ راهي تي، روهن متي روجهه
بيلي پيئي بوجهه، چرڻ جي تنهن چت ۾

(٢٤)
سچل رک سماء، تو ماٺهو روجهن سان گڏين
هائي صبر مَنجهيئي آهه، ڪمائي پوري ڪرءِ

(ڪافي)

ٿلهه : اجهي آيا ڪلي گڏياسي، جن جي ڪارڻ پانڌي پڇياسي.
١. فلق فراقي ڏينهنَ ڏهيلا، اهي سيئي وسري وياسي
٢. پاٺئون جاٺي سي پيهي آيا ، جن جي ڪارڻ چلا ڪيدياسي
٣. جيئن وٽي ڪين تيئن ڪرن سي، وس پرينِ جي وجي پياسي
٤. اسان پانيو تا آرام ٿيوسي، ناز نيٺن جي ناڳهه نياسي
٥. ويڙهي اسان جي سچل سي آيا، طرف جِهين جي قاصد ڪيدياسي

داستان پيو

(۱)

مَندين ميهن اُنانِ، روجهنِ رڻَ ڦَتو ڪيو
ڏولائيءَ جا ڏينهڙا، گهڻا گهر ڏنانِ
سچل تن ارمان، لحظي منجهه لهي ويو

(۲)

هينئڙو چڙي هُتِ، ٿيون روانيون روجهڙيون
ڏکيا اوسر ڏينهڙا، سچل گهارين هِتِ
انئي پُهَرَ چِتِ، وطن تن نه وسري

(۳)

مندين مينهن پيونِ، ترايون تار ٿيون
وڄڻ متين ماترين، تاکن تي ٿيونِ
وري کين ويون، سورڻ ريجاڻن جو

(۴)

رڻ چڙي روجهون، ڪا ڏسَ چتائي هليون
جيلهان مُند نه آئا مينهڙا، تيلهان ٿيون ڪوجهون
لکَنِ جيون لوجهون، جرين جالڻ هليون.

(۵)

ماتر مينهن پيان، روجهون موٽي آيون
اوسر سندا ڏينهڙا، وسري سڀ ويان
ٿاڻا ٿر ٿيان، ڦٽيون ڦوڙيون گڏيون

(٦)

جڏهن ٿيا ابر، تڏهن روجهن ڳاٽ متي ڪيا
مولي وچڙيون ميڙيون، اولانگي اوسَرَ
پهاڙيءَ جي پاند ۾، گڏجي ڪن گذر
ٿيون سچل سَرَ، ڏولي ڏکيا ڏينهڙا

(۷)

روجهڙين آئاءِ، لنگهيا اوسر ڏينهڙا
مولي آندا مهڙا، پنهنجي مهر متاءِ
جي هيون ويچاريون وچڙيون، هڪڙيون بين کاءِ
وين ڏول وڃاءِ، ائي اچي گڏيون.

(۸)

اسروندُ آهين ، روجهون راٺيون رڻَ ۾
ايپيون پيون اپ کي، واٺڙيون واجهائين
رڙيون ڪري رڻ ۾، ٿيون بوتدون برسائين
تنهن ڪنڌ ڪاهين، جنهن ڪنڌ وسن مينهڙا

(۹)

آيون وس چڙي، مندين انين ميهڙا
مولي سندي مهر چوان، جو وچڙيون گڏ گڏي
لٽيون لاهه لڏي، روجهون ريجاڻن تي

(۱۰)

رٺيون روجهون آيون، ساريو پنهنجو ديس
مندين انَنَ مينهڙا، وسري وين پرديس
جي ائي ريءَ اُديس، سي سچل سرهيون ساهه ۾

(۱۱)

رٺيون روجهون آيون، وين اوسر ڏيهه
پلئي پهاڙن جي، سارن ٿيون سائيهه
مندين ائن مينهه، ڪيائون رخ ريجاڻن تي

(۱۲)

اوسر ڏسي روجهون، رڻ چڙهي ويون
تن کي وڃي اتهين. پلڪان ڪي پيون
مندين ائن مينهڙا، ريجون سڀ رييون
ڍءَ واري ڍييون، ڍليون گاهه گلن تي

(۱۳)

رڻ چڙهي روجهون ويون، وري ڪَٺَ ڪري
پري آيون پيٽي تي، پهاڙون پري
سبز سيٽيون ساوڙيون ، هرڪا چاڪَ چَري
وين ڏولائي ڏينهڙا ، سين پل پري
سچل مون نه سري، روجهن جي رهاڻ ريءَ

(۱۴)

جي رڻ چڙهيون روجهڙيون، ڪيون ڏولاون ڏکيون
جبلن سندي جهولٽين، ٻرَ هيون ٻکيون
سچل ٿيون سُکيون، جو مندين ائن مينهڙا

(١)

جوڳي جال ڏٺام، پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي
هي ويهي وستين ۾ ويا، هو نہ لوڪ لڙيام
تنين ڪاڻ ٿيام، هٿي ههڙا حالڙا

(٢)

جوڳي جال ٻُجهن، پر ڪو نہ لڌو ڪو ڪاپڙي
تن ڳڻن پرين جيون ڳالهڙيون، ٿيون سچل ساه سُجهن
لوڪ نہ پي الجهن، ٻگر نالي ناٿ جي

(٣)

جوڳين اوري جوء، جي لوڪان لال لڪي ويا
لاهوتي لنگهي وجي، هُر ۾ پيسا هوء
راسخ روبروء، ناميا ٿيڙا ناٿ سان

(٤)

جوڳي آهن جال، پر لاهوتي لڌي ويا
هي مڻ مڻ ڪن مٿين سِهي، هو ڪڙا مٿي خيال
سي لانگوٽيا لال، پينر پاڳ مڙن مون

(٥)

لوڪين لاهوتي، ڪهين پر نہ پريا
سي پنهنجو رکي پور ويا، سالڪ ثابوتي
اهي آديء آڌوتي نانگا ويڙم نڪري

(٦)

ڪري لنگهيا لوڪ مان، لاهوتي لوڙا
گهوڙا ڙي گهوڙا، ڪري من مستانَ ويا

(٧)

لاهوتي هن لوء، آيل آهن اج پي
ووء ووء آڃا پوندي، پوربين جي پوء
تن ڪاپڙين ڪي ڪوء، سگر منجهہ سهي ڪري

(٨)

لاهوتيَ مان لوڪ، ٿورا گهٽا لنگهيا
سچل ساميئڙن تي، محبت وسي موڪ
سي زائر منجهان ذوق، ڪند ڏين تا ڪات تي.

(٩)

مٿي ڪات قدم، ڪاڪيون ڪاپڙين جو
سنسو ميٿي سروپ ۾، سچل ٿياسي سَم
سدا ساميئڙن جو، دمامين سان دمُ
آديسي عدمُ، ٿيا نالي آندر ناٿ جي

(١٠)

جوڳين هت جايون، پر هو هُن لوڪ لڪي ويا
تپش تيش تن ڪي، ويا لاهوتي لايون
ووء ووء هت وجهي ويا، ويراڳي وايون
آڌوتين آيون، خبرون ڪات ڪُسڻ جيون

(١١)

جوڳي جالون جال، پر لاهوتي لنگهي ويا
هو هلي ويڙا حال ۾، هي قابو مٿي قال
هٿي هٿي منهنجي حال، جو حال نہ پيو هٿ ۾

(١٢)

حوڳين آه نہ جنگ، آهن سلوڪي سڀ سان
جيجان هن جهان ۾، آهن طريلا تنگ
ڪنهن جي رتا رنگ، ماڻڪ منهن مشعلان

(١٣)

ويا هِتئون ويهي، اڃا ڪالهہ ڪالهوٽي ڪاپڙي
آيل آڌوتين جي، ڳالهہ ڪريان ڪيهي
سچل ساري سڪ مان، گاروڙي گيهي
پورب ۾ پيهي، واصل ٿيا وصال ڪي

(١٤)

هٿي هٿي ڪالهہ هتاء، اڃا لاهوتي لنگهي ويا
ڪو نہ وجڻ جو ڪو ڏٺائون، سچل ڪي سماء
تاڪو پوي پرياء، لاهوتين جو لوء مان

(١٥)

ويا لاهوتي لال، لوڙا ڪري لوء مان
ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، مگر منهن مشعال
هٿي هٿي ههڙي حال، ساريون سي سَڏ مران

سر جوڳُ

جوڳين جو جِنسار

داستان پهريون

(١)

گنگا کان گذرُ، آهہ کنکت ڪاپڙين جو
ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا، سدا تن سفرُ
هي نام مشرُ، انهن آڏوتين جو

(٢)

جوڳي آهن جي، گوش گنگا ڏي تن جو
هن ڪوڏيا ڪات جا، کنکت ڪاپڙي

(٣)

ڏوٽيءِ منجهہ ڏيان، آهي آڏوتين جو
گم تي گرگم گوڏڙيا، ڪن گروڙي گيان
اصل کان اشنان، گنگا جمنا تن جو

(۴)

پورب پنڌ نہ وچٿا، گرناري گمنامُ
ويچاري ٿي وات تي، کرن کين وسرامُ
سيني ۾ سنگرام سچا سنياسين جي

(۵)

پورب سندا پير، لاهوتي لٽي ويا
گرناري گنير، سچا گم گرگيات ۾

(٦)

پورب آهہ نہ پنڌ، ڪڏهن ڪاپڙين کي
واري ويراڳي ويا، ڪاتن متي کنڌ
هو سندن هنڌ، جو لَڙ گڏجي لعل تيا

(٧)

پورب پنڌ نہ آءِ، ڪڏهن ڪاپڙين کي
جت ماڻهن ميڙاکو ٿيئي، سا جوئي جاءِ
سچل سچ سواءِ، سودو ڪن نہ ڪو پيو.

(٨)

پورب رکي پير، ڪن پُجَ پراهين پنڌ جي
سچل وجي اُتهين ڪاپڙين ريءِ ڪير
جي وٽ ڦڪل نہ ڦير، ڪنڌ تنين جو ڪات تي

(٩)

پورب پنڌ نہ ڪن، ڪهين ويلي ڪاپڙي
سچل سدا سامهون، اڏي آڏو تن
سي وڃي ڪات ڏين، گردنون ڪنيو غار ۾

(١٠)

پورب پڇيائون پر پير رکيائون پرنان
اوريان پريان پنڌڙا، سي لس لنگهيائون
ائين اتيائون، تہ گر کي گڏيا گوڏڙيا

(١١)

پورب کان پري، نانگن نظر آهہ تا
نِگهہ وجهن ناٿ تي، پريون پير پري
منهنجون ذوق ذري، گر کي گڏيا گوڏڙيا

(١٢)

پورب پير ڏرن، ڪن وڃٽ پراهين پنڌ تي
قدم رکي ڪات تي، ڪنڌ قربان ڪرنِ
ڪوڏئون ڪاپڙين، سچل سر صدقي ڪيو

(ڪافي)

ٿلهہ : هئي هئي هن حال، وي، سگر ٿيس نہ ساميڙين جي
١. منهنجو آهيَ ڪم ڪاپڙين ۾، نا تہ جوڳي آهن جال
٢. ويم ويساهي نکري، اهي رات لانگوٽيا لال
٣. ڳوليان ڦوليان وانڙين تي، جي ڪهي ويم ڪال
۴. ڪات اتي ڪنڌ آڻ ڪپاوڻ، لاهي جيءُ جنجال
۵. منجهہ گودا وري من گڏجن، جن جا خواب خيال
٦. راتو ڏينهان آهي هوتن جي، سچل ساهہ سنيال

(٣٤)

مهادیو جن من ۾، پوڄارين تن پرڪ،
اٿئي پهر اندر ۾، لڪن لڪ الڪ
رکي ويا راز تي، ڪاپڙي ڪڪ
جهانَ ماري جڪ، هو پوڄا ۾ پُرُ ٿيا

(٣٥)

هرتالا نہ هير، سيمابي سرير ۾
سائڻ ٿي سهاڳ سان، ڪوري ڪڍج غير
سيميا سندو سير، هرڏاتيءَ مان هٿ ڪرين

(٣٦)

وٺي مت منات جي، لات جي لنوج لات
مڙهي ۽ مندر جي، موڪج سڀ مرجات
پائين سڀ پرجات، پوڄاري پُربندر جا

(٣٧)

پوڄاري پُربندر جا، پائين سڀ پرجات
جمق ڏيئي چقمق کي، ڪڍُ خامي خرابات
چارئي طرف چُور ڪري، دور ڪر درجات
توڙين لات منات، تہ پوڄاري پُرُ ٿيين.

(٣٨)

پاڻ پوڄاري پنهنجو، پنهنجو پوڄاري پاڻ
چاڻ انهيءَ جي چاڻ، چاڻ نہ چاڻي چاڻ کي

(٣٩)

ويهي بتڪدي ۾، بت کي ڪرن سجود
پيجي سڌ سلام جي، هيڪر ٿيا هنود
جاڻن جٿيئي سان، وانگاريائون وجود
ساجد ۽ مسجود، سچل هڪ هنگلاج ۾

سُرُ مالڪوس

مرغ نامون

داستان پهريون

(١)

لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهيو چوي
آندو اٿم پاڻ سان، نينهنَ پريو نامو
توڏي ساريو سڄڻان، ڪيم روانو
پڙهي پروانو، مونکي جلد جواب ڏي

(٢)

ڪانگل آيم اڄ پريان سندي پار ڏنهن
ڳالهيون ڪيائين سڄڻان، سي روح ٻڌي ڪيون رڄُ
پکيءَ ڪيو ناٻڄُ، ظاهر ڪيائين زبان سين

(٣)

ڏاهو اڄ ڏسو، جو ويڙهي ويڳاڻو وٺي
پورن منجهان پنهنجي، ٿو ڏيئي حال حصو
کو قربين قصو، تنهن سيڪاري موڪليو

(٤)

ڪيون وڪائيون وات، اڄ ڏاهي ڏار چڙهي ڪري
سٽڻ سان کي سرتين، لڳي چُپ چُپات
آتڻ واريون اٿهين، لوٽياٿيون سان لات
روئڻ ساري رات، هٿي هٿي سو ڪانگو ڪيون

(ڪافي)

ٿلهہ : جوڳي آهيان جوڳي ٿيندس، جوڳي جنگ جوان
١. نا مين مُلا نا مين پانڊڻ، نا مين ورق قرانُ
٢. نا مين پوٿي نا مين پوڙي، نا مين گيتا گيان
٣. نا مين اولهہ نا مين اوپر، نا مين زمين آسمان
٤. شهر سچل دا وچ درازين، نا مڪي نا مُلتانُ

(۱۶)

ڪوڙين قرباني، آءُ تان ڪاپڙين تان
ڏيئي ويا ڏيل کي، هئي هئي حيراني
ماريون مهماني، آءُ سر ڪندس صدقي

(۱۷)

ڪري لوڙا لنگهيا، هئي آڌوتي اڄ
مون ڪان امان پڄ، آءُ به ويندس تن سين

(۱۸)

جو پنڌ جوڳيئڙن، جو سو آڌوتن اجاءُ
گنگا ۽ گرنار ڏي، جوڳين پنڌ جڳاءُ
پنڌ انهيءَ ڪون پرناءِ، آڌوتين کي آءُ
تان تان تين نه جاءِ، جان جان ريجهن نه رام سين

(۱۹)

جاڏي پورب پنڌ، تاڏي آءُ نه وڃنو
هتي جڻ جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾

(۲۰)

وريو ويراڳي، گياني ڏنر گودڙيو
پليا ڏنر پير ۾، پوڳي ۽ پاڳي
طالب تياڳي، لڪن ۾ ڪو هڪڙو

(۲۱)

جوڳين جنائون، جوڙي جڙيون جان کي
چمتا پڌي چيله سان، ٽنبيون ٽيائون
جنجيرن سان جان تي، ڪشتا ڪڙيائون
گروڙي گائون، پورب پنڌ پڇي ويا

(۲۲)

جوڳي ياتون يات، ۾ منهنجو انگ آڌوتين سان
سفر ويا ساجهري، رهيا رڳي رات
طلب تنين جي تات، راتيان ڏينهان روح کي

(۲۳)

آهن اکيچار، انتر مک آڌوت جا
پورب سي نه پريا، نکي کن پرچار
الٿي پهنر آڇ ۾، رهن سي گر گار
سچل سنسڪار، سنسا تن وڃايا

(۲۴)

اڇا آڌوتي، آهن اکيچار
اوڏيا اهنڪار، پيچي جن پورا ڪيے

(۲۵)

ڪاپڙي ڪنقاز، آيل اڄ لنگهي ويے
مست ڪري ويا من کي، مُرلين سان مٽيار
تن جوڳيئڙن جي جاڙ، مون ڪان مُئي نه وسري

(۲۶)

ڪاپڙي قنديل، ڪنيو گهمن گودڙيا
چپٽ ڪري چهن ۾، وتن ڪاريهر قتيل
منڊن مرلين سان، آڌوتي اصيل
سچل سڪ سبيل، جيءُ ۾ جوڳيئڙن جي

(۲۷)

لاتي لاهوتين، ڏرم جي ڏوٽي
پنبه جي پوٽي، ساڙي سنياسي هليا

(۲۸)

جهوناڳڙهه جي جوءِ ۾، جوڳين جوڳ اجوڳ
پوڳن پوڳ ايوڳ، ڀاڻ وڃائي پنهنجو

(۲۹)

ڪاپڙي مون ڪالهه، اڄا ڏٺا ڏيهه ۾
هئي هئي منهنجي حال، جو سائن تيس نه سنگتي

(۳۰)

هوجي ڏٺا ڏيهن، ڪالهه اڄا مون ڪاپڙي
سي اڄ لنگهيا لوءِ مئون، دانهن چڙي ديهه
هاريون هوءِ هڏيهه، مونن ڪين مڪان تي

(۳۱)

ديوي رکي دل ۾، جنهن من ڪيو منڊر
اندر ٿي اندر، پوڄاري پڙ ٿيا

(۳۲)

منڊر ڪري منَ کي، پوڄاري پوڄاءِ
پار نه پيو پڄاءِ، پوڄاريا پرندو جا

(۳۳)

پوڄاري جي پارکو، مهاديو تن من
گنگا گهر رهن، پڌن ڏسن ڪين کي

(ڪافي)

ٿلهه: آءُ ڪانگا ڪا پرين جي ڳالهه ڪر
عدو ڪَيُئي ڪالهه سو برحال ڪر
١. ڪيئن ڏٺئو تو دوست منهنجو ديس ۾
خوش ڏٺو هيُئي يار ڪهڙي ويس ۾
ساخبر مون سان ساري في الحال ڪر
٢. ڪي پڇيائون خبر هن جي حال جي
ڪي ڪيُئي آگاهه هن احوال جي
سو مونسان ڏاها اهو احوال ڪر
٣. هت فراق آهي ماريو پيو مان ڇا چوان
سُور هن جي ساهه ڪي نت نت نوان
آءُ ادا خاطر منهنجي خوشحال ڪر
۴. ڪي اڏاڻو هئين پرين جي پار ڏي
ڪي نياپا هي نياهُيَنئي يار ڏي
ڪا مدد منهنجي ادا اَلحال ڪر
۵. دوست جي بہ حضور جي حاضر ٿئين
زاغ زاريءَ مئون اهي نياپا نئين
لڳ سائين ۽ سارو سچل جو سوال ڪر

داستان پيو

(١)

ڏار چڙهي داهي، ڪي جو چيو چهنب سان
اهو مون آهي، آڏر ڙي اراواح ڪي

(٢)

ڏاهو ڏار چڙهي لنوين تو لاتئون ڪري
ڪو نئون سبق پڙهي، اڄ پڻ آيو اوڏنهون

(٣)

ڏاهو متي ڏارَ، عجبُ اڄ لاتيون لنوي
تو سچلَ ڪري سنيارَ، پريان سندي پارَجي

(۴)

ڏاهو متي ڏار چڙهي ڪري، ڪي تو چنهب سان چوي
اديون سڀ اهي، آهيو ٻڌڻ واريون

(۵)

چهنب ساڻ چوي، ڪي پيو ڪانگل ڪاڪيون
پرڙن منجهه پوي، تو ستي ساهه سنيهڙو

(٦)

محبن ڏانهن مَسين، اڄ پڻ ڪانگل آيو
لاتيون واهه لسين، ڏاهو ڏار چڙهي چوي

(٧)

لاتيون ڪنديئي ڪانگو هيٺ ڪري پيو
هئي هئي سنديئي، ساٿيءَ ساهه متي ويو

(٨)

ڪهيو هيٺ ڪانگي، چيائين چهنب سان
سڄڻ ڪنهن سانگي، وري ايندءِ اتهين

(٩)

چهنب ساڻ چئي، ڪاجا ڪانگل ڳالهڙي
ساري آتن سان انهيءَ ڪهڙي ڏِس ڪئي
پورن منجهه پئي، سيڪنهن اٿ ڦٿو ڪيو

(١٠)

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لَتي لات
ڏک ڏنائين سڀ ڪي، وائي آٿي وات
پيون ۾ هيهات، آتڻ واريون اتهين

(٥)

گهٽا ڏينهن لڳاءِ، چاهون ڪانگل قريب جا
هي دم آڏو دوست جي، پلي ڪري پڳاءِ
تاڪي تنَ تپاءِ، تان ڀوريءَ ۾ جهجي مران

(٦)

وات ڪري وائي، اڄ پڻ ڪانگَ قريب جو
ڪي جو چيائين چهنبَ سان، تنهن لڄ وڏي لائي
اندر ڪي آئي، جَنُ جَرَ جيري سندي

(٧)

لنئي لام لتو، ڪي جو ڪانگ قريب جو
تنهن لاڪيٽي جي لات جو، پوي ڪين پتو
ڪاڪيون ڪيئن ڪتو، پرَ اڻَ سُوريتيون آهيو

(٨)

ڪيهي ڪمٺون ڪانگڙو، اڄ تو ويڙهي منجهه وتي
پسي تنهن جو حالڙو، ڪاڪيون ڪا مَ ڪتي
تنهن جي لات لتي، تو جيءَ ڪي جياپو ٿيي

(٩)

ااڄ لاتيون ڪانگ لتيون، سي ڪي سُٺو سرتيون
جو ڪَهڻَ سان ڪُهيو وجهي، ويڙهي منجهه وتيون
سنديون راز رُتيون، تو پڻ ڪري پڌريون

(١٠)

رويو رويو رتُ، تو پڪي پارانيا ڏيئي
تہ پيرين وجهانءِ گهنگهرو، سي چمڪائيندو وتُ
توڪي ڏاها ڏسُ، محب اڳيون پي مَتُ
ڪين جو وٺي خط، سگهڙو ساٿيئڙا ورين

(١١)

جوَ تو ڪانگ چوي، سو سُٺيجو سرتيون
وڏي ويل صبح جو، تو چڙهيو لام لنوي
الڪي ۾ نہ رهي، آتڻُ ڪٿو اِتهون

(١٢)

ڏاهو چڙهي ڏار تي، تو ڏيئي ڏوراپا
پڌرا ڪري پرين جا، هو نانڪَ نياپا
آٿيو اوراپا، ڳالهيون ڳوري ڪي چوي

(١٣)

ترُ نہ هڪ توڙي، اڄ لامين لاڪيٽو لنئي
ويٺو آهي وڳوڙجي، ڪنين ڪي ڪوڙي
ڳالهہ ڪرڻ ڪان ڪاڪيون، منهن گهٽو موڙي
پر پنهنجا توڙي، چڪيو ڏيئي چهنب سان

(١٤)

سٺيجو سوئي، جيڪو چوي ڪانگڙو
هينئين سان هنڊائجو، سرتيون سپوئي
ڪنڊيون ڪَندن سان وجهان، پڪيءَ ڪي پوئي
جانب ڏنهن جوئي، آٿي نياپا نينهنَ جا

(١٥)

آءَ ڪانگل ڪائين، تا توتي عطر اوتيان
اچڻ پاجهون اوهانجي، آپاٽڪ آئين
ڏاها گهٽا ڏينهڙا، متان تون لائين
پير اگڻ پائين، تہ منهنجو ساهُ سڌيرُ ٿيي

(١٦)

ڪانگل آير ڪال، وٺي سنيها سڄڻان
محبت ريءَ مقال، ڪانہ ڪيائين ڪڏهن

(١٧)

ڪي جو ڪانگ ڏسي، ڪالهہ اوڏنهن آيو
پيس هنيانءَ ڦسي، ڳالهيون ڪندي سڄڻان

(١٨)

مالهان موتين جيون وجهان، پڪيءَ ڪي پوئي
پيرين سونا گهنگهرو، تا ٿيي سوايو سوئي
سيندو سيڪوئي، مرَ تنهن جو نہ ٿيي

(١٩)

پڪيءَ سندا پر، ڪريان مرصع موتيين
جو آٿي عجيبن ڏنهن، ڏيئي خوب خبر
پينرَ ڙي مون پر، شال وٺو ڪري وايون

(٢٠)

سنيها جو سڄڻان، سي ساري ڏنائين
ايئن اُتائين، تہ پاڻُ نہ آڇ وڃ ۾

(٢١)

ادا ايندو ٿيءَ، وٺي سک سنيهڙا
جاءِ ٿي مون جيءَ، ڏاها جڏهن ڏسان تو

(ڪافي)

ٿلهہ : اوڏنهون آئين ڪانگل ادا، لنءُ تون چڱي اچ لات ڪا
ڪي هٿ هئي محبوب ڪي، مشتاق جي مصلات ڪا
١. هيڏي اچڻ جي ڪا هُين، ڏي تون مونکي تسلات ڪا
مون هن نماڻيءَ وٽ اهي رهندا اچي هت رات ڪا
٢. ہي تا هبوندي هيٺي، ظاهر نہ جهڙيم ذات ڪا
پيغام مون ڏنهن پرت جا، ساٿي آندو سوغات ڪا
٣. شب روز عاشق روئڻ ۾، چاٽن نہ هڏ ہي بات ڪا
جاني جدائيءَ جهڙي، آهي نہ ہي آفات ڪا
۴. هيڪند هئڻ جي هوت سان، سائين ڪندم ساعات ڪا
دلبر ٻاجهون هڪ دم سچل، بيهي اها برسات ڪا

داستان ٿيون

(١)

آءُ ڪانگا ڪارون، تو سان ڪيان ڪيتريون
جو پهچائين پيغام تو، پريان جي پارون
سچل سنيارون، تہ ڏاها ڏهاڙي ڏئين

(٢)

ڪارون ڪيئن نہ ڪريانس، جو تو ڏيئي سنيها سڄڻان
پوئي پر پکيءَ جا، سائڻ جواهر جڙيانس
موتين ۽ لعلن سان، پينرُ ڪنپ پريانس
پيرين دستَ ڌريانس، جو آہ نياپا ڏيندڙ نينهنَ جا

(٣)

پکي سوئي پر، تہ اڏري پار پرين جي
خوشي جي خبر، مان وٺي اچي اوڏنهن

(۴)

چڙهيو لام لنئي، اچُ تو ڪانگ قريب جو
سنيها جي سڄڻان، سي چهنب سان چئي
پورن منجهہ پئي، تہ ساهُ منهنجو سرتيون

(٥)

چڙهيو لنئي لام، تہ ٻوليون ٻاجهاريون ڪري
ڏيئي سنيها سڄڻان، ترَيو متي تام
ماريون ماري مام، تہ ڏي لڪائي لوڪ کان

(٦)

پريان جا پيغام، تہ ڏي مڙيئي مام ۾
سوين منجهن سلام، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏيئي

(٧)

چپيو رهي چانيين، تہ ڏيئي سنيها سڄڻان
آيل اولانيين، تہ ڳالهائي ڳجهہ ۾

(٨)

سگهو اُڏامي آءُ، پکيئڙا پرين جا
سڀ ڪنپ ڪريان تنهنجا، سائڻ جواهر جڙاءُ
عطر ڪٿوري اوتيان، پيا ماڻڪ تو متاءُ
ساري سنيهاءُ، ڪي آئي ڏج عجيب جا

(٩)

ماريون مام منجهي، ڪي تہ ٽريو ٽاري تي چوي
سڄڻ ڏانهن سنجهي، ڏاهو ڏڪجي آيو

(١٠)

آئي ڪانگ ڏنوس، ڪو جو عريضو عجيب جو
پينرا سڀ پنوس، ڳاڙيندي ڳوڙهن سين

(١١)

مون ڏي ڪالهہ مَڪو، دلبر دلاسن جو
سندو راز رقعو، سو پڻ واچيو وهسان

(١١)

وري ڪانگ وريو، پريان سندي پار ڏنهن
لامين لڳي لنوَ جو، تنهن ڏاڍو سُر پريو
ڪاڪيون ڪن ڪريو، تو ڏيئي سنيها سڄڻان

(١٢)

سنيها ساري، منهنجا چوي محب کي
پرين تنهنجي پار جي، محبت مون ماري
مَنجِ ڏهاڙي مون مٿين، اِهو ڏاها ڏياري
مَرُ سِگهڙو سنياري، ڏيئي سِڪَ سنيهڙا

(١٣)

ڏاهو چڙهي ڏار تي، ڪري هيءُ مذڪور
سنيهن ۾ سُور، چوي تو چُهنبَ سان

(١٤)

سٺو سنيها سرتيون، تو چڙهيو ڏار ڏئي
سارو ساهُ نئي، تو نازڪَ نياپن سان

(١٥)

ڏاهو ڏار مٿي چڙهيو، ڪري ٻره ٻيانَ
تڻ تي احسان، ڪري ڪلامن سان

(١٦)

ڏاهيون سڀ ڏسو، جو آيو ڪانگ قريب جو
جي جان جسو، نيو نياپن ساڻ تو

(١٧)

وتيو ۾ ويڙهي، تو ڪاريون ڪانگ وهائي
روح نئي ريڙهي، سڪنهن جو سرتيون

(١٨)

ويڙهي وتنديئي، ڪانگي قهرُ ڪمايو
ڪاڪيون ڪتينديئي، پيم پور پريان سندو

(١٩)

ريڙهيو روح نئي، پسو سڀ جو پاڻ ڏي
سنيها جي سڄڻان، سو چڙهيو ڏار ڏئي
آتڻ ۾ افسوس ٿيو، تنهنجي پيرُ پٽي
ڪتي سگهي ڪا نه ڪا، ڪٿون وهلور وهي
کهڙيءَ طرح ٿئي، وري سنياهو سرتيين

(٢٠)

ويس تندُ ڇڇي، پهو پٽ ڪين پيو
سٺي سنيها نينهن جا، پيئي جهوريءَ منجهه جهجي
انهيءَ يَت پڇي، پيس روئيندي ڪپڙا

(٢١)

صدقي ساهه ڪريان، هن ڪانگي تان ڪاڪيون
جي ڏي سُنيها سڄڻان، سي سانيي ساهه ڏريان
يلي پيم پريان، انهيءَ ويلي اوڏهين

(٢٢)

آئي ڪانگ ڏناس، ڪتابتَ قريب جي
پهو ڪري پٽ پيس، چوهون تند چُتياس
پيچون پيچ ٿياس، روئندي چولي چڪَ ۾

(٢٣)

هلي ڪانگي هڪ، ڪا جا ڪيس ڳالهڙي
پڌڻ سان روئي ڪري، چولي ڪيائين چڪ
تنهن سنيهي مان سک، پاڻهي ڪيائين پڌري

(٢٤)

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ٻولي هيءُ ٻولي
ٻُڌي روئي رت سين، چڪ ڪيم چولي
هينئڙي ۾ هولي، هاريون آتم هوتَ جي

(٢٥)

سڄڻ جا سنيهه، آئي تنهن آتڻ ڏنا
جڻ ڏنائين سين ڪي، جُريءَ پاجهون جيهه
ڏک پريائين ڏيهه، ماريون انهيءَ مارَ سان

(٢٦)

سٺو سنيهه سيي، اديون محبوبن جا
لکن منجهه لپي، ڪا سُورائتي سور سان

داستان چوٿون

(١)

چڙهيو سر ڇانيين ، لَتوين جي لاتيون ڪري
سنيها سڀ ساڻيين، جي تا مڪئي سڄڻان

(٢)

تڪيوتي تاريءَ، لَنوين جي لاتيون ڪري
ڏيئي سِان زاريءَ، ايي سنيها سڄڻان

(٣)

پارانيا پويون ، وجهي ڳچيءَ ڪانگ جي
ڪدي آب اکين مان، نينهين نچويون
لڙڪن سانِ لويون، تي هينين لائي هٿڙا

(٤)

اچ ڪانگ آيو، ماٺ ڪندي مونجهه مان
سو تان منهنجي ساهه ڪي، سرتيون سيبايو
هيڏي هلايو، اچ محبوبن مهر مان

(٥)

چڙهيو ڏار ڏيئي، سنيها جي سڄڻان
روڙي روح رڱن مان، ساڻ نياپن نيئي
جُسو جاءِ تيي، سٽي پارانيا پرِين جا

(٦)

ڪانگا! چيئو ڪيئن، سرها ڏنئي سپرين
حال اسان هت ههڙا، ڪي هُت پي هٺا هيئن
جها مَ ڏيئي جهڙجيئن تيئن تي اوت اکينِ جي

(٧)

ڏاها تيءَ نہ ڏور، ويهہ مونکي ٿي ويجهڙو
ڪر ڪالهوڪي ڳالهڙي، جا هُئن رات حضور
دوست اڳين دستور، ڪي تعظيمون توکي ڏنيون

(٨)

زاغ زبانئون ڪدي، اهائي وائي
پريان سندي پارِ جي، آ توکي واڌائي
پچي حقيقت حال جي ، هُت ساجن سپائي
تہ ڪي عاشق خوش اسان جو، ڪل ڏجاڻءِ ڪائي
مون سان بيحد پلائي، ڪيئي پرين پارون پنهنجي

(٩)

الله لڳ اُڏام، تون موٽي محبوبن ڏي
وجي ڏيج پرين ڪي، پاجيءَ جو پيغام
ڪري قدمن تي پئي، سوَ لکَ ڏج سلام
آهي اوهان لئي سُپرين، هت مڙوئي ماتام
وِڃڻ جو انجام، سگهو ڪر طرف سچل جي

(١٠)

نا تہ مري ويندو هيءُ، الله لڳ اچيج تون
تو تئون آهي هن جو، جاني صدقي جيءُ
راهہ فراقُ فقير ڪئون، والي ويجهو ٿيءُ
تون پڻ منهنجو ٿيءُ، جو آءُ نوڪر تنهنجي نانءَ جو

(١١)

پکي سوئي پر، اچ اُڏائو اوڏهين
رسيو وجي اُتهين، پانڌي منجهہ پهر
خاص وٺي خبر، موٽيو ماڳن پنهنجي

(١٢)

آڏو عجيبن جي، ڪيائين سڀ خبر
هُت عاشقن ڪي اوهان بنا، هينئڙي منجهہ حشر
ٿي اوتي اکڙين مان، باراني بحر
هاٿي ڏيو دِلاسو دلبر، متان عاشق هُت مري وڃي

(١٣)

ڏار چڙهيو ڏاهو، تو ڏيير دلاسا دل ڪي
صبحُ سانپاهو، اڱڻ آهہ عجيب جو

(١٤)

ليلائيندو آيو، پانڌي اچ پريانءِ
ورتُس درد ڏريانءِ، جو مَت وجائي آيو

(١٥)

نچوئيندي ننهن، تي پاٽي ڪدي پڌرو
وجهي ساٿي سنهن، تہ تون ڏيج سجدو سڄڻين

(١٢)

واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حال ڪٿون
نامي تهن نياس، پاڻ لکيو جو سڄڻين

(١٣)

ڪانگا ڪتابت، ساري ساڻيج ساهہ سين
اها امانت، پٿي ڪنهن عام نہ آڇئين

(١٤)

ڪستوري ۾ ڪنپ، لوبانءِ لاڪيٽا سيئي
ڳالهيون اوهانجون ٻڌي، چپرئون وهن چنپ
تون پڻ اُتي ٿنپ، ويهو تو وايون ڪرين

(١٥)

اڄ نہ اُنهيءَ ڏار، لامين لنوي ڪانگڙو
جيڪس پريان پار، ڏسندي سو ڏک پريو

(١٦)

زاغ نہ ٿي زبون وڃُ، اڏامي اوڏهين
نہ تہ خاصو منهنجو خون ڳچي پوندءِ ڪانگڙا

(١٧)

لِکو ۾ لامين، تو لاڪيٽو لاتيون ڪري
ٿهڪندو ٿامين، ڏي سنيها سڄڻان

(١٨)

چڙهيو مٿي چانپ، ائين چوي تو جيڏيون
سيني ۾ ڪج سانپ، ساري سنيهن جي

(١٩)

ساري ڳالهہ سچي، اچي ڪانگي ڪئي قريب جي
ريهي دل رچي، تنهن نانڪ نياپن سان

(٢٠)

آئي ڏنا ڪر، ساٿي يارَ سنيهڙا
منهنجي ياران پکيئڙا، وڃ دوسائي در
جو سِڪ آهي مون سِر، ميان محبوبن جي

(٢١)

ڏنا ڪر آئي، سدا سِڪ سنيهڙا
هينئڙو مون هائي، آهي سڄل سوداءِ ۾

(ڪافي-١)

ٿلهہ : اڄ اڳڻ اجهي آيم، پرديسي گڏيم ، ميان
١. پيهي پکي آيم، لنوَ جنين سان لايم
٢. ڪوڙين قاصد ڪيترا، هوتن پار هلايم
٣. پچيم جن لائي پنڌڙا، سي واليءَ پوءِ ورايم
٤. انهن ڪارڻ سرتيون سر تي سور سهايم
٥. سيئي سچل آيا، جن لئي ڪانگ اڏايم

(ڪافي-٢)

ٿلهہ : ڪانگي قريبن ڏنهن، خبر آندي وٺي وهلو وري
١. خط منجهارون معلوم ٿي، ساري خبر ڪِيَن جي ڪري
٢. دوست دلاسا لکيا تا، تو اسان ري ڪيئن سري
٣. آءُ تا گهٽو تو ساريان، ڳالهيون چوين کهڙيون چري
٤. سچل توسان آهي منهنجي، اها ذوق مان دل جي ذري

(٩)

حرف حلالُ هيڪڙو، ٻيا سڀ حرف حرام
عاشقن انجام، اهو آهه عجيب سان

(١٠)

اهو هڻ منهنجي يار جو، تون پنهنجو هڻ وڃاءِ
سهي نہ ڪرين سڏ ڪي، تون ڪن لائين پرلاءِ
ٻول نہ ٻي ڪنهن ٻُل، رمز دل سان لاءِ
ظاهر باطنُ آهي اهوئي، سچل ڪيمَ سڏاءِ

(١١)

پاڻ سڃاڻج پنهنجو، اٿي ڪُلِ اندر گوهر
ڦتو ڪر ٻيائيءَ جو، ڀُڄاري ڀوهر
جوت پريو جوهر، سچل پاڻهي پسينِ پارڪو

(١٢)

چڪو انهيءَ چاش جو، چڪي ٿيا چريا
چريو ڪريو لوڪُ چوي، آهن ڪين چريا
ياڳي سي پريا، سچل سڪ وارا ٿيا

(١٣)

جپ صاحب جو جَپُ، تاگر نٿي گُر مليئي
قربائتي ڪپ سان، ڪُلفت پيو ڪَپِ
راست توڙي چپ، سچل ساڳيو ستگرو

(١٤)

رام رحيم هيڪڙو، نہ راوڻ ۾ وري ڪير
ڪرشن ٿي چو ڪنس ڪان، وٺين ويٺو وير
پائي پريم پرهلاد سان، تون هرناڪش کي هير
سچل وير اوير، پنهنجو اٿي پاڻ ۾

(١٥)

ڳولها ڪرين جنهن جي، سو تون آهين پاڻ
پاڻ ڪنا پاسي ڪيو، توکي تنهنجيءَ ڄاڻ
پنهنجو پاڻُ سڃاڻ، تون تان ناهين آدمي

(١٦)

ڳولها ڪرين جنهن جي، سوئي تون سلطان
ٻيهي ٻس تون پاڻ، پنهنجو سرُ سڃاڻ
ناحق ٿئين نادان، ليئا وجهين لوڪَ ۾

(١٧)

مسجد ۽ محراب جي، ڪانهي ڄڻن ڄاڻ
پرين ٻيٺو پاڻ، ڪعبي ۾ ڪافرُ ٿي

(١٨)

مڪر سان ملڪ کي، لٽيرا لٽين
"و الله خير الما" ڪرين، سچل نا سمُجهين
ڪريو ٻيا ڪرين، انڪلون الله سان

(١٩)

پنهنجو اٿي پاڻ ۾، سچل وير اوير
سربري هي سير، سمجهين تا سِرَ ٿئين

(٢٠)

پائي جامو جميعت جو، آيو منجهہ جهان
جزي جاءِ هت ڪئي، ڏس فائق جو فرمان
جيڪي ڏسين ڏيهہ ۾، سو اٿي منجهہ انسان
نسورا نيشان، سچل سڀ سرير ۾

(٢١)

صورت سڀ انسان جي، اٿي عشق اصل
"خلق آدم علىٰ صوربه"، جزو جهڙو ڪُل
"الانسان سري وَ انا سره" سڄ سچل پيو سلُ
ٻول نہ ٻي تون ٻُل، هِتي هُتي هڪ آٿي

(٢٢)

ٻوتي وچ مٽيءَ جي يارو، سارو سمنڊ سمايو
چولين چرن واهڙن، لهرُن لعل لڪايو

(٢٣)

سڀ وسارئين ڳالهيون ڏسڻ سان، اديون ڏاڍو پور پرايو سي
ٻن وجهي ٻيون ڳالهڙيون اديون، ڳليءَ ڳليءَ يار ڳايو سي
اوّل وقت عجيب جي اديون، انهيءَ گهور گهاياسي
سچل سو مبارڪان اديون، چاهون سرتي چاياسي

(٢٤)

اصل ڪٿون منصور جو انهيءَ ڪاتيو ڪند ڪوري
نشي ۾ نوازُ ٿي گهوريون سرُ گهوري
جنهن ساقي سُرڪ پياري آ ڪيئن ٻچان تنهن جي ٿوري
ٻنهان ڪيائين پاڻ کي، چتَ سچل جو چوري

(١٦)

حبيبن هيڪار، آئين وري موٽي
ٻاپيهل ٻيهار، اچي ويهه اکين ۾.

(١٧)

پکيئڙا پوياڻ لڙهان موتين سنديون
آءُ آڏامي اوڏڙو، تا جهوليءَ ۾ جهوليانءِ
سيئي کنب ڪتوريءَ ۾. لاڪيٽا لويانءِ
سڄر ۾ سوياڻءِ، هڪ هڪ ڪري هٿن سين

(١٨)

سُهڻي سان صُورَتم مون ٻڻ ڏٺي پرين جي
سو اَچي اُنهيءَ ويلَ ويو، هَيڙو ۾ حيرت
سا چَوَڻ نہ تبي چئي مُون، هئي! هئي! حقيقتَ
آئون تا ڇا ٻيان ڪَيان، اڳي جي عِبرت
ساري جسم جانِ ڪي، ٿي نيئن ڏني نيئرت
تهن حامي حَضرتَ، دِل کي دلاسا ڏنا

(ڪافي)

سگهڙي پرين حي پارَ حي، ڪانگا! حبر ڪا مُون ڏئين
دوست جي ني ديس ڏي، ڪينءَ ڪالهہ تون اُڏري وئين
اَوَلِ اسان جي حال جا، نانڪُ اَدا نِياپا نئين
ساري سَنيها سوز جا، هئي! هئي سَيئي لائج هنئين
ماري مُون مُشتاق کي، ڪين يار! تون باقي تئين
پُورن منجهہ پَرديس ۾، ٻاجهون اوهان آهيو ائين
آءُ جي مُئي تا گهوريس، جاني! سدائين تُون جئين
سچل سِکي ساري توکي، تون ٻي تَهين سان هو اِيئن

ابيات متفرقہ

(١)

سيني ۾ صنمُ، سچل کي سدا
بُت جو بَتُ خُدا، پوڄاري پرکين

(٢)

سچل کي سدا، سيني ۾ صنم
ڪونهي ٻيو ڪم، پٿر جي پوڄا ٻنا

(٣)

پرين سندي جُوءِ جا، چمان پٿر مون
تهن ۾ ٻي آن تون، نظر ٿاهي ڪو ٻيو

(٤)

لڳا هٿ حجر کي، هيجون سندا هوت
مون ٻي تائين موت، پٿر تو چميو چمان

(٥)

حجر توکي هوت، چُميو پرين چاهہ مان
رازُ ڏنو هو ڪو تہ، تو ۾ سڄڻ سپرين

(٦)

ڪعبي ڏني پاڪ کي، پٿر تو پناهہ
هيجان توکي هر ڪو، چمي منجهان چاهہ
عاشق آيا تو اُتان، صدقو ڪرن ساهہ
امر سان الله، پٿر پوڄا مون ڪئي

(٧)

ڇا جو شڪ گمان، سيڪا صورت تنهنجي
متان ڪرين ارمان، ڀَلا انهيءَ ڳالهہ جو

(٨)

خانو هي خيالي، دل جي اندر دل جو
وارج وصالي، ورق وجودي وترا

(۱۲)

پاڻي موتيو پوئتي، ڏينهن سرءِ آيا
ڪانون آڪيرن مئون، ال تي اُڏايا
ڏينهن اُتي تو هيترا، ڪيئن لالن لايا
ڪر ساجن سعيا، ڪي اسان ڏنهن اچڻ جا

(۱۳)

چاٽيون تو چاٽي، ڪونهي حال حقير جو
تو ريءَ پيو ڪير هت سانول سڃاڻي
آءٌ هلي هاڻي پيون مندون موٽي آيون

(۱۴)

ساهيڙين مون ساءُ، ڪونہ اچي ارواح ڪي
دلبر هن جي دل ڪي، ڏنو سور سماءُ
تون اللهُ ڪارڻ آءُ، پيون مندون موٽي آيون

(۱۵)

گوندر گذاريان، هت اوهان ريءَ ڏينهڙا
ساعت ساعت سُپرين، تي توکي سنڀاريان
آءٌ ساجن تي ساريان، پيون مندون موٽي آيون

(۱۶)

متان وِڃُ وجهيج، مون هن نماڻيءَ ڪي
هيءَ حقيقت حال جي، سانول سڀ سڻيج
هاڻي الله لڳ اچيج، پيون مندون موٽي آيون

(۱۷)

تنهنجي هجر تاپُ، جڻ ڏنو آهي ڏيل ڪي
ڪر ميان ميلاپُ، پيون مندون موٽي آيون

(۱۸)

مونکي منجهايو، هٿي وڃوڙي توهانجي
ڪڏهن قاصدُ ڪونہ ڪو، ايڏاهون آيو
ڪر اچڻ جو سايو، پيون مندون موٽي آيون

(۱۹)

ونکي تنهنجي ڦوت، گهوري جيئو جهان ۾
ورن اوهانجي سُپرين، ڪيو متي تائين چوٽ
ين محب ڪر موٽ، پيون مندون موٽي آيون

(۲۰)

هت هميشه هُئن، سور اوهانجا ساهَ ڪي
تنهنجي ڪارڻ اڪيوَن، راتيان ڏينهان روئن
ساريون اوهان ڪي سُپرين. پور گهٽيرا پون
وري آءٌ وطون، پيون مندون موٽي آيون

(۲۱)

پرين تون پرديس، ڪيئن ڏينهن لائين تو هيترا
ڪيو ڪميٽيءَ ڪي هت، نينهن اوهانجي نيس
هاڻي دلبر اچج ديس، پيون مندون موٽي آيون

(۲۲)

تي سنڀاريان سير، تي جن ۾ گهمين سُپرين
ڏهاڙي ڏسڻ جي، هوئي هينئڙي هير
هاڻي آءٌ پرين وجهہ پير، پيون مندون موٽي آيون

(۲۳)

تنهنجي جاني جاءِ، ڏسيو ڏکن ۾ پوان
لايئي فلڪ فراق جي هينئڙي ڪي هاءِ هاءِ
هاڻي پير اڳڻ مون پاءِ، پيون مندون موٽي آيون

(۲۴)

پرين اهو پرڏيهہ، اوهان تئون گهوريو
سڪنهن ويلي سُپرين، تو ساريئي ساڻيهہ
جانب جُدائيءَ ڪئون، تو ڏکيو پانيان ڏيهہ
هاڻي آءٌ ويڙهي هن ويهہُ، پيون مندون موٽي آيون

(۲۵)

ڪيهي ڳالهہ چوان، آءٌ پُڻ پنهنجي حال جي
ائي پهرَ عليل ڪئون، تي پورن منجهہ پوان
ساريون توکي سُپرين، نِوَن سوَر نوان
جا پري پئي آهيان، هٿي اهئي ڪانءُ اوهان
ڪر هيڏي راهہ روان، پيون مندون موٽي آيون

(۲۶)

تنهنجي ساه سنيار، آهہ اوهانجي سُپرين
ويني واٽڙين تي، روئان زارون زار
ڏينهن قيامت پانيان، جو دم توکئون ڌار
هاڻي موڙي آءٌ مهار، پيون مندون موٽي آيون

(۲۵)

نہ بي ديني بندي ۾، نہ اِسم اسلامي
هندي، سنڌي ناهي، هو شاهُ نہ شامي
نہ ڪا حرڪت هُن ڪي، نڪي آهي آرامي
خواجہ خدامي، پنهنجي ڪري پاڻ تو

(۲٦)

مُلان تون محبت جو، چڪو ڪين چکين
ڪٽيو ڪارنهن ڪُنڊ ۾ مُنهن کي وينو مکين
سبق سورائن سکيو، سوجي تون سکين
تہ رحلَ سڀُ رکين، مُلان مسجد ڪنڊ ۾

سَرءُ نامون

(۱)

ايٺُ اُپريو اُپ ۾، ماهہ اَسو آيو
سَر پِي سنا ڪَيا، سانوڻِ سڌايو
رنگ تان ريجائن تي، لئي ڪنگو لايو
ڇينهري سان ڇرِ سو، چارو ڄمايو
سهسين سبزيوُن ساوليون، تلن تلايو
آکيري مان ڪانو، ال اڏايو
ڪانهن ڪڪوريا سرسري، ڪونجن ڪرڪايو
اوهان ٻاجهون سپرين، هت سورن سجهايو
هاڻي ساجن ڪر سايو، ميان ميلاپ جو

(۲)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، اَوتر لڳي واء
سَر موريا سائي سري، لعلُ ڪنگو لاء
هاڻ پير هيڏي ٻاء، جو مندون ٿيون ميلاپ جون

(۳)

سرءُ لڳي ساوڪ ٿي، هارين ٻڌا هَر
ڪوهون ڪونجان آيون، ڪيو ڇينهرو ڇَر
ديس اڇج دلبر، جو مندون ٿيون ميلاپ جون

(۴)

سرءُ لڳي ساول ٿي، پوء موتيو پاڻي
لاء ڪنگو سڀُ لعل ٿيا، ڄاڻيون تو ڄاڻي
آءُ دوست هلي هاڻي، جو مندون ٿيون ميلاپ جون

(۵)

ڪيا گپن مئون گس، پانڌيڙن پنڌن جا
سبزيون ٿيڙيون ساوليون، پيون ريجائيون رنگ رس
سرَ سُڪا ساوا ٿيا، ٿي ويڙهي ويڙهي وسَ
آءُ جاني، سِان جس، مُندون ٿيون ميلاپ جون

(٦)

سرءُ لڳي ساول ٿي، اڄ اُڏاٺان آلَ
مينهن وسي بس ڪئي، ڪيا تماشا تَل
سائيه آءُ سانول، جون مندون ٿيون ميلاپ جون

(۷)

ڪونہ ڏيئي ڪاءُ، ڏک تنهنجو ڏيل ڪي
ڪر ميان ميلاءُ، پيون مندون موٽي آيون

(۸)

تنهنجي طلب تمام، مونکي ڪيو سپرين
تنهن ڏينهن لاڪون نہ ڪيو، اکڙين آرام
ڪر اچڻ جو انجام، پيون مندون موٽي آيون

(۹)

سانوڻ تنهنجي سڌ، آءُ سڪائي آهيان
پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏ
اچي پکا اوڏا اڏ، جو مندون موٽي آيون

(۱۰)

عالم ڪان الي، مون ڳالهہ اهائي ڳجهہ جي
تنهنجي ڪنهن کي ڪين ڪي، سچل سک سکي
آءُ تون هت هلي، جو مندون موٽي آيون

(۱۱)

سک اوهان جي سر، ڪيو سانوڻ سانهہ کي
ٻاجهون تنهنجي سپرين، پيو اچي ڪونہ نظر
آءُ پرين ڪنهن پر، پيون مندون موٽي آيون

(۳۸)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، پيرين آيون پور
وسريا هڏ نہ مور، ڍولي اچڻ ڏينهڙا

(۳۹)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، پيرين ڪيا پور
ساريون توکي سپرين، هت پون ٿا پور
مونکي تا مذکور، هن ائئي پهرَ اوهانجا

(۴۰)

سانوڻ گذريو سرءُ ٿي، ساوا سَر ٿيا
ڪانون الَ اڏايا، سنٽا ڪانهن ڪٿيا
وسري سي نہ ويا، ڍولي اچڻ ڏينهڙا

(۴۱)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ڪرڪو ڪيو ڪونجن
وسري ڪين وجن، ڍوليي اچڻ ڏينهڙا

(۴۲)

ڪُسرَ اچ نسريا، ساوڪ ڪئي سَرن
سي ڪين وسرن، ڍوليي اچن ڏينهڙا

(۴۳)

سر موري ساوا ٿيا، ڪُسرَ نسريا
سي ڪين وسريا، ڍولي اچڻ ڏينهڙا

(۴۴)

سانوڻ اچ سِڏاء، جو لايان لالن ڏينهڙا
وجي وئندو وهندڙو، جل پنهنجي جاء
جانب ريءُ جيئڻ مون، عذابين آء
سرءُ لڳي ساول ٿي، مورن سَر سواء
سبزيون ٿيون مَرُ ساوڪيون، طرحين تونگ تلاء
جي سانگ ويا مون سپرين، ڪن موتڻ جي ڪاء
سچل ڪي هَئي هاء، جي پرين ٿيا پرديس تي

(۴۵)

سرءُ لڳي ساول ٿي، ٿيا تل ترائين
اڄ توڙيءَ تون سپرين، اجا نہ آئين
واليءَ لڳ وطون تي، ڪي واڳان ورائين
سچو سيبائين، شل هجين هميشہ هتهين

(۴۶)

سر موريا ساوا ٿيا، ۽ ڪڪوريا ڪانهن
سي چڱا ها ڏينهڙا، جن ۾ پرينِ ورائي پانهن
مون ليکي ٿيا مالهن، تا تہ ساعت هئي سان سڄڻان

(۴۷)

لئي سيڪا لعلَ تي، ساوا ٿيئڙا سَرَ
ڪانهن ڪڪوريا ڪيترا، هارين پڏا هَرَ
کو هڪ وار وِسر، ڍولي اچڻ ڏينهڙا

(۴۸)

رويو ڪي رهبر، ٿي پيءَ ڏنهن پارانيا ڏئي
سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ساوا ٿيئڙا سر
الن آکيرن مٿون، اڄ پڻ سوريا پر
ايت آيري آيو اوتيا واءُ اُتر
ڪونجان ڪوهون آيون، هارين پڏا هر
مون هن نمائيءَ جي، تون ڪانڌ لهج ڪر
جهوڪان جهوڪن پر، جوڙ تہ شال جڙيو رهين

(۴۹)

ساريون سنياريون، ٿي پارانيا ڏيئي پرين ڏي
تہ هوت سانوڻ لتو سرءُ ٿي، ٿيا گل گلزاريون
سٺي مونيج سپرين، اهي اسان جيون آزيون
هَئي فراق فقير کي، وجهي ٿو ماريون

(۲۷)

توکي ساري ساهَ، تو سدائين سپرين
ڏسڻ اکڙين آيو روز اوهانجو راهَمَ
آئي شال الله، پيون مندون موٽي آيون

(۲۸)

جاني يار جمالُ، مونهون مور نہ وسري
جو تاڪون آهي تنهنجو، مونکي خواب خيالُ
هاڻي وهندو ڪر وصالُ، پيون مندون موٽي آيون

(۲۹)

تو ساريڪا سپرين، جي ويا هئا تي وس
سي پڻ موٽي آيا، لوءِ پنهنجي لس
آءٌ تي بچان توهانجا، هت ڏهاڙي ڏس
هڪ وڇوڙي مون ماريو، ٻيا ٻي سور سهس
سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، تيا ريجائين رس
تو ريءِ ڪانهي چس، ڪا واڳ وراءِ وطون تي

(۳۰)

سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، هر ٻڌا هارين
ڪونجن ولر ڪيترا، تا پڻ تنوارن
سِري سر ساوا تيا، ڪيا گوشا گلزارن
ڪانوَ تہ آڪيرن مٿون، تا ال آڏارن
طرحين تونگين سبزيون، ٿيون جيءَ کي جيارن
دلبر توکي ديس ۾، تو سيگان سارن
هت تو ساريڪا سپرين، گڏ تا گذارن
جدائيءَ جا ڏينهڙا، ميان ريءَ مارن
ڳالهيون هي ڳارن، تون وري آءٌ وطون تي

(۳۱)

جي هيڪاندي ڏينهڙا، سي اچ ساريا ساهَ
سانگ وٺين تون سپرين جو هئين ويچاري جي واهَ
هاڻي سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، تيا گلزاريون گاهَ
جاري پانڌيڙن جي، تي ريجائن مٿون راهَ
بار سگها مَنجِ سلام کي، يا آءٌ تون لڳ الله

(۳۲)

جي هيڪاندي ڏينهڙا، اچ ساه منهنجي ساريا
سي اسان پرين پاڻ ۾، تي گڏجي گذاريا
پوءِ سانگ چڙهي ويا سپرين، ڳوڙها مون ڳاريا
شل واليءَ وهاريا، ورائي بي وطون ۾

(۳۳)

موت منهنجا سپرين، نيون مندون آيون
سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، تيا تل ترايون
هارن هر ڪڙا ڪيا، تنين پونيون پچايون
پاٽي موٽيو پوٽي، ڪيون لعل ڪنگو لايون
گذر چهر گلزار ڪيا، تيون سرسريون سايون
سيڪنهن پارين ساوڪيون ۽ سائيه سريون
ساريندي جا سپرين، آءٌ جوڙ جهوڪان جايون
تنهنجيون واليءَ واريون، واڳان شال وطون تي

(۳۴)

سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، ڪانهن ڪئي ڪڪور
تيون ساوڪيون سبزيون، لٽي هينڙي هور
ويا ڏيهہ مون ڏک ڏور، تون واڳ وراءِ وطون تي

(۳۵)

سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، تيا سَرَ سوايا
ڪانون آڪيرن مٿون، اچ آل آڏايا
ڏينهن ڏهيلا تو بنا، مون لالن لنگهايا
هاڻي ڪر ساجن سايا، ڪي اسان ڏي اچڻ جا

(۳۶)

سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، ساوڪ ڪئي سرن
ڪانون ال آڏايا، چينهر ڪيو چرن
طرحين تونگ ترائين، تيا تل تلاءُ ترن
ويا شال ورن، ڏور آيا جن ڏينهڙا

(۳۷)

سانوڻ لنگهيو سرءِ تي، پيرين پور ڪيا
تو ڏني مون سرين، گهٽا ڏينهن تيا
جاني جدائيءَ ۾ ڏاڍا بور بيا
پيا وطن وري آيا، جي پڻ سانگ ويا
جيڪس نيايا نہ نيا، منهنجا سائين تو مٿين

صوفي اصطلاح

(۵۰)

پارانيا ڏيئي، تو پار ڪيڻو پر ڏي منجي
هت سانوڻ لتو سرءِ تي، ويراني ويئي
سگهو موٽج سپرين، حال ڏسي هيئي
مولا شال ملائي، جيءَ گهريا جيئي
پيا پيي ويا ها سانگ تي، آيا اڳ اسيئي
ڏينهن گذاريم ڏک ۾، سان ڪشالي ڪيئي
پاهت مون پيئي، تو سان جانب تون جيئڻ

(۵۱)

پاڻي پريون پل، تي پرڏيهه پارانيا منجي
تہ سانوڻ گذريو سرءَ تي، هت جاءِ دردي جل
أيا آڪيرن مئون تي، أڏامڪال
طرحين پاسي تن جي، تيا تونگ ترائين تل
ساريندي جا سپرين تنهن ڪامل لهج ڪل
هو جي جهوڪون جهوڪن جهل،
سي جڙت شال جڙيو رهين

(۵۲)

جا پرينِ ريءَ پلڪ، تي جُدائيءَ ۾ گذري
سي جڻ مانهن لنگهي ويا، ڪئون فراق فلڪ
ٻي سپ ڪا پنهنجي جاءِ تي، خوشيءَ منجهہ خلق
هاڻي جاني يار جهلڪ، تون سگهو پساءِ پنهنجي

(۵۳)

سَر موريا سانوڻ لنگهيو، مند سرءُ آئي
تونگين طرحين ساوڪيون ٿئي، سري سائي
مدت توتا هيتري، ڪيئن لالن لائي
ڪانون آلَ أڏايا، جلَ لتي جائي
ساهَ ساري تو سپرين، ڪر اڄڻ جي ڪائي
ماري ٿي مشتاق کي، تنهنجي جاني جُدائي
سون من ماندائي، لاهہ تہ شال جڙيو رهين

(۵۴)

پارانيا ڏيئون، تي پار ڪيڻو پر ڏي منجي
هت سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ويرانيون ويئون
موٽ منهنجا پرين، يا نال وٺي نيئون
سي تان قيامت جهڙيون، پلڪان جي پيئون
پرين آئين پاڻ سان، گڏ تان گڏيئون
ڪي محب مجيئون، سچو ڏي دلداريون

(۵۵)

رويون رويون چوءِ، پارانيا پرين ڏي
تہ منهنجي محبوبن ڪي وڃي، ڪل ڏي هيءَ ڪوءِ
سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، پاڻي موٽيو پوءِ
سبزا ٿيا ءِ ساوليون، تي ڪتوريءَ خوشبوءِ
ساريون توکي سپرين، آهي هينئڙي هوءِ هوءِ
ويا ڏهيلا ڏينهڙا، آءَ لالن تونهين لوءِ
تو سنوان جي سانگ ويا، وري آيا اوءِ
هاڻي قادر شال ڪندوءِ، آئي گڏ غريب سان

صوفي اصطلاح

الف

آب حيات: ١- عشق ۽ محبت جو چشمو، جنهن شخص ان مان چکو چکيو سو ڪڏهن به فاني ۽ معدوم نہ ٿو ٿئي. ٢- دم جو حياتيءَ جو هڪ وسيلو آهي يا خود حياتي آهي.

اثبات: (ثابت) ١- عبادت جي حڪمن کي بجاءِ آڻڻ. ٢- حق کي ثابت ڪرڻ باقي باطل ڪرڻ. ٣- ملڻ جي چيزن کي ثابت ڪرڻ. اسلام جي ڪلمي جو ٻيو حصو (الا الله).

احد: (هڪڙو) اسم ذات، جنهن سان صفت جو واسطو ڪونهي. "الاحد المتوحد بالصفات" (احد صفات ۾ اڪيلو آهي).

آدم: (دم- سوانس) خدا ۽ روح عالم جو خليفو. جو ڪجهہ خدا تي اطلاق ڪرن ٿا ان جو اطلاق خدا جي خليفي تي بہ روا آهي. ٢- دم جي پيدائش ٣- دم جو پنلو. ۴-خيالي وجود. ۵- خيالي. ٦- خدا جي صورت. ٧- گندم گون. ٨- ساهہ دار.

نوٽ: گرچ ساهہ سيني جاندارن ۾ آهي، پر منجهن پاڻ سڃاڻڻ جي شڪتي ڪانهي، تنهن ڪري اهو نالو مٿن اچي نہ ٿو سگهي سواءِ انسان جي، جو منجهس اها طاقت آهي.

ادراڪ: صوفين جي نزديڪ ادارڪ جا ٻہ قسم آهن: ١- ادراڪ بسيط يعنيٰ حق جو وجود کي ڄاڻڻ؛ مگر انهي ادراڪ کان پڻ غفلت رهي ۽ انهيءَ ڳالهہ کان بہ غافل هجي تہ جو ڪجهہ ادراڪ ڪيو ويو آهي، اهو حق جو وجود آهي. ٢- اادراڪ مرڪب يعنيٰ حق جي وجود کي ڄاڻڻ؛ مگر انهيءَ ادراڪ جو شعور بہ رهي ۽ هي بہ معلوم ٿئي تہ جو ڪجهہ ادراڪ ٿيو آهي، اهو حق جو وجود آهي.

اعتڪاف: دنيا جي شغل کان دل کي خالي ڪرڻ.

افق اعليٰ: روح جو پويون مقام. واحديت، الوهيت جو مقام.

تجلي ذاتي: اها تجلي، جنهن جو مرڪز ذات آهي.

تجلي شهودي: اها تجلي، جا حق جي وجود جو ظهـور آهي، جنهن کي اسم انور چون ٿا.

تجلي ناري: شيطاني تجلي.

تجلي صفاتي: اها تجلي، جنهن جو مرڪز الاهي صفات ۾ ڪائي صفت هجي.

تجريد: ١- پنهنجي هستي صاف مٽائي ڇڏڻ. ٢- خلق کان الڳ رهائش.

تفريد: پنهنجي هستي دِل مان ڪڍي ڇـڏڻ. ٢- هر دم حق جي همراهي ڄاڻڻ. ٣- خلق کان يگانو رهڻ.

تفڪر: ١- دل جو چراغ. ٢- عبرت جو چراغ ۽ سمجهه جي ڪنجي. ٣- حقيقت ۽ طريقت جي ڪيتي.

تقليد: ١- ٻئي آدميءَ جي قول ۽ فعل کي حق سمجهي، ان جي پيروي ڪرڻ. ٢- ٻئي جي قول کي دليل بنا قبول ڪرڻ.

تلوين: ١- طالب جو پنهنجي حالت ۾ ڦير گهير ڪرڻ يعني ڪڏهن ڪجهه ڪڏهن ڪجهه ٿيڻ. اهو صوفين جي نزديڪ خطري کان خالي نه آهي. ٢- استقامت جي طريقي ۾ ڪوئي مقام ڳولهڻ. ٣- مشاهدي ۾ جيڪا هميشه طالب جي حالت ڦرندي گهرندي رهي ٿي، ان کي صوفي تلوين جون ٿا.

تمڪين: تلوين ۾ قائم ٿيڻ. جيسين طالب راهه ۾ آهي، تيسن صاحب تلوين آهي، ڇاڪاڻ جو هو هڪڙي حال کان ٻي حال طرف ۽ هڪڙي وصف کان ٻئي وصف طرف ترقي ڪرڻ وارو آهي. جڏهن واصل متصل ٿي وڃي ٿو، تڏهن کيس تمڪين جو صاحب چون ٿا.

توحيد: ١- هيڪڙائي. ٢- فرق ۽ جمع جي احديت.

توجه: ١- مرشد جي مريد جي دل ۾ همت پيدا ڪرڻ. ٢- مرشد جو باطني همت سان مريد جي دل کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ. ٣- مريد جي دل کي پنهنجي خيالي سيقل سان صاف ڪرڻ. ۴- مريد جي دل کي پنهنجي خيالي قوت سان روشن ڪرڻ.

الفق مبين: دل جو پويون مقام.

آفتاب: صوفي ڪلامن ۾ آفتاب جي پيٽ روح سان ڏين ٿا ۽ گهڻا الله جي نور کي آفتاب چون ٿا. نور محمدي کي مهتاب چون ٿا.

الله: خدا جو ذاتي نالو. باقي نالا اسماء حسنيٰ ۾ داخل آهن. انهن موجب نالو سڏيو وڃي ٿو. اهڙا ٩٩ نالا قرآن شريف ۾ داخل آهن.

ال -لا-هو (الله- نفي: هو اثبات).

انزعاج: اها منزل، جنهن ۾ سماع جي تاثير سان طالب کي وجد ۽ موج اچي.

انسان: (أنس: پيار) ١-محبت نسيان. ٢- پل. ٣- الاهي علم جو جامع.

اوليا: وليءَ جو جمع . خدا جا دوست. هن ۾ غوث، قطب، قلندر، سالڪ ۽ محبوب اچي وڃن ٿا.

ايمان: ١-صوفي ايمان علم بقا جي مرتبي کي چون ٿا. ٢- ڪي عشق کي ايمان چون ٿا. ٣- امان ۾ اچڻ. ۴- خدا تي يقين رکڻ. ۵- گناه جو پڇتاءُ، ايمان جي نشاني آهي. (ايمن - سلامت).

ب

بارق: روشني، جا الله جي طرف کان اچي ٿي پر جلدي وسامي وڃي ٿي.

باطل: ١- معدوم. ٢- ناچيز. ٣- خدا کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.

برزخ: ١- روح اعظم. ٢- عالم مثال. ٣- مرشد جي صورت.

بُعد: الله جي مرضيءَ جي مخالفت ڪرڻ کي صوفي بُعد چون ٿا.

بقا: ١- هر شيءِ ۾ الله جي قدرت کي ڏسڻ. ٢- هستيءَ جو قائم رهڻ.

پ

پير خرابات: مرشد ڪامل. سچو سَتگر.

پير مغان: مرشد، گرو. (پارسين جي پير يا گروءَ کي مغ يا مغان سڏيندا آهن.)

ت

تجلي: غيب جي نور کان جو ڪجهه دل تي کلي.

تجلي اعظم: ١- واجبي فيض. ٢- غيب جي حقيقت.

خيال: ١. عالم مثال يعني اهو عالم جو عالم ارواح ۽ اجسام (جسم) جي وچ ۾ برزخ آهي. ٢. خدا. ٣. آدم. ۴. عشق. ۵. لطيف بخار. ٦. ڪشش ازلي. ٧. اها چيز جا مڪان ۽ زمان جي پابند ناهي. ٨. مان، تون، هو.

دِل: ١. لطيفو روحاني. ٢. خيال. ٣. عشق. ۴. کبي پاسي هڪ صنوبري شڪل گوشت جو ٽڪر. ۵. ڪعبو (بيت الله). ٦. خطرن جو محل.

ذ

ذوق: الاهي تجلين جي شروع ٿيڻ واري منزل کي صوفي ذوق چون ٿا.

س

سالڪ: جنهن پنهنجي مقامات کي پنهنجي مال سان طئي ڪيو هجي. انهيءَ صورت ۾ ان جو حال ۽ مقام بغير علم جي هڪ ٿي ويندو.

سڪر: دل جي قوي خيال جي اچڻ سببان غفلت پيدا ٿيڻ.

سوا: الله جو خلق ۾ لڪڻ ۽ خلق جو الله ۾.

ش

شراب: ١. عشق الاهي. ٢. دم. ٣. معرفت جو نشو. ۴. تجلي. ۵. مستي.

شوق: ١. دل کي سندس خواهش کان جدائي محبوب جي لقاءَ طرف ڇڪڻ ٢. حق جي طرف ڪوشش.

ط

طالب: ١. اهو شخص، جو طبعي شهوتن ۽ نفساني لذتن کان لنگهي ويو هجي؛ ٢. خودي ۽ دوکي ۾ قائل نه هجي؛ ٣. ڪثرت کان وحدت ۽ وحدت کان ڪثرت طرف اچي وڃي؛ ۴. جنهن کي ٻنهي جهانن ۾ ٻيهڪ ناهي؛ ۵. جنهن کي ڪنهن به مقام ۾ قيام نه هجي.

طلب: ١. ياد حق. ٢. حق جو خيال.

ع

عارف: ١. گياني، حقيقت جو ڄاڻندڙ. ٢. اهو شخص، جو حال ۽ شهود جي طور تي ذات ۽ صفات جو مشاهدو ڪري. ٣. اهو شخص، جنهن کي الله پنهنجي ذات ۽ صفات سان بينا ڪري. انهيءَ کي هندو گيان يوگ جي منزل ڪري سڏيندا آهن.

ج

جبروت: ١. عالم درمياني. ٢. وحدت جو مرتبو. ٣. نسيان جو سير.

جلال: الله جي قهر جون صفتون.

جمع: رڳو الله جي خيال ۾ غرق رهڻ.

جمع الجمع: فنافي الله يعنيٰ الله جي ذات ۾ فاني ٿيڻ.

ح

حال: ارادي ۽ ڪشش کان سواءِ دل تي وارد ٿيڻ واري حالت.

حضور: ١. دل سان خلق جي خيال کان پاسي ٿي الله طرف رجوع ٿيڻ. ٢. وحدت جو مقام. ٣. الله جي اڳيان موجود.

حق: ١. سچ ٢. جاچيز الله جي طرفان بندي تي واجب آهي. ٣. جاچيز الله پنهنجي ذات تي واجب رکي آهي.

حق اليقين: طالب جو حق ۾ فاني ۽ باقي ٿيڻ.

حقيقت: سڀ ڪجهه الله جي طرف کان سمجهڻ.

خرابات: ١. مظهر جلالي (تجلي قهاري يعنيٰ حضرت موسي واري). ٢. مرشد جو آستانو، جنهن سان طالب پنهنجي پيشاني گسائي. ٣. مقام وحدت. ۴. خيالي مورتن کان خالي مقام. ۵. بيائيءَ کان ٻاهر مقام.

نوٽ: خرابات لامڪان جي گويا چوڪٽ آهي. اها انهن عاشقن جي منزل آهي، جي ٻنهي جهانن جي قيد کان آزاد آهن. اهي ڪنهن به خاص مقام ۾ نه ٿا رهن. اهڙن فقيرن کي رند ڪري سڏين ٿا.

خطره: ١ انديشو جو دل ۾ آهي. ٢. اها خواهش جا بندي کي چڪي ۽ بندو ان کي دفع ڪرڻ ۾ قادر نه هجي.

خفي: خاص لطيفو يا آستان يا سبار بدني، جنهن جي جاءِ پيشاني آهي (جتي شو مهراج جو ٽيون نيتر مجبو وجي ٿو.) هندو هن کي ترڪٽي چون ٿا.

خلق: اهو عالم جو مادهه وسيلي موجود هجي، مثلا انسان، حيوان، معدنيات، نباتات وغيره.

جو ڳولهيندڙ. ٥. موت ۽ زندگيءَ جو مالڪ. ٦. ف: فاقو، ق: قناعت، ي: يقين، ر: رياضت. ٧. سجو. ٨. جنهن وٽ هڪ ڏينهن جو توشو نہ هجي.

فڪر: ١. وحدانيت جي خيال ۾ غرق رهڻ. ٢. اونهو خيال. ٣. محويت. ٤. وحدت وجود مطلق جو سير. "ذڪرِ بي فڪر چُون شجرِ بي ثمر."

فنا: ١. فقير جي خاص خصلت. ٢. نور الاهي ۾ محو ٿيڻ. ٣. نابودي. ٤. باطن تي حق جي ظهور جو ايترو غلبو هجي، جو سواءِ الله جي ٻين ڪمن جو شعور نہ رهي. ٥. فنا ٿي فنا انهي کي چون ٿا جو انهيءَ بي شعوريءَ جو بہ شعور نہ رهي، پڻ فنا بہ خود فنا ۾ داخل رهي جيڪڏهن فنا جي صاحب کي سچ پچ فنا جو شعور هوندو تہ سمجهبو هو فنا نہ آهي. ٦. گمِ ٿيڻ. ٧. نيست ٿيڻ.

فيض: تجلي اعظم (مهاجوت).

ق

قبض: ١. خوف جو خيال اڳيان اچڻ. ٢. فقير جي دل جو ڪومائجڻ يعني صبر ۽ بندش ۾ اچي وڃڻ.

قلبُ: ١. روحاني لطيفو، جنهن جو تعلق دل سان آهي، جا بدن جي کٻي پاسي موجود آهي. حڪمت ۾ هن کي نفس ناطقہ يعني باطن ۽ نفس حيواني چون ٿا. بيت الله (الله جو گهر). ٣. خيال. ٤. اها چيز جا هڪ جاءِ ويهي نہ وٺي. ٥. هميشہ جاري رهي. ٦. خطرن جو محل.

ڪ

ڪشف: ١. جو ڪجهہ معاني غيبي ۽ امور حقيقي پردن ۾ لڪل آهي، ان مان واقف ٿيڻ. ٢. کولڻ. ڪشف ٽي آهن: ١. ڪشف القلوب (قلب جو کلڻ)؛ ٢. ڪشف القبور (قبر يعني دفن ٿيل چيزن جي خبر پوڻ) ۽ ٣. ڪشف العلوم (الاهي علم جو کلڻ).

ڪافر: ١. ذات جو لڪائيندڙ. ٢. ڪثرت جو وحدت ۾ لڪائيندڙ. ٣. حق جو لڪائيندڙ. ٤. ڌڻيءَ جي نعمتن جو ناشڪر.

نوٽ: عارف ڏنل ڳالهہ ڳالهائيندو ۽ عاقل ٻڌل.

عاشق: (ويراڳي) ١. اهو شخص جو عقل کان دورهجي. ٢. ننهن کان چوٽيءَ تائين بي خبر. ٣. معشوق جي مشاهدي ۾ غرق. ۴. جنهن کي باهہ لڳل هجي. ۵. مدهوش. ٦. مجنون ۽ بيقرار. ٧. ديدار ۾محو. ٨ . دنيا کان بيزار. ٩. سڪل (اهڙيءَ طرح جهڙي طرح وڻ ويڙهي وڻ کي سڪائي).

نوٽ: عارف محنت سان وڃي ٿو ۽ عاشق محبت سان. محنت ۽ محبت ٻنهي ۾ رڳو نون ۽ بي جو فرق آهي، نہ تہ حرف ساڳيا آهن. عارف جي نون وارو نقطو ناز وارو آهي جو مٿان آهي ۽ عاشق جي بي واري نقطي ۾ نياز آهي جو هيٺان آهي.

عرش: ١. اهو مڪان جتان قضا ۽ قدرت جا حڪم نازل ٿين ٿا، جتي نڪا صورت آهي ۽ نہ جسم. ٢ . دل. ٣ . خيال. ۴ . لطيفہ اخفيٰ.

عشق: ١. باهہ. ٢ . محبت جو آخرين درجو. ٣ . مستي ۽ مدهوشي. ۴ . ڪشش ازلي. ۵ . ڪمالات جي جميعت جو هڪ ذات ۾ جمع هجڻ ۽ هي حق کان سواءِ ٻي ۾ ڪين آهن. ٦ . ذات احديت مطلق. ٧ . رحمت الاهي. ٨ . حقيقي خيال ۽ محويت جو مڪان . مجازي معنيٰ- وڻ ويڙهي، جنون.

علم اليقين: جا ڳالهہ مشاهدي کان پيدا ٿئي، يعنيٰ ڏسڻ سان يقين ٿئي؛ انياءُ.

غ

غين: هڪڙو هلڪو پڙدو آهي، جو دل جي صفائيءَ بعد نوراني تجليءَ جي پيدا ٿيڻ ڪري دور ٿئي ٿو، تنهن کان پوءِ يقين قائم ٿئي ٿو.

ف

فاني: ١. اهو شخص، جو وحدت جي درياهہ ۾ غوطو هڻي ۽ بلڪل محو ٿي وڃي. ٢ . بي نام ۽ نشان ٿي وڃڻ. ٣ . هستيءَ جو اثر ناس ڪرڻ. ۴. شڪلين جي ڦير گهير يعنيٰ هڪ وجود جي شڪل بدلجي ٻي ٿيڻ يا هڪ شڪل جو ٻي ۾ پورو پورو لئي ٿي وڃڻ.

فقير: ١. "الفقر لايحتاج الاهوَ" (فقير اهو آهي جو الله جي ذات کان سواءِ ٻي جو محتاج نہ هجي.) ٢. نيستي جي درياهہ ۾ غرق. ٣. نفي جو مالڪ. ۴. حق

٧- ڀرڪٽي : پيشانيءَ جو آستان (جتي شِوَ مهراج جو ٽيون نيتر مڃيو وڃي ٿو.)
٨- دسودن دوار : چوٽيءَ جو آستان
٩- ڪي ڪيازُئي وارو آستان به ثابت رکن ٿا.

م

محو: ١. بندي جا افعال الله جي فعل ۾ فنا ٿيڻ. ٢- الله کان سواءِ ٻي هر چيز جي بيخبري.

مريد: اهو شخص جو ايرادي کان خالي هجي. ٢- خدا جي ايرادي تي هلندڙ. ٣- پنهنجو ايرادو الله جي ايرادي ۾ فنا ڪرڻ وارو. ٤ .جو سچي ايرادي سان الله سان واصل ٿيڻ جي غرض سان ڪنهن واصل بالله فقير جي رهنمائي هيٺ اچي.

نوٽ: شاگرد استاد کان سوال ڪري سگهي ٿو مگر مريد کي مرشد سان سوال جواب ڪرڻ جو حق ڪونهي.

مرشد: ١- گمراهيءَ کان ڪيندڙ. ٢- الله ۽ بندي جي وچ ۾ وسيلو. ٣- حق جي راهه ڏيکاريندڙ. ٤. الله جي صورت. ٥. مجازي خدا. ٦. حڪم ڪندڙ. ٧. مسجود لهو.

مراقبه: ١. بندي جو هميشه هن ڳالهه کي ڄاڻڻ ته الله هر دم منهنجي حال کان واقف آهي. ٢- دل کي خدا جي حضوريءَ ۾ حاضر رکڻ. ٣- صفات کي ترڪ ڪري ذات ڏانهن رجوع ٿيڻ.

مسافر: اهو آدمي، جنهن پنهنجي فقر جي وسيلي سان عقل ۽ اعتبار کي طي ڪري دنيا جي ڪناري کان آخرت جي ڪناري تائين عبور ڪيو هجي.

مشاهدو: ١- چيزن جو توحيد جي دلائل سان ڏسڻ. ٢- درشن ۽ ديدار جو اهو طريقو، جنهن ۾ شڪ باقي نه رهي.

مڪاشفه: ١. جنهن چيز جي جا حالت هجي، ان کي انهيءَ حالت ۾ سمجهڻ. ٢- راز جو کلي پوڻ. ٣- ناسوت، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جي ظاهر ٿيڻ کي مڪاشفه چون ٿا.

ڪل: ١- واحد مطلق. ٢- سڀني اسمن جو جامع. ٣- اسم اعظم. ۴- وحدت جو درياه. ۵- برهم. ٦- حق. ٧- دم. ٨ - زيست (حيات). ٩ - مطلق نور يا مطلق هستي.

ل

لاهوت: ١- اها جاءِ جتي خواهش نفساني نہ ٿي رهي. ٢- خدا جي ملاقات. ٣- صورت جو بدلجڻ. ۴- عالم ارواح ۾ پهچڻ جو طريقو. ۵- وجود جي فنائي.

نوٽ: جو شخص پنهنجي خواهش نفساني کان مري ٿو، اهو الله جي خواهش سان جيئرو رهي ٿو.

لطائف سته: انسان جي وجود ۾ جيڪي ڇهہ لطيفا آهن، جن کي ڇهہ آستان ب... چون ٿا، انهن کي لطائف چوندا آهن. هندن جي ٻيڪن ۾ اهي نو آستان آهن. انهن... جي پيٽ ٻاهرين سيارن يا گرهن سان ڏين ٿا. پيرِ طريقت جي قول موجب، انهن... لطيفن جا انسان ۾ هيٺيان محل مقرر ٿيل آهن.

١- لطيفو نفسي - محل: ڌُن

٢- لطيفو قلبي - محل: دل

٣- لطيفو روحي - محل: سيني ۾ سڄي طرف

۴- لطيفو سري - محل: فم معده (جتي سيني واري ڪڏ آهي).

۵- لطيفو خفي - محل: پيشاني

٦- لطيفو اخفي - محل: چوٽي.

هنن کي اطوار ستہ بہ سڏيندا آهن. هندو مهاتمائون اهي آستان هيٺين ريـ... ڏيکارين ٿا.

١- گديا: گديا جو آستان

٢- لنگ : اندري (آلت) جو آستان

٣- نابي: ڌُن جو آستان

۴- من : دل جو آستان

۵- ڪنٺ : نرگهٽ جو آستان

٦- نرنجن : پيشانيءَ جو آستان

هہ

هفت منزل: اهي ست واديون آهن، جن مان طالب لنگهي ٿو. شيخ فريدالدين عطار منطق طير ۾ اُنهن جو هيٺئن احوال ڏنو آهي:

١. وادي ـ طلب جي

٢. وادي ـ عشق جي

٣. وادي ـ معرفت جي

۴. وادي ـ فنا جي

۵. وادي ـ توحيد جي

٦. وادي ـ حيرت جي

٧. وادي ـ فقر جي

همت : ١ـ دل کي خواهش کان خالي ڪرڻ. ٢ـ اهو حال، جو صدق يعنيٰ سچائيءَ جي شروع ٿيڻ وقت طالب جي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو.

دست از طلب نہ دارم، تا کام من برآيد

يا تن رسد بہ جانان يا جان ز تن برآيد.

هو: ١ـ "الله" نفي، "هو" اثبات (اسم جمالي). ٢ ـ سر الاهي. ٣ ـ آدم جو جز اعليٰ. ۴ ـ دم جو ٻيو نالو. ۵ ـ اها شيءِ، جنهن جي صورت جو نالو الله آهي. ٦ـ سارو برهمانڊ. ٧ ـ ازلي آواز. ٨ ـ ذات جي صورت. ٩ ـ انحد جو آواز.

نوٽ : حقيقت ۾ هي اهو غيب جو ڀيد آهي، جو عام جي سمجهہ کان ٻاهر آهي.

ي

يقين: ١ـ غيب جي چيزن جو صفاتي قلب سان ڏسڻ جو نتيجو. ٢ ـ تصديق با القلب جو تحقيق ٿيڻ ۽ سيني شڪن جي مٽجي وڃڻ جو نالو يقين آهي. ٣ ـ غيب جي چيزن مان شڪ نہ ڪري وڃڻ. ۴ ـ اها چيز، جا شڪ کان پوءِ حاصل ٿئي. ۵ ـ عاشقن جو ايمان. ٦ـ همت جو وسيلو.

نوٽ : تصوف موجب ٽي يقين آهن:

١. علم اليقين ـ معرفت جي علم جو يقين

٢. عين اليقين ـ انياو (اکين سان ڏسي يقين ڪرڻ)

٣. حق اليقين ـ اهم برهم (پاڻ کي حق سمجهڻ)

ملڪوت: عالم مَلڪي يعنيٰ ملائڪن جو جهان.

موت احمر: نفس جي مخالفت.

موت ابيض: بک سان نفس مارڻ (بک به نفس مارڻ ۽ باطن کي منور ڪرڻ جو طريقو آهي).

موت اخضر: قناعت سان نفس کي آرام ڏيڻ. نوٽ: قناعت به نفس لاءِ هڪ موت آهي.

موت اسود: خلق جا ايذاءَ ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ.

ن

نفس: هڪ روح آهي، جنهن کي الله دل تي غالب ڪري ٿو ته دل جي باهه وسامي وڃي. ٢- اها چيز جا بندي جي وصفن ۾ دل ۾ پيدا ٿئي. ٣- وجود (سرير). جنهن جي حرڪت سببان خواهشون پيدا ٿين ٿيون. ڪن فقيرن جو خيال آهي ته خواهش جو نالو نفس آهي ۽ نه هن سرير جو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهي خواهشون نفس جو لشڪر آهن، جهڙوڪ ڪام، ڪروڌ، موهه، لوڀ ۽ اهنڪار. نفس جا قسم: ١- نفس امارهه. ٢- نفس مطمنه. ٣ - نفس قدسيه. ۴ - نفس رحماني. ۵ - نفس ناطقه.

و

واصل: ١- پاڻ مان نڪري خدا جي نور ۾ لئي ٿي ويل. ٢ - نيستيءَ جي بحر ۾ غرق ٿي ويل.

وجود الاهي: حق تعاليٰ جي صفات ۾ ظهور ڪرڻ.

وجد: دل مان اهڙو حال پيدا ٿئي، جنهن سبب مدهوشي ۽ مستي اچيو وڃي.

وصل: ١- ڳجهيءَ چيز جو حاصل ڪرڻ. ٢ - وحدت حقيقي. ٣ - طالب جو پنهنجن وصفن سان گڏ ذات ۾ فنا ٿيڻ. ۴ - ڪنهن به وقت محبوب کان جدا نه ٿيڻ يا غافل نه رهڻ. هيءَ بقا جي منزل آهي.

ولايت: ١- بندي جو حق سان قائم هئڻ. ٢ - پنهنجي نفس کان فنا ٿيڻ.

شرح معنيٰ

ربانيء رب واري. رب ؛ ع - پالڻ يا ماليت تي آڻڻ. جنهن صورت ۾ فقط خدا کي ئي طاقت آهي جو هر ڪنهن شئي کي پالي ۽ ڪماليت تي آڻي سگهي ٿو، تنهن ڪري هيءَ نالو صرف خدا سان لاڳو آهي؛ پالڻ هار؛ خاوند).

تهان پوءِ: تنهن کان پوءِ.

همراهيء (ف- هم : ساڳيو راهہ: رستو) مدد، واهر.

۲. **ڄاڻڻ:** ڄاڻ؛ خبر؛ هوش؛ پروڙ؛ واقفيت؛ معرفت؛ عقل؛ علم (سن - ڄجان).

ضلالت: (ع - ضليل: گمراهہ)گمراهي.

۴. **صداقت:** (ع - صدق: سچائي) سچائي؛ صفائي؛ دوستي.

ڀهڳڻ: (سن - ڀهو: گهڻو. ڳڻ: لياْقت، خاصيت) گهڻن ۽ چڱن ڳڻن وارو؛ نيڪ، چڱو؛ داناهہ؛ عاقل.

۵. الله ع- خدا جو ذاتي نالو. باقي نالا اسماء حسنيٰ آهن ۽ اهڙا ۹۹ نالا قرآن شريف ۾ آيل آهن.

الله ڄاڻ: حق (الله: نفي، هو: اثبات) نفي؛ نہ ، نيستي؛ نہ آهي، ڪلمي جو پهريون جزو لا الله (ڪونهي ڪو الله)، اثبات: ثابت ڪرڻ، ڪلمي جو ٻيو جزو الاالله (آهي الله)؛ خدا جي هڪ هستي کي قائم رکڻ. انکي نفي ڪري نہ ڄاڻ پر هو سمورو حق يعنيٰ اثبات آهي. خدا ازل کان آهي ۽ ابد تائين قائم رهندو. دنيا ۽ آخرت ۽ خود سالڪ جو وجود بہ نابود ٿي ويندو، مگر حق هميشه جٽاءُ ڪندو.

٦. **معلوم:** ع - مُعلم (علم: ڄاڻ). ڄاڻ پوڻ، خبر .

مرشد: ع - ارشاد ڪندڙ؛ خدا جي راهہ ڏسيندڙ؛ الله جي صورت؛ مسجود لهو.

هو: خدا؛ الله (نفي)؛ هو (اثبين) سر الاهي؛ ازلي آواز؛ انحد جو آواز.

هن جي: هن سان، جيستائين تون ان کي نفي ڄاڻين ٿو يعنيٰ ٻين معبودن کي ترڪ نہ ٿو ڪرين، تيستائين هوَ (ڏٿي) ڪيئن ليندو. دنيوي مال متاع، مرتبو وغيرهہ هڪ قسم جا معبود آهن، جن جي ماڻهو هردم پوڄا ڪن ٿا ۽ حقيقي معبود يعنيٰ خدا کان محروم ۽ گمراهہ رهيو وڃن. انهيءَ کان سواءِ الله کي نفي ڄاڻڻ يعنيٰ ٻيو ڄاڻڻ ڏٺي آهي، جا شرڪ آهي جو ڪفر ۾ داخل آهي.

سر آسا

داستان پهريون

حق: ع - سچ، ضد باطل جو، جا چيز طالب تي الله جي طرفان واجب آهي، جا چيز الله پنهنجي ذات تي واجب رکي آهي، حقيقي وجود، برهم.

حق موجود: سچ هميشه قائم آهي، اهو برهم، جنهن کي مطلق هستي يا ڪُل سڏجي ٿو، هر جاءِ موجود آهي.

آسا: راڳڻيءَ جو نالو، جا صبح جو سويرو ٦ کان ٩ تائين ڳائبي آهي. آسا جو عشق حقيقي آهي نہ مجازي، چون ٿا آسا هڪ راجا جي ڌيءَ جو نالو هو. جا سويرو انهيءَ سُرَ ۾ ڏٽي جي ڀڳتيءَ جا گيت ڳائيندي هئي، تنهن ڪري انهيءَ سر تي آسا نالو پئجي ويو.

١. **اول:** ع- پهريون.

پهري: ڦيري ڦيرائي، ڀيرا ڏئي، وري ورائي، ڦيري. (سن - ڀرم، ڦرڻ.)

بند: ف- ٻنڌڻ، رڪاوٽ، بندش، لاڳاپو، ناتو، سنڌ.

خيالات: (ع- واحد - خيال) وهمي صورت، پاڇو، عرض يعني سارو عالم.

حلاجي: (حلاج: پڃارو) حسين بن منصور پڃارڪو ڪم ڪندو هو. تنهن ڪري کيس حلاج ڪوٺيندا آهن. هو عام طرح منصور جي نالي سان مشهور آهي. هو اصل ايران جي بيضا ڳوٺ جو رهاڪو هو. هن پاڻ کي خدا سڏيو. جنهن ڪري مُلن کيس سوليءَ تي چاڙهيو.

حلاجي حمرت: منصور واري خيال ۾ يعني اناالحق چئو.

جيڪڏهن تون چاهين تہ مان خدائي نعرو هڻان تہ پهريائين آهي نفساني خواهشون، جن کي مَنَ جون اپاڌيون چئجي، تن کان پاڻ آجو ڪر.

٢. **گمراهي:** (ف- رگم، وڃايل راهہ: رستو. ي: اسم ذات جي نشاني). رستي جو ڀلڻ يا وڃائڻ .

۱۳. **يقين:** ع - غيب جي چيزن جو صفاتي قلب سان ڏسڻ جو نتيجو؛ تصديق بالقلب جي تحقيق ٿيڻ ۽ سڀني شڪن جي مٽجي وڃڻ جو نالو يقين آهي؛ غيب جي چيزن مان شڪ نڪري وڃڻ؛ اها چيز جا شڪ کان پوءِ حاصل ٿئي؛ عاشقن جو ايمان. همت جو وسيلو.

۱۴. **پٽ:** پردو؛ ديوار؛ حجاب؛ ٽيڪ؛ آڌار؛ آسرو؛ (سن- پٽي).

۱۵. **سر:** ع- ڳجهه؛ اندر جو مطلب.

مل: اڳيان؛ وٽ؛ پيش؛ (سن - مولَ).

۱٦. **ڄڃ:** شادي ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهو؛ ڄاڃي (سن - جَنيہ).

ڄَل: (سرائڪي) ڄلڻ؛ هلڻ؛ پنڌ ڪرڻ؛ (سن - ڄَلَنَ؛ ڄَل : گهمڻ).

هنگامون: هڪل ڪري؛ هلاچو؛ غوغاءُ؛ گوڙ؛ هل؛ آواز؛ لَڙُ؛ (ف- هنگامہ).

سَتگر: گرو؛ مرشد؛ (سن - سَتگرُ).

قربون: (قرب: نزديڪي ويجهڙائي، وصل) پيار مان؛ قرب مان؛ محبت مان.

ڪُلُ: ع - سمورو؛ سڄوئي.

ڪُل: ع - سڀ؛ مڙئي، وحدت؛ همہ خدا؛ واحد مطلق؛ برهم؛ حق؛ مطلق هستي.

۱۷. **هئان:** هيئن.

۱۸. **محڪوم:** (ع - حڪم) حڪم ۾ هڏل؛ تابع؛ زبردست.

سلهاڙَ: سلهارڻ؛ ڏورو ٻڌڻ؛ ڳنڍڻ؛ اٽڪائڻ؛ قطارڻ؛ جفت ڪرڻ؛ (گ- سَروڙون؛ سن - سوَ؛ ڏورو).

موءِ: ف - منهن؛ رخ (سن - مکَ).

ماءِ: (سن - مارگ؛ هنڌ، جاءِ) مقصد؛ منزل؛ ماڳ؛ جاءِ؛ مقصود.

۱۹. **دين:** ع - مذهب؛ ڌرم.

ڪفر: ع - ناشڪري؛ ڏٽي جي نعمتن جي ناشڪري؛ الله جي هستيءَ جو انڪار؛ ٻج لڪائڻ؛ حق جو لڪائڻ؛ ڪثرت کي وحدت ۾ لڪائڻ.

دام: (ف - دم: گهڙي، پل) دم؛ لحظو؛ زرو؛ خياتي؛ ساهہ.

موج: ف- درياهہ يا سمنڊ جي لهر؛ ڇولي؛ وهڪرو؛ ٻُوُ ، ريچڪ

٧. **ادب:** ع- بندش؛ رڪاوٽ (شريعت)؛ اٽڪ؛ پردو؛ حجاب؛ جھلو؛ لحاظ؛ خيال.

نگريا: نگڻ (مصدر) نڪرڻ؛ آزاد ٿيڻ؛ پيدا ٿيڻ؛ اُپجڻ؛ اپرڻ؛ (سن - نرگمن).

هاڃي: هاڃو؛ هلاڪت؛ عذاب تڪليف؛ نقصان؛ حرڪت؛ هڃا؛ (سن - هاني).

هڃي: (سن - هنيتي: هڻجي) هڃڻ (مصدر)؛ عذاب سهڻ؛ تڪليف ڪيڻ؛ ڏک کائڻ؛ نابود ٿيڻ؛ حٽ ٿيڻ؛ ڳهڻ؛ ڳرڻ.

٨. **ٻنڌڻن:** (واحدِ ٻنڌڻ) ڳنڍڻ؛ ڳنڍ؛ ٻننڪ؛ ناتو؛ سٻنڌ؛ پيوند؛ (سن - بندن).

ٻنڌي: ٻنڌڻ، لاڳاپو. ناتو. پيوند. ٻڌڻ جو رسو.

ڪَل: خبر؛ سڌ (ف - ڪل؛ سن - ڪلا).

اصولي: اصل واري؛ منڍ واري؛ هيڪڙائي واري خيال جي؛ (ع - اصل: جڙ. بنياد).

اسرار: (ع - واحد - سِر) ڳجهه؛ اندر جو مطلب. سنڌيءَ ۾ گهڻو ڪري عربي فارسي جمع ڪي واحد جي صورت ۾ ڪم آڻيندا آهن.

٩. **اوٽ:** (سن - آورتن) روڪ؛ اٽڪ؛ جھلو؛ پردو؛ بندش؛ بند .

اوٽِ: (پيچ. ٽوڙ) ميٽي ڇڏ؛ پڇي ڇڏ.

آڳاهون: اڳاهون؛ اڳتي؛ اڳيرو؛ پري؛ ڏور؛ (س - ا گر).

چوٽ: چوٽي ٽائين مٿي؛ پريل؛ پرپور؛ ضرب؛ ڏڪ؛ (سن - چوٽيم).

اناالحق: ع - مان خدا آهيان؛ اهم برهم.

١٠. **پاڻ اول لهه پنهنجو:** پهريون پاڻ سڃاڻ ته تون ڇا آهين.

جيلهان: جيئن.

تيلهان: تيئن.

تفاوت: فرق.

١١. **عبد:** ع - ٻانهو؛ بندو.

امرت: اب حيات؛ حياتي بخشيندڙ؛ (سن - امرت).

ڏور: پري؛ (ف - دور).

١٢. **مور:** اصل نه؛ بنهه بلڪل نه.

مورک: نادان؛ بيعقل؛ منجهيل؛ (سن - مورک؛ مرچ: حوصلا وڃائڻ).

يعنيِ؛ شرڪ ٻہ آهن، هڪ خفي (ڳجهو) ۽ ٻيو جلي (ظاهر). اهي ٻئي تنهنجي اڳيان آئيان ٿو. لاالهٰ الا الله خود خفي شرڪ آهي. رسول الله (شريعت) جلي (ظاهر) شرڪ آهي. تون پاڻ ٻنهي کان ٻاهرڪيو، ڇاڪاڻ جو ٻنهي ۾ الله ۽ ٻانهي جوفرق (ٻيائي) ڏيکاريل آهي. جيئن تہ دمَ سان خفي ذڪر "لاالله الاالله" جي ڪرڻ جو بہ اهو مطلب ٿو نڪري تہ اها ڪاٻي چيز آهي، جنهن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو. شريعت ۾ بہ پاڻ کي عبد (ٻانهو، سمجهي، خدا کي پاڻ کان جدا ۽ ٻيو سمجهي، ان جي عبادت ڪئي وڃي ٿي. اهڙيءَ صورت ۾ ٻنهي ڳالهين ۾ ٻيائي ثابت آهي، جا شرڪ ۾ داخل آهي ۽ شرڪت ڪفر ۾ داخل آهي.

جاڏي راه رسـول جي الخ: رسولي راهہ (شرعي عبادت) بہ ڪرڻي ڪانہ اٿم، ڇاڪاڻ جو عبادت عبد (ٻانهي) تي فرض آهي. آءٌ عبد ڪين آهيان. جيڪڏهن پاڻ کي عبد ٿو چوان تہ هڪ الله ۽ ٻيو ٻانهو بہ سمجهي ٻيائي ۾ پاڻ ٿو ڦاسايان.

٢٣. **هواء؛** خواهش؛ حرص؛ هوس؛ آرزو؛ اشتياق، (ف ـ هوا).

تقليد؛ نقل ڪرڻ؛ فـريب ڪرڻ؛ ٻي جي قـول کي دليل ريءَ قـبـول ڪرڻ؛ جوابداري؛ پيروي؛ (ع- تقلد؛ نقل، پيروي).

هيءَ نہ واٽ هواء الخ: ـ عشق جي واٽ خواهشن ۽ سڌن جي نہ آهي، نڪا انهيءَ راهہ ۾ ڪنهن مذهب يا ڌرم جي پيروي ڪرڻي آهي.

توحيد؛ ع ـ هيڪڙائي، وحدانيت.

تحقيقا توحيد الخ: پيغمبري راهہ البت هيڪڙائي؛ (توحيد) سيکاري ٿي، جنهن ۾ پيروي (تقليد) جي ضرورت آهي.

٢٤. **مشرڪ؛** (ع- شرڪ) شريڪ؛ ڪندڙ؛ خدا سان ٻي کي شريڪ ڪرڻ وارو؛ ٻيائي وارو. صوفين اڳيان ٻيائي ۽ شرڪ ڪفر ۾ داخل آهن.

وائي؛ ٻولي؛ آواز؛ (سن ـ وارتا).

ور؛ ونگ؛ وڪر؛ اٽڪل؛ پيچ؛ رمز؛ ڦيرو؛ (سن ـ وَلَ).

ماٺ ڪريان الخ: جيڪڏهن هيڪڙائي وارو راز ڏسي اهو سچ ظاهر نہ ٿو ڪريان تہ هي سڀ هيڪڙائي آهي ۽ نہ ٻيائي، تہ بہ مشرڪ ٿو ٿيان يعنيِ الله سان ٻيو

۲۰. **آدمي:** ع - آدم (دم-سنواس) اها چيز جا دم جي دواران پاڻ سڃاڻي؛ ماڻهو؛ انسان. سڀ کان پهرين پيدا ٿيل ماڻهو جو نالو اسلام ۾ "آدم" آيو آهي؛ هندو هن کي شِوَ ڪري ڪوٺين ٿا.

۲۱. **ڪلمو:** ع - "لَآ اِلا اِلآالله مُحَمدُ رَسُولُ اللهِ" چوڻ.

موروڻ: (مور: اصل- نج) اصلئون.

مسلمان: سلامتيءَ ۾ آيل؛ مُحَمَد ﷺ جي امت کي مسلمان چوندا آهن؛ (ع- مسلم).

احمد: (ع- حمد- ساراهه) حد کان ٻاهر ساراهيل؛ اهو اسلام جي پيغمبر جو ذاتي نالو آهي ۽ سندس صفاتي نالو مُحَمَدُ ﷺ آهي.

اِيمان: (ع- ايمن: سلامت) امان ۾ اچڻ؛ خدا تي يقين رکڻ؛ ويساهه؛ ڀروسو. صوفي ايمان علم بقا جي مرتبي کي چون ٿا.

سبحان: ع - خدا پاڪ؛ خدا جو صفاتي نالو.

۲۲. **ڪافر:** (ع- ڪفر: ناشڪري) ڌڻيءَ جي نعمتن جو ناشڪر؛ الله جي هستيءَ جو انڪاري.

گهمر: گهيڙ؛ تڙ. درياهه ۾ گهڙڻ لاءِ جاءِ؛ پاڻي ڀرڻ جي جاءِ؛ (سن - گهٽ).

رسول : (ع- رسل : پهچائڻ) پيغام رسائيندڙ.

مهر: مَرُ، مدي؛ گنگهاري؛ عيبداري؛ گندگي؛ ميرائي؛ ڪوٽ؛ (سن - مَلَ).

حضور: (ع - حضر: حاضري) حاضري؛ موجودي؛ هستي؛ واصل باالله واري حالت؛ ڌڻيءَ اڳيان موجود هجڻ؛ ملاقات؛ روبرو.

ڪلمو پڙهان ڪافر ٿيان الخ: جيڪڏهن ڪلمو (لااله الا الله) تو پڙهان ته ڪافر ٿو ٿيان، ڇاڪاڻ جو شرڪ خفي ۽ جلي ۾ گرفتار ٿو ٿيان. بقول عطار؛

شرڪ دوهست هم خفي و جلي
هردو را پيش تو ڪنم تڪرار
اي پسر لااله الاالله
خود شڪ خفي است آئينه وار
هست شرڪ جلي رسول الله
خويش را ازين د شرڪ بردار

ڳڙهيون: (ڳڙهڻ: حال بيان ڪرڻ يا اورڻ) اوريون؛ (سن ـ گد).

٣. **لا**: ع ـ نہ؛ سواءِ؛ نفي؛ ڪلمي "لاالله" جو پهريون لفظ جو انهي ڪي نفي ٿو ڪري، يعني ڪونهي ڪو الله؛ ڪلمي جي پوئين حصي "الاالله" کي اثبات چون ٿا.

موجودات: موجود چيزون، وجود هجڻ، قائم هستيون؛ (ع- موجود: هستي وارو)

تون هي آءُ الخ: تون ۽ مان ۽ جيڪي بہ هن دنيا اندر ڏسجي پيو، سو سڀ "لا" نفي آهي يعني حقيقت ۾ سواءِ الله جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. "لاموجود الاهو." (ڪنهن جو وجود (هستي) ناهي سواءِ الله جي.)

٤. **ڳهلا**: ٻورڙو؛ بي عقل؛ بيوقوف؛ (سن ـ گرهڻ+ايلا).

٥. **بيرنگي**: رنگ کان سواءِ، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ هيءُ سارو پولار دم سان ڀريل محسوس پيو ڪجي پر ظاهر ۾ نظر ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿو اچي، ڇاڪاڻ جو انهيءَ کي ڪوبہ رنگ روپ ڪونہ آهي. انهيءَ بي رنگ ۾ وري عجيب تاثير آهي جو ساري دنيا جا ڪيئي دونها، طوفان ۽ غبار وغيره پنهنجو روپ بدلائي بي رنگ ٿيو وڃن، جڏهن انهيءَ پولار واري شفاف دم سان گڏجن ٿا. پر وري هي رنگا رنگي نمونو بہ انهي ساڳي بي رنگي جي ذات جو ظهورو آهي.

زنگ: ف-ڪٽ؛ بغض، وير؛ ڪس؛ دل جي ڪدورت.

موسىٰ : ع ـ پيغمبر جو نالو، سندس پوئلڳ يهودي آهن.

فرعون: ع ـ مصر جي بادشاهہ جو، نالو، جو حضرت موسىٰ جي وقت ۾ هو ۽ پاڻ کي خدا سڏايندو هو.

ظاهر ۾ پيوزنگ الخ: منصور بہ پاڻ کي خدا سڏيو هو، پر هو منصور نہ هو. انهيءَ منزل تي هوند نور هو جنهن پاڻ سڃاڻي اناالحق جو آواز ٿي ڏنو. مگر فرعون پانهپ واري جاءِ تي ٿي ڪري اهو خدائي دم ٿي ماريو جو سچو نہ هيو، ڇاڪاڻ جو هن پاڻ وارو پردو پري نہ ڪيو هو؛ جنهن ڪري حضرت موسىٰ هن کي هدايت ڪندو هو ۽ انهيءَ هدايت نہ مڃڻ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ زنگ يعنيٰ بغض پيدا ٿيل هو.

مهراڻ: (مهہ : وڏو، ارڻو: سمنڊ) وڏو سمنڊ؛ وڏو پاڻي. سنڌونديءَ کي بہ انهيءَ نالي سان سڏيندا آهن.

شريڪ ٿو ڪريان. جيڪڏهن ڪجان ٿو يعني اناالحق ٿو آکيان ته خلق ڪافر ٿي سڏيم.

٢٥. هڪ سفر ساعت الخ: هي معرفت ۽ شريعت طرف اشارو ڏنل آهي، يعني معرفت ساعت (گهڙي) جو سفر آهي، جو دم جو ڪم آهي ۽ شريعت سالن جو سفر آهي، جو صفاتي يعني بدني عبادت آهي. سفر جي معني جي محنت ڏٺيءَ جو ديدار جيترو جلد معرفت يعني خيالي رستي سان حاصل ٿئي ٿو، اوترو جلد ظاهري شرعي عبادت جي محنت سان ميسر نه ٿو ٿي سگهي.

(ڪافي)

فقر: ع - مسڪيني، دنيا کان الڳ رهڻ.

فقير: ع - جو الله جي ذات کان سواءِ ٻي ڪنهن جو محتاج نه هجي، نيستيءَ جي درياهه ۾ غرق، نفي جو مالڪ، حق جو ڳولهيندڙ، موت ۽ زندگيءَ جو مالڪ.

امن: سلامتي.

طاعت: ع - بندگي، عبادت، فرمانبرداري.

تقويٰ: ع - پرهيزگاري.

ورهه: برهه، عشق جو عذاب، فراق، وڇوڙو، (سن - وِرَهَ).

اسير: ع- قيدي، باندي.

محڪم: ع - مضبوط، پختو، قائم.

منڊير: پٽڪو، (ع-مَنديل).

داستان ٻيو

١. فڪر: ع - وحدانيت جي خيال ۾غرق رهڻ، اونهو خيال، محبت، وحدت، وجود مطلق جو سير، خيال، غور، ڌيان، ويچار.

فرق: ع - ويڇو، تفاوت، تفرقو، جدائي، وڇوڙ، ڦورائو.

٢. فارغ: ع - واندو، آزاد.

دنيا: (ع - دون، نيچ) نالائق- ڪميني، هي مايا.

۱۲. **وفي انفسكم** الخ: ۽ توهان ۾ آهي، پوءِ توهان ڇو نہ ٿا ڏسو يعنيٰ آءٌ (الله) توهان ۾ آهيان ۽ اوهين ڇو نہ ٿا ڏسو (قرآن).

ويسهہ: اعتبار؛ ويساهہ؛ ڀروسو؛ دلبو؛ (سن ـ وشواس).

وسهن: ويساهہ ڪن، اعتقاد رکن؛ يقين ڪن ڀروسو ڪن؛ (سن ـ وشواس).

فڪر : ڌيان؛ ويچار؛ خيال ؛ غور؛ سوچ.

فنا: نيستي؛ ڦوٽي وانگر پاڻي ۾ گم ٿي وڃڻ؛ صورت بدلائڻ؛ الله جي نور ۾ محو ٿيڻ؛ الله کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ اچڻ. سچل سرمست چوي ٿو تہ فنا جي معنيٰ مطلق نابودي ڪين آهي، ڇاڪاڻ جو حق جڏهن هميشہ موجود آهي ۽ هو ڪڏهن بہ نابود يا ناس نہ ٿو ٿئي، تڏهن انهيءَ وحدت مان ڪثرت ۾ آيل چيزون بہ قطعي ناس ڪين ٿينديون. اُهي صرف هڪڙي صورت بدلائي ٻي صورت وٺن ٿيون، جنهن کي فنائي جو نالو ڏنو ويو آهي. مثال: انسان مري ٿو تہ ان جو روح (آتما) جُو امر (لافنا) آهي، سو بہ فنا ڪونہ ميجيو ويو آهي. سندس بوتو رڳو هيءَ صورت بدلائي وڃي خاڪ جي صورت وٺي ٿو، جا پڻ هن دنيا جي پردي تي موجود رهي ٿي. تنهن ڪري فنا جي معنيٰ صورت بدلائڻ.

بقا: هميشہ موجود، اکٽ؛ هستي جو قائم رهڻ؛ جنهن کي فنا نہ هجي (جيئن ڦوٽي کي پنهنجي اصل (پاڻي) ۾ فنا ٿي وڃڻ کانپوءِ فنا ڪانہ آهي)؛ هر شيءِ ۾ الله جي قدرت ڏسڻ.

هنيا: هجي ويل؛ پٽ پاراتي جو لفظ؛ هجڻ؛ نابود ٿيڻ؛ چٽ ٿيڻ؛ هچڻ؛ ڳمڻ؛ هجي؛ هٿجي؛ (سن ـ هَتَ: نابود).

پرجهي: پرجهڻ؛ پروڙڻ؛ سمجهڻ؛ ڄاڻڻ؛ (سن ـ پربد).

عقبيٰ: (عقب: پويون آيو) پرلوڪ؛ هن جهان کانپوءِ جيڪو جهان اچڻو آهي؛ قيامت؛ آخرت.

۱۳. **سُوريہ:** سج؛ (سن ـ سوريہ).

ابر : ڪڪر.

لوئين: (واحد ـ لوئي) بي هودن؛ واهياتن؛ بيوقوفن؛ بدحالن؛ بي شرمن؛ بيحيائن؛ (سن ـ لنتي).

اوچ: ف - بلندي، چاڙهي، تيج، روشني، پَل، سگهه، همت.

سوري: (سن - شولا) سولي، هاٿوڪي معنيٰ ڦاسي، ڦاهي.

سنبت: (سن - سنيرتي) تياري، سانياهو.

۷. **مسجد**: (ع- سجده: مٿو ٽيڪڻ) سجدي جي جاءِ، مسلمانن جو عبادت گاهه.

ٺڪاڻو: هندن جو عبادت گاهه، ماڳ، گهر، (هه - ٺڪانا، سن - سٿان).

تڪيو: منزل، مڪان، رهڻ جي جاءِ، اوتارو، ماڳ، ديرو، وڏو وهاڻو، (ع - تڪيه).

ٿاڻو: (سن - سٿان) جاءِ، مڪان، منزل، ٺڪاڻو، گهر، ٿاڪ، ماڳ.

۸. **بود**: (ف - بودن: هئڻ، هجڻ) هئڻ، هستي (اثبات).

نابودي: ف - نيستي، فنائي، (نفي).

سامن: (واحد - سامي) سوامي، فقير، (سن - سؤامي).

ساماڻي: ساماڻجڻ، نپجي وڏو ٿيڻ.

ٿاڪيا: ترسيا، منزل ڪيائون. ٿاڪ، ماڳ، گهر، جاءِ، ٺڪاڻو، منزل، (سن - سٿان).

۹. **آچيا**، لاڳاپا، تعلق، (سن - اچارن).

ٽڪ: جوڳين جي ڌيان جو چڪر، ترڪٽي جو آستان يا لطيفو، پيشانيءَ جو آستان جتي شو مهراج جو ٽيون نيتر مڃيو ويو آهي، (سن - ترڪٽي).

۱۰. **فراقا**: (فراق، وڇوڙو، جدائي) فراق ڪان.

مَرڪ: فخر، وڏائي، مَرڪڻ جهڙي ڳالهه، شان، لائق، پاڻ کي چڱو سمجهڻ.

۱۱. **مدعا**: مطلب، مراد، آرزو مقصد، (سن - پَدر).

مام: ڳجهه، دل جو مطلب، اشارو، رمز، ڳجهارت، راز، ڳجهي صلاح، (سن - مرم).

فرمودو: حڪم، خدا جو حڪم يا فرمان، خدا جو ڪلام، (سن - پرمان).

فائق: (فوق: مٿي) اوچو، مٿي، اڳرو، سرخرو، ممتاز، بزرگ، سياڻو، فوقيت وارو، ڏٺي تعاليٰ.

رحل: ع ـ ڪاٺ جي گهوڙي؛ جنهن تي قرآن شريف رکي پڙهبو آهي.

۱۸. **طالب الدنيا مخنثا:** دنيا جو طالب کدڙو آهي.

طالب العقبيٰ مؤنث: دنيا جو طالب مادي آهي.

طالب المولیٰ مذڪر: الله جو طالب نر آهي.

- **الفقر خزينه:** فقيري اڻ کٽ ۽ لازوال خزانو آهي.

الفقر فخري: فقيري منهنجو فخر آهي ۽ فقيري مون منجهان آهي.

الفقر لا يحتاح: فقير الله کان سواءِ ڪنهن جو محتاج نہ آهي؛ احتياج (الله جي گهرج).

فقر: ع ـ مفلسي؛ سچي حياتي؛ دنيا کان الڳ رهڻ.

۱۹. **القدر خير وشر:** "والقدر خيره وشره مِن الله". (قرآن) يعنيٰ نيڪي ۽ بدي الله جي طرفان پائڻ گهرجي ۽ ٻئي جي طرفان

لا موجودات الاالله: ڪجهہ بہ موجود نہ آهي سواءِ الله جي ذات جي، يعنيٰ الله کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

ٽئين جهان: (جهان: وقت) هي ٽي زمان يا وقت ليکيا وڃن ٿا: ۱. ماضي، گذريل زمانو جتي روح هوندا (عالم ارواح)؛ ۲. حال، هلندڙ سنسار؛ ۳. مستقبل، ايندڙ زمانو يعني پرلوڪ (آخرت) جتي هتان مرڻ بعد وڃڻو آهي.

لاهوتي: (ع ـ لاهوت) لاهوت جي منزل وارا . لاهوت فقيرن جي خيالي منزل آهي، جنهن کي ذات الاهي جو عالم چون ٿا. جتي فقيرن کي فنا في الله يعني خدا جي ذات ۾ فنائي حاصل ٿئي ٿي. اهڙا جملي ۴ عالم آهن: عالم ناسوت (خواب وارو جهان)، عالم جبروت (نسيان ـ نہ ننڊ نہ جاڳ) جتي هي سرير ڀلجيو وڃي ٿو، عالم ملڪوت (ملائڪن جي رهائش جو عالم)، ۽ عالم لاهوت، جتي رڳو حق برهم جي ذات آهي ۽ هي صفات ڪانهي.

۲۰. **آديسي:** جوڳي فقير؛ نياز ۽ نهٺائيءَ وارو فقير؛ جماليٰ فقير؛ (سن ـ آديشي).

گهوما: گهمندڙ (سن ـ گهُورٽنيہ).

حال: ع ـ هيءَ فقيرن جي اها منزل آهي، جتي جو ڪجهہ هن مٿان طاري ٿئي ٿو،

۱۴. **غوطو**، (ع- غوطہ) گوتو، ٽٻي.

قلزم: مصر ۽ مڪي جي درميان ڳاڙهي سمنڊ تي شهر آهي، جنهن جو نالو انهيءَ سمنڊ تي پيل آهي. شاعرن هر هڪ سمنڊ کي قلزم سڏيو آهي، تنهن ڪري قلزم جي معنيٰ سمنڊ ٿيندي.

ڪارونڀار، (ڪال: ڪاراڻ + ڀار، ڏڳ) ڪارنهن جو ڏڳ، آسمان جي اونداهيءَ ڪڪرن جي ڪاراڻ کي بہ ڪارونڀار چوندا آهن. ڪارو سمنڊ، خوفناڪ سمنڊ.

دانَہ : سياڻو، عقلمند، (ف- دانا).

دم: ف- ساهہ، پَلَ، گهڙي، لحظو، هڪ اکر، درياهہ جو ساهہ.

طالب: ع - طلب ڪندڙ، جو خوديءَ دوکي ۾ قائل نہ هجي، ڪثرت کان وحدت ۽ وحدت کان ڪثرت طرف ايندڙ ويندڙ، جنهن کي ٻنهي جهانن ۾ بيهڪ نہ هجي، جنهن کي ڪنهن بہ مقام ۾ بيهڪ نہ هجي، مريد، چيلو.

تاريڪ: ف -اونداهو.

۱۵. **مذهب**: (ع - ذهب: رستو) خدا ڏانهن ويندڙ واٽ، دين، ڌرم.

شيخي: (ع - شيخ: وڏو، بزرگ) بزرگي، ڏاڏائي، مشائخي، خواجائي.

پيري: ف - مذهبي پيشوائي.

بزرگي: ف - بزرگ واري حالت، وڏائي.

نماز : ف - خدمتگاري، عاجزي، اسلام جي فرضي عبادت.

عقل: ع - هڪ فرشتي جو نالو آهي، جوتمام داناهہ ليکيو وڃي ٿو، جنهن موجب عقل جي معنيٰ دانائي يا ڏاهپ ڪئي وڃي ٿي.

عشق: ع -ڏسو صوفي اصطلاح.

۱۷. **مُلا**: (ع - ملا: ڀريل) ڀرپور، ٽمٽار، ظاهري علم جو ڄاڻندڙ (صوفي اصطلاح موجب).

ڪنز: ع - خزان، ديني فقي جي ڪتاب جو نالو.

قدوري: ع -مسلمانن جي ديني ڪتاب جو نالو.

ڪافيا: ع -مسلمانن جي ديني فقي جو ڪتاب.

اولو: اَجهو، آڌر، پردو، پناه، الڪو، فڪر، (سن -اَوَرَڻ، آ: تائين + ور: ڍڪڻ).
ونفخت الخ: ڦوڪيو مون انسان ۾ پنهنجو روح (قرآن).
خلق الاشيا الخ: پيدا ڪيون اٿس سڀ شيئون، پر اُهي شيون پاڻ (الله) آهي، ٻيو ڪجهه نه آهي.

(ڪافي-٢)
اعليٰ اعظم شان: ڪيڏو نه وڏو شان آهي منهنجو.
نوبت: ف- نغارو، وارو.
حڪمت: ع- دانائي، راز، ڳجهه.

داستان ٿيون
١. **مولىٰ:** ع-خاوند، ڌڻي، مالڪ، سردار، مهندار، مددگار.
محفوظ: ع- حفاظت ڪيل، خوش.
ڪامل: ع- ڪماليت وارو، پورو، مڪمل، هوشيار.
وعظ: ع- نصيحت، پرچار.
ڪاتب: ع- لکندڙ، نصيب جو لکندڙ، خدا.
پرجهه: (پرجهڻ، سمجهڻ، پروڙڻ) سمجهه، ڄاڻ، (سن - پَرَبُدَ).
ٻهون: گهڻو، بي شمار، جهجهو، (پرا -بَهوُن، سن - بَهوَ).
٢. **ناميا:** نالي وارو، نام ڪٽيو، پهلوان، (ف- نام+ يو پڇاڙي).
نبيرڻ: ڇڏڻ، فيصلو ڪرڻ، نچيڙڻ (سن -نِورَتَنَ).
ورد: ع-هر روز جو ڪم، مقرر ڪيل عبادت جا فرض نه آهي.
وظيفو: ع- مقرر ڪيل چيز، مقرر ڪيل عبادت، جا فرض نه آهي.
ورايو ورائن: وري وري اٿلائين.
٣. **ڪاهت:** ڳالهه چوڻي، آکاڻي، (ڪهاوت).
من تعلم الخ: ع-جيڪو علم مقابلي ۽ مناظري لاءِ پڙهيو وڃي.

سو صبر سان سهي ٿو ۽ جو ڪجهہ ڏِسي ٿو سو ڏَسي نہ ٿو سگهي؛ ارادي ۽ ڪوشش کان سواءِ دل تي وارد ٿيڻ واري حالت.

قال: ع - هي فقيرن جي اها منزل آهي، جتي جو ڪجهہ ڏِسن ٿا، سو ڏَسن ٿا. قال جي منزل وارا فقير پنهنجن طالبن (چيلن) کي حقيقت کان واقف ڪندا، تلقين ۽ تعليم ڏيندا رهن ٿا.

٢١. **ويڳاڻو**: بيگانو؛ ڌاريو؛ نا آشنا؛ (ف - بيگانہ).

سوز: (ف- سوختن: سڙڻ) ساڙو؛ جَلَ؛ عشق جي باهہ؛ سوزش.

ورهہ : برهہ؛ عشق؛ فراق؛ ڏک؛ وڇوڙو؛ (سن - وِ: گهٽو + رَهَ : ڇڏڻ).

پَرِ: (سن - پالي) ريت؛ ڳجهہ؛ دستور؛ رمز؛ رسم؛ پر؛ ڪنڊ؛ رح؛ هلت.

پني رات: (پني: پريات) پيچ پني؛ پرهہ ڦٽي؛ ڏَکي؛ فجر؛ (سن - وپانم).

پريتون: پريت مان؛ سک مان؛ (سن - پريتي).

ساميڙن: (واحدِ سامي) سامي فقير؛ سوامي؛ الله لوڪ؛ (سن - سُوَامي).

آئي: ڪنير جي آوي؛ (ف - آوَهہ).

٢٢. **اولارا**: واحد اولارو (لامارا)؛ (سن - اُلالُ).

پنيڙ: (سن - پا؛ چمڪڻ) پنيث گهرا ألا.

سپورن: (سن - سمپورڻ) مڪمل؛ پوري طرح.

ڙاهہ: باهہ جو مچ؛ ڪورو؛ ڪَنُ؛ سمنڊ؛ مشڪل؛ (سن - اَوَرت).

سانگ: سانگو؛ آسرو؛ پرواهہ؛ اتفاق؛ سبب؛ (سن - سنگ).

ڪامي: ڪامڻ؛ وڇڻ؛ ساڙو؛ سوزش؛ پچرڻ؛ (سن - ڪشامَ، ڪَشَمَ: سهڻ).

لهس، ڪام؛ سک؛ باهہ؛ سوزش.

لوسجي: ڪاٽي؛ ڪرڏ ٿي (سن - پلش).

((ڪافي-١)

ٻولو: (سن - ٻرم) ٻل؛ چُڪ؛ ڊپ؛ ٻوُ؛ رولو؛ هڪ جو ٻيو سمجهڻ؛ وٺي؛ چڪر؛ مونجهارو.

گهوما: گهمندڙ، (سن - گهُورڻنيه: گهمڻ).

اوڪارڻ: روڪڻ، جهلڻ، بس ڪرڻ، پاسي ٿيڻ، نڪرڻ، (سن - اُت: مٿي ڪرش: ڇڪڻ).

هر آن سري الخ: پنهنجي محبوب (خدا) جو ڳجهه يا راز اهڙي طرح سانين ٿا جو اُن جي خبر ڪراما ڪاتبين کي به نه ٿي پوي.

ڪراما ڪاتبين: ڪراما ڪاتبين يعلمون ما تفعلوم (قرآن)يعنيٰ سڳورا ملائڪ لِکڻ وارا جي اوهان جا سڀ ڪم ڄاڻن ٿا. ڪراما ڪاتبين ٻه ملائڪ خدا جي طرفان انسان جي ساڄي ۽ کاٻي ڪلهي تي مقرر ٿيل آهن. ساڄي طرف وارو انسان جون چڱايون ۽ کاٻي طرف وارو برايون لکي ٿو، جي قيامت ڏينهن خدا اڳيان پيش ڪندا.

هيهات هيهات: ف - افسوس افسوس.

پر: دستور، عادت طرز، رسم، ريت، رمز، پَر، ڪند، (سن، پالي).

۱۰. **ڪوڏ:** خوشي خواهش، ڪَڏ يا خوشي ڪري، سعي سان، هيج، شوق، (سن - ڪُوردَ).

مامرو: معاملو، تکرار، رٽ، (ع - مُعَامَله).

۱۱. **صابري:** ع - صبر وارا.

ڇيڄ: خوشي ناچ، گانو، ڇمڪو، (سن - شِنجَ).

پهه: پنڌ، پيچرو، طريقو، رستو، مسافري، (سن - پَٿَ).

۱۲. **صُمٌ بُڪمُ:** ٻوڙا آهن، گونگا آهن (قرآن).

سڪوت: ع - ماٺ چپ، خاموشي، صبر.

عينها تنام الخ: ع - (سندن) اکيون ننڊ ڪن ٿيون پر (سندن) دليون بند نه ٿيون ٿين.

عينها باڪيهُ الخ: ع - (سندن) اکيون روئيندڙ ۽ دليون ذکر ڪندڙ آهن.

ان اوليا الخ: تحقيق منهنجا اوليا (دوست) منهنجي قبا (چوغي) هيٺ لڪل آهن.

اِنَ اَوْلِيا تَحتَ قَبائِي لاَ يَعرِ فُهم غَيرِي (حديث).

منافق: ع- نفاق رکڻ وارو، اهو شخص، جنهن جي دل ۾ هڪ ۽ ظاهر ۾ ان خلاف هجي.

اوڳا: موڳا، نادان، غافل، حيران، عاجز، (هيم - آوگيہَ).

۴. **ماضن مذهبن:** گذريل مذهبن.

۵. **حديث:** ع - رسول صلعم جن جو قول يا ڪلام، ڳالهه ٻولهه، خبر.

آيت: ع - نشاني، مثال، تمثيل، قرآ ن جو جملو يا سٽ.

نيرن: (واحد نِير) زنجير، سنگهر، (سن - نِگڊَ).

کيا اکين اوڏڙا: اکين کان ويجها.

ٻبان: (ف - بيابان) برپٽ، رڻ، سج، ويراني.

۶. **پسڻ:** ڏسڻ، (سن - پشيہَ).

پساه: پساهه، ساهه، دم، (سن - شواس).

صرف نحو: ع - گرامر، رواجي علم.

پرک: واقفيت، سڃاڻپ، چوڌاري نظر، چوطرف نگاهه (سن - پريکشا).

۷. **قال:** (ع - قيل قال) ڳالهه ٻولهه گفتگو، بحث مباحثو، ردڪد، شڪ شبهو. قال فقيرن جي اها منزل آهي، جتي جو ڪجهه ڏِسن تا ڏَسَنِ ٿا.

حال: ع - ارادي ۽ ڪوشش کان سواءِ دل تي وارد ٿيڻ واري حقيقت، فقيرن جي اها منزل جتي جو ڪجهه مٿائن طاري ٿئي ٿو سو صبر سان سهن ٿا.

۸. **الفقر فخري** الخ: فقيري منهنجو فخر آهي ۽ فقيري مون منجهان آهي (حديث).

اُتو: چيو، (سن - اُکرَ).

قل کل الخ: چئو ته سڀ چيزون خدا جي طرف کان آيل آهن (قرآن).

من عرف الخ: جنهن خدا کي سڃاتو، تنهن جي زبان گونگي ٿي يعني سو ماڻ ۽ صبر ۾ رهيو.

نانهه: نيستي، فنا، معدومي، نابودي، نفي، (پراڪِرتِ، سن - نَهہ).

۹. **کِيا:** خوش، مست (سن - ڪشيرَ).

آديسي: فقيرن جو قسم، جوڳي، زاهد، آديسي، گوسائين، فقير، جي آديس جو نعرو هڻن، (سن - آديشي).

٢. **گودڙا**: گودڙيءَ وارو؛ جوڳي فقيرن جو قسم؛ (هيم- گدڙيا، سن- ڪنٿا + اِڪا).

وحدت: (ع ـ واحد- هڪڙو) هيڪڙائي (صفات ۾ اڪيلو).

وادي: ع ـ ماٿري؛ پٽ؛ ميدان؛ درياهه. شيخ عطار پنهنجي ڪتاب منطق طير ۾ ستن وادين جو ذڪر ڪيو آهي، جي هي آهن: ١. طلب جي وادي؛ ٢. عشق جي وادي؛ ٣. معرفت جي وادي؛ ۴. فنا جي وادي؛ ۵. توحيد جي وادي؛ ٦. حيرت جي وادي، ۽ ٧. فقر جي وادي.

٣. **سالڪ**: ع ـ خدا جي راهه تي هلڻ وارو؛ مسافر؛ خدا جي راهه وارو؛ فقير؛ سلوڪ وارو؛ ساڌو جنهن پنهنجي مقامات کي پنهنجي حال سان طئي ڪيو هجي.

۵. **اول ڪفر... اسلام**: طالب اول الله جي هستي کي نہ ٿو مڃي، جنهن ڪري هو ڪفر ۾ داخل ٿو ٿئي. ستگر ان کي حڪم ٿو ڏئي تہ جي تون نہ ٿو مڃين تہ ان کي هن راه سان ڳولهي ڏس تہ آهي يا نہ. جڏهن هو ڳولهي لهيس ٿو، تڏهن هو ڏس بعد مڃي ٿو. مڃڻ بعد هو گويا سلامتيءَ ۾ اچي وڃي ٿو. انهيءَ تي سچل سائين ٽئي درجا ڏيکاريا آهن : ڪفر (الله جو انڪاري)، ڏسڻ بعد (مڃڻ)، ۽ اسلام (سلامتيءَ ۾ اچڻ).

مام: رمز؛ ڳجهارت؛ راز؛ اشارو؛ ڳجهہ؛ صلاح؛ دل جي مراد؛ مطلب (سن ـ مَرمَ).

٦. **فلڪ**: ف ـ پرواهه.

فلڪن: (ف ـ واحد ـ فلڪ) آسمانن.

خلل: ع ـ خوف؛ خطرو؛ حرڪت.

ميسر: ع ـ حاصل؛ پراپت؛ موجود.

ملڪن: (ع ـ واحد ـ ملڪ) فرشتا.

نوٽ: هن بيت ۾ سچل سائينءَ خدائي دم هٽي بلڪل بيپرواهي ڏيکاري آهي. مطلب اٿس تہ خالق کي پنهنجي خلقيل چيز جي ڪهڙي پرواه آهي.

٧. **خامن**: ف ـ (واحد ـ خام) ڪچن، نادانن، جاهلن، عيبدارن.

خيانت: ع ـ بد دیانتي؛ بي ايماني؛ نقصان؛ خرابي.

۱۳. **ابتر**: ع - خراب، بدتر.

الىٰ لِقَاء الله: ع - خدا جي ديدار ۾.

۱۴. **وٽي**: ننڍو وٽو، ڪٽوري، شراب جي پيالي، (سن - واٽِڪا).

سنوڀرا: سڀاڳا، نيڪ بخت.

ترڪ الدنيا الخ: دنيا جو ترڪ ڪرڻ سنت (عبادت، رسول جي پيروي) آهي ۽ الله جي طلب فرض آهي.

گونڌر: ڏک، غم، ڳڻتي، (ف - غم).

۱۵. **معرڪو**: جنگ، مجلس، ڪچهري، (ع - معرَڪه).

دائرو: اوطاق، مڪان، جاءِ، حلقو، گهيرو، مجلس، سطح، (ع - دائره).

۱٦. **نڪٽيا**: سڪٽا، بي سمر، جنهن کي ڪٽو نه هجي، فقط، رڳو، بلڪل، پورو پورو، (سن - نِڪِلُ).

ڪاپڙي: سنياسي، جوڳي فقيرن جي هڪ ذات، (س- ڪارَپٽِڪَ، گر-ڪاپڙي).

ڍار: ڍنگ، طرح، نمونو، طرز، پنڌ، پيچرو، وات، پاسي ۾، پناه ۾ (سن- ڌارا).

برهنه: ف - ننگا.

پرلو: پلٽيو، اٿلڻ، پاڻيءَ جي اٿل، پلٽ، اٿلي وڃڻ، (سن- پريست، اٿلي پرا- پَلٽَ).

داستان چوٿون

۱. **اوريج**: اورڻ، حال بيان ڪرڻ، حال ونڊڻ، اپياس ڪرڻ، دئور ڪرڻ، مناجات ڪرڻ، ورونهن، (سن - آورتَنَ: وري وري چوڻ).

عينا: (ع - عين، اک) اکيون، خود، پاڻ.

اوجاريح: (سن - اُجولَ) اجارڻ، صاف ڪرڻ، چلڪائڻ، روشن ڪرڻ، ميرُ يا ڪس لاهڻ، سنوارڻ.

اصلون .... سان: دم يا خيال سان پنهنجي خدا کي ياد ڪج، يعني هن ظاهري زباني عبادت کان ڏٺيءَ کي خيال سان ياد ڪرڻ بهتر آهي.

١٥. **احديت:** (ع-احد: هڪ) هيڪڙائي؛ صفات ۾ اڪيلو.

نوٽ: الواحد المنفرد باالذات (واحد ذات ۾ اڪيلو آهي). الواحد عديم التجز (واحد جو جز ڪونہ ٿيندو يعنيٰ واحد جي صورت جزن ۾ ورهائجي نہ ٿي سگهي). الاحد المتوحد باالصفات. (احد صفات ۾ اڪيلو آهي). الاحد عديم الثنيٰ (احد ٻن ۾ نہ ٿو اچي).

لحمون: (ع-لحم : گوشت) گوشت مان، جسم مان.

دمئون: (ف-دم-سوانس) دم مان، ساهہ مان.

هي ديهي ۽ دم اهڙا هڪ ڪري ڇڏ جو ٻہ نظر نہ اچن.

١٧. **نفي ۽ اثبات:** داستان ١-٥

هو پيئَ... ڪين ويو: هي ذات ۽ صفات ڏانهن اشارو ڏنل آهي يعنيٰ نڪي هو (ذات) ڪا ٻي آهي ۽ نہ هي صفات ٻي آهي جو هڪ کي ٻي ڳولين؛ ڇاڪاڻ تہ حقيقت ۾ ذات ۽ صفات ۾ فرق ڪونهي. چيز ساڳي آهي وقتي وهم موجب صورت ۾ ڦير؛ جهڙي طرح سون ساڳيو آهي مگر جي ان مان زيور ٺهن ٿا؛ تن جا قسم مختلف آهن.

نفي ۽ اثبات الخ: انڪار ۽ اقرار کان هي عشق جي آڪاٽي ٻاهر آهي ڇاڪاڻ تہ نفي ۽ اثبات (لاالله الاالله) ۾ انڪار بہ آهي ۽ اقرار بہ آهي. اهو خود شرڪ (دوئي) آهي. شيخ عطار انهي تي هيئن ٿو چئي:

شرڪ دو است هم خفي وجلي
هر دو را پيش تو ڪنم تڪرار
اي پسر لاالله الاالله
خود شرڪ خفي است آئينہ وار
هست شرڪ جلي رسول الله
خويشتن را ازين دو شرڪ برار

معنيٰ شرڪ (ٻيائي) ٻن قسمن جو آهي: خفي (ڳجهو)۽ جلي (ظاهر). انهن ٻنهي کي مان تنهنجي اڳيان ڪريان ٿو، اي ٻچا، لاالله الاالله خود خفي شرڪ مان آهي. جلي (ظاهري) شرڪ شريعت آهي. پاڻ کي ٻنهي شرڪن مان ٻاهر ڪڍ، يعنيٰ آزاد ڪر.

٨. **حدين وجي.... لنگهي وجي:** عام جي حد، حد اندر آهي. مگر جيڪي بزرگ آهن، سي عام کان البت متي آهن، يعنيٰ اهي حد کان ٻاهر آهن. مطلب اهو آهي ته ٻئي ڪنهن نه ڪنهن مقرر مڪان يا جاءِ تي آهن، پوءِ توڙي اهو مڪان حد جي اندر آهي يا ٻاهر، پر سچل سائين چوي ٿو ته فقير ڪنهن به مقرر مڪان ۾ نه آهي، جيڪڏهن هو موجود آهي ته هر جاءِ موجود آهي. جي هن جو ترڪ آهي ته ترڪ لفظ کي به ترڪ آهي.

٩. **ڪپاڙي:** پٽي؛ (سن ـ ڪپال).

مهاڙي: منهن؛ (سن ـ مُکَ + اڙي).

١٠. **وس:** وسندي؛ آبادي؛ وسهَن؛ آسودگي؛ بارش؛ اصلوڪي جاءِ؛ (سن- وس).

١١. **دمامين:** (واحد- دمامو)دهل؛ نغارو؛ ڏمر؛ ڏڪڙ؛ واڄو؛ (ف- دماما).

دم هڻڻ: نعرو هڻڻ.

١٢. **ميڙ:** ميلو، ميلاپ، ميڙاڪو ، گوڙ، (سن ـ ميل).

١٣. **تجريد:** (ع ـ مجرد: اڪيلو) اڪيلائي؛ اوگهڙ؛ علحدگي؛ ڇَڙائي؛ خلق کان الڳ رهائش؛ خدا کان سواءِ غير کان آزاد رهڻ؛ ڇڏڻ.

تفريد: (ع ـ فرد: هڪڙو) هيڪڙائي؛ يگانگي؛ خلق ۽ پاڻ کان جدا رهڻ يعنيٰ يگانو ٿي رهڻ؛ پاڻ کان فنا ٿيڻ؛ پنهنجي هستي مٽائي ڇڏڻ.

نوٽ: اول فقير کي خلق کان الڳ رهڻو آهي، جنهن کي تجريد سڏجي ٿو. پوءِ پاڻ کان جدا ٿيڻو اٿس، جنهن کي تفريد چون ٿا. ان کان بعد توحيد (هيڪڙائي) ۾ داخل ٿئي ٿو پر آخر اها هيڪڙائيءَ جي ڄاڻ وڃڻي اٿس:

"التوحيد ترک التوحيد في التوحيد."

(هيڪڙائي ۾ هيڪڙائيءَ جو ترڪ ڪرڻ هيڪڙائي آهي).

ڪثرت: ع- گهڻائي؛ وحدت جو ضد. هي سارو عالم ڪثرت آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين جا روپ آهن.

ڪُلِ: ع ـ دنيا ۽ دنيوي شيون.

١۴. **پت:** خاڪي جسم (سن ـ پِتي).

۵۔ ڪنٺ، جنهن جو آستان نڙگهٽ آهي.

٦۔ خفي ، جنهن جو آستان پيشاني آهي، جتي شو مهراج جي ٽين اک مڃي وڃي ٿي، جنهن کي هندو ٽرڪٽي چون ٿا.

۷۔ اخفا، جنهنجو آستان چوٽي آهي، جنهن کي هندو دسؤن دوار ڪري ڪوٺين ٿا.

قرار: ع ۔آرام؛ پختگي؛ انجام؛ وعدو؛ قائم؛ زور وارو.

تڪرار: ع ۔تاڪيد؛ وري وري چوڻ يا ڪرڻ.

۲۲. **نڪت:** سُر آسا ۲ ۔ ۹.

ٽونڪر: ٽڪاءُ؛ ٽوڪر؛ اشارو؛ ٿوري ٽوڪر؛ (سن ۔ ٽاڊَ؛ ٽڊ ؛ ڏڪ هڻڻ).

۲۴. **پاڻ وڃائڻ:** خودي يا هستي مٽائڻ.

سجاڻ: خبر؛ ڄاڻ؛ (سن ۔ پرا۔ سجاڻ).

اهڃاڻ: نشان؛ ڏس؛ اهڃ؛ پتو؛ سڃاڻپ جي نشاني؛ (سن ۔ ايڃجان).

ڳهلا: بي عقل؛ پورڙو؛ (سن ۔ گرهڻ + ايلا).

۲۵. **تون ٿي ٻڌندڙ** الخ؛ قرآن شريف ۾ آيل آهي تہ الله سميعُ ۽ بصير (ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ) آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ جيسين الله جي ذات هن بشري بوتي ۾ موجود آهي، تيسين تہ انسان ٻڌي بہ ٿو ۽ ڏسي بہ ٿو. جڏهن اها نڪري وڃي ٿي، تڏهن هي بوتو انهن ڳالهين کان خارج آهي. تنهن ڪري ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو ذريعو انسان آهي ڄاڪاڻ تہ اهي حواس هن صورت ۾ هئڻ سان لاڳو آهن. هن صورت کان ٻاهر جتي هو بي صورت (نرنڪار) آهي، اتي انهن سيني ڳالهين کان آجو ۽ پاڪ آهي.

عيسيٰ: ع ۔ ڪرستان قوم جي پيغمبر جو نالو.

احمد: (ع ۔حمد؛ ساراهہ) حد کان وڌيڪ ساراهيل؛ لاثاني؛ هن برهمانڊ جي پيدائش کان اڳ هڪ نوراني ستارو، جنهن جو نالو "احمد" هو؛ اسلام جي پيغمبر جو ذاتي نالو.

هنومان: ٻولن جو سردار، جنهن سري رامچندر جي راوڻ خلاف مدد ڪئي هئي، (ں هنمان).

۱۸. **پورن**: (واحد ـ پور) خيال، فڪر، ويچار، سوچ فهم، (سن ـ پُور).
پچاڙيو: پـچاڙڻ، پـريشـان ڪـرڻ، لـوڏڻ، رلائـڻ، ڇيـچاڙڻ، سـتڻ ڪـتڻ، (سـن ـ پرسارڻ).
۱۹. **ٿوڪ**: شي، چيز مطلب، مراد اسباب، گهڻو، نعمت، ڪابہ قيميتي شي (سن ـ ستوڪ).
۲۰. **ڪثرت**: (ڪثر: گهڻو) گهڻائي. هي عالم ڪثرت آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين نام ۽ روپ آهن.
ڪُلّ : ع ـ سڀ، مڙئي، وحدت.
الف: ع ـ پهريون اکر الله جو.
هنگامون: ف ـ هلچو، هلان، هڪلون، ڪاهہ. گوڙ، لڙ، آواز.
خلق الاشيا الخ: پيدا ڪيون اٿس سڀ شيُون، پر اُهي شيون پاڻ (الله) آهي، ٻيو ڪجهہ نہ آهي.
۲۱. **قلبي**: (ع ـ قلب : دل) دل جي خيال سان ذڪر ڪرڻ، يعنيٰ دل سان ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ.
نوٽ: قلب خطرن جو محل آهي. انهيءَ دوران ڌڻي جو ذڪر ڪرڻ خطرن کي ناس ڪري ٿو ۽ قلب نرم ٿئي ٿو، ٻيو لساني ذڪر ٿيندو آهي، جنهن ۾ هن زبان سان ڌڻيءَ کي ياد ڪجي ٿو جنهن ۾ شريعت (ظاهري) پاڻ پوڄا اچي وڃن ٿا. فقير خيال سان ڌڻي جي ياد کي ظاهري عبادت کان بهتر سمجهن ٿا انسان جي وجود ۾ فقيرن نو لطيفا مقرر ڪيا آهن، جن کي هندو آستان چون ٿا. صوفي انهن کي ست اطوار چون ٿا:
۱ـ قلبي، جنهن جو آستان کٻي طرف قلب (دل) آهي.
۲ـ روحي، جنهن جو آستان سرير ۾ سڄي طرف جگر آهي.
۳ـ نفسي، جنهن جو آستان نابي يعنيٰ ڌُن آهي.
۴ـ سري، جنهن جو آستان دل ۽ جگر جي وچ ۾ آهي، جتي فم يعني معدي جي ڪڏ آهي.

هن مايا جي پيدا ٿيڻ کان اڳ انهيءَ مطلق نور کي جمال جي نالي سان سڏيو ويو آهي. مايا ۾ ظهور بعد انهيءَ نور جي جلوي ۽ تاثير کي حسن سڏيو ويو آهي.

هوس: ف - خواهش، آرزو، ڪنهن چيز جو شوق، خام عشق، ناقص محبت.

۳. **ڏاهري:** هڪ ذات، جا چرپائپ ڪري مشهور آهي.

مُٺين: مُٺ سان (ف - مشت، پرا - مُٺ، سن - مُشڪ).

۴. **انسان:** ع - پيار رکندڙ. ڪي چون ٿا تہ انسان لفظ نسيان مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ويسارو يا ڀُل.

سهلاني: سير ڪندڙ ، گهمندڙ، (ع - سَيران).

٦. **فارغ:** ع - آزاد، واندو.

فراق: (ع - فرق: وڇوٽي)جدائي، وڇوڙو، ڦوڙائو، ورهہ.

وُصال: ع - ميلاپ، ملاقات، ڪجهي چيز جو حاصل ڪرڻ، وحدت حقيقي، طالب جو پنهنجن وصفن سان ڳڌ ذات ۾ فنا ٿيڻ.

قيل قال : ع - قال: هن چيو. قيل: چيو ويو، ڳالهہ ٻولهہ، گفتگو.

صُمّ بُڪمٌ: صُمٌ بُڪمٌ عميٌ فهم لا يرجعون: ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا آهن، جي نہ ٻڌاندا نہ ڳالهائيندا ۽ نہ سجاڻيندا. خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو تہ اهي حق (سچ) ٻڌڻ کان ٻوڙا، حق چوڻ کان گونگا ۽ حق ڏسڻ کان انڌا آهن.

۷. **پراهن:** ڏارين.

پهير: ڪنڊن جو لوڙهو، (سن - پراچيرَ).

گهريتڙا: گهر جا مالڪ، گهر وارا.

۸. **ويل:** مهل، وير، وقت، وير، وٿي، (سن - ويل).

دئي: ف - ٻيائي، ٻہ سمجهڻ.

ميل: ميلاپ، محبت، لاڙو، وصل.

اويل: دير، اوير، (سن - آ: نہ + ويلا: وقت).

پوٿيون: (واحد - پوٿي) هندن جو مذهبي ڪتاب (سن - پُستَڪ).

قرآن: (ع - قراء: خوش آواز، سريلو) اها چيز جا ضرور پڙهڻي آهي: اها چيز جا عمدي آواز سان پڙهي وڃي: مسلمانن جو مذهبي ڪتاب، جنهن کي آسماني ڪتاب ڪري ليکن جو حضرت محمدﷺ جي معرفت نازل ٿيو.

٢٧. **لاخير في عبدي:** ٻانهي مان خير ڪونهي (حضرت محمدﷺ جن جو قول).

عرش ڪرسي: ع - نائون آسمان: سڀ کان مٿيون مڪان جتي مطلق نور جو مرڪز مڃيو ويو آهي: الله جو تخت گاهه. جتي نوراني ڪرسي مقرر آهي. (ڪافي)

ڪفر : ع - ذات جو لڪائڻ: ڪثرت جو وحدت ۾ لڪائڻ: حق لڪائڻ: ڏٺي جي نعمتن جي ناشڪري.

ڪشف: ع - جو ڪجهه غيبي ۽ امور حقيقي پردن ۾ لڪل آهي ان کان واقف ٿيڻ: کولڻ. ڪشف ٽي آهن : ڪشف القلوب (قلب جو کلڻ)، ڪشف القبور (قبر يعني دفن ٿيل چيزن جي خبر پوڻ)، ۽ ڪشف العلوم (الاهي علم جو کلڻ).

تلوين: ع - طالب جو پنهنجي حالت ۾ ڦير گهير ڪرڻ: يعني ڪڏهن ڪجهه ٿيڻ ڪڏهن ڪجهه. اهو صوفين نزديڪ نقصان کان خالي نه آهي: استقامت جي طريقي ڪوئي مقام ڳولهڻ: مشاهدي ۾ هميشه جيڪا طالب جي حالت ڦرندي گهرندي رهي ٿي، ان کي صوفي تلوين چون ٿا، رنگا رنگي ڪرڻ.

تمڪين: ع - تلوين ۾ قائم ٿيڻ. جيسين طالب راهه ۾ آهي، تيسين صاحب تلوين آهي، ڇاڪاڻ جو هڪڙي حال کان ٻي حال طرف ۽ هڪڙي وصف کان ٻي وصف طرف ترقي ڪرڻ وارو آهي: جڏهن واصل ۽ متصل ٿي وڃي ٿو تڏهن ڪيس صاحب تمڪين چون ٿا، عزت: مرتبو: قدر.

تلقين: ع - هدايت: سکيا: تعليم: گيان: خدائي واٽ کان واقف ڪرڻ.

داستان پنجون

٢. **حسن:** ف- خوبي: سونهن: اها چيز جا پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري: جمال جو تاثير: خدا جو نور.

بسمع ببصر بنطق: ع ـ ٻڌڻ، ڏسڻ، ڳالهائڻ.

خلق الاشياء الخ: (الله) انهن شين کي پيدا ڪيو ۽ پاڻ ان جي جند آهي.

(ڪافي ـ ٢)

ڦولهي: ڳولهي، کولي، تلاش ڪرڻ، (سن ـ گليش).

ڪارڻ: واسطي، (سن ـ ڪرڻ).

ڏونگر ڏورڻ: تڪليفون يا ڏاکڙا ڪيڻ (اصطلاح).

(ڪافي ـ ٣)

جناور : جانور.

وهم: ف ـ فڪر، ڊپ، ڊاءُ، اندر جا وسوسا ۽ خيال.

وهم: ع ـ اوديا، مايا.

ڳاهه: ڪاڏو، ڪاچ، اڻ صاف ول، آنَ وانگر ڳاهڻ يا صفا ڪرڻ، (سن ـ گراسَ).

سر گجري

داستان پهريون

گجري: سر آسا بعد صبح جي پهر ٽوڙي ڳائي وڃي ٿي. گجري ٽوڙيءَ جي شاخ آهي، جا آسا سان لڳو لڳ ڳائڻ ۾ ايندي آهي. جيئن آسا جي سر ۾ گهڻو ڪري خدا تعاليٰ جي خداونديءَ ۽ هيڪڙائيءَ جي حقيقت ڳائي وڃي ٿي، تيئن هن سر ۾ بہ اها هيڪڙائيءَ جي حقيقت ڳائي وڃي ٿي. گجري جي ڳائڻ جو وقت آسا بعد ٨ کان ٩ صبح تائين آهي.

معرفت: ع ـ (عرف: هن ڄاتو) ربي راز جي ڄاڻ، خدا جي سڃاڻڻ وارو علم، صوفي پاڻ سڃاڻڻ جي ڄاڻ کي معرفت چون ٿا. گيان، حق جي ذات ۽ صفات جي ڄاڻ، پروڙ، صوفين جي ٽين منزل.

١. **احد:** ع ـ هڪڙو، واحد، خدا تعاليٰ، اسم ذات. جنهن سان صفت جو واسطو ڪونهي. احد صفات ۾ اڪيلو آهي.

الهي: (الهڻ، لهڻ) هيٺ اچي، لهي وڃي، (سن ـ اُد + لاڊن).

ساجهر: (فجر، ڦٽڻ)باک ڦٽي، صبح سويل، (فاجر، ڦاڙيندڙ، اوندھ کي ڦاڙيندڙ).

٩. **مغربي:** (ع- غرب ـ لهڻ مغرب، اولهه) اولهه طرف جا ماڻهو.

تاريک: ف ـ اونداهي.

نير: ف ـ اقتدار، طاقت.

ماڻهکي: پرولي، ڳجهارت.

مٿير: مٿيرو، بهادر، مٿي وارو، ڏاناءُ، (مَستَک: مٿو، اير: وارو).

ناسودي: (ف- سود: فائدو) جنهن مان فائدو نه ملي؛ جنهنکي ناس پتو نه هجي.

١٠. **مکڙي:** ٻيڙي، ٻوندي، مکڙي جي اصل معنئ آهي ڪُپي يا مڙيل، (سن- مکني).

ملاح: ع ـ ٻيڙي يا جهاز هلائيندڙ، ميربحر.

بانکا: (بانک: پرواھ) بهادر، سورما، زور ڀريا، (گ ـ بانک، م- وانک، سن ـ ونک).

لهر : (سن ـ لهير) موج، چکر، گهمرو.

اڏين: نڌڻکن، بي واهن، عاجزن، جن کي پرجهلو نه هجي، (سن ـ آڌِين).

١١. **نقرو:** اڇو، سفيد، (ع ـ نقره).

نيري گهوڙي: اشارو انگريزن ڏانهن، جن جو اکيون نيريون ۽ رنگ سفيد هو.

ٽالپر: (ٽالي بر : ٽاري وڍيندڙ) هي اصل بلوچ قوم جا آهن . سندن بادشاهي سنڌ ملک تي هئي. سچل سائين جي وقت ۾ ٽالپر حاکم هئا.

نهوڙي: نهوڙڻ، نيپوڙڻ، جيتڻ، مارڻ، ضعيف ڪرڻ، (سن ـ نِشُودَنَ).

(ڪافي ـ ١)

اسرار: (ع ـ واحد ـ سِرّ) ڳجهه، ڀيد، راز.

پرجهائي: (پرجهڻ) سمجهائڻ، پروڙڻ (پربَد).

آر : رضا، شوق، خواهش، قرب، چاھ، پيار، عشق، لاڙو، محبت، وھ، تک، (سن ـ آرڻ).

لاحد: ع ـ حد کان ٻاهر، لامکان، جتي ڪوبہ مکان نہ هجي.

۴. **الله هو:** (الاهو) ال هميشہ عربي ۾ اسمن اڳيان آئيندا آهن. "لا": ڪجهہ بہ نہ (نفي)، "هو" (اثبات) ثابت آهي. الله جي شد جو اهو مطلب آهي تہ لفظ ۾ ٻہ لام آيل آهن. صوفي انسان جي سسيءَ جي ٻيڻ "هو" سان ڏيندا آهن. جيئن "ھ" جي وچين ليڪ لنگهي هن کي ٻہ ڀاڱا ڪري ٿي، تيئن انسان جي منهن جي وچان نڪ جي ليڪ سندس منهن کي "ھ" وانگر ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿي.

تصور: ع ـ خيال سان ڏسڻ، ڌيان ۾ رکڻ.

لا: ع ـ نہ، نفي، هو: اثبات. اسلام جي ڪلمي جو مطلب نفي ۽ اثبات ۾ رکيل آهي.

من عرف الخ: جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن رب کي سڃاتو. قول: حضرت علي رضہ.

نوٽ: اهو ٻانهپ وارو خيال (تہ مان بندو آهيان) جيستائين تنهنجي دل مان دور نہ ٿيندو، تيستائين تون پاڻ سڃاڻي نہ سگهندين. اهو وهم لاهہ تہ توکي پنهنجي اصليت معلوم ٿئي تہ تون ڪير آهين.

خيال: ع ـ اها چيز جا زمان ۽ مکان کان آزاد آهي.

٦. **رام:** فرمانبردار، راجا دسرت جو پٽ سري رامچندر. هت اشارو خدا طرف آهي (سن ـ رام).

رحيم: ع ـ رحم وارو، دياوان، خدا جي صفت .

موج: ف ـ مستي، ريجھ، سمنڊ جي لهر، درياهہ جو وهڪرو.

گبر: ف ـ آتش پرست ، زردست پيغمبر جي قوم.

مومن: (ع ـ ايمن: سلامت) سلامتي ۾ آيل.

نصاريٰ: حضرت عيسيٰ جي امت (ڪرستان)، (ع ـ نصاريٰ).

خلق الانسان الخ: خدا انسان کي پنهنجي صورت موافق خلقيو آهي.

۷. **خمر:** ع ـ شراب.

خمار: ع ـ شراب جو نشو، مستي محبت جي.

الست بربكم قالو بلىٰ: ڇا مان نہ آهيان اوهان جو رب؟ روحن جواب ڏنو تہ هائو.

نوٽ: جڏهن رب روح پيدا ڪيا، تڏهن ڪائن پڇيائين؟ "الست بربكم" (آيا مان اوهان جو رب نہ آهيان). چيائون. ("بلىٰ" هائو، تون اسان جو رب آهين.) انهيءَ ڏينهن کي شاعرن الست بربكم جي پهرين لفظ الست سان ياد ڪيو آهي، جنهن کي روز ميثاق بہ چون ٿا.

سِرُ: ع - راز، ڳجهہ، ڀيد، (ف - سِرُ: مُنڍ، اصل).

غائب: ع - اوجهل.

غير: ع - ٻيو، ڌاريو، خدا کانسواءِ ٻي شي، ماسوىٰ الله، دوئي، ٻيائي، مَٽُ.

حق الحق: ع - نج سچ، سچ، سچ ۾ سچ.

٢. **عرفت ربي بربي:** مون پنهنجو رب پنهنجي رب جي وسيلي سڃاتو (حديث).

ڪُلي: ع - ڪل، سموري، مڙئي، سربستي.

ڪَل: (ف - ڪل. سن - ڪلا) سڌ، خبر، سماءُ، پتو.

٣. **الف احديت وارو:** احديت جي اڳيان جو الف اکر آيل آهي، يعنيٰ هيڪڙائي.

احديت: ع - هيڪڙائي. هت اشارو الله طرف ڏنل آهي، ڇاڪاڻ تہ الله جي اڳيان الف اچي ٿو ۽ الله هڪڙو آهي.

نوٽ: الف جي معنيٰ ننگو بہ آهي يعني ڪوبہ وستو جان تي نہ رکڻ ۽ دنيا بلڪل تياڳ ڪري نڪرڻ. ٻي تي وغيره حرفن کان فقير گهٽو ڪري نفرت ڏيکاريندا آهن، يعنيٰ اهي حرف دنيا جي وهنوار سان لاڳو سمجهندا آهن.

شرح ملا: نالو هڪ نحو (گرامر) جي ڪتاب جو. جنهن جو مصنف ملا جامي آهي. انهيءَ ڪري هن ڪتاب کي "شرح ملا يا "جامي جي شرح" ڪري ڪوٺيندا آهن.

ملا: ع - ڏمتار، ظاهري علم جو ڄاڻندڙ، ظاهري علم سان ڀريل، الله جي عشق جو منڪر (صوفي اصطلاح).

ڪنڌ: پٺي (ف - ڪونہ).

موڙھا: بيوقوف، مت منجهيل، موڳا، مورک، (سن ـ مُوڍ).

ڳوڙھا: مخفي، اونهو، (سن ـ گوڍ).

(ڪافي ـ ١)

آرائيو: أماڙي، باھ جو مچ، چُوانتي، (سن ـ أپالَمپَ . أپ : ويجهو+ آ : تائين+ لپ: ڏکوئڻ).

مشرب: ف ـ پيالو، ڪوزو.

مدام: ف ـ هميشه، ديرپا، لڳاتار.

قيد: ع- بند، صفاتي بوتي جو بند.

جام: ف ـ وحدت جو شراب.

آءُ جاري الخ: مان هميشه وحدت جي شراب جو پيالو پيان ٿو.

(ڪافي ـ ٢)

سجي: سجڻ، ڏسڻ، چتائڻ، اشارو ڪرڻ، پتو ڏيڻ، دل تي رکڻ، نظر ڪرڻ يا لائڻ، نشان ڪرڻ، اکيون ملائڻ، اگهاڙڻ، (سن ـ سڌِي).

(ڪافي ـ ٣)

عين: ع نح، خالص، نسورو، خود، پاڻ، محض، (عين اک).

دلق: ع ـ فقيراڻي گودڙي.

درويشي: ف ـ درويش. در: ھنيو (دروازو) ويش : ويختن ـ ٽنگڻ يعنيٰ جيڪو سوال ڪندڙ (سائل) هجي، ڪن لغتن لکيو آهي تہ دُرُ : موتين جو پتلو يا جواهر ويش : وانگر يعني جواهر جهڙو، ڪن عالمن لکيو آهي تہ فارسي ۾ "در" جي معنيٰ آهي "وچ ۾"، تنهن ڪري درويش جي معنيٰ آهي "وچ ۾ ويهڻ وارو" يعنيٰ هر جا عزت لهڻ وارو، فقيري.

سيلان جو وَھڻ يا رواني. ٤١: ع ـ سير، پاڻي.

مرهم: ف ـ سيڪو، ڪل، مڙئي.

مسروري، خوشي، (ع۔مخمور، مست).

ازلا، ع ـ ازل کان، روحن جي پيدا ٿيڻ وارو ڏينهن.

ابدا، ع۔ ابد کان، شروع، کان روحن ۽ مايا جي شروعات واري ڏينهن يا وقت کان.

انا احمد الخ، مان احمد آهيان بنا ميم جي يعني احد (خدا) (قول، محمد صلعم).

۸. **موتو قبل الخ**، مرڻ کان اڳي مر (قول الفقرا).

جيوڻ ۾ مر الخ، زندگي جي وقت ۾ مري وري جيئرو ٿيءُ. هن ديهي مان دم ٻاهر ڪڍي وچ ۾ وري اچي انهي جُوءِ ۾ واسو وٺ. جڏهن اهو عمل موت ۽ زندگيءَ تي قادر ٿيڻ جو ڪندين، تڏهن فقير سڏبين.

۹. **ذات**، ع ـ اصليت، نور الاهي، پرماتما جي جوت.

صفات، ع ـ ان مٿي ڪوش يعني جو ڪجهه هن برهمانڊ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اها شي جنهن ۾ پاڇو پوي. هتي اشارو انسان جي سرير ڏي آهي.

ڀول : ڀولو، چُڪ، غلطي، گمراهي، هڪ جو ٻيو سمجهڻ، دئي، (سن ـ ڀرم).

چولي، چولي ۾، بوتي ۾، سرير ۾، (سن ـ چولڪَهه).

۱۰. **ٽوڙ**، ٽوڙڻ، ڀڃڻ، ڇنڻ، (سن ـ ترٽُ).

رسم، ع ـ ريت، رواج.

بيگانو، ف ـ ڌاريو، اڪيلو، ناآشنا، ويڳاڻو (ف ـ بيگانہ).

يگانو، ف ـ بي مثل، لاثاني، (ف ـ يگانہ).

ونفخت فيه الخ، ڦوڪيائين ان (آدم) ۾ پنهنجي روح مان (قرآن).

شملو، پڳ ، دستار، (ف ـ شملہ).

شهانو، بادشاهي وارو، (ف ـ شهانہ).

۱۱. **دع نفسڪ**، پنهنجي نفس کي ڇڏ، خود ذات تي وڃ ، هن صفات کي وڃائي ڪڍي ڇڏ.

هستي، (ف۔ هست ـ آهي) اهنڪار، هٺ، هئڻ، خودي، وڏائي، بود، باڻ، وجود، جوهر آتما.

وبي ينطق الخ: ۽ مون سان ڳالهائي ٿو يعني آءٌ ٿو ڳالهايان ۽ ڏسان.

نوٽ: سالڪ هڪڙي اهڙي درجي ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ هو نڪي ڳالهائي ٿو ۽ نه ڪي ڏسي ٿو، بلڪ اناالحق ڳالهائي ۽ ڏسي مگر پاڻ گم آهي.

۵. **الانسان سري** الخ: انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان انسان جو ڳجهه آهيان (حديث).

طبل: ع - نقارو، دهل.

خدائي: اهو سچل سرمست جو منڊ ۾ تخلص پڻ هيو جو آشڪار بدران شعر ۾ ڪم آڻيندو هو، خدا وارو.

٦. **فرق**: ع - تفاوت، ويڇو، جدائي، تفرقو.

غازي: ع - غزا ڪندڙ، جهاد ڪندڙ، خدا جي راهه ۾ وڙهڻ وارو.

ڪل شي هو الله: سڀڪا شي الله آهي ۽ نه ٻيو.

٧. **ليس في** الخ: منهنجي جبي (پوش) ۾ الله ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي (جنيد).

هيچ: ف - ڪجهه به نه، ڪي ڪين.

الستي: ع - شروع وارو، خدائي، روحن جي پيدا ٿيڻ واري وقت جو.

٨. **ڪل شي يرجع** الخ: سڀ شيون پنهنجي اصل ڏي موٽن ٿيون (حديث).

مو: ف - وار.

عين: ع - نج، خالص، نسورو، خود، پاڻ، محض، اک.

٩. **غمزو**: ناز نخرو، اک جو، اشارو (ع- غمزه).

١١. **والله**: ع - قسم خدا جو.

خويشي: ف - خويش، پاڻ، خود قريب، قبيلو.

١١. **بدڪيشي**: (ع - بدڪيش - بد مذهب) ناپاڪائي، ڪدومي.

دلريشي : ف - (ريس - ڦٽ) ڦٽيل دل وارا.

(ڪافي)

ڪوچه: ف - ڳلي.

ونحن اقرب: " وَنَحنُ اَقرَبُ اِليهِ مِن حَبلِ الوَرِيدِ ". يعني اسين هن (انسان) کي سندس گردن جي رڳن کان به ويجها آهيون (قرآن).

ڳهلو: پورڙو، بيعقل، بيوقوف، (سن - گرهڻ + ايلا).

۱. **ميخانو**: ف ـ شراب خانو.
ڪيف: ع ـ خمار، نشو، نشي جي لذت، سرخوشي، مخموري.
حسن: ف ـ عام خوبي جو نالو، صورت جي خوبي، اها چيز پاڻ ڏانهن ڇڪي، مايا ۾ سمايل نور . نوٽ: حسن فاني آهي.
جمال: ف ـ خاص خوبي، صورت ۽ سيرت ۾ خوبي، نور اعظم جو جلوه، پرماتما جي جوت.
نوٽ: اجا مايا پيدا ڪانه ٿي هئي، ان کان اڳ نور ئي نور هو. انهيءَ نور اعظم جي جلوي کي جمال چون ٿا. مايا ۾ سمائڻ بعد ان کي حسن چون ٿا. تنهن ڪري حسن فاني ۽ جمال باقي آهي.
ثواب: ع ـ نيڪ ڪم جو اجر يا بدلو، پُنُ.
۲. **فرعون**: ع ـ مصر جي بادشاه جو نالو. جنهن خدائيءَ جو دم هنيو.
منصور: سندس نالو حسين بن منصور حلاج هيو. ۾ هو منصور جي نالي سان مشهور آهي ۽ هڪ وڏو صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن پڻ خدائي دم هنيو.
فرعوني منصور الخ: سچل سرمست چوي ٿو تہ خدائي دم تہ فرعون بہ هنيو ۽ منصور بہ، پر سچو ڪهڙو ۽ ڪوڙو ڪهڙو. سچو دم سچ پچ منصوري آهي، جو جڏهن پنهنجو صفاتي بوتو وڃائي وجي ذات ٿي بيٺو، تڏهن منجهانس اهو اناالحق (مان خدا) جو آواز نڪرندو رهيو. موت جي آزمائش تائين سچ تي قائم رهيو. فرعون جي دعوي غلط ثابت ٿي جو آخر پڇتاءَ جي موت مُئو ۽ ڪنهن بہ آزمائش ۾ پورو ڪونہ بيٺو.
۳. **مخدومي**: (ع ـ مخدوم: خدمت ڪيل) مالڪي،
۴. **صريح**: صفا، ظاهر ظهور، کليو ڪلايو، نج: نسورو.
گويائي: ف ـ گفتگو.
ڪل شي الخ: جيڪا چيز ڳالهائي سا اهو الله آهي (قول الفقرا).

هلاڪي: تڪليف؛ موت؛ (ع ـ هلاڪ).

فراخي: (ف ـ فراخ: ڪشادو) ڪشادگي.

طباخي: ع ـ بورچي؛ پيٽر (گهڻ کائو)؛ نانوائي؛ (ع ـ طباخ).

١٠. **دائرا**: (ع ـ واحد ـ دائرو)گهيرو؛ حلقو؛ مجلس؛ اوطاق؛ جاءِ؛ دئار.

دعوت: ع ـ دعوت جو هڪ علم آهي، جنهن وسيلي روحن کي حاضر ڪرائبو آهي؛ نسب جي دعويٰ ڪرڻ.

معدومي: (ع ـ عدم؛ ناپيدا، گم) نيستي؛ ناپيدا؛ نابودي.

١١. **ارض سما**: ع ـ زمين آسمان.

حقاني: ع ـ حق جو؛ خدائي.

١٢. **آمدرفت**: ف ـ اچ وڃ؛ عروج نزول؛ دمن جو لاهڻ چاڙهڻ؛ پراڻ يام.

لامڪان: ع ـ جنهن جي ڪا خاص جاءِ مقرر نہ هجي؛ هرجا؛ وحدت جي منزل.

١٣. **بُخاري**: بُخاري مُلڪ جو. نوٽ: سيدن جو بنياد اول بُخاري شهر کان هت آيو، تنهن ڪري بُخاري سيد مشهور آهن.

١٣. **پر** : ڪپر؛ ڪنارو؛ (سن ـ پَرَ).

بستي: ف ـ جاءِ؛ آبادي.

ڪڪوريل: سرخ رنگ جو؛ خماريل. ڪڪورڻ: ڳاڙهو ڪرڻ، رگڻ. (سن: ڪُڪم).

ڪر: ڪل؛ خبر؛ سڌ؛ ڪنارو؛ (سن ـ ڪلا).

ڪشتي: ف ـ ٻيڙي.

١٥. **رنگ**: راحت؛ وندر؛ خوشي؛ ظاهري حالت؛ رونق؛ حال؛ طاقت؛ صورت؛ (سن ـ ف ـ رنگ).

ريٽي: ريٽڻ؛ ميٽڻ، ميسارڻ، (سن ـ مرَجُ).

بي رنگ: رنگ کانسواءِ؛ بي مثل؛ لاثاني؛ وحدتي.

١٦. **ڪيميا**: ف ـ سون ٺاهڻ جو علم.

خوءِ: ف ـ مزاج ـ طبع ؛ عادت.

۱. **دم:** ف ـ (س- سوانس) ساهه، جنهن ذريعي پنهنجي اصليت سمجهي پاڻ سڃاڻجي.

هو: ع ـ اثبات. (انسان جي دم جو اوچتو آواز به "هو" آهي. اهو تڏهن صاف معلوم ٿئي ٿو جڏهن انسان ٿڌو ساهه کڻي ٿو).

۲. **هويدا:** ف ـ ظاهر، عيان، نمودار، پيدا.

۳. **مان ۽ تون جي سودي** الخ: مستان هٺ ڪرين ۽ پوءِ تن ۾ ڪابه برڪت يا طاقت نه رهي بلڪ تنهنجو اندر خالي ڪوکي جو ڪوڪو نه رهجي وڃي.

۴. **طلسم:** ع ـ جادو.

تلافي: ع ـ تدارڪ، پورائو، عيوضو.

صوفي صافي: اهي صوفي جن ۾ ....

۵. **ڪسب:** ع ـ ڪم، ڌنڌو، هنر.

دم بند ڪرڻ: دم مٿي چاڙهڻ ، حبس ڪرڻ، پراڻ يام.

فروعي: ع ـ هٿرادو، مصنوعي، ڪُوڙو.

مشائخ: (ع ـ واحد ـ شيخ) وڏا، بزرگ.

معلم: ع ـ علم وارو ماستر، استاد، ملاح، ناخدا.

۷. **زهد:** ع ـ عبادت، خدا پرستي.

تقويٰ: ع ـ پرهيزگاري.

طاعت: ع ـ بندگي، عبادت، فرمانبرداري.

سَوايو: هڪ ۽ چوٿون حصو، زيادهه، سرس، ڪسر، سَکيو، سَکاريو، (س- سَپاءُ)

۸. **روز ازل:** روحن جي پيدائش وارو ڏينهن، ڪائنات کان اڳ وارو ڏينهن.

۹. **منڪر:** ع ـ انڪار ڪندڙ.

مشاخي: (ع ـ شيخ، وڏو) وڏائي، بزرگي.

بم : ف- بلند آواز (نقاري جو).

(كافي)

پٽي: اُپٽڻ؛ پٽڻ، کولڻ، اپٽار ڪرڻ، (سن - اُتپَ ٽَن).

نردا: ف - پيو ڏينهن، سياٽي.

گهٽ گهٽ: گس؛ پيچرو؛ لڪ؛ گهر؛ جاءِ؛ اندرُ؛ نڙي؛ (سن - گهَٽ).

(ڪافي)

طلسمات: (ع - واحد - طلسم) جادو.

دوئي: ف - ٻيائي؛ ٻه سمجهڻ.

طاعات: (ع - واحد - طاعت) بندگي.

حڪايات: (ع - واحد - حڪايت) ڳالهيون؛ آکاڻيون.

عزلات: ٻن بتن جا نالا، جي ڪعبي ۾ رکيل هئا، جن کي عرب پوڄيندا هئا (ع - عزيٰ + لات).

موجودات: (ع - واحد - موجوده) پيدا ٿيل چيزون، مخلوقات.

صفات: ع - ان مئي ڪوش يعنيٰ جو ڪجهه هن برهمانڊ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو؛ اها شي جنهن جو پاڇو پوي.

تصديع : ع - تڪليف؛ آزار؛ درد.

سُرُ ڀيروي

داستان پهريون

ڀيروي: راڳڻي جا صبح جو آسابور ڳائي وڃي ٿي، جا هڪ من موهيندڙ منڙي ۽ ڪومل راڳڻي آهي. چون ٿا ته ڀيروي هڪ مرگهه نين حسين عورت آهي. لب ياقوتي، رخسار مثل انار، نهايت نفيس سفيد لباس ۾ ملبوس، چمڪندڙ ڇهري سان ويٺي ڳائي. سندس عاشق مالڪوس آهي.

مجاز: ع - غير حقيقت؛ ظاهري صورت جو عشق؛ مجازي عشق؛ غير اصلي.

١. **غماز**: ع - اکين جو اشارو ڏيڻ؛ سخن چين؛ طعنو هڻڻ.

حفظ ڪرڻ: ياد ڪرڻ؛ ڪنٺ ڪرڻ.

سمانا: (واحد- سمانو) عزت وارا؛ مان وارا شاناڻا؛ (سن - سمانَ، س: سان + مان: عزت).

ڪرانا: (واحد - ڪرانو) بهتان.

١٧. **ڪعبو:** ع - بيت الله؛ الله جو گهر.

قبلو: ع - طرف؛ عبادت جو طرف؛ ڪعبي جو طرف.

ڪعبي واري: حج واري.

١٨. **مسائل:** (ع- واحد - مسئله) مذهبي سوال يا نڪتا؛ عقلي نقلي مقدما؛ سوال؛ اهي ڳالهيون جي پڇيون وڃن.

مصلا: (ع- واحد - مصلو) عبادت جو وڇاڻو؛ ڪپڙو؛ اها چيز جنهن تي نماز پڙهي وڃي؛ جاءِ نماز.

١٩. **نابودي:** ف - نيستي؛ نهنائي؛ فنائي.

ڪُلالي: ڪوڙ؛ (سن - ڪ : خراب: لل + اي).

ڪَلالي: شراب وارو؛ (سن - ڪَليا پال).

قاف: جبل.

ڪشالي: تڪليف؛ ڏاڪڙو؛ (سن - ڪَشٽَ).

٢٠. **استاد ازل** : الله تعاليٰ؛ پرماتما.

٢١. **مان ۾ رهندين:** خوديءَ ۾ هوندين . مان : خودي ، هٺ، اهنڪار.

٢٢. **نفلاتي:** ع - نفل پڙهڻ وارو؛ نفل: زائد عبادت جا واجب ناهي.

ورد: ع - هر روز جو ڪم، نهرايل ڪم، پاٺي پيئڻ جي جاءِ.

وظائف: (ع - واحد - وظيفہ) مقرر ڪيل چيز؛ عبادت، جا فرض نہ آهي؛ پگهار؛ لوازمو.

رجعاتي: (ع - رجعت : رجوع ٿيڻ) خلق کي پاڻ ڏانهن رجوع ڪرڻ وارو.

ڪراماتي: ڪرامت هلائڻ وارا؛ (ع - ڪرامت).

درجاتي: (ع - واحد - درجہ) درجي وارا؛ رتبي وارا.

عشق واري اثباتي: عشق کي ثابت ڪرڻ.

وجود بہ اچي ويو، جنهن جي وسارڻ سان انسان پاڻ سڃاڻي ٿو. جنهن پاڻ سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. اهڙن عاشقن کي هي مايا جومهراڻ اٽڪائي نہ ٿو سگهي.

سيف: ف ـ ترار.

سٽڪ: آ- سٽڪو؛ آواز؛ ڪڙڪو؛ سڙڪو.

جهٽڪ: جهٽ؛ تڪڙو؛ تڪو؛ سٽ؛ ڪاهہ؛ اچانڪ؛ جهڙپ؛ (سن ـ جهٽتي).

سٽ: عيوض؛ مٽاسٽا؛ سودو؛ سانٽو؛ (ڏن ـ ساهٽيہ).

ٻٽڪو : آ- ڏوڪاري؛ سٽڪو؛ مارو.

٧. **ڇهبلن:** (واحد- ڇهيلو) سهڻو؛ نازنين؛ معشوق؛ (سن ـ ڇو + ال + ڪ. ڇو: سونهن؛ ڇي: ورهائڻ).

ڇلا: گول ، گهنڊي دار ، پيچ دار، (سن ـ ڇلي : ول).

مُو: ف ـ وار.

مکيڙيا: مکيڙڻ؛ چڙ ويڙ ڪرڻ) پکيڙيا؛ (سن ـ مُک + کيڙيا).

نيم شبي مهتاب: اڌ رات جو چنڊ.

مشعلا: (ع ـ مشعل روشن) شمع، ڏيئو.

تاريڪي: ف ـ اونداهي.

تيجارا: تيج وارا؛ روشن، چمڪندڙ، (سن ـ تيج + آرا).

آجهلا: جهل ۾ نہ اچڻ وارا؛ اڻ ٽر؛ بي ڊپا؛ (سن ـ آ : نہ + جهل).

٨. **سنبل:** ع ـ گل جو قسم، جو رنگ جو ڳوڙهو ڳاڙهو ڪاري جهلڪ تي ٿيندو آهي.

سلا: (واحد ـ سلو) گونچ.

واسينگ: هڪ وڏو زهريلو نانگ، جنهن جي مٿي ۾ مڻ ٿئي ٿي. شاعر معشوق جي وارن سان ڀيٽيندا آهن، جو اهي بہ ائين ئا عاشقن جي دل کي ڏنگين، جيئن واسينگ نانگ. پڻ پريان ائين پيا نظر اچن، ڄڻڪ نانگ ڪر ڪڍيو وڪڙ هنيو ويٺا آهن. (سن ـ وش: زهر + انگ : عضوو).

البيلن: (واحد البيلو) لاڏلو؛ پيارو؛ محبوب؛ (سن ـ آلپ+ ويل. ويل: نخرو ڪرڻ).

٢. **نخوت:** ع ـ ناز، وڏائي، لاغرضي، غرور.

٣. **قوس قزح:** (ع ـ قوس : ڪمان، قزح: پٽاپٽي) رنگارنگي ڪمان؛ ڏگهي ڪمان؛ قزح فرشتي جو نالو آهي جو بادلن مٿان مقرر ٿيل آهي؛ انڊلٺ.

۴. **ابرو:** ف ـ ڀرون.

ڪمان: ف ـ خم واري؛ ڪُبي؛ مڙيل.

ضرب: ف ـ ڌڪ؛ نشان.

الامان: ف ـ رب جي پناهہ؛ توبهہ.

سل: سوراخ؛ چاڪ؛ زخم؛ ٽنگ؛ (سن ـ شَلِيَہ).

پيڪان: (ف ـ واحد ـ پيڪ: چهنب) تير جي نوڪ. هتي پنبڻين سان مشابهت.

٥. **ڪجاڪج:** ڏنگا؛ وروڪڙ؛ پيچدار؛ خم؛ ٽيڙو (ف ـ ڪج).

محراب: ع ـ مسجد ۾ امام جي سجدي واري جاءِ. جا مرغول شڪل يعنيٰ ڪمان وانگر گولائي سان هوندي آهي.

مصحف: (ع ـ صفحن وارو) ڪتاب؛ پستڪ؛ قرآن شريف.

اعراب: ع ـ لاڪنائون يعنيٰ اهي علامتون، جي لفظن کي متحرڪ ڪن ٿيون، جهڙوڪ زير، زبر، پيش، مد وغيره.

سيپارا: (ف ـ سي : ٽيهہ + پارا : ڀاڱا) قرآن شريف جا ٣٠ ڀاڱا.

باب: ع ـ سبق؛ ڪتاب جا فصل؛ دروازو.

برهہ جا باب: عشق جا داستان.

٦. **چٽڪ:** چٽڪو؛ جهلڪو؛ تجلو؛ (سن ـ چٽل).

ڪٽڪ : گوڙ؛ لشڪر؛ فوج؛ (سن ـ ڪٽڪ).

اٽڪ: بندش؛ رڪاوٽ؛ آڙ؛ (سن ـ اَرٽَ + ڪ).

اٽڪ جي اٽڪ: اٽڪ درياهہ جي آڙ.

نوٽ: هتي معني آهي تہ جنهن چيز عاشقن کي محبوب سان ملائڻ ۾ اٽڪ ٽي وڌي، سا بہ هو ٽپي پار پيا. اهو اشارو مايا جي بندش طرف آهي، جنهن ۾ هيءَ

فهمي فهماشي: ع - فهم واري؛ خيال واري؛ سوچ سمجهه واري.

قراني حاشي: قرآن شريف جي ورقن جي چوڌاري چِٽيل حاشي.

نوٽ: اڳاٽي وقت ۾ امير ماڻهو قلمي قرآن شريف لکائي ان جي حاشيءَ تي قسمين قسمين گلڪاري، جڙاءُ ۽ طلائي ڪم ڪرائيندا هئا.

ڪاشي: هندستان جي اوڀر طرف هڪ شهر، جتي هندو تيرٿ ڪرڻ ويندا آهن.

منزلون: (ع- واحد- منزل؛ نزل - هيٺ لٿو) جتي گهوڙي، اٺ يا ٻي سواريءَ تان لهي آرام ڪجي.

آرامگاهه: ويهڪ جي جاءِ (ع - واحد - منزل).

(ڪافي - ١)

سليائون: (سلڻ) ڏسڻ، ٻڌائڻ، چوڻ، ظاهر ڪرڻ. (سن - سَملَپَن، سم+ لپ: چوڻ).

پرجهي: (پرجهڻ: پروڙڻ، سمجهڻ، ڄاڻڻ. (سن - پربُد).

وحدت: (ع - واحد: هڪڙوئي) هيڪڙائي (ذات ۾ اڪيلو).

ڪثرت: ع - گهڻائي؛ وحدت جو ضد.

مورائون: اصلِئون؛ مورِ.

(ڪافي - ٢)

چوٽ: ضرب؛ صدمو؛ ڌڪ؛ (سن - چوٽيه).

(ڪافي - ٣)

بيران: ف - پريشان؛ بيزار؛ حيران؛ ويران.

ديوان: چريو؛ (ف - ديوانه).

تبرن: (ف - واحد - تبر)ڪهاڙي.

داستان ٻيو

١. **زقوم:** ع - ٿوهر. ٿوهر جي کير ۾ زهريلو مادو ٿئي ٿو، تنهن ڪري زقوم زهر جي بدران ڪم ايندو آهي. قرآن شريف ۾ ان کي دوزخين جي خوراڪ چيو ويو آهي.

۹. **ولا:** وڪڙ، وراڪو، (سن - بَلِ).

ورهه: برهه، عشق، (پرا - وِرَهَ، سن - وِرهَ).

ڪلاءِ: چا لاءِ.

واصل: ع - مليل ، ملندڙ.

وٽيون: (واحد - وٽ) وٽ، وراهه، اڙيون. (سن - وَٽَنُ).

واصل ڪي وٽيون الخ: دنيا جا جملي حساب ڪتاب ويڙهي سيڙهي رکين.

۱۳. **حقاني:** ع - خدا جي.

گولاڙا: (واحد - گولاڙو) پانها.

ٺڪر ٺلا: اڻ چاڻ، عشق کان غير واقف، خالي، سکڻو. (هيم - ٺلو).

۱۴. **وير:** عيوضو، دشمني، (سن - وَيرَ).

پاٺون پونديءَ پير الخ: هن بيت ۾ سچل سائين قاضيءَ کي گويا دعا ڪئي آهي ته خدا ڪندو ته توکي به عشق لڳندو. چاڪاڻ جو فقير صاحب جي خيال ۾ عشق جهڙي متبرڪ ۽ نيڪ چيز ڪانه هئي.

۱۵. **بِلي:** وس، هٿ، اختيار، (ف - بِل).

بَلي: ف - هائو، اتم ، اعليٰ وهه واهه.

آڙاهه: باهه جو پنبيٽ يا مچ، ڪُنُ، سمنڊ، مشڪل. (سن- آورت)

۱٦. **ناطق:** ع - صاحب عقل، ڳالهائڻ وارو.

روب: دهشت، حشمت، تاب، (ف - رعب).

روي: سچ، (سن. رَوِ).

۱۷. **سهمان:** مهڻا، طعنا، ايذاءِ چڙيون، خوف، هراس، (پرا - سُهُمَ).

چڪن: عاشق، موهت، مست، پريشان، حيران، (سن - چِڪتِ).

چمان: ناز نخرا. اکيون. (ف - چشم).

سمان: (واحد - سمو) وقت، ويل، (سن - سَمَيَ).

۱۸. **راشي:** سادي، ڪمزور، (ف - راشه).

خاشي: خاصي، چڱي، خاص، عمدي، (ع- خاص).

جهلڪن: چمڪن، چلڪن، (پرا - جهلَڪَ).

داڻا: پگهر جا ڦڙا، ڪڻا، ڪڻ ڪڻ، (ف - دانہ).

درڪ: چير سوراخ، چاڪ، (پرا - دَرَڪَ).

١١. **ڪنڍا:** ڪنڍا وڪڙ سان، پيچدار، (سن - ڪُنڊلَ).

ماڻڪ: ماڻڪيون (اکين جي تاري جو وچون چڪر) رتن، لعل، (سن - مَڻيڪَ)

محرابي مرغول الخ: پرينء جي پيشاني تي ڇلاڇلا گهنڊي وار اهڙي تہ ڪمان وانگر گولائي سان ٺهيل آهن، جهڙو گويا مسجد جي محراب جو مرغول.

١٢. **حبشي:** ع - شيدي، ڪارو.......... ؟

ڪشي: ف - ڪشيدن؛ تاڻڻ) تاڻي.

رشي: مهنت، خدا وارو، بزرگ، (سن - رُشِ).

١٣. **آيتون:** ع - (واحد - آيت) نشاني، مثال، تمثيل، قرآن شريف جو فقرو.

مطالع: اڀياس، پڙهڻ، (ع - مُطالعه).

قاري: ع - پڙهندڙ، مٺي آواز سان پڙهندڙ، هتي قرآن شريف جو قابل پڙهندڙ.

هِجي: زير زبر سان (ع - هِجاء).

روان: لس پڙهڻ.

١٥. **خاصو خوب خيال الخ:** اي طالب هيءَ پنهنجو عمدو خيال هميشہ دم (سوانس) سان پيو ڪڻ، يعنيٰ الله جو نالو دم ۾ خيال سان وٺ.

وحدت جو وصال: هيڪڙائيءَ ۾ فنا ٿيڻ.

پانڌوڙي: پنڌ ڪندڙ (خدا جي طرف)، حق جو طالب، قاصد، پهي، مسافر (سن - پِنٿڪَ).

. **اناالحق:** ع - مان سچ، مان خدا، اهم برهم.

عبدالحق: سچل سرمست جي مرشد جو نالو، جو سندس چاچو پڻ هيو.

(ڪافي ١)

وهلور: بيزار، تنگ، حيران، پريشان، (سن - وِهوَلَ).

چُور: پرزا پرزا، ناسُ، ذرا ذرا، غرق ٿيل، ڀڳل، پيٺل، (سن - چُورڻ).

تاراج: ف - لٽ، ڦر، غارت، ناس.

هلاهل: ف هڪ زهردار ٻوٽو، جو قاتل زهر جي بدران ڪم ايندو آهي.
هاتڪ: عامل؛ هوشيار؛ چالاڪ؛ داناءَ؛ حريف؛ تجويز وارو؛ (ع ـ حاذق).
هجوم: ع ـ ميڙ؛ انبوهه؛ غلبو.
رسوم: (ع ـ واحد ـ رسم) رواج؛ ريت؛ رسم.
صراحي: گهگهي (مرشد جو فرض)، (صُراح : شراب).
٣. **بقا:** ع ـ هميشه موجود، اڪث، هستيءَ جو قائم رهڻ؛ جنهن ڪي فنا نه هجي.
فاني: ع ـ ناستي، ڦوٽي وانگر پاڻي ۾ گم ٿي وڃڻ؛ صورت بدلائڻ؛ الله جي نور ۾ محو رهڻ.
فراقي: (ع ـ فرق ـ جدائي) وڇوڙو؛ جدائي؛ ويڇو؛ تفرقو.
ساقي ڏجانءِ باقي الخ؛ اي ساقي، مونکي بچيل اوبر (خيال جي طاقت) عطا ڪر ته مان اها پي تنهنجي عشق ۾ دائم قائم رهان.
۴. **مينا:** ف ـ شراب جو شيشو.
۵. **ميثاقي:** (ع ـ ميثاق: انجام) وعدو يعني اهو انجام جو روحن خدا تعاليٰ سان ڪيو ته تون اسان جو رب آهين.
لا ۾ موجودات: ع ـ لاموجودات الاالله يعني الله ريءَ ٻيو ڪجهه به موجود ڪونهي.
٦. **ڀاڳي:** ڀاڳ وارو؛ بخت وارو؛ نصرت وارو؛ (سن ـ ڀاڳيه).
٧. **وحي:** ع ـ الله طرفان موڪليل پيغام جو حضرت جبرئيل فرشته جي معرفت پيغمبر تي نازل ٿيو.
٨. **منڌ:** شراب، (سن ـ مَديه).
٩. **حسبي:** ع ـ تسبي ڦيرائڻ؛ شمار ڪرڻ؛ ڏٿي جو ذڪر ڪرڻ.
ترڪ: ع ـ ڇڏڻ؛ تياڳڻ.
ڪسبي: ع ـ ڪسب وارو؛ ڌنڌي وارو؛ پيشي وارو؛ (ع ـ ڪسب).
نوٽ: اي پرهيزگار ملان، جيڪڏهن تون حبيب جو حسن ڏسين يعني ڏٿيءَ جو ديدار ڪرين ته هوند تو اها تسبيح ڇڏي ائين ٻيو چوين ته بس بس هي ڪافي آهي، مونکي ٻيو نه گهرجي.
١٠. **قطرا آب عرق:** پگهر جا ڦڙا.

۱۰. **نهران:** نهر، نديو واهہ، هت اکيون، (ع ـ نهر).
نچويو: زور ڏئي پاڻي ڪيڻ، نپوڙڻ، وهڻ، ڳڙڻ (اکين مان ڳوڙهن جو)، (سن ـ نشچو تت: نپيوڙڻ).
نيڻ نچوئڻ: اکين مان پاڻي هارڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ.
جارون: جار مان. جار : ڏک، جهوراٽو، سوز، عشق، ساڙو، درد، (سن ـ جوَال).
جر: پاڻي، اکين جو آب، ڳوڙها، لڙڪ، هنجون، (سن ـ جَلَ).
۱۱. **خمار:** ع ـ نشو، محبت جي مستي.
جيڪس: شايد.
پنو: آلو ٿيو. پنڻ : آلو ڪرڻ، پسائڻ، (پرا ـ اپينجن : آلو ڪرڻ).
۱۳. **عبارت:** ع ـ بيان، ڳالهہ بيان ڪرڻ.
۱۴. **اوتڻ:** هارڻ، پلٽڻ، (گمر ـ اوتَ).
۱۵. **مان هون:** مون کان.
۱۷. **پڙهندي پنو.... آنڏيون آيون:** جنهن محبوب جي طرف جو خط واچيو، تنهن کي اکين اڳيان آنڌاري آئي.
۱۸. **عريضو:** (ع ـ عرض: اڳيان رکڻ، پيش ڪرڻ) خط، عرضداشت.
۱۹. **شوڪارو:** ٿڌو ساهہ، سيڪارو (سن ـ سيڪار).
۲۰. **گوندر:** غم، (ف ـ غم و درد).
۲۱. **ڪتابت:** ع ـ خط، لکت، لکپڙهہ، نباپو.
۲۲. **پني ۾ پيغام الخ:** هي اشارو پاڪ ڪتابن طرف آهي. جيڪي پيغام خدا جي طرفان پي آيا، سي هت سندس پيغمبر ۽ اوتار پنن تي لکي ان مان هڪ پاڪ ڪتاب تيار ڪري خلق کي ان مان واقف ڪندا رهيا.
سي نہ سمجهن عام الخ: اهي الله جي طرف کان پهتل پيغام، جيڪي خاص طرح اشارن ۾ آيل آهن. سيّ عام ماڻهن جي سمجهڻ جا نہ آهن.
۲۳. **بيخود:** (ف ـ بي: سواءِ + خود : پاڻ) بي حال، سواءِ پاڻ يا خوديءَ جي.
پنو: پيغام، خط، ورق (پاڪ ڪتاب).
۲۸. **سرون:** سر کان (ف ـ سَرُ).
۳۰. **پانڌي:** پنڌ ڪندڙ، قاصد، پانڌيڙو، خابرو، مسافر، (سن ـ پٿڪَ).

شعور: ع-فضيلت، سليقو، ڄاڻ، سمجهه، سڃاڻپ.
ڪلور: ظلم، زبردستي.
قتور: ع-قتل.
(ڪافي-٢)
قرار: ع-انجام، وعدو، آرام، قائم، زور وارو.
ڪامل: ع-ڪمالات وارو، هوشيار، قابل، پورو، مڪمل.
خمار: ع-نشو، محبت جي مستي.
ماڙ: واهر، مدد، ڀلائي، مهرباني، (سن-مَڊ).
چاهون: چاههِ مان، شوق مان. چاههِ: محبت، خواهش، عشق، لاڙو، پيار، (سن-اِڇا، اِش، مرضي رکڻ).

داستان ٽيون

١. **واچڻ:** پڙهڻ، ڄاچڻ، (سن-واچن، وچ، پڙهڻ).
٢. **سچي ڪيو:** سڃاتو.
٣. **لڙهان:** (واحد-لڙهه) سٽون، قطارون، مالها.
لس: ساندهه، هڪ ئي پويان، ساهه پٽڻ ڏاران.
۴. **رقيب:** ع-هڪ چيز جا ٻه طلبگار، دشمن، لاڪو، نگهبان، خدا جي ٩٩ نالن مان هڪ نالو.
٦. **ساءُ:** ذوق، مزو، لذت، سواد، شوق، (سن-ف-سواد).
٧. **اتهائين:** چيائين (اتڻ)، (سن-اُڪت).
جهر: لهس، جهي، باهه، ڪام، ساڙو، سوزش، (سن-جولَ).
جهري: باهه، جهي، شعلو، آگ، (سن-جولَ).
٨. **نامو:** ف-خط.
پڙهڻ وار: پڙهڻ شرط.
٩. **رقعو:** خط، (ع-رقعه).

نامي: نامون، خط، چٺي، (ف ـ نامہ).

١١. **پهو:** ڪپهہ جي پوٽي.

ويس تند ڇڄي الخ ـ ساهہ جي تند ٽٽڻ بعد هي ديهي اڇي پٽ پوي يعني ڌرتيءَ داخل ٿئي.

جهوري: ڳٽڻ، ڳوراٽو، جهوراٽو، رنگڻ، (سن ـ ڪشر).

جهجهڻ: ڳڙڻ، وجهس ڪرڻ، گهٽو روئڻ، (سن ـ ڪشيہ).

پت: طرح، ريت، رسم، (سن ـ پڪت، پرا ـ پات، هہ ـ پانتَ).

ور: مڙس، ڪانڌ، پتار، (سن ـ ورَ).

١٣. **حشر:** ماتم، وري اٿڻ، (قيامت جو ڏينهن).

١۴. **وار:** پيرو، وير، ويرم، پلڪ، وقت، (سن ـ وارَ).

١۵. **حجان:** واحد حج، حجت، اميد، آسرو، پروسو، (ع ـ حُجت).

١٨. **ديون:** ذرا ذرا، پرزا پرزا، چمڪڻ، تابش ڪرڻ، (سن ـ دشا ديُتي).

در: موتي، جواهر.

داڻي: داڻو، ڦڙو، ڪڻو، ڪڻ ڪڻ (ف ـ دانہ).

٢٢. **نڪٽي:** بي ثمر، سڪٽو، جنهن کي ڪٽو نہ هجي، سجو، بلڪل، پورو پورو، (سن ـ نِڪِلَ).

٢٣. **لرزوني:** (ف ـ لرزش) ڏڪٽي.

٢٩. **ڪونچائي:** (ڪونچائڻ: ڏکي ڪرڻ) ڏکي ڪري.

٣٠. **پاپيهل:** پکيءَ جو نالو جو هميشہ مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي ذرو بہ گرمي برداشت ڪري نہ سگهندو آهي، تاڙو پکي، خوب صورت ماڻهو، (سن ـ وَپيهَ ، هيم ـ بَپيئو).

(ڪافي)

هواءِ: آرزو، اشتياق، خواهش، حرص، (ف ـ هوا).

ورناءِ: ورنائڻ، اڳهائڻ، قبول ڪرڻ، مڃڻ، (سن ـ وَرَتان).

وايون: واحد، وائي، آواز، ٻولي، ڳالهہ، سنئين سڌي ڳالهہ، (سن ـ وارتا).

٣١. الو: باهہ جو شعلو، (سن ـ الكا).
كامي: كامڻ، پچڻ، سڙڻ، جلڻ، حسد ڪرڻ، (سن ـ ڪسامَ).
٣٢. جند: جان، جيءُ، وجود، (سن ـ جيوَ + ش + اندو).
جامو: ڪپڙا (ف ـ جامہ).
٣٣. ڦڙڪندي: ڦڙڪڻ، لرزڻ ، ٿڙڪڻ ، هوا ۾ هيڏي هوڏي لڏڻ، (سن)
٣٤. رهبر: ف- قاصد، پانڌي، سونهو، رهنما.
٣٥. ايندو ٽيءَ: جلدي اچ.
جاءِ ٽئي مون جيءَ: ساهہ سڏ ير ٽئي.
٣٨. رقم: ع- خط، لکت، حرف، شاهي فرمان.
(ڪافي)
خاطي: ع- خط آڻيندڙ.
خير صلاح: ع- خوش خير و عافيت، چڱائي ڀلائي.
پار : طرف (سن ـ پارَ).
سعيو: ڪوشش، تياري، سايو، پاڇو، (ع ـ سعي).

داستان چوٿون

١. لکيو: لکيڙهہ، خط.
٢. مَٺي: گلا، بدي، بري يا ناجائز ڳالهہ، (ڏن- مَٺن، گ- مانوون).
وهندوور: جلدي موٽ.
٧. آتڻ: زالن جي ويهي ڪتڻ جي جاءِ، گهر، جاءِ، (سن ـ آيتن).
ڪتي: (ڪتڻ، سٽ سوئڻ، اوبڻ) اوبي.
سانباهو: تياري، (سن ـ سنبرو).
٨. فراق: (ع ـ فرق : وڇوڙي) جدائي، ويڇو، ڦوڙائو، ورهہ.
والي: ع- سنڀاليندڙ، حاڪم.
٩. دستو: مچو، گلن جو ڇڳو، مٺ، لپ، ڦورو، (ف ـ دستہ).
وهسان: وهسڻ، خوش ٿيڻ، کلڻ، ٽڙڻ، (سن ـ وهسن، وِ، گهٽو + هس، کلڻ).
١. هاريون: (واحد هاري) موڳي، بيوقوف، نادان، هار ڪاڏل، جهيتيل،
(سن ـ هرتَ).

٦. **چڙن:** (واحدُ- چڙو) مينهن جو گهند؛ گهنڊ ٽي؛ ٽلي جا وهـنـن جي ٻڪچيءَ ۾ ٻڌندا آهن.

چونگار: آواز؛ جهونگار؛ جهيٺو آواز؛ (سن -جهنڪار).

٧. **ڏهن:** چاڏهن؛ سازها؛ چونريون؛ (سن -دَم).

وچين: ٽيپهريءَ جو وقت. ٽين نماز کي وچين چوندا آهن.

اڇن: ڪيرن؛ (سن- اڇچ؛ اڇو- صاف).

٨. **ڪانگهاريون:** (واحد ڪانگهاري) اها مينهن جا گهٽن ڏينهن کان ويامل هجي.

ڪپر: ڪنارو؛ اُتاهين ڪنڌي؛ (سن -ڪپال : ڪاپار).

رنيون: (واحد رنڀ) مينهن جو آواز؛ (سن -رنڀ).

٩. **واهه:** واٽ؛ رستو؛ (سن -واٽَ).

سيٺاهه: سيٺهه وارا؛ (ع -شَنه؛ سيٺهه).

ڪاهون ڪاهه: هڪلون ڪري.

پرور: ف- پاليندڙ؛ رب؛ ڌڻي؛ (ف -پروردن : پالڻ).

١٠. **هڇ:** هڇڻ؛ ٽڪڇڻ، ٻڪمڻ، هڇڻ، عذاب سهڻ، (سن -هَت).

هيٺا: ڪمزور؛ (پرا -هيڻ، سن -هين، ها؛ ڇڏڻ).

سپاريائين: سپارڻ؛ حوالي ڪرڻ؛ سپرد ڪرڻ؛ (ف -سپردن : حوالي ڪرڻ).

لاکو: درياهه جو مالڪ؛ خواجه خضر؛ جند پير.

لٺا: ٿاٽل ڪپڙا؛ ليڙون؛ مسڪيني حال؛ (پرا -لت، سن -لَڪتَڪَ).

١١. **هٺئي:** هجيل؛ ٽڪل؛ نياڳي؛ مٺي، (سن -هت).

واهڙ: ڪَسُ، ننڍو واهه، درياهه جو ڦاٽ، ننڍو وهڪرو؛ (سن -وَهه).

ويرن: (واحد -وير) ڇولي؛ لهر ، (سن -ويلا، ع -مُد).

وهيٽي: هٿ وسُ، پروس؛ (سن -وَشِينَ).

١٢. **دادلي:** لاڏلي؛ پياري؛ سڪيلڌي؛ (سن -تات + لي).

جل: پاڻي؛ (سن -جل).

خاڪي: ڪچو دِلو (هيءُ فاني وجود) (ف -خاڪ : مٽي).

سُر سهڻي

داستان ڀِريون

هن سر جو نالو اصل ۾ "سر توڏي" آهي، پر جيئن جو منجهس سهڻيءَ جي سونهن، سوڀيا ۽ سچائيءَ جو ذڪر آيل آهي، تنهن ڪري "سر سهڻي" جي نالي سان مشهور آهي. هيءَ راڳڻي صبح جو ڀِرين پهر ۾ ڳائڻ ۾ اچي ٿي.

١. **سهڻي**: اصل تلا ڪنڀر جي نياڻي هئي. سندس لاثاني سونهن ڪري ڪيس سڏيندا ئي سهڻي هئا.

ميهار: ميهر، مينهون چاريندڙ. سندس اصل نالو عزت بيگ هو.. هو بخارا شهر جي هڪ وڏي واپاريءَ ميرزا عالي بيگ جو فرزند هو. هو سهڻيءَ جي عشق ۾ مُيهار ٿيو.

مهر: ف - ديا، مهرباني؛ محبت؛ قرب.

سِير: دِرياهه جو وچ؛ تک؛ اونهو پاڻي.

٢. **قرب**: ع - ويجهڙائي، نزديڪي، پسنديءَ جهڙو؛ ڪم؛ وصل.

ڪارونڀار: (سن - ڪال: ڪارو، ڀار: ڍڳ) ڪارنهن جو ڍڳ؛ ڪڪرن جي ڪاراڻ؛ آسمان جي اونداهي؛ سمنڊ جي ڪاراڻ.

٣. **ساهڙ**: محبوب، پيارو؛ اڪثر ميهار کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويو آهي؛ ساهڙ درياهه کي به سڏيندا آهن؛ (سن - سَهارد).

۴. **ڪچو**: ڪچو دلو، جيڪو سهڻيءَ جي سَسَ متائي رکيو هو. جو سهڻي ٻَل ۾ ڪٽي درياهه ۾ گهڙيءَ ۽ ٻُڏي وڃڻ سبب بڻي مُئي؛ (سن - ڪَشَڻَ).

سنگ: سنگت؛ نسبت؛ (سن - سنگم، سم: ساڻ + گم: وڃڻ).

۵. **گهوري**: قربان ڪري؛ (سن - گهُورڻ).

گهير، تڙ: درياهه ۾ گهڙڻ لاءِ سولي جاءِ، پاڻي ڀيڻ جي جاءِ؛ (سن - گهٽ).

تارونٽڙي: پاڻي تي ترندڙ هڪ ڪاري رنگ جو جيت. جو واهن ۽ تلائن ۾ ترندو وتندو آهي؛ (سن - تَر + اَوڙا).

(ڪافي - ١)

گهڙو: دلو، (سن - گهَٽَ).

پيلو: ملاوت ڪيل، اڌ ڪچو اڌ پڪو، (گ - پيرو).

داٻ: دٻاءُ، (پرا - دٻ، سن - دَرپَ).

لاري: آسرو، لغار، لڙهہ.

اڪيرئون: اڪير يا سڪ مان، (سن - اُتڪَلِڪا).

(ڪافي - ٢)

موج: ف - مستي، پاڻيءَ جي لهر، پور، ريجڪ.

ساوڻ: ساوڻ جي مينهن وانگر، (پرا - ساوَڻ).

سارنگ: جهڙ، دس، مينهن وسڻ، (سن - سارنگ).

ورهہ: نينهن، عشق، (سن - وِرَهہ).

وساڻان: وسائڻ، گذارڻ، ڪاٽڻ، (سن - وسِن، وَسُ: رهڻ)

(ڪافي - ٣)

اپڙڻ: متي نڪرڻ، ٻاهر منهن ڪڍڻ، متي چڙهڻ، وڪ وڌائڻ، (سن - اُتپتن).

دور: ع - ڦير، زور، جنبش، درياهہ جو ڦير، پاڻي جو چڪر، درياهہ جو زور.

وڙون ڙو: احسان، ڀلائي، سلوڪ، لياقت، (پرا - وَتَ، سن - وَرتَ).

(ڪافي-٤)

فوق: ع - مٿاهون.

تحت: ع - هيٺاهون.

چر: تمام تکو، تيز، اَٿل، ليٽ.

چلڪ: چلڪڻ، لڏڻ، چُلڻ (سن - اُچلَن).

خلل: ف ـ حرڪت؛ خوف؛ خطرو.

مٽي جو محل: ڪچو دلو (هي سرير).

١٣. **سالم:** ع ـ سليم؛ صاف دل؛ شريف؛ سلامت؛ توانو؛ ثابت.

ڏڏڪا: هيبت؛ هڪل؛ (سن ـ ڏوم).

هٽڙ پٽڙ: بنا دلي يا تبني يا سٽيھ جي؛ ڪنهن ترڻ جي سهاري کان سواءِ.

دم: ف ـ روز؛ درياھ جو ساھ، درياھ جو ڦوڪجڻ.

١٤. **تانگهو:** ننڍو يا ٿورو پاڻي؛ (ف ـ تڪ).

عليل: ع ـ مريض؛ بيمار؛ هٽيو؛ ضعيف.

اوتڙاءِ: اوتڙ ڪان؛ اوجهڙ يا ابتو تڙ ، ڏکيو تڙ ، تڙ کان پري، (اَوَتَٽَ).

ساءُ: مزو؛ سواد؛ لذت؛ شوق؛ ذوق؛ (سن ـ ف ـ سواد).

١٥. **سائر:** سمنڊ؛ (سن ـ ساگر).

سهس: سهسين؛ گهڻا؛ (سن ـ سَهسَرَ).

مائي: مائو، بيٺل پاڻي، ڍِلو، جهڪو، هلڪو، (سن ـ مَنتر: آهستي).

لس: پاڻي جي لس ليٽ يا اُڇ، (سن ـ لَسَ).

شرط: ف- لازم ڪرڻ؛ اها چيز جنهن تي ڪنهن چيز جو هجڻ منحصر هجي؛ هڪدم.

شهه: ف ـ شڪست؛ چڪاس.

١٦. **ترياءُ:** سڌ سماءُ؛ خبرچار؛ (سن ـ تَلَ + ياوَ).

١٧. **تار:** اڻ ڪٿ پاڻي؛ اونهو بحر؛ بيحد؛ گهڻي.

وچون وچڻ: وچ مان لنگهڻ (پاڻ سيجاڻڻ).

پاڻي: درياھ (ساڳي رب واري ذات).

١٩. **ڏور:** ف ـ پري.

وچڙي: لڳي؛ چنڪي.

ڪڙڪو: آواز؛ هل؛ سٽڪو.

دهلي: دهلجڻ: ڊڄڻ، ڪنبڻ، ڏڪڻ، (سن- دَرَ: ڊڄڻ + هل: ڏڪڻ).

ٻنارو: شريف، ڀلو، منارو، وهٽن کي پيار وچان ٻنارو ڪري چوندا آهن. (سن - ٻنارڪ).

پٽ پڌر ڪرڻ: ڳالهہ وائکي ڪرڻ.

٢. **پلاڻي:** (ف - پالان . وهٽ سنبرائڻ) پلاڻڻ؛ وهٽ تي بار رکي وڃڻ.

ڏکيا ۽ ڏوها: اٺ (ڏکيو تہ اٺ اصل ٿئي پر ڏوهو ڪيس انهيءَ ڪري چون جو سندس پير ڪڙڪو نہ ڪري).

ڇلاري: ڇلائڻ: هلائڻ ، رلائڻ. (سن - اُڇلن).

ڇوها: ڇوهہ مان. ڇوهہ: تيزي، تکائي - ڇُهو (هيم - ڪُشد)

تواريندي: توارڻ، ٻولڻ، آواز ڪرڻ. دانهن ڪرڻ.

توها: تو هوا.

سُٺا: سٺڻ، ٻڌڻ؛ (سن - شرُت).

٣. **ميا:** (مَيَہ : اٺ) اي اٺ.

اڻ ميا: (آمتَ) ماپ کان متي، گهٽي بأر وارا ، ڳورا.

گونهي: گيدي؛ بزدل؛ (ف - گوهہ، سن - گويہ).

گوهي: ڦيري؛ گوٺنات؛ گس گساءِ.

٤. **ڏاگهو:** اٺ؛ بار کڻن وارو لاڏو اٺ؛ (سن - ٽنکا).

ڏوهڻ: سسئي، جا محمد ڌوٻي جي گهر؛ ۾ پلي وڏي ٿي هئي. (سن ڏاوَڪہ).

نڌر: (سن - نِر : نہ + آڌار) بي طاقت؛ بي وسيلي؛ بيواهي؛ بيزور.

وندر: لس ٻيلي جي ننڍي نديءَ جو نالو. جا پب جبل مان نڪري سونمياڻيءَ جي ڏاکڻي پاسي کان اڇي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

حب: نديءَ جو نالو. جا ڪراچيءَ پرسان وهي ٿي، جا بلوچستان ۽ سنڌ جي ڏکڻ - اولهہ واري سرحد آهي.

هاڙهو: لس ٻيلي جي اولهندي طرف جبلن جي قطار. جا مکران سرحد تي آهي.

نوٽ: وندر، حب ۽ هاڙهو ٻنڀور کان ڪيچ جي وچم منزلون هيون. جتي قافلي وارا ساهي پٽيندا هئا.

سُر ڪوهياري

داستان پھريون

ڪوهياري: (ڪوهه: جبل) ڪوهه واري. هيءُ نالو سسئي کي ڏنل آهي، جنهن پنهونءَ پويان ڪوهه ڪاٽيا ۽ جبل جهاڳيا، تنهن ڪري مٿس ڪوهياري نالو پئجي ويو آهي يعني ڪوهه واري. ڪن جو قياس آهي ته پنهل ڪيچ مڪران جي حاڪم جي سموري سلطنت جبلن ۽ ٽڪرن جي وچ ۾ پکڙيل هئي، تنهن ڪري پنهل کي ڪوهيارو يعني ڪوهه وارو ڪري ڪوٺيو ويو آهي ۽ سندس زال کي ڪوهياري يعني ڪوهيار جي زال ڪري ڪوٺيو ويجي ٿو. سسئي پنهونءَ جو سمورو واقعو سر ڪوهياريءَ ۾ ڳاتو ويجي ٿو سر ڪوهياري نج سنڌي راڳڻي آهي.

سسئي: چنڊ جهڙي سهڻي؛ چڱي نالي واري؛ ساراهيل؛ (سن - ششي).

پنهون: ڪيچ مڪران جي حاڪم جو پٽ هو، جنهن ڀنڀور شهر ۾ سسئي سان شادي ڪئي هئي ۽ هو ذات جو بلوچ هو.

١. **اوڳو:** موڳو؛ موڙهيل؛ نادان؛ (هيم - اوگيہ).

اوڳارڻ: پرا - آڳارڻ، سن - اُدگارڻ) چپاڙڻ.

ليون، لاٽا، لاسيون: ٿر جون ٻوٽيون ۽ وڻ آهن، جي گهٽو ڪري اٺن جي خوراڪ آهن. (سن - لاوڻ).

ليڙو: (للت ؛ زبان دراز) ٻڪواتي؛ اُٺ جنهن جي زبان ٻيٽي ڦري.

لواڙي: لواڙڻ؛ چپاڙڻ، ڪاٽڻ.

چري: چرڻ؛ چارو چرڻ، گاهه ڪاٽڻ، (سن - چرڻ).

چُري: چُرڻ؛ هلڻ، پنڌ ڪرڻ (سن - چر ؛ هلڻ).

ٻُري: ٻرڻ؛ هلڻ، اڳتي وڌڻ، پنڌ ڪرڻ، (سن - پالن).

ڀورو: ڀوري رنگ جو؛ ڀورو اٺ؛ ڀور؛ (سن - ڀرو: ڀورو).

١٠. **سڱ سياپا**: مـتي مـائـٽي، عزيزي خـويشي، ناتا، لڳ لاڳـاپا، (سن- سنگ ۽ سجاتِ).

شاڪا شاپا: پٽڪو، ماتم، اوسارو، (ع - شاڪ: شاڪو، سن - شاپَ: شاپو).

١١. **ڪاڪا**: ڪا، ڪا (ڪائي، ڪائي).

ور وڪڙ: ڏنگ، وراڪا، ڦير، (سن - وَلَ).

آري: شـريف. هي هوت قـوم جي سـردار جو لقب آهي. ڄام پنهـون کي ڪڏهن "آري" ۽ ڪڏهن "هوت" ڪري سڏيو ويو آهي. (سن - آريہ).

آقا: ع - مالڪ: خدا.

ولهي: بي وسيلي، نڌڪي، ڪنگال، سڃي، سڪٽي، بي رونق، رس ڪانسواءِ، بي جسي، خالي، (سن - وِرهت).

١٢. **ڄار**: صدقو، عشق، چاهہ، جهوري، ڏک، درد، سازو، (سن - جوالا).

بئباني: بياباني، برپٽ، (ف - بيابان).

ماس: گوشت، جسم، ماهہ، (سن - مانس).

ڪچو: ٽڪو، ڪلنگ، داغ، الزام، ڏنپ، (سن - ڪُسنا).

١٣. **ڏونگر**: جبل (هير - دُنگرو، گ - دُنگر).

ڏوري: ڏورڻ: ڳولڻ، ووڙڻ، (سن - دوليہَ).

١۴. **شل ڪيچ** الخ: شال ڪيچ ملڪ وسي، آباد ۽ سرسبز ٿئي.

نوٽ: سنڌ ملڪ ۾ عام آسيس آهي تہ "شل ڪيچ ٿيئن." اڳي ڪيچ ملڪ وسيل ملڪن مان هيو.

ريڇ: پُور، ريچڪ، امنگ، (سن - رڇ).

سرواهيا: پهلوان، بهادر، (سرا - سرواهي: ترار + واهيو).

سرويچ: بي پرواهہ، بي ڊپا.

١٥. **ڪيچي ڪيچ ٿين**: شل ڪيچ ملڪ جا ماڻهو وسن ۽ وڌن.

ميا: (ميَہ : اٿ) اٿ.

١٦. **آيل**: اي ماءُ، اي منڌ: اي زال، سکر زال. ادب وچان ماءُ کي آئي يا آيل چوندا آهن. ڪنهن بہ عورت کي آئي، مائي يا آيل سڏي سگهجي ٿو. (سن - آريا).

٥. **چانگو:** (سن- چنگ: مضبوط، متارو) اٿ هميشه مضبوط ۽ متارو ٿئي، تنهن ڪري چانگي جي معنيٰ اٿ.
٦. **ويرِ** : وقت، مهل، ويل؛ (سن -ويلا).
چڙو: گهنڊ، ٽلي جا وهٽن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن.
چپر: جبل، ٽڪر، ڪوهستان، روهه (سن -چِنورَ).
ٻڙي: ادي، اڙي.
ٻانڀڻ: سسئي اصل ذات جي ٻانڀڻ هئي، جا نانيا نالي ٻانڀڻ جي گهر ڄائي هئي. پر سندس ستاري موجب سندس انگ مسلمان سان لکيل هو، تنهن ڪري هن جي ماءُ پيءُ بدناموسي کان بچڻ خاطر ڪيس صندوق ۾ بند ڪري درياهه جي حوالي ڪيو، جا پيتي پوءِ محمد نالي ڌوٻيءَ جي هٿ آئي، جنهن کيس پالي وڏو ڪيو. سسئي کي ٻانڀڻ ۽ ڌوٻڻ جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي.
ٻُڙو: داغ، ٽڪو، ڪلنگ، چٽو؛ (سن -وِنڊ).
مڙو: ميڙڻ، ملڻ، گڏجڻ، ملائڻ، (سن -ميل).
ٿيلهيو: ٿيلهڻ، ڌڪڻ، اڳتي هلڻ، پنڌ ڪرڻ، لتاڙڻ، (سن -ستاليہ).
٧. **پروچ** : پنهون، اشارو خدا طرف.
بول : وعدو، وچن، اقرار؛ (پرا- بول ، سن -برو).
قالو: (ع -قالو بليٰ) دنيا جي پيدائش وقت رب روحن کان پڇيو، "الست بربڪم؟ (ڇا مان نہ آهيان اوهان جو رب)". روحن چيو، "قالو بلي (هائو بيشڪ تون اسان جو رب آهين)". شاعر انهيءَ وعدي طرف اشارو ڪري "قالو" جو لفظ آڻيندا آهن.
٨. **چلڻ:** لڏڻ، ڪاهڻ، هلڻ، چلڪڻ؛ (سن -اُچلن).
ڪوهيار: (ڪوهه: جبل + آر) جبل جو رهاڪو يعني پنهون.
٩. **ٻاڪار:** رڙ، دانهن، فرياد؛ (سن -واڪ + آر).
ور: مڙس، ڀتار، خاوند؛ (سن -وَرَ).
ونڪار: وڻراهه، لس ٻيلي ۾ هڪ جهنگ جو نالو، جتان سسئيءَ کي لنگهڻو پيو هو؛ (سن -وَنَ + ڪار).

شعور: سمجھ، ساڃاهہ، دانائي، فضيلت، سليقو.

۴. **آريائي**: آريہ جو اولاد يعني پنهون، (سن - آريہ).

۵. **ساريون**: سارڻ، ياد ڪرڻ، سنڀالڻ (سن - سھَرڻَ).

ساٿ: قافلو، جماعت، صحبت، سٿ، مجلس، سنگت، (گ.م-ساٿ. سن- سارٿ).

ڪات: ڪاتہ: ڪا ڳالهہ يا وائي.

مصلات: مصلحت، نيڪ صلاح، ڳالهہ ٻولهہ، چڱائي ڀلائي (ع - مصلحت).

٦. **نماڻي**: نهٺي، صاف دل، ماڻي ڪان سواء، نياز واري، بي ڪس، (سن- نِس + مان).

نال: ساڻ، گڏ، (سرا - نال ، سن - نڪٽي).

نجو: نيڻ، وٺي وڃڻ، (سن - ني، وٺي وڃڻ).

۷. **سبيل**: تمام گهڻي، جهجهي، سچي، خالص، واٽ (سن - سُبهوي + ل).

ذيل: دامن، ڪنهن بہ چيز جو اضافي ڀاڱو، يڪ ساهي، هتي جوش يا جذبو.

قيل: (ع - چيو ويو) ڳالهہ، سخن، ڪلام، قيل قال، ڳالهہ ٻولهہ.

۹. **موڙهي**: بيوقوف، مورک، نادان، مت ماريل، (سن - موڊ).

مدام: ف - هميشہ، لڳاتار، هر وقت.

ٿر: ريگستان، وارياسو پٽ، ويرانو (پرا - ٿل ، سن - سٿل).

۱۰. **حقير**: ع - جنهن کي حقارت سان ڏسجي، نيچ، ڪمزور، ضعيف، ڏڪاريل، نفرت جهڙو.

نڪار: نڪمي، ڪنهن ڪم ڪار جي نہ، (هيم - نڪٽام. سن - نرڪرم. نر: سواء + ڪرم: ڪار. جو ڪنهن ڪم جو نہ هجي).

۱۱. **هن دم**: هن وقت. هڪدم.

۱۲. **مُور**: اصل نہ. بنهہ نہ.

ڏور: پري، پراهين پنڌ، (ف - سن - دور).

۱۳. **ور**: مدد، واهر، پوئواري، مهرباني، (سن - بل).

۱۴. **ڪاڪيون**: اي پيئرون، اي چاچيون.

اسور: سور کان سواءِ، بي درد، (سن- آ: نہ + شُولَ).

پالد: پلؤ، سنگت، نوک، چوٽي، جهولي، دامن، (سن - پرانت).

١٧. **سرواڻ:** (ف - ساربان) اوٺي، جت، شتربان.

ٻاڻ: تير، (سن - ٻاڻ، پرا - ٻاڻ).

لون ۽ لون ۾: وار وار ۾، رڳ رڳ ۾، (سن - لوم).

١٨. **لوچ لوچڻ:** نهارڻ، ڳولهڻ، پريشان ٿيڻ، ماندو ٿيڻ، (سن - لوچَنَ).

(ڪافي)

آپار: بي حد، بي حساب، بي نهايت، بي شمار، گهڻا، جهجها، ازحد، (سن - آپار، آ: نہ + پار: حد).

اوچڻ: ڪوبہ ڍڪڻ جو ڪپڙو، پناھ، ڍڪ (سن - اَوَچَد).

پٿر: وڇاڻو، پٿرٽي، بسترو، وهڻ جي جاءِ، (سن - پرسَترَ).

ڪپار: منڊي، کوپري، ڪپراٽي، (سن - ڪپال).

داستان ٻيو

١. **قريب:** ع - نزديڪ، دل جي ويجهو يعني سڄڻ، پرين.

گولي: ٻانهي.

٢. **ذوق:** ع - شوق، خوشي.

ڪاهل: ع - سست، پوئتي پيل، ضعيف.

هوتاڻو: هوتن جو. هوت اصل قوم آهي، جنهن جي سردار جو لقب آري آهي. پنهون ۽ ڪي ڪٿي هوت ۽ ڪٿي آري ڪري سڏيو ويو آهي.

حضور: ع - حاضري، موجودي، دربار.

مذڪور: ع - ڳالهيون، مصلحتون، ذڪر.

٣. **پور:** خيال، فڪر، ويچار، ڳڻتي (سن - پُور).

دور: ف - پري، پوئتي.

٣. **نجهرو:** جهوپڙي، گهر، امن جي جاءِ، وَسنهنُ، اجهو، بستي، (سن- نواس+ رو).

٥. **عاجز:** ع - لاچار، ضعيف، جنهن کان ڪجھ ٿي نہ سگهي.

آهون: "واحد آھ" دانهن فرياد، ڪوڪ، (ف - آھ، سن - آَهَهَ).

٧. **واڪا:** (واحد- واڪو) رڙ، دانهہ، حيلو، ڪوشش، سڏ، پڪار، (سن - واڪ).

واڪ: بنهہ.

اڇهن: سُجهڻ، نڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، اُڪلڻ، (پرا - اجان، سن - اُديانَ).

چِنَ: لحظو، ڪن، (سن - ڪشڻ).

گورو: نئون چاول اٽ (سن - گور).

گُس: پيچرو، چارو، رستو، (ف - گشت).

ڏونگر منجهان الخ: يعني ڏکن ڏوجهرن مان هوت پنهون (خدا) جو ڏس پوندو.

٨. **لوءِ:** وطن ملڪ، ماڳ، مڪان، جاءِ، ڳوٺ، (سن - لوڪ).

اڻاسي: بي شرم، بي نڪي، بي عقل، نڌڙ، بي حيا، (سن - اناسِڪَ اَ: نہ + اناسِڪَ: ناس)

پروڙڻ: پرجهڻ، سمجهڻ، چاڻڻ، (سن - پربُد، پر+ بُد: چاڻڻ).

٩. **منهن ڏيئي:** اڳيان اچي، (سن: مکَ: منهن).

پليءَ پت: چڱي طرح، (سن - پُڪتِ، پرا - پات، هہ - پانت).

سهرا: (واحد- سهرو) مٿڪ، شادي جا گل ڦل هار، خوشي، موڙ، (سن - شيکر).

١٠. **ورهہ:** ڏک، برهہ، فراق، وڇوڙو، عشق جو عذاب، (سن - وِرهہ).

وسايان: وسائڻ، گذارڻ، گهارڻ، ڪاٽڻ، (سن - وسن، وسُ: رهڻ).

١١. **ڪانڌ:** مڙس، پتار، يعنيٰ پنهون، (سن - ڪانت).

جلُ: ساڙو، سوزش، اشتياق، (سن - جُول، ٻرڻ).

۱۵. **اوتڻ:** هارڻ؛ پلٽڻ؛ (گ. م ـ اوت).
عليل: ع ـ مريض؛ بيمار؛ هيٺو؛ بيحال.
جهاڳي: پاڻي مان هلي يا لنگهي؛ تڪليف ڪڍي؛ (سن ـ ڪشپ).
قط: ع ـ فراق؛ وڇوڙي؛ وڇوڙو؛ ڪنهن سخت چيز جو ڪپڻ؛ وڍ.
مت: مصلحت؛ صلاح؛ نصيحت؛ سبق؛ سمجهه؛ (سن ـ متي).
۱٦. **جالون جال:** جام؛ گهڻا؛ بي شمار؛ مڻو؛ ڍگ؛ ڍير؛ جهجها؛ (سن ـ جال).
قافن: (ع ـ واحد ـ قاف) جبلن جي قطار جا چون ٿا تہ ساري دنيا جي چوگرد پکڙيل آهي ۽ هڪ زمرد تي بيٺل آهي، جنهن جي عڪس سان آسمان جو رنگ نيرو آهي.
ڪوهہ: جبل؛ (ف ـ ڪوهہ).
ڪشال: تڪليف؛ ڏاکڙا.
وٽڪار: وٽراهہ؛ لس ٻيلي ۾ هڪ جهنگ جو نالو؛ جتان سسئي جو پنهون جي ڳولها ۾ گذر ٿيو؛ وڻ جا جهڳٽا. سن ـ ون + ڪار).
۱۸. **وو، وو:** هاءِ هاءِ؛ ڏک جي ٻولي؛ واويلا.
۱۹. **مُٺي:** مصيبت ماريل؛ هيسيل؛ ڪمبخت؛ (سن ـ مُشٽرَ).
پچار: پچارڻ: ذڪر يا بيان ڪرڻ. (سن ـ پرچار).
پچر: ڳالهہ؛ تات؛ ذڪر؛ ريت؛ (سن ـ پرچار).
۲۱. **چلهي:** سست؛ ڪاهل؛ (سن ـ جَلَ).
۲۲. **قول** : ع ـ ڏسو داستان ٻهريون شٽ ۷. هن بيت ۾ فقير صاحب رب سان ڪيل اهو قالو بليٰ وارو قول ياد ٿو ڏياري.
۲۳. **گوندر:** غم؛ ڏک ؛ فڪر؛ (ف ـ غم و درد).
(ڪافي)
همراهہ: ف ـ مددگار؛ ساٿي.
ڀنڀور: (ڀنڀو: گهاٽو) گهاٽو وسايل ملڪ؛ سسئي جو وطن. ڀنڀور اوائلي گهاٽو وسايل ۽ واپار جو هڪ مرڪز هو.
پرڏيهي: (پر: ڌاريو + ڏيهہ: ملڪ) پرديسي؛ ٻي ملڪ جو.
رڃ: سڃ؛ ويرانو؛ رڻ؛ واري ئي واري؛ (اَرڻيہ).

١. **چت**: اندر؛ من؛ دل؛ (پرا ـ چت).

پت: عزت؛ لڄ؛ اعتبار؛ ويساهه؛ شان؛ مانُ؛ مرڪ؛ (سن ـ پرتيت).

ڪوهه: ڇا لاءِ؛ ڇو؛ ڪهڙي دستور؛ جبل.

٣. **وار**: لحظو؛ ويرم؛ وقت؛ وير؛ پلڪ؛ پل؛ (سن ـ وارَ).

۴. **هاريون**: (واحد ـ هاري) نادان؛ بيوقوف؛ هار ڪاڏل؛ جتيل؛ (سن ـ هرت).

۵. **ساءُ**: مزو؛ لذت؛ شوق؛ ذوق؛ (سن ـ ف ـ سواد).

٧. **سات**: قافلو؛ جماعت؛ مجلس؛ سنگت؛ ساٿاري؛ (سن ـ سارٿ).

٨. **پريت**: ڏوهياٽي؛ ڪتياٽي، اشارو سسئي ڏانهن، جيڪا محمد ڪٽي جي گهر ۾ پلي وڏي ٿي هئي؛ (گ ـ پريتِ).

سڱ : مائٽي؛ ناتو؛ سنگت؛ لاڳاپو؛ نسبت؛ ساهرو مائٽ؛ (سن ـ سنگ).

١٠. **رنجور**: ف ـ بيمار؛ روڳي.

١١. **ماءُ**: اي ماءُ.

١٢. **ويهان**: ويهن جي تعداد ۾، يعنيٰ گهٽيون ، ڪيتريون.

نينهان: (واحد۔ نينهن) نينهن مان، پيار؛ عشق؛ محبت؛ (پرا ـ نيه، سن ـ سنيهه).

١۵. **روڏا**: (واحد ـ روڏو) گنجو؛ لسرات اٺ؛ گوُنرو؛ (پ- روڏا).

(ڪافي)

ڀڙيون: (واحد- ڀڙي) ادي، اڙي.

نروار: ظاهر ظهور؛ ڪلايو ڪلايو؛ (سن ـ نر: بنا، وار: پردو).

بهار: بهاري؛ خوشي؛ بهار جي موسم.

۱۲. **فنا**: ع - ناس، چٽ، صورت بدلائڻ، الله جي نور ۾ محو، گم ٿيڻ.

۱۳. **هيڪند**: هيڪاندي، گڏيل، مليل، واصل، هيڪڙائي، هڪ سان وفاداري، (سن - ايڪانت).

۱۴. **سل**: سوراخ، ڏک، ڦٽ، زخم، چاڪ، (سن - شليہ).

سلڻ: سوراخ ڪرڻ، عذاب ڏيڻ، (سن - شليہ، شل: پار وجهڻ).

۱۷. **ڏريان**: ڏوريان: ڏورڻ، جهاڳڻ، ووڙڻ، (سن - دولبہ).

چپ چپات: خاموشيءَ سان، ڳجهہ ڳوهہ ۾ (سن - چپ: ماٺ ڪرڻ).

وڙ: احسان، ڀلائي، سلوڪ، (سن - ورت).

۲۱. **جم**: جيئن م، متان، مبادا.

۲۳. **شادي**: ف - خوشي، خوش خبري، بشارت.

ڀهڳڻ: (ڀهون: گهڻو + ڳڻ: خاصيت) گهڻن ۽ چڱن ڳڻن وارو، نيڪ.

۲۵. **واجهہ وجهڻ**: واجهائڻ، سڪڻ، نهارڻ، جاچڻ، ڪوشش ڪرڻ، (سن - بنڌ، ٻڌڻ).

۲۷. **وِٿ**: وڇوٽي، وٿي، جدائي، فرق، فراق، ويڇو، دير، تفاوت، (سن - وِستا).

۲۸. **سير**: ع - گهمڻ جو جايون، گس، گذرگاهہ، لنگهہ.

۲۹. **ازل**: ع - روز ازل: روحن جي پيدائش وارو ڏينهن، جنهن کي آد يا شروعات نہ هجي، اصل کان، شروعات کان، ڪائنات کان اڳ.

(ڪافي)

پار: طرف، پاسو، (سن - پارَ).

قرار: ع - آرامي، انجام، وعدو.

ڪنيزائي: ڪنيز واري، نوڪرياڻيءَ يا ٻانهيءَ واري، (ف - ڪنيز).

اختيار: ف - هٿ وس.

(ڪافي-١)

ڪيچين: ڪيچ وارن.

ڦولج: ڦولهڻ؛ ڳولهڻ، ڪولڻ.

لاڳاپو: واسطو.

ڏاھ: (ف-داھ) ٻانهي؛ داسي.

سنباھ: سنبهڻ: تيار ٿيڻ، سنيرڻ، سانباهو، (سن-سنيرُت).

صلاح: ع-مصلحت، راضپو، رضامندي؛ چڱائي؛ سچائي.

(ڪافي-٢)

قاصد: ع-پانڌي؛ پيغام آڻيندڙ.

ڏيل: بدن؛ بت؛ اندر؛ تن؛ دل؛ جسم؛ (هه-ڏول).

غرض: ع-پرواھ، ڪاڻ، مطلب.

لنوان: لنوڻ: آلاپڻ، لات ڪرڻ، (سن-رَوَڻ).

داستان ڇهون

١. **سهنڊي:** واقف، سونهي؛ (سن-سنڌِ).

٢. **ضعيفه:** ع-عورت؛ زال؛ زائفا. زال ذات کي سندس ذاتي ضعيفائي ڪري انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو آهي.

٥. **لانگها:** (واحد- لانگهو) لَڪَ؛ لنگهڻ جو رستو؛ (سن-لنگهه).

لڪ: جبلن جا سنها پيچرا؛ (سن-لنگهه).

ڪهدان: (ڪوھ+دان) جبلن جي جاءِ يعني جبل ئي جبل.

٦. **مارڳ:** رستو؛ جاءِ؛ ماڳ؛ ماڳ تي؛ هنڌ تي؛ وٹ؛ منزل؛ (سن-مارگ).

ڇاهون: ڇا ڪٿون.

اڳاهون: اڳتي؛ اڳيرو؛ پري؛ دور؛ (سن-اگرَ).

۲. **ڪر**: خبر ؛ سڌ؛ سار؛ (سن - ڪلا).

مون ڪر پچيائون: منهنجي خبر پڇيائون.

۴. **روءِ**: ف - سونهن؛ ڏيکاءُ؛ لقاءُ؛ روبرو؛ منهن سان.

واسيو؛ واسڻ: خوشبوءِ اٿارڻ، سرهو ڪرڻ، (سن - واسِتَ).

۵. **تاثير**: ع - اثر.

۶. **هَپ**: خوشبوءِ؛ هَٻڪار؛ (سن - وِاش).

۸. **ڪتوري**: (سن - ڪستُوري) خوشبوءِ، مشڪ، خوشي ناف.

هٻڪار؛ خوشبوءِ؛ (سن - واس).

۱۰. **بات**: ٻولي؛ ڳالهه؛ پيغام؛ سخن؛ پچر؛ (سن - وارتا).

مات: ع - جيتل؛ ماريل؛ نابود؛ فنا.

۱۱. **نسورو**: نج؛ خالص؛ صاف؛ نرمل.

۱۳. **راحت**: ع - خوشي؛ آرام؛ آسايش.

ساعت: ع - گهڙي؛ پلڪ؛ ٿوري دير.

۱۴. **ڪامل**: ع - ڪماليت وارو؛ قابل؛ هوشيار؛ پورو.

۱۵. **محڪم**: ع - مضبوط؛ پختو؛ مستعد.

۱٦. **اوجر**: صاف؛ روشني؛ سوجهرو؛ (سن - اُجول).

سير: همت وارو؛ سگهارو؛ مضبوط؛ ٻل يا طاقت وارو.

۱۷. **نجهري**: بستي؛ گهر؛ جهوپڙي؛ اجهو؛ (سن- نواس+ رو).

۱۸. **ڪفايت** : ف - مروت؛ رعايت؛ ضمانت.

۱۹. **سعادت**: (ع - سعيد : نيڪ) نيڪي؛ نيڪ بختي.

۲۰. **تقويت**: ع - قوت؛ طاقت؛ ٺيڪ.

صفت: ع - تعريف؛ علامت؛ حال بيان ڪرڻ؛ ڳڻ؛ ڪنهن شي جو نشان.

پر ڪهين: ڪنهن ريت.

(ڪافي)

جنجال: عذاب، ڏک، جنجل، (سن - جنجوال).

ٻاجهون: سواءِ، بن، (سرا - ٻاجهون، هہ - باج).

فراق: ع - وڇوڙو، جدائي.

واجهہ وجهڻ: واجهائڻ، سڪڻ، نهارڻ، جاچڻ، (سن - بند).

وصال : ع - ميلاپ، ملاقات.

منجهڻ: مونجهہ، تات، وائڙو ٿيڻ، (سن - مُجهہَ).

جمال: ع - سونهن، حسن، خاص خوبي، صورت ۽ سيرت جي خوبي، نور اعظم.

راتيان ڏينهان الخ: خدا جي ديدار لاءِ رات ڏينهن منهنجي روح کي تات آهي.

داستان ستون

۱. **وڳ** (ورگ)، ولر، گلو، قطار.

لڳ : واسطي، لاءِ.

۴. **لکي**: لکن جو، املهہ، (سن - لاڪشا).

۵. **ڏولڻ**: ڳولهڻ، ڏورڻ، (سن - دوليہَ).

ڏيل: بت، بدن، اندر، (هہ - ڊولِ).

٦. **چليس**، ڇلڻ: انچلو ڏيڻ، ٽپو، ڊوڙ، ڊڪ، ڇل، ڪاهون، (سن-اُڇلن).

۸. **عاجز**: ع - لاچار، جنهن کان ڪجهہ بہ ٿي نہ سگهي.

اڄاڻ: اڻڄاڻ، جنهن کي ڄاڻ يا سمجهہ نہ هجي، (سن - اَ : نہ + ججانَ: ڄاڻ).

۹. **لوچ**، لوچڻ: ڳولڻ، سڪڻ، طلب ڪرڻ، بي آرام رهڻ، (سن - لوچن).

ٻاٻل: بابو، چاچو، پيءُ.

۱۰. **طالع**: ع - نصيب، بخت، چڙهندڙ ستارو، قسمت، سياڳ.

مڙهي: مڙسڻ: جڙڻ، گڏڻ، رکڻ، ڏرڻ، (سن - مردَنَ).

۱۱. **سئين**ءَ: ٻڏڻ ۾ ايندئي (سٽڻ مان) (سن - شرُتَ).

ٽاڪيو: ٽڪڻ؛ وڍڻ؛ پيڻ؛ (سن - ترٽ).

٨. **جهاڳيو**: جهاڳڻ؛ پاڻيءَ مان لنگهڻ، تڪليف ڪرڻ. (سن - ڪُشپ).

٩. **جانارن**: جانورن؛ جاندارن؛ ساهوارن؛ (ف - جانور).

غفا: جبل جي غار؛ چر؛ (سن - گهُا).

نتايون: بلائون؛ ممون؛ خاص جبلن ۾ رهڻ واريون آفتون.

سهايون: سهائڻ؛ برداشت ڪرڻ؛ (سن - سهن، سَهہ: برداشت ڪرڻ).

١٠. **رند**: پيچرو؛ رستو؛ پيرن جو نشان؛ (سن - رندر).

ٻجهن: سمجهڻ؛ پروڙڻ؛ سڃاڻڻ؛ معلوم ڪرڻ؛ پائڻ؛ (پرا - ٻُجهہ، سن - ٻُد).

١١. **فرسنگ**: ف - وڏو پند؛ جهجهي جهاڳ، ٽن ميلن جو مفاصلو.

رقون: (ع - واحد - رق) بند؛ قيد؛ سختي؛ رڪاوٽ.

توهہ: مهرباني؛ ڀلائي؛ فضل؛ آسرو؛ راضپو؛ لطف؛ (سن- توش).

١۴. **ناميا**: اي نالي وارا؛ اي هاڪارا؛ (ف - نام+يو).

١٥. **سلهاڙڻ**: ڏور ٻڌڻ؛ جفت ڪرڻ؛ قطارڻ؛ گڏڻ؛ اٽڪائڻ؛ (گ - سروڙوَن).

سانگي: سانگ سانگو؛ اتفاق؛ سبب؛ حيلو؛ (سن- سانگتڪ).

١٩. **دِقت**: ع - تڪليف، ڪشال.

تصديع: ع - آزار؛ تڪليف .

پي: پرين؛ محبوب؛ دوست؛ (سن - پريہ).

١٨. **وصال**: ع- وصلت؛ ميلاپ؛ ملاقات؛ گڏجڻ؛ منهن ڏسڻ؛ خواهش جي تڪميل؛ وحدت حقيقي.

يڪسان: ف - هڪ جهڙو.

يڪايڪ: ف - اچانڪ؛ هڪ ئي وقت؛ هڪ ئي پويان.

١٩. **طلب**: ع - گهُر؛ چاهنا؛ لوچ؛ سڪ؛ ڳولها؛ ياد حق؛ حق جو خيال.

نوٽ؛ حديثن ۾ آيل آهي تہ؛

١- خدا جي طلب سڀني کان مقدم يا اڳي آهي.

٢- خدا جي طلب سڀني فرضن جو مجموعو آهي. يعنيٰ انهيءَ ۾ سڀ فرض اچي وڃن ٿا.

تڪرار: ع - بيشڪ. برابر. تاڪيد. وري وري چوڻ يا ڪرڻ.

(ڪافي)

ٻاجھہ: رحم، مهر، ديا.

محتاج: ع - عاجز، مجبور، احتجاج وارو .

راڄ: لڄ، شرم، ننگ، (سن - لڄا، لڄ = شرمائڻ).

راڄ: راڄ، ماڻهو، (ٻرا، راڄ، سن - راجيہ).

ساڄ: مال متاع، ساڄ ڪاڄ، سامان، وسيلا، (ف - ساز).

حاڄ: ڪم ڪار، احتجاج، مطلب مدعا، خواهش، (ف - حاجت).

احتياڄ: ع - مطلب، مدعا، خواهش.

داستان ائون

١. **گوندر:** غم، ڏک، (ف - غم و در).

٢. **هولي:** خوشي، هندن جو وڏو ڏينهن، (سن - هولڪا).

٣. **مانڙي:** ماڻ: ماڪ، احسان، ڀلائي، (سن - سهڪا).

٥. **ليجان، ليڄڻ:** ڦٿڪڻ، بي آرام، ٿيڻ.

اپائڪي: ماندي، اداس، سڪايل .

٨. **غرض:** ع - مطلب، پرواهہ، ڪاڻ.

فرض: ع - ديني فرض، خدا جو حڪم.

سنت: ع - رسول جو حڪم، رستو، عبادت .

٩. **واس:** خوشبوء، (سن - واس).

١٠. **مشعل:** ع - روشن، شمع، ڏيئو.

١١. **مهتاب:** ف - چنڊ.

١٢. **جيجان:** (واحد جيجل) ماءُ، امڙ.

١٤. **ڪارڀام:** ڪيام، پورا ڪيام، (سن - ڪرت).

١٥. **تڪ:** اٽڪل، ڪٽ، تڪ تورڻ = ڪٽ ڪرڻ، (سن - ڪٽڻ).

١٦. **ڪهہ:** ٻن، ڪڏ ۾، قربان، ڪوهہ ۾، (ٻرا- ڪوو، سن - ڪوپي = ڪوهہ).

گوش: ف - ڪن.

۱۲. **ملهي**: جلهي؛ ولهي؛ ننڌڙکي؛ مفلس؛ سڪڻي؛ گيهاڻي.

ارتو: رت جهڙو ڳاڙهو پاڻي؛ رت؛ (سن ـ آرڪت. آ: ٿورو + رڪت: ڳاڙهو).

۱۵. **ٻرڻ**: ٻڌڻ؛ سڻڻ؛ وڄڻ؛ آواز ڪرڻ؛ (سن- ور).

۱۶. **پاهون**: پوئتي؛ پٺتي؛ (سن ـ پر شنٽنهه).

۱۸. **ڏاهه**: (ف ـ داهه) ٻانهي؛ گولي.

۱۹. **ماڙ**: ٻلائي؛ مدد؛ (سن ـ مَدِ).

۲۱. **سڌر**: سڪر؛ گهٽو.

مڙان؛ مڙڻ: ملڻ. گڏجڻ. (سن ـ مِلَنَ).

۲۲. **صحت**: ع ـ خوش؛ تندرستي؛ چڱو ڀلو.

۲۳. **ڪچ**: ڪچو ڪم؛ ڪوڙ؛ ڏوهه؛ (سن ـ ڪشنا).

پرچ: (پرچڻ مان) خوش يا راضي ٿيڻ؛ (سن ـ پرچن).

۲۴. **ڪامل**؛ ع ـ ڪمالات وارو. هوشيار يعني پنهون.

۲۵. **مورائين**؛ مورائون: اصل. بنهه.

مديون: (واحد ـ مدي) (ف ـ بدي) ٻيڙايون؛ خاميون؛ بديون .

۲۶ . **چٽ**؛ لذت؛ چش؛ (سن ـ چاٽ).

چٽڪي؛ چٽڪا: زخم. ڏنگ. عذاب. (هيم ـ چٽڪو).

سرس: گهڻا؛ زيادهه.

سمير: جبل جو نالو؛ (سن- سُميرُ. س : چڱو+ مير: جبل) .

سچلي: سچي.

چوهه: تيزي؛ تڪائي؛ جلدائي؛ هڪدم؛ وَهه جو تِڪ؛ (سن ـ ڪُشد).

چٽڪي: (چٽڪڻ مان) چڙڻ؛ هلڻ؛ (سن ـ چِٽَ).

لتڪي؛ لتڪڻ: لڙڪڻ. هٽ اتڪائي چڙهڻ. (سن ـ لَتَنَ).

۲۷ . **ڪينو**: بغض؛ وير؛ دشمني؛ ڪروڌ. بخيلي. نگرتائي. (ف ـ ڪينه).

ڪبر : ع ـ وڏائي؛ مغروري؛ شان؛ بزرگي.

۱۹. **ناهِ**: نہ آهي؛ (سن ـ نهہ).

۲۰. **جڙي**: جڙڻ؛ نهڻ، ملڻ، حاصل ٿيڻ، جوڙ ٿيڻ.

۲۴. **جيڪس**: شايد؛ متان.

۲۵. **ڏاڪڙو**: تڪليف؛ ڪشالو.

مت: سمجهہ؛ صلاح؛ مصلحت؛ سبق؛ نصيحت؛ (سن ـ متي).

مهڻان: (واحد ـ مهٽ) مهميز.

جِهت: محبت وارو؛ نيهن وارو؛ (ع ـ جهد).

رفيق: ع ـ ساٿي؛ مددگار واهرو؛ همراهہ، سنگتي؛ همسفر.

۲۷. **روهہ**: جبل؛ پهاڙ؛ مٿاهين زمين؛ (سن ـ روهہ).

رهسو: رنگ.

وارو: گهڙي، ويرم؛ پلڪ؛ وير؛ وقت؛ (سن ـ وار).

رت: رت گاڏڻان ڳوڙها؛ (سن ـ رڪتَ).

۳۰. **رتي**: (سن ـ رتيڪا) ڪابہ ننڍي شئي؛ روح ـ رتي: (اسم مرڪب) روح کي وڻندڙ ڳالهہ، ريجهہ رهاڻ.

لتي: لَت؛ نوڪر، ٽڏو، (سن ـ لتا).

۳۲. **اڙانگا**: ڏکيا؛ مشڪل.

پهہ: هالار جبل جي ڏاکڻي پاڳي کي "پهہ" چوندا آهن .

۳۷. **جولان**: ع ـ جوش؛ جذبو؛ جوش سان ٻوڙڻ؛ ڪاوڙ .

۳۹ . **يڪايڪ**: ف ـ اوچتو؛ هڪ ئي پويان هتي يڪسان، گڏ، هڪ جهڙو.

چرا ۽ چون: ف ـ ڪڏهن ۽ ڪيئن؛ چو ۽ چالاءِ؛ رد؛ بدل؛ بحث.

بيچون: ف ـ بي مثال؛ بي مانند؛ جهن جو ڪو همسر نہ هجي، يعني ڏٺي، خدا. (ڪافي)

اوريون: اورڻ، حال بيان ڪرڻ، حال ونڊڻ، آپياس ڪرڻ، مناجات ڪرڻ، وري وري چوڻ، ورونهن، (سن ـ آورتنَ).

سماءُ: سڌ؛ خبر؛ (سن ـ سُڌي).

ساءُ: سواد؛ لذت؛ مزو؛ (سن ـ ف ـ سواد).

هلاءُ: اڪلاءُ.

۱۸. **سانيهہ**: وطن؛ ديس؛ ڏيهہ؛ گهر؛ (سن: سَوَديش).

۱۹. **ٿوڪ**: ڪابہ قيمتي شي؛ تول؛ نعت؛ مطلب؛ مراد؛ اسباب؛ گهڻو (سن ـ ستوڪ).

۲۰. **سٿ**: عيوض؛ متا ستا؛ سودو؛ (ڏن ـ ساهتيہ).

۲۱. **آتڻ**: زالن جي ويهي ڪتڻ جي جاءِ، گهر، جاءِ، (سن ـ آيتَنَ).

اُجارين: اجارڻ؛ اوجر ڪرڻ، صاف پاڪ ڪرڻ؛ (اَجولَ).

۲۴ . **سونهانِ**: واقف، رهنما.

۲٦ . **وهانءُ**: شادي؛ مجلس؛ وصال؛ پرٺو؛ (سن ـ و واهہَ).

۲۷. **جک**: ايذاءُ؛ ڏک؛ درد؛ سوز؛ جهوري؛ (سن ـ جشُ).

لک: لئو؛ لاڳايو؛ پيچ؛ (سن ـ لڪش).

لوري: جهوري؛ فڪر؛ ڳڻتي؛ محبت؛ تير؛ ڪانُ؛ اُڪير، (سن ـ لولا).
(ڪافي)

اولي؛ اولڻ؛ قاسڻ، ڏڪڻ، اچلڻ، (سن ـ ارتر).

داستان نائون

۱. **قرار**؛ ع ـ آراميٰ؛ انجام؛ وعدو .

۲. **وڙ** : احسان؛ ڀلائي؛ قرب؛ لائق؛ (سن ـ ورت).

۴. **آجهي**: آسري؛ پناهہ هيٺ؛ اجهو؛ گهر؛ رهڻ جي جاءِ؛ (سن ـ آشريہ).

۵. **پساءِ**؛ پسائڻ؛ ڏيکارڻ، ڏسڻ، (سن ـ پشيہ).

۸. **سريوم**: پورو ٿيوم؛ حاصل ٿيوم؛ (سن ـ سرڻ).

۱۰. **ڪري**؛ پوري؛ سچي؛ (م. هہ ـ ڪرا).

۱۲. **ساس**: ساهہ؛ دم؛ (هہ ـ سانس، سن ـ شواس).

۱۳. **صحت**: ع ـ چڱيلائي؛ تندرستي؛ خوشي.

۱۴. **مچي**؛ مچڻ: خوش ٿيڻ، مستي ۾ اچڻ، (سن ـ مچ = مٺي ٿيڻ).

۱۷. **تنوار**؛ آواز؛ هتي هوا.

نبيرڻ: نبيرو ڪرڻ، چڪڻ، طئي ڪرڻ؛ (سن - نِورتَن).

رق: ع - بند، قيد، سختي، رڪاوٽ.

حق: ع - مڙس، پتار معنيٰ خُدا.

غرضي: ع - مطلب، پزوا، ڪاڻ.

۳۸. **لوهي**: لوهہ جهڙي سخت.

لاغرضي: ع - بي پرواهہ.

۳۹. **ويچ**: ويچڻ، وڪڻڻ، (سن - وڪري گ - ويچوَن).

۴۰. **ڪامڻ**: سهٽي زال، يعني سسئي؛ (سن - ڪامني).

شمہ: ف - ذور، ٺکر، بوءِ.

شفق: ع - ڳاڙهاڻ جا صبح ۽ شام آسمان ۾ سج ايرڻ ۽ لهڻ مهل نظر اچي.

سرخيان: لالاڻ، (واحد - سرخ).

سنگ: ف - پٿر، جبل.

نسنگ : نِروار، ظاهر، بي خوف، امالڪ؛ (سن - نهہ شڪ).

سڪوت: ع - ماٺ ۾، صبر ۾، خاموشي ۾

۴۴. **رند**: رستو، پيچرو، پيرن جو نشان، (سن - رنڙر).

۴۶. **مصلحت**: ع - نيڪ صلاح يا تجويز، چڱائي ڀلائي.

۴۷ **روءِ**: ف - صورت، شڪل، حُسن، سونهن، لقاءُ.

خوءِ: ف - عادت، خصلت.

۵۰ . **الحال**: ع - في الحال، هن وقت.

مهڙو: هيٺو.

۵۲ . **وهي**: (سن - ويس = عمر) جواني، ٿهي .

پرور: ف - پاليندڙ، پالڻهار، خدا، (ف - پروردن = پالڻ).

۵۳. **اچا**: اچا وار.

١. **هنجون هارڻ**: ڳوڙها يا لڙڪ ڳاڙڻگ؛ (سن - آشروَ، پرا - آسوُ = ڳوڙها).

٢. **ٽاڪ ٽيهڻ**: ماڳ ماڻڻ. (اصطلاح).

ٽاڪ: ٽاٽو؛ ٽڪاٽو - گهر؛ ماڳ؛ (سن - ستا. هير - ٽڳو) .

٣. **تاڻي**: تاڻڻ؛ ڇڪڻ، ڪشڻ، لنگهڻ، اڪيرڻ. (سن - تآن).

٥. **اولي**: ڏکي، اهنجي. (سن - آوَ = خراب+ ول = ڦرڻ - ورڻ).

ڏِکيو: ڏِکڻ؛ وڃڻ، پهچڻ. (سن - ڏِئوڪَ) .

١٢. **اندوهون**: ف - اندروهہ مان؛ غم ڳڻتي، فکر مان .

١٣. **اوهي**: اُهي.

راهن: (واحد راهہ)، رستو؛ دڳ؛ پيچرو؛ (ف - راهہ).

١٩. **ڪاپو**: پورهيو؛ ڪتڻ جو ڪم.

ڪلو: اوکي مهل؛ جهيڙو؛ (سن - ڪلہ).

٢٤. **ڪوڪ**: رڙ، سڏ؛ (سن - ڪُوڪڻ).

٢٦. **چُپاتي**: چپ چپات؛ ماٺ ڳجهہ ڳوهہ ۾؛ (سن - چپ = ماٺ ڪرڻ).

٢٧. **ريڇ**: امنگ؛ اُڌمو، ريڇڪ؛ (سن - رچ).

٢٨. **ڪڙڪ**: آواز اِڳواٽ خبر.

چهٽان: (واحد - چيٽ) آواز؛ رڙ؛ (پرا. چيٽ سن. چيٽت)

٢٩. **سهلي**: سهيلي؛ (گ - ساهيلي، هير- ساهلي، سن - س= ساڻ+ اکي=سکي).

پهہ پيچرا؛ دڳ؛ رستا؛ پهہ: رستو، طريقو، پنڌ. مسافري، پيچرا؛ (ن- پا+چاره).

٣٠. **چنج**: (ف - ڪنج) غار؛ ڪنڊ؛ چُر.

ناگهہ: (ف - ناگاهہ) اوچتو.

نِستَ: ست کان سواءِ؛ ڪمزوري؛ بي طاقت؛ ناتوان؛ (سن - نهشو).

٣١. **لاکون**: لکين؛ بي شمار .

جهولٽو

۱. **صلاحي:** صلاح ڪندڙ، مصلحت ڪندڙ، (ع - صلاح).

راهي: مسافر، واٽهڙو، (ف - راھ = رستو، پيچرو، دڳ).

ڪاهي: ڪاهڻ، هلڻ، پنڌ ڪرڻ.

ڏاهي: سياڻي.

حب: نديءَ جو نالو جا ڪراچيءَ پرسان وهي ٿي، جا بلوچستان ۽ سنڌ جي ڏکڻ - اولهه سرحد آهي.

همراهي: ف - مدد، واهر.

ساهي: ساهه، دم، (هه - سانس، سن - شواس).

آمر: ع - فرمان، تقدير، خدا جو حڪم.

وهم: ع - اندر جا وهم ۽ وسوسا، اوڏيا، مايا، اگيان، جُهل.

۲. **مور:** بنهه نه.

مصلاتي: ع - صلاح ڪندڙ، (ع - ف - مصلحت).

ساٿي: ساٿي، ساٿ ڏيڻ وارو، مددگار، (سن - سارٿ + ان + ڪ).

هاريون: (واحد - هاري) بيوقوف، نادان، موڳي، (سن - هرتُ، ف - هار).

روهه: جبل، ٽڪر، (سن - روهه).

راتي: راتو رات، (سن - راتر= رات).

جهاتي: ليئو، لڪي ڏسڻ.

ويلاتي: سويل، سوير، (سن - ويلي).

پڙ: ڏاهو، سياڻو، قابل، (پرا - پڊ، سن - پٽ).

پاتي: گهر جو فرد.

۳. **وائي:** ڳالهه، پچار، آواز، (سن - وارتا).

لنوَ: پيار، سڪ، محبت، نانو، الفت، (سن - لَيَ).

اظهارن: (ع - ظاهر ٿيڻ، ڪرڻ= ڪولڻ) دليل، پرماڻ هتي وار ٠

۵۴. **ڪارن:** ڪارن وارن ٠

ننگ: ف - لڄ، شرم عار، عزت .

۵۵ **جاڙ :** ڏاڍائي جٽ، زبردستي، غفلت سستي، پُل، (سن - جاڍيہ).

بالا : ف - بلندي، چوٽي، مٿاهين، قد .

بلور: ف - سفيد پٿر، جرڪندڙ جبل .

چاڙ: چاڙهيون، چاڙهيڪا، (سن - چڍ).

ٻاڙ: سڪ، چڪ.

۵۷. **پروڙڻ:** سمجهڻ، ڄاڻڻ، پرجهڻ، (سن - پربد).

تم: ع - تمام، ختم، پورا.

۵۸. **پڙلاءُ:** پرلاءُ، سڏ، عڪس، پاڇو، سڏجو موٽي اچڻ، (سن - پرتي رو).

(ڪافي)

اسرار : (ع - واحد - سِر) ڳجهه، ڀيد، راز.

نوري : ع - نور جي پيدائش.

ناري: ع - باهہ جي پيدائش.

رب: ع - پالڻهار، خدا جو صفاتي نالو.

جبار: (ع - جبر : ڏاڍ) زور وارو، زبردست، خدا جو صفاتي نالو.

شاهي: بادشاهي (ف - شاهہ= بادشاهہ).

خمار: (ع - خمر: شراب) شراب جو نشو، مستي محبت جي.

صدق يقين: ع - دل جي ويساهہ يا سچائيءَ سان.

(ڪافي - ٢)

هلاڪي: هور، فڪر، ڳڻتي، انتظار، تڪليف، (ع - هلاڪ).

ويڙهو: گهر، پاڙو، (سن - ويشٽ).

سگ: ف - ڪتو.

ٽڪ: ٽڪاوٽ، تڪليف، (هير ـ ٽڪ، گ ـ ٽاڪون، پرا-ٽڪ، سن ـ سٽا+ڪر).

گهاري: گهارڻ؛ گذارڻ، بسر ڪرڻ، ڪاٽڻ.

٦. آن : اچي ڪري.

ريجهه: محبت، قرب، خوشي، (سن ـ رُڌ).

ڪي: ڪئي.

گهٽ: گس، رستو، پيچرو، (سن ـ گهٽ).

گهٽڪي: گهٽڪڻ؛ گهٽڪو ڪائڻ، ڳيتون ڏيڻ.

هجر: ع ـ فراق، جدائي.

جهٽ: پلڪ، ويرم.

ٻني ويل: فجر، پرهه ڦٽي وقت، (سن ـ وِيانر + ويلا).

لٽڪي: لٽڪڻ؛ لڙڪڻ، هٿ اٽڪائي چڙهڻ، (سن ـ لَٽَنَ).

فهم: ع ـ سمجهه، دانائي.

هٿڪا: هٿ جي اڳيان، وٽ، ڪا= ڪائي .

ڦٽڪي : ڦٽڪ: اٽڪ، روڪ، رڪاوٽ، (سن ـ شقات + ڪر).

سٽڪي: سٽڻ : سٽڪڻ، ڏڪ هڻڻ .

٧. پر : دستور، رسم، ريت، (سن، پالي).

ڄلي: ڄلهي: ڪاهل، سست، ڍري، (سن- جَلَ).

پرجهڻ: سمجهڻ، پروڙڻ، (سن ـ پر بُد).

پٻ: هالار جبل جي ڏاڪٽي ياڳي ڪي پٻ چون ٿا.

وسهج: وسهڻ؛ اعتبار ڪرڻ، ويساهه ڪرڻ، (سن ـ وشو.س).

واٽي: مڙهي، جوڙي، اٽي، (سن ـ وانَ).

ساٿي: واهرو، مددگار، ساٿي، (سن ـ سَم).

تانگهه: چِڪ، طلب، رغبت.

تاڻي: تاڻڻ: گهلڻ، ڇڪڻ، ڪشش ڪرڻ، پنڌ ڪرڻ. (سن ـ تن).

خواب: ننڊ، (ف ـ خوا بيدن= سمهڻ).

تائي: تائڻ؛ تپائڻ، گرم ڪرڻ، (سن ـ تپ).

جاڙ : زوراوري؛ جٽ؛ زبردستي؛ پل؛ (سن ـ جاڍيَہ).

جائي: سچ پچ.

ٻائي: مائي؛ گهر ڌياڻي؛ عورت؛ (گ. مر ـ ٻائي، سن ـ پاريا).

ڊاهي: ڊپ واري؛ (سن ـ در= ڊڄڻ، ڊپ ڪرڻ).

سرت: هوش؛ سمجهہ؛ هوشياري؛ يادگيري؛ (سن ـ سمرتي).

امر : ع : فرمان؛ تقدير؛ خدا جو حُڪم.

ڏورون ٿي: پري ڪان؛ (ف ـ دورْ= پري؛ سن ـ دورات).

ڏهڪاري (ڏهڪائڻ): ڊيڄارينڌڙ؛ (سن ـ دسيہ + ڪاري).

۴. **آيل** : اي ماءُ؛ اي آئي؛ (سن ـ آريا).

سڱُ: مائٽي؛ ناتو؛ سنگت؛ لاڳاپو؛ (سن ـ سنگ).

شريڪت: ع ـ برابري؛ همسري؛ (ع ـ شرڪت).

ڇوهہ: ع ـ ڇوهو؛ اٿائو واءُ؛ طوفان؛ (سن ـ ڪُشد).

گام: ف ـ قدم؛ وک.

مير: ف ـ سردار؛ (امير جو مخفف).

۵. **رهہ:** ف ـ راهہ؛ رستو؛ واٽ؛ دڳ.

پينگ: سڃ؛ ويراني؛ بي ثمري؛ اجاڙ؛ (سن ـ پگج).

ڀو: خوف؛ خطرو؛ (سن ـ ڀيہ).

هيبت: ڊپ؛ (ع ـ هيبت).

هول: ع ـ خوف؛ ڊپ؛ اڌڪو؛ ڳڻتي؛ ڀور؛ فڪر.

هراست: ف ـ هراس؛ خوف؛ ڀو.

هو: ڀَو؛ خوف؛ (ع ـ هول).

ترس : ف ـ ڊپ؛ خيال؛ سڪائڻ؛ آج مارڻ؛ رحم؛ قياس؛ ترسڻ؛ انتظار؛ نهارڻ؛ واجهائڻ.

ساري: سنڀالي، ياد ڪري، (سن ـ سمرڻ).

١١. **رڙندا:** رڙيون ڪندا، روئيندا، (سن ـ راٽ ، رٽ : گوڙ ڪرڻ).

روڙي: روڙڻ، ڇڪڻ، پٽڻ، چنڻ، لاهڻ (ڪنهن وڻ مان هٿ وجهي ان مان گل يا پن وغيره لاهڻ، گ- روڙ وڻ).

ٽوڙي: ٽوڙڻ، پچڻ، چنڻ، لتاڙڻ، (سن ـ ترت).

مياٿي موڙي : اٿ ٿي ڦيري (سن ـ ميہ = اٿ).

ڪرڪل: ڏمچر، گجگوڙ، گوڙ، هل، (سن ـ ف ـ ڪلڪل).

ماڳ: منزل ، ٺاڪ، هنڌ ، (سن ـ مارگ).

١٢. **جائين:** جاءِ تي، (ف ـ جاي).

درس: (ف ـ درست) سچ پچ، برابر.

ميڙئين: ميڙڻ، ملائڻ، گڏ ڪرڻ، (سن ـ ميل).

ڪائين: ڪيئن بہ ڪري.

ڀهون: گهڻو، ججهو، (سن ـ بهوُ).

١٣. **لس:** هڪ ٻي پويان، ساندهہ ، ڪابہ لسي شئي.

لوڙا : آواز، هُل، رڙڪا، لڙ، (سن ـ روڙ : آواز ڪرڻ).

چوهون: چوهہ مان، تيزي سان، سختي سان، (سن ـ ڪُشد).

ڇپر: جبل، ڏونگر، (سن ـ ڇنورَ).

ڇوڙا : پاسا، (هيم ـ ڇوڙ).

ٽوڙو: ڦاهو، رسو.

سهمناڪ: ف ـ خطرناڪ، خوفناڪ، هولناڪ.

سنڌا: پيچرا.

ڏرت : غم، ڏک، مصيبت، ڏورائو، (سن ـ درت).

ڏورڻ : ڳولڻ، ووڙڻ (سن ـ وهرڻ).

ڏوڙا : ڳرا، وڏا، ڀيٽا، ڏوٽا، (سن ـ دو+ڙا).

هارو : لس ٻيلي جي اولهندي طرف جبلن جي قطار جا مڪران جي سرحد تي آهي.

ڪاٺي؛ ڪامڻ؛ سڙي، ڪامڻ. (سن ـ ڪشام).

ٻام؛ ف ـ ڇت؛ ماڙي؛ منزل.

٨. **جيئي**؛ جيڪي.

ساجهر؛ سويل. (سن ـ سويرا).

وَس؛ وسندي؛ وسنهن؛ آبادي؛ خوشي جي جاءِ؛ (سن ـ وس).

ريٺي؛ انهن بنا؛ ريءَ؛ ڪانسواءِ؛ (سن ـ رتي).

پلو؛ پاند؛ (سن ـ پرانت).

ڪامڻ؛ جادو؛ جنتر؛ (سن ـ ڪارمڻ).

ويساري؛ غفلت ۾؛ ويسر = غفلت.

٩. **اڙانگا**؛ مشڪل؛ ڏکيا.

اڙا؛ وڪڙ؛ پيچ؛ (سن ـ آر).

بيدل؛ (ف ـ بي = سواءِ دل) دل ڪانسواءِ.

برڙا؛ ع ـ بر؛ بيابان؛ جهنگ؛ ميدان؛ پٽ؛ خشڪ زمين.

اوجهڙ؛ بيراهه ۾؛ توائي ۾؛ گمراهي؛ منجهيل رستو؛ (سن ـ آوَتتَ).

ڪرڙا؛ وڏا؛ ڏکيا؛ زور؛ خوفناڪ؛ سخت؛ پوائتا؛ (سن ڪَرالَ = ڀيانڪ).

ڪرڙا؛ ڪرڙو: ڪڙ ٻڙ يا ڪلراٺي زمين، خارش، لڱڻ جو پٽجڻ.

نار؛ عورت؛ زال يعني سسئي؛ (سن ـ ناري).

١٠. **ثابت**؛ ع ـ قائم؛ مظبوط.

واٽ؛ وهندڙ واٽ يا رستو؛ (سن ـ واٽ).

مڏ؛ مڏنهن؛ بلڪل.

ور؛ وراڪا؛ وڪڙ؛ (سن ـ وَلَ).

ونگا؛ ڏنگا؛ پيچدار؛ (سن. وَنڪ)

دهداري؛ مضبوط؛ (ف ـ دم دله).

ڪاري؛ ف ـ جٺ؛ تڪليف؛ ظلم؛ سخت؛ گهائيندڙ؛ موتمار.

سڪائي؛ سڪ واري؛ سڪڻ؛ عشق جي جهي. عشق جي اساٽ. (سن ـ سڪا).

١٧. **پوري**: اٽڃاڻ؛ اڻبوجهه؛ پورڙي؛ وسوڙيل؛ سادي؛ (سن - پورو).

پرڻ: ڦرڻ؛ ورڻ؛ گڏجڻ؛ موٽڻ؛ پيرو ڪرڻ؛ ملڻ؛ پرين گهمڻ؛ (سن - پرمڻ).

پوري: پوري رنگ جو؛ پورو اٺ؛ پور (سن - پيُرو).

ڪاذر: ف - ڪتياڻي؛ ڏوهي.

توڙ: آخر؛ منزل؛ پڇاڙي تائين؛ پڇاڙي.

سري: سڪ، محبت؛ رستو؛ نشان.

جهورو: جهوراٽو؛ ڳڻتي؛ فڪر؛ (سن - ڪُشر).

ڪوڪاري: رڙيون ڪري؛ ڪوڪون ڪري؛ پڪاري؛ آواز يا هل ڪري؛ (ڪُوڪَڻُ).

١٨. **ڪَهو**: ڇئو؛ ڪهڻ؛ چوڻ؛ (سن - ڪٿن).

ساٿيون: پاڻ سان؛ ساڻ؛ (ساٿ ؛ گڏ) (گ - ساٿ).

ڏاتيون: (واحد - ڏات) نعمت؛ عنات؛ انعام؛ دان؛ فيض؛ (سن - دات).

جال: گهڻو؛ انداز؛ جهجهو؛ مَئو؛ ڍگ؛ ڍير؛ (سن - جالَ).

ڏاتر: ڏاتار؛ ڏيندڙ، داتا، سخي، يعني خدا (سن - داترو).

هس: هُيس.

اَماري: (سن - اُورڌوَ ؛ اُپو) اُپو ٿي ببهڻ؛ اُپرڻ؛ سانباهو؛ تياري؛ ڪاڍو؛ چِڪ.

١٩. **ڪامڻ** : من موهڻي زال ، سهڻي؛ زال؛ (سن - ڪامني).

منٿ: منٿ؛ آزي؛ (ف - منت).

ورچج - ورچڻ: بي آرام ٿيڻ، ڦٿڪڻ، اٿلڻ پٿلڻ، (سن - وِدرُ).

درس : برابر؛ درست؛ سچ پچ.

ديهي: بدن ؛ جسم؛ (سن - ديهه، پرا - ديهو).

تڪراري: ع - وري وري چوڻ يا ڪرڻ.

٢٠. **ڪهڪي** (ڪهڻ = چوڻ)؛ چئي، (سن - ڪٿن).

ٺهڪي: ٺهڪڻ؛ ٺڙڻ، وڻڻ، خوش ٿيڻ، سهڻو لڳڻ.

ڏهڪي: (ڏهڪڻ = ڊڄڻ) ڊني؛ (سن - دسيَم).

هزاري : هزارين.

۱۴. **چرڙين**: چرون؛ غارون؛ ڪڏون؛ (هہ .مر - چرو).

مارا: مارِيندڙ.

ويچارا: بي وس؛ (ف - بيچارہ).

سوڪارا: تڏا ساهہ؛ سيڪارا؛ (سن -- شيت : آواز+ ڪر: ڪرڻ).

ماڪارا: مشهور.

جک : درد؛ جهوري؛ سوز؛ ايذاءُ؛ ڏک؛ (سن - جُش).

جارا: سوراخ.

واري : ورائي چِڏڻي؛ دل تان لاهڻ؛ (سن - وارڻ).

۱۵. **ناقا**: (ع - واحد ناقہ) اٺ؛ ڏاچي.

ڏاڪا: جبل جا چاڙهيڪا؛ چڙهڻ جي جاءِ.

لوهي: لوهڻ؛ ساڙڻ، جلائڻ، (سن - پلش).

لاڪا: لَڪَ: پيچرو، جبل جو رستو، (سن - لنگهہ).

فلق: ع - نياگ؛ ڪمبختي؛ مصيبت؛ ڏک.

فاقا: (ع - واحد فاقو) بک؛ حاجت؛ غربت؛ لنگهڻ.

ونگن: (واحد - ونگ) ورُ؛ وڪڙ؛ ونگائي؛ ڏنگائي؛ (ونڪ).

جهاڪا: جهڪون، گرمر هوا جا جهونڪا.

پاتار: پاتال ۾؛ تري ۾؛ غرقي ۾؛ (سن - پاتال).

۱۶. **سورج**: سج؛ (سن - سُوريہ).

ثاني: ع - مٽُ، مثل، هڪجهڙو.

پاني: پاڻي؛ جل؛ (سن - پانيہ).

ٻاني: ٻولي؛ وائي؛ ٻاڻي؛ رنگ.

سالاني: سال بسال.

لوچ : لوچڻ؛ نهارڻ، ڳولهڻ، طلبڻ، پريشان ٿيڻ، ماندو ٿيڻ، (سن - لوچن).

اظهاري: ظاهر ظهور؛ کليو کلايو؛ (ع - اظهار).

خام: ف -اجايو، ڪچو، بي اصل.

عين: ع -نسورو، بلڪل، خود، بنھ، جنسي، خالص، محض.

عذابي: (ع - عذاب = ڏک، تڪليف) تڪليف يا ڏک ڏيندڙ.

آڙاھ: باھ جو مچ يا پنيٺ، ڪورو، اوڙاھ، (سن -آورت).

چڪي: ٽڪي، پُلي، ٽٽي، (ک -چڪورون).

وس: اختيار، حيلو، زور، ڪوشش، (وش).

آتاري: ڏتاري، ريب ڏيئي.

٢٥. **هجر:** ع -جدائي، فراق.

هاري: هار: ويراني، ڪمزوري، پريشاني، (هار ڪاڏل، جيتيل، نياڳي).

قراري: ع -آرامي.

هڏ: هڏنهن: اصل، بلڪل، مور، ضرور، اڳئي.

وتاري: اوتارو: گهر، جاءِ، تڪيو، منزل، (سن -اوتري).

٢٦. **آوڙي:** آئڙڻ: پسند پوڻ، وڻڻ (سن -اهلاد).

رس: راس: پسند، درست، برابر، چڱو، پلو، (ف -راست).

وس: اختيار، حيلو، زور، ڪوشش، (سن -وش).

ڪسڪوئي: (ڪس = ساٿي، رفيق، ماڻهو + ڪوئي = ڪوبہ) ڪوبہ ماڻهو.

خاطر: ع -تسلي دل، لاڙو، خواهش، پسندي، سانگو، واسطو.

خس: ف -ڪک، ذرو، تنڪو.

ڪُوئي: (ف -ڪُو) ڳلي، ڪوچو.

اوساري (اوسارڻ= ماتم ڪرڻ، روئڻ رڙڻ، ياد ڪري روئڻ): ماتم ڪري.

٢٧. **چوٽ:** ضرب، ڌڪ، صدمو، (سن -چُٽ).

ور : مُڙس، (سن -ور).

چاٽي: چاٽڻ: جهبو ڏيئي ڪٽي وجڻ، ھ- چاٽ= چوش، عشق جي چاٽي، لذت، چشڪو.

توئي واٽي: تو وٽان.

رهڪي: (رهڻ = تڪڻ) رهي؛ تڪي؛ (سن - ريهہ. راج).

ڦهڪي: (ڦهڪڻ = ڦيهڻ، ڦاڪون ڪرڻ)؛ ڦاڪون ٽيس.

نهڪي (نهڪڻ = ڇڏڻ) ڇڏيائين.

تهڪي: تهائڻ؛ هرڪائڻ، مهوهت ڪرڻ، دير وجهڻ، سيڙائڻ، راضي ڪرڻ، (سن - تُشُ).

اوجان: (واحد - اوج) چاڙهي؛ بلندي؛ چوٽي؛ مرتبو.

اهڪي ؛ اوڪي؛ ڏکي؛ اٿائي.

۲۱. **جهڪ:** واچ؛ واءُ؛ واءُ جو جهوٽو؛ (هہ - جُهونڪ).

جهولو: گرم هوا.

ڦلي: ڦولڻ؛ ڳولهڻ، ڪولڻ.

چولي: چلڻ: هلڻ، ڪاهڻ، ترڻ، چلڪڻ، (سن - اُچلن).

گهولي: (گهولڻ = گهورڻ)؛ گهوري؛ فدا ڪري؛ صدقي ڪري؛ (پر - گهول).

ڏرڙ ؛ غارون؛ ٻر؛ تنگ؛ ڏرو. (سن - در).

ڪولي: گڏ ويجهو؛ پرسان؛ نزديڪ؛ (سرا - ڪول).

تاري: (تارڻ: پري ڪرڻ)؛ پري ڪري؛ (س - لتلڻ).

ڪرڳل: ڳالهہ ڪر.

الائين: چوين؛ ٻڌائين؛ (سرا - الاوڻ ، سن - الاپن).

اد گيري؛ سمجهہ؛ هوش؛ (سن - سمرتي).

درد ڏئي؛ (ف - آزار = ڏک، تڪليف).

ات؛ (ٻني = پرڀات، فجر + ليل = رت).

= جلد، تڪڙو) جلدائي ۾.

؛ ست مجلس؛ (سن - سارٿ، گ - سات).

. ر، بدلو، عيوض (نيڪ ڪم جو).

ربابي: (ع - رباب = وڄائڻ جو ساز) رباب وڄائيندڙ.

اعرابي: ع - بريت ۾ رهندڙ عرب؛ بدوي؛ جهانگي؛ مارو.

چُٽي: چٽڻ: نشانو ڪرڻ (سن ـ چَوتَن، چَد، چَود= هڪلڻ).

هونگاري: هونگر ڪري: آواز ڪري: هل ڪري: (سن ـ هُنڪار).

۳۱. **چوکو:** سچو: صاف: سٺو: شريف: چڱو: (سن ـ چوڪش).

پٽولو: پٽ جو ڪپڙو: پٽ جو چولو يا پيشگير: (سن ـ پٽ + اولو).

ڦوڙائي : فراق جي ماري: جدا ٿيل: (سن ـ سفٽ).

لتي: لتوڻ: لات ڪرڻ، ٻولڻ، آواز ڪرڻ. (س ـ لپن. لپ = ڳائڻ).

لوڻي: بدحال: جَليل: سڙيل: مُئي: (س- لَنَتَ).

تتي: تايل، گهايل، تپايل، تائڻ. (سن ـ تاپڻ ، پرا ـ تاوڻ).

متي مچڻ: زور ۾ آئي: زور واري. مچي: موج ۾ آئي: (سن ـ مچ = متي ٿيڻ).

وتي: ورتي.

گهتي: گهتڻ: وجهڻ. (سرا ـ گهتڻ).

پتي: حصو: (سن ـ پتر + ئي = پڇاڙي).

رتي: رچڻ: رڱڻ، رڱجڻ، ڳاڙهو ٿيڻ ، رتل، رڱيل لال (سن ـ رڪت).

اچنگاري : دانهن ڪري روئي: (سن ـ اُچ + ڪار= روئڻ جي دانهن.

۳۳. **ڪرهڙا:** ڪرهو: اٺ (سن ـ ڪرڀ).

ڪانئڻ: جلائڻ، ساڙڻ. (سن ـ ڪُشام).

چلنگيون ٽٽڻ: ڏار ڏار يا جدا ٿيڻ: ٽڙي پکڙي وڃڻ.

هوڪاري: هڪل ڪري.

۳۴. **هولي:** خوشي: شوق: (سن ـ هولِڪا).

حُبئون: حب مان: محبت يا سڪ مان: (حب = محبت. دوستي).

ڏولي: پالڪي: ڪجائو: (سن ـ دولڪا. پرا ـ دوليا).

ڦولي: (ڦولڻ = ڳولهڻ): ڳولهي.

گهولي (گهولڻ = قربان ڪرڻ): قربان ڪئي.

ڇولي: درياهه جي لهر. هٿ پاٽي: (ڪ ـِ ڇور).

نال : گڏ: ساڻ (سر ـ نال).

اورهاڻي: (اورهاڻڻ = پورڻ، پرڻ، انڌو ڪرڻ) پوري، پري، انڌو ڪري، (سن: آورن).

ڳهٽ: ڏڪُ .

ڳهاڻو: ڳهرو، ڳهٽو، ڳهاڻي شراب منجهان.

آڳاٽي: ازلي، اڳين.

لوهاڻي - لوهاڻڻ: ساڙڻ، جلائڻ. (سن : پلش).

اجهاري: آسري، آڌارتي، اجهي هيٺ، (سن - آشريه : آجهو).

۲۸. **تقصيران**: (ع - واحد - تقصير) خطا، قصور، ڪوتاهي، ڪمي.

تڙ پيڙان: ڳهل ڳينڊڙ، تڪڙ، ڳڙ ٻڙ.

ٻهيڙان: (ع - واحد - ٻهير) قطار، قافلو، ساٿ .

تدبيران: (ع - واحد - تدبير) اٽڪل، ڪوشش، اپاءُ، تدارڪ.

وڻجاري: سوداگر، واپاري، (سن - وڻج+ ڪار).

۲۹. **باب**: ع - سبق، ڪتاب جو ڀاڱو يا فصل.

ڦڙيائين: هنيائين، ڏنائين، (ڦڙڻ).

ڪڙيائين: ڪڙڻ: ڳنڍڻ، قطارڻ، پير ڪٽڻ.

جڙان: ميخون، ڪِليون، (پرا - جڙا).

جڙيائين: جڙڻ: ڳنڍڻ، ڳڏڻ، هٽڻ، ٺهڪائڻ، (سن - جد بير).

رڙيائين: رڙڻ: دانهون ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ ، (پرا - راٽ، سن - رٽ = رڙ).

مڙهائين: مڙهڻ: ٺڪڻ، جهڙڻ، (سن - مردن).

توڙون: توڙ ڪان، اصل ڪان، هرگز، بلڪل.

تڙيائين: تڙڻ: ڪيڻ، هڪالڻ، لوڏڻ. (سن - تڊ).

غير: خدا کان سواءِ ٻي شي، ٻيائي، دوئي.

هاڪاري: هاڪ واري.

۳۰. **ٻُٽي**: بيهوش ڪري (ٻٽڻ).

ڦٽي: جدا ٿئي.

ڪڙڪي: ڪاهہ ڪئي؛ (ڪڙڪڻ= ڪاهہ ڪرڻ).

پڙڪي: پڙڪڻ: شعاءُ ڪرڻ، پنيٽ ڪرڻ، اچانڪ مارڻ، چال مارڻ، (سن - پڙڪٽي).

جهڙڪي: جهڙڪو: ضرب، جهڙپ، چپيٽ.

رنجي: رنج يا ڏک واري؛ (ف - رنج).

رڙڪي: رڙهي، (رڙهڪڻ = رڙهڻ).

سڙڪو: آواز، سٽڪو، ڪڙڪو.

تڙڪي: تڙڪڻ: تڙڻ، جاءِ تان سُري وڃڻ ، ڦرڻ).

۴۱. **ڪلان:** (واحد - ڪل) سڌيڻ؛ خبر؛ سماءُ؛ پتو؛ (ف - ڪل: سن - ڪلا).

ڪهڪايون: ڏڪويون؛ (ڪهڪائڻ = ڏڪوئڻ، ستائڻ، آزارڻ، اثر هيٺ اچڻ).

پيان: پويان؛ پٺيان.

رايون: رانئڻ؛ رڱڻ، (سن - رنجن).

پايون: (ف - پاي = قدم، وک) قدم؛ وکون.

۴۲. **هوري:** سڪٽي؛ بي سامان؛ هلڪي؛ لوڪ جي لاڳاپن کان آجي؛ سبڪبار .

توري: گهٽ ذات جو نالو؛ شڪارڻ؛ پاليشاهڻ.

لوري : جهوري؛ ڳڻتي؛ فڪر؛ (سن - لولا).

جهوري: (جهور= گهڻو زور) فڪر؛ جهوراٽو؛ گيسر؛ (سن - ڪُشر).

ڏوري: واڳ.

۴۳. **اپائون:** اندر جا اُڌما، (سن - اُڌ = مٿي + ورتن).

ڪائون: ڪنهن ڏينهن يا وقت.

لوح: ع - لوح قلم؛ لوح محفوظ؛ تختي، جا حفاظت سان عرش تي رکيل آهي، جنهن تي جيڪي دنيا ۾ تي گذريو آهي، جيڪي ٿئي پيو ۽ جيڪي ٿيندو، سو سڀ خدا ازل ۾ قلم سان لکي ڇڏيو آهي، تقدير، نصيب.

لائون: گهوٽ ڪنوار جي مٿي ميڙ؛ (لائون لهڻ، شادي ڪرڻ، يا پرڻجڻ).

تائون: تنهن ڏينهن کان.

قطاري: انن جي وڳ وانگر ٻڌي قطار ڪري وٺي وڃي.

٣٥. **نعرو**: زور جو آواز، دانهن، فرياد، روڄ راڙو، (ع ـ نعره).

سير: ع ـ گس، پيچرو، گذرگاهه، لنگهه.

واري اُتي وارو: وري ورائي پيرو يا ڦيرو ڪرڻ، پيو پيرو.

اوٻارو: هٻڪار، خوشبوءِ، ٻاڦ، ٻخار، (سن ـ اُشمن).

سرارو: وڪ، ٻرانگهه، (سن ـ سرُو)، (سن ـ شلا + رو = پٿر، روهي، سر).

٣٦. **اندوهي**: ف ـ اندوهه ۾، غم ڏک، فڪر، انتظار، ڳڻتي ۾.

هلاڪي: فڪر، هور، ڳڻتي، انتظار، (ع ـ هلاڪ).

ڪاري: ڪرائي، (ڪر = ڪرڻ).

٣٧. **ماد**: ع ـ مات.

رحماني: ع ـ رحم ڪندڙ جو بمعنيٰ خدا (ع ـ رحمان).

٣٨. **جند واري**: جند قربان ڪري، (سن ـ جيوش).

گهنگر: پريشاني، مونجهارو، غم، حيراني، ارمان، (سن ـ جهڪٽ، پرا ـ گهنگهل).

گهاري: (گهارڻ = گذارڻ) گذاري.

٣٩. **رمڪي** ـ رمڻ، هلڻ، وڃڻ، (سن ـ گمَ).

چمڪي: تجلو، چمڪاٽ، (پرا ـ چمڪ).

دهمڪي (دهمڪڻ = ڏڪڻ، ڊڄڻ) ڊني، ڏڪي، (سن ـ در = وڃڻ، ڏڪڻ).

جمڪي: گڏي.

تمڪي: گهٽ ٿئي، ختم ٿئي، (تم = ختم، پورو).

تانگهه: چڪ، رغبت، طلب.

شوڪاري: شوڪارو، سڏ ڪو، تڏو ساهه (سن ـ ساهه).

شور: ف ـ غل، آواز، جنون، عشق.

٤٠. **چنج**: چُر، غار، ڏر، (ف ـ ڪُنج، سن ـ ڪجج)، چهنب (سن ـ چنچو).

اڙڪي: اڙي، اٽڪي، ڦاٿي، (اڙڻ، اٽڪڻ، ڦاسڻ) (سن ـ آل = روڪ).

لڙڪي: لڙڪڻ، هٽ اٽڪائي جڙهڻ، لٽڪڻ، (س ـ لٽ).

احمد: ع - اسلام جي پيغمبر جو ذاتي نالو.
احد: (ع - واحد) هڪڙوئي هڪ يعني خدا تعاليٰ.
اسراري: ڳجها، راز وارا (واحد- سر = ڳجهه، ڀيد، راز، (ع - سر).
۴۹. **عرفت ربي بربي:** مان پنهنجو رب پنهنجي رب جي وسيلي سڃاتو (حديث).
نوبت: ف - نغارو، وارو، وقت.
اناالحق: ع - مان خدا آهيان، آهم برهم.
اعظم شاني: ڪيڏو نه وڏو شان آهي.
رمز: ع - اشارو، ڳجهه، اسرار، پوشيدگي، مام.
رلائي: گڏي، رلڻ، ملڻ، گڏجڻ، (سن - للن).
لوڪشف: ع - جڏهن کوليو ويندو. لوڪشف الغطاء ما آذت يقينا يعني جيڪڏهن کوليو ويندو پردو ته توهين زياده يقين نه ڪندا.
اُجرائي: اجائي، صفائي، (اجول).
بلا ميم احمد: بنا ميم جي احمد يعني احد. آءُ احمد آهيان ميم ڪانسواءِ يعني احد (الله) (حديث).
يسمع يبصر: ع - (هو) ٻڌي ٿو، ڏسي ٿو.
اني اناالله: ع - توهان ۾ مان الله.
آگاهي: ف - واقفيت، معلوميت، ڄاڻ، خبر، سڃاڻپ.
مولائي: مولا وارو، مولا (خدا) جو طالب يا عاشق.
بالائي: مٿاهين، مٿي، (ف - بالا = مٿي).
عالم الله: عالم غيب.
اظهاري: ظاهر ٿيو، کليو، (ع- اظهار = ظاهر ٿيڻ ، کلڻ).
۵۰. **آئين:** آهين.
مٺن: خودي، مان جي ڀولي.
ڀولو: ڀُلَ، غلطي، گمراهي، وسوسو، هڪ جو ٻيو سمجهڻ، دئي (سن - ڀرم).
ڪل شيءِ الخ: جيڪا شي ڳالهائي ٿي سا الله آهي (قول الفقرا)
غني: ع - خدا جو صفاتي نالو.
گفتاري: ڳالهائڻ وارو، (ف - گفتار).

نيائون: وئي ويا، (نيڻ = وئي وڃڻ)، (سن ـ ني).

زيلان: فريادون، دانهون.

سُهائون: ڀُڏائون؛ (سٽڻ = ڀڏڻ)، (سن ـ شروڻ، شر = ڀڏڻ).

هھڙس: سندس هھڙو.

تونگ: جبل؛ تنگ؛ (ف ـ تنگُ).

۴۴. **چائي**: (سرا ـ چاوڻ) چائڻ، ڪٽڻ.

چائي: ڏوڙ؛ دز؛ مٽي؛ (سن ـ ڇايا).

تائي: تائڻ، تپائڻ، گرم ڪرڻ، (سن ـ تپ).

وائي: ٻولي؛ آواز؛ (سن ـ وارتا).

قلم ڪهمائي: قضا جي قلم رلائي (ع ـ قلم = قضا جو قلم).

پاري: (ف ـ پاره)تحفو؛ تبرڪ؛ يادگيريءَ جي سوکڙي.

۴۵. **ڏوکھ**: ڏک، ڏکيائي؛ سڄ؛ (سن ـ دُهک).

هنڌيئي: ماڳ تان.

غم تاري: غم گهٽائي.

۴٦. **دئي**: ف ـ ٻيائي؛ ٻہ سمجهڻ.

اوجاري: (اوجر= صاف، روشن) صاف يا روشن ڪري؛ (سن ـ اُجول).

۴۷. **ڪل شئي**: سڀ ڪا شئي.

وهو عينها: ۽ پاڻ انهن جي جند آهي.

(خلق الاشياء وهو عينها = انهيءَ يعنيٰ خدا سيني شين کي پيدا ڪيو ۽ پاڻ انهن جو جند آهي).

غير: ع ـ خدا کان سواءِ ٻي شي؛ ٻيائي؛ دئي.

وادي: ع ـ ديهي؛ ماٿري؛ ميدان؛ پٽ.

شادي: خوشي؛ خوشخبري؛ بشارت.

سري سرھ: (انسان) منهنجو ڳجھ آهي. سچي ست آهي؛ الانسان سري و انا سِرھ (حديث)، يعنيٰ انسان منهنجو ڳجھ آهي ۽ آءٌ سندس ڳجھ آهيان.

اينما تولو: جيڏي اوهين منهن ڦيرائيندئو، اوڏي خدا جو منهن آهي (قرآن).

(اينما: تُولوا فثم وجہ الله يعنيٰ)

۲. **اولو:** سايو؛ پردو؛ پناهہ؛ آڌار؛ ٽيڪ؛ (سن - آرتر).

آسرو: اميد؛ آشا؛ آس؛ ڀروسو؛ (سن - آشريَہ).

اوٽ: پناهہ؛ جهلو؛ پردو؛ اولو؛ (سن - آورتن).

پرور: ف - پاليندڙ؛ غريب پرور.

اجهو: گهر؛ رهڻ جي جاءِ؛ (سن - آشريَہ).

ڏهلن: (واحد - ڏهيلو)؛ ڏکيو تڪليف يا مشڪل ۾ آيل؛ نياڳو؛ (سن - دُهِئہ).

ڏجهو: ڏک، اهنج؛ ڏولائو؛ عذاب؛ ڏنپ؛ داغ؛ رولو؛ مصيبت؛ (پرا - دِجهہ).

۳. **رعد:** ع - گجگو، گاج؛ گوڙ؛ ڪڪرن جو آواز؛ رعد هڪ ملائڪ (فرشتو) جو نالو آهي جو مينهن وسائڻ تي مقرر ٿيل آهي.

پيٽي: حد پر؛ اجهو؛ پناهہ؛ جاءِ؛ (س - پِوَن).

ڪڻڪان: رن زالون؛ بيوهون؛ وڌوائون.

ڪانڌين: مڙسن سان؛ (سن- ڪانت = مڙس).

۴. **ساٺ:** سڳڻ؛ خوشيون؛ مزو؛ واڌايون؛ (سن - سارٿ).

سائڻ: سڳڻ ساٺ ڪرڻ؛ روءِ مقابل ٿيڻ؛ (سن - شڪُنَ، ف - شگون).

ٺاٺ: ڍيک؛ ڍول؛ بناوت؛ نمونو؛ (سن - ستانرَ).

ويس: لباس؛ پوشاڪ؛ (سن - ويش).

۵. **ريج ڪرڻ:** رِيجائڻ، زمين کي آبڻ يا پڃائڻ.

ڀاتون ڀات: قسمين قسمين؛ نموني نموني؛ (سن - ڀنتا).

پٽ : ميدان؛ پڌر؛ سنئين زمين.

٦. **گاج:** (گجڻ) گوڙ؛ گجگوڙ؛ گجڻ؛ (سن. گرج).

هاج: ڪم ڪار؛ (ع - حاجت)

۷. **رنگ ڪيا:** موج يا وسڪارو ڪيو؛ برسات بهاري لاتي؛ (ف - رنگ= راحت، وندر، خوشي، رونق).

ٻاٻاڻن: ٻاٻاڻا؛ مٽ مائٽ؛ ڏاڏاڻا؛ اباڻا؛ (ف - بابا).

ڊِيا: (ڊئڻ) ڊءُ ڪيائون؛ ڊايا؛ پيٽ پريائون؛ (سن - ٽرپ).

ڏرت: ڏولائو؛ ڏک؛ ڏڪار؛ غم؛ (سن - دُرِتِ).

سر سارنگ

داستان پهريون

سارنگ: هڪ راڳڻيءَ جو نالو، جا مينگهہ راڳ جي شاخ آهي، جنهن جي ڳائڻ سان مينهن وسندو آهي. چون ٿا تہ سارنگ هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جنهن جي نڙگهٽ هيٺان هڪ سوراخ آهي ۽ جڏهن هو پاڻي پيئندو آهي، تڏهن پاڻي انهيءَ سوراخ مان ٻاهر وهي ويندو آهي، تنهن ڪري هو پياسو رهندو آهي. قدرت وري انهيءَ سارنگ پکي جي آلاپ جو اهڙو اثر رکيو آهي، جو جڏهن هو سخت پياسو هوندو آهي ۽ آسمان طرف نمائڻ نيڻن سان الابي نهاريندو آهي، تڏهن يڪدم بارش جون بوندون برسي پون ٿيون ۽ بوندون جهٽي پياس ٻجهائيندو آهي. سارنگ جي ڳائڻ جو وقت ٿاڪ منجهند جو آهي. جهڙ؛ وس؛ (پرا-سن- سارنگ).

مينگهہ: راڳڻيءَ جو نالو؛ بادل؛ ڪڪر؛ (سن - ميگهہ).

ملهار: راڳڻيءَ جو نالو جا مينگهہ راڳ جي شاخ آهي؛ مينهن وارا ڪڪر؛ برسات؛ جهڙ؛ (سن - ملار).

مينگهہ ملهار: سانوڻ جي موسم؛ جُهڙ؛ برسات؛ مينهن وارا ڪڪر.

١. **پريمان:** پريم مان؛ سڪ مان؛ (سن - پريم+ ان).

گرمک: (گر= گرُو؛ مرشد + مک = وڏو) مرشد؛ گرو.

ٻاٽي: چوٽي؛ بيان؛ واٽي؛ (سن - واٽي).

وس: بارش؛ وسئون؛ آبادي؛ خوشي جي جاءِ؛ وسندي جتي مينهن جي وسڻ ڪري ساوڪ هجي؛ (سن - وس).

پلر: منهن جو پاڻي،؛ (سن پلول).

چمر چمر: چمڪڻ؛ چمڪي جو آواز؛ (سن - شنج).

چالي: (چالڻ) چٽڪاءُ ڪري، (سن - چالن).

سائي: ساٿي؛ مددگار؛ واهرو؛ (سن - سمر).

١٠. **سعي:** ڪوشش، تياري.
اجهايي: اجهي جي جاءِ، گهر (سن ـ آشريَہ).
(ڪافي)
سانوڻ: مينگهہ ملهار جي موسم، (سن ـ شراوڻ).
چنچل: مينگهہ ملهار، (سن ـ چنچل).
چيهل ـ چيهو: گاهہ جو قسم.
برسي: (هہ ـ برسنا، سن ـ ورشڻ) وسي.
آگم: جهڙ، مينهن جو سعبو، (سن ـ آگم).

داستان پهو

١. **آب وهايو:** ڳوڙها ڳاڙيا، رنو (ف ـ آب = پاڻي).
وڏڦڙو: سخت مينهن، زوردار برسات، هتِ برسات وانگر روئڻ.
پرچن: راضي ٿين، ريجهن، خوش ٿين، (سن- پرچيہ).
اوتڻ: هارڻ، پلٽڻ، ريلڻ، (گ.م ـ اوتٽي).
٢. **ويل:** وقت، مهل، (سن ـ ويلا).
اوهيڙن: (واحد ـ اوهيڙو) پهو مينهن، وڏڦڙيون، وسڪارو، (سن ـ آوَسر).
لحظو: پلُ، پلڪ، ٿورڙي ويرم، (ع ـ لحظہ).
٦. **اوڳائين،** اوڳائڻ: موڳو ڪرڻ، غافل ٿيڻ، (هيم ـ اوگيئہ).
٨. **ميڙيا:** گڏ ڪيا، (ميڙڻ = گڏ ڪرڻ)، (سن ـ مل).
١٠. **ريجهہ:** رس، قرب، محبت، (سن ـ رُد).
١١. **تات:** پچار، ڳڻتي، يادگيري، ذڪر، طلب، (سن ـ ترا).
(ڪافي)
جهور: گهڻو زور.
جهوري: ڳڻتي، فڪر، (سن ـ ڪشر).
جهجن: ڳرن، غم ڪرن، وجهلن، (سن ـ ڪشيہ).

٨. ساوا ٿيا: سکيا ٿيا، آسودا ٿيا.

سنگهار: ڌنار، مالدار، مارو، (سن ـ سنگهہ= ڌڻ + آر).

ڏلهي: پري (ڏلهڻ = پرڻ).

ڏٿ: ڪوبہ اَنُ جو جهنگلي گاهن جي پيدائش هجي جهڙوڪ سائون، پرٽ، مکڻي، پيرون وغيرہ.

ڏوٿين: ڏٿ تي گذران ڪندڙ.

ڏيار: (ف ـ ديار= ملڪ) ملڪ، ديس.

ترايون: (واحد ـ ترائي) هيٺاهين زمين، پٽن جا اهي ڪامان جيڪي مينهن جي پاڻي سان پرجي تلائن جو ڪم ڏين، ڍورو چشمو، (سن- تل).

تجل: رياست خيرپور جي ڏکڻ اوير ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو جو نارا واهہ جي پَرينءَ پر آهي.

سوراهين: سوراهہ ڪي. سوراهہ خيرپور ضلعي ۾ تعلقو آهي. سوراهہ جو ڳوٺ هڪ پٽ تي واقع آهي، جو بلڪل غير آباد ۽ واريءَ جي پٽن جي وچ ۾ آهي.

سٺائي: چڱائي، سولائي.

سنوار: (سنوارڻ= ناهڻ، جوڙڻ، سڌارڻ) سڌار، جوڙ، سينگار، (سن- سنوارڻن).

٩. پورب: اوڀرندي جو ملڪ، اوڀرندو، (سن ـ پُورَوَ).

ڪارونپار: (ڪال = ڪاراڻ + پار= ڍڳ) ڪارنهن جو ڍڪ، ڪڪرن جي ڪاراڻ، آسمان جي ڪاراڻ.

وڄن: (واحد وڄ) وڄن سان ڪڪر، (سن ـ وديت).

وڄڻ: گاج ڪرڻ، (سن ـ ود).

ايي: سنڌ ۽ پنجاب جي وچ واري ملڪ کي ايو سڏيندا آهن. جنهن ۾ بهاولپور ۽ ان سان لاڳو ملڪ اچي وڃن ٿا.

آبيندي: (آب= پاڻي) پاڻي ڏيندي، وسائيندي، آلو ڪندي.

سارڻ: سنڀار، سماءُ، هوش، سرت، سڌ، (سن ـ سمرڻ).

پلال : سارين جو ٿهُه؛ (سن ـ پلال).

جهري پيون: ڌهي پيون؛ ضربجي پيون؛ ڪري پيون؛ (جهرڻ= ضربجڻ، ڀڄي پوڻ، ڪرڻ، ڳرڻ)، (پرا ـ جهرڻ، سن ـ ڪُشرڻ).

جهوپيون: (واحد ـ جهوپي) جهوپڙي؛ پنگو؛ (سن ـ جهوپا).

جهانگيڙا: جهنگ جا رهاڪو؛ مارون ماڻهو؛ اعرابي؛ (سن ـ جنگل+ ان+ ڪ).

اجهال : (س ـ آ = نہ+ جهل= ٽيڪ) بنا جهل يا ٽيڪ جي.

ننگو: اگهاڙو؛ بي پردو؛ (سن ـ نگنُ).

ننگ پال : لڄ ۽ شرم جو رکندڙ؛ لڄون پاليندڙ؛ (سن ـ نگن+ پال).

پرور: ع ـ پاليندڙ؛ پالڻهار؛ خدا.

مهڙا: هيٺا.

پت: عزت؛ لڄ؛ شرم؛ شان؛ مانُ؛ مرڪ؛ (سن ـ پرتيت).

٦. **ڪاهل**: ع ـ سست؛ پوئتي پيل؛ ضعيف؛ آلسي.

ڪهل: ديا؛ مهراباني؛ ترس؛ قياس؛ رحم.

٧. **گرڙ** (گرڊ): هڪ پکي جو تمام وڏو ٿئي. سندس آواز تمام خوفناڪ ٿيندو آهي. هي پکي نانگ جو دشمن ٿئي.

وايوءِ: هوا؛ (سن ـ وايہ ، پرا ـ واءِ).

وڏ ڦڙو: زوردار مينهنُ

٨. **ڪڪوريا**: رڱجي ريٽو ٿيا؛ لالائي ۾ رتا؛ ڳاڙها ٿيا؛ رنگارنگ ٿيا؛ چانيا (ڪڪورجڻ= ڳاڙهو ٿيڻ، رڱجڻ)، (سن ـ ڪڪم).

سوريا: سرايا؛ وڄايا؛ (سرائڻ= وڄائڻ= ڳائڻ).

سرمنڊل: رودن جي تارن جو ساز.

چنگ: ف ـ وات سان وڄائڻ جو لوهو ساز.

چوريا: چيڙيا؛ (چورڻ= چيڙڻ).

اوريا؛ اورڻ: دل جو حال بيان ڪرڻ، اپياس ڪرڻ، مناجات ڪرڻ، وري وري چوڻ، (سن ـ آورتن).

١. **بجلي**: وڄ، ڪنوڻ، (سن ـ وديت، و= گهڻو+ ديت= چمڪڻ).

بادل : ڪڪر، (سن ـ واردا، وار= پاڻي+ دا= ڏيڻ= پاڻي ڏيڻ وارو).

٢. **ريهه**: آواز ڳجگوڙ جو، (سن ـ ريش).

٣. **ريهن**: (واحد ـ ريهه) ڪوڪ، دانهن، رڙ، ڳجگوڙ سان، (سن ـ ريش).

هيرون: (واحد ـ هير) تتي هوا.

هيج: شوق، خوشي، ذوق، محبت، (سن ـ هرديه).

ڳيچ: گلدستا، گلن جا مڇا، (پرا ـ ڳيڇو).

سيج: شادي جي کٽ، خوشي جي جاءِ، پلنگ، (پرا ـ سجا، سن ـ شبيا).

٤. **واڄا**: (واحد ـ واڄو) آواز، چمڪاٽ، نغارن جو وڄڻ، (سن ـ واديه).

٥. **ٻهه ٻهه ڪندا**: چمڪندا، ڀڪندا، ڪنوڻن سان ڪوندا، (سن ـ ڀاس).

ٻڪروال: پورب طرف کان ايندڙ مينهن، جو بلڪل سخت وسندو آهي، (سرا ـ ٻڪروال).

ڪڙڪاٽ: گوڙ، آواز، هل.

مال: چوپايا جانور.

ٽهي: تاهه ڪائي، ڇرڪي، ڏڪي، (ٽهڻ= ڇرڪڻ، ڏڪڻ)، (سن ـ ترس).

آهن : (واحد ـ آهو) هرڻ.

چونگن سندي چال: جڏهن هرڻ چارئي پير گڏي ڇال ڏيندو آهي، تڏهن ان کي هرڻ جون چونگون چوندا آهن. چونگن ۾ پوڻ ڪانپوءِ هرڻ کي ڪوبہ جانور پهچي ڪونہ سگهندو آهي. اهڙي صورت ۾ شڪاري نا اُميد ٿي موٽيو اچن.

منداڻي: مند جي مينهن، چوماسي مينهن.

منڊل ڪيا: مانداڻ ڪئي، جهڙي ڦڙي ڪئي، (س ـ منڊل).

جر: پاڻي، برسات، لڙڪ، هنجون، اکين جو آب، (سن ـ جل).

ڀهنوارن: ٻڪرارن، ڏنارن،، (پرا ـ ڀهُو، سن ـ ڀشو= ٻڪري آر).

١٩. **چمڪٽي**: وڄ؛ (پرا - چمڪ).

چمڪاٽ: تجلو، شعاع؛ (سن - چمتڪار).

لاٽ: شعلو.

ڦڙڪي، ڦڙڪڻ: هوا ۾ لڏڻ، لرزڻ، ٿڙڪڻ، (سن - سڦرڻ).

ڦاٽ، ڦاٽڻ: ڪلڻ، وسڻ، (سن - سڦاٽن).

گرگاٽ: ڪڙڪاٽ، آواز، هل، ڪڙڪو؛ (سن - گر گر+ آت).

منڊل : ماندڻ، جهڙ ڦڙ، مزو، بهاري؛ (سن - منڊل).

٢٠. **سائي**: ساڳي.

جهڙڦڙ: برسات، مينهن وسڻ، جهڙ ٿيڻ.

گهيڙ: تڙ، درياهه ۾ گهڙڻ لاءِ سولي جاءِ، پاڻي ڀرڻ جي جاءِ؛ (سن - گهٽ).

گهاٽ: گهڙڻ جي جاءِ تڙ، لنگهه، واٽ؛ (سن - گهاٽ).

اُساٽ: اڃ تاس، خشڪي، اڪنڊ، پيار؛ (سن - اُشڻ).

٢١. **رنگارنگي**: چٽڪبري.

رس: ڏکيءَ ليڪ.

قزح: ع - رنگارنگي جنهن ۾ پيليون، سرخ ۽ سبز لڪيرون هجن؛ انڊلٺ؛ اوچائي؛ فرشتي جو نالو جو بادلن مٿان منتظم آهي.

نيل : ف - آسمان.

(ڪافي)

همراهه: (ف - هم= ساڳيو + راهه= رستو)، ساٿي؛ مددگار.

چاهه: چاءُ، محبت، خواهش، عشق، چاش، سڪ؛ (سن - اڇيا).

اُجهايو، اجهائڻ: وسائڻ، مانو ڪرڻ، (سن - ايپني جيوت).

آڙاهه: باهه جو مچ (اورت).

داناهه: ف - سياڻو.

ميڙي، ميڙڻ: ملائڻ، ميلاپ يا وصال ڪرائڻ (سن - مل).

تيج: تک، تيزي، جوش، (سن ـ تيجس).

٩. **پنيون:** پنڻ، آلو ڪرڻ، پسائڻ.

پريون: (واحد ـ پر) ڪپر ، ڪنارو، پاسو، (سن ـ پر).

پتاريون: (واحد ـ پتاري) پلي، متاري، شريف، وهتن ڪي پيار وچان پتارو ڪري چوندا آهن. هتي اشارو مينهون يا ڳئون (سن ـ پتارڪ).

وٿاڻين: وٿاڻن تي، (واحد ـ وٿاڻ= ماگ، جاء، آستان، مال جو ٿان يا پاڻ)، (سن ـ آوستان).

کيرن جون ڪريون: جهجهو کير، اڻ ميو کير.

١١. **ٽريون:** (واحد ٽري) ملائي، کير جي ٽر، (گ ـ ٽر).

پريون: پرڻ، ورڻ، موٽڻ، گڏجڻ، ڦرڻ، ملڻ، چڪر مارڻ، پيرو ڪرڻ، (سن ـ مل).

١١. **والي:** ع ـ سنڀاليندڙ يعنيٰ ڌڻي.

اٿي: مينهن وسندي، وٺو، اٿو= آباد ٿيو، (سن ـ ورُ شٽ).

اوڏڙا: ويجها، اوريرا، اوري، منهنجي طرف، (سن ـ آوار).

١٢. **جوٽيون:** جوٽڻ، ناهڻ، شروع ڪرڻ، (سن ـ يُڪت ، يج = گڏجڻ).

پُر ٿيا: پرجي ويا، (ف ـ پرُ).

پوٺا ۽ پوٺيون: متاهين ۽ غير آباد زمين، هيٺاهين زمين، پٽن جا ويرا، ترايون،، (سن ـ ....، پرا ـ پوت).

ولر: ميڙ.

١٥. **وپتر وترو:** اڳي کان اڳرو، وري تکو، گهڻو، زيادهہ، اڳي کان، (سن- يهتر)

١٦. **چن:** چنا، چير، منهہ، پاڻ، وٿاڻ، (سن ـ چن).

چيءَ: سوراخ، چير، ٽنگ، (پرا ـ چيہ).

١٧. **ڪوڙهہ:** چٽ، داغ، (سن ـ ڪُشٽ).

موڙ: گل ڦل، جهاپا، مڪت، چٽ، سهرو، (سن ـ مُڪت).

لوڙهہ: سوڙهہ، گهٽ، تنگي، مهانگائي، (سن ـ لول).

ڪاڪ: ڪاڪ اصل هڪ نئن جو نالو آهي، جا جيسلمير جي اتر اولهہ وارن ٽڪرن مان نڪري لوڊاڻي جي سرزمين مان وهندي هئي. هڪ انگريز مصنف ٽاڊ صاحب لکي ٿو تہ انهيءَ نئن تي هڪ ڪاڳہ نالي ساڌو رهندو هو، جنهن جو نالو انهيءَ نئن تي پيو. مومل جي ماڙيءَ جا ڊٺل نيشان انهيءَ ڪاڪ جي نئن تي اڄا تائين موجود آهن. مومل انهيءَ ماڙي جي چوگرد جادوءَ جي زور تي خوني درياہ ۽ جهنگلي جانور رکيا هئا ۽ اعلان ڪيو هئائين تہ جيڪو اهي لنگهي اندر ايندو سو مونکي مائيندو. هڪ ٻي مومل جي ماڙي ٻن ٽن ميلن جي پنڌ تي ڊٺل نظر اچي ٿي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اصلوڪي مومل جي ماڙي اها آهي، جتي راڻو روز رات جو مومل سان ملڻ ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ اها اڳين لوڊاڻي واري ماڙي عمر ڪوٽ کان ٻہ ٽئي منزلون پري آهي ۽ راڻي جو هر روز رات جو اچڻ وڃڻ ناشدني هو. پر صحيح روايت آهي تہ مومل اها ماڙي راڻي جي رسامي بعد، ڪيس پرچائڻ جي خيال سان نهرائي اچي ويٺي هئي ۽ ڏاکہ بہ اُتي چڙهي هئي.

۳. **جُوءِ**: جاءِ، مڪان، ديس، ماڳ، (ف - جا).

جوءِ: زال، (سن - جايا).

ڪوهہ: ڇو، ڪيئن، ڇا لاءِ، عار، عزت.

۴. **ننگن**: (ف - واحد - ننگ = لڄ، شرم، (زال ڪي مرد جو ننگ يا شرم چون).

نثار: قربان، فدا.

۵. **رنگ**: ف - راحت، وندر، خوشي، رونق، ظاهري حالت.

زنگ: ف - ڪٽُ، ڪسُ، بغض، دل جي ڪدورت.

ناميا: نام وارا، نالي وارا، نام ڪنيا (ف - نام + يو).

۶. **ساءِ**: سڪ، ڪارڻ، لاءِ، واسطي، سبب.

ڪانگ اڏائڻ: اوسيڙي ۾ گذارڻ، انتظار ڪرڻ.

۷. **راز**: ف - ڳجهہ، پردو، ڀيد، پوشيدهہ ڳالهہ.

۸. **ڏهارڻ**: ڏوهہ واري، قصور وار، (سن - دوش = ڏوهہ + وار).

ڏاهہ: (ف - داهہ) ٻانهي، گولي.

سر راڻو

راڻي جي راڳڻيءَ جو سنگيتن ۾ ذڪر آيل ڪونهي، ڇاڪاڻ جو ڪوهياريءَ وانگر هيءُ قصو بہ سنڌ جي سر زمين جو آهي. تنهن ڪري ڪوهياريءَ جي راڳڻي وانگر هن راڳڻي کي بہ نج سنڌي راڳڻي جو فخر حاصل آهي. هي سر مومل راڻي جي قصي تي ٻڌل آهي. راڻو (حاڪم ، راءُ) مومل جو پتي هو. هو هندو ڌرم جو هو. سنڌ جي حاڪم همير سومري جو وزير هو. انهن حاڪمن جي ٿر ملڪ ۾ رهايش هئي. سندن گاديءَ جو هنڌ عمر ڪوٽ هو.

مومل: (سن. مو= بنا+ مل= مَرُ) بنا مَرُ جي، پاڪ، صاف، سهڻي. مومل راجا نند جي ڌيءَ هئي. راجا نند مشهور گجر قوم جو هڪ اڳواڻ هو. سندس حڪومت ميرپور ماٿيلي جي سرزمين تي هئي. اهي هندو حاڪم سومرن جي سردارن جو سنگُ پريندا هئا.

مذڪور: ع - ذڪر، ڳالهيون، يادگيريون، ﭘﭼار، مصلحتون.

داستان پهريون

١. **ميهڻو:** عيب، طعنو، عتاب، ٽيڪ. نوٽ: راڻو مومل کي سومل سان گڏ ستل ڏسي سندس پير ۾ لڪڻ نشانيءَ طور رکي ويو هو. اهو لڪڻ گويا مومل لاءِ مخفي ميهڻو هو.

راءُ: راجا (سن - راجن).

مينڌرو: هيءُ راجپوتن جي هڪ سردار جو لقب هو. راڻي کي انهيءَ نالي سان بہ سڏيندا هئا.

٢. **ڪامل:** ع - ڪماليت وارو، پورو، هوشيار، قابل.

پاٺا: واحد - پاٺو= ماڳ، رهڻ جي جاءِ، مڪان، منزل، وٿاڻ، (سن - اوسٿان).

٢٠. **آجي**: آزاد؛ (ف - آزاد، سن - آيت).

ڪوجهي: بدشڪل؛ ڪني؛ بڇڙي؛ بدنام؛ (سن - .....).

٢١. **ڏٿ**: برپٽ؛ ريگستان؛ ٿر ملڪ ٿن پاڳن ۾ ورهايل آهي: اتر واري پاڳي کي ڪاٺر، ڏکڻ واري کي پاٺر ۽ ٻنهي جي وچ واري پاڳي کي ڏٿ چون.

ڪرهل: اٺ؛ (سن - ڪرڀ).

ڪاٺي؛ ڪامڻ: سڙڻ، جلڻ، حسد ڪرڻ، سوزش، (سن- ڪشام).

٢٢. **سيتل**: سيتل راءُ ان وقت جو هڪ بيئل ماڻهو هو جنهن مومل جي جسن جو ٻڌي سندس سڱ ڇڪايو هو. سيتل راءُ هيشه مومل سان ملڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اها ڏاهر ميندري جي ڪن پڻ پيل هئي.

٢۴. **رهائڻ**: راضي ڪرڻ؛ جڳائڻ؛ وڻن؛ جائز هئڻ؛ (سن - اُرهہ).

تدبير: ع - اٽڪل؛ اپاءَ؛ تدارڪ.

توڏي: ڏاچي، جنهن تي راٺو ڪاڪ ڏانهن روزانو ويندو هو؛ (پ - توڏي).

تڪبير: ع - ڪهڻ؛ الله اڪبر چوڻ؛ تڪبير وجهڻ. مسلمان جانور ڪهڻ وقت الله اڪبر چوندا آهن ۽ انهن لفظن چوڻ کي هو تڪبير چوندا آهن.

ڪڏو: خراب.

ڪبير: راٺي جي سهري جو نالو.

رڻ بير: جَنگ؛ بهادر؛ (سن - رڻ وير).

گهاري: وڇوڙو؛ جدائي؛ ڦوٽ؛ فراق؛ زخم؛ (وِگهٽ).

(ڪافي)

رساما: رسڻ؛ (روشَنَ).

ميار: ڏوراپو؛ ڏوهہ؛ قصور.

برهين: برهہ جا؛ عشق جا؛ (سن - ورهہ).

بدراهہ: (ف ـ بد= خراب + راهہ= رستو) خراب راهہ تي؛ بدڪار؛ عيبدار.

٩. **چڪي**: چڪيا تي؛ ڏاگهہ تي؛ (سن ـ چتا).

لار: لاڳاپو؛ لڙهہ؛ لغار.

لڪي: قسمت جي لڪي؛ نصيب؛ انگ؛ (سن ـ لکن).

ڏاگهہ: ستي ٿيڻ؛ ساڙو؛ ڏنڀ؛ ٽڪو؛ الزم؛ داغ؛ (سن ـ داهہ، پرا ـ داگهہ).

سر: ع ـ راز، ڳجهہ؛ مامہ؛ اندر جو مطلب.

اولاڪ: باهہ جو مچ؛ سوز؛ ساڙو؛ پَچ؛ (سن ـ اُتڪ).

١٠. **هيرو زهر**: هيري ڪائڻ سان ماڻهو مري ويندو آهي، تنهن ڪري ان کي زهر ڪري ليکيو وڃي ٿو.

١١. **نيهہ**: نڀائڻ؛ وفا ڪرڻ، جتاءُ، (سن ـ نرواهڻ).

١٢. **ڪارنهہ لهندي ڪاڪ تان**: ڪاڪ (مومل جو ماڙي) تان اهو ٽڪو لهندو يعني مومل تان اهو بديءَ جو بار لهندو.

١٣. **ڏنءُ**: ڏنڊ؛ سزا؛ ڏک؛ عذاب؛ (سن ـ دند).

ڏهاڳ: مڙس جو زال تي رنج يا ناراضپو؛ مڙس جو وڇوڙو پوءِ ڪهڙي بہ سبب ڪري هجي؛ (سن ـ درڀاڳيہ).

ستاري: (ع ـ ستر= پردو، ڍڪ) پردي پوشي، ڏوهہ ڍڪڻ.

١۴. **نڌر**: (نر= نہ + آڌار) نڌٽڪي؛ جنهن کي پٺ نہ هجي؛ بي وسيلي.

ولها: مڙس؛ پنار؛ محبوب؛ پرجهلو؛ ورُ؛ (پرا- ولهَہ، سن ـ ولڀ).

١۵. **ڏس**: ڏنگ (وڇوڙي جو).

وڳهو: غمگين؛ ڏکويل.

١٧. **مرڪ**: فخر، مرڪڻ جهڙي ڳالهہ؛ عادت؛ وڏائي؛ شان لائق؛ (پرا- پِل، سن ـ پدر).

١٨. **ولهي**: نڌٽڪي؛ گيباٽي؛ سڪٽي؛ سڃي ڪنگال؛ رس ڪانسواءِ، بي رونق؛ خالي؛ (سن ـ ورهت).

پينگ: بي ثمر؛ اُجاڙ؛ ويراني سڃ؛ (سن ـ پڳج).

ڀاڳين ڀلايو الخ: مونکي تقدير يا نصيب ڀلايو يعنيٰ مونکي پنهنجي ڀيڻ سومل سان سمهڻ نہ گهربو هو، پر منهنجي ڪرمن ۾ ائين لکيل هو. تون پڻ انهيءَ کان بي خبر هئين، تنهن ڪري تنهنجو بہ ڏوھ ڪونهي.

سڪون: خوشيون؛ سُکَ؛ (سن ـ سُک).

سهج: سک؛ آرام؛ خوشي؛ سينگار؛ لذت؛ (سن ـ سَهجا).

۱۰. **ڀهڳڻ:** گهڻن ڳڻن وارو؛ نيڪ؛ (سن ـ بهو= گهڻو+ڳڻ = خاصيت).

۱۱. **ناتر:** مومل جي ڀانهي جو نالو.

۱۲. **نائي:** نائن= نمائڻ، هيٺ ڪرڻ، نوڙائڻ، (سن ـ نَمَن).

۱۳. **ويرين:** (واحد ـ ويري) دشمن؛ (سن وَيَري) .

ڀاٽيءَ ڀاءُ: ڏوھ جو ثابت ٿيڻ؛ حساب يا منهن نڪرڻ .

۱٦. **ڪونر:** ڪنول جا گل؛ نيلوفر؛ (سن- ڪَمَلُ).

۱۷. **ڍوليا:** اي ڍول، سڄڻ، محبوب، پيئار؛ (پرا ـ ڍولئو، سن ـ ڏَوَ + لو).

ويڳاڻي: بيگاني؛ موڙهيل؛ ڏاري؛ (ف ـ بيگانہ).

ويڻن: واحد ويڻ= عتاب، مهڻو، ٽوڪ، (پرا ـ ويڻ ، سن ـ وَچَن).

لڙون لڙ ٿيڻ: پرزا پرزا؛ چيهان چيهان؛ (پرا، لتَ؛ سن ـ لَڪتَڪ).

سائيهہ: وطن؛ ملڪ؛ ديس؛ ڏيهہ؛ گهر؛ (سن ـ سوديشَ).

۱۸. **اڌو ڀنڌ:** لانگوٽيا فقير؛ (سن ـ اَردَ).

رسيا انهيءَ هنڌ الخ: هن مايا جي ڀيائيءَ وارن خيالن مان نڪري هيڪڙائيءَ واري خيال ۾ وڃي پيا.

"مون تون" ناھ ڪيا: فنافي الله ٿيا؛ ذات ۾ ضم ٿيا؛ حق ٿيا.

۱۹. **لڌاڻو:** ملڪ جو نالو جيڪو جيسلمير جي اتر کان ماٿيلي جي ملڪ تائين پکڙيل هو. گاديءَ جي هنڌ جو نالو بہ لڌاڻو هوس. ڪاڪ جي نئن بہ لوڍاڻي مان وهندڙ هئي، جنهن تي مومل پنهنجي ماڙي اڏائي هئي. هيءُ ملڪ لوڍر قوم جي راجپوتن جو وسايل هو.

ڪاپڙي: سنياسي؛ جوڳي فقيرن جي هڪ ذات. هي لفظ اصل ڪاپڙي آهي، جنهن

۱. **سومل**: مومل جي ڀيڻ جو نالو.

سومل سان سمهڻ الخ: راڻي جي دير سان اچڻ ڪري هڪ رات مومل پنهنجي ڀيڻ سومل کي مردانو ويس ڪرائي پاڻ سان گڏ سمهاريو انهي لاءِ ته من ائين سمجهي ته منهنجو راڻو آهي ۽ اهڙي نموني دل کي آٿت اچي. اڌ رات بعد راڻو چي ڏسي ته مومل سان گڏ ڪو ٻيو ستل آهي. پوءِ هو لڪڻ نشاني طور ڇڏي ويو ۽ رسي ويو. تنهن تي مومل ٿي چوي ته نڪي سومل سان سمهان ها نڪو راڻو رسي وڃيم ها، ۽ نڪي ڏک ئي ڏسان ها. نوٽ : هي اشارو نفس طرف آهي.

۲. **ڏوليان**: (ڏولڻ= ڳولهڻ، ڦولهڻ، ڏورڻ) ڏوريان ها؛ (سن ـ دوليہ).

۳. **مل**: ملھ؛ بهادر؛ پهلوان؛ جوڌو؛ (سن ـ مَل).

سل: سوراخ؛ (سن ـ شليہ).

غير: ع ـ دئي؛ ٻيائي.

۴. **ريڌو**: ريجهڻ؛ راضي ٿيڻ؛ خوش ٿيڻ؛ (سن ـ رُڌ).

آتڻ: زالن جي ويهي ڪتڻ جي جاءِ؛ جاءِ؛ گهر؛ مڪان؛ (آيتن).

اجهائي: اجهائڻ؛ وسائڻ، ٺڌو ڪرڻ، مانو ڪرڻ، (سن ـ ايپتي).

۵. **پرٽ**: ڪتياڻي؛ عورت؛ اشارو مومل ڏانهن؛ (گ.م ـ هيم ـ پريٽ).

زالاٽو: زالن وانگر.

باطن: اندروني؛ ڳجهو؛ لڪل؛ دل؛ (ع ـ باطن).

بلي: ف ـ واهہ واهہ؛ خوب.

٦. **ماهي**: ف ـ (ماهہ = چنڊ) چنڊ جهڙو سهڻو، مڇي.

مٽيادار: مڻ وارو؛ نور وارو؛ سهڻو؛ (سن ـ مٽي، ف ـ دار).

ميار: ڏوراپو؛ قصور؛ ڏوهہ.

سڱ : مائٽي؛ ناتو؛ سنگت؛ لاڳاپو؛ (سن ـ سنگ)،

۷. **لوڪين**: لوڪ پر؛ ماڻهن پر؛ (سن ـ لوڪ، پرا ـ لوگ).

نڪا آهي مورت، رڳو آهي نور. جڏهن اهو نور جو قطرو هن سرير ۾ سمايو، تڏهن هت اچي باصورت ٿيو يعنيٰ صورت ورتائين، نہ تہ اصل اهو ہي صورت آهي، جنهن کي "نرنڪار" سڏجي ٿو. جيڪو فنافي الله (الله ۾ فنا ٿيڻ) جو درجو آهي. هيءَ اها منزل آهي، جتي پهچڻ بعد نڪا هتان جي ڪا سمجهہ يا سرت ٿي رهي، نڪا ڪا يادگيري ٿي رهي. نہ ڪوئي فنا بعد هن کي انهيءَ ڏيهہ ۾ ڏسي ٿو سگهي.

٢٨. **بي خودي:** (ف ـ بي = سواءِ + خودي= هستي) سواءِ پاڻ يا خوديءَ جي، بيهوشي. **روءِ رخسار:** ف ـ صورت شڪل.

الان ڪماڪان: ع ـ "ڪانَ الله ڪانَ الله لہ" يعنيٰ جيڪو شخص حق تعاليٰ جو ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ حق تعاليٰ بہ ان شخص جو ٿي وڃي ٿو.

همہ سان هڪ ٿيا: برهمر يعنيٰ حق سان هڪ ٿي ويا. هي "همہ اوست" طرف اُشارو آهي يعنيٰ "سڀ اُهو آهي." انهي ڪان هيٺين درجي وارا چون ٿا تہ:

"همہ ازو ست" يعنيٰ سڀ ڪجهہ انهي منجهان آهي.

(ڪافي ـ ١)

ساهہ سڏير ٿيڻ: ساهہ سامت يا ۾ اچڻ يا خوش ٿيڻ.

سقري: ڦل واري؛ فائدي مند؛ ڪارائتي؛ (سن ـ سَڦَلَ).

چوطاق: چارئي طرف؛ چارئي؛ عضوا.

اولاڪ: فڪر، ڳڻتي؛ ارمان؛ باهہ جو مچ؛ سوز؛ ساڙو؛ (سن ـ اُتَڪَ).

چاڪ: ف ـ زخم؛ وِڍ؛ چير؛ گهاءُ.

(ڪافي ـ٢)

ولها: ايَ پيتار؛ اي مڙس؛ (سن ـ وَلَهہ).

ساءُ: سواد، لذت؛ مزو؛ شوق؛ ذوق؛ (سن ـ سوادَ).

شريڪت: (ع ـ شرڪت) برابري؛ همسري.

شانن: واحد ـ شاني= مَٽ، ساڳي شان وارو، ثاني، (ع ـ ثاني).

ڪاءُ؛ ڪئاءُ: ڪهڙي طرح، ڪيئن.

جي معنيٰ آهي گيڙو پوش فقير. هن بيک جا فقير هميشه سيلاني رهندا آهن.
ٺاڪ ٺيا: ٺاڪيا: ماڳ يا منزل تي پهتا؛ (ٺاڪ= گهر، ٺڪاڻو، ماڳ، جاءِ، منزل؛ (سن - ستا).

٢٠. **لاهوتي:** ع - لاهوت جي منزل وارا. لاهوت سلوڪ جي چوٿين ۽ آخري منزل آهي، جنهن ۾ سالڪ فنافي الله ٿي وڃي ٿو.

هڏ: بلڪل؛ مُور.

حَدون: ع- واحد- حد= بندش؛ مايا جو ٻنڌڻ؛ هي سرير؛ انتها؛ ڪنارو؛ مفاصلو، ٻن چيزن جو.

حدون ڀڄي هليا الخ: اهي ناميا نانگا فقير هن مايا جون اپاڌيون (ٻنڌڻ) ٽوڙي ۽ آزاد ٿي وڃي پنهنجي رب کي رسيا.

سرت: هوش؛ يادگيري؛ سمجهه؛ هوشياري؛ (سن - سمرِتي).

وصال: ع - ميلاپ، ملاقات.

٢١. **ڍريا:** ڍرڻ؛ ڍرو ٿيڻ، لهڻ، (سن - ڌون).

٢٢. **مانجهي:** بهادر؛ سورهيه (سن - ماڌيہَ) .

٢٤. **ڳجهاندر:** مخفي؛ تمام ڳوڙهو؛ (سن - گهيہ).

٢٦. **ڪلدار:** (ڪلا= جوت، ڏيا، روشي+ دار= وارا) نوراني شڪل وارا؛ ڏيا وارا.

دود: ف - دونهون؛ جوش؛ تپت؛ تئو؛ ٻاڦ.

سوزان: سوز؛ سوزش، جلن، ساڙو، عشق جي باهه. (ف - سوز، سوختن= سڙڻ).

نڱيا: نڱڻ نڪرڻ، اپرڻ، پيدا ٿيڻ، اپجڻ، (نرگمَنَ).

برخوردار: ف - نندا، ٻچا، نيڪبخت، مراد ماڻيندڙ، خوش، سر سبز.

ڀنيليا: ڀنيلجڻ؛ (گ - ڀَنيِورَون - هيم - ڀَنيي) موهجڻ، مست ٿيڻ بگڙي بيهڻ، بيهوش ٿيڻ، پريشان ٿيڻ، ڏکن ۾ پوڻ.

٢٧. **نڪامورت اتڙي الخ:** سچل سرمست مومل جي عشق جي مجازي عشق سان ڀيٽ ڪئي آهي. هتڙي هو انهيءَ جاءِ جي پهچ ٿو ٻڌائي، جتي نڪا آهي صورت

لوح: ع ـ تختي؛ لوح قلم؛ نصيب؛ قسمت؛ لوحو محفوظ؛ اها تختي جنهن تي جيڪي ڪجهه ٿيو آهي ٿئي پيو ۽ ٿيندو سو سڀ خدا لکي ڇڏيو آهي .

قرب: ع ـ ويجهڙائي؛ عشق؛ محبت؛ نزديڪي .

٩. **پنهنجو ديس**: روحن جو مڪان؛ عالم ارواح؛ زمان ماضي.

هير: رانجهي جي دلدادهہ، هتي اشارو مايا طرف .

١٠. **راءِ**: بادشاهہ؛ راجا؛ (سن ـ راجَنَ)..

سماءَ: سڌ؛ خبر؛ (سن ـ سماءُ).

گهورن: گهور؛ پُور؛ خيال. گهنڊ وجهي نهارڻ. چتائي ڏسڻ. گهري نظر. اکين جي تيز نظر. (سن ـ گهورٽن).

گهاءُ: زخم؛ ڌڪ؛ (سن ـ گهات).

١١. **پاڙڻ**: برابر ڪرڻ؛ مقابل ڪرڻ؛ پورو ڪرڻ؛ مجرا ڪرڻ؛ (سن ـ پار).

تقدير: ع ـ قسمت؛ لکيو.

تدبير: ع ـ اپاءُ؛ ڪوشش .

قيد الماءُ: ع ـ پاڻيءَ جو قيد. يعنيٰ جتي داڻو پاڻي لکيل هجي؛ نصيب؛ قسمت؛ تقدير. قيد الماءُ اشد من قيد الحديد (حديث) يعنيٰ داڻي پاڻي جو قيد لوهہ جي قيد کان سخت آهي.

١٢. **جوڳيا وِيس**: جوڳين وارو ويس يعنيٰ گيڙو رنا ڪپڙا.

نپٽ: بلڪل؛ صفا؛ (سن ـ نِشپَٽَ).

نراس: نا اميد؛ مايوس؛ (سن ـ نراش، پرا ـ ٹِراس، نر = نہ + آشا = اُميد).

(ڪافي)

سامي: سوامي- الله لوڪ- فقير- (سُوامي)

ڪفني: ع- الفي

دست پهوڙا: هٿ ۾ وڏو چمٽو؛ دست پناهہ.

مشعل: ع- شمع؛ روشن؛ ڏيئو.

موچارو: مک چارو (مک- منهن+ چارو سهڻو) سهڻو؛ سونهارو؛ سگهورو

انگ: عضوو؛ بدن جو ڀاڱو ٢ـ بخت جو ليکو؛ نصيب- ڀاڳ- قسمت؛ لکيو (سن- اَنڪَ)

سر ڪاريھر

داستان پھريون

ڪاريھر: ڪارو ناگ، واسينگ، راڳڻيءَ جو نالو. ھن سُر کي ڪالسرو ۽ نانگ سرالي بہ چون ھيءَ کماچ ٺاٽ جو راڳ آھي. ڪاريھر جي ڳائڻ جو وقت پوياڙيءَ کان ڏيڍ پرڻ جي مھل تائين آھي.

ھير: چوچڪ سيال جي ڌيءَ ھئي، جو ضلعي مظفر ڳڙھ جي ھڪ ڳوٺ، رنگپور، ۾ رھندو ھو.

رانجھو: ھن جو اصل نالو..... ھو مگر ذات جو رانجھو جٽ ھو ۽ ھو ھزاري ملڪ جي حاڪم جو پٽ ھو.

٢. **سنگھڻ:** ڏنگڻ، واس وٺڻ؛ (سن - سنگھير).

ڪر: سينو، ڦڻ، ڳاٽ؛ (سن - ڪرَ).

ڏر: خوف، ڊڄڻ؛ (سن - دَرَ).

٤. **جڪ مارڻ:** اجائي بڪ ڪرڻ؛ اجايو مٿو ھڻڻ (اصطلاح) (ھير- جھنڪٽي= جڪي ٿو).

ڪڪ: نانگ.

سياڳا: چڱي ڀاڳ وارا؛ (سن - سَوڀاڳيہ؛ س = چڱو + ڀاڳ).

٥. **ڪنگال:** مفلس، سڃو، غريبُ؛ (سن - ڪَنڪالَ).

٦. **تخت ھزار:** رانجھي جو وطن ۽ تخت گاھ.

جھنگ سيال: ھير جو وطن.

٧. **ڏاجو:** ڏيج، شادي ۾ مليل سامان، تحفو؛ (سن - دايہَ).

آجو: آزاد، (ف - آزاد).

درد: ف - غبار، غم، رنج؛ دونھون؛ ڪارنھن.

٨. **ڪاني:** ڪان = تير، ڪانُ.

سراپُ: پٽ، پاراتو.

چناھ: چناب ندي جا پنجاب ۾ آهي.

۱۳ **لوءِ:** جُوءِ؛ ديس لوڪ؛ جاءِ؛ مڪان؛ (سن ـ لوڪ).

رمزدار: (ف ـ رمز= راز، مام، ڳجھ؛ دار: وارو) ڳجھو؛ مام يا راز وارو.

جاڻي: ڀري؛ جڙي؛ جوڙي؛ (هہ ـ جوڻن، سن ـ جودَنَ).

جنسار: سينگار؛ پوشاڪ؛ زيور؛ طرح طرح جي شي؛ (گ جڻس + آر، م ـ حنسوار، ع ـ جنس وار.

مٽيادار: (مٽيا = نور، تجلي + وار= وارو، رڪندڙ) نور وارو؛ سھڻو؛ مٽدار .

۱۴. **الستي:** الست جو آواز، (ڏسو: معنيٰ ۽ شرح، سر گجري ـ داستان پھريون).

هردي: هردي اندر؛ دل ۾؛ (سن ـ هرديہ).

۱۵. **قتيل:** ع ـ قتل ٿيل؛ ڪٺل؛ مقتون.

گودين: گود ۾؛ جھولي ۾؛ (سن ـ ڪرودِ، ڪرڊ= جمع ٿيڻ).

گودڙي: گودڙيءَ وارو؛ جوڳي؛ (سن ـ ڪنٿا).

مُنڊڻ: وَسَ ۾ ڪرڻ؛ جادو وجھڻ؛ (سن : مُدرَڻ).

مَنڊ: جادو؛ منتر؛ (سن ـ منترَ).

نسورا: خالص؛ نج .

نيل: ڪارا نانگ.

رسي: رس ڀريل؛ سريلي؛ وڻندڙ؛ (سن ـ رَسِڪَ + لو).

۱۷. **ڪنڊل:** والا؛ جيڪي جوڳي ڪنن ۾ پائيندا آهن؛ (س ـ ڪُنڊَلُ).

جوڳيسر: جنهن جوڳ ڪيو هجي؛ (سن ـ يوگيشورَ).

راوي: ندي جو نالو، جا پنجاب مان وهي ٿي. نورنگپور جو شهر راوي نديءَ جي ڪناري تي آهي، جتي نورنگ ڪيڙي هير کي پرڻائي وچي بند ڪيو هو.

روي: (ف ـ رفتن= وڃڻ، هلڻ) روانو ٿيو، ڪھي هليو.

۱۹ **ٿانيڪو:** هنيڪو؛ هڪ هنڌ؛ ٿانهر؛ (سن ـ ستَرَ).

نانگو: جوڳي (رانجھو).

۲۰ . **مرڪٽو:** مرڪڻ وارو؛ مرڪندڙ؛ ٻهڪندڙ .

ڪردار: (ڪر= ڦڻ+ دار= وارو، رڪندڙ) ڦڻ وارو.

ڀِڪ: ويس- پوشاڪ لباس، نمونو (سن- ويش)

ڀڀوت: مٽي- خاڪ. ڇار (ڳئون جي ڇيڻن جي ڇار جا شو مهراج جا پوڄاري پهجي بدن کي ڀڀوت لڳائيندا آهن)؛ (سن- وڀُوت)

وڻجارو: واپاري؛ سوداگر (سن- وائِجيہ+ هارا)

داستان ٻيو

١. **چوچڪ:** هير جي پيءُ جو نالو.

٢. **شاهہ هزاري:** هزاري ملڪ جو حاڪم؛ رانجهو.

عار: ع-شرم؛ حياءُ لڄ؛ عيب.

قريب: (ع-قرب= ويجهڙائي) نزديڪ؛ ويجهو؛ دل جي ويجهو؛ يعني سڄڻ؛ دوست.

۴. **ڪاڻ:** واسطي؛ خاطر؛ لاءِ؛ غرض؛ پرواهہ.

۵. **ميلي:** ميڙي؛ ميلاپ ڪرائي؛ وصال ڪرائي؛ (سن-مِلَ).

٦. **ڏولا:** واحد- ڏولو ڏک. تڪليف. رولڙو. مصيبت. پريشاني. (سن-دولا).

ڏيل: بدن؛ جسم؛ اندر؛ تَنُ؛ دل؛ (سن-ڍُولِ).

٧. **نورنگ:** هير جي مڙس جو نالو.

کيڙو: هير جي مڙس. نورنگ. جي ذات.

لوء وڃڻ: ڪڏ ۾ وڃڻ؛ کهِ وڃڻ؛ ٻَنِ ڏيڻ؛ (سن-ڪُوپي= ڪڏ).

٨. **جهنگ:** جهنگ سيال. (هير جو وطن.)

جهيڙي: (جهيڙڻ= وڙهڻ. جهيڙو ڪرڻ) وڙهي يا جهيڙو ڪري.

١٠. **چت:** من؛ اندر؛ دل؛ (سن-چت).

پت: عزت؛ لڄ؛ مانُ شان؛ مرڪ؛ انجام؛ ويساهہ؛ اعتبار؛ وفا؛ (سن-پرَتيتِ).

١١. **ڪيڙتال:** فسادي؛ جنجل؛ مصيبت؛ (سرا-ڪيڙتال).

وڏون: رنڍڪون؛ ڀڄڪڙيون؛ (سن-وڏا).

١٢. **وڃلي:** بينسري؛ مرلي؛ (سن-ونشي).

چاهون: چاهہ مان؛ شوق يا محبت مان؛ (سن-اڇيا).

سُر ڪلياڻ

داستان پهريون

ڪلياڻ: آنند؛ سک؛ آرام؛ شانتي؛ راڳڻيءَ جو نالو.

ڪلياڻ ديپڪ راڳ جي شاخ آهي. ڪلياڻ رات جي راڳن جو منڊ آهي - بتي تي وٽ چاڙهڻ جو وقت ڪلياڻ جي ڳائڻ جو وقت آهي ۽ رات جو ۹ بجي تائين ڳائي سگهجي ٿو.

سمو: ڄام تماچي، جنهن سان هي قصو منسلڪ آهي، سو سنڌ جو حاڪم ٿي گذريو آهي ۽ سندس ذات سمو هئي. سما اصل جادَو گهراڻي جا راجپوت هئا، جن سومرن جي حڪومت جي خاتمي بعد سن ۱۳۲۳ع ڌاري پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ سن ۱۵۳۰ع ڌاري ارغونن هٿان سندن پڇاڙي ٿي.

گندري - گندرا: مهاڻن جي هڪ ذات (نوري پڻ ذات جي گندري هئي)؛ ڪني؛ بدبوءِ واري.

۱. **مي:** مهاڻن جي هڪ ذات.

شفقت: ع - مهرباني؛ مروت؛ رحم.

شُمار: ڳاڻاٽو؛ (ف - شُمردن = ڳڻڻ).

ڳاندر: مهاڻي؛ مهاڻن جي ذات.

عار: ع - عيب؛ شرم؛ حياءُ؛ لڄ.

مدار: بار؛ ذمو؛ پروسو؛ تعلق؛ جوابداري.

ڪينجهر: ٺٽي جو نالو جو ٺٽي ۽ جهرڪن جي وچ ۾ هيلايا تڪري جي هيٺان آهي.

۲. **ڪاڻ:** پرواهه؛ فڪر؛ ڳڻتي؛ واسطي.

ڪڙم: ڪٽنب؛ قبيلو؛ (سن - ڪُٽمب).

ناٿ: وڏو، مالڪ، جوڳيسر، جوڳين جو مرشد يا گرو، (سن ـ ناٿ).

٢١. **مندڙا:** ڪنن جا والا، جي جوڳي پائيندا آهن، ڪنڍل، (سن ـ مُدرا).

٢٢. **تنبيون:** واحد ـ تنبي: ڪشتيءَ جو قسم، سوڙهي ڳچي وارو ڪدوءَ مان جڙيل ٿانءُ، جي فقير پنڻ لاءِ کڻندا آهن، (سن ـ تُنبَڪَ).

٢٣. **نيڻي:** نوجوان ڪنواري ڇوڪري.

٢٤ **ڪاريا:** پورا ڪيا، (سن ـ ڪر = ڪرڻ).

مانڊي: منڊ پڙهندڙ، جوڳي، رانجهو، (سن ـ منتري).

نوٽ: رانجهو هير جي لاءِ جوڳيءَ جو وس ڍڪي سندس ديس ۾ لڪيو ٿي ڦريو. هير اهو ٻڌي تال ڪيو ته مونکي نانگ ڏنگيو آهي، ڪو جوڳي ڳولهي اچو. انهيءَ مِنهنَ تي رانجهي ۽ هير جو ميلاپ ٿيو.

مِنهنَ: عذر، ڍونگ، مڪر بهانو، (سن : مَشَ).

وهه: زهر، (سن ـ وَشَ).

٢٥. **مگن:** ڇڪن، مست، خوش، محو، (سن ـ مگنَ).

لگن: لاڳاپو، لکيو.

٢٦. **هُتي:** زمان ماضي، روحن جو عالم.

هِتي: زمان حال، هي دنيا.

سالم: ع ـ پورو، ثابت.

(ڪافي)

جتائون: وارن جون ڇڳون، وٽيل وار، جوڳين جا وڏا وار (سن- جٽا، پرا، جڙا).

ڀسمي: رک- خاڪ، ڇار (سن- ڀَسَمنَ)

پور: ويچار، ڳڻتي، فڪر (سن- پور)

چم چم: ويچار، ڳڻتي، فڪر (سن- شِنج)

سرهه: رزا، ڳجهه، اندر جو مطلب

تار: پريل؛ تعلق؛ واسطو؛ بيحد؛ گھڻو؛ اونھو پاڻي .

اپر: مٿي؛ بي حد؛ بي نهايت؛ وڏيڪ؛ (سن - آپار).

عطوري: ع - عطر؛ خوشبودار.

سهاڳ: سک؛ سياڳ؛ آرام؛ مڙس جو پيار؛ (سن - سَوُڀاڳيہ).

٧. **پير منهن نيرا:** ڪارا ڪوجها.

چيرا: رنگين؛ رنگين لباس يا ڪپڙو؛ (سرا- چيرا، پرا- چِيرَ ، سن - چِيرَڪَ).

ڪات: ڪاتيون؛ خنجر؛ (سن - ڪَرتَرِ).

ڪيرا: مال ھڻڻ جا ڪلا؛ (سن - ڪَيلَ).

سگھڙ: چڱي گھڙ وارو، داناءُ؛ (سن - سن = چڱو + گھٽتَ).

٨. **وهيڻ:** (واحد - وھہ)چرٻي (سن - وَسا).

وهل: مڇيءَ جون ھوريون.

لپيون: واحد - لپي مڇي مان گگ؛ (سن - لِپَ = چنبڙڻ).

ڏٽ ڏپ: ڪوبہ اَنَ جو گاهہ جي پيدائش ٿئي، جهڙوڪ پيرون، پرٽ، سائون وغيره

جهبير: مهاڻن جي ذات؛ (سن - جَهس+ اير).

٩ . **جهاڳيون؛** جهاڳڻ؛ پاڻي مان لنگهڻ؛ (سن - ڪشپ).

جهاڳ: پاڻيءَ جو پنڌ

منڇر: ڍنڍ جو نالو، جا سيوهڻ تعلقي ۾ آهي.

مها: وڏي يا وڏو؛ (سن - مها).

لاڪيٽا: لکن جهڙا؛ خوبصورت؛ لکي؛ (سن - لشڪا + ايٽو).

اجهاڳ: اڻ ميا؛ اکٽ؛ بيحد بي شمار؛ جهاڳڻ کان ٻاهر؛ (آگاڌ، آ = نہ + گاڌ= ترو) .

لاڳ: بخشش؛ دان؛ انعام؛ محصول؛ حق واسطو؛ آسرو؛ (گ- لاگو؛ سن- دولا).

ڏلين: ڏهيلن؛ ڍڪويل؛ ڏنڙيل؛ نياڳا؛ سڃا؛ (سن - دولا).

١٠. **ڍول:** نمونو؛ شڪل؛ صورت؛ (ھہ - دُوا).

٣. **لڄ رهائين:** عزت؛ آبروءِ شرم جي رکين؛ (سن ـ لَجا).

پلئو: پاند، لڙهه؛ دامن؛ (س ـ پَلو).

۴. **اياڻي:** اڻ ڄاڻ؛ بي سمجهه؛ (سن ـ اَجِجانَ).

ڄارو: وڏي ڄاري، مڇين ڦاسائڻ جي؛ (سن ـ جالَ).

ڄارو ڄام ڪلهي ڪنيو: سمورو بار سرتي ڪنيو.

۵. سر؛ ڊورا؛ تلاءَ؛ تڙ؛ (سن ـ شَرَش).

ڇڇي: مڇيءَ جو اندريون گند، ڪليون پتو وغيره.

ککي: مڇي.

راءِ: راجا؛ (سن ـ راجَنَ).

راض: ع ـ راضپو؛ رضا؛ مرضي؛ اجازت؛ خوشي؛ (ع ـ راضي).

سيباڻي: سيبائڻ: وڻڻ پسند پوڻ؛ سهائڻ؛ جڳائڻ؛ (سن ـ شوڀنَ).

٦. **ڪلسا:** (ڪلس = ڇلڙ) ڇلڙ واري مڇي، (هہ ـ ڪَول).

ڪلوري: مڇي جو قسم .

ڪالوڙا: وڏا ڪمَ، وڏيون ٻيڻ جون پاڙون.

ٻوري: ڪمن واري ڪڏ ۾ گاه جي نموني ٻن ٿيندي آهي. ان جي مٿان گل ٿئي ٿو، جنهن ۾ زرد ٻورو ٿئي. اهو ٻٽي انجا مٿيا ٻڌي ٻوري تيار ڪندا آهن جا رنگ جي هيڊي ٿيندي آهي. (سن ـ ٻُورَ).

اڏوهڻ: لانگوٽا، چوتيا.

قصوري: اڇاءِ قيمتي ڪپڙا .

سالان: سالو جو سنهو ريشمي ڪپڙو؛ (ف ـ شال).

واسيو: واسڻ: سرهو ڪرڻ، خوشبو ڏيڻ يا اٿارڻ، سرهاڻ سان ڀرڻ، (سن : واسنَ).

ڪهنبو: ڇٽڪيرو رنگين ڪپڙو جو گهٽو ڪري شاديءَ جي وقت ڪنوار ڪي ڍڪائيندا آهن؛ (سن ـ ڪُسُنڀَ).

ڪٿوري: مشڪ؛ خستوري؛ (سن: ڪَستوري).

ڏولي: کٽ، پالڪي، (سن ـ دولڪا)

١٦. **چاڪليمون:** واحد ـ چاڪي چشڪو، عشق جي چاڪي، سواد لذت، (سن ـ چشڻي).

ڦڪل: حرفت، رمز، ڍؤلبازي، (ع ـ فڪر).

واڻيون: (واڻڻ= وندڻ، وراهڻ، ڏيڻ) وراهيون، ونڊيون، (سن ـ ستوڻ).

ڦند: اڻڪل، ڍولبازي، حرفت، (ع ـ فن).

(ڪافي)

اگهائي: قبول پئي، اگهڻ، (سن- آر گهَہَ).

ڪناري ڪرڻ: پار لنگهائڻ، اصطلاح.

داستان ٻيو

١. **مڪ:** ڪنهن به ميوي جي سنهي ڪڻ کي مڪ چوندا آهن. ڪمن جي اندرين ڪڻ کي به مڪ چئبو آهي. ڪبڙ جي سنهي بوندي کي به مڪ سڏيندا آهن.

ترارو: تارازي جو پڙ، تورو، (سن ـ تلا = تورڻ+ رو).

جال: جام، گهڻو انداز، بي شمار، (سن ـ جال).

مر ڪينجهر ۾ الخ: پل ڪينجهر جو سمورو راج آرامي هجي، ڇاڪاڻ ته انهن جو سمورو بار سمي ڄام، نوريءَ جي صدقي، پنهنجي سر تي کنيو آهي.

٢. **سڄاڻ:** سمجهه وارو، داناءُ، چڱي ڄاڻ وارو، (سن ـ سجاڻ).

٣. **موڙا:** سينهو، (سن ـ مُوتڪ).

جهوڙا: واحد ـ جهوڙو= جهاپو، ٽونر، ڇڳو، (سن ـ جُت).

نپوڙا: (نہ + پڙا، پڙڻ = برابر يا مَٽُ ٿيڻ). سمي ڄام جي سک ۽ آرام سبب نهن انگ اگهاڙن جو ڪوبہ مَٽُ يا برابر نہ هيو. (نہ+ پٽ = پوئڻ : ساڳي قطار ۾ رکڻ).

ڊونڊيون: پيڙين جو قسم؛ (سن - دروٽي).

ناپو: ڪُمن جي سڪل سفيد ڪَڙِ.

ڦرها: (واحد - ڦرهو) ڪجي جا پن؛ ڪکن جو ٺهيل ٻيڙهو جو مهاڻيون مٿي تي رکي ڪارا ڪٺنديون آهن.

ڦريون: سنگريون.

موڙهيون (موڙي): ننڍا گاهه جا گڏا؛ ويڙهيون؛ سينهو؛ (سن - موُتڪ).

ملاحيون: (ع - واحد - ملاح) **مهاڻيون**؛ مير بحرڻيون.

جوڙيون جوڙڻ: ڪاج پورا ڪرڻ؛ دل جون مرادون پڄائڻ؛ صنعت جي وسيلي جهان کي خلقڻ.

١١. **سهج:** آرام؛ خوشي؛ سک؛ (سن - سَهجا).

١٢. ٽوريون: واحد - ٽور) هلڻ؛ گهمڻ؛ (سن - تَورڻ).

ٽنڊيون: واحد - ٽنڊ = وڏائي، فخر، نخرو.

چونڊيون: چونڊ ڪيون.

١٣. **وٽ:** پر ۾.

ميڙيون: واحد - ميڙ = منٿ (ف - منت).

اويڙيون: بي وڙيون؛ واهيات؛ بي ڍنگيون؛ (سن - اَ = نہ + وَرتِ = وڙ).

سهايون: (سهائڻ = وٽڻ، جڳائڻ، نهڻ) وٽيون؛ (سن - شُبَ).

١۴. **اميٽ:** پلٽ؛ پالوٿ؛ (سن - اُد = مٿي + ورت = چرپر ڪرڻ).

ليٽن: (سن - لوٽن = اُٿلڻ) پاڻي جي اٿل.

پار: طرف؛ (سن - پارَ).

١۵. **انڊ:** بي پرواهي؛ آڪڙ؛ مغروري؛ (سن - اَنڌَ).

طولان: شان شوڪت؛ دٻدٻو؛ تونگري؛ (ع - طوُل).

ماڪون: واحد - هاڪ آواز؛ نعرو؛ آلاپ؛ پڪار؛ نالو.

سڀ اندامين الخ: انهن مهاڻين جي هڪ هڪ عضوي ۾ سنڌ سنڌ ۾ جواهر جڙيل هئا.

ڏمر: شور، هُلُ غلغلو، ڏومر، ڏما ڏمر، ڏوڪ ڏوڪ، ڪاهہ، (سن - ڏومر).

۱۴. احتياج: ضرورت، گهرج، احتياط، اڳواٽ سنڀال، خبرداري.

۱۵. مياڻيون: واحد - مياڻي= اها جاءِ جتي مهاڻا مڇي ماري ڍڳ ڪندا آهن.

ابواب نہ انگ: نہ محصول نہ حساب.

اوڍڻ: پائڻ، پهرڻ، (گ - اوڍون ، سن - اُدوڍَ).

اڙهنگ: بي پرواهہ، ڏکيو، (سن - وڪر، هہ - اڙ+ بنگا).

۱۶. لڪر للا: سچا سڪڻا، خالي، (هير - تلو).

ٽمر: هڪ هنڌ، گڏ، (سن - سُٽيِن).

ٽلا: ٽلهو، ڍڳ، ڍير، (ع - تل).

لاڏڪيون: لاڏ ڪندڙ، ناز نخرو ڪندڙ، (لاڏ= ناز نخرو، انگل)، (سن - لاڊ).

رس: ميٺ، محبت، مصلحت، صلاح، (س - رسُ).

رلا: تکو گهمڻ، (جيئن گهوڙي جي قدم کي رلو چون).

ڪلا: مٺيا، جوت، روشني، سونهن، (سن - ڪلا).

اگلا سگلا: ميرا ڪوجها، گندا گدلا، (سن - آگهل).

۱۷. حريران: ع - حرير، ريشمي يا پٽ جو ڪپڙو.

حلا: لباس، پوشاڪ، وڳو، (ع - حُلو).

چوتيون: چوتو= چيلهہ جو ڪپرو، گوڏ، لانگوٽ، (سن - چوتي).

چوڪلا: ريشمي تند سان سوٽي ڪپڙو، (سن - چڪر + اڪا).

۱۸. پيور: پيوت، ڇار، رک، مٽي، خاڪ، (سن - ويوت).

سالو: شال، دوشال، (ف - شال).

سالور: ويس وڳا، سڳڻ ساٽ، ڪپڙي جو قسم، ريشمي وڳو، هار سينگار، (گ - هہ - م - سالو+ ر، ف - شال).

حور: پري يعني نوري.

مذڪور: ع - يادگيريون، پچار، ذڪر.

حضور: حاضري، موجودي، روبرو، (ڏٺيءَ اڳيان حاضري، ڄام سمي جي دربار).

ڪوڙيون: واحد - ڪوڙي= بڇڙن وڙن واري، نالائق، ڪميني، عيبدار، (سن - ڪُورَ).

۵. **رويون:** (رو= شڪل) شڪليون.

دراءِ دويون: مڇي جا قسم.

۷. **لوهاٺيون:** واحد - لوهاٺي= مڇي مارينڊڙ. (سن - لوهني + اِڪ، لهہ= وڏڻ).

لوريون: واحد - لوري= بي شرم، ڪميني، ڪمذات، هڪ ذات جا لنگهن ۽ مڱڻهارن وارو ڪم ڪن. (سن - لمپتا).

۸. **وريون:** ورا، جي جاين ۾ پون.

ويريون: واحد - وري، پيت، سنڌو.

سهج: سک، آرام؛ (سن - سهجا).

سيريون: واحد - سيري= اها زمين، جنهن تان بٺئي نہ وٺڻ ۾ اچي؛ بٺئي معاف زمين.

تريون: (ف - تيرہ = سياہ) ڪاريون، گدليون.

۹. **گنيرا:** واحد - گنير= گهڻن گڻن وارو. (سن - گن + اير= وارو).

ديرا: واحد - ديرو= ان جو ڍگ، جاءِ ، مڪان. (ف - دير).

۱۰. **ترڪو:** مڇيءَ جو قسم.

ڪڙهيون: واحد - ڪڙهي= مڇي ڦاسائڻ جو ڄار يا ڪنڊي (سن - ڪُنڊِل).

لڙهون: واحد - لڙہ= مالها.

سريون: واحد - سري= هار، لڙہ، تسبيح.

آهيڙين: واحد - آهيڙي= شڪاري، ڇهڙو. (سن - آکيٽڪ).

۱۱. **ڪوٺيون:** نيلوفر يا پبڻ جو مکڙيون.

گرا: بدشڪل.

پاهان: پوئتي پيل. (پاهون= پوئتي)؛ (پشچ).

۱۲. **رم:** ڪنهن شي جي ڦاسائڻ لاءِ ڏوري؛ ڪنڊي.

گوشائت: گمنام؛ گوشي نشين؛ (ف - گوشہ).

جوڙيون: ڪپڙي جو قسم.

رپو: روپو، چاندي، (سن - روپيه).

روڙيون: ٽڪرا، ايٽيون، (سن - لوشت).

پانور: ٽر جو ڏاڪٽو ياڳو، هتي نوريءَ جو گهر يا پاسو، (سن - پراور= ويڙهه جهنگ).

قناتون: ع - شاميانن جي پاسي چوڌاري ڪپڙي جا پردا.

(ڪافي)

ڪانڌ: اي پتار- مڙس، خاوند (سن- ڪانت).

ہي در نہ ڪاهيان: ہي در تي نہ وڃان.

سڱ: مائٽي- لاڳاپو، ناتو، سنگت، ٻانهن، نسبت (سن- سَنگ).

ٻَا: پکو، جهوپڙي، لهر، (سن- پَکش).

داستان ٽيون

١. **راج :** راض، راضپو، مهرباني، (ع - راض).

ڪڙم: قبيلو، مٽ مائٽ، (سن - ڪٽمب).

٢. **سام:** اجهو، پناهہ هيٺ، امانت، ٻلي، (سن- شرام).

٥. **نيلن جا ناڻا:** اڻ ميا خزانا، نيل = سو ارب جو عدد).

نذر: ارداس، نذرانو.

٧. **طناب:** (ع) رسي، تنبو جي نوڙي.

ناد: ٻگل، (سن - ناد).

ناطقا: (ع - نطق = زبان، ڳالهہ) ڳالهائيندڙ.

رود - رباب: ف - ع - وڄائڻ جا ساز.

بي مهاب: بي مروت، (ف - بي + محابا).

تمر: ع - ختم، پورو.

١٩. **لانگوٺيو**: لانگوٽي ٻڌل، (سن ـ لنگو سٽر).

وهہ، چربي، (سن ـ وسا).

وهل، مڇيءَ جون ڀوريون.

لاشيون، ساديون، ڪوجهيون، (واحد ـ لاشي)، (ف ـ لاشہ).

خاشيون، خاصيون، عمديون، چڱيون، (واحد ـ خاشي)، (ع ـ خاصي).

ڪماشيون، ڪوٺون، گهٽتايون، (ف ـ ڪمي + آشون).

مورائو، مڇيءَ جو قسم.

حريص، (ع ـ حرص) لالچي.

مجلس، (ف ـ جلسہ) مجلس، صحبت، ميڙ.

اطلس، ع ـ اطلش جا وڳوٽ.

سرسا، سرس، زيادتي، گهٽائي، (شريش).

هس، سڌ، خواهش، شوق، (ع ـ هَوَسَ).

حديث، ع ـ گفتگو، خبر، ڳالهہ ٻولهہ، رسول صلعم جن جو قول.

اٺون، ۽.

آسس، دعا (آسيش ـ آ= ساڻ + شاس= حڪم هلائڻ).

٢١. **شغل**، ف ـ شادمانو.

ناٿ، مالڪ يعني ڄام سمو، (سن ـ ناٿ).

سهل، آسان، سهوليت وارو، سولو، (ع ـ سهل).

جهوپو، جهوپڙي، پکو، ڀنگو، (سن ـ جهوپا).

٢٢. **ڇٽ**، ٻوء، ٻالس، (هيمر ـ ڇٽو).

لاڇو، رسو، لوڙي، هٿي پٽڪو، (سن ـ رجو).

سر لاڇو سر ٻٽ، مٿي تي پٽ جا پٽڪا.

مشرو، (ف ـ مشروع) سٽ ۽ پٽ جو گڏيل ڪپڙو.

٢٣. **بافتن**، ڪپڙي جو قسم، (ف ـ بافتہ).

ڪندي، رلهي، ڪٿي.

گودڙي، فقيراڻي پوشاڪ، چنبين لڳل پوشاڪ، (سن ـ ڪنٿا).

لڙهه: لالچ، طمع، تيڪ، آڌار.

لڙئي: لڙو پاڻي، درياهه جو پاڻي، چڙيو پاڻي، (سن ـ لوڍن).

لڙهيون: لڙهڻ، ترڻ، تڙڳڻ.

ڪلالن: واحد ـ ڪلال= ڪوڙو، (سن ـ ڪ = خراب+ لل).

ڪونتل: گهوڙو، گهوڙي، (ف ـ ڪوتاوال).

ڪڙهه: طنبيلو، (سن ـ ڪٽ).

چيڪ چڙيون: آزاد گهمڻ، (سن ـ چٽ).

تازي: ف ـ تکي گهوڙي جو قسم.

۲۰. **هپيون:** هپ، ٽڪجڻ، نااميد يا ملول ٿيڻ، تڪڙو ساهه کڻڻ.

پن: بيٺل پاڻي ۾ اپريل گاهه، (سن ـ پرڻ).

چيهن: چيهو= نقصان.

لٽيون: لٽڻ، اڏائڻ، خرچڻ، ڦرڻ، (سن ـ لٽن، لٽ = ڦرڻ).

۲۱. **لول:** بيوقوف، واهيات، چريا، بي حيا، (سن ـ لل ، ف ـ لول).

تڏي مڏي: مال ملڪيت، جاءِ جڳهه، (اصطلاح).

جهروڪين: جهروڪ، محل، ماڙي، جاءِ، ڳڙکي، ڪتهڙو، (گ م ـ هه ـ جهروڪا، سن ـ گوڪش = ڳئونءَ جي اک).

جهول: جهولڻ، لڏڻ، خوشي ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ، مزا ماڻڻ، (سن ـ ڏل).

غلم: ف ـ گلم، غاليچو.

غاب: طشت، ٿالهه، خونچا.

طول: ع ـ وڏا وهاٽا.

غمزا: سخت نچوئڻ، تنگ وٺڻ لٽڻ، اکين جا اشارا ڏيڻ، تهمت ڏرڻ، سخن چيني.

غول: ع ـ ديو، جن، انبوهه، ميڙ، گروهه.

اوجلول: احمق، بي سمجهه، اڏنگو، (هه ـ اوجلول).

الول: آکڙ، ٿانءَ، عيش، سک، (سن ـ اَ= ساڻ+ لول).

۲۲. **لس:** لسيون، ڪابه لسي شي.

۸. **کاٺا**: (ڪاٺ = ساڙڻ، پچڻ) سڙيا، (سن ـ ڪُشام).

دمپخت: دم يعني ٻاڦ تي تيار ٿيندڙ ڪاڌو، (ف ـ دم + پختن = پچائڻ، رڌڻ).

۹. **مڪڙيون**: مڪڙي = ٻيڙي، (سن ـ مگي).

جهونگا: واحد ـ جهونگو = ڪبو، (پرا ـ جُهڪ، سن ـ ڪشپ = ڪر).

۱۰. **ڪاريون**: جنيون، ظلم.

۱۱. **ڏوڏا**: ٻيڻ جا سڪل ڏوڏا.

پاٻوڙا: واحد ـ پاٻوڙو = ٻيڻ جي پن ۾ ٽڪي، جنهن جا پن بلڪل ويڪرا ٿين جي پاڻ مٿان ڇانيل رهندا آهن، (سن ـ پدمني).

۱۲. **ويل**: (سن ـ ويلا = وجڻ، پرا ـ ويلا) وقت.

ميل: ميڙو، ميلاپ، (سن ـ مل = گڏ ٿيڻ).

سيلابين: پاڻي اندر رهندڙ، (ف ـ سيلاب = پاڻي جو وهڪرو، پاڻي ۾ گهيريل).

زبونن: زبون ٿيل، بيوقوف، عاجز، خراب ٻالو ڀولو، نماڻو، (ف ـ زبون).

ذيل: چيز جو اضافي پاڳو، (ف- دامن).

لالين لائو: لعل يا جواهر لڳائيندڙ. لعلين = هڪ خوشنما سرخ گل جو قسم.

جڙائو: موتين لڳل، جڙاءُ، جڙت ٿيل زيور، (هيم ـ ڏن- جڊيم).

۱۵. **نيلم**: ف ـ قيمتي جواهر جو قسم.

قلاٻات: ع ـ زري ڀريل پٽ جو ڪپڙو.

چڪم: زردوزي جو ڪم، ڀرت جو قسم، (ف ـ چڪن).

۱۷. **ڪڪمرين**: مهاڻين (ڪڪي = مڇي) ڪک هاڻيون.

آريون: آر = انگل، ناز، قرب، (سن ـ ارتي، م ـ آر).

ڪيناريون: زريءَ جي ڪناري سان ريشمي شال.

زاريون: ف ـ واحد ـ زاري = عاجزي، روئڻ، ضعيفي.

۱۸. **بي آب**: اب = آبرو، عزت بي عزت، بي آبرو.

جوڙ جواب: جنهن جو جواب نہ هجي.

۱۹. **لوڙهن**: واحد ـ لوڙهہ ٻيڻ جي پاڙ، ٻيڻ جي پاڙ مان نڪتل گول ڪاري ر...
جو ميوو، جو ڪاٺ جي ڪم اچي، (سن ـ لوشٽ).

۱۰. **لولاڪين**؛ رولاڪ؛ (سن ـ نَل).
لوٽ؛ آڪڙباز.
ڦوٽ: ڦتيل ڪر؛ (سڦٽ).
الوٽ: نشي ۾ چُور؛ مگن؛ (سن ـ آ= جوڏاري+ للت= ويڙهيل.
لڪ لوٽ: لڪ لتائيندڙ؛ (پرا ـ لڪڪ، سن ـ لڪش، پرا ـ لنتا، سن ـ لنتا، لت= ڦرڻ).
بنوريون: واحد ـ بنوري= وني. ڪنواري ڇوڪري، ڪنوار، (هه ـ بني).
سيل: ف ـ سير؛ تفريح.
سوٽ: سخت؛ (سن ـ س= چڱو+ سوت = وٽيل).
هڪ ڪلهين الخ : هڪ ته ڪلهن ۾ ڪنول جا گل وجهي سير ڪن ۽ ٻيو پنهنجي سخت منهن کي لائن.
۱۱. **ڪُلين**: سمورا؛ (ع ـ ڪُلّ).
دشالا؛ ريشمي بوڇڻ يا رئو؛ (ف ـ شال).
سائين: واحد ـ سائي= مڇي وڪڻندڙ ۽ مارينڌڙ، مهاڻو.
اپٽ؛ اپٽار؛ اپٽڻ، کولڻ، وائکو ڪرڻ، پٽڻ، (اَ= متي، پٽ = کولڻ).
اُڪٽ؛ اڻ ڪٽندڙ؛ بي شمار؛ (ڪ ـ اُڪٽ، سن ـ ا = نه+ ڪُنٽ = بس ڪرڻ).
۱۲. **ماڳهين**: اصل ڪان؛ شروع کان؛ مورائين؛ اتي جو اتي (سن ـ مارگ+ اهير).
چوٽي؛ چوٽو؛ چيلهه جو ڪپڙو، گوڏ. چنڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو، (سن ـ چوٽي).
۱۳. **زربادلي**: زردوزيءَ جو ڪم (ف ـ بافته).
چيڱير: ڪلنگيءَ واري؛ طري واري؛ جوڏي، شهزادي؛ هتي اشارو نوري ڏانهن (سن ـ گچ + اير). نوري زري ۽ زربادليءَ ۾ پيري پئي آهي.
سهجون: سهج مان؛ خوشيءَ مان؛ (سن ـ سهجا).
هيجون: هيج مان؛ محبت يا شوق مان؛ (سن ـ هرديه).
ڳاٿاتي نه ڳٿي: بنا ڳٽڻ جي؛ (سن ـ گنن، گن = ڳٽڻ).
۱۴. **طرا**: جواهرن جڙيل پٽڪا؛ (ع ـ طره).

ڇر: پاڻي جو متاڇرو، اٿل، ليٽ.

ڇُوٽيون ـ ڇوٽ: آزاد، معاف. (سن ـ ڇُٽ= ڇڏڻ).

ٽوٽيون: واحد ٽوٽ= ڇتي، نقصان. (سن ـ ترٽ).

ڪري ڪوٽي: سچي ڪوڙي؛ (سن ـ ڪرا+ ڪو ٽڪ. ڪوٽ= ڪوڙ).

(ڪافي)

سونها؛ واقف- رهنما، واٽ جو ڄاڻندڙ.

حضور: حاضري- موجودي؛ ڏٺي اکيان حاضري.

داستان چوٿون

. **مرڪ**: فخر، وڏائي، دستور، لڄ، عادت، لائق، پاڻ کي چڱو سمجهڻ؛ (پرا ـ سن ـ پدر).

طريل: ڪلنگي وارو، بادشاهه. (ع ـ طره+ ايل).

طريلُ: (ع ـ ف ـ طرير) خوبصورت مرد، خوش لقا.

٢. **اخلاص**: ع ـ سچائي، نيڪ نيتي؛ سچي دوستي.

واس: خوشبوءِ مڪڻ؛ ڌوپ ڏيڻ؛ (سن ـ واس).

زرباف: زري دار ڪپڙا، ڪيمخاب؛ (ف ـ زر+ بافتہ. بافتن = اُڻڻ).

٣. **جڙائو جوڙا**: موتين لڳل لٽا، جوڙو= سٿڻ ، قميص.

ڏوڙا: ٻيٺا، وڏا، ٻرا، (سن ـ دو = ٻہ + ڙا).

۴. **اروڙ**: ڏِ گ.

موڙ: سهرو، مڪٽ، ڳانا، جهاپا؛ (سن ـ مول).

٥. **ماڻ**: توري؛ (پرا ـ ماڻ، سن ـ مان).

ڪاڻ: واسطي.

٧. **ٽڪنڍين**: (ٽ= ٽئين+ ڪنڍ= ڏيهہ، ملڪ) ٽئين ڏيهہ (جهان). يعني آخرت جا. جتي مرڻ بعد وڃڻو آهي.

سُر كنيات

داستان پهريون

كنيات ؛ راڳڻيءَ جو نالو. گجرات جي اولهہ ۾ كنيات جي نار تي كنيات جو شهر ٻڌل آهي، جنهن جو نالو هن سر تي پيل آهي. كنيات آڳاٽي سمي ۾ مشهور بندر هو، جنهن جو واپار ديسان ديس هلندڙ هو. هن سُر كي سُر كماچ بہ چوندا آهن. هيءُ سُرُ رات جو ٻي پهر كان ڳائڻ شروع كبوآهي. هن سر ۾ سرمست سائين پنهنجي بيكسيءَ ۽ ٻي وسيءَ جو پورو پورو فوٽو ڇكي وري مارن سان ميلاپ جون اميدون ڏيكاري من كي ڌيرج پڻ ڏنو آهي.

١. **مارن:** واحد-مارو جهانگي، ٿر جو رهاكو، هتي مت مائٽ. (سن - مار، مر= برپٽ).

پكڙا: ككن جا گهر يا جهوپڙيون (سن - پكش).

جال: گهٽا، (س - جال).

پنهوار: (پهو= ٻكري + آر) ٻكرار، ڌنار، يعنيٰ مارو.

٢. **وس:** وسڻ، آبادي، آسودگي، وسندي جتي مينهن جي وسڻ كري ساول هجي.

واهڻين: (واهڻ= ڳوٺ) ڳوناٺا، ٿري، (سن - وَسَن).

پانور: ٿر جو ڏاكٽو ٻاگو جنهن كي پائر چون، (سن - پراور).

واسمائون: واسڻ، واس ڌوپ كائڻ، خوشبوءِ ڏيڻ، سرهو كرڻ. (سن - واسن).

ٿرٻحا: ٿر وارا، ديسي، ويڙهيچا، (سن - ستل + چا).

تائون: تنهن وقت كان.

اكند: سك، اكبر، شوق، ذوق، (سن - أتكنٺ).

٣. **ٻاجهون:** سواءِ (سرا - ٻاجهون).

۴. **سنگهار:** (سنگهہ= ڌڻ + آر) ڌنار، مارو، مالدار.

زرا: نرباز: (ع - جره).

ڪرا: (ف - ڪرهہ) گھوڙا؛ ٻھاڻ. .

١٥. **جهپ:** جهبڻ: ولوڙڻ، گهمائڻ. (سن - ڪُشپ).

رپ: پٽڙو پيت: (سن - درو).

١٦. **گيرب گاءِ:** هٺ: وڏائي؛ مغروري؛ فخر: (سن - گرب + گروَ).

١٧. **پن:** رَڃ: چار.

١٩. **دانايون:** سياڻيون. (ف - دانا).

دعويٰ: ع - هام؛ دم؛ حجت.

مضمون: ع - مقصد؛ مطلب؛ ارٿ؛ مراد.

رايون: رائڻ: ريجهائڻ. پرچائڻ. راضي ڪرڻ. (سن - رنجن).

چٽ: چٽائي مان؛ (سن - چتر).

سايون: سموريون.

٢٠. **پکو:** جهوپڙي؛ مڪان؛ اجهو؛ ڪوٺ؛ (س- پڪش= پکو).

جُلي: جُلڻ: هلڻ. (سرا- جُلڻُ، سن - چلن، چل = گهمڻ).

منهين منهين: هرهڪ منهن ۾ يا جهوپڙيءَ ۾. (سن - منڊپ).

مَسندان: طول وهاڻا؛ گاديلا؛ تخت؛ (ع - مسند).

پاس: وٽ؛ پاسي ۾؛ ڏانهن؛ پر ۾؛ ويجهو؛ (پار شوَ).

جهلي: جهلڻ: جهولڻ. لڏڻ. (سن - دُلن. دل = لڏڻ).

چولي: لهر؛ موج؛ (گ - چور).

چُلي: چلڻ: چلڪڻ. هلڻ. ترڻ. لڏڻ. ڪاهڻ. (اُچلَنَ).

ماڻڪ موتين الخ: هيرا ءِ جواهر لهرن وانگر پيا لڏن.

لڪ: لنگهه، جبل، درد، (سن - لنگهه).

اجڙ ڏار: (آجا= ٻڪري+ ڏار = ڏاريندڙ) ٻڪرار، ڌنار.

۵. **ويڙهيچا**: جهانگي، مارو، اعرابي، (سن - ويشٽ).

وريام: بهادر، سياڻو، (سن - ويريوان).

مدادم: ف - هميشه، لڳاتار، هروقت خيال، آسرو، ڪم.

سانگ : سانگو، سبب، اتفاق، (سنگتي).

سانگ وڃڻ: ڪنهن سانگي يا سبب ٻاهر وڃڻ.

تپلهان: تڏهن، تنهنڪري.



سنڌي اڪادمي، دهلي

सिंधी अकादमी, दिल्ली



अनि जो दड़ो موئن جو دڙو (3000 - 2500 B.C.)